سُخن اعجاز

ڪلام

اعجاز سائين راشدي


حضرت ماہ منیر روشن ضمیر پیر اعجاز شاہ راشدی

سخنِ اعجاز

[ڪلام حضرت سيّد محي الدين شاهه "اعجاز" سائين راشدي]

سهيڙيندڙ

استاد صاحبڏنو ميمڻ

صوفي صابن

سنڌي ساهت گهر

حيدرآباد- سنڌ

۲۰۱۳ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر ـ ڪتاب نمبر 257

ڪتاب جو نالو: سُخنِ اعجاز

[ڪلام حضرت سيّد محي الدين شاهه "اعجاز" سائين راشدي]

سهيڙيندڙ: استاد واحبڏنو ميمڻ ۽ صوفي صابن

ڇاپو: اداري پاران پهريون 2013ع

ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ

ڪمپوزنگ: راڻو خان ميگهواڙ سورج پرنٽرس، حيدرآباد

قيمت: 1000/- (هڪ هزار رپيا)

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

سيد آرڪيڊ، عبرت گهٽي حيدر چوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ

Ph: 022-2780701 Mob: 0300-3946518

پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس حيدرآباد سنڌ

- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال تلڪ چاڙهي، حيدرآباد 022_2633679
- پٺاڻي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد 0345_3587391
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو 0307_3471205
- عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر 071_2007402
- المنصر لئبريري 17 ـ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪالوني ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو 0333_7541193
- المهراڻ ادبي گهر، ٽائون روڊ، سانگهڙ 03000_2913588
- العزيز ڪتاب گهر، ٿر بازار، عمرڪوٽ 0238_570345
- ڪاڇيلواڙا اسٽور اردو بازار ڪراچي 2638025, 2218025
- مهراڻ ڪتاب گهر، گهنٽي ٽاور، لاڙڪاڻو 0300_3431374
- وحيد محسن، وسيم ڪتاب گهر، لکي در شڪارپور
- مجاهد نيوز ايجنسي لکي در شڪارپور
- ايس. اي بڪ ڪارنر، سامهون وومين ڪاليج، اردو بازار، ڪراچي
- ڪنگ پن ڪتابي ميلو پريس ڪلب، حيدرآباد

SUKHAN-E-AIJAZ

(A Poetry of Hazrat Sayed Muhee-ul-Din Shah "Aijaz" Saien Rashdi)

Compiled by: Ustad Wahibdino Memon & Sufi Saban
Published by: Naz Sanai
Chairman
Sindhi Sahat Ghar, Hyderabad, Sindh.
1st Edition 2013
Book No: 257
Price Rs. 1000/=

ٻه اکر

پير راشدين جي ڳوٺ مان سيد محي الدين شاهه راشدي، جيڪو سڄي سنڌ ۾ اعجاز سائينءَ جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. پنهنجي ڪاني ڪرامت ۽ معجزن ڪري مشهور ناهي پر سندس ڪلام ڪري هن سڄي سنڌ جي رهواسين جي دل ۾ جيڪا جاءِ جوڙي آهي اُها ڪيترن ئي پيرن فقيرن کان مٿانهين آهي.

اعجاز سائين پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي فڪر، پنهنجي دل جي ڳالهه جنهن دلفريب انداز ۾ بيان ڪئي آهي، ان جو اندازو ته سمورا پڙهندڙ ڪتاب مان ئي لڳائي سگهندا. پر منهنجو خيال آهي ته اعجاز سائين کي سندن ڪلام جي اشاعت کان اڳ ئي جڏهن اهو ماڻهن جي زبانن تي هو مختلف فنڪارن طرفان ڳايو پئي ويو هڪڙي کي ٻڌايو پئي ويو تڏهن ئي مقبوليت ماڻي چڪو هو ۽ ان مقبوليت ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ايندو رهيو آهي.

اعجاز سائين جو ڪلام سندس زندگيءَ ۾ نه اچي سگهيو. اُن جا فقير فقرا، چاهيندڙ محفلن ۾ هُن کي ٻڌندا رهيا ۽ لکندا رهيا. سندن وفات کان پوءِ سندس ٻن چاهيندڙن ۽ محبت ڪندڙن استاد صاحبڏنو خاڪي ميمڻ ۽ صوفي صابن، ان جي ڪلام کي پيار ۽ محبت مان سهيڙيو پر انهن ٻنهي جي زندگيءَ به انهن سان نباهه نه ڪيو ۽ وڃي آرامي ٿيا. سندن وفات کان پوءِ بزم اعجاز نيو سعيد آباد، ست اٺ سال اڳ ان کي خوبصورت نموني ڇپائي پڌرو ڪيو پر اُهو عام پڙهندڙن تائين نه پهچي سگهيو ۽ سنڌ ۾ اعجاز سائين جا چاهيندڙ رڳو پڇائيندا ئي رهيا ۽ پنهنجي اُڃ نه اجهائي سگهيا.

جيتوڻيڪ ان جا ڪي اختصار پڻ ڇاپيا ويا پر پوءِ به محبت رکندڙ ماڻهو ’سخن اعجاز‘ کي ڳوليندا رهيا. ’سخن اعجاز‘ کي مڪمل طرح سان سنڌي ساهت گهر طرفان ڇاپيندي ادارو سرهائي ٿو محسوس ڪري. هن کان پوءِ اعجاز سائينءَ جي زندگي، فن ۽ فڪر تي هڪڙو شاندار ڪتاب پڻ ڇاپايو ويندو ۽ اُن سلسلي ۾ ڪيترن ئي ليکڪن کي مضمون ۽ مقالا تيار ڪرڻ جي گذارش ڪئي وئي آهي ۽ ان لاءِ دعوت عام آهي جيڪو به اعجاز سائينءَ تي مضمون يا ڪو مقالو تيار ڪري موڪليندو ته ادارو سندس ٿورائتو رهندو.

حيدرآباد سنڌ
20 سيپٽمبر 2013ع

ناز سنائي
03003946518

فهرست

نمبر شمار	مضمون	صفحو
١	مهاڳ	٥
٢	مؤلف جي گذارش	٧
٣	شجرهٔ راشديه	١٠
٤	سوانح حيات	٢٤
٥	ذڪر تصور	٣٩
٦	عشق امانت	٥٠
٧	**باب پهريون:**	٥٥
٨	توحيد	٥٦
٩	شانِ رسول	٦٢
١٠	شانِ علي	٦٩
١١	ڪيڏارو	٩٨
١٢	پيرِ مغان	١٠٦
١٣	حقيقت	١٣٢
١٤	همهٔ اوست	١٥٤
١٥	**باب ٻيو:**	١٧٣
١٦	سونهن صورت	١٧٤
١٧	المجاز	٢٠٦
١٨	زلف	٢٢٥
١٩	رمزات دل	٢٣٦
٢٠	محبت مضمون	٢٦١
٢١	اکيون ديد	٢٦٤
٢٢	عشق عاشق	٣٢١
٢٣	فقير، صوفي، جوڳي	٣٩٠
٢٤	**باب ٽيون:**	٤٠٤
٢٥	نوري جام تماچي	٤٠٥
٢٦	سسئي	٤٠٨
٢٧	ليلا	٤٢٤

٢٨	مارئي	٤٢٥
٢٩	گهاتو	٤٤١
٣٠	سهڻي	٤٤٢
٣١	ڪاپائتي	٤٤٥
٣٢	مومل راڻو	٤٤٧
٣٣	هجر فراق	٤٥٠
٣٤	وصل وصال	٤٨٦
٣٥	مئي جام ساقي	٤٩٨
٣٦	ملهار	٥٤٢
٣٧	ڪانگ قاصد	٥٤٧
٣٨	حق الهدايت	٥٥٧
٣٩	**باب چوٿون:**	٥٧٢
٤٠	سرائڪي متفرقات. سه حرفي	٥٧٣
٤١	اردو هندي	٦٢٩
٤٢	ڪلام سائين امان الله شاهه	٦٤٧
٤٣	**باب پنجون (بيت):**	٦٥٢
٤٤	وحدانيت	٦٥٣
٤٥	همه اوستي	٦٦١
٤٦	همه حقيقت	٦٦٥
٤٧	ڪيڏارو	٧١٣
٤٨	عشق عاشق	٧١٥
٤٩	ساقي جام	٧٢٥
٥٠	مجاز	٧٢٧
٥١	مارئي	٧٣٣
٥٢	سارنگ	٧٣٥
٥٣	ليلان چنيسر	٧٣٩
٥٤	مومل راڻو	٧٤٤
٥٥	نوري جام تماچي	٧٦٦
٥٦	سسئي جا سور	٧٧٥
٥٧	متفرقات	٧٩١

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حق موجود

مهاڳ

سدا موجود

مرشد اڳي جي مٿا سي مري ٿين نہ مات
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا

مرشدنا بابا سائين محي الدين شاهہ راشدي تخلص اعجاز ۽ بهلول جن جو ڪلام مطالع بعد معلوم ٿيو تہ سائين جن جو ڪلام معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان تمام مٿاهون ۽ اعليٰ آهي. هن ۾ حقيقت، فنا في الهادي، ثنا، سوز گداز، سڪ، حب وحدانيت، همہ اوست، مجاز، هر لحاظ کان بهتر طريقي سان سمايل آهي. تصوف جي جهلڪ تمام نمايان آهي. مذهبي ۽ دينوي وحدانيت جو درس پڻ ڏنل آهي.

سائين جن جي ڪلام ۾ بحر و زن ۽ ڪافيا هڪ الڳ انداز ۽ منفرد طريقي سان بيان ڪيل آهن جيڪي شايد ئي ڪنهن جي حصي ۾ آيا هجن. اعجاز سائين جي بولي ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جي دلين ۾ سحر انگيزيءَ سان آستانو ڪري ٿي.

خدا جي ذات بابرڪات هر دور ۾ انسان ذات جي لاءِ انبياءِ عليهم السلام ۽ اولياءِ ڪرام پئي موڪليا، تہ جيئن اهي چاهہ انسان کي الله جہ جي عرفان کان واقف ڪن ۽ پڪيل انسانن کي قرب الاهي حاصل ڪرائي سگهن جهڙي طرح قرآن شريف ۾ آهي تہ:

ياايها الذين آمنوا اتقوا الله وتبغوا اليہ وسيلۃ وجاهدو في سبيلہ لعلكم تفلحون.

يعني اي ايمان وارؤا الله ڏي ڌيان ڏيو ۽ ڏانهس وسيلو ڳوليو ۽ سندس راهہ ۾ ڪوشش ڪريو تہ جيئن افلاح يعني منزل مقصور کي پهچي وڃو. (پ6 سوره مائده ع6)

اهڙي طرح سان حضرت سيد محي الدين شاهہ اعجاز رحہ بہ انهن عاشقن منجهان هڪ اهل الله آهي جيڪي پاڻ تصوف جي سلسلہ جا وسيلا ۽ امام آهن جنهن پنهنجي شاعري ۽ نظم ذريعي تبليغ ڪئي آهي جيئن پاڻ فرمايو اٿن تہ:

وٽ واٽ بصيرت وارن جي
حق ساڻ هڪا، هڪ پارن جي

هن ڪلام جو مواد اسان کي سندن ئي حياتيءَ ۾ محفوظ ۽ اڪر بہ اڪر درست ٿي مليو آهي. اسان جي وڏي خوشنصيبي ۽ سندن ڪرم آهي جو سندن بياض سهيڙيل ۽ اصلاح ٿيل صورت ۾ مليو. اسان شڪر گذارآهيون استاد محمد صاحب ڏنہ (خاڪي) ۽ استاد محمد عالم لغاري جن جا جن ڪتاب

جي ترتيب، مقدمو، سوانح عمري، راشدي خاندان جو شجرو ۽ سائين جي زندگيءَ جي باري ۾ ذڪر فڪر لکيو آهي، جن ڪتاب جي ڇپائي ڪان ٻه اڍائي سال اڳ بياض گڏ ڪري اسان کي ڪتاب جو مواد فراهم ڪيو.

سائين جن جي اعليٰ فڪر کي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو ٻهراڙي، ڄهر جهنگ، شهر توڙي مختلف مذهبي خيال سان واڳيل روحانيت ۽ محويت سان ٻڌن ۽ سمجهن ٿا. سائين جن جو ڪلام شايع ٿيڻ ڪان اڳ سنڌن عقيدتمندن وٽ وڏي تعداد ۾ قلمي نسخي طور موجود آهي ۽ انهن شائقن ٻين قرب وارن تائين رسائي ڪتاب جي ڇپائيءَ کي ضروري بنائي ڇڏيو.

آئون ٿورائتو آهيان نانا نظير احمد ميمڻ جو جنهن استاد صابن خاکي ۽ محمد عالم جي وفات ڪان پوءِ رسالي کي شايع ڪرائڻ، پروف چيڪنگ، مطلب هر لحاظ کان فرض نڀايو. سائين جن جي شائقن، محبت وارن جو مشڪور آهيان جن ڪتاب کي منظر عام تي رسائڻ لاءِ مالي اصلاحي سهڪار ڪيو.

حقيقت ۾ سائين جهڙن عظيم صوفي رهنمائن جي نياپي کي رسالي جي صورت ۾ سنڌن حياتيءَ ۾ پيش ڪجي ها. ان لاءِ اسان وٽ تنظيمون ۽ وسائل موجود آهن پر افسوس عمل ناهي.

هي ڇاپو "سخن اعجاز" کي تخليق ڪندڙ ڌاتهن، هن کي سمجهڻ وارن عقيدتمندن ۽ راڳي فنڪارن ڌاتهن منسوب ڪجي ٿو.

راقم الحروف

سيد سجاد رسول شاهه

18-9-2003

خميس 20 رجب المرجب 1424



سيد سجاد رسول شاھ راشدي(سجاده نشين)

مؤلف جي گذارش

نحمده و نصلي علي رسوله الڪريم

گذارش آهي ته آئون عاجز مؤلف 1957ع کان اڳ حضرت بابرڪت ماه منير سيد محي الدين شاهه عرف اعجاز علي شاهه راشدي، پير جهنڊي واري جي سوانح حيات ۽ سندن شعر و سخن جو شيدائي ٿي رهيو آهيان. سندن صغيرائي کان وٺي وصال تائين گڏ رهيو آهيان. هي خادم مؤلف، سائين اعجاز علي شاه سان سفر، حضر، زندگي جي هر لمحات توڙي ڏک سک ۾ گڏ رهيو آهي. گڏ رهڻ سبب سندن چيل ڪلام سال 1945ع کان وٺي ٻڌندو ۽ چوندو رهيس، سندن ڪلام انڊيا جي ڳائڻ جي ڌن تي فقيرن کان ٻڌندو به رهيس ۽ چوندو به رهيس. ڪاليج جي ٽريننگ واري عرصي ۾ شعر جي بحر وزن، ڪافيه، رديف ۽ علم عروض جي ڄاڻ هئڻ سبب اعجاز علي شاهه جي شعر کي، پنهنجي ڄاڻ سارو پرکي پروڙي سگهيس. سندس سمورو ڪلام جيڪو 1945ع کان وٺي چيائون، اهو سمورو ڪلام، سندن هٿ اکرن جي صورت ۾ گنج جي صورت ۾ مون وٽ موجود آهي. ۽ ان شعر ۽ ڪلام کي سائين اعجاز علي شاهه جي رهبري ۽ پنهنجي ڄاڻ مطابق 1967ع کان وٺي 1982ع تائين سندن هٿ اکر لکيل ڪلام کي هڪ هڪ ڪلام جي اصلاح ڪرائي رجسٽرن جي صورت ۾ ڪين لکي ڇڏيم. جيڪو 6/7 وڏن رجسٽرن تي مشتمل آهي، سو منهنجي هٿ اکرن سان لکيل، سائين اعجاز علي شاه جن وٽ محفوظ آهي. جنهن ۾ حمد باري تعاليٰ، حضور جن جي شان ۾ نعت، پنجتن پاڪ جي ثنا، تصوف حقيقت، ساقي مزاج، رومانوي اڪائين. جهڙوڪ سسئي پنهون، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي، ليلان چنيسر، عمر مارئي، مومل راڻو، وغيره جي ڪردارن جي صورت ۾ حقيقي رنگ پريو اٿن. ان کان سواءِ ناصحانه ۽ زماني جي موجوده حالتن جو پڻ پرچار ڪيو اٿن. اهو سمورو ڪلام سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ هندي ٻولين ۾ چيو اٿن. ان بعد 1982ع کان وٺي اڄ تائين (1998ع) جيڪو ڪلام چيائون اهو به مون کي روبرو وهاري، پنهنجي دهن مبارڪ سان ٻڌائي لکايائون اهو به منهنجي هٿ اکرن سان لکيل وٽن موجود آهي. پاڻ جڏهن جون 98ع ۾ بيمار ٿيا ۽ انهي بيماري ۾ وصال ڪيائون. ان بيماريءَ جي حالت ۾ وصال کان 3 (ٽي) ڏينهن اڳ 13 جون 98ع نسيم سينٽر حيدرآباد جي VIPروم ۾ رات جو 2 بجي ۽ ٻيو ڪلام 15 جون 98ع لياقت ميڊيڪل اسپتال حيدرآباد ۾. گردن واري وارڊ ڪمره نمبر 1 ۾ سومر جي رات 2 بجي ڪلام لکايائون (هڪ 13 جون ۽ ٻيو 15 جون) اهو سندن آخري ڪلام ۽ آخري پيغام هو. جنهن ۾ پاڻ وصيت ڪري ڇڏي ۽ لڄ الله پاڪ جي حوالي ڪري، هن فاني جهان جو سفر پورو ڪيائون. سندن روح 16 جون 98ع ساڍا ٽي بجي شام جو حيدرآباد مان موٽندي چٺل واهه ۽ باءِ پاس روڊ جي ٽي ايڊي ايمبولنس ۾ پرواز ڪري رب العزت جي درگاهه ۾ حاضر ٿيو.

انا لله وانا اليه راجعون

آئون سندن زندگي جو ساٿي، مريد، خادم، نيازمند ٿي رهيس، سندن راز، محبت ۽ قرب جو

شرف حاصل اٿم. دنيائي ڪمن ڪارين ۾ سندن زمين جي سنڀال يا مخفي صلاح مشورن ۾ مطلب ته هر حال خيال جو مجمع آهيان. منهنجي جيءَ ڪي پاڻ جياريائون. اهو قلبي ڏيئو روشن آهي ۽ باقي زندگي تائين روشن رهندو. انشاء الله تعاليٰ. آئون سندن ٿي ٽم سان جيئان ۽ هلان پيو. انشاءالله باقي زندگي جا ڏينهن سندن هدايل ۽ ڏيکاريل شمع جي روشني ۾ بسر ڪندس.

سائين اعجاز علي شاه جي خاندان سان تمام گهڻو تعلق رهيو آهي. سندن وڏو پاءُ حضرت بابرڪت ماهه منير، روشن ضمير سائين الحاج حافظ محب الله شاه جن جو پڻ قرب ۽ محبت ۽ صحبت حاصل اٿم ۽ سندن فرزند ياسين شاهه مون وٽ سنڌي تعليم پڙهيا آهن. ان سان گڏ وڏن جي عقيدت مندي جي باعث وڏي نوازش سان ڏسن ۽ ملن ٿا.

آئون مؤلف حقير محمد صابن (صاحبڏنو) ذات ميمڻ ويٺل پنجمورو، تعلقه هالا، ضلع حيدرآباد جو ساڪن آهيان. 33 سال پرائمري استاد ٿي رهيو آهيان. شعر و شاعري ۽ سخن منهنجو من گهريو مشغلو آهي. حقيقت ۽ حال ۾ مرشد سائين اعجاز علي شاهه جن جي نظر شفقت جو نوازيل آهيان. منهنجو تخلص خاڪي به 1958ع ۾ سندن ئي رکيل آهي.

ناظرين حضرات! مٿي ذڪر ڪيل احوال مان بخوبي معلوم ٿيو ته سائين اعجاز علي شاهه جن جو جملہ ڪلام (ڪافيون ۽ بيت) استاد محمد صابن (خاڪي) 6/7 رجسٽرن تي قلم بند ڪيو آهي. خاڪي صاحب سان منهنجي ڏيٺ 1951ع ۾ سندن ڳوٺ پنجمورو ۾ ٿي. ان وقت کان وٺي ڪانئس سائين اعجاز علي شاه جا ڪلام ٻڌڻ جا موقعا ملندا رهيا. سائين اعجاز علي شاه جن جي زيارت جو پهرئين پيري 1962ع ۾ ذوالحج مهيني جي 11 تاريخ ڳوٺ چن بابو لڳ اسٽيشن نواز ڏاهري ۾ شرف حاصل ٿيو. ان کان اڳ سائن ڏيٺ ويٺ ڪانه هئي. ان پهرين ملاقات ۾ ئي قرب جو ڪمند اهڙو وجهي ڇڏيائون، جو دير سوير سندن قدم بوسي لاءِ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهيو. پاڻ سدائين مهر شفقت سان ملندا رهيا. ان سان گڏ سندن فرزندن ۽ فقراءَ جو قرب محبت تاحيات نه وسرندو...!!

المقصد 1993ع ۾ هڪ ڏينهن آئون سعيد آباد ۾ سائين اعجاز علي شاهه جي مشيخانہ تي ويس، جتي سائين اعجاز علي شاه ۽ سندن وڏو فرزند ارجمند سائين امان الله شاه ويٺا هئا. سائين امان الله شاه، سائين وڏي کي چيو ته ڪتاب جيڪي استاد محمد صابن لکيا آهن، انهن جي صرف هڪ ڪاپي آهي. اجازت ڏيو ته انهن رجسٽرن جون ٻيون ڪاپيون لکائي ڇڏيون. ڪن رجسٽرن جا پنا ضعيف ٿي پيا آهن. اهي نوان ٿي پون ته بهتر ٿيندو!! گهڻي اسرار کان پوءِ اجازت ملي، ان بعد سائين امان الله شاه اهو ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مون کي چيو. مون وڏي شوق سان اها ڳالهه قبول ڪئي. لهذا رجسٽر منهنجي حوالي ٿيا. مون سڀني رجسٽرن جو مواد هڪ ڪلام هڪ پني تي لکي پورو ڪيو ۽ فوٽو ڪاپي ڪرائي سائين جن جي حوالي ڪير. 550 (پنج سو پنجاه) ڪلام ٽن جلدن ۾ ٿيا. ۽ 775 بيت به فوٽو ڪاپي ڪرائي، سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪير. انهن جي هڪ ڪاپي يادگار لاءِ مون پاڻ وٽ رکي.

نيازمند محمد عالم لغاري

ساڪن سعيد خان لغاري تعلقہ هالا 8-9-1998

مقدمو ۽ ان بابت فرمان هدايت

سال 59-1960ع ۾ هر روز شام جو اعجاز سائين ۽ آئون سعيد آباد سيد احمد شاه جي آستانه اسپتال تي ايندا هئاسون. پاڻ ڳوٺ مهر شاه درگاهه جا رهاڪو هئا. اتي سيد نور محمد شاه ڳوٺ وڏيرو پيرو ڳاهو لڳ پليڏنو ڪاڪو وارا پڻ ايندا هئا. ڪيترا ڏينهن راتيون عشق محبت، شعر و شاعري جون رهاڻيون رچنديون رهيون ۽ سعيد آباد ۾ ٻيا ڪيترا دوست فقير پڻ اينذا رهندا هئا.

هڪ دفعي حضرت پير سائين موجوده سائين سڪندر علي شاهه جن جي دعوت سيد غوث علي شاه جن ڪرڻ فرمائي. شهر لڳ سندن باغ ۾ انتظام رکيل هو. اتي قناط ۽ طنبو ٻاهران اسان سڀني سڄي رات پير سائين جن جي خدمت ۾ بنا سازن جي ڪلام ڳايا. سيد احمد شاه سائين ۽ سيد نور محمد شاه سائين پڻ گڏ هئا. اهو وقت محبت جو وسرڻ جو نه آهي. ان ڪان سواءِ شهر نيو سعيد آباد ۾ رئيس امید علي خان ذات دل پڻ شاعر ۽ سٺو صحبتي هو. جيڪي هن وقت وصال فرمائي ويا آهن. ان جي پڻ اعجاز سائين جن سان دلي محبت هوندي هئي ۽ 1959ع ۾ ٻه ٽي مشاعره ڪرايائين. جن ۾ سائين اعجاز سميت اسين شامل هئاسين ۽ استاد محمد عالم لغاري توڙي انَ جا عزيز پڻ ۽ ٻيا ڪيترا مشاعرن ۾ شامل ٿيندا هئا. هڪ طرح مصرع ياد آهي ته: جا عمر باقي اٿئي سا آه و زاري ۾ گذار.

ان طرح تي سڀني شعر چيا.

زماني جي عجيب حالتن ڦيرو کاڌو. سڀ دوست احباب پنهنجي پنهنجي رمزن رنگن ۾ وڃي محو ٿيا. وري اهڙو پيار پريو ۽ نه وسارڻ جهڙو موقعو اڄ تائين ميسر نه ٿيو آهي.

افسوس هاءِ ظالم زمانا! تو ڪري پوريون ڇڏيون
نيڻ رئاڙيئي نت نيرانا توڪري

(1) ياد ڪريو اڄ به لرزن ٿا زمين و آسمان
ڪربلا وارا افسانا توڪري پوريون ڇڏيون

(2) چوٽ جن کي تو ڏني دَرِ دَرِ سٺائي ويا
اهي درد وارا داستانا توڪري پوريون ڇڏيون

(3) هر گهڙي هر جاءِ تنهنجا ظلم، ضد ۽ زنگ ڏسي
ٿو پڙي اعجاز جانا تو ڪري پوروين ڇڏيون

جهنڊي واري راشدي خاندان جو شجرو

جيئن تہ هتي آئون حضرت سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه راشدي جهنڊي واري جو بيان ۽ زندگي جو احوال لکندس. ان ڪري سندن خاندان جو شجرو ۽ راشدي جهنڊي وارا ڪيئن سڏيا. ان جي وضاحت ڪندس.

شجره

حضرت ماه منير روشن ضمير سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه بن حضرت ماه منير سيد احسان الله (سنت ڌڻي) بن حضرت روشن ضمير سيد رشدالله شاه (خلافت ڌڻي) بن حضرت ماه منير سيد رشيد الدين شاه (بيعت ڌڻي) بن حضرت روشن ضمير پابرڪت سيد محمد ياسين شاه (جاين وارا) بن حضرت فيض مآب محلي الالقاب، روشن ضمير سيد محمد راشد شاه (روضي ڌڻي) رحمہ الله عليہ

راشدي (جهنڊي وارا ڪيئن سڏيا)

معلوم هجي تہ هن خاندان جو مؤسس (بنياد يا پايو وجهندڙ) مشهور حضرت پير سيد محمد راشد شاه (روضي ڌڻي) رحمہ الله عليہ آهن. ان ڪري سندن اسم مبارڪ (نالي مبارڪ) راشد جي ڪري ئي هي خاندان راشدي سڏجڻ ۾ آيو. سندن جيڪو بہ اڄ تائين اولاد آهي، اهي سڀ راشدي پير سڏيا وڃن ٿا.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد شاه جن ڪل چار شاديون ڪيون. انهن مان هڪ شاديءَ مان وڏو فرزند حضرت پير سيد صبغت الله شاه جن هئا، جن کي پڳ عنايت ٿي. انهن جو اولاد اڄ تائين پير پاڳارا خاندان جي لقب (خطاب) سان سڏيا وڃن ٿا. جن جو هن وقت اڄ حضرت پير سائين سيد سڪندر علي شاه (شاهہ مردان شاه) ثاني پاڳارا آهن ۽ ٻي شادي مان ٻيو نمبر وڏو فرزند حضرت پير سيد محمد ياسين شاه (جاين وارا) جن هئا، جن کي خلعت ۾ جهنڊو عنايت ٿيو. ان ڪري سندن جيڪو بہ اولاد آهي، اهي جهنڊي وارا راشدي خاندان جي نالي سان مشهور آهن.

هن ڪان پوءِ آئون راشدي جهنڊي وارن يا پير جهنڊي وارن پيرن جو احوال ۽ سندن بزرگي، علم ۽ درسگاهن جو احوال عرض رکندس. جنهن خاندان جو چشم و چراغ حضرت سائين سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه جن جي زندگي آهي.

جهنڊي واري راشدي خاندان جو پهريون سجاده نشين (پڳدار) حضرت پير محمد ياسين شاه رح

جڏهن کين درگاه شريف روضي ڌڻيءَ رح تان ورهاست ۾ جهنڊو عنايت ٿيو ته پاڻ اتان هجرت ڪري ڳوٺ فريد آباد ويٺا. جتان شاه جي ڳوٺ آيا. اتان هجرت ڪري اچي ڳوٺ وڳڻ تعلقه رتي ديره ضلع لاڙڪاڻي ۾ ويٺا. ڪجهه وقت بعد کين اتان لڏڻو پيو ۽ اچي باقراڻي لڳ ٺلاهه شريف جي ڳوٺ ۾ ويٺا. سندن مزار شريف پڻ ٺلاهه شريف ۾ آهي ۽ اتي جايون ٺهرايائون. منشا ايزديءَ کين اتي به ويهڻ نه ڏنو. پاڻ اتان عيال سميت روانا ٿيا موجوده ڳوٺ پير جهنڊي واري ڳوٺ ۾ رهڻ جو ارادو ڪيائون. جيئن ته اها زمين هالا وارن مخدوم صاحبن جي هئي، جن کان اجازت وٺي اتي جايون ٺهرايائون ۽ ڳوٺ ٻڌي اڄ تائين سڪونت پذير آهن. ان ڪري کين (پير سائين جاين وارا) خطاب سان سڏيو وڃي ٿو. سندن ملفوظات مڪمل طرح مون وٽ موجود آهن. جيڪا پير حاجي هدايت الله شاه راشدي گڏ ڪئي، جيڪا ناشر محمد حسن ترڪ سيڪريٽري شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد طرفان شايع ڪرائي وئي. هن ۾ شريعت بابت مسئلا، هدايتون ۽ ناصحانه اقوال سهيڙيل آهن. پاڻ علماء سان گڏ اهل الله روحاني رهبر پڻ هئا ۽ وقت جا روحاني شاعر پڻ هئا. سندن ٽيهن ڏينهن تي ٽيهه بيت ٺهيل آهن. جن جو مثال هڪ بيت پهريون ۽ ٻيو بيت ٽيهون عرض رکان ٿو. ملاحظه ڪيو:

پهرئين ڏينهن (1)

پهرين ڏينهن پرين رڻ ۾ هئي ساهه گهٽي سختي
دم، دم، در داتهون ڪري روح اها رختي
جي بخت ڏئي بختي . ته ملان محبوبن کي

ٽيهين ڏينهن (2)

ٽيهين ۾ تڪاٿا . آيم ياد عجيب جا
سي ڪڏهن وسرن ڪينڪي . هي جي حبيبن هاٿان
ي . ا . س . ي . ن چوي يار لاءِ . ٿيا نجهر نماڻان
صاحب سياڻان . ميڙ ته مانداڻي لهي

ان کان سواءِ ٻه بيت ۽ 14 ڪافيون ملفوظات ۾ مڪمل آهن.

الراقم الحروف

فقير صوفي صابن "خاڪي" ميمڻ

پنج مورو

باب پندرهون
فصل پهريون

منجهه عشق ۽ محبت بي قراري مالڪ جي

نقل ڪندڙ محمد جعفر ويٺل ڳوٺ ڪرم جو ٬ پاڻ فرمايائون ته مجني ڪان پڇائون ته قرآن پڙهيو آهين. تنهن چيو ته هائو جي پڙهه تڏهن پڙهيائين. سبحان الذي اسري بعبده ليلا جي اڳتي پڙهه جي بس قرآن ليلان تي پورو ٿيو تڏهن چوندا هوا ته ادا يارو ظاهري عاشق ڪي ايتري سچائي آهي تڏهن الله تعاليٰ جي عاشق کي ته وڏيڪ سچائي رکڻ گهرجي.

نقل ڪندڙ فقير مٺيون ته قيامت جي ڏينهن الله مجني کي دوزخ جي هڪ پاسي وهاريندو ۽ ٻي پاسي ليلان کي پوءِ جڏهن مجني جي اک پوندي ليلان تي تڏهن ڪاهي پوندو دوزخ ۾ پوءِ دوزخ چوندو ته ڪيو هن کي جو مون کي ٿو ساڙي تڏهن الله تعاليٰ چوندو پنهنجن عاشقن کي ته ڏسو ظاهر جو عاشق مخلوق جو تنهن ڪان دوزخ ٿو ڊانهون ڪري ۽ اوهين ٿا دوزخ ڪان ڊڄو اٿين چٽي فرمائيندا هئا ته ادا يارو دعويٰ ٿا رکو الله تعاليٰ جي عشق جي پر جيسين تائين ٻانهون ٿو بهشت طلبي ۽ الله تعاليٰ جي مرضي دوزخ ڏي هن جي مرضي آهي وصال ڏي الله تعاليٰ جي مرضي هئي فراق ڏي تيسين تائين داشي مرضي ٻي عاشق کي گهرجي ته الله تعاليٰ جي مرضي جو طالب هجي اهڙو حال آهي اوهو جيڪو معشوق جي مرضي ۽ فراق ۽ دوزخ اوهو آهي جيڪا هن جي مرضي آهي يعني معشوق مرضي وارو دوزخ ۾ بهشت آهي.

نقل ناقل ساڳيو ته پاڻ فرمائيندا هئا ته پتنگ کي ڇا مجال آهي جو مچ ڪان پاڻ جهلي پر ڪا ساعت مچ پنهنجا شعلا ڊرا ڪيا هوا هن تنهن ڪري ايترو جهليو جنهن مهل الا اڏاڻا تنهن مهل پتنگ اٿين مچ ۾.

نقل ناقل فقير ساڳيو ته پاڻ فرمائيندا هئا ته:

جان جان مالهڙي ڄجي ڇمڪو نه ٿئي تان تان ڳالهڙين پرين پنهنجو نه ٿئي

فصل ٽيون

منجهه وصال ڪرڻ انهين حضرت قدس الله سره جي

نقل ڪندڙ هي مسڪين ته پاڻ سڳورن وفات فرمائي تاريخ پندرهين مهينو رجب سنه75ھ ٻارهن سؤ پنجهتر هجري ڏينهن ڇنڇر جو وقت اشراق جي. انهين وقت منجهه تي فرزند ساڻ هوا. هڪ پير

رشيدالدين شاہ ٻيو هي مسڪين حاجي هدايت الله شاہ ٽيون پير ميان صديق رسول شاہ ۽ سندن خواهر زادو پير ميان عبدالرسول شاهہ بہ ساڻ هو ۽ خليفا گهڻان صحبت ۾ هوآ خليفو مراد علي نظاماڻي ان وقت وڏو هو. انهن مڙني جي مشورت سان اتر ڏي موڙڻ ٿيو راڄي خاناڻي جي شهر ۾ ڪين غسل ڏيڻ ٿيو ۽ راڄي نظاماڻي جي ڳوٺ ۾ ڪين اڄي مدفون ڪيائون اصل سندن مرضي بہ ائين هئي جو فقيرن نقل ڪيا تہ پاڻ اها جاء ڏسي چيو هوائون تہ ڪي ڏينهن اڄي هت وهنداسين. پوء ٻارهن مهينان اتي زهڻ هو پوء سندن وڏو فرزند پير فضل الله شاہ سندن جسم مبارڪ کي ڪڍائي اڄي جاء ڪرائي نلاءِ مبارڪ تي جاتي اڄان سوڏو روضو مبارڪ آهي. پاڻ سفر ۾ هوا مريدن خدا جا اسر وجهي چاڙهيا هوا ربيع الاول ۾ پاڻ جاء تڻون چڙهيا هوا ساڍا چار مهينا سفر ڪيو هوائون جو وفات فرمايائون. انا لله وانا اليہ راجعون

فقط مورخہ 5 جمادي الاول 46هہ 13

ڪافي نمبر تيرهون

رک پنهنجي منجهہ پناهہ غرضن وو غير جي ڪان

1. من شر ما خلق جي شر کي منهنجا سائين مان ڏهون ڪر منعاء.
2. بخشيو ۽ بخشيائيو منهنجا سائين هن گولي جا تہ گناهہ.
3. پرتي اٿو وو سهين پرٿين منهنجا سائين هن ٻانهي سندي ٻانهن.
4. اهل ۽ اولاد کي منهنجا سائين سئين سمجهايو راهہ.
5. سهني ساڻ ووسيد کي منهنجا سائين دين ڏيو داناہ.

جهنڊي واري راشدي خاندان جو ٻيو پڳدار

حضرت پير سيد محمد ياسين شاہ (جاين وارا) رحمتہ الله عليہ جن جي رحلت بعد سندن وڏو فرزند حضرت پير سيد فضل الله شاہ جن ٻيو نمبر پڳدار ٿيا. ٿوريئي وقت ۾ ڪين حرن ياهوڙي لڳ شهيدن جي پٽ تي شهيد ڪيو سندن مزار ڳوٺ پير جهنڊو ۾ آهي. ان بعد سندن شهادت بعد پڳ هٿي نمبر وڏي پاء حضرت پير سيد صديق الرسول شاہ (رح) جن کي ٻڌائي ويئي. پڳ ٻڌڻ بعد پنهنجي مٿي مان پڳ لاهي. حضرت پير سيد رشيد الدين شاہ (بيعت ڌڻي) جن جي مٿي ۾ وڌي ۽ پڻ فرمايائون تہ اسان هيء پڳ ڪين ڏيون ٿا. ڪين سونهي ٿي. ۽ پاڻ ان جا لائق آهن.

حضرت پير سيد رشيد الدين شاہ (بيعت ڌڻي) رحمتہ الله عليہ جن حضرت پير سيد فضل الله شاہ جن جا سڳا ڀائر هئا.

ٽيون نمبر پڳدار جهنڊي واري راشدي خاندان جا

حضرت پير سيد رشيد الدين شاه (بيعت ڌڻي) رحمۃ الله عليه پير سائين جاين وارن جا ٽيون نمبر وڏا فرزند هئا ۽ ٽيون نمبر پڳدار ٿيا. پاڻ وڏي مرتبي ۽ روحانيت جي فيض سان نوازيل هئا. جيتوڻيڪ عالم نہ هئا تہ بہ وڏا وڏا علماء سگهورا ڪانئن مسئلا حل ڪرائيندا هئا بيعت ڌڻي ان ڪري سڏيا جو جيڪو بہ سندن مريد ٿيندو هو، ان کي ذڪر ڏيڻ وقت (هٿ تي واعدو) بيعت وٺندا هئا تہ شريعت جي پيروي ڪندين سندن روحاني ڪافين جو مجموعو جيڪو ليٿو جي ڇاپي ۾ آهي، جنهن ۾ منڍ ۾ 11 بيت چار لوليون ۽ هڪ چلو شريف آهي ۽ جملہ 209 اکرين بہ سؤ نو نورِ هدايت ڪافيون آهن. ان کان سواءِ سندن ملفوظات مبارڪ پير سائين بيعت ڌڻي پير رشيد الدين شاه رحمۃ الله عليہ (ثالث جهنڊي وارو) ناشر حضرت الحاج پير سيد وهب الله شاه راشدي پير جهنڊي واري نشر ڪري عام فيض لاءِ جماعت ۾ ورهائي آهي. سندن جنم 1254هجري مطابق 1838ع ۾ ٿيو ۽ ٽيهٺ ورهن جي ڄمار ۾ 1317هجري مطابق 1899ع ۾ هن جهان مان رحلت فرمايائون. انا لله وانا اليه راجعون.

سندن ڪلام جو مجموعو هن کان اڳ حيدرآباد جي سيٺ حاجي احمد پاٽولي ۽ رهندڙ فقير جي پڙ واري 1911ع ۾ شايع ڪرايو هو. سندن مزار شريف ڳوٺ پير جهنڊو ۾ آهي. سندن نقل ۽ ڪجھ ڪافيون ڦوٽو اسٽيٽ صورت ۾ عرض رکان ٿو:

چلي جو بيان

تلھ: سڄ چلي دي ڳالھ چلاڄ نهين ڪالھ

1- سڄ چلي دا بيان نہ ها ملڪ مڪان
نہ ڪو رب رحمان نہ ڪو آدم انسان.
تڏاهن ٻيا دلال

2- ڪنز مخفي آها چلي آ جاڳايا
تڏاهن پيس رايا رايا ٿيا سجايا
بات ٿيس برحال

3- وڃون عدم ٿيا اظهار نور سيو نروار
سهڻي ڪيتا سينگار جڙ ٻڻ جنسار
جلوي دار جمال

4- زلف والیل سیاہ جبین والشمس واضحیٰ
ابرو سجدہ گاہ مژگان سورہ سپاہ
کوثر عین کمال

5- انف تیغ عریان رزمگاہ رخدانْ
لب یاقوت مرجان لولو ھن دندان
ذنخ حبس خیال

6- حسن کیتا حکام ثیا عشق امام
ان اعرف سرجام کرو جلد تمام
ري فرصت في الحال

7- حسن ماریا دم چایا عشق علم
پردا ڦاڙ عدم ایجھا کرکي عظم
ثیا ذوالجلال

8- هستي تخت بغیا موتي خلقت جڙیا
قدرت نال کڙیا شاهنشاھ چڙھیا
ناز کر نونهال

9- سرتاج وحدت احد الله حشمت
لم یلد صفت صاحب صمدیت
بیحد بي مثال

10- کیتس کن فرمان فیکون یک زمان
سارا جملہ جهان کل دارین دوران
خواهش خالق دي نال

11- بڻ وجونْ بیحد ثي هویدا حد
سپ ازل ابد جڙیا جان جسد
ثیا شکل شمال

12- کثرت رجون ثي قسم کل قسم ثي اسم
شش جهات جسم رشید الدین ریت رسم
بڻ ثي برحال

(2)

تلھ: اڪنديءِ آهيان، واٽون نهاريان، موٽ مران ٿي محرم يار، ڪين وساريان.

(1) محبت ماري ڪٺي دل موڳي، جان جسو منهنجو توڙ جوڳي، دم جدا توڪان دلبر ڊار.

(2) محب ملڻ لئہ ماندي دل موري، راتو ڏينهان جيءُ پر جهوري، تن پر تنهنجي تانگهہ تنوار.

(3) ساھ سهڻل سائين توکي ساري، پلپل پسڻ لئہ پورهيت پڪاري لهج سڪاين جي ڪا سار سنپار.

(4) رشيد الدين تي ٿيو اوهين راضي، معاف ڪريو سڀ مديون ماضي، ڪيو ڪا وصل جي گويا گفتار

(3)

تلھ: ڪيهو بير رنگي رنگ بنايو آ. بي مثل، مثل پر مايو آ.

(1) ظاهر باطن هر مظهر پر، لعلڻ پاڻ لڪايو آهي.

(2) يسعني قلب المؤمن، سارو سر سمايو آ.

(3) الانسان سري سمجهہ اشارو، فائق اي فرمايو آ.

(4) رشيد الدين جوي رمز انهيءَ جي، هنيون حيرت پر آيو آ.

شجرو شريف پيران راشديہ (اصحاب العلم)

- عبد مناف
- هاشم
- عبدالمطلب
- ابو طالب
- 1- حضرت علي ڪرم الله وجهہ
- 2- حضرت امام حسين رضہ
- 3- حضرت امام زين العابدين رضہ
- 4- حضرت امام باقر رضہ
- 5- حضرت امام جعفر صادق رضہ
- حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضہ
- حضرت امام علي رضا رضہ
- سيد شاه حسين رح
- سيد شاه عبدالله رح
- سيد شاه هارون رح

سيد شاه حمزه رح

سيد شاه عمر رح

سيد شاه اسد الله رح

سيد شاه زيد رح

سيد شاه عباس رح

سيد شاه علي مڪي رح لڪياري (وارد سنڌ)

سيد شاه چڪن رح

سيد شاه حسين رح

سيد شاه محمد رح

سيد شاه محمود رح

سيد شاه بهاءالدين رح

سيد شاه شهاب الدين رح

سيد شاه فضل الله رح

سيد شاه عباس رح

سيد شاه ناصر الدين رح

سيد شاه مير علي رح

سيد شاه حسين رح

سيد بولن شاه رح

سيد سنجر شاه رح

سيد ڪتن شاه رح

سيد عثمان شاه رح

سيد شڪر الله رح

سيد فتح محمد رح

سيد محمد امام رح

سيد محمد بقا شهيد رح

سيد محمد راشد رح (روضي ڌڻي)

سيد محمد ياسين رح (سائين جاين وارا) صاحب العلم الاول

سيد فضل الله شاه شهيد رح (صاحب العلم الثاني)

سيد رشيد الدين شاہ (صاحب العلم الثالث)

سيد رشد الله شاہ رح (صاحب العلم الرابع) خلافت ڌڻي

سيد ضياء الدين شاہ رح (صاحب العلم الخامس)

سيد وهب الله شاہ مدظلہ (صاحب العلم السادس) موجودہ

سيد رشد الله شاہ رح صاحب العلم الرابع کان پوءِ جهنڊي وارا راشدي خاندان جي پڳ بن حصن ۾ ورهائجي وئي

حضرت پير سيد احسان الله شاہ (سنت ڌڻي) صاحب العلم الخامس

حضرت الحاج حافظ محب الله شاہ (صاحب العلم السادس)

سيد محمد ياسين شاہ (صاحب العلم سبعت) موجودہ

چوٿون پڳدار جهنڊي واري راشدي خاندان جا

حضرت پير سيد روشن ضمير رشد الله شاہ (خلافت ڌڻي) رحمت الله عليہ جن ٿيا. جيڪي ثالث پڳدار حضرت پير سائين سيد رشيدالدين شاہ بيعت ڌڻي جن جا وڏا فرزند هئا.

حضرت پير رشد الله شاہ جن وقتن فوقتن ڪل پنج شاديون ڪيون. اولاد صرف ٽن شادين مان ٿيو. پهرين شادي پاهران مريدن مان ڪيل هين جن مان جملہ ڇهہ پٽ ۽ چار نياڻيون (معصوم) ڇاوا. جن مان هن وقت ڪوبہ زندہ نہ آهي.

پاهران مريدن مان شاديءَ مان وڏو فرزند حضرت پير سيد ضياء الدين شاہ جن هئا ۽ ٻي شادي پنهنجي چاچي حضرت پير فضل الله شاہ شهيد جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون. جنهن مان صرف هڪ فرزند حضرت پير سيد احسان الله شاہ جن تولد ٿيا. جيڪي حضرت قبلہ سائين محي الدين شاہ عرف اعجاز علي شاہ جن جا والد محترم هئا ۽ پير سيد حضرت رشد الله شاہ جن اعجاز سائين جا ڏاڏا هئا. پاڻ پنهنجي والد محترم صاحب جن سان سفرِ زندگي ۾ چاليهہ سال گڏ رهيا ۽ روحاني فيض حاصل ڪيائون. بلند درجي جا مفڪر، عالم، اهل الله هئا. انگريزن سال 1338 هجري ۾ مسلمان حڪومتن

جي زور پڇڻ لاءِ ترڪ ۾ شريف حسين جي خلافت لاءِ هندستان جي ڪن ويڪاڻ عالمن کان لاليچ ڏئي صحيحون ورتيون. پر خلافت جو ترڪ ۾ حقدار وحيد الدين هو. ان لاءِ پاڻ تحريڪ شروع ڪيائون. جيڪا هندستان ۾ زور پڪڙي ويئي ۽ هندستان توڙي سنڌ ۾ جلسا ڪري تحريڪ کي عالمن کان راپا وٺي زور وٺارايائون. پاڻ ان تحريڪ جا اڳواڻ هئا ۽ ڪين خلافت تحريڪ جو اڳواڻ ڪيائون ان ڪري "خلافت ڌڻيءَ" جي خطاب سان مشهور ٿيا.

سندن ڪرامتن، ڪافين، غزلن توڙي سي حرفي روحاني رمزن ۽ راهه هدايت سان محفوظ آهي ۽ پڻ سندن ملفوظات هٿ اکرن ۾ درگاهه شريف پير جهنڊي ۾ موجود آهي. سندن وصال بعد پڳ تان تڪرار سال1922ع کان 1937ع تائين برطانيه حڪومت وٽ لنڊن ۾ هليو ۽ جهنڊي واري راشدي خاندان جي پڳ بن حصن ۾ ورهائجي ويئي ۽ 1356هجري ۾ سندن ننيو فرزند حضرت پير سيد احسان الله شاهه هجرت ڪري پير جهنڊي کان اتر طرف هڪ ڪلو ميٽر فاصلي تي ڳوٺ درگاهه شريف نالي سان نئين ڳوٺ تي آيا.

پير سائين (خلافت ڌڻي) 1277هجري ۾ تولد ٿيا ۽ ماهه رمضان 1340هجري 63 ورهن جي عمر ۾ وفات فرمايائون. سندن مزار شريف ڳوٺ پير جهنڊو ۾ آهي. (انا لله وانا اليه راجعون)

ملفوظات مان هڪ نقل: پاڻ خلافت ڌڻي جهنڊو چانديءَ جو ڪٺي هلندا هئا. فرمايائون ته هي جهنڊو امام صاحب حضرت مهدي عليه السلام جن جو آهي. اوهان مان جيڪو به ان وقت (سندن ظهور) کي پهچي ته هي جهنڊو ان جي حوالي ڪجو. ان جي امانت آهي.

ناقل جمع فقير ته تاريخ 20 ربيع الثاني 1333هجري رب جي پرسان محمد فقير ٻهر جي دعوت تي هئا. اتي مسجد ۾ فجر نماز پڙهي ويٺا هئا. حاجي الهه بخش (الله بخش) ڪافي پئي چئي. چاڻ مسلماني ڪير ٿو چائي . ريءَ شرڪ رب ڪير سڃائي . پوءِ مٿئين فقير ان جي معنيٰ پڇي پاڻ فرمايائون ته الله جل شانه جا پانها ڪن ڪمن ۾ سندس امر موجب سائس گڏ آهن. پوءِ جي ڳالهه ٿيا ته اهو به شرڪ ٿيو. جهڙو نبي، ولي هدايت ڪندا آهن ۽ هادي الله تعاليٰ آهي. پوءِ جڏهن نبين کي هادي ڪري سمجهي، تڏهن مسلمان ٿئي. سو اهو شرڪ جڏهن ڪري تڏهن پورو مسلمان ٿئي ۽ فرمايائون ته الله تعاليٰ جي امر سان شرڪ ڪيو ويو ته اهو ڏوهه نه آهي. فرمايائون ته اڄ اسان کي به ڳالهين ڪرڻ جي موڪل ملي آهي، جيڪي الله تعاليٰ ٿو ٻڌائي. فرمايائون ته جيڪي فقير وحن ٿا. سي ائين آهن جيئن پراڻا ڪپڙا لاهجن ٿا ته وري اڃا سٺا پائجن.

ولادت ۽ پائر:

سيد محمد ياسين شاهه جي وفات بعد، سندن وڏو فرزند سيد فضل الله شاهه سجاده نشين ٿيو.

سيد فضل الله شاه جن جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ سندن ٽيون نمبر پاءُ سيد رشيد الدين صاحب العلم الثالث سجاده نشين ٿيو. چاڪاڻ ته پير شهيد رح کي ڪوبه نرينو اولاد ڪونه هو. سان 1277 هجريءَ ۾ کين هڪ فرزند ڄائو جنهن جو نالو رشد الله شاه رکيائون. جيئن پاڻ هڪ هنڌ ۾ پنهنجي والد و مرشد کي دعا گهرندي چيو اٿن:

رشد الله رکيو اوهان نالو عجب ابي،
اسم مسمي کي کيو موافق اي محبي.

سيد رشد الله شاه جن کان سواءِ ٻيا به چار پٽ سيد رشيدالدين شاه رح کي ٿيا: 1. سيد امام الدين شاه 2. سيد محمد حسين شاه 3. سيد محبوب شاه ۽ 4. سيد اسماعيل شاه.

سندن ڪلام

پير سائين رشد الله شاه جن سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ شعر چيو آهي. سندن ڪلام، سندن زندگيءَ ۾ ئي گڏ ڪيو ويو ۽ مون وٽ جيڪو نسخو آهي سو پير سائين بديع الدين شاه صاحب جن ڏنو. هي نسخو سندن استاد قاضي فتح محمد مرحوم جو لکيل آهي، جنهن جا ڪي صفحا ڦاٽي ويا آهن. تنهن ڪري فارسي غزل ۽ ڪجهه ڪافيون گم آهن. ٻيو بياض سندن خاص خادم حافظ محمد امين صاحب منٻاري واري وٽ آهي. حافظ صاحب جو چوڻ آهي ته اهو بياض مڪمل آهي. راقم جي سامهون جيڪو بياض آهي ان ۾ هيٺينءَ طرح سندن شعر لکيل آهي. ڪافين جي مٿان سر ۽ راڳڻيون به لکيل آهن.

فارسي غزل ٻارهن، سنڌي غزل ٻارڀهه، سنڌي بيت ست، هڪ ٽيهه اکري، هڪ لولي، مولود چار، هڪ سهرو، سنڌي ڪافيون به سو ٻارهن ۽ سرائڪي زبان ۾ ڪافيون چوڏهن. سندن ڪلام جو انتخاب هيٺ ڏجي ٿو:

ابيات

1. مهر ميهر جي ڪندي مڪڙي منجهه مهراڻ،
سڪان سونهي ساهڙ کي ونجهه وٺندي پاڻ،
اهڙي پر اچاڻ، لڙ لنگهندي لهرين جا.
2. چڙي، چري چت چريو ٿيو ڪڙي ڪئي خيال،
ساهيو نئي سائنر ڏي ساهڙ جي سنڀال،
چيٽو هيڏيءَ ڇر جي، چڪن ليکي چال،

ويجھو ڏسيو وصال، ڪڏيو پوي ڪن ۾.

3. سرسٽي سانپارن جي، سهٽي سنبري اتي،
گھڙي چڙھي گھرجي، گھيڙئون ڪين گٽي،
وجي ات التي، جتي پاڻ پتار جا.

ٽيھ اکري

1. ت . تي توڪل ترهو ٻڌائون ساهي،
قصدا ڪابل ڏي هليا ڪانوڙيا ڪاهي،
لا يخافون لومت لائم دپ ڇڏيائون داهي،
لڱاپا لاهي، پير وڌائون پڙ ۾.

2. د . دال دل ۾ دوست جو دم دم دور پڙهن،
يذڪرون الله قياما وقعودا ڪيڏنهن ڪين لڙن،
ڪار انهيءَ ۾ ڪڙهن راتو ڏينهان ڪاپڙي.

3. س . سين سدائين سافرو ساميڙا آهين،
قوموا لله قانتين خيال نہ لاهين،
ڪاهيو پيا ڪاهين، ماهيسي ان ماڳ ڏي.

4. ي . يبتغون فضلا من ربهم سيد ڇٽي سامي،
لا الہ الاالله محمد رسول الله تنين تمامي
آڪي سين، انجامي، قالوا ڇٽي ڪنچير ٿيا.

پنجون جهنڊي وارا

راشدي خاندان جهنڊي واري جن جو پنجون پڳدار حضرت پير سائين احسان الله شاه جن 1356هجري ۾ ڳوٺ پير جهنڊي واري تان هجرت ڪري نئين ڪوٽ درگاھ شريف تي اچي ويٺا. سندن ولادت 1313هجري 27 رجب المرجب آهي. پاڻ پنهنجي والد صاحب حضرت پير سائين رشدالله شاھ (خلافت ڌڻي) جن جي زير هدايت 27 سال رهيا. ظاهري روحاني فيض سان سرشار ٿيا ۽ والد صاحب جن جي ملفوظات شريف ”تنوير القلوب وصراط المطلوب“ ۾ ڪانئس روايت ڪيل 43 نقل سندن والد صاحب جن جا بيان ڪيل آهن. اها سڄي ملفوظات شريف هٿ اکرن ۾ محمد قاسم ڪلوٺي بلوچ جن جي 25 رمضان المبارڪ 1371هجري ۾ لکي پوري ڪيل آهي، جنهن ۾ باقي نقل مريدن ۽ حضرت پير ضياء

الدين شاہ سائين جن کان بيان فرمايل آھن. حضرت پير سائين احسان الله شاہ جن شريعت ۽ حقيقت سان مالامال ھئا. جيئن تہ پاڻ ڪل 3 ٽي شاديون ڪيائون: 1. پھرين شادي ٺلاھ شريف مان، پير ميان سائين مٺن شاہ جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون. جنھن مان ہ فرزند الحاج حافظ حضرت محب الله شاہ رحمت الله عليہ (علم ڌڻي) ۽ فرزند حضرت ابو محمد بديع الدين شاہ رحمت الله عليہ جن تولد ٿيا.

ڇھون جھنڊي وارا

راشدي خاندان جا پڳدار الحاج حافظ پير سائين محب الله شاہ جن ٿيا ۽ ھن وقت سندن وڏو فرزند ستون پڳدار پير سيد حضرت محمد ياسين شاہ جن حال حيات آھن. 2- ٻين شادي پنھنجي خاندان مان استيشن ڪنياڻ وٽان پير سيد امير الحسن شاہ جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون جنھن مان صرف ھڪ فرزند حضرت سيد محي الدين شاہ عرف اعجاز علي شاہ سائين جن تولد ٿيا جن جي ذڪر بابت اڳتي بيان ڪيو ويندو. 3- ٽين شادي پنھنجي چاچي محبوب شاہ جن وٽان ڪيائون جنھن مان اولاد ٿيو پر ننڍي ھوندي وصال ڪري ويا.

پاڻ شريعت ۽ سنت جا ايترا پابند ھئا جو پنھنجي چاچي محبوب شاہ کين چيو تہ اوھين رفع اليدين ٿا ڪريو، ان ڪري اوھان کي پنھنجي نياڻيءَ جو سڱ نہ ڏيندس. پاڻ فرمايائون اوھين سڱ ڏيو يا نہ ڏيو، ليڪن آئون حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت جي پيروي ڪندو رھندس ۽ موٽي آيا. ان بعد ڪجھہ وقت بعد سندن چاچو حضرت محبوب شاہ وٽن ھلي آيو ۽ پنھنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏيئي ويا. ان بعد شادي ڪيائون ۽ پاڻ حضرت احسان الله شاہ جن (سنت ڌڻي) سڏيا ۽ اڄ تائين (سنت ڌڻي) جي خطاب سان مشھور آھن.

پير سائين حضرت احسان الله شاہ (سنت ڌڻي) رحمت الله عليہ جن وڏن کان وٺي قادريہ طريقي جا قائل ٿيا. سندن ذڪر جون چار تسبيحون لا الہ الاالله . الا الله . الله . ھو . آھن. اڄ تائين سندن خاندان ۾ ذڪر جو ورد دل جي آواز سان ھلندو رھي ٿو. پاڻ علماء تہ ھئا پر اھل الله ۽ فقير صفت درجي جا محسن ۽ منور پڻ ھئا. ان کان سواءِ روحاني توڙي آفاقي ۽ موروثي شاعر پنھنجي وڏن وانگر سنڌي توڙي فارسي شعر چيل آھن. سندن سمورو شعر محمد عثمان خاصخيلي ٺروھن واري وٽ آھي. پر پاڻ وصال ڪري ويا آھن. آخر پاڻ 15 شعبان 1358ھجري ۾ درگاھ شريف پير جھنڊو ۾ وصال فرمايائون. انا لله وانا اليہ راجعون.

سندن مزار شريف پڻ درگاھ شريف تي آھي، سندن وصال بعد وڏو فرزند الحاج حافظ محب الله شاہ (علم ڌڻي) جن پڳ تي ويٺا.

سندن ڪتب خانو ۽ مدرسہ اڄ پڻ اوج ۽ اقبال سان مشھور آھي. جتي ڪيترا ٻاھران طالب ديني

تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. سندن جهنبو مبارڪ جنهن جي مٿان محمد ۽ هيٺان يا الله چانديءَ سان نهرايل بيرڪ سميت اڄ پڻ موجود آهي ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي مهر مندي مبارڪ سان حضرت علي عليہ السلام جن جو لکيل خط مبارڪ هرڪل جي بادشاه ڏانهن فوٽو اسٽيٽ ڪاپي سان پڻ موجود آهي.

پير سيد حضرت احسان الله جن جماعت سان ڪڇ جي رڻ هيٺان ويندا هئا تہ هڪ مريد ڪڇ مان پن ڪريل ڪنيو جنهن تي ڪلمو پاڪ (لا الہ الاالله محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم) لکيل آهي، جيڪو اڄ تائين لوهہ جي دٻليءَ ۾ ڪپهہ تي رکيل محفوظ آهي، جنهن جي مٿان ڪاٺو آهي. ان مان پوري طرح پڙهي سگهجي ٿو. حضرت پير سائين الحاج محب الله شاه جن سان هن ناچيز جون ڪيترا ڀيرا روح رهاڻيون ۽ دعوتون ٿيون. پاڻ نهايت حليم طبع ڪلمڪ ۽ فياض هئا ۽ عاشق رسول ۽ روحاني شاعر پڻ هئا . سندن شعر في الحال مون وٽ نہ آهي. اميد تہ هٿ ڪري مثال عرض رکندس. سندن شعر ۾ تخلص "محب" آهي جو خود پاڻ مون کي ٻڌايائون. ديني مسائل بابت وڏي چاهہ رکندا هئا. سندن تصنيف ڪيل ڪيترا ديني ڪتاب سندن ڪتب خاني ۾ اڄ پڻ موجود آهن. پاڻ ٻاهرين ملڪن جي دعوت تي ترڪي، عربستان وغيره ملڪن ۾ جلسن ۾ ديني تبليغ تي ويا ۽ عربي جي تعليم کان سواءِ ايم اي انگريزي ۾ پڻ ڪيائون. پاڻ آخري وقت ۾ دل جي دوري سبب ناخوش رهيا. پاڻ 1921ع مطابق 29 محرم الحرام 1340هجري آچر رات 2 بجي ڳوٺ پير جهنڊي ۾ ولادت فرمايائون. ديوان مشتاق اسپتال حيدرآباد ۾ دل جي واره ۾ 19 شعبان 1415هجري مطابق 21 جنوري 1995ع ڇنڇر رات 4 بجي عيسوي سن موجب 73 ورهہ 3 مهينا 19 ڏينهن ۽ هجري سن مطابق 75 ورهيہ چار مهينا 20 ڏينهن جي عمر ۾ وفات فرمايائون. انا لله وانا اليہ راجعون.

پٺيان 3 پٽ ڇڏيائون: 1. وڏو فرزند محمد ياسين شاه جيڪو سڄون جهنڊي وارو راشدي پڳدار آهي. 2. محمد راشد شاه. 3. محمد قاسم شاه جيڪو وڏو عالم، لئبرري ۽ مدرسہ جو مهتمم پڻ آهي.

سوانح حيات

نحمده ونصلي علي رسوله الكريم

بسم الله الرحمن الرحيم

زندگي جو احوال، اسم شريف، ولديت

(1) اسم شريف:

سيد، پير ماهہ منير حضرت محي الدين شاه رح عرف اعجاز علي شاه بن حضرت پير سيد احسان الله شاه رحمت الله عليہ "سنت ڏڻي" جن جا ٻيءِ شاديءِ مان اڪيلا فرزند هئا. سيد حضرت احسان الله شاه راشدي جهنڊي واري اها شادي جيڪا اسٽيشن ڪٽياڻ لڳ ڳوٺ ڪاڻوي مان سيد امير الحسن شاه جن جي نياڻيءِ سان ڪيائون.

(2) ولادت:

پاڻ اصل ڳوٺ پير جهنڊي واري ۾ تاريخ 12 ربيع الاول 1348هجري سومر رات 4 بجي مطابق 1929ع ۾ تولد ٿيا.

(3) تعليم و تربيت:

پاڻ تقريبا ڇهن ورهن جي عمر جا ٿيا تہ ڪين ڳوٺ پير جهنڊو ۾ مسجد شريف ۾ مولوي شفيع محمد مگريءِ جيڪو ڳوٺ ڇتن شاهہ تعلقہ سڪرنڊ جو رهاڪو هو، ان وٽ قرآن شريف ناظران پڙهڻ لاءِ وهاريو ويو. جنهن وٽ ڳوٺ جا ٻهراڙيءِ جا ٻار پڙهندا هئا. 8 سالن اندر 29 سيپارا پڙهي پورا ڪيائون. پاڻ ننڍي هوندي مستانہ خيال ۾ رهندا هئا. ان ڪري سندن والد صاحب ڪين ٻهلول جي نالي سان سڏيندا هئا. جيڪو نالو پنهنجي شعرن ۾ ڪٿي ڪٿي آندو اٿن.

ان وقت پڳ جو تڪرار زور وٺي ويو هو. ان ڪري سندن والد صاحب حضرت پير سيد احسان الله شاهہ "سنت ڏڻي" رحمتہ الله عليہ جن هجرت ڪري 1356هجري جي پڇاڙيءِ واري مهيني ذوالحج ۾ ڳوٺ پير جهنڊو کان اتر طرف اڌ ميل فاصلي تي درگاهہ شريف نالي نئون ڳوٺ ٻڌائي اتي سڪونت اختيار ڪيائون.

حضرت پير سيد محي الدين شاه جن ٻڌايو تہ باقي 30 پاره درگاهہ شريف تي پڙهي پورو ڪيم. ان وقت مولوي صاحب جمال الدين جيڪو ذات جو منشو رهہ ڪڇ جو رهاڪو هو. ان وٽ سنڌي پارائو

ڪتاب ۽ پهرئين ڪتاب جا ڪجھ سبق پڙهيم. فرمايائون تہ اسانجي والد صاحب حضرت پير سيد احسان الله شاھ جن تاريخ 15 شعبان 1358هجري تي هن دنيا مان رحلت فرمائي ويا. (انا لله وانا اليہ راجعون) 1اسان جي ان وقت عمر ڏھ، ٻارهن سال مس هئي، ان وقت کان پوءِ ڪاٻہ تعليم پرائي تہ سگهياسون.

مرشد وٺڻ:

مون ڪانئن پڇيو: قبلا مرشد بابت يا ذڪر جي باري ٻڌايو. پاڻ فرمايائون اسان ذڪر يا تلقين پنهنجي والد صاحب حضرت پير سيد احسان الله شاھ جن کان ورتي. انهن جي صورت ۽ سندن جهنڊي مبارڪ جي جهلڪ اڃان تائين ياد آهي. سندن صورت ۽ جهنڊي جي اظهاري پنهنجي هڪ ڪلام ۾ پڻ ڪئي اٿن:

تلھ: هوت پرين هڪ واري - ڏي دلداري - ٻاروچا ٻانهيءَ کي

(1) ياد اڃان تائين اٿم دل تي - تنهنجي جهنڊي جي جهلڪاري

(2) پنهنجي پسائيندي پاڻ پيارا - سا صورت مون نہ وساري

(3) سيد سائين صاحب سنت جا - سچڻ ڪر سرداري

(4) بي راهيءَ لاءِ "بهلول" چئي - موٽ مٺا منهنداري

سندن فرمان موجب تہ والد صاحب جن ننڍي هوندي بهلول لقب جي نالي سان سڏيو هو. هن شعر ۾ اهو تخلص طور ڪم آيل آهي.

سلسلہ طريقت:

جيئن تہ حضرت پير سيد غوث زمان محمد راشد شاھ روضي ڌڻي رحمتہ الله عليہ جن کان سندن مسلڪ قادري طريقي جو رهندو آيو آهي. ان ڪري پاڻ فرمايائون تہ اسان جو پڻ اهوئي (مسلڪ) رستو آهي. ان کان سواءِ پير سائين پاڳارا موجوده حضرت سڪندر علي شاھ، شاھ مردان شاھ اسان جا وڏا پڳ وارا آهن، جن کي اسين پنهنجو رهبر مرشد تسليم ڪريون ٿا. انهن لاءِ پڻ پنهنجي شعر ۾ اظهاري ڪئي اٿن. جيئن تہ:

مرشد ساڏي نال ملا ڻي - هردم "شاھ سڪندر" ساقي

حجڙا اعجاز دا اهوئي ياقي - ڪيهي ڪاڻ حرم دي يار

باغ بهاريا بن وي سرتيون - آئي سڪندر شاھ جي

اهائي اسانجي بزرگن کان رهبري حاصل آهي. باقي ٻئي ڪنهن بہ پير فقير کان نہ ذڪر ۽ نہ

دعا يا هيءِ امانت مليل آهي.

مشغولي و مطالع:

ننڍپڻ ۾ ديني ڪتاب ۽ قرآن پاڪ پڙهڻ جو ذوق شوق هوندو هون ۽ اڪثر مريدن ۾ گهمڻ ڦرڻ لاءِ وڃڻ ٿيندو هو. هڪ دفعي باغ علي رند سان مريدن وٽ دڙيلي شهر ۾ وڃڻ ٿيو. اتي پٽ تي هڪ شعر لکيائون. پاڻ فرمايائون اهو ڪهڙو شعر هو، سو ياد نه آهي.

پاڻ فرمايائون ته 15 - 16 سالن جي عمر ۾ شعر و سخن جي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي چڱي طرح پروڙ هئي. ان وقت احمد ڏاهري (متوفي) وينل ڳوٺ پنجل ڏاهري جيڪو مريد به هو ۽ راڳ پڻ ڳائيندو هو. ان سان گڏجي سنڌن ڳوٺ مريدن ۾ ويس. منهنجو ٻڌي اتي جا سيد جيڪي ڪچهري ڪرڻ ايندا هئا. انهن ۾ سيد لونگ شاهه يڪتارو ڪني ايندو هو. جنهنجي تنبي گهاگهر جيڏي ۽ گني نندي هوندي هئي، اهو روحاني ۽ رندي ڪلام ٻڌائيندو هو. سچل سائين جو هي ڪلام گهڻو چوندو هو:

تلهه: جنهن دل پيتا عشق دا جام ـ سادل مستو مست مدام

اهو ڪلام وٽيو انهيءِ طرز تي اسان هي ڪلام ٺاهيو.

تلهه: توڙي لک ڏيو ته بيان ـ هيءِ دل ڪان ڦرندي ڪان

هن ڪلام بعد شعر و شاعري جو شوق پيدا ٿيو.

شعر و شاعري جي ابتدا:

جيئن ته قبله سائين اعجاز علي شاهه جن شاعري شروع ڪئي ان وقت ئي ڪين مجاز جي چوٽ آيل هئي ۽ انديا جي ڳانن جي ڌنن تي ان عمر ۾ شعر چيائون. مثال:

تلهه: سهڻا سامهون آ، سهڻي صورت پساءِ، تنهنجو شڪر ڪيان مان بجاءِ

تلهه: اڪيون رت، رت، رئيون زاروزار ـ آيو نه اڄ يار

تلهه: جن يار نه ڪيو تن جي ڇا ڪيو

تلهه: جيسين جانب يار نه ايندو ـ تيسين دل ڪي قرار نه ايندو

وغيره وغيره اهڙا مجازي ڪلام اظهار ٿيا جيڪي ان وقت جا حال حيات فقير (1) مجاهد شيدي (متوفي) ڳوٺ پير جهندو (2) عبدالفتاح شيدي ڳوٺ پير جهندو متوفي (3) احمد فقير ڏاهري ڳوٺ پنجل ڏاهري متوفي (4) مور فقير ڪيريه وينل وڏيرو لونگ ڪيريه ۽ ٻيا حاجي لعل بخش خاصخيلي جي ڳوٺ جا: سليمان نانگو خاصخيلي، ڪارو خاصخيلي، امير بخش ۽ مير خاصخيلي وغيره دعوت ڏئي سائين کي ڳوٺ وٺي ويندا هئا ۽ رات جي محفل مچائيندا هئا.

شاديون ۽ اولاد:

حضرت پير سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه جن جون ٻه شاديون ٿيل آهن: (1) پهرين شادي ڳوٺ پير شاهه لڳ گاجراواهه مان نواب شاهه کان ڏکڻ طرف 4 ميل فاصلي تي پير سيد علي اڪبر شاه راشدي جن وٽان سال 1952ع ۾ ڪيائون. ان شادي مان کين پنج فرزند تولد ٿيا: جن مان ٻن وڏن فرزندن جو وصال سندن حياتي ۾ ٿيو.

(1) سيد امان الله شاه جنم 5 - 9 - 1959ع درگاهه شريف تي وصال: ڇنڇر جي رات اپريل 1995.

(2) سيد ابو تراب شاه - جنم 1970-8-1 وصال 26 مارچ 1996ع

(3) سيد سجاد الرسول شاه

(4) سيد محمد اشرف شاه

(5) سيد شاه فريد شاه

اڪرام الله شاه ولد سيد امان الله شاه

ٻي شادي:

پنهنجي راشدي خاندان مان ڳوٺ ٻابوجن سيد نورالدين شاه جن وٽان ڪيائون. سال 1982 جي مئي مهيني ۾. ان شادي ۾ مان کين پنج فرزند حال حيات آهن: (1) ظهور احمد شاه (2) محمد سليم شاه (3) سيد ضمير احمد شاه (4) قائم علي شاه (5) سيد ڪليم الله شاه

دوست، احباب، عقيدتمند، عزيز ۽ راڳي فقير:

سيد زين العابدين شاه پٽڻ سميت ڳوٺ محمد معين مهدي شاه لڳ نواز ڏاهري اسٽيشن، سيد حسن شاه پاءِ پروڙهر شاه ۽ پٽ سيد بچل شاه (ملا حرمت)، سيد موجارو شاه ڳوٺ سيد پير شاهه، سيد ڏنل شاه ڳوٺ پير شاه (راشدي)، سيد غلام مرتضيٰ شاه عرف موج درياءِ پير جهنڊو،سيد پير شاهه، سيد مرسل الدين شاهه، سيد الخ شاهه، سيد مقبول شاهه، پير مظهر الحق، سيد الهداد شاه عرف دادن شاه محراب پور تعلقو سڪرنڊ، سيد شاهه محمد شاه درگاهه سيد سليمان شاه تعلقه مورو، سيد محبوب شاه محراب پور سڪرنڊ.

حاجي عبدالرحيم مگسي تعلقو سڪرنڊ، لشڪر خان جمالي، لطف علي خان جمالي،فقير عطا محمد جمالي، دريا خان جماليِ، غلام الرسول خان جمالي ڳوٺ ڪنب ليمان، جان محمد خان لغاري ڳوٺ مير خان لغاري (متوفي)، وڏيرو غلام قادر خان ڪيريو سڪ پور اسٽيشن تعلقه سڪرنڊ، حافظ محمد بخش خاصخيلي ۽ انور خان جتوئي ڳوٺ نوان جتوئي، وڏيرو فقير علي خان هرڙو لڳ زير پير موري،

محمد صالح جاکرو نيو سعيد آباد، بشير احمد هيسباڻي حبيب بئنڪ آفيسر ڳوٺ ٺارو شاه حال نواب شاه، (حاجي محمد قاسم مگسي قدم بوسي لاءِ ايندا هئا) سونو مگسي، معشوق علي مگسي، علي خان چانڊيو (سڪرنڊ) وڏيرو دودو ڪيريو پڻ سميت محمد فقير ڪيريو، استاد حسين بخش جمالي پڻ سميت لڳ نواب شاه، خير محمد بروهي، سڪندر بروهي، خان محمد بروهي، جان محمد بروهي ۽ حسين بخش بروهي، متل موري، عالم خان بروهي لڳ پراڻي سعيد آباد، قبول خان ڳوٺ ڏنل شاه لڳ سرهاري، نور محمد مشائخ ڳوٺ مشائخ تعلقہ سڪرنڊ، ولي محمد ميمڻ پنج مورو، حاجي واحد علي ميمڻ، معشوق علي ميمڻ، نظير احمد ميمڻ پنج مورو، الهه بخش لاهوتي پنج مورو (متوفي)، استاد محمد عالم لغاري، منثار علي خان لغاري ڳوٺ سعيد خان لغاري تعلقہ هالا، شاهن فقير ابڙيجہ ڳوٺ الياس ابڙيجہ، ارباب علي فقير سولنگي هالا برانچ ويٺل ۽ ميوو فقير سولنگي هر وقت حاضري ڀريندا رهن ٿا.

ڳوٺ محمد خان مگسي جا فقير، شفيع محمد، سندس پٽ محمد يوسف، محمد عاقل ۽ عابد ۽ نظر محمد فقير بهشتي، وکيو فقير، ولي داد، در محمد، صوف، غلام سرور پانڌي، محمد سومن، حاجي علي نواز، حاجي محرم ۽ قربان مگسي ابراهيم فقير مگسي (سڪرنڊ) ميهار فقير جلباڻي عطا محمد جلباڻي (ماڙي جلباڻي) ڪوڙو مگسي، امام علي مگسي، ثابت علي مگسي (ڳوٺ محمد خان مگسي) ولي محمد ڏاهري، ابراهيم فقير ڳاڙهو (بلاولي) محمد حسن واڍو (ٻانو)، اسحاق فيقر ماڇي (هالا) علي محمد فقير پيچارو (الياس ابڙيجا) عطاءُ الله سونارو (نيو سعيد آباد) سچڻ فقير چچر، مولا بخش ڪيريو، حافظ محمد اسماعيل سنجراڻي سيد علي اڪبر شاهہ، سيد پريل شاهہ، محمود شاهہ، سيد امين شاهہ (نکر) - سيد علي گل شاهہ، ڊاڪٽر عبداللطيف شاهہ، محمد اسماعيل ڪيريو، فقير محمد هاشم ڪيريو (چوٽياريون) فقير ربڏنو لاکو، علي نواز لاکو، محمد ياسين عاشق بابا، محمد معاذ ڪيريو، پنهل فقير ڪيريو (پرياروهہ) پريل لاڙڪ، ارباب لاڙڪ، ماستر علي قمر مگريو، رحمت الله پيچارو، عثمان خان انڙ، فتح محمد چانڊيو، ڪارو مناهجو، عمر مناهجو، عبدالوهاب چنو، عبدالحفيظ چنو، الهڏنو عرف چري سرڪار (نيوسعيدآباد) خان محمد سولنگي، حيدر سولنگي (شاهہ پور چاڪر) صاحب خان رند راز علي رند، مراد علي رند، محمد عالم جهلوجو، مير حسن حجم،فقير نور محمد ميمڻ، فقير رضا محمد ڪيريو، ڪريم بخش ڪيريو، محمد حنيف شاهہ، علي رضا شاهہ، نور انور شاهہ، علي حيدر شاهہ، شمس الزمان شاهہ، عظيم شاهہ، امتياز علي شاهہ، لعل حسين، سيد محبوب شاهہ مست، ثناءُ الله شاهہ،سيد سرور شاهہ (نواب شاهہ) سيد غلام شاهہ (پليڏنو ڪاڪا) سيد يوسف شاهہ (ڪنڊيارو) سيد غلام محمد شاهہ (سيراج ڪاڪا) درمحمد شاهہ (سڪرنڊ) سيد اصغر علي شاهہ (قاضي احمد) مخدوم پيربدرحسين عرف پير پپو (هالا) مخدوم نوح فقير (هالا) پير حمد الله شاهہ

راشدي (پير جهنڊو) سيدپيرل شاهه (الياس اڳوڇا) سيد محمد شاهه. پير مشتاق علي شاهه (ڇن) سيد علي گوهر شاهه (ڪاڙي) گلڻ شاهه. سيد مٺن شاهه ۽ مراد علي شاهه (ٽنڊوالهيار) محمد حنيف شاهه (پير ڏيڪري) سيدسڪندر شاهه. شيخ محمد ڪاڪا

گذر اوقات:

اعجاز علي شاهه سائين جن کي پنهنجي والد صاحب جن جي زمين جي ورهاست مان 194 ايڪڙ زمين ملي. جيڪا نواب شاهه کان اوڀر طرف ڳوٺ سرهوڙي خاصخيلي لڳ ديهه ڳرجرو ۾ هئي. اها پاڻ آباد نہ ڪرائي سگهندا هئا ۽ هميشہ مقاطع تي ڏيندا هئا. اهڙي طرح ان مان گذر سفر ٿيندو هو. پاڻ سال 1962ع جي وچ ڌاري هجرت ڪري ضلع سانگهڙ جي ڳوٺ پير سيد معين مهدي شاهه ۾ لڳ نواز ڏاهري اسٽيشن سڪونت اختيار ڪيائون. 11 سال اتي رهيا ۽ 1973ع ۾ وري هجرت ڪري نيو سعيد آباد تعلقہ هالا ۾ اچي ويٺا ۽ ڳرجري واري زمين کپائي پنهنجي همشيرهن کي حصو ڏئي باقي پئسن مان پراڻي سعيد آباد لڳ ڳوٺ ڪڏ وارا حاجاڻ وٽ 82 ايڪڙ زمين خريد ڪري ٽيوب ويل هڻائي پاڻ آباد ڪرايائون.

نيو سعيد آباد ۾ پنهنجي پلاٽ ۾ جاءِ نہ هئڻ باعث زمين مقاطع ڏيندي ٻن سالن جا پئسہ اڳواٽ وٺي پلاٽ بہ ورتائون ۽ جڳهہ ٺهرائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيائون هڪ سال اندر جڳهہ تيار ٿي ۽ پاڻ اڳ ويٺل حاجي نبي بخش خاصخيلي جي جاءِ خالي ڪري پنهنجي حويليءَ جي ڪوٺ ۾ رهڻ لڳا. جتي اڄ تائين سندن اولاد رهندو اچي. اها زمين آهستي آهستي وڪرو ڪندا گذر سفر ڪندا رهيا.

سندن مزاج ۽ رواداري:

پاڻ تمام خوش خلق ۽ حليم طبع سان خاموش رهندا هئا سدائين صبر ۾ رهندا هئا. ڪنهن سان بہ ڏاڍي وڏي وات ڳالهائيندا نہ هوندو هو. سڀ سان سٺي سلوڪ سان ملڻ ٿيندو هو. زماني جي ناسازين توڙي ڏکن غمن جو ظاهر ۾ ڪوبہ اثر معلوم نہ ڏسڻ ۾ ايندو هو. انسان سان تہ محبت رکندا هئا پر جانور، ڪتا توڙي پکي، جيت ٻلا وغيره سان پڻ پيار ڪندا هئا. ڪنهن کي بہ ڏکوئيندا نہ هئا. ان لاءِ شعر ۾ چيو اٿن تہ:

ٿلهہ: پرينءَ جي پار جا ماڻهو، اچا ڪارا بہ مون پيارا
انهن جا ناز ۽ ماڻا انگل آرا بہ مون پيارا
(1) جڏهن تو آئون ڏسان جوئي - ڪڙو ناهي منجهن ڪوئي
پيان هٿ پير سندن ڌوئي - مٺا ڪارا بہ مون پيارا

(2) سين سان دل منهنجي گهري ـ هجن مسلم تروڙي ڌري
قياسي يا صفا ٺهري ـ ظلم وارا به مون پيارا

(3) چوي ”اعجاز“ ملي هيڪر ـ دوئي ڪير دور جڏهن دلبر
لڳا مون کي تڏهن هر هر ـ منهنجا مارا به مون پيارا

پاڻ هر ڪنهن سان همدردي ۽ اخلاص سان ملندا ڪلندا هئا. هڪ ڪلام ۾ چيو اٿن ته:

ڪلمڪ هجڻ ”اعجاز“ منهنجي طبع ۾ آ شامل
ڪٽي ڪنهنسان منهن گهنجائڻ ـ اهو لچڻ هت لسيل آ
سوين زخم پيا چڪن پر ـ هر زخم جڻ چنلُ آ

سخا ۽ مهمان نوازي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سائل کي هڪ دفعي گهوڙو ۽ ٻئي کي مينهن پڻ ڏنائون. اجرڪ، ڪپڙن جا وڳا ڪيترن کي ڏنائون. پر ايترو ضرور چوندس ته ماڻهن کان لڪائي اڪيلائي ۾ ڏيندا هئا. جيئن ڪنهن کي خبر به نه پوي.

مهمان نوازي ۾ اڄ تائين سندن مڪان تي لنگر جاري آهي. تمام خلوص ۽ محبت سان ماني کارائيندا هئا. جيڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو آيو ته ان لاءِ پنهنجي عزت وقار سارو ڪاٻه گهٽتائي نه ڪندا هئا.

ڳوٺ محمد خان مگسي جو فقير نظر محمد مگسي وٽ اعجاز سائين جون ٻه مينهون آهن جن جو کارائڻ پيارڻ مٿس آهي ۽ هر روز 8 ميل ڪڏهن پنڌ ڪڏهن لاري (بس) ۾ کير کڻي پهچائيندو آهي. پوءِ کڻي مينهن برساتيون، طوفان هجن. هڪ دفعي زبردست مينهن وسي رهيو هو ته نظر محمد فقير مگسي کير کڻي مڪان وٽ پهتو ته سائين اعجاز جن اشارو ڪري چيو ته اجهو اهو فقير نظر محمد بهشتي کير کڻي پيو اچي ۽ اڄ تائين هن جي اها ڊيوٽي آهي. ۽ مينهن جا ڦرتاتي جاري وڏا ڪري سائين جن جي حڪم موجب ڪپائي پئسا حاضر رکندو آهي.

سندن حُليهٔ مبارڪ ۽ پوشاڪ:

اعجاز سائين جن رنگ جا سانورا، قد جا پورا پنا درميانه هوندا هئا. سياري ۾ سلوار خميس، گرم سيٽر، جرسي لوئي يا اجرڪ. پيرن ۾ گهڻو ڪري زنجيرن سان بند بوٽ ۽ مٿي ۾ سنڌي ٽوپي. ڪڏهن ڪڏهن مفلر پڻ اوڙندا هئا. اونهاري ۾ سلوار خميس ۽ هٿ ۾ سادو رومال کڻندا هئا. ٻچپن ۾ ٿورو وقت شهپر رکاياڻون ۽ پوءِ سدائين ڪلين شيو رهيا. سندن رخ مبارڪ ۾ خوش خلقي ۽ صبر گهڻو هوندو هو. جيڪڏهن ڪا ڳالهه ڪندا هئا يا ڪو ڪم چوندا هئا ته تمام آهستي ڳالهائيندا هئا. ڪا ڳالهه پڇبي ته ان جو صرف جواب ڏيندا هئا نه ته خاموشي اختيار ڪندا هئا. ڪلام ڪافي جو دل تي

خيال ايندو هونِ تہ چئي ڏيندا هئا تہ ماستر کجھ ڪلام ٻول نهي ريا آهن. ڪڏهن تہ اهي ڪلام رجسٽر تي لکي ڇڏ. اهڙي طرح پاڻ اهي ڪلام لکائيندا هئا آئون سندن روبرو لکندو هوس. انهن ڪلامن جي لکڻ بعد ڪانئن معني مفهوم بابت پڻ رهاڻ ڏيندي هئي ۽ سنجيده نموني وضاحت ڪندا هئا. سندن جيڪو بہ ڪلام آهي اهو مون 1967ع کان 1982 تائين سندن اصلاح سان گڏ ڪري رجسٽرن تي پنهنجي هٿ اکرن سان جمع ڪيم جيڪو اڄ تائين وٽن موجود آهي.

سدائين فڪرَ ۾ رهندا هئا. عارفن ۽ عاشقن، توڙي سالڪن جي ڪلام ٻڌڻ جا شائق هئا. صبر ۾ رهڻ ڪري سندن خيال حقيقت ۽ حق ڏانهن مائل هوندو هو.

مجلس جا آداب:

قبلہ اعجاز علي شاھ سائين جن جيتري قدر صابرين هئا. اوتري قدر سخن شناس ۽ سخندان پڻ هئا. جيڪو سخن ڪلام چيو اٿن ان تي پاڻ باعمل هئا. ان ۾ صداقت سچائي، يقين جي بوءِ ايندي آهي. ان جي طفيل محبت سان ملڻ ۽ خلق سان مرحبا ڪرڻ ڪري هر ڪنهن طرف سڪون صبر ۽ خاموشي ڇانيل رهندي آهي. هرڪو با ادب. اخلاق سان جتي جاءِ هوندي اتي ويهندو آهي ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن پنهنجي طرفان شڪايت نہ ڪئي تہ مون کي تڪليف ملي. سندن نظر جي شفقت اها هوندي هئي جو عزيزن خويشين توڙي معزز مهمانن کي اٿي ملندا هئا ۽ پنهنجي ڀر ۾ ويهاريندا هئا. ان مجلس جي آداب جو مون نقش هيئن چٽيو:

تلھ: منهنجي اعجاز جي محفل - ٻڌڻ گهرجي ڏسڻ گهرجي
رَهي خاموش خوش دل ٿي - اچڻ گهرجي وڃڻ گهرجي

(1) ڪڏي ڪيني ۽ ڪلڪل کي - مَنجَهُ ٿي ٻڌ تون محفل کي
هتي حاضر ڪري دل کي - ڏيڻ گهرجي وٺڻ گهرجي

(2) اَمر ۾ آشڪارو ٿي - حقيقت حال وارو ٿي
سراپا صاف سارو ٿي - اٿڻ گهرجي رهڻ گهرجي

(3) ڇڏي دارالفنا جو در - ڪري اثبات سارو سر
مٿوتو قبلل مري هر هر - مرڻ گهرجي جيئڻ گهرجي

(4) ادا "خاڪي" نہ وجھ گهاريُ - اٿئي هيءَ مَهل موچاري
ڪري سِرُ گهور لک واري - سٽڻ گهرجي، ڪٽڻ گهرجي

سندن محفل جي رونق، سونهن، محبت ۽ صبر سان لبريز هئڻ ڪري مون کي حضوري نقش ۽ حال خيال ميسر ٿيندو هو ۽ هميشہ سندن مهر نظر ۽ توجہ جي نوازش ٿيندي رهندي هئي. محبت ۽ ادبُ

توڙي سچائي و فائي سندن صورت توڙي سيرت مان ظاهر هوندي هئي.

تلهه: سچڻ سِڪَ يار سچ بولڻ - دنيا جا خوف ڊپ لاهي
اوتاري متصفن جي اچ - ڏيا سڀ ڪُوڙ جا ڊاهي
(1) اصل چانديءَ جي رِيُٺي جيئن - چِٽو چنگ ڪان ڀ ٿي وڃ تون
ٻاڙو، ٻوڙو، ملو ٿئين جو - مٿا تو ۾ ته مَتَ نَاهي
(2) قلب آڪسو ٿي تنهنجو - پرک تنهنسان تون حق باطل
سواءِ دل جي نه سڌ پونديئي - ته حق چاهي باطل چاهي

سندن ڪيفيت ۽ ڪردار جا اهڙا ڪيئي مثال سندن شعرن مان ملندا.

المجاز:

آئون راقم الحروف جيئن ته 1958ع جي اپريل مهيني ۾ سندن ڳوٺ درگاهه شريف تي هيڊماستر طور بدلي ٿي آيس. هن کان اڳ اعجاز سائين جن سان ملاقاتون ته ٿيل هئي. پر سندن مجازي ۽ حقيقي توڙي روحاني حال ۽ شعر کان متاثر هوس ۽ پاڻ پڻ منهنجي اسڪول ۾ بدلي ٿي اچڻ ڪري تمام خوش ٿيا. سندن اوطاق درگاهه شريف تي حويلي جي اوڀر طرف هئي. اتي گهرايائون تمام وڏي خلق ۽ محبت سان پيار ڏنائون. سندن شعر و سخن بابت پڻ رهائيون ٿيون. ڏاڍو دل کي قرار آيو. ان هڪ ملاقات ۾ ئي سندن مون حقير تي نوازش ٿي ويئي. اسڪول مدرسي اندر هڪ ڪمري ۾ هو ۽ صبح شام ٻه ٽائيم پڙهائي هوندي هئي. اسڪول جو بيل موڪل جي وجهڻ وقت پاڻ حويلي مان ايندا هئا ۽ آئون اسڪول مان سندن مڪان (اوطاق) تي هن پهرن جي ٻه ڪلاڪ موڪل سائڻ روح رهاڻ ۾ گذاريندو هوس. ان رهاڻ ۾ مجاز بابت عرض ڪيم ته هي توهان جو شعر مجازي رمزن، غمزن سان ڀرپور آهي، جنهن ۾ حسن جي منظر نگاري دل جي آهه و زاري سان اظهار ڪيل آهي. ڇا اهڙي مجازي چوٽ بابت ٻڌڻ لاءِ عرض ڪيان ٿو قبول پوي. پاڻ فرمايائون انهي مجازي حسن ته موهت ڪري اظهار ڪيو آهي، صورت تي ئي شعر ۽ خيال جو حال پيدا ٿيو. اها صورت نقش ٿي دل تي تصوير ٿهي ويئي آهي.

تلهه: يار جو تصور ڪندي - تصوير وئي دل تي ٿهي
سامدا سامهون اکين جي - راهبر ٿي آ رَهي

بس پوءِ ته ڪئين پيرا اهڙيون رهاڻيون ٿيون. انهن رهاڻين ۾ بار بار با ادب محبت سان عرض ڪندو رهيس ۽ پڇندو رهيس ته انهي مجازي محبوب جي ڪجهه آگاهي ڪرايو. پر پاڻ اچ تائين ڪا به اهڙي چاڻ نه ڏنائون. ڪنهن کي معلومات آهي، پر ايترو چيائون:

تلهه: اکين واري ناتي - ڏاوي چوٽ چاڙهي

اهو درد لا شڪ - ڪندو نٿي پڇاڙي

سندن قول مطابق انهي فراق ۽ درد ۾ آخري وصال تائين مُحڪم رهيا. سندن پاڪ محبت ۽ پاڪ عشق اهڙو رنگ لاتو جو ڪيترا راڳ ڳائيندڙ فقير بنا ڪنهن چوڻ جي ڪري سندن رنگ ۾ ۽ عشق ۾ از خود ايندا رهيا.

مون کي ياد آهي تہ هڪ ڏينهن سائين اعجاز علي شاھ هڪ بيت ٺاهيو ۽ سيد حسن شاھ کي ڏيکاريائون. تنهن چيو تہ بيت سٺو آهي. اهو ٻڌي سائين اعجاز علي شاھ هڪ مزاحيہ بيت ٺاهيو:

حسن شاھ حَدَ ڪَيئي، صلاح نہ ڏين ڪا سئين.
ريجهو ڪريو رهاڻي ڪي، پاسي ۾ پٺين.
رڳو چپن سان پيو چئين، تہ رهوا بيت پلو ٿيو!!

تيئي ڇٽا ڏاڍا کلياسون. ڪهڙو نہ محبت ڀريو عجيب وقت هو.

انهي سال جي وچ ڌاري هجرت (نقل مڪاني) ڪري، ڳوٺ معين مهدي شاھ ضلع سانگهڙ ۾ سيد زين العابدين شاھ سان پڻ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. اتي بہ ذڪر ڪيل عيدن جي ڏهاڙن تي محفل سماع جا وڏا اجتماع ٿيندا رهيا. 1967ع ۾ رئيس دوست علي خان ڪٽياڻ جي دعوت تي، محمد فقير ڪٽياڻ جي ميلي تي فقراء ۽ سنگ سميت وڃڻ ٿيو اتي بہ راتيون رهڻ بعد درگاھ فقير ولي محمد لغاري جي گادي نشين نواب اميد علي خان لغاري دعوت ڏيئي تاجپر وٺي هليو. اتي پنج راتيون ترسائي سائين اعجاز علي شاھ سان روح رجنديون رهاڻيون ڪيائون. اتان موڪلائي هڪ رات نصرپور ۾ مصري شاھ جي درگاھ تي پڻ حاضري ٿي. اتان واپس الهڏنہ ساند اسٽيشن تان ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ٽنڊي آدم ۾ صفر مهيني جي 14 تاريخ جمن جتيءَ جي درگاھ تي محفل ڪري 15 تاريخ جي صبح جو ريل رستي ڀٽ شاھ ۾ حضرت شاھ عبداللطيف جي ميلي ۾ فقراء سميت حاضري ٿي. جتي صادق فقير ڀنيرو، ويٺل ڀٽياڻي مليو. ان کي ساڻ ڪري واپس ولي محمد ابڙيجہ جي اوطاق تي چند راتيون رهياسون. ان سموري سفر ۾ فقراء سميت آئون (محمد صابن) شامل هوس. ان بعد پاڻ واپس ڳوٺ معين مهدي شاھ روانا ٿيا. اهڙي طرح 11 سال اتي رهيا ۽ سمورو فقراء ۽ يار دوست وٽن ايندا رهيا. 11 سالن بعد 1973ع ۾ هجرت ڪري شهر نيو سعيد آباد تعلقہ هالا ۾ پنهنجو پلاٽ خريد ڪري اتي سڪونت پذير ٿيا، جتي اڄ تائين ساڪن آهن.

سير سفر ۾ هيو پيرو سيد حبيب الله شاھ ويٺل ڳوٺ آرائين لڳ مديجي ضلع شڪارپور تعلقہ ڳڙهي ياسين وٽ 1988ع مارچ جي 15 تاريخ فقراء سميت دعوت تي وڃڻ ٿيو. اتي هڪ رات رهي محفل سماع ڪرڻ بعد ٻي رات لاڙڪاڻي ۾ رٽائرڊ اسسٽنٽ ڪمشنر غلام مرتضيٰ صاحب پٺي جي دعوت تي وياسون. جيڪو غمدل فقير جو طالب آهي. ان وقت غمدل فقير جي ورسي ملهاياٿين. اتي بہ سڄي رات

راڳ ويراڳ جي محفل ڪري صبح جو 10 بجي روانا ٿي موهن جي دڙي جو ديدار ڪري رات جو 8 بجي سعيد آباد پهتاسون.

وفا جي جوش ۾ مون کان وڪون واڌيون ويون پرچي
وري پوئتي واران پاهون، ته راهون سي ڪٿان آئيان

زماني سازي ۽ سياست وغيره کان ڪناره ڪش آهن. سندن قول فعل حقيقت ۽ سچ تي مبني آهي. سدائين صابر ۽ شاڪر رهيا آهن. ڪنهن جي شڪوه شڪايت جو وٽن نالو به ڪونهي.

درگاهه شريف تي سندن وڏو ڀاءُ الحاج حضرت پير سيد محب الله شاهه راشدي جهنڊي وارا رحمته الله عليه جن حافظ ۽ عالم هئا ۽ مدرسه ۾ عربي جا ٿي استاد. فارسي جو هڪ ۽ ڪيترا ڳوٺ توڙي ٻاهر جا طالب ديني تعليم حاصل ڪندا اچن. ان احترام ڪري اسان سائين اعجاز ۽ طالبن راڳ رنگ (محفلِ سماع) رات جو مناهي شاخ نشنل هاءِ وي ۽ ريلوي لائين جي وچ ۾ رچائيندا هئاسون ۽ طالب ۽ فقراء وڏندو ويو 1958ع کان محمد ايوب صدر پاڪستان مخدوم صاحب جن جي زمين هارين ۾ ورهاست ڪئي. ان مان ولي محمد ابڙيجه ويٺل ڳوٺ الياس ابڙيجه کي درگاهه شريف کان اتر اوير نشنل هاءِ وي ۽ ريلوي لائين وچ ۾ زمين ورهاست ٿي ملي. اتي اوطاق ٺهراياسين جتي سڀ طالب فقير محفلِ سماع لاءِ ايندا رهيا.

سال جي ٻن عيدن رمضان شريف ۽ عيد الاضحيٰ تي وڏيون محفلِ سماع جون ڪچهريون ٿينديون هيون. جتي سنگت ساٿ مريد فقير گهڻي قدر ٻڌڻ ۽ ملڻ ايندا رهندا هئا.

مجازي، معنيٰ، مُرڪ، مهميز

(1) مجاز (ع مذڪر): با اختيار، حقيقت کان ٻاهر.

(2) مجازا: مرضي سان، رضا يا فريضا. مجازي (صفت) ظاهري، بناوتي.

مجاز: اڪر جي مٿين معنائن مان تصديق ٿي ته ظاهري، بناوتي حسن يا صفت جنهن کي بقا نه هجي معنيٰ حقيقت ۽ حق ڏانهن وڃڻ يا ملڻ لاءِ ظاهري نظارو. هن ظاهري، بناوتي، حسن يا صفت ۾ حق جو ظهور آهي. ان کي بصيرت وارن غور فڪر سان سچائي، پنهنجي صفائي ۽ سچائي سان. محبت ڪرڻ ۽ پيار پريت جي رنگ، ونگ، وصل، پيچ سان پاڻ مشاهدي ۾ محو ٿيڻ ڪري جيڪو اثرات نمودار ٿين ان کي ابتدا ۾ مجاز چئبو آهي. اهو مجازي عشق صفت جي هر صفت سان ٿي سگهي ٿو. پر انسان جو انسان سان پيار ڪرڻ ۽ ان کي پاڪائي ۽ صفائي سچي محبت سان ڏسڻ. پڄازي تڙ ڪرڻ سان ٿي صورت سهاري فنا ڪائي ڪامل محقق مرشد جي رهبري سان اڳتي وڃڻ کي ٿي عاشقن صورت جو سڏو پنڌ سڏيو آهي.

قبلہ سائين اعجاز علي شاه جن هڪ تہ موروثي شاعر آهن، جيئن تہ سندن خاندان ۾ حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحمتہ اللہ عليہ جن خود ۽ سندن اولاد پاڳارا راشدي خاندان توڙي جهنڊي وارا راشدي خاندان ۾ ڪيترا آفاقي ۽ روحاني شاعر ٿي گذريا آهن، جن جو بيان اڳ ڪري آيو آهيان، تيئن مٿن موروثي شاعري جي ذات پڻ عنايت ٿيل آهي. ٻيو تہ مجازي چوٽ جو رنگ لاٿو، تنهن ويتر حسن نگاري جي منزل عشق ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

جيئن هڪ شاعر چيو آهي تہ: نانگ ڏنگي ٿو ٿنگ، پر عشق ڏنگي ٿو اک کي، تيئن اعجاز سائين پڻ چيو آهي، ظاهر ۾ اک ڏسي ٿي، پر اصل گهاءُ دل تي ٿئي ٿو. اهو ڪيئن:

(1) تنهنجي اکين جا تير ـ نيٺ چڙهي پيا جاني جگر ۾

(2) نينان ماريا تير برهہ دا ـ جگر ڳيا اوجهور ميان

حُسن جي ڏنگ جو اثر دل، جگر تي ٿيڻ ۽ دل جي آه و زاري زبان سان اهڙي طرح بيان ڪرڻ جو هڪ گهايل دل ٻئي جي گهايل دل کي احساس ڏياري گهاءُ ظاهر ڪري، وري ٻئي ڪلام ۾ چيو اٿن تہ:

ٿلهہ: گهوڙا ڪجل جي گهاءُ ـ آئون گهايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيئان ٿي

گهاءُ اهو ڪو آهي اهڙو ـ سڀ وڃايئين ساهہ ـ آئون گهايس ناتہ مران

هتي پروڙڻ گهرجي تہ اهڙو گهاءُ ٿيو جو نہ مرڻ آهي تہ جيئڻ آهي. اهڙو ساهُ عاشقن لاءِ معراج آهي. هو عاشق اهڙي صدا هميشہ ڪندا، جنهن ۾ وصل وصال بہ هجي پر وڇوڙو بہ هجي. جيئڻ کي وڇوڙو ۽ مرڻ کي وصال پائين ٿا. هر فر مرڻ، هر هر جيئڻ سچي عاشق لاءِ نعمت ۽ راحت آهي. هن شعر ۾ ٻي معنيٰ سمايل آهي. شاعرائي خوبي اها هئين آهي تہ:

گهاءُ، آئون گهايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيان ٿي

وصالي واءُ، آئون گهايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيان ٿي

تيغ ابروءَ جي تاءُ ـ آئون گهايس ناتہ مران ٿي، ناتہ جيئن ٿي

ساهُ ـ آئون گهايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيئان ٿي

ڏسو تہ قافيہ جو رديف سان ڪهڙو نہ سٺو لڳاءُ آهي. قافيہ رديف ۾ اهڙو تہ ٻڌل آهي ۽ گهرو سمايل آهي، جيئن چاهہ زنخ ۾ غوطا مارڻ. هي سائين اعجاز جي روحاني منزل، مجازي چوٽ ۽ شاعرائي صنف جو ڪمال آهي، اهو سمجهندو، جنهن منجهہ عشاقي رمز هوندي ۽ شاعري جي صنف، تجنيس، محاورو، تشبيهہ، استعارو وغيره کان واقف هوندو. حسن جي هرهڪ صنف کي شاعر يا عاشق پنهنجي ذاتي يا ظاهري امنگن مطابق نقش سامهون رکي پنهنجي نقاشي رنگ، ڍنگ سان ۽ سچي محبت، پاڪائي ۽ صفائي سان محبوب جي هر ادا ۽ ناز جي اظهاري ڪندو آهي. هتي اعجاز سائين، سنڌي توڙي سرائڪي ۾ هيئن فرمائين ٿا:

(1) ٿهري نين ڊولڻ ڏي ڪالي (2) چقمق اکيون ڇهڻي ڏيون ـ گهٽڻي موڙيم پرنا مڙيون (3) اسان ديدان رانجهو نال رليان (4) نيڻن جي نينهن ناز نچايا نواب ڪيڻن (5) آنکھ سي آنکھ ملا، مورا ساجن ديدار داريني پايا نظر آيا ـ دلدار کي نينن مين.

اکين کان پوءِ وري ابرو، گيسو، رخسار، لب، زنخ وغيره جي نزاڪت ۽ رعنائي، بيهڪ بابت فرمايائون:

قلهه: اڳيان هن سيف ابروءَ جي لکين ڏڌ، سر، جدا ٿي ويا
انهي تلوار جي آڏو ـ اُهن جا هٿ اڀا ٿي ويا

اُهن جا هٿ اڀا ٿيڻ، معنيٰ جيڪي سرڪشي ۽ سخت دل هئا، انهن به انهي ابروءَ جي تلوار آڏو هار مڃي هٿ مٿي ڪيا.

(گيسو زلف)

قلهه: اهي زلف ڪي ،نانگ گهنڊيرا ـ ڪن الفيون ڇيرا ڇيرا
تنهن تي نچائي ڏس تہ چڙهيڻن ـ ڪيڻن ڪاپڙي ڪن ڦيرا
تاب حسن "اعجاز" تني جي ڪوليا برهہ ٻحيرا

زلفن، ڪارن گهنڊيدار وارن هن دل جي بحر کي يا خيال کي سمنڊ وانگر ڪولي ڇڏيو.

رخسار:

نڪ نيڻ پرون پيڪاني پلڪ ـ رخ رخسارن جا افشاني جهلڪ
لاثر لعل لبن جي لاثاني چمڪ ـ ٿالم هوش ڪري مدهوشن جا

زنخ:

قلهه: اسان چاهہ زنخ مان پيتو زم زم ـ وسري ويوسون بيت حرم

مصرع ۾ پڻ اهڙي طرح وضاحت ڪيل آهي، چاهڻ گهرجي تہ حسن جي هر صنف کي گهري ۽ گهاٽي نظر سان مايو اٿن. جيئن:

قلهه: هن زلف جي ڪاري ڪمند زاهد ڪئين زندان ڪيا
زاهد ڪئين زندان ڪيا، تن جا عمل ايمان نيا
(1) سوداءِ مشڪين موءِ کان ـ هر سن ۾ سو صنعان ٿيا
مذهب ڌرم جا دين جا ـ ٻوڙي ٻٽي تہ جهان ويا

ڏسو مجاز جي مهميز مان اصل حقي حُسن ڏانهن وڃڻ لاءِ اشارو. جيئن پير سائين رشيد الدين شاه (بيعت ڌڻي) جن پنهنجي چلي شريف ۾ بيان فرمايو ته:

(1) زلف وليل سياهه - جبين وشمس وضحيٰ
ابرو سجده گاه - مژگان سورهه سپاه
کوثر عين کمال - سڻ چلي دي ڳالهه

(2) انف تيغ عريان - رزمگاهِ رخدان
لب ياقوت مرجان - لٺڙ، لٺڙ هين دندان
زنغ حبس خيال - سڻ چلي دي ڳالهه

هتي زلف ۽ زنغ جي ادا، نقش ۾ ساراهيل آهي. مجاز ۾ حقيقت جي معنيٰ سمايل هجي. اعجاز سائين جن جي شعر ۾ اهڙيون خوبيون تمام گهڻيون آهن. جيئن ته:

کن ڪروڙين عشق پيا - پر ڪو وڃي ٿيو ڪامياب
ڪي ٿڏي تي ٿي ٿڪي پيا - ڪي هلي ٿيا مهڻي هاب
(واٽ وچ تان موٽ ڪائي)

سچي ۽ پاڪ محبت سان صورت وارو عشق ڪامياب آهي. ان ۾ حق ڪي پسڻ بي مثل، مثل ۾ ۽ بي چون، چون بنجڻ جو مثال

با نقطي اکر جيئن نون بڻيو - تئين نقش اکين گونا گون بڻيو
بي چونُ اچي اِتي چونُ بڻيو - صفا نونُ صورت جي سينگار مثل
آهن ڪي ڪي اکيون - اسرار مثل

وري بڻي هنڌ هندي شعر ۾:

ٿلهه: ديدار دارينی پايا - نظر آيا - دلدار کے نينن مين

(1) رخ دلبر داهي درين - کرو اهين وچ اپنا درسن
دوجها ذوق سبهوهي ضايع - سچ بتايا - دلدار کے نينن مين

(2) شک چهوڑشکي کرشورنهين . اهين نينا وچ کوئي اور نهين
رب سائين آپ سمايا - ديرا دمايا - دلدار کے نينن مين

(3) پُرجام پريم داهي کر . گر گياني وچ گُم تهي کر
بيجهے سوز "اعجاز" پرايا- من پر بهايا- دلدار کے نينن مين

اکين ۾ مشاهدو ماڻڻ، اهڙو مثال ڏيڻ جو حق ڏسڻ اِهائي سچي صوفي عاشق، سالڪ جي سڃاڻپ آهي. سندن خيالن جي پاڪائي جي اها حد جو جيڪو سخن يا شعر چيو اُن ان تي باعمل رهيا

آهن. سڪ ۽ محبت جو راز مخفي رکڻ لاءِ شعر ۾ اهڙو انداز لڪائڻ جيئن ته:

پري ٻه ٿيان نه پرينءَ کان - ويجهو وڃڻ نه پايان
آهيان انهي خيال جو - ته سِڪ نه لڪايان
لايان نهايان - ٻنا انت "اعجاز چئي"

سڪ جو انداز ٻئي شعر ۾ هيئن فرمايو اٿن:

قلهه: رشڪِ نصيب آهيان، ڪمتر نصيب هوندي
آغوش ۾ صنم آ - رهزن رقيب هوندي
(1) آئون داغ پنهنجي دِل جا - دل ڪان ٻه پيو لِڪايان
ڪيئن عام ڪي پوءِ تن جو - واقف سدّي ٻنايان.
من جي طبيب محرم - ماهر مجيب هوندي

ساڳئي شعر ۾ آخري ٽالي واري مصرع ۾ فرمايو اٿن، جيئن ته جنهن ٻه عاشق پنهنجي مطلوب کي حاضر نه سمجهيو ۽ غائبانه پيار ڪيو ته اهو طريقو صورت واري پنڌ ۾ جائز نه آهي. اهو ڪامياب نه ويندو، ڇوته مطلوب توڙي مرشد جي صورت ٻنا پنڌ اجايو آهي. تصور ۾ تصوير جو هجڻ لازمي آهي. جيئن ته:

اِڄ ڪلهه جا نينهن ناتا - اعجاز ٻي نويدا
ٻي جا رواج رسمون - ٻي جا عمل عقيدا
ڪن غائبانه يارين - حاضر حبيب هوندي

همہ اوست بابت وضاحتون

قال اويس قرني رضي الله عنہ: اذاتم عيش العبوديہ فعيشہ عيش الله تعاليٰ. يعني جڏهن وقت پورو ٿئي ٿو عيش ٻانهپ جو، پوءِ عيش اُن (ٻانهپ) جو عيش الله تعاليٰ جو عيش آهي.

قال امام علي زين العابدين رضي الله عنہ: يا رب لو جوهر علم الوح بہ لقيل لي انت ممن يعبد الوثنا. يعني اي رب! جيڪڏهن جوهر علم جو ظاهر ڪريان تہ مون کي چيو ويندو تہ توُن انهن مان آهين جيڪي بتن جي پوڄا ڪن ٿا.

امام جعفر رضي الله عنہ: ڪين چيائون تہ: اوهان متڪبر ڇو آهيو؟ فرمايائون تہ منهنجو پنهنجو تڪبر ۽ پندار هليو ويو ۽ ان جاءِ تي الله تعاليٰ جو ڪبر اچي ويو آهي.

شيخ معروف ڪرخيءَ چيو تہ: ليس في الوجود احد الله. يعني وجود ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ آهي.

هڪ ڀيري ٻاٿي فقر حضرت علي عليہ السلام ڪرم الله وجهہ بحالت عروج ۽ سڪر وحدت پنهنجي خطبي ۾ فرمايو تہ: مان ئي اسم الله جي ڪان لفظ ڏنو ويو آهيان ۽ مان ئي الله جو جنب آهيان جنهن ۾ توهان افراط، تفريط ڪئي آهي ۽ مان ئي قلم آهيان، مان ئي لوح آهيان، مان ئي عرش آهيان ۽ مان ئي ڪرسي آهيان، مان ئي ست آسمان آهيان، مان ئي ست زمينون آهيان. پوءِ جڏهن اثناءِ خطبي ۾ عروج کان لهي نزول جي حالت ۾ آيا ۽ وحدت جي تجلي اٿي ويئي. پوءِ پاڻ معذرت ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي عبديت ۽ عاجزي جو اظهار ڪيائون.

اقوال حضرت شيخ احمد فاروقي، لقب حضرت مجدد الف ثاني امام رباني رحمتہ الله عليہ

(1) شرُ نفس، شيطان جي شر کان وڌيڪ آهي. (2) عجز جو اظهار ڪرڻ عبادت آهي.

(3) ڪفر کان پوءِ وڏو گناهہ دل آزاري آهي.

پاڻ همہ از اوست طريقہ جا قائل ۽ پابند هئا ۽ حضور انور صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت طريقہ تي هر دم پابند هئا. تمام عمر حق تعاليٰ جي ظاهري ديني تعليم جي تبليغ ۽ اطاعت ۾ مشغول رهيا. جيڪي ڪجهہ فرمائيندا هئا، سڀ ڪن ڪان سمجهي پيروي ڪندا ۽ ڪرائيندا هئا. علم لدني جي ڄاڻ ۽ سمجهہ هُوندي بہ ڪڏهن بہ (شطحيات) شريعت جي پابندي کان هڪ قدم بہ نہ هٽيا.

حقيقي تصوف جي اپٽار:

الله تعاليٰ قرآن پاڪ جي سورت فرقان پاره 19 آيت ڪريمہ 63 ۾ بسم الله الرحمن الرحيم

وعبادالرحمن الذين يمشون علي الارض هونا واذا خاطبهم الجاهلون قالوا سلاما

ترجمہ: رحمن جا اهي ئي بندا آهن، جيڪي زمين تي اخلاق ۽ عاجزيءَ سان هلن ٿا: جاهل ماڻهو انهن کي سڏين ٿا، ڏسن ٿا تہ هو سلام ڪن ٿا.

حديث پاڪ: من سمع صوت اهل التصوف فلا يؤمن علي دعائهم كتب عندالله من الغافلين

ترجمہ: جيڪو صوفين جو آواز ٻڌي انهن جي دعا تي آمين نٿو چوي تہ اهو الله جل شانہ ويجهو غافلن ۾ شمار هوندو.

عرض تہ تصوف جي معنيٰ آهي ٿي صفائي، عاجزي، اخلاق، سيرت، محبت ۽ انهن سڀني لطيفن تي يقين سان ۽ دوئي کان سواءِ عمل ڪرڻ ئي تصوف آهي. وري قرآن پاڪ ۾ الله جل شانہ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت خواجہ خضر عليہ السلام جو قصو مجي پڪل جو درياءَ ۾ وڃڻ، حضرت خواجہ خضر سان ملاقات ٿيڻ، ٻيڙي کي سوراخ ڪرڻ، ڇوڪر کي ڪُهڻ ۽ پٽ ڊاهي نئين ڏيڻ، انهن حقيقتن جو حضرت موسيٰ عليہ السلام کي راز نہ ڏيڻ ۽ خواجہ خضر کي باطن جو علم (لدني) ڏيڻ. انهن سڀني سببن ڪري هرڪو عالم، فقير، اولياءُ، عاشق، عارف وغيره بنا شڪ شبہ جي قبول ڪندو تہ ظاهري علم تہ آهي پر باطني (لدني) علم بہ الله تعاليٰ انسان کي عطا ڪيو آهي. اسان جا عالم سڳورا جيڪڏهن قرآن حديث ظاهر جي معنيٰ کي پنهنجي جلسن ۾ بيان ڪن ٿا تہ قرآن شريف جي چوڻ مطابق ان ۾ مٿي بيان ڪيل لدني علم کي بہ انهن کي مڃڻ گهرجي. قرآن پاڪ الله جو ڪلام پاڪ آهي، جيڪو سورت بروج جي آيت ڪريمہ 21 - 22 ۾ ترجمہ سان بيان ڪيل آهي تہ:

بل هو قرآن مجيد 21 (ترجمہ: هي سڳورو قرآن آهي.)

في لوح محفوظ 22 (ترجمہ: حفاظت ڪيل تختي ۾ لکيل آهي)

ڇا لوح محفوظ ڪڏهن ڪان آهي. ان جي مفهوم کي سمجهڻ عشق ۽ محبت وارا جن صرف ماسوي کان جدا ٿي هڪ خدا پاڪ جي هستي جي طلب ڪئي. جنهن لاءِ هرهڪ نبي سڳوري تي حق ۽ فرض ڪيائين تہ صرفُ توحيد ۽ وحدانيت منهنجي بيان ڪريو تہ آئون الله واحد. الله الصمد لم يلد. ولم يولد. ولم يكن لہ كفوا احد آهيان.

ان ڪري فذكروني اذكركم (معنيٰ مون کي ياد ڪريو تہ آئون اوهان کي ياد ڪريان) الانسان سري وانا سره (انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون ان جو راز آهيان) هيترين ثابتين هوندي يقينا ثابت ٿيو تہ لدني علم آهي ۽ اهو انهن کي ئي معلوم ٿيندو آهي. جيڪي سندس گهورا هوندا. حضرت علي عليہ السلام جن علم جا دروازا آهن. انهن کان مٿي ڪنهن جو علم نہ آهي.

(1) ان مدينۃ العلم وعلي بابها (فرمان نبي: آئون علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو)

(2) من طلب شيءِ جد وّجد (فرمان حضرت علي: جيڪو جنهن شيءِ جي طلب ڪري ٿو ان کي ملي ٿي)

معلوم هئڻ گهرجي ته لوح محفوظ ۾ لکيل قرآن مجيد ۽ حضرت آدم عليہ السلام جي پيدا ٿيڻ کان تصوف واحد الاحد (هيڪڙائي) جو درس هر عاشق، عارف، سالڪ، اهل الله، غوث، قطبن ۽ نبين جي پيروي ڪري لدني علم جيڪو روحاني راز الله تعاليٰ جنهن کي ڏئي ٿو. ان جي اظهار ڪرڻ لاءِ پاڻ ٿي پنهنجي سرچوڻ کي انسان منجهان ظاهر ڪري ٿو. تصوف بابت الله وارن ٻن طريقن ڏانهن اشارو ڏنو آهي:

(1) وحدت الوجود ـ همہ اوست ـ سڀ هو آهي.

(2) وحدت الشهود ـ همہ از اوست ـ سڀ هن کان آهي.

شيخ محي الدين ابن العربي، همہ اوست طريقہ جو قائل هو، پاڻ چوندا ته سڀ هو آهي. سندن قول آهي ته: فوقتا يکون العبد وبا بلاشک ووقتا يکون العبدا بلا افک. يعني ڪنهن وقت ٻانهو بلاشڪ رب هوندو آهي ۽ ڪنهن وقت ٻانهو ٻانهو هوندو آهي. شيخ صاحب سطحيات سبب فقراءِ سڳورن جي نزديڪ وڏو ڏهاري آهي، حافظ ابو عبدالله وهبي، علامہ ابن تيميہ سندس سخت مخالف هئا ۽ نهايت زور شور سان عوام خواص ۾ سندس برخلاف تبليغ ڪندا رهيا ته شيخ ابن العربي جي تصنف کي ڪوبہ مسلمان نہ پڙهي ۽ سندس قرآن شريف جو هڪ تفسير 95 جلدن ۾ هو ۽ ٻيو تفسير 8 جلدن ۾ هو. تصوف ۾ سندس ٻہ ڪتاب وڏيڪ مشهور آهن: (1) فتوحات مکيہ (2) خصوص الحکم.

امام ابن سعد يافعي شيخ جو وڏو مداح هو، سندس ڪتابن پڙهڻ لاءِ اجازت ڏيندو هو، چوندو هو ته جيڪي جاهل اهلِ طريقت جا منکر آهن، سي کيس نٿا مڃين. جيڪو خدا جي ولين سان دشمني رکي ٿو، اهو ڄڻ الله سان عداوت رکي ٿو. شيخ جلال الدين سيوطي لکي ٿو ته ابن العربي عارفن ۽ عاشقن جو مربي آهي ۽ تنزلات جو روح آهي ۽ حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي قدم بقدم هلڻ وارو آهي. حديث شريف ۾ آهي ته: ان تحت العرش کنز مفتاحها لسان الشعراء يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته عرش جي هيٺان جيڪو منهنجو مخفي راز (خزانو) آهي، ان جي چاٻي انهن شاعرن جي زبان آهي، جيڪي منهنجي وڏائي بزرگي ۽ نعت شريف ۽ منهنجن پيارن جي ساراهہ بيان ڪن ٿا.

انهن پيارن برگزيده عاشقن، شاعرن، اهل دل عارفن، سچن سالڪن، اوليائن جو بيان ڪندس، جن ظاهري بشريت جي ڪدورت کان صاف ٿي پاڻ ۾ حق جو جمال ۽ جلال ماڻيو. انهن ۾ ڪن ته پنهنجي پاڻ ۾ حق ڏسي سڪر جي حالت ۾ بي ساختہ هي قول چيا ۽ قول تي قائم باعمل رهيا. جيئن ته حضرت ذوالنون مصري رحمتہ الله عليہ جن فرمايو ته (1) صوفي جڏهن ڳالهہ ڪري ته ان جو بيان سندس حال جي حقيقت هجي، (2) ته جڏهن خاموش رهي ته ان جي خاموشي ۽ سلوڪ سندس حال کي ظاهر ڪري، مطلب ته جيڪڏهن ڳالهائي ته ان جي سڀ ڳالهہ حق هجي ۽ جي خاموش هجي ته ان جو هر فعل فکر هجي.

حضرت محمد بن علي بن امام حسين بن حضرت علي المرتضي سلام الله تعاليٰ عليهم اجمعين جن جو فرمان آهي ته: التصوف خلق فمن زاد عليک في الخلق زاد علي في التصوف. يعني پاڪيزه اخلاق

جو نالو تصوف آهي. جيترو قدر پاڪ اخلاق هوندا، اوترو قدر اهو صاف صوفي آهي. پاڪيزه اخلاق جا ٻه قسم آهن: (1) الله تعاليٰ سان گڏ (2) مخلوق سان گڏ. الله تعاليٰ سان گڏ اهي اخلاق آهن، جو الله تعاليٰ جي رضا خاطر قضا، رضا، قدر تي راضي رهڻ. خلق سان گڏ اهي اخلاق آهن جو الله تعاليٰ جي رضا خاطر مخلوق جي محبت جو بار برداشت ڪرڻ ۽ پڻ فرمائن ٿا تہ جتي دل هجي اتي قدم هجي، جتي قدم هجي اتي دل هجي، صوفي اهو آهي جو سواءِ الله جي ذات جي ٻيو ڪجهہ نہ ڏسي.

حضرت پير سائين رشيد الدين شاهہ جي ملفوظات نقل 302 ۾ پنهنجي فرزند حضرت پير سيد رشدالله شاهہ جن جي پڇڻ تہ همہ اوست بابت وضاحت فرمايو. فرمايائون تہ رحمن ڪير آهي، مون چيو تہ الله تعاليٰ. وري فرمايائون تہ رزاق ڪير آهي، مون چيو تہ الله تعاليٰ. وري فرمايائون تہ ڪريم ڪير آهي؟ مون چيو تہ الله تعاليٰ. فرمايائون تہ مزوئي الله تعاليٰ آهي، مون ٻہ چيو تہ مزوئي الله تعاليٰ آهي. پوءِ پاڻ حضرت رشيد الدين شاهہ (بيعت ڏاتي) جن فرمايو تہ اسان ڪي همہ اوست جي معنيٰ اها سمجهائي اٿن، يعني مزوئي الله تعاليٰ آهي. سندن ڪلامن ۽ بيتن مان صرف هڪ بيت ملاحظہ ڪريون ٿا:

ث - ثابت سڪ جو جڏهن راحم رکيو راز
ارني جو عالم ۾ عام ٿيو آواز
ق - وان من شيءِ الا يسبح بحمده سڀ وڳو ساز
۾ تثون پکواز - لڳو لن تراني جو

انهيءَ قرآن پاڪ جي سورت بني اسرائيل آيت ڪريمہ 44 يعني ڪابہ شيءِ سندس ساراهہ ساهہ گڏ پاڪائي بيان ڪرڻ کان سواءِ نہ آهي.

هاڻي غير ڪٿان آيو يا رهيو. هاڻي لدني معنيٰ ۾ جن سمجهيو اهي چون ٿا تہ ڪنهن حمد ۽ ساراهہ ڪنهن ڪرائي ۽ اهو ساراهہ ڪندڙ ڪير آهي. حقيقت ۾ چوي بہ اهو ٿو ۽ چوائي بہ اهو ٿو. ان جي حڪم کان سواءِ پن ڪڪ چري نٿو سگهي ڪل شيءِ محيط آهي. هر شيءِ سندس قبضي ۾ آهي.

هاڻي همہ اوست بابت اعجاز سائين جن جو شعر

قلهہ: ڪرڻ ،پانيو بيو ڪير - سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان.

(1) پاڻ کي آئون پاڻ ٿو چاهان - پاڻ جاتي ڪان ڪهڙا پڇاڻان
پرجهي ڪٿي ڪوير - سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

(2) پرت کي پنهنجو پاڻ پسايم - ڏاهہ عقل ڪان ڏور ڏسايم
سڪ آ منهنجو سيرُ - سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

(3) ساڳيوئي ساڳيوسڀ هند هوندس ڪاٿ ڪٿي تہ ڪٿي ڪنڌ هوندس
پَل نہ وڃهي ڪو پير - سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

(4) غير "اعجاز" کي غير ٿو ڀانئي - سارُ پروڙي نہ رمز پڇاڻي
مون ۾ اصل نہ ميرُ - سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

وري ٻئي ڪلام ۾ فرمائين ٿا:

تلهہ: اٿم اهو اختيار - حاڪم محڪوم ٻنهي سڀني تو

اهڙي طرح ٽيون ڪلام پڻ همہ اوست بابت ملاحظ فرمايو:

تلهہ: هر جاءِ جلوا مون ڪيا - غائب بہ ٿي حاضر بہ ٿي
اول بہ ٿي، آخر بہ ٿي - باطن بہ ٿي، ظاهر بہ ٿي

(1) العشق واري اتورسانؑ - اعليٰ الولايون ڪيم
آدم بہ ٿي، هوا بہ ٿي - شجر بہ ٿي، شرو بہ ٿي

(2) خوش خيال پنهنجي کي ڪيم - مسجد مندر ميخانہ ۾
مئي ڪش بہ ٿي، موکي بہ ٿي - مؤمن بہ ٿي ڪافر بہ ٿي

(3) آرھ بہ ٿي، گلشن بہ ٿي - خليل ٿي آذر بہ ٿي
ڪوہ طور ٿي، تجلو بہ ٿي - موسيٰ بہ ٿي، ساحر بہ ٿي

(4) ڪٿين رڻائيم، ڪٿين ڪلايم - ڪٿين پلايم ڪٿين ملايم
ظالم بہ ٿي، ٿالم بہ ٿي - رهزن بہ ٿي، رهبر بہ ٿي

(5) هر سن ۾ هر سو هر طرح - هر ڪا خبر هر هر ڏنيم
انبياءَ بہ ٿي، اولياءَ بہ ٿي، سالڪ بہ ٿي شاعر بہ ٿي

(6) "اعجاز" واري بيک ۾ - پنهنجو پروڙيو پاڻ مون
پاڳل بہ ٿي، سياڻو بہ ٿي - بازر بہ ٿي، بي زر بہ ٿي

حديث شريف: من عرف نفسہ فقد عرف ربہ - لا يتحرک شيء الا باذن الله

سائين اعجاز جو ڪلام آهي تہ:

تلهہ: جنهن ۾ پاڻ اچي تہ سمايو - تنهن کي جا ٿيون اوهين سمجهايو

(1) بي گماني هن تہ بوتي مان - الله پاڻ الايو - تنهن کي جا ٿيون

(2) "اعجاز علي" چوي ڏسيو واڻسيو - حق کي حق نہ ٿيون پانيو

نفس کي (پاڻ کي) سڃاڻڻ کان سواءِ ڪڏهن بہ حق کي سڃاڻي نہ سگهبو ان جو مثال هيٺن آهي تہ:

تلهہ: پاڻان وڃي پراهون - الله کي وڙولڻ
کل جهڙي ڳالھ آهيّ - جيئن ڇوکرڪنلهي ۾ ڳولڻ

(1) آدم جي نانءِ آيو، آدم ۾ ٿانءَ پانيو

کنهن کي نہ ڏانءُ آيو - صوفيءَ جيئن راز کولڻ

(2) نہ کا عالمن خبر هيءَ - نکا عاقلن خبر هيءَ

ڪٿي عارفن خبر هيءَ نہ تو مون مهانڊي ٻولڻ

(3) ووڙن وجود جيڪر علم وعقل جا پيڪر

برحق چون پوهرهر اعجاز وارو ٻولڻ

عاشق ۽ عارف جن جي نظر ۾ نظارو صورت ئي آهي. انهي دل جي آئينہ ۾ حق ۽ حقيقت جو مشاهدو ماڻي هر دم ديدار ۾ محو آهن.

(1) دم کي سجائڻ دم بدم - هڪ دم لهي تو لک پدم

کل شيءَ مٿي تنهنجو قدم - جي راهہ رندي سان روين

(2) اعجازءِ چئي اعتراف سان - دائم رهج دل صاف سان

لعلڻون نہ لهدين لاف سان - تون کر ائين جيئن تو چوين

آخر ۾ اعجاز سائين جي هن بيان کي سنڌس هن بيت سان اختتام تي آڻيان ٿو.

بيت (1)

انڌن ليکي آدمي - سڄڻ ليکي سائين

آهي ڳالهہ هر کنهن جي - پنهنجي سمجهہ تائين

سائينءَ کي جيئن پائين - آهي تيئن ءاعجاز چئيءَ

بيت (2)

انڌن ليکي آدمي - سڄڻ ليکي الله

جنهن جو ڏسڻ جيترو - تيترو تنهن ويساهہ

انڌن سڄڻ ۾ اعجازءِ چئي - فرق اهوئي آهہ

هِن مٺو کير ساهہ - هُنن لاتو سانگو ساهہ جو

حقيقت پروڙي حق ۾ فنا في الله مان بقا بالله ٿيڻ

جيئن تہ سچي عاشق ۽ سالڪ، عارف جي آخري منزل بقا بالله آهي. ان مطابق پاڻ فنا ڪائڻ کان بعد هر چيز قربان ڪرڻ. باقي بيحد ۾ دم پرڻ. اها بقا بالله آهي.

پاڻ هن دنيا جي آخري ساعتن ۾ سول اسپتال حيدرآباد. گردن جي وارڊ روم نمبر1 ۾ 15 جُون 1998ع مطابق 19 صفر المظفر 1419هجري بروز سومر جي رات بستري کي ٽيڪ ڏيئي ويٺا هئا تہ پاڻ مون کي سڏ ڪيائون. آئون وٽن ويس. چيائون پنو ۽ پين ڪٿي اچ تڏهن پاڻ هي ڪلام لکاياڻون:

ٿلهه: ايهه دنيا ساري ڪٽنب الله دا - الله ٻچڙيوال وي لوڪو - الله ٻچڙيوال
اپڻي ڪُنبي ڪون آپ هي پالي آپ هي هي جڳ پال وي لوڪو الله ٻچڙيوال
(1) آدم اولي الله داجيوڻ - آدم اولي الله داڪيوڻ
آدم اولي مرڪي جيوڻ - ويکو الله دي چال - وي لوڪو - الله ٻچڙيوال
(2) لوڪي الله نون ڪيا ڪيا اهدي - لوڪي الله نون جيا جيا اهدي
لوڪي الهه نون پيا پيا اهدي - اعجاز آکي هر حال وي لوڪو

۽ سندن ٻيو آخري ڪلام هي آهي:

رند ٿا رهن ٿي ماورا دنيا جي هر فڪرات کان
دنيا جي هر فڪرات کان، عقبيٰ جي هر خطرات کان

هن ڪلام جون جملہ ست مصرع آهن، جن جو مفهوم سمجهڻ لاءِ عاشق عارفِ بالله وارن حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي هن حديث مبارڪ سان واضح ثبوت ڏنو آهي تہ: الخلق عيال الله.
معنيٰ: جيڪا بہ مخلوق آهي، اها سڀ جي سڀ الله جل شانہ امن والہ جو عيال آهي.

مخزن اخلاق تاليف حضرت مولانا رحمتہ الله سبحاني لڌيانوي جن ارشادات نبوي ڪريم صلي الله عليہ وسلم حضور پاڪ جن جي صفحہ 18 تي ٻٽي ست ۾ لکيو آهي تہ: لوگ خدا کے عیال ہیں اور خدا کے نزدیک زیادہ پیارا اس کے عیال کو فائدہ پہنچانے والا ہے۔

مٿين ڪلام ۾ "الله" لفظ جي معنيٰ ملفوظات "ٻيعت ڏٺي" نقل 28 فرمايائون تہ اڄ اسان ڪي الله تعاليٰ طرفان هي القا ٿيو آهي تہ ان جي معنيٰ "مستقر بلاواسطي" آهي، مفسر هيئن بہ لکن ٿا تہ "الله" جي معنيٰ "سڪون ۽ ثبات" يعني آرام وٺڻ، ٽڪڻ ۽ قرار وٺڻ آهي. جيئن تہ قرآن پاڪ ۾ آيت ڪريمہ آهي تہ:

الا بذکر الله تطمئن القلوب (سورت الرعد)

خبردار! صرف الله جي ياد سان دلين کي اطمينان ۽ آرام حاصل ٿئي ٿو.

تنهن ڪري اهو اسم شريف رکيو ويو. پاڻ فرمايائون تہ القا ٿيل معنيٰ جو اصل بہ اهوئي آهي. ڇوتہ "مستقر بلا واسطي" جي معنيٰ اهو پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ پاڻيهي پاڻ ثبات ۽ قرار وٺندڙ آهي ۽ ثابت ٿيندڙ آهي. اهڙي طرح اعجاز سائين جن پڻ ڪلام ۾ ثابت ڪيو تہ حي القيوم معنيٰ ابدا ابدا (هميشہ) جيئرو ۽ قائم ڪندڙ جهانن کي. الله لفظ ۽ حي القيوم ۾ فنا تي بقا ٿيڻ اها بقا بالله جي منزل آهي. سندن شعرن جو ڪجهہ حوالو ڏيان ٿو:

نظر قبول پوي هي منهنجو - گهر سر مال عيالڙو - مع سوالڙو
ڪر عجز اعجازا سر نظر ڏيوان - چاسون چاندي زرزيور ڏيوان
هر جاءِ اها خوش خبر ڏيوان - اسان ويکيا اپڻي سهاري نون

چا ڪريان قربان هن دم - چا ڪريان ٻي حاضري
جو اڳڻ منهنجي الائي ڪيئن - ڪٿي تو تشريف آوري
حمد تسبيحون هزارين - لک ڏڳاڻا اڄ ڪيان
گهور سڀ ارض و سما وارا خزانا اڄ ڪيان
سر لکون قربان ۽ - ڪون ومڪان ڪل شي وري
بخت پنهنجي جي ڪيان جو برتري آئون بيان
اڄ نہ ٿيندا چا ٿيو - فردا ٻہ ٿيندا بل عيان
بخت منهنجي جا مدح خوان - مهر وماهہ ومشتري
هن خاڪي جهڙي جولي - هي ٻوليون ٿو ڪير ٻولي
چا تو جوڻي ٻڌائي - ڪو گوش ڪن نہ لائي
چا وڻيو آ وڄائي - ڪنهن کي پيو وڙولي - ٻوليون ٿو ڪير ٻولي
اعجازءِ اهوئي حق آ - سڀ سمجهہ توسبق آ
پيو ڪونہ ڪو ناطق آ - الله ريءَ تو اولي - ٻوليون ٿو پاڻ ٻولي

ڪامل فقير اهو آهي جو ظاهر توڙي باطن ۾ صاحبِ خزانہ، صاحبِ تصور، صاحبِ تصرف هجي. خلقت خدا جي ڪي نہ ستائي نہ رنجائي ۽ الله تعاليٰ جي مخلوق جو بار ۽ ملامت جو بار سر تي سهي. اعجاز سائين جن آخر تائين جيڪي بہ وٽن هو، سو مال، ملڪيت، زمين محبت ۾ سڀ لٽائي الله تعاليٰ جي مخلوق، جيت جڻا، ناڱ ٻلا توڙي هرهڪ شيءِ کي پيار محبت ڏئي وڏو خلق، اخلاق ڇڏي ويا.

آخر ۾ هڪ حديث پاڪ ملاحظہ ٿو ڪريان: ان اولياء الله لا يموتون ولکن ينقلبون من دار الي دار يعني بيشڪ الله تعاليٰ جا ٻانها (ولي) مرن ڪونہ ٿا پر هڪ جاءِ (در) کان ٻئي در ڏانهن اچن ٿا. (مشڪوات شريف) الموت جسر اليوصل الحبيب الي الحبيب

فلسفو اعجاز:

حقيقت، حق جي عشق ۽ محبت جي ميدان ۾ عشق جيئن ڪري ۽ ڪرائي، ڏئي توڙي ڏيکاري ان جي وس آهي. عشق لامذهب، الٽ اوپارو، نہ مڪان نہ منزل، هر جاءِ هر هنڌ حاضر، لاثاني، ماضي، حال، مستقبل جو مالڪ ڪتاب آهي. ڪڏهن نہ لکو آهي نہ لکندو. ڪٿي حاڪم، ڪٿي محڪوم، ڪٿي ظالم، ڪٿي مظلوم، ڪٿي قاتل، ڪٿي مقتول، ڪٿي فاعل، ڪٿي مفعول، ڪٿي فقير، ڪٿي امير، ڪٿي مومن، ڪٿي ڪافر، ڪٿي جابر، ڪٿي صابر، ڪٿي حد اندر اسير، ڪٿي بيحد ۾ بي نظير، ڪڏهن يار، ڪڏهن تڪرار، مطلب تہ حقي عشق هڪ لاثاني شراب آهي. عاشق جي نظر خالق جي هر تخليق ۾ هوندي

آهي. سنڌس سر کي ذري پرزي ۾ اثبات ڪندي آ. هر زمان، هر مڪان، هرگمان، هر ڏيان، هر اسم، هر جسم ۾ عاشق کي اهوئي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. خدا جي ذات هر خاني، عاشق جي جهات پڻ هر خاني، دم در ديدارن ۾ مست رهندو آهي. جڏهن عاشق سڀ مشاهدا ماڻي، پنهنجي پاڻ تي نظر ڪندو آهي.

پنهنجي جوڪوڄ ڪيُمِ - پنهنجي پوءِ سوجهه پيُمِ

منجهان منجهه ٿي موج ويُمِ - منجهان منجهه ٿي آشنائي

اهڙي طرح صفات مان ذات جو مشاهدو ماڻڻ، اهو مشاهدو پاڻ ۾ ڏسڻ. بس اعجاز سائين جو فلسفو، خيال، سڃاڻپ، تلاش، اداس، حيرت، سمجهه اهائي رهي آهي. سڄي زندگي عشق، حسن، فطرت ۽ قدرت جي عميق بحر ۾ غواصن وانگر سرگردان رهيا.

فلسفو اعجاز ۾ جو ٿيو فنا، سو سڃاڻي ويو فڪر اعجاز جو

اڄ خود حيران آهيان ته اهو مالڪ سائينءَ جو لطف ۽ ڪرم آهي جو مون کي اهڙو رهبر مليو جنهن منهنجي جيءَ کي جياريو.

اڄون اڳ ۾ اهڙي ناهيُس - سوز سمجهايو سر سارو

مجنون بابت هڪ شاعر پنهنجي شعر ۾ فرمايو آهي ته مجنون الله پاڪ کان عرض ڪري سوال پڇيو ته:

تو چرا نامم به مجنون کر دئي

عشق ليليٰ در دلم چون ڪرڊئي

معنيٰ: اي الله پاڪ! تو منهنجو نالو مجنون ڇو رکايو ۽ منهنجي دل ۾ ليليٰ جو عشق ڇو پيدا ڪيئي. هاتفي آواز آيو:

ڪارليلي نيست - اين ڪار - من است

صورت - ليليٰ عڪس انوار - من است

معنيٰ: اهو ڪم ليليٰ جو نه آهي، پر اهو ڪم مون ڪيو آهي. ليليٰ جي صورت تي منهنجي نور جو عڪس پيو آهي، ان ڪري تون مست ٿيو آهين.

اهڙي طرح اعجاز سائين پڻ پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو آهي:

(1) اي ميان پارس پڙهيا - تون ڪر پنهنجي پوري پري

پر جن کي مليا ونڊ ورهه جا - تن کي بيا ونڊ ڇا ڪندا

(2) "اعجاز" ڇٽي هن دل تي آ - ازلي حسن جو اولڙو

شمس شعلا شر ٻتيون - چمڪي ڇهرا چنڊ ڇا ڪندا

هن شعر مان ٻه نقطا پروڙڻ گهرجن: (1) ورهه جا ونڊ ملڻ (2) ازلي حسن جو عڪس (اولڙو) جن کي قدرت طرفان عشق جو ونڊ ازلي نور جو عڪس ملي ته اها ذات بي بها ڇٽي.

اعجاز سائينءَ جي فلسفه فڪر ۽ شعر ۾ محو ٿيڻ سان سندن صورت، سيرت، قول، فعل، سڀ جو مشاهدو ڪيم ته پاڻ جيڪي لسان سان فرمايو اٿن ۽ روحاني راز پلٽيو اٿن. ان آئيني ۾ سندن ڪردار جو هوبهو مشاهدو ڪيم ڏ جيڪي ڪجهه شعر چيو اٿن ان تي پاڻ پورا عمل پيرا رهيا آهن:

اجان به اعجاز جي سخن کي پرکي سندن دل ۾ ويهي جيڪي مشاهدو ڪيم اهو هي آهي:

اعجاز هڪ حق جي محبت جو پيغام، سڪ، مجاز محبت، اخلاق ۽ سيرت آهي. اعجاز حق جو مصور، نقاش، تصور آهي. اعجاز بي بها موتي گل آهي، چمن، حسن و جمال آهي. اعجاز ڳجهه راز رمز و نگاهه آهي. اعجاز وصال آهي ته وڇوڙو به آهي. ظاهر آهي ته باطن به آهي اعجاز پيار، سخاوت، رحم ٻاجهه، سمجهه، آئينو، سوال جواب آهي. اعجاز صبر، خير نظر، وصل، وصال، اصول، جانب، يار، هادي رهنما، پيشوا آهي. اعجاز رهبر، عقل، حياءُ علم، ايمانِ عشق، سور، زخم، ناسور آهي جو ڇٽڻ جو نه آهي. اعجاز سچ، سچ جو سنيهو، بي انت رونما جهان، سچڻ، سائي آهي. اعجاز حوصلو، حيرت، ارادو، الهام، اوتالعلم، يسمع، يبصر آهي، اعجاز فطرت، قدرت، تقدير، تدبير آهي. اعجاز سالڪ، شاعر، صابر، اولياءُ، فقير عاشق عارف بالله وارو صاحبِ حال آهي. اعجاز شاڪر، فيضِ، وفائي سچائي، صفائي، وارو قلب، ڪامل الحياءُ آهي. اعجاز قصد، عقيدو، ويساهه، علم اليقين، عين اليقين، حق اليقين جتي قدم اتي دم پرڻ وارو محب، حبيب، محبوب، احساس، تجسس، ساس آهي. اعجاز تجلو، طور، نور، ظهور، مخمور، معمور، مذڪور، منصور، رند آهي. اعجاز چند، سيد ابن علي آهي. علام الغيوب سري وانا سره. اعجاز خود شناس، دانا بينا، حق نشين، حق مبين، صاحبِ طريقت، حقيقت ۽ معرفت وارو آهي. اعجاز جي رمزونگاهه صرف عشق آهي. امر ملڪ جا جرڳي امرَ لي ويا فرمايو اٿن ته:

نڪا اڄ نه ڪالهه ميان - از لٿون اڳي چاڻ
سٽيم بانگ برهه جي - قلبٿو ڪنن ساڻ
پڙهيم ڪملو پرهه جو - پنهنجي پيرِ پڇاڻ
ڇڏائي ويم آڻ - عبديت جي اعجاز ڇٽي

اروپ نگر جو پکي، روپ نگر ۾ ڪايا ۾ تن حصن ۾ جسمي طرح رهي پيغام ڏيندو راهي ٿي ويو. اڄ اسان وٽ سندس محبت ۽ پچار رهي آهي.

ٿلهه: ٻيلهه ٻڳهن سان ٻهي وريار - پرت پڪڙو پاري هليو ويو
(1) سال ساڪن هو هن ٿي سر ۾ سٽرُ نه ڪيس ڪنهن سهي وريار - پرت.
(2). لاٿيون سباجهيون لنوندولوندو - ڪالهه هتان وير ڪهي وريار - پرت
(3) آدم اولي سمجهه "اعجاز" - روپ انهي ۾ رهي وريار - پرت ...

اسان دعاگو آهيون تہ ڪين الله پاڪ پنهنجي فضل و ڪرم سان مغفرت فرمائي ۽ سندن فرزندن (1) سجاد الرسول شاه "سجاده نشين" ۽ (2) ظهور احمد شاه. ٻنهي ڀائرن کي اتحاد ۽ محبت عطا فرمائي. جيئن حقيقت ۽ حق جي واٽ وٺي. سچائي ۽ وفائي سان منزلِ مقصو تي پهچن.

انهيءَ کان علاوه سائين جن جي وڏي فرزنده امان الله شاه راشدي جن جو ڪلام جنهن جو تعداد ست آهي. پڻ شامل آهي جنهن مان پڻ ناظرين مستفيض ٿيندا.

دعاگو

صوفي صاحب خاڪي

پنج مورو

سيد سليم رضا شاھ راشدي (المعروف) صنم سائين

پاره ۲۲ سورة الاحزاب ۳۳ رکوع ۹ آيت کريم ۷۲

مولوي احمد ملاح:

امانت اُپن کي - آڇيسون عيان
زمين ۽ جبلن کي - جاڏا منجھ جهان
اُنائن کان ان جي - کيائون ناهه نڏان
ڏيا تنھنکان ڏيل ۾ - اُناَيس انسان
ظالم منجھ زمان - آهي نسورو نادان سو

حضرت شاهه عبداللطيف:

اول لوهه قلم ۾ - پيئي پرت پچار
ملکن ۾ ماتام پيو - عرش ڏني اوچنگار
سنڌو برهه بار - هن خاڪي ۽ کنيو سر تي

حضرت سچل سائين:

اديون آدم ناهيان - فلڪ نه کي فلڪن
خيالئون اڃي اوچتي - خلل وڌم خلقن
ناهي مُيسر ملڪن - اِها امانت عشق جي

حضرت پير سائين رشيد الدين شاهه (بيعت ڌڻي):

ڪلام

ٿلهه: عشق ته آهي اکيچار - انڌن لاءِ ته ٻه آهي اونداهي
۱- وان من شيءِ عشق جي آهي - پن پن منجھ پچار يار

ڪلام

ٿلهه: اڄ آپ عشق گهر آيا - ٿيا ساڏڙا بخت سوايا
۱- مُٺي دل جياريس ميڏي - قم باذني فرمايا
۲- سوجيا مول نه مرسي - جنهن نون جوش جڳايا
۳- اها امانت چاوڻ مشکل - چم باري سر چايا
۴- رشيد الدين آکي لاشک آکي - رانجهن رُخ وکلايا

وضاحت: قرآن پاڪ جي مٿين آيت ڪريمہ مان ثابت ٿيو ته عارفن عاشقن ان جي تصديق ڪئي تہ اها امانت عشق آهي. تفسير محمد عثمان نورنگزاده جن پڻ مٿين آيت ڪريمہ جي آخري معنيٰ ۾ قبول ڪيو آهي تہ صوفين جي عقيدي موجب اها امانت عشق ئي آهي جيڪا ابد ۾ ڏاڍي آدم عليه السلام ڪنهن. ڇو نہ ڪئندو؟ ان ڪي پيدا ئي ان لاءِ ڪيو ويو هو.

حضرت قبلہ اعجاز علي شاھ:

عشق عشق اسان ڪيو۔ اول آخر تا
انائن وقت ان جي۔ ڪئيسون ڪانہ پُڇا
اسان ڏنس ”اعجاز“ چئي۔ مٿوري ۽ چون چرا
نہ تہ ھيءَ آھائي بلا۔ جنهن فرشتا فرار ڪيا

*****

عشق عشق اسان ڪيو۔ عشق نہ ڪيو ڪنهن ٻئي
اسان اھي ئي آھيون۔ جن تڪڻ تورڻ ري
امانت سمجھي اعجاز چئي۔ آنايس اکين تي
عشق نہ آڪرو ٿئي۔ اڳيان اسان جي ڪڏهين

*****

عشق نہ ھو داناءَ۔ دانائي سيکاريس اسان
ڪتاب ڪيوسون حسن ڪي۔ عشق نقطي نماءَ
مڪتب ڪيوسون جهان ڪي۔ عاشق تنهن ۾ طلباءَ
پڙهندي ڪتاب حسن جو۔ عجب ڏنائين لڪاءَ
تہ جهڙو ”ن“ نقطي سان۔ تهڙو نين بناءَ
ڪاري لڳيس ڪو قلب ۾۔ اعجاز اتائين گھاءَ
پيس پوءِ سماءَ۔ استاد سڏيائين عشق ڪي

*****

عشق عشق اسان ڪيو۔ عشق اسان جي خلقت

اسين مالڪ عشق جا۔ عشق اسان جي ملڪيت
ائين سمجھہ اعجاز چئي۔ ميءَ آ حقيقت
عشق اسان جي رعيت۔ اسين راڄا عشق جا

پاڻ سڃاڻ

حضرت شاھہ لطيف:

پيھي جان پاڻ ۾۔ ڪيم روح رھاڻ
تہ نڪو ڏونگر ڏيھہ ۾۔ نڪا ڪيچن ڪاڻ
پنھون ٿيس پاڻ۔ سسئي تان سورھئا

خوش خير محمد سائين:

رب سڃاڻ سھنجو ائٿي۔ پاڻ پروڙڻ اھنجو ائٿي
دم دم دلبر وسي ٿو دل ۾۔ ونحن اقرب ساھہ رڳن ۾
وڇئون پردو پنھنجو ائٿي

حضرت مولانا تاج محمود شاھہ امروٽي:

پرين توکان پاسي ناھين۔ ھيڏي ھوڏي چو ٿو ڪاھين
ناحق سختيون سِر سھائين۔ تنھنجو توئي سان
جي تون پروڙين پاڻ

حمل فقير:

ھئےڪون ھھون سڃاڻ سوڪا۔ اوڪا آپ سڃاڻ
آپ سڃاڻ آپ وڃاوڻ۔ ول وچ آپ نہ آڻ
من عرف نفسہ فقد عرف ربہ۔ سمجھ اھو سمجھاوڻ
حمل حق سڃاڻ ہاجھون۔ ابتر عمر وڃاوڻ

صوفي دلپت:

ٻَر سڃاڻ سگرو۔ پاڻ سڃاڻ ڏڪ
اڪيون ڏِسن ٻَرَ ڪي۔ پنھنجو ڏِسن نہ مک

بنا ڏني پنهنجي- ڪڏهن ملي نہ سگ
دلپت الٽي ڏسين آڪ- تہ دوست مليئي دل ۾

حضرت پير سائين بيعت ڏني:

ربوبيت رهبر ٿي- اُعرف لئہ آئي
من عرف نفسہ فقد عرف ربہ- واهہ واڏائي
تفکروفي صفات الله ولا تتفکروا في ذات الله- سونهين سڳائي
صفت سڃائي- ظاهر ڪندڙ ذات ڪي

اعجاز سائين:

کونہ پانيو پيو کير- سڀ صورت ۾ ساگيو آهيان

پاڻان وحي پراهون- الله ڪي وڙولن
ڪل جهڙي ڳالهہ آهي- جيئن چوکر ڪلهي ۾ گولن

وري هيءُ هنڌ فرمائن ٿا:

درشن دروني درجي- دل ڏانهن ڏيان درجي
سڀ ڪجهہ دلان ٿو سرجي- جهاتي اها سڃائي

*****

خود جو مان دانا بينا- خود جو شناس آهيان
خود جي تلاش ورتيم- تہ خود جي مان پاس آهيان

*****

ٿلهہ: پاڻ ڪي ڪين سُڃاتئي ڪڏهن- رب جي سڃاتئي تہ چيهہ ٿي پيو
جاڻن جهڙو جان نہ جاتئي- جان پيو جاتئي تہ چيهہ ٿي پيو
١- دم دماڻن، دم ڪماڻن- دم سڃاڻن، دم ڪي جاڻن
دم نہ سڃاتئي تہ ڪجهہ نہ سڃاتئي- دم جي چاتئي تہ چيهہ ٿي پيو
٢- صورت سڀ ۾ سير الاهي- صورت سڀ ڪي ساجد ٿي
صورت آڏو ڪنڌ نہ نائئي- ڪعبي نائئي تہ چيهہ ٿي پيو

*****

خود پاڻ کي وسارڻ - جڳ کي وجهي ڄمارڻ
ڳڻ ۾ نہ پاڻ سارڻ - وڻ وڻ نہ حق ڏنتولڻ

*****

تلله: خود جي تيم اچانک - خود سان آشنائي
پنهنجي مون پاڻ منزل - پاڻان پري نہ پائي
(۱) مَن عرف مام حق حق - حق جو پيغام حق حق
آئون تمام حق حق - پوڙيو اتي پيائي
(۲) مون ۾ ئي حق نشينو - مون ۾ ئي حق مبينو
مون ۾ ئي حق جو جينو (حق سان جيان ٿو جائي

*****

کوم ٿو گنگا جمنا پيتين - ڪعبو مکي ڏي ضرور اڻئي
تو ۾ کاشي تو ۾ تکيو - تو ۾ تجلو طور اڻئي
هٿ ڪر حال خيال اعجازا - هردي منجهہ حضور اڻئي

حديث پاڪ:

القلب عشق الله عظيم

ترجمو: دل الله تعاليٰ جو وڏي ۾ وڏو عرش آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ منهنجو خزانو عرش کان وڌ، ڪرسي کان وڌيڪ طاقت وارو، جنت کان وڌ پاڪيزه آهي. ان جي زمين معرفت آهي، ان جو آسمان ايمان آهي، ان جو سج شوق آهي، ان جو چنڊ محبت آهي، ان جون پتيون يقين، ان جو مکان همت، ان جا چار کم توکل، فکر، انس، ذکر، ان جا چار دروازا: علم، حلم، صبر، رضا، اها دل آهي.

پهريون باب

توحيد، صفت، ثناء

ٿلهه: جو لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ[1] آهي پرين سو آ پَسڻ جَهڙو
بِنا ڳَنهن مَرد ڪامل جي نه آهي ڪي ڏسڻ جَهڙو

۱- ڇَوان آئون ڪِيئن آهي ڪَهڙو ڏَس جنهن جيئن تنهن سان تهڙو
اَصلُ ڳان ٿي اَصلُ آهڙو دليون ڪِلندي ڪَسَڻ جَهڙو

۲- ڪِٿي مَحبوب سو پيارو ڪِٿي عاشق آنا وارو
ڪِٿي نيڙو ڪِٿي نيارو ڪِٿي ڳهَرو ڳسڻ جَهڙو

۳- سوئي مشرق سوئي مغرب، سوئي سو آتحنِ اقرب
سوئي رهبر سندم سو رَبُ سوئي جت ڪٿِ وَسڻ جَهڙو

۴- لاَڪِنِ جيِ لڪَلِقاء ڪي ڪو مائيندو بِن بقا ڪي ڪو
اَعجاز اِرتقا[2] ڪي ڪو رَسي عاشق رَسڻ جَهڙو

ٿلهه: مالڪ موليٰ هادي الله، پاڻ ٿو ڄاڻي پَنهنجي قُدرت.

۱- ڄا لاءِ ٿي آدم داڻو ڪاڏائين، ڄا لاءِ ٿي يُوسف آئينو ڏنائين،
ڄا لاءِ ٿي مُوسيٰ وَرِي به سِڪيائين، سَبق خِضري صَبر ساڄاهه.

۲- ابراهيم ٿي آڙاهه تي آيو، عِيسيٰ ٿي بي والد ڄايو،
يُونس ٿي شِڪم ماهِي وسايو، ڪَير هو مُجرم ڪَنهنجو گُناهه.

۳- اَحد مَنجهان ٿي سَڏايَئين اَحمد، بات اها آهي بالا بيحد،
پاڻ ٿي حَمِيدُ هو ڪَيائين ڪَنهنجو ٿي حَمد، وَرُ ڪيائين وَڏواِت وَاهه.

۴- اَعجاز عَلي ؑ ٿي جَلال وَارو، مُلحدن تي ڪَيائين مارو،
شاهه حُسين ؑ ٿي سُورهه سوپارو، سَجدي ۾ ڏنائين سِر ؑ ساهه.

(۱) لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ: جنهن جو مثال نه هجي (۲) اِرتقا: ترقي، اعليٰ، اوچائي، بلندي

ٿلهه: هر ساتِ آهي هر رَنگَ ۾ هُو، هن سِر ۾ هُو هن سُنگ ۾ هُو.

١- وَحدَتَ ۾ هُو، ڪثرتَ ۾ هُو، ماتمَ ۾ هُو، مُسرَت ۾ هُو،
جوَانيِ واري جنگ ۾ هُو.

٢- مومنَ ۾ هُو، ڪافرَ ۾ هُو، مَسجِد ۾ هُو، مَندر ۾ هُو،
مُلين مَشائخَ مَلنگ ۾ هُو.

٣- وَنِ تَنِ واهڻ وادِيءَ ۾ هُو، شور شُغل شَمعُ شَادِيءَ ۾ هُو،
روهه جَبلَ جَهر جهَنگ ۾ هُو.

٤- سَاز آوازَ سَرگَم ۾ هُو، تان تَرانِي تَرنُم ۾ هُو،
اُپنگ چنگ مِردَنگ[1] ۾ هُو.

٥- حُسن حَسِين حَرڪَت ۾ هُو، نازَ نيازَ نَزاڪَت ۾ هو،
زُلفَن جي وَر وَنگ ۾ هُو.

٦- اَحد مَنجهان ٿي احمد آيو سِرُ اَعجازَ ا ٿي س سجايو،
رنگ ۾ رهي بيرَنگ ۾ هُو.

(١) مِردَنگ: ڍولڪ جو قسم (نقاره)

ٿلهه: هميشه حمد ۾ هوندا۔ حقيقي حال جا طالب،
خمرِ خاصي خماريا سي۔ خدائي خيال جا طالب

١۔ نفيءَ جي سير مان نڪري۔ وِيا اثبات ڏي اُسري
نسنگ نرواريا نسري۔ عجب احوال جا طالب

٢۔ ڄاڻو سڀ ڄاڻ ڄاڻنتا۔ ٿندو پيو ڪين ٿاڻن ٿا
عجب احوال آڻن ٿا۔ امر اعمال جا طالب

٣۔ برهه جو بار رڄايو جن۔ انا الحق گيت ڳايو تن
اناهون عشق آيو اُن۔ ناهِن آڄ ڪالهه جا طالب

٤۔ مشاهدي واري محفل جو۔ مزو ماڻيو مري جي جن
مهيسي مرد سي ماهر۔ نه ٿيندا مال جا طالب

٥۔ ملاڪي روزِ محشر ۾۔ سيئي محبوب سان ٿيندا
جيڪي هوندا محبت جي۔ ذري مثقال[1] جا طالب

٦۔ ڳُڻي هند سنڌ هر پارا۔ ڏٺم اعجاز سڪ وارا
وڏي همتا مرتبي وارا۔ علي جي آل جا طالب

ٿلهه: هتي آئين پَلي آئين پلا ڇڪيو ڇِڙِ لڪي آئين،
اِنهي اسرار جي سڌ ڏي عدم ۾ ڪِئن تڪي آئين.

١۔ غلامي جي غلافن[2] ۾ طبل شاهي طوافن ۾،
ڪِشالن ڪوهه ڪانن ۾ ڪنهنجي ڪارڻ سِڪي آئين.

٢۔ ڇڏي تون تخت کي ترتئون، ڀڄائي رنگپور پرتئون،
نياز وناز سان نرتئون، ڪهڙي چاهئون ڇڪي آئين.

٣۔ ڪنورا نين ڪج ڪالا، اهي ٻنهون اهي پالا،
هني ڪيئي مست متوالا، عجب چالا سِکي آئين.

٤۔ مڃيو اعجاز مڃڻ جي لاءِ۔ پرم جسمي پڄڻ جي لاءِ
وري واپس وڃڻ جي لاءِ۔ ڪري پولي پکي آئين.

(١) مثقال: ذرڙو (٢) غلافن: لڪل، پردي ۾

قلعه: آسين جهڙن گذارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون
خزائن ۾ بهارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

١- بحر بر بن بيابانن - خلاصن خوش خيابانن
ارم جهڙن نظارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

٢- حسينن کي قبيحن ۾ - حبيبن کي رقيبن ۾
هجون جن جن پيارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

٣- جيڪا موسم آچي سامهون - اُنهي کي ڏيون ٿا هي ٺامون
اُونهارن ۾ سيارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

٤- آسين ڏک سک ۾ هک جهڙا - آسين اُج بک ۾ هِک جهڙا
ڏکارن ۾ سکارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

٥- جُهڙن جهولن ٿڌن ڪاڙهن - گهيڙن گهارن چڪن چاڙهن
اُونهن غارن آنڌارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

٦- آسان جو دم قدم آشُد - آسان جي حال تي شاهد
اوارن ۾ پرارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

٧- روزن ۾ چڱين جي عيدن ۾ - غمن دردن شديدن ۾
گلن ۾ چڱين جي خارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

٨- آسين توڙي خمارن ۾ - عجب عيشي قرارن ۾
نگارن ماهه پارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

٩- آسان جي جهات هر خاني - خدا جي ذات هر خاني
آسين دم دم ديدارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

١٠- ڪٿر ڪس جي خبر ڪانهي - اِنهي پاسي نظر ڪانهي
ڪٿن ڪاسن خرارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

١١- وساريون يار کي جو دم - ڪفر ۾ غار ٿيون سو دم
انهي آهيون اوتارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

١٢- آسان جي ٿار اثباتي - چوي اعجاز آ ذاتي
مَجيل منصور پارن ۾ - آسان جي ٿار ٿون هين ٿون

ٿلهه: واهه موليٰ سائين واهه، جيئن جنهن کي واهين، تيئن سو وهي ٿو.

١- اُبتو واهين سُبتو واهين، ڪُهتيو واهين سُهتيو واهين،
ٿُنهن جي اڳيان نه ڪنهن جي ناهه، جيئن جنهن کي واهين، تيئن سو وهي ٿو.

٢- اڪڙو واهين جي مڪڙو واهين، ڏهو واهين جي چڪڙو واهين،
توکي سُونهي ٿُنهن جي صلاح، جيئن جنهن کي واهين، تيئن سو وهي ٿو.

٣- اَج سان واهين جي ٻڪ سان واهين، اوسر لائي جي سڪ سان واهين،
تو هٿ هادي سڀئي ساهه، جيئن جنهن کي واهين، تيئن سو وهي ٿو.

٤- وهو ٻه واهين جڙا ٻه واهين، ڇوٽا ٻه واهين ٻڙا ٻه واهين،
توکي آهي اِها آگاهه، جيئن جنهن کي واهين، تيئن سو وهي ٿو.

٥- ڏائي واهين جي سائي واهين، ٿائي واهين جي لائي واهين،
ڪُل سوڌي مٿي تنهنجي نگاهه، جيئن جنهن کي واهين، تيئن سو وهي ٿو.

٦- اعجاز ڇوي مُنهن جو وهڻ ڇاهي، اَٿُون ته وهان ٿو توکي نگاهي،
ڪيئن نه ڇرخو ڇلائين ٿو هر گاهه، جيئن جنهن کي واهين، تيئن سو وهي ٿو.

ٿلهه: اَول آخر نُور مُقرب لاَ اِلا الا هو- ظاهر باطن ونحن اقرب لاَ اِلا الا هو

١- غائب حاضر قائم قادر مشرق تو ڙي مغرب لاَ اِلا الا هو

٢- قانع مانع صاب صانع نافع رافع هڪڙوئي رب لاَ اِلا الا هو

٣- هر رنگ اولي ٻوليون ٻولي ڪٿهن مڪون ڪٿهن مُطرب لاَ اِلا الا هو

٤- هند سِند ايران تابل ڪِنعان يورپ يُونان يثرب لاَ اِلا الا هو

٥- هر راز انهيءَ جو اعجاز انهي جو مئخار رندي مُشرب لاَ اِلا الا هو

ثلهه: ڪَرِ خيال خَتمَ پيا لَڪَ ۾ ٿون، وَڃُ پيهي الله اَلڪَ ۾ ٿون.

١- رِيءِ الله جي نا ڪُجهہ ناهي، جيڪي آهي اُهو ئي آهي،
پاڻ تَنهنڪي هَرَ مُڪَ ۾ ٿون.

٢- ڪامَ ڪِرودُ ڪِينو ڪَٽي ڇڏ، موهہ مَمَتَ کان مُنهن مَٽي ڇڏ،
ٻَجهہ نہ ٻيائيءَ ہِڪ ۾ ٿون.

٣- وَاندا اِلاهي عِشقَ سان وَاڳُ جُڳَ جُڳَ جيئَن لاءِ جاڳي جاڳُ،
پَٽُ نہ پَرائي پَرَڪ ۾ ٿون.

٤- لاءِ اعجازؔ لاهوتي لولي، لا اِلا هُو هُو ٻولي،
نِت سدا ڏُک سُک ۾ ٿون.

ثلهه: جيڪو دليون لُٽي ٿو لُٽيں، ڪَر ٿون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

١- نالو اُنهي جو رَنگي آهي، بي اَنت بازيگرُ اَنگي آهي، سَڀَ ۾ سَندس سِر سَيِن،
ڪَر ٿون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٢- جِنهن جو مُلڪ مَڪانَ نہ هڪڙو، پار پَتو رَند نيشان نہ هڪڙو، هِڪڙو سندس مُنهن نہ پيِن،
ڪَر ٿون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٣- لامڪاني لاريبُ سوئي، حاضرُ غائبُ بي عيبُ سوئي، قندُ نہ وَٺَس ڪو ڪَين،
ڪَر ٿون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٤- ڏِسَڻ وارِن ڏي هُو بہ ڏِسي پِيو، حَالَ مَحرَمَ ٿيو خُوبُ هَسي پِيو، مَن جو مَنائي مِين،
ڪَر ٿون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٥- نَڪُ اکيُون سِر صُورَتَ رَکي ٿو، لوڪُ اجَانَ تَنهنکي ڪِين لکي ٿو، اِمو بہ اعجازُ ڏس آنديَن،
ڪَر ٿون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

موهہ مَمَت: دنيا جي لالچ، حرص

شانِ رسول

تلـهـ: اوهين ڪا نظر فرمايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
خطائون در گذر ڀانيو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
١- آوهان جو دَرُ خُدا جو دَرُ: خُدا جو دَرُ آوهان جو دَرُ
بيگانہ دَرُ نہ ٺڪرايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
٢- آگها عاصي آئيا عاجز- ڏيهان ٿڙيل ڏکيا ڏُتڙيل
پورا پُڳيل سگهر(١) لايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
٣- نگاهہِ ڪَرم سان آنا- ڪَريو آسان مُشڪل سَڀ
اوسيڙن ۾ نہ الجهايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
٤- مُونجهارا غم زماني جا- ٿورڙي دارُ البقا وارا
ميٽي ڪُل مُنهڙو مرڪايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
٥- آسان جو سُوال نيارو آ- آسان مان ٿي آسانڪي ڏيو
سيني وارو نہ سَرمايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
٦- گُناهن جي سِياهي ڪان- سڄي دامن سياهہ آهي
اُجاريون ڪيئن سو سَمجهايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
٧- نڪارن ناتصن جي هٿ- اوهان ريءَ ڪا پوا ڪانهي
اوهين سڏ ٿن جا اونايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
٨- نڪي زَر مال گهُرجي سُون- نہ ڪا ناداري گهُرجي سون
بِنهي ذِلتن ڪان ڇڏرايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
٩- اوهان جي پاسباني سان- آسان جي سِنڌُ سائي آ
مَٿان ٿنهن مهر برسايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
١٠- وَاَمَّا السَّآئِلَ(٢) فَلَا تَنْهَرْ- ڪيوهي ٿول قرآني
نہ هن سائل تي ڏرمايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء
١١- اوهين مولىٰ اوهين ملجا(٣)- اوهين مُختار ڪُل آهيو
اوهين اعجاز برسايو- خُدارا خَاتمِ الاَنبياء

(١) سگهر: راھ سان، گس سان (٢) وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ: سواليءَ کي نہ جهڻڪيو رنج نہ ڪريو
(٣) ملجا: پناه ڏيندڙ

تلم: مَديني جو مَنظر شعر الله الله- انهي مُلڪ جو هر بَشر الله الله

١- اَتي وَاري هَل چَل جُهڪيل ڪنڌ نظرون- ذِڪر هر زبان تي شُڪر الله الله

٢- اَتي وَاريون شامُون اَتي وَاريون صُبحون- اَتي واريون گهڙيون ڳُذر الله الله

٣- عطر اُٿون ذي اُت اُهارا اَچن ڪئين- حِنا مُشڪ موتيو عنبر الله الله

٤- سي ماڙيون سي چاڙهيون گهٽيون چونڪ غُنچ- سِي شاخون شجر با ثمر الله الله

٥- وَٺي قلب اُت ٿو صِفت بيخوديءَ جي، وَجي جَرس جِيئن ٿو جِگر الله الله

٦- ڪِروڙن لڪن جُون وَڃن سان اَتي سَپ خطائون ٿِين درگُذر الله الله

٧- ماٿهون جِنَ ملائڪ چُمن مِڙيو چاهُون، گُنبذ سَبز اطهر جو دَر الله الله

٨- لکو رَنگ اَتي جو اُنهن عاشقن کي، عُمر پَر ڪَيو جن صبر الله الله

٩- اُنهي پَارجي سِڪ ۽ سَعيو سَجايو- اُنهي پَار وَارو سفر الله الله

١٠- اُهي وَاديون نَهرون اُهي دَشت صحرا- اُهي چشم پَاڻي اوڪر الله الله

١١- اُهي جبل جُهونا اُهي غار جَايُون- اُهي ٿاڪ ٻيٺڪ ٿُوهر الله الله

١٢- پَسي اِيءَ نظارو مَٽس رَشڪ ڪَن ٿا- مِهر و مَاهه ڪامل بَدر الله الله

١٣- سُنبل سَرو نَرگس صنوبر هَزارا- نخل نَارڪَن ڪَيو ڪَر الله الله

١٤- حَرم بيت حُجرا صِحن صَاف اُجرا- سُونهن پياسي سَر بَسر الله الله

١٥- مَديني مَڪي جا مُنور منارا- مَٿان ٿن جي چَانيل اَبر الله الله

١٦- اُنهي ڏيهه پَسن لاءِ ٿا هَر سال ڪئين ڪَن- صَدق ساهه سِر زر زيور الله الله

١٧- اگهن مَن ڪي اَعجاز مُنهنجون بهه اَهون- پَسان مُلڪ سو دَر سگر الله الله

نخل: ڪجيءَ جو وڻ

ٿلهه: مِٺي مُربي موهيو عربي - مُلڪ ملڪوت وارن کي،
عَجب شُعلا نظر آيا - آئي جَبروت وارن کي.

١- ڪُليون ديدار جون دَريون - حُورون پَريون ٿيون ڇَريون،
تجليون ٿاب تِڪ پَريون - لڳيون لاهوت وارن کي.

٢- جَنت فِردوس جون جايون - گُهمي مَحبوب سَڀ گهمايون،
حَضُوري حال جُون لايون - هُونگون هاهوت وارن کي.

٣- نَعرا نينهن جا لڳا نيارا - عَيان اِسرار ٿيا سارا،
اٿانِ بَخِرا[1] پِرهه وارا - مِليا باهوت وارن کي.

٤- ڳما حَق سَير ٿو سيني - ڳيو سَردار ڪونيني،
رِنديءَ جي رَاز رَنگ رِيني - ٿيو ناسوت وارن کي.

٥- سَيّد سَرتاج وَحدت جو - صَاحب اعجاز صَمديَت[2] جو،
لاٿي ٿو رَنگ مَعرفت جو - صَبر ٿابوت وارن کي.

ٿلهه: آچي آسان مُشڪل ڪَر، حَبيبِ ڪبريا هادي.

١- رَحمَت اللعالَمين سِر تون - نَبي روح الاَمين[3] سِر تون،
شَفيعُ المُذنِبين[4] سر تون - تُنهنجي هَر ڪنهن تي اِمدادي.

٢- ڪنا ڪوجها تُنهنجا آهيون - وچي ٻي دَر ڪٿا ڌانهيون،
اُميدون ڪِينڪي لاهيون - آهيون لاءِ فيض فريادي.

٣- بَرابر آهيون ٻي سَهرا - ڏوهاري ڏاڍا ڏُڪ ڏُهرا،
آسان جا قلب ڪر اُجرا - وَهائي نُور جي وادي.

٤- ڏي بيواهن کي پَرواسو - دَمادم دَاد دِلاسو
آهي اعجاز ارداسو[5] - ٿين وَيرانا آبادي

(١) بُخِرا: ونڊ حصا (٢) صَمديت: بي نيازي (٣) رُوح الامين: اهو روح جيڪو جبرائيل عليه السلام تي نازل ٿيو
(٤) شفيع المذنبين: گنهگارن لاءِ بخشش ڪندڙ (٥) ارداسو: عرض ڪندڙ التجا ڪندڙ

ٿلهہ: قائم ٿُدسي ڪُلاهہ. سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي
لولاڪ لَما گواهہ. سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي

١. آنا آحمد سَمجهہ اِشارو. جَئي ٿو آميان آلله
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي

٢. مُرصَع[1] جامون تاج مُبارڪ. وَهوا جلوو جاهہ
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي

٣. لاَتُدرِڪهُ[2] آل چئي تہ لِڪو آ. صورت آدم ۾ واهہ
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي

٤. ڪِين ڏسي اِهو ڪَنهن نِظارو. ڪَور نَظر[3] جو ڪَوتاهہ
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي

٥. سَير ڪَرڻ لاءِ سُهڻل سائين. ٿامي آيو ڪمزو ناهہ
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي

٦. حُسن جو سائس هَر هَميشه. سِلح[4] سامان سِپاهہ
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي

٧. عِشق آعجازؔ ا عاشقن ڪني. مِلي ڪيائين مُباحُ
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي

(١) مُرصع: جڙاوت ٿيل (٢) لاَتُدرِڪهُ ال: نہ ڏسي سگهندين
(٣) ڪور نظر: گهٽ نظر وارو، انڌو (٤) سِلح: هٿيار

ٿلهه: مِٺا مَحبوب مَوليٰ جا، آوهان کي هي صَدا آهي،
نَاڪامن نَاقصن تي نِت، ڪَرم ڪَامل ڪَريو ڪاهي.

١- آوهين آهيو شَاها شَاني، آوهان جو اسم آڪَاني،
آوهين هِت هُت ڏيندؤ مَعاني، آوهان رِيءَ ڪَا پوا نَاهي.

٢- آسان جا ڪَئي ڪَمائي آ، آوهانکي روشنائي آ،
عُمر گُذري آجائي آ، گُناهن ۾ گاهي گاهي.

٣- ڪَريو عَاصين مٿي مروت، سَاجها ٻَاجهه ۽ شفقت،
هَلايو آهڙي ڪا حِڪمت، آمارو نَفس سَاچاهي.

٤- وَني "لا تقنطوا"[1] وَارو، سَهَارو آسرو چَارو،
سَليوسون حَال سَڀ سَارو، ڇڏيورِ ڪِيمَ ڪِي راهي.

٥- اِجابت[2] ٿئي عِنايت ٿئي، هِدايت ٿئي حِمايت ٿئي،
حَاصل ڪو حَال حَق جو ٿئي، اِٿين اَعجاز ٿو چَاهي.

(١) لاتقنطوا: نا اميد نہ ٿيو (٢) اجابت: قبوليت

ٺلهه: رَسولُ الله جَهڙو رَهبر - نَڪو ٻِيو ٿيو نَڪي ٿِيندو،
سَيّد جو هَمر قَدم هَمسر - نَڪو ٻِيو ٿيو نَڪي ٿِيندو.

١- شَفيعُ المُذنِبين[1] ٿِيندو - بَرابر ڏينهن مَحشر جي،
سوئي آصاحبِ ڪَوثر - نَڪو ٻِيو ٿيو نَڪي ٿِيندو.

٢- امام المُرسلين آهي - مِٺو مُربي اُمي عَربي،
اَحمد جَام جَان اَطهر - نَڪو ٻِيو ٿيو نَڪي ٿِيندو.

٣- هَلي جِيئن هَاشمي هَر هَر - لَڌيون سَارون سَقيمن جُون،
يَتيمن جو اُئين يَاور - نَڪو ٻِيو ٿيو نَڪي ٿِيندو.

٤- لواءِ الحمد جو حَامل[2] - سَدائين دَادگر سَڀ جو،
اهڙو عادل دُنيا اندر - نَڪو ٻِيو ٿيو نَڪي ٿِيندو.

٥- ڪلام الله نَازل شُد - اُمَر جي شَــــان ۾ پيارو
وَڏي اُن ڪان ڀلو بَرتر - نَڪو ٻِيو ٿيو نَڪي ٿِيندو.

٦- لَکين اَحسان لَک لائق - ڪَيئين اَعجاز لاغر[3] تي،
مُنهنجو مُحب سو مُنور - نَڪو ٻِيو ٿيو نَڪي ٿِيندو.

ٺلهه: نَظر آيون آيون هُو پَاڪِ نيلون - اَکيون دَر عَجيبن آهون آپيلون.

١- اُڪنڊ سِڪ کي آهي لکين ڪوهه لحظو - جُهوٽي عِشق سان پُڄي ڪونه پَهُ ڪو،
اِنهي پُور توڙيون، زَنجيرون ڪَئين ڍِيلون.

٢- لَٽو پَنڌ پيرن ٿان مَعافي مَنزلون ٿِيون - مُرادون بر پُوريون مَن گُهريون ٿِيون،
وِڪان ويجهيون پَانيان، سَهل[4] سَڀ سَيلون.

٣- هِتي ڪولي هَلندا جي دِل وَاريون دِيدون - هِتي ٿن لاءِ حَج آهتي ٿن لاءِ عِيدون،
مُبارڪ جا مُستحق اُهي ٻي دِيلُون.

٤- ڏِسڻ هن اَکين کي اِهو نت ڏنائون - ڪَرم ڀَاڄهه اَعجاز ڪو جَهن تي ڪِيائون،
حَاصــل حَال ٿِيڙن جُنيون ڳالون ٿِيلُون.

(١) شفيع المذنبين: گنهگارن تي شفاعت ڪندڙ (٢) حَامل: مددگار (٣) لاغر: ڪمزور، هيڻو (٤) سهل: آسان، سولو

شانِ علی علیہ السلام

سي حرفي

در شان حضرت علي عليه السلام

الف اعليٰ سِرِ الاهي اَلاَصل اوّل عليءَ،
اِبتدا ڪانِ اِنتها تائين اَفضل و اَڪمل[١] عليءَ.

ب- برابر بُت شِڪن ۽ بَربَري بَرسرِ ببّر،
بَي بَها بَانڪو بَهادرِ بي ريا بلڪل عليءَ.

ت- تَوحيد حَقِ سَندي، تَحقيق تَنهن تَبليغ ڪئي،
تعريف لائق تاجدار و تخت جو تَجمّل[٢] عليءَ.

ث- ثُبوتن سان ثابت، سَڀ ثَبين ڪئي ثنا،
صَاحب آهي ثقلين[٣] جو، آخر توڙي اَول عليءَ.

ج- جَابر جُوان جَنگي، جَل جَلالي جَوش سان،
جَابجا جَلوه نُما، جَاني جڳن پَر جَمل عليءَ.

ح- حَقاني حَال سان، حَاڪم حقيقي حَق ڪَندڙ
حَق حَقيقت کي وَٺي، ڪيو هَر مَسئلو حَل عليءَ.

خ- خَلق جي خَير وَارو، خَاص خَاصو خُوش خُلق،
خُود خُدائي خَصلتن سان، خُوبرو ڪُليل عليءَ.

---

(١) اڪمل: وڏي ڪمال وارو، ڪامل
(٢) تجمل: شان شوڪت وارو
٨٨ (٣) ثقلين: ٻئي جهان

ڏ- ڏَامَادِ مُحمّد، ڏَستگير و ڏَست رَس،
ڏَردمندن جي تـه دِل جو ڏَم بَدم ڏَرمَل علـيؑ.

ذ- ذَاتي ذِڪر ڏيندڙ ذُوالذّڪائي[1] ذِي وقار[2]،
ذُوالضِيا[3] ذَابر ذَهين و ذُوالمَنّن[4] ضَوِدل عليؑ.

ر- رُوحاني رَاست رَهبر، رَاز مَحرم روزُ شَب،
رَاشدي جي رُوح سَان رِتيو رَمز ۾ رَڪمل عليؑ.

ز- زماني پَرڪان زيادهہ، زور ۾ زوجِ بتُولؑ،
زنگ بازي زيادتي زَر مال ڪيو زَائِل عليؑ.

س- ساقي سو سدا، ڏي سُرت جو ساغر سڏي،
سُونهن سِيرت ۾ سَرس سڀ ڪان سندم سُڪل عليؑ.

ش- شَاهي شان وارو، شاني شفاعت جو ڏٺي،
شِر شيطاني ڪان پَلي، شام و سحر شَاغِل[5] عليؑ.

ص- صاحب صاف دل، صوفي صفا صائم صبُور،
صبح و مَسَا سو ياد ڪر، سيني جي آصيقَل[6] عليؑ.

ض- ضائع ڪَيئين ذِليلَن کي تـه ضربِ تيغ سان،
ضابِطي سان ذِبح ڪِيا بي پير ڪَيئين پلپل عليؑ.

(١) ذوالذڪائي: دانا، ماهر
(٢) ذي وقار: صاحبِ عزت
(٣) ذوالضيا: روشن ڪندڙ
(٤) ذوالمنن ضودل: احسان ڪندڙ روشني ڏيندڙ
(٥) شاغل: شغل، ڪم
(٦) صيقل: تلعي

ط۔ طَريقت دار طاهِر، طالبن تي مهربان،
رِتن طمع کي ترڪ ڪيَو، جن ڏنو تعدِل عليءَ.

ظ۔ ظفرمَند ڪِيو ظهور، ظلم ظالم تيو زَبُون،
ظاهر ضعيفن جي مدد ۾، آهِ ڏس اچ ڪلم عليءَ.

ع۔ عاشق عارفِ بِالله ۽ عالي هِمت،
عِلم لُدنِي جو آڪابر، عالِم و عادِل عليءَ.

غ۔ غازي غضنفر، غُنبن غدارن لئه غضب،
غم زدن ۽ هِن غريبن جو سڄڻ گهربل عليءَ.

ف۔ فقيرُ الحال فاتح مست فَائِز ذي فهم،
فوج فالم[1] سان فَتيٰ[2] فرمان روا فاضِل عليءَ.

ق۔ قائم ڪُل متي، ڪُل جو قديمي ڪارسان،
قُل ڪمائي ڪُل ڪيائين ڪُل ڪنان قابل عليءَ.

ڪ۔ ڪاشف ڪبريا، ڪاتِب ڪلام الله جو،
ڪعبي کي ڪَعبو ڪيو، ڪعبو چوان ڪامل عليءَ.

ل۔ لاثاني لبقاء آلافتح الاعليءَ،
لا طمع سو لاڏلو لالچ ڪنان لڙيل عليءَ.

م۔ مُحيِّ الدين جو مالڪ مُحافظ مختيار،
مِيم جي معنيٰ جو ماهر، ميم ڏي مائِل عليءَ.

ن۔ نوري نور پَرون، نور جي وادي نَهر،
نور نالو نور نظرون، نور سو نرمل[3] عليءَ.

(١) فالم: هيبت ڇائيندڙ (٢) فتيٰ: دلير (٣) نرمل: پاڪ، نج

و- وَالله واهــ واهــ، وَرِ وَلهن جو واه واه،
وِرهـ وارن کي وِکان، ويجهو آهي واصل عليءَ.

هـ- حَرامين ۽ حَلالين جي هَميشهـ کَسوٽي[1]،
هَاشمي هَادي آسان جو آجکو آجمل[2] عليءَ.

ل- لاهي لڱ لڱ لاٿا پا، لوچ آهڙو لعل تون،
قبر قيامت ۾ ڪَنڌ ۾، ميان معاف سڀ مشڪل عليءَ.

أ- اَعجازا اُنهي کي، ڪونهـ هُوندو ڪو احتياج،
اَزل کان آنا جَنهن جي قلب تي اُکريل عليءَ.

ي- يگانو يار آهي، يار منهنجو يا عليءَ،
ياوري، لاءِ سو يقيناً ياد ڪيم يڪدل عليءَ.

(١) ڪسوٽي: پرک، سڃاڻپ (٢) آجمل: جَميل وحَسين

تلم: ڪَرا هو ڪينو ڦِتو ۽ پَنهنجو تُون ڪورُو قصد،
حَيدري بَندن ڪَي حاسد، ڇَا ڪندو تُنهنجو حسد.

۱- هر گهڙي جن جي حِمايت آهي آسد الله کَي،
تن اگيان ڪَهڙو پَڏين تو ڪانڊرا تون پَنهنجو قَد.

۲- تُون پَارکو پُورو نہ آهين، پَٽ اکيون وَاري پرک،
بُو تُرابيِن سان نہ ييتج، بي بقا بُنياد بَد.

۳- ري ۽ سَيّد جي رَهبري، نَاهي رَوا نَاهي رَوا،
رک نَصيحت دِل تي تُون، روڳي آجايو ڏي نہ رَدُ.

۴- دَرُ دَامادِ مُرسل جو، آئُون نہ ڇَڏيان اعجاز ڇَپَي،
ويو ۽ ويندو واٽ اِن سان، وِرهہ وارن جو وَفد.

تلم: هَر سُو هَمه هُو هُو هُلي- هُو حق عليءَ هُو حق عليءَ.
جلوي[1] نُما ٿيو جَل جَلي- هُو حق عليءَ هُو حق عليءَ.

۱- مَخفي[2] مَتي اثبات[3] جي- وِجي مام معنيٰ اِت ملي،
مَردن چيو مَرڪي مَلهي- هُو حق عليءَ هُو حق عليءَ.

۲- سر سان سِري ساهئون پَساهئون- سو صحي سوجهي لڌم،
سُڌ سَلُوني تِنهن سَلي- هُو حق عليءَ هُو حق عليءَ.

۳- چشمان چشمي چاڙهم چاڙهي- چوڻان چوڻي چٽ چڙهي،
چَو طرف ۔س چوڪس چلي- هُو حق عليءَ هُو حق عليءَ.

۴- وَجَهُ الله وير وارث- وحدتي ويڙهي وَندو،
واقف وَسيلو وَر ولي- هُو حق عليءَ هُو حق عليءَ.

۵- عشق آر ڏي آرَ سان- اِرشاد ڪيو اعتبار ڪر،
اعجاز اولي سِر عليءَ- هُو حق عليءَ هُو حق عليءَ.

---

(۱) جلوي نما: ظاهري ديدار (۲) مخفي: ڳجهو، لڪل (۳) اثبات: اقرار، ثابت

ٿلهه: اٿئي جي دل جگر ۾ دم عليءَ الله چئو چئي ڏي،
انهيءَ دعويٰ تي رهه محڪم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

۱- زماني دَهَر هَر ڪَنهن ۾ بَحَر بَرَ شهر هَرَ ڪنهن ۾،
هميشه هر گهڙي هردم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

۲- ڦُجين سيڇو اندر جو جي ڦُجين نِرتو نظر جو جي،
ڦُجين جي نينهن ۾ ناظم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

۳- عليءَ ءِ العليءَ ڪي تو جي آڳُ ۾ جُدا ڄاتو،
تہ هاڻي بي ڏڙڪ همدم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

۴- نڪي درمان پُڄُ دارون نَڪِي ڪَرِ ڪَنهن پئي دَرَ ڪارُون،
سندءِ زخمن سندو مَرهَمُ عليءَ الله چئو چئي ڏي.

۵- نہ جيسين صاحبِ دل ٿين نہ تيسين مردِ ڪامل ٿون،
اچي ٿي راز جو محرم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

۶- جي تون مُطرِبُ تہ ترنم سان جي تون گويو تہ سرگم سان
ڪري هت لَئِ تي لَئِ ۾ گُمُ عليءَ الله چئو چئي ڏي.

۷- نَفيِ اثبات ڪَرِ حَق ڪي وڃائي ڇڏ شُبهہ شڪ ڪي،
ٿي صوفي بي سر و بالم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٨- اُهائي ذات آڪڪَ ۾ اُهائي ذات آلڪَ ۾،
اُهائي ذات آ پيعَمر عليؑ الله چئو چئي ڏي.

٩- عليءَ جو سِرُ آڳاهُون آڳاهُون آ متاهون آ،
اوري آ ڏاڏهين آدم عليؑ الله چئو چئي ڏي.

١٠- ڪيسين ڪَذاب ٿي گهمندين ڪيسين ڪنهن کان ڪَنبي ڪنبدين،
ڪَنبڻ نا عاشقن جو ڪم عليؑ الله چئو چئي ڏي.

١١- اڄان واعظ تون بيچارو پالين پيو نَفس اُتارو
اُٺائي عشق جو پرچم عليؑ الله چئو چئي ڏي.

١٢- مخالف آسمان ٿي پئي جي مارو جڳ جهان ٿي پئي،
چوي اعجاز تون تاهم عليؑ الله چئو چئي ڏي.

قلعه: اٿئي جي دل جگر ۾ دم عليءَ الله چئو چئي ڏي،
انهيءَ دعويٰ تي رهه محڪم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

١- ڏسڻ حق جو ڏِٺو جي ٿئي، مرشد ڪامل ڪنو جي ٿئي،
نه سِرُ پنهن جو مِٺو جي ٿئي، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٢- مئي پي جي مَتَل آهين، انهيءَ رنگ جي رتل آهين،
عليءَ در جي ڪتَلُ آهين، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٣- عجب تنهن جو عقل آهي، مَحَوُ خبرن تي ڪُلُ آهي،
اصل تو وٽ نقل آهي، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٤- جِتي رهن دم جا اِنڪاري، اٿئي سي عِشق کان عاري،
اُتي عاشق ٿئي اقراري، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٥- توکي ماٺو ڪندا مَنعُون، مگر تون ڪيم ٿج ماعون،
طبل تاڪيد سان بس تون، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٦- نالي خاطر نه ٿي نانگو، لنگهي وڃ لاجو لَڪُ لانگهو،
هجي جي تارجي تانگهو، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٧- مَچڻ ميدان منصوري، اندر جي آس ڪر پُوري،
سنياهي سِر مٿي سُوري، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٨- اُتي اعجاز ٿي اظهر، هڻي نعرو اهو اڪبر،
ٿهي منصور کان دم پر، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

ٺلهه: جن کي عشق آهي پنجتن پاڪ جو، تن کي خوف ڪهڙو قبر خاڪ جو،
اهو کيو اعتبار انهي ڏر جا پينان، هوندا باغ بهار ساري سڀ جهار.

١- آدم صفي الله، موسيٰ ڪليم الله، ابراهيم خليل الله، عيسيٰ روح الله،
سانڍي سوز صاحب لولاڪ جو، پاتئون انعام عبدي املاڪ جو.

٢- عاشق عالم سالڪ سالم ڦاتح ڦالم معارف معلم،
اتان سبق سکيا اخلاق جو، اعليٰ علم عقل ادراڪ جو.

٣- عدني، عرفاتي، مصري، گجراتي، هندي، هراتي، سنڌي، سواتي،
پڙهي پنهنجو آلحاڪ جو، ڪر ناهي دالاهتاڪ جو.

٤- گاءِ اعجاز ڳڻ پنجن جا، هردم هر جاءِ ٿن هنجهڻ جا،
اُهي ڪڪر آهن هن ڪاڪ جو، ڪندا غور سي سڀ غمناڪ جو.

ٺلهه: مولي ٿون مولي ٿون، مولي ٿون مولي،
عليؑ نام ٿنهنجو، لاهين ٿون اولا.

١- بشر جي ٿي آولي ۾ آئين برابر، مگر آهين سر تون الاهي سراسر،
سڄاڻي ويا توکي هي ٿنهنجا ٿنگر، وهم غمر ويڙا پڳا پوپولا.

٢- مهردار ٿنهنجا ملڪ جن ماٿهو، ڳائيندا ويا ڪئين ٿنهنجا ڳڻ ڳاٿو،
حقانو تون هادي، حاذق حال ڄاڻو، آسين آهيون ٿنهنجي ڳولن جا ڳولا.

٣- پريندي ڏٺو جن ٿنهنجو در آچي، پيارئي ٿني ڪي سڏي سرڪ سچي،
مري ٿيا سي منصور معل ۾ مچي، پين قرب ٿنهنجي جا قابو ڪرولا.

٤- هلياسون هاهوت ڏي حيدر جي حڪم سان، اڪئون عشق اعجاز انهي جي اسم سان،
رنگي روح چڙهيئين رندي ريت رسم سان، لنگهياسون لڙهريون جمڪون جهڙ جهولا.

ٿلهه: هَر هَر گداگر آهيان حيدر حُسينڻ جو،
پينو پياسي پينان، پڇري پاڪ چمڻ جو.

١. ڪنگڻ ڪولابو ڪنڌ ۾، ڪنٺو ڪستو ڪين مان لاهيان،
هڪِ عشق اندر ۾ انگ تي آلفي پرت منجهان پيو پايان،
شاهِ نجف ڏي ڪاهيان، اٿم تانگهو تنهن پيڻڻ جو.

٢. گودڙيو آهين گولو تن جو، هل لانگوٽيا لاهوت،
ٽُرت طمع کي ٽرڪ ڏيئي، تون ڪر نَفِي نابود،
ٿُنهنجو پنج ڪَنِي آتوت، هاٿي هوڪو ڏي هلڻ جو.

٣. حُر وانگر ٿي حُر حقيقي، ڪر ڪليجو قربان،
نانگو ٿي تون ڪڻ نقارو، چوڪِي ڏي تنهن چوگان،
اعجاز! عليؑ ڪان دان، گُهر تون محب ملڻ جو.

ٿلهه: جَنهنجو مَوليٰ عليؑ سان پيار نہ آ، تنهنجي ڪَلمي تي اعتبار نہ آ.

١. عليؑ آهلِ خُدا، عليؑ آهلِ شفا، عليؑ آهلِ سخا، عليؑ آهلِ وفا،
ڪَئي جَنهن بہ صَدا، عليؑ دَر تي گدا، اِهو خالي ڪَڏهن وِيو يَار نہ آ.

٢. جَنهنکي پياس پَنجن جي هُوندي گهڻي، ٿنهنکي مَحشر ۾ مَرهيندو ڏڻي،
جِيڪو مُنڪر ٿيندو سَمجهي سُني، سو ڇيبو حَلالي يَار نہ آ.

٣. مُنهنجي شير جَلي جَهڙو ڪو ڏس، آهڙو بَانڪو بَهادر ٿيو ڪو ڏس،
سَواءِ حَيدر خَيبر ڪَنهن کٽيو ڏس، جِتي آهي عليؑ اُتي هار نہ آ.

٤. جَهلي دَامن جَنهن بہ حَيدر جي آڇي، رَنگي رَنگ ۾ ويو هِت هُت سو رَچي،
اِها ڳالهہ اعجاز! آهي سَچي، هِن ۾ ذات ذَرو ڦير ڦار نہ آ.

ٿلهه: يَا عَليءَ مُشڪل ڪُشائي ڪَرِ اچي ـ رهه رکين جي رَهنمائي ڪَرِ آچي.
حَق رَسيدا حَق رَسائي ڪَرِ اچي ـ بيواهن جي وَاهه ڪائي ڪَرِ اچي.

١ـ حَق ۽ بَاطل جي وِچان، پٽي سَيّدا ـ صِف شِڪن تي سَڀ صَفائي ڪَرِ آچي.

٢ـ ٿون سَڱوني سِر سليندڙ سِر رِتي ـ ڦاش آچ هي ڳُجهه ڳُجهائي ڪَرِ آچي.

٣ـ ٿون وِڪهن جو وَاهرو مُڪجا مولئ ـ عَاجزن آڙين جي آجائي ڪَرِ اچي.

٤ـ ٿُنهنجا توڪي ٿي سَڏيندا جَابَجا ـ سَڏ سُڻي ٿَن جي سٽائي ڪَرِ آچي.

٥ـ ڻَابرن جو تو مَٿي آننگ ٿنگي ـ بَد بُرن سان ٿون ڀَلائي ڪَرِ آچي.

٦ـ نَامَ ٿُنهنجي سَان آچان اعجاز چئي ـ چو حَسد آهي آچائي ڪَرِ اچي.

ٿلهه: دِل عَلي المُرتضيٰ جي ڳالھ ڪَر. شَهنشاھ شيرِ خدا جي ڳالھ ڪَر.
هَادي حَيدر حق نما جي ڳالھ ڪَر. مومن جي مَدَ لقا جي ڳالھ ڪَر.

١. صَدَ سَلامن سان صَلواتون پڙهي. پوءِ وَصيءِ مُصطفيٰ جي ڳالھ ڪَر.
٢. شان ۾ جَنهن جي ٿي نازل هَل آتيٰ. تنهن بَهادر بي بَها جي ڳالھ ڪَر.
٣. پيا ٻين جي ڪَن پيلي پر تُون سَدا. ساقيءِ ڪَوثر ڪَفيٰ جي ڳالھ ڪَر.
٤. دَم اَڪَئي جيسين تہ تيسين دَم بَدم. جا بجا مُشڪل ڪُشا جي ڳالھ ڪَر.
٥. سَڀ طَريقن سِلسِلَن جي مور مُنڍ. پر پُريائتي پيشوا جي ڳالھ ڪَر.
٦. لاَ فتيٰ اِلا عَلي ؑ لا سَيف چَئي. فاتحِ خيبر فَتيٰ جي ڳالھ ڪَر.
٧. مُشڪ عِطر سان مَلي هَر هَر دهَن. تُون مُحمّد ؐ جي مَوليٰ جي ڳالھ ڪَر.
٨. بَا ادب ٿي نِياز نئڙت عِجز سان. زُهرا جي شوهر بَاوفا جي ڳالھ ڪَر.
٩. بُو الحَسن ؑ بَابُ العِلم پدرِ حُسين ؑ. صف شِڪن صَفدر صَفا جي ڳالھ ڪَر.
١٠. نِت نوازيا ناتوان، اعجاز جَنهن. سَر بَسر تنهنجي سَخا جي ڳالھ ڪَر.

ٿلھ: آسان جو تہ سَاقي عليؑ آ، علي ؑ آ- ڏِيندو پَٽ عُشاقي عليؑ آ عليؑ آ.

١- ڳَلا دار ڳَامل ڳَما حَق ڳَلالي،
ٿَائم سِر قديمي ڳَده وَرڳمالي،
موڪي مَد ميثاقي عليؑ آ علي ؑ آ.

٢- سُهڻي سَانگ سُونهاري سُبحاني سِر سان،
بَبر خيز پيالي ڦَياضي نَظر سَان،
مَٺي ءِ تي مُلاقي عليؑ آ علي ؑ آ.

٣- سَيّد جي سَري وَٽ مَٺا مٺي ڪَشن جا،
سَوين سُنگ ميڙ اسَٺا مٺي ڪَشن جا،
سَندن يَار ياقي عليؑ آ علي ؑ آ.

٤- رُومي شَمس مَنصور قلندر بَلاول،
بُلا شاهہ پِناٿي سَچل مِصري پِيدل،
سَڀن وٽ اوطاقي عليؑ آ علي ؑ آ.

٥- دَارون دَرماندن جو عَليءَ دَست دَر آ،
اُهوئي اعجازؔ ا نَسِيمُ الڪوثر آ،
بَقا بِالله بَاقي عليؑ آ علي ؑ آ.

قلم: آسان جو شاهہ ٺان حيدر۔ سر سُبحان ٿي آيو،
سَخا واريءَ صِفت ۾ سو۔ سُخنِ سلطان ٿي آيو.

١۔ شَهنشاهہ شير شُجاعت لاءِ۔ اَول آخرِ امامت لاءِ،
مُصافحي ميل مَحبت لاءِ۔ يَدِ يَزدان ٿي آيو.

٢۔ مُحقق مُک مُعان ماهر۔ طَبعيءِ فِطري تِقي طاهر،
آصل باطن توڙي ظاهر۔ لالن لاثان ٿي آيو.

٣۔ علي گُر پير مَلَڪن جو۔ سُونهون فَرشن فَلڪن جو،
وَاقف سِر سير وَنحن جو۔ سگر سروان ٿي آيو.

٤۔ چَون وارن چَيو حق آ۔ شُبهہ تَنهن ۾ نَڪو شَڪ آ،
مُحمّد ﷺ ۽ عَلي ؑ هڪ آ۔ نرِيي جِندجان ٿي آيو.

٥۔ ڪَعبي وَاري وِلادت سان۔ سُجودِ حَق شَهادت سان،
عَجائب اِن عِبادت سان۔ بَري بُرهان ٿي آيو.

٦۔ اعجازا عَاشقن جي لاءِ۔ آوليائن عَارفن جي لاءِ،
پَنهنجي شَعر شَائقن جي لاءِ۔ بَدل بَاران ٿي آيو.

هَٿُ حيدر جي دامن ۾ پاتو آسان - صحي پَنهنجو سَهارو سُڃاتو آسان

١- ڏٺو سُون نه ڏسنداسُون ڪي ڪَنهن جو دَرُ
آهي پاڻ شاهد عَلي مَولي سَرُ
جيو نامُ تنهنجو ڏينهان رَاتو آسان

٢- جهڙا آهيون تهڙا وڃيو پيش پئون
پايو پاند ڳچيءَ نيو اُت نئون
ڪري ڪعبو قبلو سو ڄاتو اسان

٣- ڏيندو ڏڏ ڏوهين کي مُڳان پير معاني
آسان ڳالهه آهي سو ڳاني سو شاني
ٿڏهن آهي تنهن کي ته ڳاتو آسان

٤- آهي هُو آسان جو آسين هُن جا آهيون
چاهي هُو اسانکي آسين هُن کي چاهيون
اِئين نت نباهيو آتاتو آسان

٥- ڏني سُرڪ ساقي سَچائي سَندي
وِرهه عِشق اعجاز وَفائي سَندي
وَرتو پير پارس پُرياتو آسان

ثلم: يَا عليءَ مُشکل ڪُشا - هَادي ھِمٿ ڦُوٽ ڏجان،
بينَوا بَدبَخت تي - ڪَامل ڪَرم ڪَاھي ڪَجان.

۱- ھي رُڪيو رَھِدار روڳي - ٽُنھن جي آھي آسري،
آءُ آچي ڪَر ٽنمنکي آجو - غَير ڀِيائي جي ڀِجان.

۲- رَھنمائي سَان ڪَريو - رَاه آسان عِشق جي،
پَنڌ آپر آ ڏور مَنزل - سَيّدا سَائي ٿجان.

۳- جي آوھان جي ٿِئي نَظر تان - خَاڪ ڪِيميائِي ٿَوي،
ڏِيد لاڪي پيچ پَائي - ناقصن کي ھُٽ ڏِنجان.

۴- عَينُ ڏوھي آھيان - اعجاز چئي سُڻ سَاقيا،
آڪون سَمَرُ اڳئين سَفر جو - ڪونه ڦو سِرءِ سجھان.

ٺلهه: حيدر پير خيبر گير وارث وير وسيلا،
واهه واهه ٿي وِي شاهه رهبر راهه رسيلا.

١- جهندي جام تون اِمام، تنهنجو نام عليءَ آ،
پاڪيزا پيس، ببر شيس، پري هير هلي آ،
پون ٺاب، هي شتاب، معٺي هاب جا حيلا.

٢- حاسد هون ڪن ٿا شون، ڪُڙا ڪور ڪنورا،
ٿِيا نِفاق منجهان عاق، آهن ٺاڪ آنورا،
تون رسين، نڪ ڪين، ٺِڪا ٺِين ٺسيلا.

٣- تنهنجي پيش، نيمي نيش، ڪئين درويش ديوانا،
پِي پينان ٿِيا سرشان پرت دار پيمانا،
سندءِ جُود، سگهر سُود، ڪيا خُوشنود تسيلا.

٤- جهڙو شان، اٿئي مان، تهڙو دان ڏي داتا،
آهيون ڏڏ، اَپَرِي لڏ هِيٺا هڏ هيماتا،
توڪان راڄ سريا ڪاڄ، ڏجائي ڏاڄ ڏجيلا.

٥- چئي اعجاز بلند آواز ڪوليو راز رڳي تو،
آهين رند، اصلي چند، تون دلبند نبيءَ جو،
تنهنجو پورءِ حضور پسن نُور ٺليلا.

ٺاب: قبول

ٺلھ: مَوليٰ نام ٿُنھنجو- ڇڏائي ڇِيَن کان،
ھِتي جَن ھُتي جَن- سمورن سِيَن کان.

١- ٿُنھنجي نام جي نِت، مُحابي آ معاني،
آزِيائتَن عاصين لاءِ، آ کيڏو نہ ڪاني،
عِفت مغفرت ۾، ٻِيٺو آ ٻِين کان.

٢- مُون ھَر حال رَنگ ۾، ڏِٺو اوري ڏوري،
مَٿين مَن واري کي، ھَٿيو ڇُوٽَ چوري،
ٿَلھن ٿِيو وَتان آئون، ڪِيو وَڏِ ڪِيَن کان.

٣- بِرھہ عِشق وارو، اُوليٰ بَا آثر آ،
ٻي پَرڪان پَر آ، سِپر آ سَمر آ،
اِھا ڀَئي خَبر آ، تہ جوڳين جِيَن کان.

٤- سَاراھيو سو اعجازؔ، مَردَم جي سان،
آھي آشڪارو، اڪر عَين جي سَان،
ڪَري خَاص وَاقف لَقائي لِيَن کان.

عفت: پارسائي، پاڪائي

ٿلهه: عَليءَ مَرد ڪامل يگانو يگانو- ڳُجهي راز ڳجهه جو خزانو خزانو.

١- خَفي سو جَلي سو وَلِين وَلي سو- حقان حق ؏ حق جي آ رَهبر ڳلي سو
سوئي عِلم جو دَر سُهانو سُهانو.

٢- هُو شمعِ رسالت جو پَهريون پَتنگ آ- جُوانن جي صِف جو پَهريون جُوان جنگ آ
اَصل چِند عاشق رِندانو رِندانو.

٣- دِلين جو هو دَاتا دِلِيون هو سُجاڻي- اُپِن آسمانن جو هو حَال ڄاڻي
رکو خِيال ٿنهن سان رُوحانو رُوحانو.

٤- پَنهن جا پَاڻ پَاڙي سَچا مَرد غازي- بَبر خيز پيارِيو ڪَري سَرفَرازي
سَخي آهڙو سَاقي روزَانو روزَانو.

٥- عَليءَ جي نَظر ۾ اِشاري آثر ۾- آهي ڏِس اعجازا آحاطي اَمُرَ ۾
زِقبل حَال مَاضي زَمانو زَمانو.

تلهه: اي اِمامُ العاشقين ساقي سَيرِ مُشڪل ڪُشا،
ڪر سُوالين جون صَدائون پوريون پر مُشڪل ڪُشا.

١- صُبح دَم جي التجا آگا اُونائن توکي،
هَر دو جَڳ جاڏي سڏي اَچ سَڀ سَمر مُشڪل ڪُشا.

٢- شان تُنهنجو هيئن نہ شاها، ڪِيئن اِيڏيون ديريون ڪرين،
بَر مُرادون مَنَ جُون ڪر، هي جهولي پَر مُشڪل ڪُشا.

٣- قافلن جا قافلا ڪيئن يول تو ڏائي ڍِيا،
جاءِ بَجا تُنهنجا وَسن تا نِت نَنگر مُشڪل ڪُشا.

٤- مَن طَلب شيءِ چيو تو، قول پَنهنجو پار تون،
ڪَر نَنگينا ڪا نَظر تَر نامورَ مُشڪل ڪُشا.

٥- مٿي تُنهنجي مَئيخان جي ۾ پَٽ تُنهنجا پَداريان،
چِن پيتاسي مُون ڏِنا سُونهارا سِر مُشڪل ڪُشا.

٦- دَرندا پَرندا چِڻ مَلڪ، جَر جيت ۾ وَڻ تِڻ جَبل،
سَڀ سلامي تو سَندا، جڳ وڳ وڳر مُشڪل ڪُشا.

٧- ڦڪل هيبت ڏاب ڏاڪي تُنهنجي ڪيا پامِن پئي،
تو ڪَنان لا ڳُل ڪَنبن ڪافر ڳبر مُشڪل ڪُشا.

٨- عَرض لڳ حَسنين عَ جي اعجازؔ جا سُڻ يا عليءَ،
مَغفرت سان مَعافُ ڳُل ڪر ڏوهه ڏمر مُشڪل ڪُشا.

ٿلهه: دِل ٿي چوي چوان چوان - دَمر دَمر عَلي عَلي.
لَڪ لَڪ ڏَئعا لکان لکان - دَمر دَمر عَلي عَلي.

١- جيڏهن ڏِيان جي ڪَن- تہ صَدائي علي عليءَ مُجي،
هِن هُن وٽان ٻُڌان ٻُڌان - دَمر دَمر عَلي عَلي.

٢- جيڪا نظر ڪَجي تہ - اُنهي ذات تي پَوي،
هِت هُت پَسي پسان پسان - دَمر دَمر عَلي عَلي.

٣- اِثبات وَاري دَمر ۾- عقيدي وِيساهہ سان،
اَلله جيئن مَڃان مَڃان - دَمر دَمر عَلي عَلي.

٤- اي مُحتسب ٿون مَنعُون - ڪَندين مُونکي ڪيترين،
نِڪريو وَڃي چتان چتان - دَمر دَمر عَلي عَلي.

٥- جَنهن طرف جي وَڃان تہ - ويسارو نہ ٿي وَڃان،
چَوندو آوڳهن وَڃان وَڃان - دَمر دَمر عَلي عَلي.

٦- دُنيا جا عجب عَيش - ۾ سک مان سَڀ ڇَڏي،
مَنگتو ٿي نِت گُهران گُهران - دَمر دَمر عَلي عَلي.

٧- آئون تہ ڪَريان مَاڻ ڪَئي - تُنهنجي ڇَڪي مگر،
ٻُڌندين آڙي چتان ڪِتان - دَمر دَمر عَلي عَلي.

٨- دِل جي ٻَڪي ءِ تان عَمين آڪر - ميٺي عين لڪ،
ڪَر ٻوءِ هِجي رَوان رَوان - دَمر دَمر عَلي عَلي.

٩- اعجاز جو ٻہ سَوئي، تہ اُستاد پير آ،
ٻوءِ چَوندو آئون ٻُڇان ٻُڇان - دَمر دَمر عَلي عَلي.

ٿلهه: مُنهنجو آقا عليؑ عليؑ - مولىٰ مظهر العجائب.

١- اسد الله سو عين الله سو- وَجهُ الله سو، يَدُ الله سو،
جَنبُ الله سو جلي جلي- غير جي اک ۾ دل کان غائب.

٢- ما سوي الله ترک وارو- ساقيءِ ڪوثر سچارو،
وارث ولي ولي- وصي نبيءَ جو نيک نائب.

٣- شاهِ مردان شيرِ يزدان- مُثل دل لاءِ آبِ حيوان،
هيءَ ته وصف پلي پلي- آهي عجائب ۾ غرائب.

٤- لافتيٰ آلاجوابي- باب علم جو بوترابي،
ڳول نه ٻي ڪا ڳلي ڳلي- ٿي عليؑ در توبه تائب.

٥- آهي اعجازؔ شاهه حيدر- پيراهن جي واهه حيدر
آيو هُکل ۾ هلي هلي، ويو ميني مُشکل مصائب.

ٿلهه: من عرف واري مام جو- مالک عليؑ عليؑ.
جوهر جلالي جام جو- مالک عليؑ عليؑ.

١- آبي شُبهه برابر- بانکو ببر برِي،
برسر بقائي بام جو- مالک عليؑ عليؑ.

٢- هردم حُضوري حال سان- هسوار هاشمي،
حملي حُسيني هام جو- مالک عليؑ عليؑ.

٣- سرخيل صوبو ثابت- صاحب صورت سندو،
صلوات ۾ سيام جو- مالک عليؑ عليؑ.

٤- اعجازؔ سرُ سلوني- مان معلوم ٿي ويو،
معنيٰ آ الف لام جو- مالک عليؑ عليؑ.

مصائب: مصيبت، ڏک، تڪليف

ٿلهه: سوچھ وَجي سَنسار- جوڙ نہ ڏِسندين جڳ ۾ عليؑ جو.

١- دِل ۽ دِليري صبر سخا ۾- جَنگ جَدال ۽ جَبر جفا ۾،
آهي عالم آشڪار- نالو نمايان شير جَليءَ جو.

٢- يَدالله جي يلغار آڏو- وِچ ڪَسان تِڪڙي وارجي آڏو،
ڪير ٿيندو تڪرار- جگر ئي ناهي ڪنهن جنجليءَ جو.

٣- جَهڙپ هِڪ سان هزارين جُهڪايئين- پيل پَربت بُونب پڃايئين،
ڌَهريَن آڏهڪاءِ ببر بانڪي مَرد مَلهيءَ جو.

٤- مک مغان ميخان مٽيءَ جو- ساقي موکي ورهه وٽيءَ جو،
قطرو ڏي تہ قرار- تلب وٽي هر ڪنول ڪليءَ جو.

٥- اعجازؔ عليؑ جو مقام اعليٰ- عُشاقن سَندو وسو امام اعليٰ،
مَسند نشين مَعندار- رَهبر رَبوبي راهہ ڳليءَ جو.

ٿلهه: ڇاتي ۽ جي ڇير ڇم ڇم سان - نچي جپ نام حيدر جو،
ثناگر ٿي گداگر ٿي - صبح ۽ شام حيدر جو.

١- ڇڏي غفلت ۽ گمراهي - ناچو ٿي نچ نانگا ناهي،
عجب ٿي پئو ٿئون آگاهي - ته گام و گام حيدر جو.

٢- ملنگ مولي عليءِ جو ٿي - شيدا شيرِ جلي جو ٿي،
واصف وارث وليءِ جو ٿي - پائين انعام حيدر جو.

٣- ڪسا ڪوڙا ڪچا ٻيا ڪُل - دُنيا ۾ رنگ آئي بلڪل،
پڪو پختو ٻانئج ٻلبل - فقر فن فام حيدر جو.

٤- حقيقن ڪي مجازين ڪي - غوغائن مرد غازين ڪي،
پلئه پيو پتنگ پازين ڪي - پُران پُر جام حيدر جو.

٥- آصل عرشن ۽ ڪرشن تي - بلڪ فردوس فرشن تي،
جنن ملڪن ۽ برجن تي - آئي اڪدام حيدر جو.

٦- بلاغت[1] آ فصاحت آ - شجاعت آ سخاوت آ،
عنايت آ امامت آ - اَمرِ اسلام حيدر جو.

٧- محبت عشق محڪم سان - مُدامي دِل مسلم سان،
صدق ۽ مچ سر خم[2] سان - حڪم احڪام حيدر جو.

٨- ثوتي اعجاز هر گاهي - اِهوئي فرض بس آهي،
نهي جيئن تو ٿئون تيئن ٿامي - ڏجان پيغام حيدر جو.

(١) بلاغت فصاحت: خوش ڪلامي، ڳالهائڻ جي قابليت (٢) سر خم: عاجزي، سر جُهڪائڻ

ٿلهه: عليءَ جي نام اَطهر کان. مُلان ڇو ٿو ڪَرين موشُ،
آئُنِي مَحشر سَندو موڪا. اِهو تُحفو اِهو توشو[۱].

۱- جي ڪَلمي گو سَڏائين ٿو. تہ پوءِ ڪيئن ٿو ڪَرين پيائي،
مُحمد کير مَوليٰ کير. ڪَري ڏِس غَير کان گوشو.

۲- بِنا دَروازي جي پَورا. ڪِٿان ويندين شَهر ۾ تُون،
ٻَيا[۲] ڪجھ هَوش ڪَر هَائي. نَہ ٿي ايڏو تون بيهوشو.

۳- جيڪو يَدُ الله آهي ءَ. ڪَري پيو ڪَرم الاهي نت،
عِنايت ڄاڻ سڀ اُن کان. ٿِيل ناٿي فراموشو.

۴- ڪَري ڪَنبور ڪافر لاءِ. اِهوئي نام ڪاني آ،
اُکيان اَعجاز وٽ اُن جي. جَلالي ٿي تون سَر جوشو.

ٿلهه: عَلي مولىٰ مُنهنجو مَددگار آهي،
مُون کي هَاڻ ڪَنهنجي ڏَروڪاڻ ناهي.

۱- ڇَوان آئون سَچ ٿو، هو ڄاڻن نہ ڄاڻن. ڏِنا ڏُک جي مُونکي زَماني جي ماڻهن
سَيدساٿي سَڀ سي، وِيو لِک ۾ لاهي.

۲- عَلي شَاه جو آئون ٿو احسان مَڃيان. هِي سِر ساه گهر ٿِڙُ تَڏُرُ ٿنهنکي سَڃيان
ڇڪيئين حَاسِدن جا ڀَيا ڄوهہ ڏاهي.

۳- مُون اِثبات دِل سان ڪيو سِر عَلي جو. مُبَري[۳] مَرد مَانجهي مِٺي مُنجَلي[۴] جو
وَڏا فَيض جَا ٿَنهن وِڏا وَاهہ وَاهي.

۴- حَيدر جي حُڪم سان هَنيم نينهن نَعرو. ڏسيائين اَعجازا رندي رَاه ڇَارو
وَئيو سو وَڃان ٿو، عَدم ڏانهن ڪَاهي.

(۱) توشو: ڏي، آسرو (۲) ڀَيا: بيعقل، بي سمجھ (۳) مُبري: آزاد (۴) منجلي: روشن، ظاهر، آشڪارو

ٿلھ: ايندو مَرد مَانجھي ـ جَڏھن مَولىٰ عليؑ
وِيندا دُشمن ڏڏَن جا ـ جِگر جَلي.......

١ـ جَنھن جي هَڪل هَيبت کان ڪسرىٰ ڪنبن، جنھن جي نعري کان ويري وَنڃن ڀا وجن،
جَنھن جي ٻَدم قدم کان ڏُوار ڏُھن، اهڙو شيرِ خُدا آهي جوان جلي.

٢ـ جَڏھن مَولىٰ جلال مان وَار ڪندو، ڪَٽين ڏِڙ سِر ڇيري ڏار ڪندو،
پَٽي ڪوٽ قلعا ڏُوبَار ڪندو، ٽوڙي ڪَنڪ مُحن ڪيڏا ڪُرپ پلي.

٣ـ اي دِل تُون خُدشو خيال نہ ڪَر، ڪَنھن جي ظُلم سِتم جي ڳالھہ نہ ڪر،
حَاضر حَال جو ڪَنھن سان حَال نہ ڪَر، وَٺي ويھہ صبر جي واڳ ڳلي.

٤ـ جَنھن جو حَامي حيدر شاهہ ٿئي، تنھنجي پڪڙو پاسي الله ٿئي،
تنھن کي ڪھڙ لوڏو نہ ڪا لاهہ ٿئي، اِما پڪ آ اعجازا نامي ڳام ڳلي.

ٿلھ: آسين ڳالھہ پَنجن جي ڳائينداسون ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.
آسين حق کي ڪين ڇپائينداسون ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

١ـ اُهي ڪھڙا آهن اُهي ڪيئن آهن اُهي ڪنھن جا آهن؟
اُهي ڪنھن سان آهن اُهي ٻارن ٻَڌن سان سڻائينداسون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

٢ـ هڪ خَيرُ الوَرىٰ ٻيو عَلي المُرتضىٰ ٽيون حسن المُجتبىٰ،
چوٿون شاهِ ڪربلا پنجين پاڪن پاڪ پائينداسون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

٣ـ اُهي نورٌ اعلىٰ نور پَنجتني اهي عشق وَارن جا اِمام پنجتني،
اُهي پنجتني آلُ پوٽي گل پائينداسون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

٤ـ جن جي حُضور ۾ حاضر هَردَم خُدا جن حور و ملڪ ساجد سدا،
آسين سِر ٻہ اُنھيءَ دَرِ نائينداسون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

٥ـ اُن جو رَبُ رَبي رَنگ رَاز سَچو ان جو عشق سَچو اَعجاز سَچو،
اُن جو دين ملت ڇمي چائينداسون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

ٿلھ: آسان تي عِشق مَحبت جي، عِنايت ڪئي تہ حيدر ڪئي،
ھِيئن سان حامي ٿي مَرھَڻ حِمايت ڪئي تہ حيدر ڪئي.

١- برابر ٿيو آچي پيڙو پيُّي زِندان باطل جا،
ڳري ڪاھن ڪُفر پارا ڪرامت ڪئي تہ حيدر ڪئي.

٢- مُنھنجي مَوليٰ عليؑ جي ھِي، مُنادي مُلڪ ۾ ٿيريو،
ماري ملعون مُلحد تي، ملامت ڪئي تہ حيدر ڪئي.

٣- پڙھو صلوات لک واري، سَنياري سِڪ مان سيّد تي،
ھَلي شاھِ نَجف کان ھِت، شفاعت ڪئي تہ حيدر ڪئي.

٤- ڪَڏي غِفلت مَنجھان غازي غضنفر ويو تہ غافل ڪي،
اَول آخر اعجازؔ ڏِس، اِمامت ڪئي تہ حيدر ڪئي.

ٿلھ: سَين سائل جي سُڻ يا عليؑ، سَردار سَخي لَجپال لکي، دامادِ محمدؐ.

١- شاھ مَردان تُون شيرِ يزدان، شان اعليٰ تُنھنجو شيرِ جلي سُڻ يا عليؑ.

٢- ھِيئن سان تُون آھين حِمايتي، حامي ٿيندين ھِت ھُت ھلي سُڻ يا عليؑ.

٣- سُرڪ سَوائي پِيار ساقي، سَيّد سَچي مُون ڳالھ سَلي سُڻ يا عليؑ.

٤- عَدُون حاسدن آھيان سَتايو، دِل جي ڳُوماٺي ڳُھن گلي سُڻ يا عليؑ.

٥- آدب اِيمان ڏي صَبر صَداقت، جھولي اعجازؔ تُنھنجي دَر تي جھلي سُڻ يا عليؑ.

عدون: دشمن

قلم: هنيون جن صدائون هلي درعليءَ جي،
ٻُران ٻُر ڪيا سي ٻهت ٻَر عليءَ جي.

۱- گهريگهون جُوئي واٽئون اُٽئون سوئي ٻاٽئون،
نـ پوءِ ڪنهنکي جاٽئون برابرِ عليءَ جي.

۲- ملنگ مست ٺانگا بيخود برهي ٻانگا،
لنگهيا ٺار ٺانگها، ٺي آهر عليءَ جي.

۳- سڪندر ڪي ناڍن ڪِي حاتمِ ڪِي سنجر،
قنبرِ ڪِي قلندر پريا ٻَر عليءَ جي.

۴- ڪري سڪ مان سعيا، عليءَ درجي آيا،
سي اعجاز ڏايا، سراسر عليءَ جي.

قلم: هٿي هامِ ٺانگا ويٺا درعليءَ جي- ٻُران ٻُرڦيا سي آهر عليءَ جي.

۱- مولئ واري محبت ٺاٽي نينهن نسبت- رَٺا راز رغبت سراسر عليءَ جي.

۲- عليءَ جو ڦا ڪائن عليءَ کي ڦا ٿائن- ڪنهن کي ڪين ٻانِهن برابر عليءَ جي.

۳- ڪئين قنبر قلندر ڪئين حاتم ۽ سنجر- ڪيا ٺار تونگر ٻهت ٻَر عليءَ جي.

۴- ملنگ مست ٺانگا بيخود برهي ٻانگا- لنگهيا ”لا“ جالانگها تہ آڏر عليءَ جي.

۵- اعجاز جهڙا عاصي ڪئين مڱڻا ميراثي - واسي ڪيڙا واسي ٻَرم ٻَر عليءَ جي.

رغبت: واسطو لاڙو، توجهه

ثلھ: حضرت حسنؑ حسينؑ ازل کان امام ھئي،
اعليٰ نسل نسب سان عالي مقام ھئي.

١. معندار مک متيس، ڳلادار ڳاپڙي،
عاشق! عجب اصيل جائي جمر کان جام ھئي.

٢. تطھير جا ڏٺي ۾ اُجارا توحيد جا،
مسندِ منبر جا مالک حاڪم حُڪام ھئي.

٣. لختِ جگر بتُول جا، نورِ چشم چشم،
مولا علي نبيؐ جا، پيارا تمام ھئي.

٤. شاکر شھيد شاھد، شاھا شُجاع شير،
شمشير حق سان حاضر، سي صُبح و شام ھئي.

٥. ڪامل ڪلالي قاتل مقتول پڻ اُھي،
مئي خاني مرد ماھر، مئي کش مُدام ھئي.

٦. جليلُ القدر جوان جلالي جنگي جوڙا،
اعجاز جي اکين جا سي آھن آرام ھئي.

ٿلهه: اُهو ڪهڙو سِتمگر مُون ڪيو جنهن پي سِتمر هيڏو،
ڪُٺائين ڪربلا ۾ گُل، مَلائڪ ڪِيئن حُڪم هيڏو.

١- اِنهي لاغرض لاغمرجي وائيان ڇو ڪين ڪُڇيو ڪو،
سَبب ڇا ماجرا ڇا هي، ڪِٿي دوستي ۾ دَمُ هيڏو.

٢- وِيا ڪيئن اُهي اَن دَمُ، وڏو هو پيرو سو جَن ۾،
حِمايت ڪَئي نه ٿن ڇا ڪان، ڏِٺئون ويٺي ظُلم هيڏو.

٣- اِها قُدرت قَضا ڪهڙي، اِها رَمز وَرضا ڪهڙي،
اِهو اِنصاف حَق ڪَهڙو، قريبن سِر قدمُ هيڏو.

٤- ويساهي سِر سَندي سُنهن سان، بيٺو قاتِل ٿي پئي مُنهن سان،
ڪري پُوريُون ڇَڏيئين پڙتي، رکي آزلئون عزم هيڏو.

٥- چوي آعجاز عُشاق سان، جَڏهن تَڏهن ڪَيئين اهڙيُون،
ڪيڏو بي پير ظَالِمُ آ، متس تيو ڪو جرم هيڏو.

ٿلهه: يَا شَهيدِ ڪَربلا - يَا شاهِ شَاهان شَهنشاهه،
سَيّدا مَنَ تُون سُڻي - مُون دردمَنديَ جي صَدا.

١- ٻِن ڄگن سان تُون پاڳارو - تُون مَنيارو هَاشمي،
تُون ڌڻي تطهير جو - تُون پَاڪِ پيارو هَاشمي،
تُون پَلارو تُون سچارو - تُون ڀاڄهارو هَاشمي،
تُون نيارو نَاميارو - بُردبارو هَاشمي،
تُون بَتُولي لاڏلو - تُون فرزندِ شيرِ خُدا.

٢- آئُون نِپٽ نَاقص نڪر - عَاجز نماڻو آهيان،
وِرهه جو وِڪ تي وَڏيل - واءِ ويڳاڻو آهيان،
آلو پولو سڌ نه پُڌ ڪا - جَن عيباڻو آهيان،
سَت سڳر جو ناهه مُون ۾ - ساڻو سَاڻو آهيان،
آڄ ڏُکويل ڏِيل کي ڪي - ڏِج سُکيرون ڏي پلا.

٣- دَراصلِ ديوانگي ڪان - دَرِ نماريا مُون گهڻا،
سَڏَ ۾ سَڏ تي جن ڏِنا - سي سَڀ پُڪاريا مُون گهڻا،
جَلِ هجر جي جَوش ۾ - پِڻي جڳ جُهاريا مُون گهڻا،
لَال لاهوتين اڳيان پڻ - لُڙڪ هَاريا مُون گهڻا،
پَر نه پوري ڪَنهن ڪئي - اي پِير پارس مَن مُدعا.

٤- برهه ۾ ٿيو بي زِبَانُو - ٿنها ٿن هڪ هِي مُنُو،
تَلخ طَعنن جو نِشَانُو - ٿنها ٿن هڪ هِي مُنُو،
حَال خَستهِ سَان حيرانُو - ٿنها ٿن هڪ هِي مُنُو،
يارُ چاچو چا يَارانُو - ٿنها ٿن هڪ هِي مُنُو،
دَمُ نه جَاڻي ڪو سُڄاڻي - ڳالهه مَاري تي اِها.

(هلندڙ)

٥- لايَمُوتي ماڳ تُنھنجو- تُنھنجو مَلڪُوتي مقامُ،
تون هَڪيو حاضِر هَمِيشہ- عِشق وارن جو امامُ،
تو نوازِيا ڪَئين سَڳي- راھبَ جھڙا ٻانِيڻَ دوامُ،
ٿُون سُڻي ٿو ڪارُون زارون- پنھنجي ٻارُن جون تمامُ،
ڪر سندءِ آعجاز سان ڳَڏ- جو يـارِتي وِيڙس جُدا.

تلھ: ڪَربلا جي شاھ لاءِ، پُون آسمان رئندي ڏِٺم،
چَنڊ سِج تارا نِوا آ- ڪَھڪشان رڪندي ڏِٺم.

١- شاھ مَديني مان رَميو- جَاراھ ونئي رَنجور ٿي،
سَا سُونھاري رَاھ ۾ سي- رَنڊنيشان رڪندي ڏِٺم.

٢- ڏيھ رُنا ڏُونگر رُنا- وَڻ ٽڻ بَحر بَر ٿر رُنا،
گُل رنا گُلشن رُنا- گھر دَر مَڪان رڪندي ڏِٺم.

٣- ٻئي ٻڳون جَنھن تي ھُيون- سوئي سَين مَھندار ھو،
ٿنھن ڪَري مَرڪو نَبي- مُرسل مِيان رڪندي ڏِٺم.

٤- ھِڪ يَزيدي طَرفدارن- جي سِوَاءِ پِيا سَڀ سَدا،
جِنّ مَلڪ حُورون مَاڻھون- پَرَندا حَيوان رڪندي ڏِٺم.

٥- غَمِ حُسيني ڪان مُتاثر ٿي چَيو آعجاز سَچ،
مُحتسب رَوئي نہ روئي- پَر گھٽا رڪندي ڏِٺم.

ٿلھ: وَرهن ٿڌيمن ڳان اُڃُون هُوءِ ورھ جي وَڻ جو سڪو،
اِبنِ علي ؑ لائق ڪَري، لائس آڇي اُڄ جو ڳلو[1].

١- مِيثاق ڪان هُنَس جان ۾، مُورهَٿُون مَرڻ جو ڳرڦلو،
جَڙ ڪان ڪَيڻ لاءِ غير واقف، ڪَٿِين وِيٺس هَٿي وَروڪو.

٢- هر دو جهان مان ڪونہ ٿيو، بِيو عشق جو ڪو پِرچَهلو،
لوئي لُڙائي لڪَ وِيس، النو ڏيئي جي ءِ ۾ جلو.

٣- رَت مَاھ مَاٿُھون ءِ جي تي، ٿِيو ٿي سَبزُ سَاٿو سَرهَلو،
اِها پَالنا اوڪي سُٽي، ڪَنهن ڪين ڪَيُس حَاضر ڳلو[2].

٤- چَوٿي ءِ ۾ جِيئَن هو تيئَن هي ڳانِهلو وَڻ هيڪلو،
سيد سُڃاڻڻ ساڻ پاڻُس چيھ يارِيءِ جو چِڪو.

٥- آعجاز مُشڪل ڪَربلا ۾، آخري هُوُسِ مَرَحَلو،
پَر شاھ حسين ؑ جي سَرپَرستي ۾ بِلو ٿِيڙُس پَڪو.

ڪلو: پياس، تاس، اڃ جي اوساڻ

ڳلو: ڏڻ، ٽولو، ڪنب، قطار

ٿلهه: تُنهنجو نينهن سيد پڪي ناز ڪري - سرِ عشق جو وٽين سرفراز ڪري.

١- تُنهنجي صبر ڪمال جو جواب نه ڪو - تُنهنجي جلال جمال جو حساب نه ڪو،
تُنهنجو همسر جوڙ جواب نه ڪو - تُنهنجي عظمت جو ڪير انداز ڪري.

٢- آئين ڪرڏئون ڪربل منجهه ڪڏي - ڏسي قرب ربوبي ڪات آڏي،
هٿي هام وڏي ڪري منزل مڏي - ڪنيئي ڏينهن ڏهئي ڪنن ڪواز(١) ڪري.

٣- ٿئين عالم تي احسان به ٿون - ٿئين شانِ الاهي جو شان به ٿون،
ٿئين زنده ناطق(٢) قرآن به ٿون - سبحانَ الذي اسرا آواز ڪري.

٤- ٿوڪي ڪعبو قبلو امام چوان - ٿوتي صلوات درود سلام چوان،
تنهنجو واجب سوڳ ماتام چوان - تُنهنجي سوءِ(٣) ۾ شل دم پرواز ڪري.

٥- تُنهنجي سرس سوائي خلت(٤) رهي، تُنهنجي مڙنئون نياري ملت رهي،
تُنهنجي اڳين پوين تي حجت رهي - تُنهنجي صفت ٿنا جا اعجاز ڪري.

ٿلهه: ڪمايو عشقِ حسينؑ بهادر ٿي - غمِ ڪرب و بلا تي قادر ٿي.

١- همتِ امام حسينؑ جي، سورهيائي سان صادر(٥) ٿي.

٢- منهن مرڪائيڻ سڀ نبين جا، نينهن ۾ نيارو نادر ٿي.

٣- دشتِ بلا جي دنگل ۾، ذات صفات مان ظاهر ٿي.

٤- پنهنجي جهانن جي رهائي لاءِ، رضا حسينؑ جي رهبر ٿي.

٥- حريت حسينيت واري معنيٰ - سمجهي مرد ڪو ماهر ٿي.

٦- سرن وڍائڻ ڪان پوءِ خبر پئي، ڪيڏو قرض بچائڻ چادر ٿي.

٧- شهادتِ اها آ اعجاز جيڪا، عام جي آڌو آخر ٿي.

(١) ڪواز: دشوار دارتي (٢) ناطق: ڳالهائيندڙ (٣) سوءِ: غمُ ڏک
(٤) خلت: دوستي، محبت (٥) صادر: ظاهر ٿي، پڌرو ٿي

ٿلهه: حُرّ جي هزار بار حُرّيت کي ڪر سلام،
هن شير دل شهيد جي همت کي ڪر سلام.

١- ملندو نہ اهڙو ڪٿ ڪو حُرّيت سندو مثال،
مڃتو پوي ٿو مرد جي جُرئت کي ڪر سلام.

٢- سيّد لاءِ سِرُ فدا ڪري ڏنو حُرّ هي سبق،
سيّد جي ذات نيات ۽ عظمت کي ڪر سلام.

٣- حاضر ڪي حُرّ مڃيو ڇڻ غائب کي حُرّ مڃيو،
حُرّ جي آدبَ نگاه عقيدت کي ڪر سلام.

٤- جنهن تي حُسين ؑ آقا پوي مهربان ٿي،
ان کي نوازي بخشي ٿو حضرت کي ڪر سلام.

٥- آڪبرُ، عباس، قاسم، اصغر جو ڀانهو حُرّ،
وهوا انهي عباد جي طاعت کي ڪر سلام.

٦- جيئن پَتِ پَتائي حُرّ پَئي پيش سيّد جي،
تيئن جو پَتائي پَتِ تہ اُن جي پَت کي ڪر سلام.

٧- دولت کان دور ٿيو ۽ حڪمراني ٻُٽ ڇڏيئين،
اِهڙي جوان جي تہ جسارت کي ڪر سلام.

٨- جانباز جان نثار سپاهي حُسين ؑ جا،
مڙني جي شغل شوق شهادت کي ڪر سلام.

٩- ڀيو جي نہ ٿو پڇئي تہ پڇئي ايترو ضرور،
حق جي امام کي ۽ حقيقت کي ڪر سلام.

١٠- اعجاز حُبِ آلِ محمّد ﷺ جي جور ڪي،
اُن مُحَبَ کي ۽ ان جي محبت کي ڪر سلام.

تلهه: نينوا ننگري اندر..... اُتنو عجب اسرار ڏٺم،
جيءَ کي جهوريندڙ جاودان، جلوي پرِيو چنسار ڏٺم.

۱- وِسري وِيون سڀ حرفتون، حملو ڪيو جنهن دم حُسن،
وِيُس حال ڪان بي حال ٿي، آهڙو درس دم ديدار ڏٺم.

۲- تيون ڏُوبَڪُو ڏيدون جڳهن، پوءِ تان هَنڻ ڏُشوار ٿيو،
ٿي عاشقن لاءِ عيد اُضحيٰ، اُت ڪوس قبوليل ڪار ڏٺم.

۳- تيغ اَبرو تير ترڇا، هو تيز اعجازؔ انجلو ٽجل،
پي ڪٺي ڪشش ڪاري ڪجل، جنهن جي نيم نڪتل ڌار ڏٺم.

تلهه: ٿي عيد ڪُٺل گاهه ۾ - مُڪمل حُسينؑ جي،
موليٰ سان هُئي مُنهان مُنهن - مَحفِل حُسينؑ جي.

۱- پرورُ ٿو پانَ چائي - انهيءَ راز رنگ کي،
نہ ٿو چا مَجال خلق ٿئي - قاتِل حُسينؑ جي.

۲- قُرباني راهه حق ۾ - ويا ڪئين ڪري مگر،
قُرباني آساراهه جي - قابل حُسينؑ جي.

۳- مَردانگي دليريءَ، سچائيءَ جي پيٽ ۾،
اِنصاف واري آڪ سان - ڏسو دل حُسينؑ جي.

۴- انساني سر سُبحاني - اُتي ٿيو پڌر جڳهن،
نيزي سِري سُوار هئي - بسمل حُسينؑ جي.

۵- "اعجاز" چئي گواهي - آهي عشق جي اها،
مزنيڱُون مٿي ڏسان ٿو - آئون منزل حُسينؑ جي.

جاودان: هميشه

ثلھ: اَڄ تہ عَجِيبَن وَيجھو وَرِهي - پَانَ پَسائِي پيار ڪيو.

١- ڦَھڙي حَال خزان ۾ مونکي - ٻَھار پرين جي ٻَھار ڪيو.

٢- نَين نَيڻَن ڪي پرنُٿون پَسَن پِيا - آھين ھَانِ قرار ڪيو.

٣- پِيئِي پَليدَن مُنھَن ۾ جَاِئي - دوڏ ڪري جن ڏار ڪيو.

٤- بهلول[2][1] بَرابر مُنھنجي محبوبن - پِرتِ نِيائي پَارِ ڪيو.

ثلھ: اُھا رات مِنا ڳا رات ھُئي - اُھين رَات مُحِني ملاقات ھُئي.

١- نِرت نِياري، پِرت پياري - جِيءَ جِياري جَمات ھُئي.

٢- نين نيڻن سَان پيچ پيچن سان - دِل جي دِل سان بَات ھُئي.

٣- حُسن مَشھودي مَلڪ سُجودي - ھردي ھِردي ھُومات ھُئي.

٤- آعجاز عَليؑ جي صُورت مُورت - ھيٺ مَٿي اِثبات ھُئي.

(١) بھلول: قبله سائين حضرت احسان الله شاھ سائين سنت ڏٺي جن جو نندي ھوندي ڏنل خطاب.
(٢) بھلول: اعجاز سائين جن جي زباني تہ اسان کي پير سائين جن نندي ھوندي کان بھلول سڏيندا ھئا.

ٿلهه: سَچن سانگ تُنهنجو سَراسر سَبق آ- سَبق آ سو حَق آ- سو حق آ سو حَق آ.

١- ڏٺو جن ڏسڻ سان تُنهنجو رَنگ رَبوبي- بِيٺا تُنهن جي دَرتي ٿي بَردا بَخُوبي
تـــو تـــان جَان قُربـــان، تَن سِر صَدق آ

٢- مُطيعُ[1] مُلک تُنهنجا مِڙئي جڳ مُدامي- طَلب سان تُهدل تابع ڪَئين تَمامي
سَلامـــي بــ هَر هـــک طَرف هَر طَبـــق آ

٣- آسين سيڪڙو تُنهنجا سائل بہ تُنهنجا- خَصائل[2] بہ ڳايون فَضائل بہ تُنهنجا
وڏي وَٽ اســـان لاءِ تُنهـــنجو خُلـــق آ

٤- تو سان سَرُو سُوسَن سُنبل ڪِيئن پِيتيان- ڪيتڪ ڪيوڙو گل ڪنول ڪِيئن پِيتيان
تو ڪان سُڌو چا بہ زَنگي[3] ۽ زَنـــبَقُ آ

٥- عَجب آهـ شَقُ الـقَمَر واري عِبـــرت- ڪَري تـــو ڏيـــکاري اِهـــا عَين قُدرت
شَڪِين واري شَک کي ڪَيـــو تـــوئي شِق آ

٦- تُنهنجو نام نعرو اُتاهون اُتاهون- قَدم دَم مُبارک مَٿانهون مَٿانهون
فَلک فَرطِ[4] اُلـــفـــت کـــان تُوتـــي عَاشـــق آ

٧- دُنيا مي ۽ آقائم تُنهنجي دَاوري ۽ سان- تُنهنجي رَهبري ۽ سان تُنهنجي يَاوري ۽ سان
تُنهنجي دَم سان اَعجاز چَمَي سِپ رَونق آ

(١) مطيع: تابعدار (٢) خصائل: خصلتون، گڻ، وصفون
(٣) زنگي زنبق: گلن جا نالا (٤) فرط: گهڻو، زياده

ٹلهه: يار مُنهنجو بي مَيار- مُون ڪميني ءَ ڪين ڄاتو.

۱- آئون آواڻي آوڳڻي- بي اَنت بَد اڳلي آهيان
مُون تي ڳڻ اَحسان وَڏا- تورا سَڄڻ جا بار ٻيان
تِن ماڻ مُون لاٿو نه ڳاتو.

۲- ڄا سُڪايان ٻانِ پنهنجا- پاپ ڀَريَر ڪار ٻيان
حَرف ڏورا ڀا حَقي- حَق جا مَنَر واجب ويچان
ڏند ڏمر ڏک ڏينهان راتو.

۳- مُونکي آيا مُنهنجا آڏو- ڏوهه تي نِت مِثل ماڻ
تن ڏيکاريو ڏنگ هَي- حاضر هتي دوزخ في النار
ڏِيو سفر ۾ ساهه آتو.

۴- اَصل ڪان اَعجاز چمي آ- ذات مُنهنجي عيبدار
مِن نُطفَة نسب نِسبت- نام نيساڻي نِڪار
ٻانِ مُون پنهنجو سُڃاتو.

تلم: پرين جي پار جا ماڻهو - آڇا ڳارا ٻه مُون پيارا،
اُنهن جا ناز ماڻا ۽ - آنگل آرا ٻـ مُون پيارا.

١- جَڏهن ٿو آئون ڏسان جوئي - ڳڙو ناهي مَنجهن ڪوئي،
پيان هَٿ پير سَندن ڌوئي - مِٺا ڪارا ٻه مُون پيارا.

٢- سَين سان دل مُنهنجي ڳري - هُجن مسلم توڙي ڌَرِي،
قِياسي يا صَفا ڪَري - ظُلم وَارا ٻـ مُون پيارا.

٣- پَچي سَڀئي سَتر سيلا - ڪندُس آئون يار لَڱ ريلا،
ڪُڙ ڪَڻ مار زَهريلا - ڏنگڻ هارا ٻـ مُون پيارا.

٤- هُجن توڙي تَڪر توڙها - رُڃُون رِڻ ۽ روهَ روڙها،
ڏِنگا ڏوڙا سَنها سوڙها - چِڪڻ چارا ٻـ مُون پيارا.

٥- مِٺا ماکي جهڙا مِصري - ڏِني جَن ڏک وَڃن وِسري
نَئين سِڄ سِڪ نَئين نِسري - بِرهه ٻارا ٻـ مُون پيارا.

٦- چَوي آعجاز مِلي هيڪر - ڏُوئي ڪَير ڏُور جَڏهن دِلبر
مُونکي ڏُکهين لَڳا هَر هَر - مُنهنجا مارا ٻه مُون پيارا.

ستر سيلا: حجاب پردا

قلم: هينئر مِن زندگانيءَ جو- آڇھو آڌار تُون آهين،
ڏکن ڏرڏن جي مَاريل جو- دِلاسيدار تُون آهين.

١- نظر پنهنجي نہ ڦيرج تُون- خُدا ٽالي مُون ناقص تان،
اکين مُنهنجن جو آسا بَند- اکين جو ٺار تُون آهين.

٢- جُدائي جا ڏيئي صدمَان- جلائيندين تہ جلندس پيو،
جي مُورهتُون مُنهن مَتايُئي تہ بہ- مِٺو مَنٺار تُون آهين.

٣- سُوالي کونہ ويو خالي- ڪَڏهن تُنهنجي وَري در تان،
شفا تو وٽ سَخا تو وٽ- سَدا ڏاتار تُون آهين.

٤- هَميشه تو ڪيُون- هِيئن سَان هَمراهيون هَلي هَر جاءِ،
ضَعيفن ۽ نحيفن[1] جو- صحيح غمخُوار تُون آهين.

٥- گهڙي پَل جا گهٽئي تِيا هِت- آڇي اعجاز جا ساٿي،
مگر قيامت قبر ٺائين- حَقيقي يار تُون آهين.

قلم: هَادي جا هَر وار- پَال هَزارين پورن تي.

١- ڳَائي ڳائجن گهڙا گهڙا- آهن ڳُڻ اپار- لک لک ٿورا ٿورن تي.
٢- پوءِ پين جِي پوءِ واري- پَان ڪَيائين پنهنجي آچار- آچي اُنهن جي آجهورن تي.
٣- هَاديءَ جي هَٿ ساٿ ري- ڪُل اَڌوري ڪار- ڏرونہ بَنجي ڏورن تي.
٤- جَن کي چَاهي ٿِن سان لاڳي- لنگهي ليل نهار- ڳانهي ڳارن گهورن تي.
٥- اوَل آخر اعجاز اُهوئي- آهي سو آڌار- چَانو چِهر چِٽ چورن تي.

(١) نحيفن: ڪمزورن

ٿلھ: سَيّد ساقي ڪعبو قبلو- پريمي پَٽ پياري ٿو،
مِلايو مَام مَرداني- مُيون دِليون ڇياري ٿو.

١- ويا جي دَرِ سَندس هيڪر- سُوالي ٿي تہ سُرڪيءَ جا،
ٿُنِي کي دُنگ مٽي داري- پياري ٿو سَنياري ٿو.

٢- نہ رَهندو مير مَن دل تي- رَتي رائي مُوافق مِيان،
نيٽن ۾ نين نِت پاٿي- آندر سوجهو اُجاري ٿو.

٣- سُبحاني سِر چَوان سَوٽي- نہ تنهن ۾ ڪو نَڪي پولو،
ڏِيو هٿ روز همت جا- آڙيا هُن پر اُڪاري ٿو.

٤- وَڄي نَوبت(١) نغارو پيو- نيهي نَر ناميارِي جو،
نِشا نبرِ ٿي نِسنگ هرجا- ڏِسن جا ڏِيهہ ڏيکاري ٿو.

٥- شُبھہ شڪ جي سَواءِ ٿُم ٿي- صفا سِر شاھہ مَردان ۾،
اَعجازا عِشق حَيدر جو- سَبق رِندي سيکاري ٿو.

ٿلھ: آئون تہ سَڄڻ سائين ٿُنهنجي ٿاريءَ پَٽِي ٿُڳان،
پِيو آڄمو نڪي آٿم آسرو، لاري ڪنهن جي لَڳان.

١- آهڙو نہ هُوندو نَظر ڪنهن جو- سَعيو سَاٿ سِگر ڪنهن جو،
پَري نہ ڪَندس هي سِر پَنهنجو- پِريم ٿُنهن جي(٢) پڳان.

٢- آئون نِهايت نِهَر نڪتي- ڪَمڪميتي ۽ ڪَنيز ڪَتي،
ٿُنهن جي سُونهن جي ساڙيل سِڪتي- تو لاءِ وِيني(٣) ڏڳان.

٣- ٿُنهن جي توهَن ٿاري آهيان- اوڙاهَن مَان اُڪاري آهيان،
توئي پَاري سَنياري آهيان- هيڏي ساري جڳان.

٤- ڪامل ميني ڪُل ڪچايون- اَعجاز پَاران وِجھہ ڪي ڏايون،
هِمتون مَدتُون پَال پَلايون- ڪَر تہ وِيرِيُن وِچ وڳان.

---

(١) نوبت نغارو: ڍُمل جو قسم پيڙ جو وڄڻ (٢) پڳان: پيرن کان (٣) ڏڳان: جلان، پران

ٿلھ: ڇاڻي ڄاڻھان آئون تہ سڄڻ سائين تُنھنجي آھيان،
ڏرُ نہ ڇڪينديَسِ دوست تُنھنجو.

١- سُور سختيون سِر تي سھنديس- ڌول ڳيل تي قابو رھنديس،
آھي اِھو اقرار آئون تہ سڄڻ سائين تنھنجي آھيان.

٢- تورِيءَ مُنھنجي واھ نہ ڪائي- وارِ وصل جي سُھڻا وائي،
ڄاڻب جِيءَ جِيان آئون تہ سڄڻ سائين تنھنجي آھيان.

٣- توڙئون تُنھنجي ڪنيز آھيان، اَڄ ڪلھ جي آئون نوڪرِ ناھيان،
ڏولڻ ڪَرِ اعتبار آئون تہ سڄڻ سائين تنھنجي آھيان.

٤- عرض اعجاز جو ساجن سُڻ تون، رُخ تان نقابو نازڪ ڪڻ تون،
صدق وِچان صدبار آئون تہ سڄڻ سائين تنھنجي آھيان.

ٿلھ: سڄڻ سڀ حال ڄاڻين ٿو، ڪولي توکي سُڻايان ڇا،
سڄوئي ڏوھ آھيان آئون، وَاڻئون پِيو کي وَرايان ڇا.

١- مُنھنجي توبہ مُنھن جي زاري، مُنھنجي تقويٰ طاعت واري،
مُنھنجي سڀ بندگي ساري، ڳُجي پُجي ٿِي ڳنايان ڇا.

٢- نہ مون ۾ ڪا پاڪائي آ، نہ مُونکي سا ڄڄائي آ،
اِھا ھِڪ تو سُونھائي آ، ڪُلھو توسان لَايان ڇا.

٣- نظرِ چيڻن ڪئي آئي ڏرڪان، اَزل جي روز آڌر ڪان،
مٿان مُنھن موڙين ٿنھن پر ڪان، تُنھنجو اعجاز ناھيان ڇا.

ٺلھ: توسان ڪانھي ڪجھ جي يارڳلي - جيئن ڪُھو مُجھي تيئن ڪُھ پيو پکي.

۱- اي لولاڪ لما جا داتا ڏٺي - جيڪا ٿوکي وٽي سا مونکي وٽي،
چوته دوستي جو ويڙس دم ھئي - ھاٿي ڏينم ھمت ڪريان تو ڙھلي.

۲- ڪتي وصل جا واريو ونگ وجھين - ڪٿي ورھ وڇوڙي جا ڏنگ وجھين،
ڪٿي نام سنڌءِ جا ننگ وجھين - ڪٿي آبر سخا جو ٿي ٿون ٿو کلي.

۳- ٿنھنجو دَرُ ڙو ڇڏي پيا در چو سجان - اھو ھوش حياء آھيم آجان،
تو مشڪل ڪشاري ءِ پيو نه مجان - اھا آھي حقيقت دم دم دلي.

۴- سڀ ٿون ٿو بنائين تون ٿو اُجاڙين - سڀ ٿون ٿو ڍڪائين ٿون ٿو اُگھاڙين،
سڀ تون ٿو ڪلائين ٿون ٿو رڪاڙين - حيران آھيان ڇئي اعجاز علي.

ثلھ: هي عرضِ محبت بہ غور طلب آ- ٻُڌڻ جيئڻ جي سُڌا ٻڌڻ چاهين چاهين،
مُقدر سنوارڃي وڃي مُنھنجو بيشڪ- ملڻ جيئڻ جي سُڌا ملڻ چاهين چاهين.

٢- رهيو آ سدائين اهو تُنھنجو رويو- نڪي دل سان چاهين نڪي دل تان لاهين،
اها رمز کهڙي اهو راز ڏس تون- ڏسڻ جيئڻ جي سُڌا ڏسڻ چاهين چاهين.

٢- مُدتن کان آهي تقاضا اهائي- تمنا اهائي تہ دعويٰ اهائي،
سواءِ تو نہ آيو پسند پيو ڪو مونکي، مڃڻ جيئڻ جي سُڌا مڃڻ چاهين چاهين.

٣- مُجان ياد توکي هميشه هميشه- ڪڏهن حال ڪنهن ۾ وڃين ڪو نہ وسري،
اکين سان تون اکڙيون هيئين سان تون هينئڙو- گڏڻ جيئڻ جي سُڌا گڏڻ چاهين چاهين.

٤- سڪڻ سڪ جا سيني اندر سڀئين خانا- خاني سڀ ۾ تُنھنجا چڪن چاڪ سڀ پيا،
پسايم نہ ڪنھن کي پسايان سي توکي- پسڻ جيئڻ جي سُڌا پسڻ چاهين چاهين.

٥- ڏسين مون ڏي تو پر ڏيئي ڏيئي اک سان- ڏيو پاند منهن تي ڍڪي ڍاڙي،
حجابن مان نڪري اڳڻ مُنھنجي اچ تون- اچڻ جيئڻ جي سُڌا اچڻ چاهين چاهين.

٦- ڪجل بار اکيون عنبر بار ڪاڪل- گوهر بار گُفتا شگفتہ شگفتہ،
وسائين سي جن تي وسن سي ويرانا- وسڻ جيئڻ جي سُڌا وسڻ چاهين چاهين.

٧- نهين ڪين مون سان ٿلها ڪيئي دلاسا- نہ نولون ٿڌهن ڪن ٿا ماٺھو نہ ٿوليا،
اچان وقت آهي نهي پڻ مگر تون- نهڻ جيئڻ جي سُڌا نهڻ چاهين چاهين.

٨- رنگينا ڪريو لب رنگين راڄ وينو- رهيو باقي اعجاز تنھنکي بہ رنگ تون،
پڪو رنگ تُنھنجو ٿئي ڪو نہ ڪڏهين- رنگڻ جيئڻ جي سُڌا رنگڻ چاهين چاهين.

ٿلهه: جَهڙو سَندءِ آشان، تهڙو ڏي ڪو دان مُونکي.

۱. آمـلهه مَاڻڪ هيـرا مـوتـي۔ لَعل ٿـنهنـجا لاٿـان،
پَر نـہ اِهـو خـفـتـان مُونکي.

۲. ڳهـوڙن هَاٿين هَنبـارين تـي۔ هرڪي ٿـئـي جو حَيـران،
پَان ۾ نـہ آهـڙو پَان مُونـڪـي.

۳. جيـڪـو ڇُـپـائـي آيـس مـن ۾۔ پُوروِ اهـو آرمـان،
ڪَر تـہ ٿـئـي اِيمان مُونـڪـي.

۴. پُڄ مَرمَون ڪـانِ پـان ٿـي پَروڙج۔ ٿـنـد مُـنـهـنـجي جو ٿان
ڇَـرڻـي ٿـاهي زِبان مُونـڪـي.

۵. اعجازؔ عَلي ڇَوي آهـين بَرابـر۔ سُخن جو سُلـطـان،
ڏي مـٿـانهون مَان مُونـڪـي.

ٿلهه: ڪڏهن صَبا بَنجي۔ ڪڏهن گدا بنجي،
دِلبرِ مٺا تو دَر سَدا۔ اِيندو ٿـي رَهان ٿـو.

۱. سِڪ ۾ ٿـنـهـنـجي هَر طَرح جا سُورِ ڏنـم،
ڪَڏهـن ڪَهـڙا ڪَڏهـن ڪَهـڙا ڪَهـڙا ٿاب سَنـم،
تـہ بـہ دِلربا تـو تـان فِدا ٿِـيـنـدو ٿـي رَهان ٿـو.

۲. پيـار پَنـهـنـجو بِيگانـن لاءِ وَقـف بَنـائِـي،
پَٽـر جَهـڙي مَنهـن جي لاءِ دِل نِهـايـئـي،
تـنـهـنجي اِهـا تـوڪـي گِلا ڏِيـنـدو ٿـي رَهان ٿـو.

۳. عشق سـوداء ڪـان جَهـڙو ٿـي ويـس لامـڪـاني،
ڪَٿ نـہ قـرارِ تـڪـاء آڇـي جَن آهـيان سَيـلاني،
بُتخان جا مَيخان جا وِيـنـدو ٿـي رَهان ٿـو.

۴. ٿـي نـہ ڪا ۾ ٿِـيـنـدي مُونـڪـان ڪرت ڪَمائي،
آهـي تـہ آهـي اعجاز جـئـي ٿـات اِهـائـي،
ٿـنـهـنجي رضا ٿـنـهـنـجي وَٺا ڳولِـيـنـدو ٿـي رَهان ٿـو.

قلم: دَر نہ آوهان جو ڇڏيان ڇڏيان - ڏينهن قيامت ٿائين دِلبر.

١- آئُم آس اِهائي مَن ۾ - آمهون سامهون آڏيان آڏيان،
آيري سپري پُونگي تو پَر.

٢- ڏيو دلاسا ڏاڍا ڇڏيو - سينو ڳانہ ٿي ٿڏيان ٿڏيان،
نَظر ڪَريو ڪا نازپَرور.

٣- دِل آوهان سان سانول سائين - ڳولي ٿيو ٿي ڳڏيان ڳڏيان،
جيئري هُونديس جو دَم جيتر.

٤- اَعجاز چَوي ٿو آئون هتان شَل - لَٽ مِن سان لَڏيان لَڏيان،
جا سيڪاريو مُونکي رَهبر.

قلم: اَحوال اَندر جو آوهان سان مِٺا - ڪُجهہ اوريو اَئُم ڪُجهہ آوريندس،
ڪَري قُرب وَارا هِتي ڪُلِئي ڪَنا - ڪُجهہ گهوريو اَئُم ڪُجهہ گهوريندس.

١- نسري زَماني ناساز مَنجهان - مَني مَحوس خاني مِجاز مَنجهان،
حَقي نينهن جو ناتو نياز مَنجهان - ڪُجهہ ٿوريو اَئُم ڪُجهہ ٿوريندس.

٢- ڇڏي مَسجد مندر چارئي مُسلئيٰ - وَٺي پَنجن پارهَن جا نام تِلا،
سِڪ سوز سَندو سڳو صَل عَليٰ - ڪُجهہ سوريو اَئُم ڪُجهہ سوريندس.

٣- سَجي ديدَ دوناليون آيو سُهڻو صَنم - ويو دلڙي ڪَري ڏئي دَرد و اَلمُ،
تنهن جهوري ءِ ۾ جيءُ جان جِسم - ڪُجهہ جهوريو اَئُم ڪُجهہ جهوريندس.

٤- سَسئي وَانگي سَراسر ٿوڪو ڪَري - هُجت هَاري اَعجاز ا دُوئي دور ڪري،
ڏونگر هي ڏکن جو ڏِسڪا پَري - ڪُجهہ ڏوريو اَئُم ڪُجهہ ڏوريندس.

ٺلهه: ڳُڻي نہ ڳُڻان سي ڳُڻ۔ مون تي ڪيا جي مُنهنجي سائِن.

١۔ ڳُڻ سائِن جا شمارا ن ٻاهر۔ مُنهنجي ڇڄارن ڇڏارن ٻاهن،
اِهڙا ٻاجهارا ٻهڳڻ۔ ڏينهن رات ڳُڻن جا مينهن وسائِن.

٢۔ ٻچپن کان اڄ تائين منهنجا۔ مون تي مهربان سائين منهنجا،
مُنهنجي ڇُڪن[1] جي ڇُڻ۔ ڳن ڀان ٽڪي پَرڪان ڪرائن.

٣۔ جن جي ڏسڻ لاءِ ڏيهه ماندا۔ مون سان پرين سي هِڪ هيڪاندا،
سچا سندن سڀ ڳُڻ[2]۔ گهر ويٺي مون کي نِت پاڻ پسائِن.

٤۔ ڏينهن ميثاق جي بخشي خطائون۔ ڪيَڳُون جي عطائون تِن لائق نہ آئون،
ڏُرڪيءَ ڏِٺن اها ڏُڻ[3]۔ پيرپريت ۾ مون کي پرائِن.

٥۔ مُنهن جي سائِن جا ڪرم ڪوجهن تي۔ ڏت ڏڳن تي جُود[4] جڳن تي،
ٻيا ٻال لکين ٻالڻ۔ آوکي سوکيءَ ۾ آعجاز نڀائن.

چُڪن: غلطيون، عيب (٢) ڳُڻ: انجام، واعدا
(٣) ڏُڻَ: چونڊ، پسند (٤) جود: سخا

ٿلهه: ٿنهنجو ڇڏي وَڃان در- مون کان نٿو پُڄي،
قدمين رکي ڪٿان سِرُ- مون کان نٿو پُڄي.

١- آئون ٿي تنهنجو عاشق- اهڙو مٿي ٿريل،
امر[1] ونهي اورانگهي- ڏنم تنهنجو منهن امل[2]،
پوءِ بہ پوڃان ڪعبو مندر- مون ڪان نٿو پُڄي.

٢- اُستاد پير مون کي- سيکاريو نہ ڇنڻ نينهن،
سڀ ڏينهن نهن سڀ سان- سڀ ڏينهن ڳنڍڻ نينهن،
نينهن کي ڪو ڇنندو ڪافر- مون ڪان نٿو پُڄي.

٣- توکان پرين پري رهان- اهڙي دعا نہ ڪر،
فُرقت[3] جي ڳاهہ ۾ گهان- اهڙي دعا نہ ڪر،
ناحق ٿيان چو مُضطر[4]- مون ڪان نٿو پُڄي.

٤- هي ماٺون آ ديوانو- مُتَل عشق حسن جو،
آکلهہ بہ ڪتل اڄ بہ ڪتل- عشق حسن جو،
ريءَ عشق رهڻ ڪنهن پَرِ- مون ڪان نٿو پُڄي.

٥- محبوب توکي روبرو- سجدا ڪندو رهان،
قربت وصال درشن- سيوا[5] ڪندو رهان،
غائب جو بنجان چاڪر- مون ڪان نٿو پُڄي.

٦- دَرِ گهر دَيار تنهنجي جو- نقشو نظر اچي،
اعجاز ڇئي اکين ۾ سو- دل جي وِندر اچي،
هن دل اکين تي سَنسر[6]- مون ڪان نٿو پُڄي.

(١) امر ونهي: چڱاين جو حڪم ڪرڻ ۽ برائين کان روڪڻ (٢) امل: هيرو موتي، جنهن جي قيمت نہ ڪٿي سگهجي.
(٣) فرقت: هجر، فراق (٤) مضطر: پريشان، آزاريل (٥) سيوا: پوڄا (٦) سنسر: پابندي

ٿلھ: ٻَکا ٻائي ٻائي پيچ - پِرين ٻَاتا آئُي،
ڏَاڍا لاڳُق ٿورا - لک لاٿا آئُي.

١- رُخ پَاڪ پَيشاني پَٽي پِياري لڳي - مَنجھس مَعصومي منڊَپَٽي موچاري لڳي،
نَظر نَازوَاري نت نِياري لڳي - هِڪ لَحظي آندر دُک لاٿا آئُي.

٢- مُنھن مُصحفي ڏِنمِ وِيا آرمان لھي - دَر ڪار ڪَعبہ جي ڪَانہ رَهي،
سِر تو ۾ ڏٺو مون سُبحان صَحي - هي وَصف وَسيع آسان سُجاتا آئُي.

٣- اَلف آبرو عَين عِبارت آ - نُقطو نُون نج نِبارت آ،
اِهي پَيڪان ٻَانيان کِ بشارت آ - ايڏيون تيغ تکيون ڏِنيون ڏَاتا آئُي.

٤- جِيئن هَاڪ حُسن جي هُوءِ ٻُڌيم - تِيئن تومان خُوش خُلقي خُوشبوءِ لڌيم،
لَب لاَل رَنگين گُوڙهي رُوءِ ڏٺيم - آهڙا اَعجاز اکين جا نَاتا آئُي.

ٿلھ: نَام نَنگيءَ جي نَاتي - نِينھن ۾ نشابر ڪَيڙُس،
نِجھرو نِتر جو نُور ٿيو - جيڪس جَڳ جِيئڙس.

١- نَام جَپيان نَاتَ پَسان هِڪ جيڏن مَنجھہ هَسان،
وَاهي ويراڳي بَنجي - ويڙهي ويڙهي وسان،
مَحبت وَاري مَحويت ۾ - مَست و مَست ٿِيڙُس.

٢- نَام حُضُوري نُوري - دَم ۾ ڪَيو دُک دُوري،
ڦَالئُون ڪَيي حَال ڏيئي - نَام مِلائي مَنصوري،
بَحر برھہ جو ٻَکِ پيو - لھر لڳائي وِنيڙُس.

٣- نَام سَان نَاتو نَام جي مَعنيٰ - نَام سُجائي ڪوڪي،
نَام جي آجيان عِزت آدب - جَانو جَاڻي ڪوڪي،
نَام نِهال سي ڪَيڙا - جي نَائي سِر سَام پِيڙُس.

٤- نَام اسم اهو آفضل - آڪمل عَين علي،
اوري اَعجازا اورج - دِليئُون دِن رَين علي،
انهي نَام ٻِکي جي بَرکت سَان - لنگهي آئون پار پِيڙُس.

قلعه: جوڙِلو مُون رَات جَاني - خَواب وَاري خِيال ۾،
سو مِلايو مُون سان سَرتيون - ٿان ڦِيان ڪَنهن حال ۾.

۱- ڀَار مُنهنجي يَار جا - آهن عَجب هي آشڪار،
دِل ڦُريندڙ ناز جَلوو - آسَندس هَر چال ۾.

۲- زُلف زَهري نين ڦَهري - ٻِرون ٻَئي ڀَونر ڀَونر،
ڏَند موتي جوتان جَرتي - ڦي سُونهيا رُخ لال ۾.

۳- ٿنهن سَڄڻ جي سُونهن جي - ڪَهڙي صِفت ڪَريان ڀَلا،
وَصف سُهڻا سَڀ هُئس - ڪَهڙ ڪِين هو ڪَنهن ڳَالهه ۾.

۴- اعجاز ڀُڄيو دلربا - ڇَا نَام نَالو آسنده،
ٿان چيائين ڪر صحي تون - مرحم دال ۾.

قلم: پير مَحفل آهِ اڄ - مُنھنجو شهه خُوبان پرين،
حُسن يُوسف کان حَسين آ - سومَهِ تابان پرين.

١- ڪُنت ڪُنزا مان آکي - سو سُوءِ مَحفل آيو آ،
سُونھن صُورت جو سَنباهي - سانُ سَپ سامان پرين.

٢- شَمعون شَرمائي لڳيون - لعلون به شَرمائي لڳيون،
رُوءِ رَخشان کي عَيان - جَنهن دَم ڪيو پنھان[1] پرين.

٣- مُوءِ[2] دِلبر باعثِ - خُوشبوءِ ٿي باغِ ارم،
جانِ مَن سوئي سَندم - جانِ چَمن جانان پرين.

٤- نَاز پرور نَازنين - نَاز و ادا سان سَروُ نَاز،
نِياز کان نا آشنا - نَازڪ بَدن نَازان پرين.

٥- خُوشترين خط خَال وَهوا - رَخ رَنگين رُخسار خُوب،
سُرمگين اکين سان سَارو - طُور جَلوي سان پرين.

٦- آبِ حَيوان حَوضِ ڪَوثر - ۽ دمِ عيسيٰ نه پُڇ،
هِت جيارِيا جِيءَ لکين - ڍِيٺي لَبِ مَرجان پرين.

٧- ديد جي اَڪسير سان - ۽ دِيد جي تاثير سان،
لاَ دَواءِ درد جو آ - ٿيو دَوا دَرمان پرين.

٨- جَان وَدِل مَال و مَتاع - قُربان ڪيان اعجاز ڪُل،
مِيزبان مُونکي بَنائي - ٿيو مُون وٽ مَهمان پرين.

(١) پنهان: پَردي ۾ لِڪل (٢) مُوءِ: وار، زلف

ٿلھ: آنڊو اڄ تہ عجيبن کان خاطيءَ[1] خط۔ چمي چشمين لايان سو ڇاتيءَ خط.

١۔ آهي ڇيءَ منھنجي جو ڇپيو خط۔ آهي نينھن وصل جو نيو پيو خط،
ڪري دل تي ڇڏيان ڇو نہ ڇاپو خط۔ هي خط هوندم سان حياتي مماتي[2] خط.

٢۔ هن ۾ هر ڪا حقيقت حال بہ آ۔ معنيٰ مام ملڻ وارو خيال بہ آ،
بيحد پيار محبت پال بہ آ۔ ڏاڍو ذوقن لکيو يار ذاتي خط.

٣۔ ڳايا مايا انھي تان قرباني ڪيان۔ سر ساھ نذر مھماني ڪيان،
خوبان خوب تنھنجي خاطر[3] خواني ڪيان۔ آئي مونکي ڏنو جنھن پاتيءَ خط.

٤۔ خطڙو آهي اعليٰ عبارت سان۔ سرِ نامون صحي مُهر معارت[4] سان،
آيو اعجاز عليؔ جي معرفت سان۔ پڙهي سو حفظ ڪيو دل جذباتيءَ خط.

(١) خاطيءَ: خط آڻيندڙ (٢) مماتي: موت کان پوءِ
(٣) خاطر خواني: خدمت ڪرڻ (٤) معارت: دانائي، سياڻپ

قلم: صُحبت انهي سان ڪر- جو قلندر ڪري ڇڏئي،
رَهبر ٿي سڀ سوراهه جو- رهبر ڪري ڇڏئي.

١- تون تنهن نظر ڪي ڳول- جا توکي تمام تر،
اڪ ڇنڀ ۾ هڪ گِران(١) بها- گوهر ڪري ڇڏئي.

٢- اهڙو ڪو ساٿي دوست- سچو يار ڪر وڃي،
جو معرفت ۾ ماورو- مُعتبر ڪري ڇڏئي.

٣- اُن زلف خوشبوءِدار جو- سايو نہ ڇڏ ڪنهن،
دل کي دماغ کي جو- مُعطر(٢) ڪري ڇڏئي.

٤- هت ڳالهہ آهي عشق جي- هت عشق ڏار سو،
غربت هوندي بہ دل جو- تونگر ڪري ڇڏئي.

٥- جنهن مان ڪروڙهي پي- پُران پُر ٿي نت وڃن،
ڇٺو عشق کي تہ اهڙو ڪو- ساغر ڪري ڇڏئي.

٦- صيقل(٣) مثال صحبت- سالڪ سچي سندي،
مَن کي سامانهہ وانگي- مُنوّر ڪري ڇڏئي.

٧- اَلعِشق(٤) نَارُ الله جو- اعجاز ٿي پتنگ،
هَرهَر انهي ۾ هر تہ سا- اوجر(٥) ڪري ڇڏئي.

(١) گران بها: گهڻي قيمت (٢) معطر: خوشبودار (٣) صيقل: قلعي
(٤) اِلعشق نَارُ الله: عشق آهي الله جي باريل باهہ (٥) اوجر: پاڪ صاف

ٹلم: نعرو نظارو نسنگ[1] اسان جو- گُرجي گام گِرام سان جم جام سان.

۱- کُل[2] شيءِ مُحيط ٿياسين- قرب جي قول ڪلام سان جم جام سان.

۲- ناميا نشانبر آهيون برابر- ذاتي صفاتي نام سان جم جام سان.

۳- گُلگُون گلابي اکين واري- گُل بدن گل فام سان جم جام سان.

۴- ديدن جي دل واري درشن- دم دم دُوم ڌام سان جم جام سان.

۵- مَن خدايَم[3] موج مِ ڇٿون ٿا- معنيٰ معرفت مام سان جم جام سان.

۶- سِر اسان جي سِهرا سُونهن- ساٿي جي صَمصام[4] سان جم جام سان.

۷- عِشق جا بانگا آسين اَعجازؔا- عشق واري اسلام سان جم جام سان.

ٹلم: باغَ بَهاريا بَن وي سَرتيون- آئي سڪندر شاھ جي.

۱- حُوران پريان ڇن ملائڪ- تابع ٿيڙا ٿَمَن وي سرتيون.

۲- پيچ پاڳارا ڪلنگي وارا- نعرا هَنَن ڪڪ ڀَن وي سرتيون.

۳- دِلبر دولهہ دادڪي ڪٿين- داڳي وڏا دُشمن وي سرتيون.

۴- ڳائي اَعجازؔ ڪمڙا ڪمڙا- ڳُني ءِ جا وَري ڳُن وي سرتيون،

آئي سڪندر شاھ جي.

---

(۱) نسنگ: ظاهر (۲) ڪل شيءِ محيط: هر شيءِ تي منهنجو گهيرو آهي

(۳) من خدايم: آئون الله آهيان (۴) صمصام: تلوار

ٿلهه: صنم سڀئو ساقي سڄڻ هڪ اٿم- گذاريان ٿو تنهن جي حسن ۾ ٿي گهم.

١- اچي جنهن چمن ۾ چمن سو چمن ٿئي- گهمي جنهن صحن تي صحن سو صحن ٿئي،
هلي راهه جنهن سان سا مشڪِ[1] ختن ٿئي- رهي جاءِ جنهن تي سا جنت عدن ٿئي،
منهنجي اڪ پري ڪيئن پوءِ باغ ارم[2]

٢- جي مُرڪي ته موتين جو درياءَ وهيو پئي- جي پڙڪي ته بجلي شمع ڏنگ رهيو پئي،
جي ظاهر ذرو ٿئي ته سڄ چنڊ ڀيو پئي- اشارو ڪري ته ٻه اڌ ٿي لهيو پئي،
نِهاري جي نازئون ته نهيو پئي نظم.

٣- حَسينن جو حاڪم حسن جو ڌڻي آ- حسن روز تنهن جي پيرن جي پٺي آ،
مِلائيندو اکِ سان جنهن اک ٽِڪي آ- جادوءَ وانگي جِيءَ ۾ ويندو جڙ هٽي آ،
علم سامريءَ[3] جو ڏنم ات عدم[4]

٤- منهن جي دلربا جو حسن نت سوايو- ڪٿي منجهه ڪنهن جي نه اَعجاز آيو،
اجا ڪونه اهڙو ڪو شاعر ساميو- نڪو ڪو مصوّر ڪنهين ماءِ جايو،
ٿلهه جي ڳتا سان چا هٿندو ڪو دم.

(١) مشڪ ختن: هرڻ جي دنِ مان نڪيل مشڪ، عطر
(٢) باغ اِرم: شداد ڪافر جو ٺهرايل بهشت
(٣) سامري: حضرت موسيٰ جي وقت جو جادوگر (سامري)
(٤) عَدم: لڪل

تلهه: هِن ڪَشتي جو ناکئوتون - طُوفان ڪونهن ڳا شئي،
هي گهور انڌيرا ۽ - گهمسان ڪونهن ڳا شئي.

١- هِن بَحر طَلاتم(١) جا - بي بَند بَرهڙا هي،
۽ بادِ مُخالف جا - بُحران ڪونهن ڳا شئي.

٢- پوَناڪ پَنوَر پيڙيون - جت لهريون مِثل پريت،
اُت توهه ٿاريه ٿنهن جي - طُغيان(٢) ڪونهن ڳا شئي.

٣- ماهر تون ملاح آهين - آتو ڪي مَهارت ڳُل،
هَٿ تنهن جي سڪان آهي - شُوبان(٣) ڪونهن ڳا شئي.

٤- جو پاسو هٿي هن ڪي - سو پان ٿئي پُرزا،
هِن تنهنجي ڏنگي ۽ آڏو - دُوران(٤) ڪونهن ڳا شئي.

٥- مانجهن ۾ تُون مانجهي مَل - ڪَئين پارِ ڪيئي ٻُوڙا،
اوڙاهه اُڪارين تون - گهتان ڪونهن ڳا شئي.

٦- آ مُنهنجو يقين مُحڪم - آ منهنجي اِها دعوي،
دَرياء جا دَمر دڙڪا - دَهمان ڪونهن ڳا شئي.

٧- پيا بجليون بَدل چمڪن - پَرواهه نه تو پانيان،
تُون سان سَڄڻ آهين - بَاران ڪونهن ڳا شئي.

٨- جو بارِ لڏيئي هن تي - سو بار سُڄهئي پيو سَي،
اعجاز پچاري جا - اوزان(٥) ڪونهن ڳا شئي.

(١) طَلاتم: لهرون، ڇوليون (٢) طغيان: جوش، سيلاب، ٻوڏ
(٣) شوبان: ڏيکاريا، ڏيکا، نظارا (٤) دوران: گردش، چڪر (٥) اوزان: وزن جو جمع، بارَ

ٿلهہ: مُونکي نٿو سُجهي تہ ڪو تُنهنجو بدل مُڃي،
جيڪر مُڃي تہ تُنهنجي نظر جو ڪُٺل مُڃي.

١- چوڏهن طبق جي چار سُن چارئي مقام ڇهئين،
ڪونهي اُنهن ۾ آهڙو - جو تُنهنجو آهل مُڃي.

٢- تُنهن جي سراپا، تن ۽ بدن چهرو و مُوبمُو،
نرم و نفيس نازڪ، مُشڪل ڪو گُل مُڃي.

٣- جو زُلف رُخ تي ڇوڙين ٿو، آهڙا ڇلا ڇلا،
هِي هُو جهان جن جي، حيرت ۾ ٻُڏل مُڃي.

٤- تُنهن جي اکين ۾ جِيئڻ - اِهو ٻهڪي ٻري پيو،
ٻي ڪنهن جي اک ۾ آهڙو - جڳهن ڪو ڪجل مُڃي.

٥- تُنهن کي مُڃي جو غم ۽ فڪر، ڪنهن بہ ڳالهہ جو،
جنهن کي جو تُنهن جي صُورت، هِينئڙي ۾ حل مُڃي.

٦- ناصح ضرور ڪهڙو، پوءِ ٿو ڪي نماز جو،
دِل جي پُٺيان جي تُنهنجو، هلڻ پل بہ پل مُڃي.

٧- تُنهن جي نِگاهہ جو ٿہ بہ، آهيان مان مُنتظر،
توڙي جو نظر تُنهن جي، مُون تي هر محل مُڃي.

٨- جنهن ۾ بہ تُنهن جي حُسن جي - جهلڪي نٿو ڏسان،
مُنهن جي ڪنن اکين ڪان - پري سو غزل مُڃي.

٩- وهسي وڳي ٿڳي ۽ - ڪنهن کي بہ وٺ نہ ڏي،
اعجاز کي جي تو جهڙو، ساٿي پُنهل مُڃي.

قلم: قُرب تُنھنجي جي ڪچهري- ڪُل ڪتابن جي بَجاءِ،
لحظوِ هڪ تنهن جي لقاءَ جو- سڀ ثوابن جي بَجاءِ.

١- بَشري صُورت بيڪ تُنھنجو- آهه اَعليٰ ۽ عَجيب،
نَظر ناقص لاءِ آ- سترِ نقابن جي بَجاءِ.

٢- چو بُڇان ڇا لاءِ بُڇان- شاهي شفا خانو وَڃي،
لبِ لبن تُنھنجن جي مون لئه- لک لُعابن جي بَجاءِ.

٣- خِيال ۾ ڪي خواب ۾- ڪِي رُوبرو توکي ڏِسن،
هرَ حياتي حَق ٿيو- سو هرَ حقابن جي بَجاءِ.

٤- رَمز تُنھنجي رَازداري- رَاز رَاحت رُوح جِي،
رُوح جِي رُون رُون رڳن ۾- پَٽي رَبابن جي بَجاءِ.

٥- سِڪ جو سِينن ۾ وڪر- سِينا صَدين کان سِڪ پَريا،
سِڪ سَفينن[1] کان گهري سِينا ڦورابن جي بَجاءِ.

٦- ڪارگر آهن ڪُهن جا- ڪِن قصابن کان وَڌي،
کُنڊا ڪارا نين تُنھنجا- لِيا ڪسابن[2] جي بَجاءِ.

٧- نُوح آدم مُوسيٰ عِيسيٰ- يَحيٰ زَڪريا ڪي خَليل،
لاجواب آئين ٿي آخر- ان جَنابن جي بَجاءِ.

٨- بَاب سڀ ٻيا بي ڪما- ۽ بي بقا بلڪل بِنه،
بـاب بَاقي بِرهه وَارو- اور بابن جي بَجاءِ.

٩- عَاشقن سِر ٿيندا آهن- پَر اُهي اعجازَ ڇٿي،
هُل هنگامه هُورٿن لاءِ- جَن حُبابن[3] جي بَجاءِ.

(١) سفينن: ٻيڙين، جهازن (٢) ڪسابن: ڪاسائي (٣) حبابن: پاڻي جو ڦوٽو، ٻوڳيڙا

ٿلهه: ڪا ڪَڍي ڏيندي منجهُه- ڪِهڙي آهي مَرضِي يار منهنجي جي.

١- مُرڪِي مِلندو هاٿي مُون سان- ڪِي آجان بهِ ڏيندو ڏنجهُه.

٢- هن نَظَرِ جي حَالَ حاضُرَ تي- راضِي آهي يا رَنجُ.

٣- مون ڪاٿي ۽ ڪان ڪِين ڪُٺي ٿو- غمن سَندو هي گنجُ.

٤- عِشقَ جي آيَس آبَ اُونهي ۾- واءِ نَه لڳي ٿو وَنجهه.

٥- اَعجازَ عَليؑ آچي مارِ ڪندو- اَهنج ُ بهِ ٿيندو سَقَنجُ.

ٿلهه: آهڙي ڪا يار تو لاءِ- لهان ٿُنهنجو نه مَٽ جائي.

١- بِرهه ٿُنهنجي جي پابند ٿِيَسِ- بيخود بي جان بي جِند ٿِيَسِ،
پرين تو سان پيوند ٿِيَس- وِچا واري وِيئي وائي.

٢- لڪين لوڙي وِيهه ڏوڙي- ٿيَس هيڏي نه ٿِيَس هوڏي،
اُڪيون اَرواح دل توڙي- وَٽي صُورت نه ڪا هي ڪائي.

٣- وَٽان ٿيو هان مَستاني- دِيوانن کان بهِ دِيواني،
لهي حَيرت نه حَيراني- آهيان عِبرت ۾ آئون آئي.

٤- چَوي اَعجازَ آئون دَر دَر- تونان گهوري گهوريان گهر سِرُ،
نَظر مُون تي ٿُون نُوري ڪَر- آئي مُنهنجي حَال جا پائي.

ٿلهه: توکي ڏسيو پئي ٿڳان - ناته جڳ ۾ جو ناهي ڇياپو.

١- لک هزار کو لکي لٽائي - لاري نه پئي ڪنهن جي لڳان،
ليو مُنهنجو ميثاقان توهان ميلاپو.

٢- جيسين فرڏسان توکي تيسين جانب پئي - درد فراق ۾ ڏڳان،
توري، ڳن نه مي اکڙيون آجهاپو.

٣- سَپ ڪي پرايو سُڦل سائين - ٿُنهن جي دران ۾ تنهن جي دڳان،
صدقي ڪيم توتان تن ۾ ٿناپو.

٤- پيالا پرت جا ٿُنهن جي هٿان پي - وحدت ۾ پئي وڳان،
ريو اندرئون اعجاز ڇني آدامي آپو.

ٿلهه: مون تي اهي سَپ پال - مُنهن جي سڄڻ جا، مُنهن جي پرين جا.

١- ياد ته آهيان وسريل ناهيان - دل تان اُنهن جي اُتريل ناهيان،
ڪُتل مون ۾ خيال - مُنهن جي سڄڻ جا.

٢- رنج رسامان صدمان سَهاپا - طعنا مهنا تلخ نياپا،
وين وصال مثال - مُنهن جي سڄڻ جا.

٣- ملندي ڪلندي مُنهڙو مٽائن - گوڏي گڏ ويهي گهونگهٽ پائن،
خُوب اهڙا ته خصال - مُنهن جي سڄڻ جا.

٤- سونهُون مينهُون سيمُون پيارا - آنگل آرا عشوي اشارا،
گُفتا مَنجهه رومال - مُنهن جي سڄڻ جا.

٥- سِرهي اعجاز اسِک ۾ ساماڻو - ڏکن سکن ۾ ڪين ڪرماڻو
ڦُرب اهي به ڪمال - مُنهن جي سڄڻ جا.

قلعه: مُون سان ڪو نہ مُنھنجا سڄڻ ڪَن جدايون،
ڏايون ڏِنگ ڏِسيو تہ بہ وَريو ڪَن وفايون.

١- مَتم ڏوھ ثابت آھن ڪَئين ڏھاڙي - پرين پاڙئن جي مون سان ڪانہ پاڙي،
ھَٿئون پَنھن جي ھَٿن سان ڏِکَن پيا ڏِلايون.

٢- سَدا حال سَڀ ۾ آھن رَاضي پَاڙي - چِنھن عَيب پَانئن رُسن ريب بَاڙي،
مَاڻھو ڪَن تہ پيا ڪن، وَڪن لايون چايون.

٣- ٺاھيان آئون ھڪڙو دِيوانو اُنھن لاءِ - سارو مَست آھي زَمانو اُنھن لاءِ،
ڏَاڍيون دَرگُذر سَان، دِليون ٿن وَرايون.

٤- آھن جَھڙا سُھڻا ٺَھڙا سي سَہاجَھل - مِلن آھڙا اَعجاز پاڳين ٿا سانول،
ڏڱن ڪي جي ڏِيندا، وَٽن جيءَ ۾ جايون.

قلعه: مَرحَبا مُنھنجا مِٺا، يَاري نِيائي تو يَڪي،
ڪَنھن نہ تو جِيئن ڪَئي وَفا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

١- ڪَئين ڪشالا پَنڌ ڪَئي، ۽ سَڀ لَڄون سانگا سَٺي،
جَان جِندڪَي ڏِيئي جَفا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

٢- آئين نَازمان نعرو ھَڻي، سَنسار ۾ سَار وھٺي،
ٿِي نِسنگ نِسري صَفا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

٣- آئون گھڻو ھوس ويسلو، پَر تو نہ ڪيو ناتو ڍِلو،
وَاھ سُعٺاير وَھوا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

٤- مَام ۾ سَيڪي چَيئي، مُونکي مِٺا پَنھنجو ڪَيئي،
يَاد تون رھندين سدا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

٥- پيچ پَاتا تو پَڪا، اَعجاز سان پَاڪي يَڪا،
صَدقي صَدقي مَعہ لقا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

حقیقت

ٿلهه: ٻَن صُورت وَارو ٻَڻايئي ڇو- اِنهي رُوپ ۾ پاڻ ڇپايئي ڇو.

١- مَتَ مَلڪن واري نِڪار ڪري- پَنهنجي خِيال جو خاڪو تيار ڪري،
اولو آدم جو اختيار ڪري، هُلُ عُبديت وارو هلايئي ڇو.

٢- هڪَ جاءِ هُئين هِڪُ پاڻ هُئين- سڀ طرح سکيو سک سان هُئين،
اُڄاڻ نه هُئين تون سُڄاڻ هُئين- پوءِ ڏاڻي سان دِل لايئي ڇو.

٣- ڇڏي وَحدت وَاريءَ واديءَ کي- ويءَ جُوءِ وَسيع ڪُشاديءَ کي،
ڇڏي الوداع آزاديءَ کي- ڪُنج قَفس ۾ قيد ڪمايئي ڇو.

٤- پَنهنجي نَقش جو پاڻ نگارو تون- مَتان تنهنجي جان نثارو ٿُون،
وَري نيٺ ٻه ٿنهن لاءِ مَارو ٿُون- ٿلهه نِڪر آجل تي پَجايئي ڇو.

٥- اَعجاز ڇوي ڇوان ڇا آئون ڏٺي- تنهنجي ڏانائيءَ جي آهي ڳالهه ڳٺي،
هُتي نَعرو اِني انا الله هَٺي- هِتي احمد نام سڏايئي ڇو.

ٿلهه: جاڳي جاڳي جاڳ ڙي- او پوري وَريو آئٽي ڀاڳ ڙي.

١- اِسم رَبَ جي اُٿ سَويرو- پَل پَليرو پيرج پيرو،
ٿان لِهين ڪو لاڳ ڙي.

٢- ڪُوڙي دُنيا جي ڪُوڙي ڳڻي ڪي- ڪُوڙي نِنڊ ۾ ڪوڙي نَشي ڪي،
ڇڏ ته مَاٺين سُهاڳ ڙي.

٣- پِريَن آڏو پاڻ نه آڻج- ڄاڻُ تون پنهنجو اوري ڄاڻج،
آڻي مِنت جو مَاڳ ڙي.

٤- سَاٿي سَنگِتي سَڏي صَلاحي- سَڀ سَمورا سَاز سَنباهي،
ڪَر روحاني رَاڳ ڙي.

٥- عِشق اعجازا آيو الاهي- مُرشد هَادي ڪَٺي هَمراهي،
ويهه وَٺي ويراڳ ڙي.

تلم: مَستي مَستي مَوج مَري وڃي - آهيون هِت ويچارا بيحد بيڪس بيڪارا.

۱- هَر ڪَنهن آڏو نياز آسان جو- سَڀ ڪَنهن سان سَچائي،
مَحبت مَن ۾ دَغا نہ دِل ۾- گِلا نہ ڪَنهن جي ڪائي،
قِسمت قُدرت ڏني آ غربت- سُور سَهيئي سارا.

۲- ساٿي هُئا پَر ساٿ نِڀائون- ڪونهي حال ڪو پائي،
خَفا ٿيا پَر وَفا نہ ڪيائون- جَفا ڏيئي وِيا جُدائي،
دَرد جا دَفتر ڪوليان ڇا هَر هَر- تِيندا بَنديون ڪاغذ ڪارا.

۳- حَسرت دِل جي دِل ۾ رَهي- ناڪام عُمر ٿي آجائي،
اعجاز جِني سان نَاز هُئا- پَرواز ڪري ويا جائي،
موٽي نہ ملنديءَ تولاءِ نہ ڪجنديءَ- ڪٽي سا ڏِئين سَوَارا.

تلم: منصب منصوريءَ ڏاران نعرو ان الحق ماري ڪير،
مام مسيحي جيسين مخفي مٺا جسم وري جياري ڪير.

۱- وِرد وَظيفا نَفل نِمازون زُهد عِبادت جي ڪٽي ٿين،
تُوڏ تڪبر سِينا ٿاني ٿرڪ ڪري سرواري ڪير.

۲- ظاهر باطن سَمجھ سريءَ ۾ اُو تي العلمِ اشارو يان،
قالوا بَلیٰ جي قول ڪيل ڪي مَردن ريءَ بيوپاري ڪير.

۳- سيل صبر سڻ مردن وارو سوليءَ سر ڪيئن ساهئيون ٿي،
اعجاز حقاني هوڪو حقؔ جو سيڏريءَ سيڪاري ڪير.

ڪجنديءَ: پريشان ٿيڻ، الڪو ڪرڻ، ياد ڪرڻ، هڏ ڏو ڪي

ٿلهه: حقيقت جي آئيني ۾ - سچا اسرار ٿون آهين،
نظر ڪان پاڪ جو آهي - اُهو ابرار[1] تون آهين.

١- خزانو سر خوديءَ وارو - بحر معنيٰ جو بسيارو[2]،
ڪُنت ڪُنزا نهان نيارو - رُخ انوار تون آهين.

٢- بشر جي ڀيڪ ٻازي ٿو - ڪُلي ڪم ڪارسازيءَ جو،
حقيقي ۽ مجازي جو - اصل مُعمار[3] تون آهين.

٣- شاهد مشهود سِر ٿنهنجو - عابد معبود سر ٿنهنجو،
سدا موجود سِر ٿنهنجو - سُوري ڦسوار تون آهين.

٥- ڀنهنجي پاڻ جو گهر در تون - ڀنهنجي نيڪين جو پرور تون،
ڀنهنجي هر ڪرتي ڦادر تون - ڀلو بدڪار تون آهين.

٦- ڳگن گلزار گل ڦل سان - شمع پروان بُلبل سان،
همه هروار هُل غُل سان - بِرهه بردار تون آهين.

٧- دوزخ جنت جو جوڙيندڙ - خيمون هر جاءِ کوڙيندڙ،
ٺاريندڙ پاڻ ٻوڙيندڙ - ڳهر پاتار تون آهين.

٨- هٿي اعجاز منجهه جهاتي - حقيقت جو تڙِ ڏس ڦاٽي،
توسان ٿنهنجو سچو ساٿي - نه هڏِ ٻي يار تون آهين.

(١) ابرار: نيڪوڪار، اولياء الله (٢) بسيارو: زياده، گهڻو، وڏيڪ
(٣) معمار: اڏيندڙ، ٺاهيندڙ، رازو

ٿلهه: ماڻھن ۾ آموليُ پَٽرو- اُئين تہ ڪرِ اثبات ڪري.

١- مَن عرَفَ وَارِي مام معنيٰ سان- پيرُ علي ؑ ٿو بات ڪري.

٢- نورٌ اعليٰ نُورُنيارو- تن من ۾ تجلات ڪري.

٣- صاف وهابي صوفي ٿي سي- صورت ۾ ڏس جهات ڪري.

۴- وهڪري وحدت واري مان ٿو- عشق عطا هر ذات ڪري.

۵- اعجازؔ علي ؑ جو سِر سڃاڻو- ٿي ظاهر ذاتِ ڪي ذات ڪري.

ٿلهه: ڇَل خُوش وَسين سَندي سَانگ- ڪانهي ڪَانِ مِلڻ جي آسانڪي.

١- ڇور نہ مُون سان ڳالهہ اهائي- ڪمڙي سُنايَين ڪانگ.

٢- ٺڪي آئون تولاءِ ٺانگهيان- ٺڪِي ٺُون ٺي مون لاءِ ٺانگهہ.

٣- ڪِروڙين ڪوهہ پَري هُجون- ناواقف وَانگ.

۴- اعجازؔ جُدائي ڦبول ڪئي- توکي ڏِسي بي دَانگ.

ٿلهه: دَردمندن کان پُڇو - ڪِيئن ٿا گُذارن ڏينهڙا،
مُنهن پايو مُونن ۾ - وِيٺا وَسائين مِينهڙا.

١- سُور جو ساٿو هٿن - سَودو نہ ڪَن سُک جو ڪَڏهن،
اي سُکيا ساوا اُنهن جا - سُڻ اهي ٿُون سَنيهڙا.

٢- نِت پيارِن ۾ پِيَن ٿا - پُرِ پيالا پِرت جا،
اِئين نِباهيو ٿا وَچن - نِيهي هِتان ڏِس نِينهڙا.

٣- مَوت کان اڳ ۾ مَري - مُوئُو قبل جيکي ٿِيا،
جاڳندا ٿِن کي پَلا هي - شاهي شوريل شِينهڙا.

۴- عشق ۾ اَعجاز جَئي - وڏ ماڻهپي کان ٿِيا پَري،
حَال هِيٺي تي سَدا - هيري چَکيا تِن هِينڌڙا.

ٿلهه: جِيئَن تقويٰ رکي آئِي - تِيئَن تورڙ نِباهِ،
نہ تہ تائِين سان ويهي - نِينهن نہ لاءِ.

١- تورِ ڪيڏو هُجين تونگر پُلي - تہ بہ سِک سَچي سَواءِ نہ صُحبت مِلي،
جُهڙئون جِيءَ کي جَفا ڏي تہ مُحب مِلي - نہ تہ سَڏڙيو ٿي نہ سائِل سَڏاءِ.

٢- ڪِرت ڪاڙهين آڳرب ۾ ڪُسڻ - نکي ڪَرت ڪَات اَڳيان وَرِي ڪا ڪُرِک ڪَرڻ،
نَکي ڏَڙِک رَکڻ نَکي چِرک پَرڻ - اِنهي اُهجاڻي پوءِ عارف چواءِ.

٣- ڏِسي وَضُحيٰ وَکِيل کي کَرِ ويچار ويهي - تَوکلت عَلَي الله جِي جا صِفت آصَحي،
جنهن اِيّاکَ نَعبُدُ وَاِيّاکَ چئي - اِهو سَبَقُ سِکي پَنهنجو پاڻ پَچاءِ.

۴- عجب اَعجاز زَماني ۾ رَنگ رَاز ڏنئي - گهڙي دَم جو سوز گداز ڏنئي،
مارَن مين کان سَواءِ پيو ڪُوڙ ڪُلِئي - نِٺُرت نِياز ۾ پيو سِرڙو نَماءِ.

قلم: مَچي مَيدان ۾ ٻيھڻ - مَانجھي مَردان جو ڪَمُ آ،
جَلڻ مَنجھ عِشق جي جيري - جَلالي جُوان جو ڪَمُ آ.

١- آچڻ پونري مِثل بُلبل - پَسڻ حَاضر حُسن گُلِ ڦُل،
پَچڻ پَروان جِيئن پَلپل - موھيل مَستان جو ڪَمُ آ.

٢- تِيرن جي تَاب ۾ تَرسڻ - وَٺي وَندورھ جا وَرسڻ،
بِنا مُند اوچتو بَرسڻ - بَدل بَاران جو ڪَمُ آ.

٣- نَڪي پَالا نَڪي نَشتر - نَڪي ھَاٿي نَڪي اُشتر،
ٿِيڻ فَتحياب بِن لشڪر - سورھ سُلطان جو ڪَمُ آ.

٤- ڦَٽي اَعجاز ڪَر آزي - گَھاٽي سِر ڏي تہ ٿِين غَازي،
لَڳائڻ جَان جي بَازي - قَوي اِيمان جو ڪَمُ آ.

قلم: يَاد جي جَن کي ڪَندا - ڪَندا ياد سي ٿَن کي سَدا،
دَمُ ويسارو نَاھ جَن وٽ - ڪير ڇَڏي تن کي جُدا.

١- سَارِ دل جي سَاوَسان - پَھرِ عَاشقاڻي پَارسان،
وِيا مِلي اِنين يَارسان - ڪَئين سوز سَاڙيل سِڪ وَندا.

٢- جن وَسان ڪَيون ويسريون - ۽ غافلايون گيسريون،
نِيڻان ٿَني جي نَيسريون - آرمان جُون وَھنديون آدا.

٣- ڦَاڏڪُرُوني جي ڦَھم - اوڏا ڪَيا سَاھئون صَنم،
اڪَڙين ڏِنا وِيا غم وَھم ٿَن مَن ڪَريان تِن ٿَان فِدا.

٤- ھِت جون سَارون ھُت سُڄن - ھي ڪَارون زَارون ھُت سُڄن،
پيون سَپ پَچارون ھُت سُڄن - آھڙا پرين آھم سُنھن خُدا.

٥- ڳَالھيون تہ ڀيون آنراديون - اَعجاز بي بُنياديون،
يَاد ڪَرسي يَاديون - جِن سان ڪُلن در آنحدا.

اُشتر: اُٺ انحدا: انڌريان

قلعه: جن يار نه ڪيو - تن جي ڇا ڪيو،
يار سوا ۽ پيار سوا - هن دنيا ۾ تن ڇا ڪيو.

١- پيار ۾ اُلجھي پيار ۾ ويھجي - پيار جو مضمون پيار ۾ سمجھي،
پيار ۾ سِر ڏيئي پيار ٻَسجي - پيار سواءِ سِر ڏيئي ڇا ڪيو.

٢- مئيخوار آھي مئيخان اندر - مئي جام پين تا شام و سحر،
سُھڻي صُورت وند ساقي بِگر - تن مئي جو پيالو پي ڇا ڪيو.

٣- مَر ته اعجاز! مَر محبت ۾ - غم غُربت ۾ سِڪ صُحبت ۾،
نه ته ناب طبل سان تُربت ۾ - پُڇندا توکان تو ھي ڇا ڪيو.

قلعه: جيڪو غير کي سمائي - اھو خيالُ ڪيئن ڪمايان،
ڇڏي حال جي حقيقت - وري قالُ ڪيئن ڪمايان.

١- مُون گُذاري عُمر سڀ آ - پنھنجو پاڻ نت ڪمائي،
جو ڪُمي ڪُمائي ھِين ڪي - سو ڪمالُ ڪيئن ڪمايان.

٢- مُنھنجي دِل جي ڏِس ته چاھت - مُنھنجي دل جو ھُڏ ته رايو،
جو مثالِ ٿئي نه جڳ لاءِ - سو وصالُ ڪيئن ڪمايان.

٣- ھُڏي قالَ واريون ڏانھون - آھو ڪِي ته عاشقن جُون،
پنھنجو عِشق آئُون بَرِتن جان - تي بتالُ ڪيئن ڪمايان.

٤- پيڙي خُونِ ھَرِ بشر جو - ڪري قطرو قطرو ميڙيان،
آھي پوءِ ڪم پونين ڪي - اھڙو مالُ ڪيئن ڪمايان.

٥- نه خُوشي ۾ پائيداري - نه جٽاءِ غمن ۾ يارو،
ته خُوشي ملھايان ڪِھڙي - ۽ ملالُ ڪيئن ڪمايان.

٦- جَڏھن ڏسي ڪَسي دِل - جڏھن ڪِلي ته موھي،
اعجاز سامھون اُن جي - پوءِ جلالُ ڪيئن ڪمايان.

ٿلھ: آهي رازِ الاهي سِرِ آدم ۾- هي بيرنگ بيڪ ڪيو آٿئي هن عالم ۾.

١- هي اَرض و سَمٰوات تو ٺاهيو آ- هي وليل وَالضحيٰ تو بڻايو آ،
تو شمس قمر ۾ نُور پايو آ- تُنهنجو تجلو آهي صُورت سالم ۾.

٢- لِڪ ڪربل ۾ ڪٿي ڪيڏي ڪيئي- اُتي پاڻ بيٺي پنهنجو پاڻ ڪُٺي،
سِر عاشق ٿيو ڏاڍا ڏُک ٿي ڏِنئي- ڳُجها رازِ رَکيئي اِسم اعظم ۾.

٣- ڪَنهن کي عِشق لايو آڪسير ڪرين- ڪَنهن سان واءِ وصاليءَ جي وير ڪرين،
ڪِٿي سمنڊ درياهان پيو سَير ڪرين- ڪِٿ اعجازِ وڏٿي غمن اگم ۾.

ٿلھ: سُور ۾ رَهه تان سُور سُڃاڻي- سُورجي صُورت سُور آٿئي،
سَمجهه اِهو سچ سالڪ چئي ويا- سُورن کان پوءِ سُرُور آٿئي.

١- جيڪري وَڃ هي جَهان ڇڏي- پِلا شَرطِ اِهو مَنظور آٿئي،
پَڪ سان پسنديں پوءِ پرين جي- پِرت سَندو پَهه پُور آٿئي.

٢- دِلبر جو ديدار ۽ دَرشن- دِل کان نه هَرگز دُور آٿئي،
دَردمَندن جو سُڻ اي سَڏڙيا- دائمِ اِهو دَستور آٿئي.

٣- ڪرم تو گنگا جَمنا ڳامين- ڪَعبو مَڪي ڏي ضَرور آٿئي،
تو ۾ ڳاشي تو ۾ تيرٿ- تو ۾ تجلو طُور آٿئي.

٤- نِرمل وارو نَقش نِظارو- نَظر اڳيان سو نُور آٿئي،
هَٿ ڪَر حَال خِيال اعجازا- هِردي مَنجهه حُضور آٿئي.

هِردي: دل

ٿلهه: ڪَي آيهِ هَتِ الله ميان، ڪي دور دُنيا جو چاهِ ميان،
غَمزي حُسن جي آهڙو ڪيَرُم، ڳهائي ڳُهَني ڳمراهِ ميان.

١- ڪي شُمار آهيان شاهوڪارن ۾، ڪي زُهدِ عبادت ڪارن ۾،
ڪي چورن ۾ نه چَڪارن ۾، آهيان بَرزخ ۾ بيَراهه ميان.

٢- ڪي ڪنهن سان ڪي ڪو ناهه ڪيَم، ڪي ڪنهن سان ڪهي ڪو ڪاهه ڪيم،
ڪي دِل ڳهريو ڪو ڳُناهه ڪيَم، آرمانِ اهوئي آهه ميان.

٣- هَردو جَهانئون عاري ٿِيڙس، عَيش آرامئون بيزاري ٿِيڙس،
هِڪ جيڪَن ۾ مَياري ٿِيڙس، تُون مُون ٿي ويئي تباهه ميان.

٤- حُسن سواءِ هاڻي هلي نه ڄاڻان- حُسن جي ڪاڻ ٿِيا حالِ نماڻا،
حُسن جا آرا نازءِ ماڻان- چايهِ سِر تي ڏيئي ساهه ميان.

٥- ڪُل شيءِ مُحيط جو ڏس مِليو، پَلي هِيٺَن وٽان شَل عُمرِ پَکيو،
رلين پُکين سان رَهي هو ٿورکيو، اهو وار اَعجاز ويساهِ ميان.

ٿلهه: ڪونهِ پيو ٿو سُجهي- سَڀ سان آهي صاحب سائي.

١- مَن عَرَفَ جي مَعنيٰ ڪَئي سون- پَڪي پيرائتي سُڌ پَئي سُون،
لوڪ هُونهَين پيو مُنجهي- سالڪ ڏيئي ويا سَڀ سَمجهائي.

٢- خَلق آدم عَليٰ صُورته- موڳا پاڻيِن هيءَ مُورت پي،
عِشق نه ائين اُجهي- رَمز انهي ڪي پِرت رَسائي.

٣- ڳمٽ آندر ۾ هيءَ ڳهوڙا ڳهوڙا- ڪِين ٻُڌين ٿو ڪوهه تون ٻوڙا،
ٻول هيءَ جيڪو ٻُجهي- سُرت رکي سو پاڻ سُڃائي.

٤- ڪي چَون ڪِيئَن ڪي چون ڪِيئَن- عاشق چون ٿا هَر گهڙي هيئن،
ڳُجهه پرين جي ڳُجهي- پَس اَعجازا ڪَئي پُڄائي.

برزخ: وچ

ٿلهه: آهي يار آسانجي اولي - آسين وِياسون ڳولي ڳولي.

۱- ڪِير نہ سگھندو ڦان آسانکي - بيشڪ پولي پَولي.

۲- آنا آحـمـد بلا ميـمـي - ٻَمجُن ٻولي ٻَولي.

۳- مِليو مَاهي مُزمّل مون سان - گھونگھٽ کولي کولي.

۴- رَاج چَڪيا هِن رَنـدن تـي - اِنـهن مُلن رولي رولي.

۵- ڪَڏهن عاشقن ڪَڏهن حَسينن - جي آتولي تولي.

۶- آعجاز يَلا چو چِـر ڏونگر - نَاحق چولي چولي.

تـلـهـ: مَردِ تِي مَنصـور مَانَند - مَام سَمجھي مَن عَرف،
پَڙهہ آنا الحق جي پَٽي - ڪَر ترڪ ٿون نحو[1] وصَرف.

۱- خُود خُدائـي خِيـال پَس - دُوئـي وَارو تـہ دَجال دَس،
پـي جَلالـي جَام رَس - حَق جَان حَاضـر هَر طَرف.

۲- تـو وَسي تـو ۾ بـہ رَب - اِن ڳالـهہ ۾ کونهي عَجب،
ڇَڏ لَذت لَهـو[2] ولَعـب - شَاهـي ڇَوَن تُنهـنجو شَرف.

۳- تِي ٿون پيوند يَان سَان - مُحڪم مَتي مَٺي مَان سان،
ڪَر نہ جَنڪي جَان سَان - ڪَنهن قول پَٺي ڪَنهن تي حَرف.

۴- سَب آعجاز ا تـول ٿون - بَردو نَاهين ڇَڏ پـول ٿون،
دَر دِلين جا کـول ٿون - تـوَڻ ڪُنجي تـو وٽ ڪُرف.

---

(۱) نحو وصرف: عربيءَ جو قائدو گرامر

(۲) لهو لَعبُ: دنيا جي راند روند، لذت

ٿلهه: مُنهنجي جاءِ نہ توسان جائي، او هَرجائي،
ٿُنهنجو عِشق نَٿو مُون کان پاليو پُڄي.

۱- بيڪِي بَسني ٻَڌانا ٿُنهنجا- ڏاڍيو آهين ڏکيائي، او هَرجائي.

۲- هِڪ نہ ٿالهو هِڪ نہ صُورت، تو هِڪ نہ ٻولي ٻُڌائي، او هَرجائي.

۳- ڪڏهن مَوالي ڪڏهن قوالي- ڪڏهن مُلون مَسلائي، او هَرجائي.

۴- ڪَڏهن دَم سائل ڪڏهن دَم سَخي- ڪَڏهن دَم تون ڪَنجُوسائي، او هَرجائي.

۵- ٿُون ئي چورُ تہ ٿُون ئي پاڳيو- ٿُون ئي پيري وَڙولائي، او هَرجائي.

۶- هيڏهن هوڏهن پُورو آهين- وَاهہ ٿُنهنجي هيڪڙائي، او هَرجائي.

۷- پَنهنجي مَرضي مُطابق هَرهنڌ- تو آوَسائي تو ڻائي، او هَرجائي.

۸- سالم سِياڻو توکي سَمجهان- ڪي سَمجهان توکي سَودائي، او هَرجائي.

۹- توکي ڳانهي تہ آسان کي بہ ڳانهي- ڳاٽ اَعجاز ڳائي، او هَرجائي.
ٿُنهنجو عِشق نَٿو مون کان پاليو پُڄي!!!

ٿلهه: مُنهنجي جاءِ نہ توسان جَائي، او هَرجائي،
ٿُنهنجو عِشق نٿو مُون کان پَاليو پُڄي.

١- بيکِي بَسني بَهانا ٿُنهنجا- ڏاڍو آهين ڏکبائي، او هَرجائي.

٢- هِڪ نہ ناليو هِڪ نہ صُورت، تو هِڪ نہ ٻولي ٻُڌائي، او هَرجائي.

٣- ڪَڏهن مَوالي ڪَڏهن قوالي- ڪَڏهن مُکون مَسلائي، او هَرجائي.

٤- ڪَڏهن دَم سَائل ڪَڏهن دَم سَخي- ڪَڏهن دَم تون ڪَنجُوسائي، او هَرجائي.

٥- ٿُون ئي چَورُتہ ٿُون ئي پَاڳيو- ٿُون ئي پيري وَڙولائي، او هَرجائي.

٦- هيڏهن هَوڏهن پُورو آهين- وَاهہ ٿُنهنجي هيڪڙائي، او هَرجائي.

٧- پَنهنجي مَرضي مُطابق هَرهنڌ- تو آوَسائي تو ڦِٽائي، او هَرجائي.

٨- سَالم سِياڻو توکي سَمجهان- ڪِي سَمجهان توکي سَودائي، او هَرجائي.

٩- توکي ڳَانهي تہ آسان کي بہ ڳَانهي- ڳَاڻ اَعجازا ڳَائي، او هَرجائي.
ٿُنهنجو عِشق نٿو مون کان پَاليو پُڄي!!!

قلم: آسين وَاقف ٿنهنجا آهيون، ڏسون ٿنهنجي الاهيت چا،
خُدا ڪونهي پيو ڪو نه ٻيو، ليڪيون ٿنهنجي لِلاهيت چا.

١- حَوا آدم مَٿي چا لاءِ ڌَريُئي الزام ذاتي جو،
سَندءِ آهڙي عَجب جَهڙي، نٿا سمجهون سياست چا؟

٢- رَاڄن جا رَاڄ تو روليا، خالي دَرڪن دلاسن سَان،
ڪِروڙين وِيا ڪندا دانهون، اِها آهي ڪمَاليت چا؟

٣- صَبر ۽ مَاٺ ڏي مُونکي، اَڃان نه ته آئون پڪو پَوندس،
سَدائي پَان ڪي چا چا، ڪَرين پيو ڏس عِنايت چا.

٤- خُدا يا خَير ۽ شر جو، ڪونهي خالق پيو تو ري،
چَوي اَعجاز مُون ڪئي، پوءِ خطا ڪَهڙي خِيانت چا.

قلم: تُون ته مُلڪ وَحدت جو مَالڪ آهين،
تُون دِين دَرم ڪي چا ڪندين.

١- عاشق اِتي آختيار تُون، وَٺي پَس نه پِئي ڪَنهن پَار تُون،
آهين سَڃو اسرار تُون، دير و حَرم ڪي چا ڪَندين.

٢- تُو لاءِ سِڪي لالا سَمن، تو ڪِي سَدا نرگس نَمن،
تُنهنجو بَدن آهي چَمن، باغِ ارم ڪي چا ڪَندين.

٣- خَالي نه رَهه پَنهنجي خِيال کان، هِن عِشق جي آحوال کان،
وَاقف نَاهي جو هِن حَال کان، تنهن بيشَرم ڪي چا ڪَندين.

٤- مَنُ اَعجاز نَعرو هَمه، پَروان تون تُون ئي شمع،
تُون لامَڪاني لاطمع، تُون جَم جَرم ڪي چا ڪَندين.

جرم: حياتي، جمار

ٿلهه: هنيون حاضر ڪري هت ٿون، کولي نظرون نظارو ڪر،
باطل حق تي پڌر پوندو، مُلڪ هٿ ماڪ وارو ڪر.

١- حضوري دل ٿلب واري، ڪندو حاصل وجي ڪو ڪو،
آجان چاڙهي آئي چڙهني، چڙهي پنهنجو ڪو چارو ڪر.

٢- موٽو تبلل وارو لانگهو، لنگهي مشتاق تي محڪم،
اجل سامهون اوچي سِر آچ، عدم آسن آوتارو ڪر.

٣- متان هت غير ڪو پائين، ناهي ڪو غير هت هرگز،
ڏسڻ سان ڏس همه حق آ، گمان گم تي گذارو ڪر.

٤- هنيون حاضر ناهي چن جو چيئڻ تن جو آجايو آ،
سچا سالڪ ويا سچ چئي، سندي سِر جو سنيارو ڪر.

٥- پير مغان محقق جي، صورت آهو بهو رٻي،
اِئين اعجاز چئي سمجهي، هُو هُو وارو اشارو ڪر.

ٿلهه: خوددار تي گولج خود ڪي تون - سوچ سندي ۽ سڌ ٻڌ ڪي تون.

١- ٿنهنجي آولي ٿنهنجي چولي - ڪير ٻڌي تو ڪير تو ٻولي،
سمجهه پنهنجي سرشد[1] ڪي تون.

٢- اوري واريون اوريَن اوريون - حد اندر تن ڏسيون ڏوريون،
لوچ "لا" سان لاحد ڪي تون.

٣- مسجد ڪعبي ميخان مندر ۾ - آندر ٻاهر ڪوجهي سندر ۾،
ڪر اثبات احد ڪي تون.

٤- گهر اعجازا ڪُرِ ۾ گم تي حق حقيقت سان همدم تي،
پس ڦمر ڦي[2] ڪبد ڪي تون.

(١) شد: خود (٢) في ڪبد: ڏکن ۾

ٿلهه: اِسم ذاتي اور- عَين عِبادت آهي اهائي.

١- وَهُوَ مَعَكُمْ وَعدا ڪَياٿين- گُرمتان سِر گهور.

٢- ٻَن ڏيئي پِيا نَاتا سَيئي- نَاتو حقيقي تور.

٣- مَن عَرف جي مَام پَروڙي- ڏِيل پَنهنجي ۾ ڏور.

٤- ڏِينهن سَمعن جا پَوءِ ڏاڍا اِيندءِ- دل ۾ اهو ڪَردور.

٥- هُو آن گهريو ۽ آن ڪُٺ ڏِي پيو- تَڪ مَرڪِي ٿُون تور.

٦- آنڪل وَارِي عِبادت ڇڏ تون- مَن جو مَئيون سور.

٧- ڪَوڏٿون قُرب ڪَمائي قُدسي- ڪِينو قلب تان ڪَور.

٨- اَعجاز چَوي ڳَالهه پرين جِي- وِيتو چور پَچور.

ٿلهه: اِئين پُڄندي آسان ڳالهه هرگز ڪانه. جِيئن سائين تو آيا ڙيو پينگ تي.

١. سيجون سُکَ ۽ ڳاڄ سلُوڻا، طعام طِبين تان نه،
وتين چو سينو سا ڙيو پينگ تي.

٢. جُڳ تِيئي اِنهي حال سان، پاڻ بِکيو پيا سُلطانَ،
ڪِيئن تو چِت ڪئي چا ڙيو پينگ تي.

٣. جِيڪي ڏِنئي سو تہ گهوريو، پَر ويتر ڪسيو سُک مان،
ڀُڏيو چيو وَڃين لا ڙيو پينگ تي.

٤. مَسجد مَندر ۽ گهر ميان ٺُنهنجو، ٺنهن ۾ گهڙو آئي سامان،
وينو آهين وڪروا ڙيو پينگ تي.

٥. مَعاف گُستاخي آعجاز چئي، نان ۽ وڏو شهر ويران،
آئي مُون ۾ ٺِڪڙ ڦا ڙيو پينگ تي.

ٿلهه: وَڻ وَاٽ بَصيرت وَارن جي، حَق سان هِڪان هڪ پارن جي.

١. اِن واٽ سواءِ ٻيون وَاٽون وِنگيون. آٿپوريون آڏوريون ڪوڪيون ڪُنگهيون،
ڪِن تي ٺَگ ٺَگيون ۽ چوڪيون چُنگيون. ڪِن تي دَعويٰ دڙ دُزدارن جي.

٢. جا وَاٽ وَما تغيٰ وَاري آ. سا نِيارين ڪان برنِياري آ،
اِها جُڳ جُڳ جَاري سَاري آ. اُها وٺيل آرِينجهارن جي.

٣. جيڪا نرتين سُرتن صِراط چئي. وَڃي طَالبن سائي ٿلاش ڪئي،
وني وِيا سا صُورت جي سار پئي. جَڏي چِنتا ٻين سڀ چارن جي.

٤. جِن بينا بَصيرت وَاري ملي. ٺِن اکيان حَقيقت ساري کُلي،
حَقّ آهي خَفي حَق آهي جَلي. هُجي نَظر ڪا اهل نِظارن جي.

٥. هِن رَاهه جا راهي رِند ڏِٺم. آعجاز اُهي دِيدمَند ڏِٺم،
سَردار ٻه سي خُورسند ڏِٺم. اِها پَرک آئي پرتيارن جي.

خورسند: سرها، خوشي

تلمو: جي پاڻ سُڄاڻي تہ اُهو پاڻ آهين تُون،
حيران پريشان جنهن جي ڪاڻ آهين تون.

١- وحدت جي وحي وَوڙ نہ ڪر جهنگ جبل ۾،
جيءَ جان جلائين چو عبث جهل جنجل ۾،
پنهنجي ئي حقيقت جو پرياڻ آهين تون.

٢- وَهمن جي وهيو وهہ ۾ وِڃين پاڻ وساريو،
ناهي ڪو جڳاءِ جن ۾ نشا پيين سي پياريو،
من جنهن ۾ مئي مستي جا سو ماڻ آهين تون.

٣- لشڪر ڪِي خزاني جو، توکي خيال نڪر چو،
تلوار ڪِهِي تير توکي، ڍال سپر چو،
سامان سلح ساري سمر ساڻ آهين تون.

٤- معمار مڪاني ۽ مڪان لامڪاني تُون،
مستان گگن مينگهہ آبر آسماني تون،
معنيٰ واري موتين جو بہ مهراڻ آهين تون.

٥- اعجاز چوي عشق کي اُستاد آچي ڪر،
اَلَست عشاقن سان اِتحاد آچي ڪر،
سڀ سخن وارن جو پوءِ سرواڻ آهين تون.

پرياڻ: خيال، اهڃاڻ، چاڻو

ٿلهه: مَن خاڪي ڇٽڙي چولي - هي ٻوليون ٿو ڪير ٻولي.

١- ٻوليون صحي ۽ ساڪي - منزليون مثال ماڪي،
لاريب روحي راڪي - باطوني ٻغر ٻولي.

٢- ڇا ٿو ڇوي ٻڌائي - ڪو گوش ڪن ته لائي،
ڇا وينو آ وڃائي - ۽ ڪنهن کي پيو وڙولي.

٣- هئي عاشقي جو نعرو - ڪنيائين برهه جو بارو،
سرمست ٿي سچارو - خبرون خفي جون ڪولي.

٤- اعجاز اهوئي حق آ - سُڻ سمجهه تو سبق آ،
پيو ڪونه ڪو ناطق آ - الله ري، تو اولي.

ٿلهه: پنهنجي ظهوري ڪاڻ - پاڻ کي آدم پاڻ ڇيائين.

١- معنيٰ سان معبود ٿي وينو - ملڪن جو مسجود ٿي وينو
لائي عجب لالاڻ پهچڻ ٿي پنگ پاڻ هنيائين.

٢- شاهه گدائي گشت ڪرڻ لاءِ - دکن سکن جي لذت وٺڻ لاءِ،
اصلئون توڙي هاڻ - پسند رنگي پهراڻ ڪيائين.

٣- هرسو همه ٿيو هڪڙو هادي - حاضر غائب ٿنهن جي منادي،
طرف وحدت جي تاڻ - سمند درياءِ هڪ مان ميائين.

٤- صفت ۾ پنهنجي ذات ڇپائي - اسم اعجاز آيو مٿائي،
وهم گمان نه آڻ - عشق حُسن ٻئي سان ڪنيائين.

ٺلهه: اِنسان سِرُ الاهي - اِسرار سَڀ اِنهي ۾،
دِل ڪش حُسن نظارو - ديدار سَڀ اِنهي ۾.

۱- انسان آهي اَڪمل - اَعليٰ عَجيب اَجمل،
ذاتي صفاتي تجمّل - چِنسار سَڀ اِنهي ۾.

۲- بَشري بَناء بَڻانو - بيحد آبي گُمانو،
خَفي خِيال جو خَزانو - خُمار سَڀ اِنهي ۾.

۳- عُشاقي آر آگم - ٽرنگي ٽرانو ٽرنم،
سُر ساز سوز سَرگم - گُرتار سَڀ اِنهي ۾.

۴- نيشانِ سان ناميارو - ناطق سو نُور نيارو،
رَاسخ رَبوبي وارو - رَنگ پَار سَڀ اِنهي ۾.

۵- اَعجاز وَاري اولي - ڀَڳن ٿو ڀَان ڀولي،
گُجهه ۾ ڏنو سون ڳولي - اَعتبار سَڀ اِنهي ۾.

ٺلهه: آڏي ۽ ڪات جي سَڏ تي - اِيندا ڪي مَرد مَردانا،
مَحبت ۾ مُوتُوا قبلِ - تِيندا ڪي مَرد مَردانا.

۱- سر و ساغر صُراحي مئُ - تِکي آتيغ هَٿ جَنهن جي،
زَخم ٿنهن جا کِلي هَرهَر - کِيندا ڪي مَرد مَردانا.

۲- مَوڪي مُغان جي مَحفل جِت - وَهن اُت ڪوس جا وَاهڙ،
مَٽا تنهن پَٽ پَکِڙ پيڙتي - ڏِيندا ڪي مَرد مَردانا.

۳- وَڏائي سِر جي عَاشق ڪِيا - اُنهن آهڙيون ڪيون خَبرون،
کَچن جي جاء ناهي هِت - وِيندا ڪي مَرد مَردانا.

۴- اَجان اَعجاز چئي آهين - رَهُو ڳالهين ڳَگاٽيو ٿون،
نِباهي نِينهن جو ناتو - نِيندا ڪي مَرد مَردانا.

تلهه: پاڻان وَچي پَراهون - الله کي وَڙولن،
ڪِل جهڙي ڳالهه آهي - ڇوڪر کُلمي ۾ ڳولن.

١- نَڪا عالمن خَبر هِيءَ - نَڪا عاقلن خبر هِيءَ،
ڪَنهِي عارفن خَبر هِيءَ - تو مُون مُعاندي پِولن.

٢- خُود پاڻ کي وِسارڻ - جڳ کي وَچي جُهارڻ،
ڳُڻ ۾ نه پاڻ سارڻ - وَڻ وڻ ناحق ڏنتولن.

٣- سُڌ جا سَچن سُٺائي - ڪَنهن ڪَنهن هِيئين ڪَنائي،
آن آن ٻولي آنائي - ٻَولڻ تہ سِر ٻہ گهولڻ.

٤- اکيئين ڏِنو ڇڏائن - رَنڌن تي نِيو رُلائن،
پولا وِجهن پِلائن - ڪَر آمُلن جو پولن.

٥- آدم جي نان ۾ آيو - آدم ۾ ٿان ۾ پانيو،
ڪَنهن کي نہ ڏان ۾ آيو - صُوفيءَ جان راز کولڻ.

٦- ووڙن وُجود جيڪر - عِلم و عَقل جا پَيڪر،
بَرحق چون پَوءِ هَر هَر - اعجاز وارو ٻَولن.

جُهارڻ: پوڄڻ، ڳولڻ

ٿلھ: ٿنھنجو ”پاڻُ“ تو لاءِ وڏي پت آ. نہ تہ يارُ توسان ٿنھنجو نت آ.

١- مت سالڪن واري مچ ٿون، پيو نہ ڪيڏھن ووڙن وچ تون،
پت پاڻ واري پوري پچ ٿون، پاٺمي پاڻ چوندين ھُوھت آ.

٢- وَفِيۡٓ اَنۡفُسِكُمۡ فرمائن، جھاتي جيءَ اندر پارائن،
پنھنجي پاڻ کي پاڻ پسائن، اھا محبوبن جي گت آ.

٣- ٿنھنجو يار جُدا توکان ڪونھي، ٿون نھار جُدا توکان ڪونھي،
وتي وار جُدا توکان ڪونھي، ڪر چڪاس تہ ٿنھنجي چت آ.

٤- آلانسانُ سِري سر سارو، آٿي خاصُ خُدا جو اُتارو،
اوڙي پاڙي لاءِ تي نہ آزارو، جت پير ٿنھنجا پرين تت آ.

٥- اکيون پيائيءَ ۾ جن ٻوڙيون، وچان ڏنيون ٿن ڪين وچوڙيون،
آٿن تڏھن جُدايون لوڙيون، کھڙي جان اھا کھڙي مت آ.

٦- توکي اسم جسم جو آيو لو، آھي اسم جسم ٿي اولو،
اھو اولو آ آ جن رولو، اعجاز کيو ثابت آ.

ہمۂ اوست

ٿلهه: نَفي اَثبات سان هَردم - عَجب اِسرار آهيون ٿيا،
نِظاري نِينهن نَعري سان - نِسنگ نِروار آهيون ٿيا.

١- ڪِٿي دلدار ڪِٿي اغيار - ڪِٿي گمرغار آشڪارا،
ڪِٿي آبشار ڪِٿي گلزار - ڪِٿي خَسِ خار آهيون ٿيا.

٢- ڪِٿي ساجد ڪِٿي مَسجود - ڪِٿي شاهد ڪِٿي مَشهود،
ڪِٿي آياز ڪِٿي مَحمود - ڪِٿي نادار آهيون ٿيا.

٣- ڪِٿي تہ گمان ڪِٿي نِيشان - ڪِٿي دَردا ڪِٿي دَرمان،
ڪِٿي مَروان ڪِٿي شَيطان - ڪِٿي ڏاتار آهيون ٿيا.

٤- ڪِٿي خُود خيال جا خَالق - ڪِٿي صُوفي سچا سالڪ،
ڪِٿي اَعجاز جا مَالڪ - ڪِٿي سردار آهيون ٿيا.

ٿلهه: لا مَذهب ڄاڻ - مَذهب جي مُون ۾ ڀَاڻ نہ ٻُوءِ ڪا.

١- دِين ڪُفر کان دُور آڪيرو - وَحدانيت مُنهنجو واهيرو،
عِشق سَوا آئون آڄاڻ - ڏاهپ جي مُون ۾ جاءِ نہ جُوءِ ڪا.

٢- وَصل وِصال جو واءُ بہ سَنيران - هِجر فراق جو گهاءُ بہ سَنيران،
صَبر جو مُون ۾ سَنبان - وِٿلڻ جي مون ۾ واءِ نہ وُوءِ ڪا.

٣- برهہ بَحار سان بَاهم آهيان - لاجي لاڙ سان لاغم آهيان،
سُخن مَنجهان ئي سُڄاڻ - حِرنت جي مُون ۾ هاءِ نہ هُوءِ ڪا.

٤- ريءُ مَحبت جي ڪُوڙا ڪاذب - ٿاعد عقائد مڙئي مَذاهب،
پَل تون اعجاز ا پاڻ - رَسمن جي وَٽ راءِ نہ رُوءِ ڪا.

ٿلهہ: ڪَري هر سانگ هَر صورت، آسين هر جاءِ آياسين،
تَوَن رُوپَنِ رَنگَنِ سان نت، نوان ڪي نينهن لاياسين.

١- پَسَڻُ پنهنجو پَسِي پاڻهي، نہ پنهنجي پَٽَ ۾ ماياسين،
ظهوري ڪان ذاتيءَ جي، اولا عبدي بناياسين.

٢- ڪتي ڏئي گهور گهايون ڪِين، ڪتي خود گهور گهاياسين،
ڪتِي بي نياز بي پرواهہ، ڪتي گل پاند پاياسين:

٣- آهيون هر دَور ۾ هر دم، ڪُلَئِي ڪمڙا ڪماياسين،
ڪڏهن ڪيڏن ٿي ڪڏهن ڪيڏن ٿي، عجب ڪونتل ڪُڏاياسين.

٤- عُرف "اعجاز" واري سان، ڪٿان ڪان ڪٿ ڏساياسين،
ڇپايو پاڻ هوسُون پَر، نہ ڪنهن وَلِ ڇَلِ ڇُپاياسين.

ٿلهہ: دلربا جي ديس ۾، مَعمان هُئاسون سَال ڪي،
نَرگسي نِيڻن آڳيان، نِيشان هُئاسون سَال ڪي.

١- خُوبرُو ٿنهن خُوش لقا جي، خِيال ٿي بَس خِيال ۾،
مَحومَن موهيل مگن، مَستان هُئاسون سَال ڪي.

٢- پَل بہ جاتو سون نٿي، پَاڻان پرين پيارل پَري،
يَار سَان يَڪدل يَڪويَڪ، جَان هُئاسون سَال ڪي.

٣- هت بہ مَعمان ٿنهن سندا، آسين هُت بہ مَعمان ٿنهن سَندا،
مَعنيٰ جت ڪِٿ مُحب لاءِ، مهمان هُئاسون سَال ڪي.

٤- رِيئن پَتنگ پَروان ڪو، اَعجاز مُشڪل ٿيو مُجي،
جِيئن آسين سِر رُخ شمع جا، شَان هُئاسون سَال ڪي.

ٿلهه: ڇم ڇم ڇَنَنَن ڇير وَڄايان - ڇَم ڇَم ڇَنَنَن ڇير.

١- ڏِسڻ جي ديدار مِرِيهي، لايان دم نہ دير.

٢- پيرِ مُغان جي پِڙ ۾ پَلپَل، پِرت مان پائي پير.

٣- وَجهُ الله جهاتي پائي، غيرِ وڄايان وير.

٤- آخفائي احوال ڏِيان ٿو، ٿازا تير بَتير.

٥- حُسن واري حِلقي اندر حاضر ٿي هَر وير.

٦- عَرشين پونئين آعجاز علي جي بِرهہ واري پير.

ٿلهه: بيحد آهيان بَهار بَرابر- بيحد آهيان بَهار.

١- بِرهہ بي پَرواهہ بَنايو، هَمہ کان هَر وار بَرابر.

٢- پَنهنجي پَسڻ سان پَنهنجو ٿي پِيس، عَجائب اوتار بَرابر.

٣- مَحوِيَت مَستي مَوج چڙهي وئي، ٿڌهن ٿار و ٿار بَرابر.

٤- آعجاز چوي آئون سارو سَراپا، آيس ٿي اِسرار بَرابر.

تلم: عاشق مان آزاد برابر عاشق مان آزاد.

۱- ڪنهنجي ئيدوهيتو ناهيان، آن اهو اعتقاد برابر.

۲- ڏکيا ڏوکا طعنا مهنا، مونکي ناهن ياد برابر.

۳- شُد[1] آهيان سو شُدي ڪندس، شُدي کيو اتم شاد برابر.

۴- آهيان پنهنجو پاڻ اعجازا، اصل کان اُستاد برابر.

تلم: آسين سانگي سڄڻ يار جي، هر رنگ ۾ رهون ٿا.
هر روپ شڪل ٻول ۾، هر ڍنگ ۾ رهون ٿا.

۱- آدم کان اڳي پوءِ، آسان جوئي آنعرو،
آسين قديم آسين جديد، رنگ بيرنگ ۾ رهون ٿا.

۲- آسين دل ۾ آسين دماغ ۾، آسين جان جگر ۾،
آسين وار وار ۾، آسين آنگ آنگ ۾ رهون ٿا.

۳- هر ساز هر آواز ۾، آسين آهيون سمايل،
آسين طبل آسين طنبور ۾، آسين چنگ ۾ رهون ٿا.

۴- خيابان[2] ۾ ڪڏهن، تہ بيابان ۾ ڪڏهن،
ڪڏهن شهر ڪڏهن بحر، ڪڏهن جهنگ ۾ رهون ٿا.

۵- ڪڏهن حُسن تي عاشق، تہ ڪڏهن حُسن خُود اسين،
ڪڏهن پان هئون پان، ڪڏهن ننگ ۾ رهون ٿا.

۶- ڪڏهن قُرب واري سيج، جا قرار ونيون ٿا،
ڪڏهن ورهہ وڇوڙي جي، وڪڙ وڪڙ ۾ رهون ٿا.

۷- اعجاز بنا عشق جي، ملڻ محال آسان جو،
آسين نينهن وارن جي تہ، ناتي نينگ ۾ رهون ٿا.

(۱) شُد: خود (۲) خيابان: گلشن

ٿلهه: پَس تہ مُنھنجو پَمَ پور۔ عَجب عَجائب شَوق رکان ٿو.

١۔ يَار پرينِ ہي پَارِ نہ ڄَاڻان۔ سِر صُورت ۾ تنھن کي سُڃاڻان،
حَال ۾ سَوئي حُضُــور۔ فَھمَ اِھو فِي الـفـوق[1] رکان ٿو.

٢۔ مُنھنجو پَلپل پيچ پَسارو۔ حُسن حَاضر سان نينھن نظارو،
آئـمَ اِھو دَسـتـور۔ ذَاتـي صِفـاتـي ذَوق رکـان ٿـو.

٣۔ مھنا طَعنا آئون مَاڙ پَانيان۔ مُنھڙو مَلامت کان نہ مَٽايان،
ڏيھہ پَڇي جَنھن کـان ڏُور۔ ڳَل ڳچي سو طَوق[2] رکان ٿو.

٤۔ نِينھن ۾ ڏُک سک ڏِنمَ نِيارا۔ آئمَ آعجاز سي ڏَاڍا پيارا،
کَيَمَ مِيـشـاقـان مَـنظور۔ رُوح تِنھن کـان رَوک رکـان ٿـو.

ٿلهه: نِتَ نينھن سان آئون نَاٿ[3] کي، نَميو نمايو ٿو وڃان،
کُل ۾ ڏسي کعبو قرب، کُل سان کُمايو ٿو وڃان.

١۔ سِر سـاقيءِ کـوثر[4] ھـٿان، ھک سرک پي سـرمسـت ٿي،
سِک سـوز جا ھـن سَر سُکـل ۾، وڻ سـمـايـو ٿـو وڃان.

٢۔ غَيـر گـمـراھـي ڇڏي، گُمَ غَرق ٿي غَـمـزي[5] انـدر،
ھيءَ گُزمـتـان گـھـر سِر سـدا، گـھوريو گُـھـمـايو ٿـو وڃان.

٣۔ جوڳون ڏيـئـي جاڳر کـيـي، چِـنـدڙي جَلائـي جاکـسـي،
جيـئـرا مُـئـا جـھـونـگـار سـان، جـملـي جـھـمـايـو ٿـو وڃان.

٤۔ کن کن[6] ۾ نَو کنڊ طئي کري، خبرون ڏيان ٿو کِينئن سنديون،
کـوتـا کَرا اِن کـام ۾، کـانـيـو کَـمـايـو ٿـو وڃان.

٥۔ ھـر جاڻ کـي جاڻـي بجـھـي، اڻ جاڻ ٿـيـس آعجاز چئـي،
تـنھن عـشـق جي جيـري ۾ جَلِکي[7] جَمَ جَمـايـو ٿـو وڃان.

(١) فِي الفوق: مٿانهون، اعليٰ (٢) طوق: ڳچي ۾ گهٽ، ڳاھو (٣) ناٿ: مالڪ، اڳواڻ، وڏو (٤) ساقي کوثر: حضرت علي کرم الله وجھہ جو لقب (٥) غمزي: ناز انداز اشارو (٦) کِن کِن: پَل پَل (٧) جلکي: تعکن، سڙڻ

ٺلهه: ڪير آهيان آئون ڪِيئن هِت آيس - ڄاتم اهوئي ڄاڻ مِيان،
پَنهنجي پاڻ پسڻ لاءِ پاڻهي - پَڌرو ڪِيَرُم پاڻ مِيان.

١- ڪئين ٿصاب تہ گهر هو مُنهنجو - ڪُنت ڪنزا مهراڻ ميان،
عِشق اُتاهين آچي اُٿاين، سِڪڻ جو ڏيئي سَنباڻ مِيان.

٢- وَحدت مان ٿي ڪَثرت ۾، ويهي ڪَيم وکاڻ مِيان،
پَلڪِ بُري ڪُل ڳالهہ ڪَم جو، آهيان آئون اڳواڻ مِيان.

٣- مَخفِي راٿي راز مَنجهنُون، ڪَري چار عَناصر ساڻ ميان،
اِسم جِسم جو اَعجاز ڇَوي، ڀَريم سِر ڀَراڻ مِيان.

ٺلهه: ڪون ڀانيو ٻِيو ڪير - سَڀ صُورت ۾ ساڳيو آهيان.

١- پاڻ ڪي آئون پاڻ ٿو ڄاڻان - پاڻ ڄاڻي ڳان ڪَهڙا پڇاڻان،
پُرجهي ڪَئي ڪو پِير - سَڀ صُورت ۾ ساڳيو آهيان.

٢- ٻُنهي ۾ آهيان الڳ نِيارو - ڏِسڻ ۾ آهيان وَنّهن وارو،
ڦريا ڄاڻن ٿا ڦير - سَڀ صُورت ۾ ساڳيو آهيان.

٣- پِرت ڪي پَنهنجو پاڻ پَسايم - ڏاهہ عَقل کان ڏُور ڳُسايم،
سِڪ آ مُنهنجو سَير - سَڀ صُورت ۾ ساڳيو آهيان.

٤- ساڳيو ئي ساڳيو سَڀ هَنڌ هُوندس - ڳات ڪِٿي تہ ڪِٿي ڪَنڌ هُوندس،
پُل نہ رِجهي ٿو پير - سَڀ صُورت ۾ ساڳيو آهيان.

٥- غَير اَعجاز ڪي غير ٿو ڄاڻي - پاڻ پَروڙي تہ رَمز پَڇاڻي،
مُون ۾ اَصل نہ مير - سَڀ صُورت ۾ ساڳيو آهيان.

قصاب: ڄڳہ زمانہ

ٿلهہ: عَجب سَير مُنهنجو۔ آ بُرتعي بَشر ۾،
آچان اِن ڪَري ٿو۔ آئون مُشڪل نَظر ۾.

١۔ مُنهنجو اولو چولو نهايت نِيارو،
سَجو رَنگ بَرنگي تُبح[1] حُسن وارو،
سو مَنيان بہ ٿو ڍِنت، جو آهيان سَفر ۾.

٢۔ ڪَڏهن ڪير آهيان ڪَڏهن ڪير آهيان،
نرِهڪ پير آهيان، نرِهڪ پير آهيان،
رکان رُوپ سَهسين گُهمان هَر نَنگر ۾.

٣۔ مُنهنجي ذَات مُنهنجي ئي لَڦبن لڪائي،
تَحت[2] فَوق[3] واري بہ طَبقن لڪائي،
ڪِٿي تاج شَاهي ڪِٿي ليڙ لَير ۾.

٤۔ آچي ويڙهہ وَحدت مان ڪَثرت ڪمايم،
مَحبت جي سَانگي مَحبت ڪَمايم،
هَميشه سا هَر ڪَنهن رَهي وڳ وڪر ۾.

٥۔ هي آهلِ نَظر ڪَان ڳُجهو رَاز نَاهي،
خُدا ڇا خُدي ڇا خُدائي ۾ ڇاهي،
ڇا اَعجاز ڇَٽي ٿو، آڪس ڇا آندر ۾.

(١) تُبح: سانولي ڪوجهو (٢) تحت: هيٺ (٣) فوق: مٿي

تلھ: جَلوو جوش جَلال۔ هَستي مَستي شَان آسانجو.

١۔ ڪَنھنجي مَجن مَجائڻ جا ناهيون۔ آهڙا آهيون لا اُبال[1]،
آرڏو دَم عرفان آسانجو.

٢۔ سَپ صُورت ۾ عاشق آهيون۔ بيحد بِرهه ۾ بَحال،
قُرب ۾ سِر قُربان آسانجو.

٣۔ جَنهنکي ڏِنهنکي وِيجها وَسون ٿا۔ آهي اِهوئي ڪمال،
ناهي اَنت نِدان[2] آسانجو.

٣۔ ناسوتي مَلڪوتي مُلڪ ماٿيوسون۔ جَبروتي لاهوتي حَال،
هَاهُوتي باهوتي بَيان آسانجو.

۴۔ عِشق اِلاهي وَاري اَعجازا۔ خُودي خوءِ حَلال،
حُڪم حقانو اَعلان آسانجو.

تلھ: جَنهن ۾ پَاڻ آچي ٿي سَمايو۔ تنهن کي ڇا ٿيون آوهين سَمجهايو.

١۔ حَاصل عَين حُضُور جَنهنکي،۔ حَال وِصال سَوايو.

٢۔ بي گُمانِي هِن ٿي بُوءِ سي مَان۔ الله پَاڻ آلايو.

٣۔ هِتان هُتان هَرجاءِ کان هَردم۔ لاڪن ليئڙو پايو.

۴۔ مَنۡ رَاٰنِیۡ[3] فَقَدۡ رَاَی الۡحَقَّ۔ پرت پڙهو هي گُهمايو.

۵۔ سَمجهي شَراڪت کي شِرڪ شَامت۔ سِر ٿيون سُوريءَ کان بَچايو.

٦۔ اَعجاز عَلي چَوي ڏِسيو وَانسيو۔ حَق کي حَق ٿيون پَانيو.

---

(١) لا اُبال: بيپرواھ (٢) نِدان: چيھ (٣) مَنۡ رَاٰنِیۡ فَقَدۡ رَاَی الۡحَقَّ: جنهن مون کي ڏٺو تنهن تحقيق الله کي ڏٺو

ٿلھ: جِت آڙيو زاھد وَڃي ـ آزاد اُت آھيون آسين،
جيڪي پڙھي ھو پَان ٿو ـ اُستاد اُت آھيون آسين.

١ـ زاھد پُري جَنھن پار ڏي ـ ٿنھن پار جَا آسين پَاتڻي،
ھُو مُنھن مٿو موٽيو وِڃي ـ خُوش شاد اُت آھيون آسين.

٢ـ ھُو دَاد ٿو جَنھن کَان گھري ـ اُت دَادگر دَائم آسين،
بي سَمجھ ڄاڻي ڪِينڪي ـ اِمداد اُت آھيون آسين.

٣ـ جي پڙھي ۽ پيو پڙھائي ـ تہ بہ اجا مَنزل پَري،
پيچ پَاڻي ٿان پَسي ـ عَين صَاد اُت آھيون آسين.

٤ـ مُنھن پاڻي مَحبوب ۾ ـ ٿُون حَق اِھو اَعجاز چَئو،
جِت لوڪ بَربادي ڏِئي ـ آباد اُت آھيون آسين.

ٿلھ: آئم اِھو آختيار ـ حَاڪم مَحڪوم بَنجي سگھان ٿو.

١ـ حَاجي نَاجي[1] نيڪ نِمازي ـ عَاشق عَارف آرڏو آوازي،
ڪُوڙو سَچو ڪَلدار ـ مَاھر مَحروم بَنجي سگھان ٿو.

٢ـ خَالق مَخلوق خَاوند خِيالي ـ ٽَانگو ٽَامي عَيشي عَيالي،
پِيادو توڙي سُوار ـ خَادم مَخدوم بَنجي سگھان ٿو.

٣ـ ڀَلائي بُرائي ھَٿ آ مُنھنجي ـ نِڀائي وَڏائي ھَٿ آ مُنھنجي،
ھَر ھنڌ آھيان ھُڪيار ـ ظَالم مَظلوم بَنجي سگھان ٿو.

٤ـ اَعجاز علي چَئي مُريد مُرشد ـ مومن مُطمئن منڪر مُرتد[2]،
بُلبل گُل ۽ خَار پَٿر ـ ۽ مَوم بَنجي سگھان ٿو.

(١) ناجي: نجات مليل، ڇوٽڪارو مليل (٢) مرتد: ڪافر، دين کان ڦريل

تلم: هَر وَيس دَيس ۾ وَاسي هِڪڙو- جَلوي جوڙ جمال سَان جَلال سَان.

۱- پَنهنجو پَاڻ ڳَيائين پَڪرو- پَنهنجي قُرب ڪَمال سَان، خُود خِيال سَان.

۲- هِندو مومن مَظهر تنهنجو- سَوئي جَنگ جَدال[1] سَان ۽ قِتال سَان.

۳- ڪِٿ پَنڊت پوٿي وَارو ٿي- ڪِٿ عَالِم ٿي اعمال سَان اَقوال سَان.

۴- ڪِٿ وانيو[2] وِڙواند سَدا- ڪِٿ عيش خَويش عَيال سان زَرمال سَان.

۵- حَال وَارن کي حَال ڏِناٿين- پنهنجي سَار سَنڀال سان ۽ پَال سَان.

۶- پَاڻ لِڪايَئين سَمجهه اَعجازا- مَرڻ جِيئڻ جي مِثال سَان ۽ مَقال سَان.

تلم: نُورٌ عَلىٰ نُورُ ٿياسين- نُورٌ عَلىٰ نُورُ.

۱- اِنِّي اِنَّ اللهَ آرِنِي تَرَانِي- عَصائي[3] موسيٰ طُورِ ٿياسين.

۲- مَام مَسِيحي وَارا اسين- آسين سو معمُورِ ٿياسين.

۳- آڏ گُڙ گُمُ جي اِشاري سَان- حَاضر مَنجهه حُضُورِ ٿياسين.

۴- خِيال خُدائي خُودي ۽ وَاري- خُودي ۽ مَان خَستُور[4] ٿياسين.

۵- اَعجاز علي جي مَئي ۽ تَان- پَڻ[4] پي مَخمورِ ٿياسين.

---

(۱) جدال: جَنگ (۲) وانيو: چِڙو، کنوارو (۳) عَصائي: لَٺِ، لَڪڻ
(۴) خَستور: خوشبوداں رتل (۵) پڻ: پيالا

ٿلهه: ڪڏهن ڪير آهيان ڪڏهن ڪير آهيان،
ڪڏهن زَبر آهيان ڪڏهن زير آهيان.

١- ڪڏهن مالڪ مَراري وارو آهيان - ڪڏهن سُوار قنبري وارو آهيان،
ڪڏهن پَڪرِ پيادي پير آهيان.

٢- ڪڏهن حَد اندر اسير آهيان - ڪڏهن بيحد ۾ بي نَظير آهيان،
ڪڏهن پاءُ آهيان ڪڏهن سير آهيان.

٣- ڪڏهن ڪات آڏيءَ ڪان ڏُور آهيان - ڪڏهن چمڪن سان سَچو چُور آهيان،
ڪڏهن ڪُجهه نه سَمان ڪڏهن ڍير آهيان.

٤- ڪڏهن ڪنهنجو اعجازؔ يار آهيان - ڪڏهن ڪنهنجو ضِدُ تڪرار آهيان،
ڪڏهن شِر آهيان ڪڏهن خَير آهيان.

ٿلهه: هي سِر ذاتي سوغاتي آهي - سالڪ بَنجي سُڃاڻي ڪير،
اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَاَنَا سِرُّهٗ - اِتي ايمان ڪي آڻي ڪير.

١- صُورت وارو سانگ ڏيکائين - سَير صِفاتي سارو ڳيائين،
وَنَحْنُ اَقْرَبُ چئو چيائين - ڄاڻ اِنهي ڪي ڄاڻي ڪير.

٢- وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ اشارو - فَاذْكُرُوْنِيْ سڏڻ وارو،
فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ نظارو - هَر طرف ٿِيو هاڻي ڪير.

٣- حرص حَيواني هَستي هَٽائي - وَهم خُودي جا ڳاٽي ڪپائي،
دائم دَروني جهاتي پائي - پُرجهي پاڻ کي پاڻهي ڪير.

٤- لا اله سان انڪاري ٿي - الا الله سان اقراري ٿي،
اعجازؔ شرع کان عاري ٿي - مَوج عَطاري ماڻي ڪير.

ٽلم: دارين ۾ نہ ماپندي دِيوانگي مُنھنجي،
مَيدان بي پايان پُڄي مَستانگي مُنھنجي.

١- مُنھنجي جُنون کي ڪٿي مَنزل نڪو مَقام،
آ بيقرار بيحد خفقانگي مُنھنجي.

٢- ناصح نصيحتون گهڻون مونکي تہ ڪيئِن مگر،
آئِي نہ بازِ عشق کان نادانگي مُنھنجي.

٣- ھڪ طرف جي صنم ھجي ٻي طرف خُدا،
سَجدو صنم کي ٿي ڪندي عِرفانگي مُنھنجي.

٤- دِيوانہ وار ٿي چُمان ديوارِ حرم کي،
پَر ڏي نَٿي اجازت خُدگانگي مُنھنجي.

٥- جَڏھن بہ حال وَجد ۾ مون رقص آڪيو،
وَڙنڊ لڳا نچڻ ڏسي وَجدانگي مُنھنجي.

٦- ساقي بہ پياري پياري، حيرت ۾ پئجي ويو،
مَستي کي گُم ڪري وئي مَردانگي مُنھنجي.

٧- اِسرارِ جسم کان ٿِيس اعجاز آشنا،
بيڪار ٿي پوءِ پاڻ کان بيگانگي مُنھنجي.

عرفانگي: شناس، سڃاڻپ، ڄاڻ

ٿلهہ: هَر جاءِ جلوا مُون ڪيا۔ غَائب بہ ٿِي حاضر بہ ٿِي،
آول بہ ٿي آخر بہ ٿي۔ بَاطن بہ ٿِي ظَاهر بہ ٿِي.

١۔ خُوش خِيال پَنهنجي کي ڪَيمُ۔ مَسجد مَندر مَئيخان ۾،
مومِن بہ ٿِي مَئي ڪَش بہ ٿِي۔ مومِن بہ ٿِي ڪَافر بہ ٿِي.

٢۔ آلعشق واري آئور سَان۔ آعليٰ آلولايون ڪَيمَ،
آدم بہ ٿِي حَوا بہ ٿِي۔ شَجر بہ ٿِي شَرر بہ ٿِي.

٣۔ آڙهہ بہ ٿي گُلشن بہ ٿي۔ خَليل ٿي آذر بہ ٿِي،
ڪوهہ طُور ٿي تَجلو بہ ٿي۔ مُوسيٰ بہ ٿي سَاحِر بہ ٿِي.

٤۔ ڪَٿين رُڪَاڙيم ڪَٿين ڪِلايم۔ ڪَٿين پُلايم ڪَٿين مِلايم،
ظَالِم بہ ٿي سَالم بہ ٿي۔ رَهزن بہ ٿي رَهبر بہ ٿِي.

٥۔ هَر سَنَ ۾ هَر سُو هَر طَرح۔ هَر ڪا خَبر هر هَرِ ڏنيم،
آنبياء بہ ٿي آولياء بہ ٿي۔ سَالڪ بہ ٿي شَاعر بہ ٿِي.

٦۔ بَرسِر خِزان بَهار جا۔ ڏاڍا ڏِنا ڏک سُور مُون،
بَاغبان بہ ٿي بُستان بہ ٿي۔ بُلبل بہ ٿي گُل بَر بہ ٿِي.

٧۔ گُمسان آگم گوڙ سَان۔ آيس اوپارو عَرش کان،
طُوفان بہ ٿي بَادل بہ ٿي۔ بِجلي بہ ٿي جَل جَر بہ ٿِي.

٨۔ هولِي حُسن جِيءَ ۾ وَحي۔ سَڀ رَنگ ۾ رَلِمي وِئُس،
قِرمز[1] بہ ٿي زَردو بہ ٿي۔ آحمَر بہ ٿي آخضَر[2] بہ ٿِي.

٩۔ آعجاز واري بيڪ سَان۔ پَنهنجو پَروڙيو پَان مُون،
پَاڳل بہ ٿِي سِياڻو بہ ٿِي۔ بي زَر بہ ٿي بَا زَر بہ ٿِي.

(١) قِرمز: ڳاڙهو ڳهرو (٢) اخضر: سائو

تلـهـ: پَڇي حد اَدِبيَت وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ،
سُورَيءَ جي سوپ سَت وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ.

١- ٿبت يَدا آبي لَهب اشاري اِن مَان سَمجهي وَڃ،
تيڪاري ڇِڏ تِت وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ.

٢- آڙي نَاصِح نَصِيحَت مَند آڙي وَاعظ وَسِيَت مَند،
حَقيقت ۾ هِمت وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ.

٣- وَڃي ڇا تو تُنهنجو وڃ ۾، تُون ڇو تو پوسِرين پَڇرين،
پِرينءَ سان پِرت پَت وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ.

٤- ڇتي ڇِيُون هِيڪڙا ايُون ڇين، اُنّي حُجتُون بہ ڪَين ڇينديُون،
سِکي سِک گَتِ[1] سَنگت وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ.

٥- حِجابَت جا تَکَر تاڪي، ڪَري اَدِبيَت پَاره پَاره،
حَرِيفن تي حيرت وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ.

٦- هُيو اڳ ڪَانہ ڪَا هَرگِز، مگر هَاڻي پِيو پُوري،
خبر تُنهنجي نِيت وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ.

٧- سَچَل جهڙن سچَارن تي، تُنهن جي تَنقِيد آ بيجَا،
تَڏهن تُنهن جي سيکَتِ وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ.

٨- عُشاقي رَمز جي ڄاڻين- عُشاقن سان نہ ٿين عَاقي[2]،
نہ آئِي مَتِ مَعرِفت وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ.

٩- وِصالِ يار ڪَان آهن، جيڪي اَعجاز نَاواقف،
اُنهن جي لاءِ دِٿَتِ[3] وَاري، حُجت ڪَئي آ ٿہ مُون ڪَئي آ.

(١) گت: عادت (٢) عاقي: مخالفت ڪرڻ، باغي (٣) دٿت: ڍِڪيائي، رنڊ، روڪ

ٿلهہ: مَست مَان سَرمَست مان - هَر حال هَست و هَست مَان،
دَمِ ديواني دوستاني - سَان آهيان دُرست مَان.

١- شَاڪِي پَل پيو شَڪ ڪري - پَر ڳالهہ هن ۾ ڪونهي شَڪ،
رَاهبر جي رَهبري سَان - رَهبرانو دَست مَان.

٢- ڳالهہ مُنهن جي ٽلخ هُوندي - پَر نہ هوندي ڪَم ڪَچي،
سَچ سَچائي سَان سَچو - صُوفي صَفا سَربَست مَان.

٣- حَال جو قَائل هَميشہ - خِيال جو خَادم خَريد،
خُود پَرستو، خُود پَرستو - خُود پَرستو آست مَان.

٤- جَام پِيان ٿو جَام پِيئندس - جَام پِياسو آهيان،
جِيئن پِيان ٿو تِيئن ٿِيان ٿو - چَاڪ چَوڪس چُست مَان.

٥- پَاڻ ۾ ڇَا ٿيِن آدم ۽ خُدا ڪَمڙي خَبَر!!
جو جَلي آسو خَفي آ - پِيو نہ ڪُجهہ دَانست مَان.

٦- پَاڻ تي حَيرت آئم جو - پَاڻ ڪي سَمجهان بہ ڇَا،
ڪَنهن نَظر ۾ سَونُ آهيان - ڪَنهن نَظر ۾ جست مَان.

٧- ڪير ٿو مُونکي سُڃاڻي - ڪير ٿو مُونکي ڏِسي،
هِجر جو ۽ وَصل جو - آعجاز ڇَئي دِل خَست مَان.

ٿلهه: خُود جو مَان دَانا بِينا- خُود جو شَناس آهيان،
خُود جي ٿَلاش ورتھ- خُود جي مَان پَاس آهيان.

١- خُود ڪار خُود بَخود مَان- خُود دَار خُود خُوديءَ ڪَان،
ڪَنهن جي نہ ڪَان مُونکي- ڪَنهنجو نہ دَاس[1] آهيان.

٢- خُود ئِي غَواص[2] خُود جو- خُود ئي خُوديءَ ۾ غَارت،
خُود ئي خُود کي پَائيندو- بَشرِي لباس آهيان.

٣- خُود ڪان بيگانو ناهيان- آهيان يگانو خُود ڪَان،
خُود ڪان حَيرانو خُود مان- سراپا وِماس[3] آهيان.

٤- مُنهنجو سَانگ آصِفاتي- مُنهنجو پير پَاتو پَاتي،
آصلان مَان ذَاتو ذَاتي- سَاسَن جو سَاس[4] آهيان.

٥- خُود کي مَان سَر بَخم خُود- خُود جو مَان خُود پُوڄاري،
خُود کي پِياس خُود جي- خُود جو پِياس آهيان.

٦- خُود مُختيار پَنهنجي- مَرضيءَ تي پَان قائم،
پَر يَارَ ريءَ تہ آڄ پِي- دِل جو اُداس آهيان.

٧- آلعشق جي خَلش[5] ڪان- پَردو عَدم جو چِيري،
اَعجاز جي صِفات ۾- حَاضر حَساس آهيان.

(١) داس: نوڪر، غلام، ٻانهو (٢) غواص: ٽوٻو (٣) وِماس: حيران (٤) سَاس: سام (٥) خَلش: ٻام

ٺلهه: خُود جي ڏِيِم آچانڪ - خُود سان آشنائي،
پَنهن جي مُون پاڻ مَنزل - پاٿا پَرِي نہ پائي.

۱- پَنهنجي جو ڪوچ ڪيڙم - پَنهنجي پوءِ سوجهه پيڙم،
مَنجهان مَنجهه ٿي مَوج وِيڙم - مَنجهان مَنجهه ٿي هَيڪڙائي.

۲- مُون ۾ ٿي حَق نَشينو - مُون ۾ ٿي حَق مُبينو[1]،
مُون ۾ ٿي حَق جو جِينو - حق سان جِيان ٿو جائي.

۳- خُود ڪان جو آشنا ٿيو - خود ڪان سو خود خدا ٿيو،
خُود ڪان جو لاپتا ٿيو - ڪوئي[2] پنهن جي تنهن خُدائي.

۴- مَنْ عَرَفَ مام حق حق - حق جو پيغام حق حق،
آئون تمام حق حق - پوڙيم اتي پيائي.

۵- سو ڏينهن مِيثاقي سَمجهان - ساتِي مُلاقي سَمجهان،
ڏِيو سَير بُراقي سَمجهان - مَعراج مَنجهه مَنجهائي.

۶- دَرشن دَروني ڪَرجي - دِل ڏانهن ڏِيان ڌَرجي،
سَڀ ڪُجهه دِلان ٿو سِرجي[3] - جَماتي اها سَجائي.

۷- آئون اِهائي هَستي - جا پاڪ آڪان پَستي[4]،
مَشهور مُنهن جي مَستي - پيتم جو مَد آنائي.

۸- جي وَحدة الوُجودي - سي سَڀ ڪي سَڀ سُجودي،
هَر طرف هِڪ نَمودي - هَر طَرف هِڪ هِڪائي.

۹- اَعجاز رڪج جاٿپ - پَنهنجي صَحي سڃاڻپ،
چا لاءِ وِساري پاڻپ - در در ڪرين گدائي.

(۱) مبينو: ظاهر، پڌرو (۲) ڪوئي: وڃائي (۳) سِرجي: پيدا ٿئي (۴) پَستي: هيٺ

تلم: مخمور تہ سپ کو آ الستئون اگہي، پر مئي جام پيڻ کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين،
اِها بزمِ رندان جي اُلٽي چال آهي، سرمست ٿين کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين.

۱- آکَ آکَ سان آرائي پيئندي جام، جڏهن پسندي پاڻ نکي پنهنجو نام کڏهن،
اِيندگي اُلٽو نظر سارو عام تڏهن، عقل هوش نين کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين.

۲- مئي نوشيءَ کي سمجهي ڇا ٿو پلا، ناجائز جائز يا هي کا بلا،
جي تون رندُ هُجين تہ وحي بيءِ پيار سدا، اُتي خطا کين کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين.

۳- ساقي جام قدح آڏي کات جتي، آهي اُلنفس سندو موت مُات جِتي،
سِرتي سِر کي مٺ بازي بات جتي، اتي سِرڙي ڏين کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين.

۴- پرين پيالو ڏين بار بار پري، سچو عاشق هڏنہ انکار کري،
اَچي اَعجاز عليءَ جي آراري، مري يار جين کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين.

پيو باب

سونهن صورت

ٿلهہ: مَس مَس نَصيب ٿِيو آ دَرشن تو دِلربا جو،
بيحد آهيان ٿَہ ابر مَمنون آءِ مَوليٰ جو.

١- صُورت ڏِٺي مون تُنهنجي، ڏُک سُور سَڀ لهي ويا،
هَاڻي ضَرور ڪَهڙو دَرمان ٻِي دَوا جو.

٢- مَاٺهن ڀَڪن ٻُڌائي تَعريف مُونکي تُنهنجي،
هوهُل وَٺن ٿِي ٿِن ۾، لاڳن تُنهنجي لَقاء جو.

٣- آهڙو وَٺين وَٺين دِل کي جو هُوندين تون ياد هَردم،
عَاشق وِڌُي بَنائي پَنهنجي عَجب آدا جو.

٤- تَاثير يَانيان هي يا تعبير پانيان هي،
کَنهن مَرد حَق رسيد دَرويش جي دُعا جو.

٥- مُنهنجي مُشاهدي ۽ مُنهنجي نِکر مُطابق،
آهين حُسن ۾ سُهڻا مَظهر تہ تون خُدا جو.

٦- اَعجاز سان مِلِئين تون مَاڀي تَنو خُوشي ۽ ۾،
آءِ آ بُلند سِتارو هن خَاڪ پَا گَدا جو.

تلم: جِيئن سَڄڻ اَڄ سَٿون نِهاريُئي - مُلهه وَٺي سُهڻا ڇَڏيُئي،
سِک جو سارِيل هنياءُ ٺاريُئي - مُلهه وَٺي سُهڻا ڇَڏيُئي.

١- سِک مِلڻ جي پِيُ سِکايو - سِک جَهليو سِيني وَٽِيُس،
مَس مِلي جو منهن ڏيکاريُئي - مُلهه وَٺي سُهڻا ڇَڏيُئي.

٢- ساهه ۾ ويو ساهه پَئي - وَرتي بَدن تَن تازگي،
ڳَنهن اهو جادو سيکاريُئي - مُلهه وَٺي سُهڻا ڇَڏيُئي.

٣- هُونئن تہ توکي ايندي ويندي - ڳُهنڊ مُنهن ۾ هوئي هو،
اَڄ جو مُرکي ڳُهنڊ اُتاريُئي - مُلهه وَٺي سُهڻا ڇَڏيُئي.

٤- نَخل طُوبيٰ نا حَقي تا - ٿُنهن جي قدسان قد ڀَڃن،
قد ۾ تن کي هيچ ڪاريُئي - مُلهه وَٺي سُهڻا ڇَڏيُئي.

٥- نينهن پريا نين پَئي - جَنهن دم ڪلي مون ڏي ڪَنيئي،
جِي تہ آبِ حيوان پِياريُئي - مُلهه وَٺي سُهڻا ڇَڏيُئي.

٦- نين مُنهنجا خيره خيره - ناز وارا تو ڪيا،
پَاڻ کي اهڙو سَنواريُئي - مُلهه وَٺي سُهڻا ڇَڏيُئي.

٧- مُلهه تہ مُنهنجو ڪونہ آ پر - تو اڳيان مُورهن نہ ملهه،
بي مُلهو مونکي مُهاريُئي - مُلهه وَٺي سُهڻا ڇَڏيُئي.

٨- اِئين چاهيو مُون بہ ٿي - اَعجاز چَئي پَر اي پِرين،
پَهه مِلڻ جو خُود پَچاريُئي - مُلهه وَٺي سُهڻا ڇَڏيُئي.

قلم: تنهن جي جاءِ ناهي ڪا خالي - سُهڻا رَهندو ڪٿي هي سُوالي،
مُشڪ مينين ۾ ڪَجل اکين ۾ - سُرخي لبن تي لاڳي.

١- جهڙو سهڻو سينگار بہ تهڙو - جوڀن جوت نرالي،
بينسر بينن ۾ جهومر ڪنن ۾ - هار ڳلي برحالي.

٢- جامون جان تي ڇِمر مر وارو - چُنڙي سِر تي ڇتالي،
ڦُل چوٽن ۾ ڇلڙا هٿن ۾ - چُوڙ ٻانهن چمڪالي.

٣- بِرهہ بچڻ جو قابل بلڪل - چست چالاڪڻون چالي
ٺِڪ لڳن ۾ ڇير پيرن ۾ - جوڙ جتي بيمثالي.

٤- اعجاز لاءِ تُنهن جو آ بنيو - آنگ آنگ دام دُوالي،
ناز آ من ۾ غمـاز حُسن ۾ دَم ۾ دَم ڪمالي.

قلم: تنهنجي حُسن تجلي حَيران ڪيو - هي جهان جدا هو جهان جدا.

١- تنهنجا مون کي لڳن ٿا تير سِڌا - انهين تہ هزارين تو ماري وڌا،
تنهنجي زُلفن واري زنجير ٻڌا - انسان جدا حيوان جدا.

٢- تو لاءِ سوسن سنبل سرو سڪن - تو لاءِ پايو لياڪا حورون ٿِين،
توکي نياز منجهان ٿا روز ڏمن - رضوان جدا غلمان جدا.

٣- جا آئون ٻڌايان ڳالهه ڳُجهي - تنهنجي صورت سراپا دل کي وڻي،
تنهنجي عشق ۾ تڙپي ٿو تان ڦٽي - مهران جدا ياران جدا.

٤- اعجاز چوي دل عبرت ۾ وئي - جا توکي ٻڌايان سهڻا چئي،
تنهنجي مرڪ سڄڻ مجروح ڪئي - منهنجي جان جدا مرجان جدا.

رضوان: بهشت جو دربان

ٽلـه: جِتي ٿُنهن جي صُورت جي جَهلڪ ڏٺم،
اُتي جُهڪندي فرشتا فلڪ ڏٺم.

١- اٿين آهي، آهي آهي صَنم - مُونکي ڪُوڙ جو ڪَرڻي ناهي صَنم،
توکي هَر دوجَهان ٿو چاهي صَنم - تنهنجا ڪوڙ مَدح خان مَلڪ ڏٺم.

٢- ٿُنهنجا قدم پرين جَنهن جاءِ پيا - اُتي مُشڪ عنبر جا مَهڪاءَ ٿيا،
لڳي لتائُن لاءِ ڪَئين لقاء ويا - ٿُنهنجا روپ ڪَئين ڪَئين دلق ڏٺم.

٣- توسان حُسن ۾ حاجت ڪانهي ڪَنهن جي - آهڙي سُونهن ۽ صُورت ڪانهي ڪَنهنجي،
ٿُنهن جي قامت جيڻ قامت ڪانهي ڪَنهن جي - توکي سِدرة المنتهيٰ تَلڪ ڏٺم.

٤- جن کي عِشق ٿُنهنجي جو ڪَمند پيو - لَڱون لَڱون ۾ لَغام لَوند پيو،
تن جو پيچ توسان پيوند پيو - تنهن جي پُوڄا ۾ هَر پَلڪ ڏٺم.

٥- ٿُنهن جي صُورت سَتائش جَهڙي آ - سِينگار آرائش جِهڙي آ،
چَئي آعجاز يادائش جَهڙي آ - آهڙي صُورت پرين ٿُنهن جي پڪ ڏٺم.

ٿلهه: سُبحان تُنهنجي صُورت قُربان حُسن وَارا،
الله ياد ڏياريئي احسان حُسن وَارا.

١- حُسن بشر ۾ همسر تنهن جو نه ڪو برابر،
تون حُسن جو سراسر سلطان حُسن وَارا.

٢- سڀ ويس ۾ سونهين تون سڀ کي سچ موهين تون،
سڀ پار تند تون هين تون سبحان حُسن وَارا.

٣- سَرُسَرُ ٿو سينڌ سينگارين درپن کي منهن ڏيکارين،
عاشق کان شرم ڌارين، ارمان حُسن وَارا.

٤- صورت پسائيندو ڪر مون کي سڪائيندو ڪر،
سڪ سوز لائيندو ڪر شڪران حُسن وَارا.

٥- سهڻا شباب ٽيڙئي پرلا جواب ٽيڙئي،
رنگ ڍنگ ناياب ٽيڙئي تدڪان حُسن وَارا.

٦- مَحبوب تنهن جي چاهِه غب غب ۾ غرق آهي،
گاهِه بَه گاهه ماهِه ڪنعان حُسن وَارا.

٧- ثاني نه توسان جاني هي ۽ ساري راجڌاني،
مرقُوم تو پيشاني قُرآن حُسن وَارا.

هلندڙ

مرقوم: لکيل

٨- تنهنجي ڏني طبيعت نوڙيو وني ٿي نوڙت،
تو پراها بہ قُدرت لاثان حُسن وارا.

٩- عارض لڪايو زلفن ڪعبو سجايو زلفن،
توڏي جهڪايو زلفن صَنعان حُسن وارا.

١٠- نڪ نين ابرو توکي رُخسار رُخ رُو توکي،
تون ذات هُو هُو توکي هَر آن حُسن وارا.

١١- اَعجاز کي نظارو نت نت نظر تو وارو،
تون هڪ سَدا بهارو بُستان حُسن وارا.

ٺلهہ: سَجدو ڪر صُورت کي، صورت ريءِ نہ نَمُ ميان،
صورت ريءِ نہ نم ميان، ٿي مُورت ۾ گم ميان.

١- رِندن واري رسمات سان، راهہ انهي تي دم ميان.

٢- غرض چڏي لاغرض ٿيءُ، غرضن ۾ اٿئي غم ميان.

٣- ڪعبي ڪاشيءَ چو وڃين، ڪهڙو اٿئي اُتي ڪم ميان.

٤- اڙدو ٿي اَعجاز چئي، مار منصوري دم ميان.

ٿلهه: ڪانءِ پسان ٿو پي ڪا صُورت ـ هر جاءِ آهي هيڪ الله.

۱ـ فَثَمَّ وَجۡهُ (۱) اللهِ ثابت ٿيڙو ـ فرض پڙهان ٿو فنا في الله.

۲ـ ما يُسعني (۲) قلبُ المومن ـ بيشڪ بڻيو بيت الله.

۳ـ وَحدت ڪثرت وارو مشاهدو ـ بيخود ٿي مون ڏٺو بالله.

۴ـ كُلَّ يَوۡمٍ هُوَ فِي شَاۡنٍ سان ـ ظاهر آهي ذات الله.

۵ـ انهي راز رنگ جو شاهد ـ اعجاز علي آوڪي الله.

ٿلهه: صُورت ۾ سَير ربّي ـ سِر سالڪن سُڃاتو،
پيا ڄاڻ سَڀ وڃائي ـ هڪ ڄاڻ تن هي ڄاتو.

۱ـ ڍولڻ جو سِر آ ڍنگي ـ آنگ اُلٽي سان آنگي،
ڦِريان رنگ برنگي ـ پياري پرينءَ پاتو.

۲ـ ڪَڍي قلب مان ڪدورت ـ صَحي سوجهيائون صُورت،
مَخفي چون جا مُورت ـ سا سان ڏينهان راتو.

۳ـ مَسلڪ هي معنيٰ وارو ـ مِلي معنيٰ ويو مُونجهارو،
ٿيو راز فاش سارو ـ نيڻن سان لاڪي ناتو.

۴ـ عالم اديب اوري ـ سگهندا نه چپ ڪو چوري،
اعجاز ڏيل ڏوري ـ ڳجهه عاشقن آگاتو.

---

(۱) فَثَمَّ وَجۡهُ اللهِ: جيڏهن به نظر ڪيم الله جي سامهائين آهي.
(۲) ما يسعني قلب المومن: الله جي رهڻ جي جاءِ مومن جو قلب (دل) آهي.

ٿلهه: سُهڻا سامهون آ سُهڻي صُورت پَسا، مُنهنجا سَجدا ٿين بَجا.
اکيون توکي ڏسن، تنهنجا جَلوا پَسن، هَم وَهم وَچن دِل جا.

١- مُونکي مُنهڙو پَسائي پوءِ جُدائي نہ ڪَجان، مُون سان ڳَالهِ ڪِئي مُنهن ڳُنجائي نہ ڪَجان،
جيڪي واعدا هُجن پَاري پُورا ڪَجن ڪُوڙا ڪِين ڏجن عرصا.

٢- توسان يَاريَاريءَ جي يَاس اٿم، اِها آس پِياس اُداس اٿم،
رکي لب تي لبن پاڻي پيچ پيچن، ڪِلي سان ڳلن ڳَل لاَ.

٣- جيئن ٿو لاڪون مون ڪان لڪ ڪرين، تِيئن ٿو سَرس سَوائي سِڪ ڪَرين،
چَنڊ ڪارڻين ڪيئن لڪن، رَاهي راهه ڪيئن رَمن، ڏِنا اُهج سَچن آهڙا.

٤- سَچيون رُوءِ بَرُوءِ جون ڳالهيون چون، بَرحاليون اُهي بي مِثاليون چَون،
مُنهان مُنهن جا سُخن، وَانگي سون ڪُندن، پِيا سخن چَون بَڪ ٿا.

٥- هِيءَ ڳالهه سَچ مُنهنجي ڪَن هُجئي، هَر وقت هئين ۽ مَن هُجئي،
سَچا سات ڏِين مَنجهه ڏکن سکن، وِڻي ڪانہ وِجهن وِچ ڪا.

٦- اعجاز سان مِلڻو ضرور اٿئي، گهڻئي ٿي گُذاريو دُور اٿئي،
مُنهنجا مَن موهَن آچ مُنهن جي صِحن، پَجي چُغل چَڪن پَهرا.

ٿلهه: مُونکي سُهڻا موهي وَيئي، صُورت تُنهنجي سانوري،
بِرهه لڳي ويو بَدن جلي ويو، بيوس ٿي دِل بَانوري.

١- ناز ڏسي نت تُنهنجو نِرالو- چَال عَجب ۽ چشمن چَالو،
عقل سَندم کي لڳي ويو تالو- وَهوا تُنهنجي عِشوه گِري.

٢- ڪيئن تون آلاجي دل ڪَڙي وِئين- جاني جِگر جِندُجان جَڙي وِئين،
جَهٽ پَٽ سُهڻا مونکي سَڙهي وئين- سگهان نہ ڪِيڏهن آئون سِري.

٣- جَاني جُدائي ۾ چِٺو چاهي- قُرب منجهان مِل ڪَامل ڪَاهي،
آس اندر ۾ اِهائي آهي- مُنهن جي آڳڻ تي آءِ وَري.

٤- تُنهنجي نظر جا تِيا سُون نِشانا- نکري وياسون پِنهي جَهانا،
اَعجاز چوي اي يار يگانا- يَاڪي ٿي ڪَر يَاوري.

ٿلهه: ياتہ صُورت وَچ ڏيکاري - ياتہ اَڄ مُونکي نہ ياد،
ياد سان مِل ياد ڏاري - ياتہ اَڄ مُونکي نہ ياد.

١- ياد ٿو جنهن دَم اَچين - تنهن دَم وَڃن ٿيو نيڻ نَم،
وَرِ سگهو وَر وَاڳ وَاري - ياتہ اَڄ مُونکي نہ ياد.

٢- ٿارَ ٿَن مَن يار ٿُنهنجي - سارِ سِڪ آبار بَاڻ،
ٿُون بہ ڪَٿهين ڏِس تہ ساري - ياتہ اَڄ مُونکي نہ ياد.

٣- ياتہ ناتي کي سَچو ڪر - ياتہ چَئو ناتو نہ هو،
ڪنهن تہ ڪر مُونکي ڪِناري - ياتہ اَڄ مُونکي نہ ياد.

٤- ڪِيئن گُذارين پيو تون پَنهنجي - حَال مُحرم ڪَان پري،
جَس هُجئي جَس چَڏيئي مَاري - ياتہ اَڄ مُونکي نہ ياد.

٥- پَنهنجي مُنهن سان پَاڻ پَنهنجي - پِرت وَچ مُون کان وَئي،
پَنهنجي رک وَٽ پَاڻ ڏاري - ياتہ اَڄ مُونکي نہ ياد.

٦- لَب زُبان خَاموش مُنهنجا - دِل مگر آنا صَبُون،
دِل چوي اَچ دَر دُواري - ياتہ اَڄ مُونکي نہ ياد.

٧- جي اٿئي ڪا عشق جي - اَعجاز چئي من مِرتي،
پوءِ تہ اچ ڏونگر بہ ڏاري - ياتہ اَڄ مُونکي نہ ياد.

ٽلم: وَضُحيٰ[1] صُورت پيشاني - زُلف وکيل ٻہ ٽنهنجا جاني.

١- آبرو ٻہ اٿيين پاسيان ٿو - جيئن قوس قزح[2] آسماني،
اکڙيون ٽنهنجون جَنهن سان مِلن - دنيا تنهن لاءِ ديواني.

٢- رُخسار ٽا رَشڪِ گُلاب لڳن - آنف تي طوطو حَيراني،
لَعلن کان وڌ لبڙن جي - لالي لطافت لاثاني.

٣- چَمڪ ڏندن جي مُرڪ سان کَئي - وِچ جي حالت وَجداني،
غب غب واري غوطي سان - سِر ۾ گُر سِر سُبحاني.

٤- وارن جي هڪ هڪ تند ۾ - مَن موهيني مُشڪ داني،
رُخ ۾ کئين آئي رَعنايون - ڪمڙيون لکان ڏي ڪاغذ ڪاني.

٥- سُهڻا ٽنهن جي صُورت جو - مَٽ نہ آ ماہِ ڪنعاني،
تصوير ٽنهن جيءَ جو تصوّر - آعشق جي خاص نِيشاني.

٦- عِشق نہ ٽنهنجو جَنهن دل ۾ - سا خُود کان دِل بيگاني،
اَعجاز تہ ٿيا پَر ٽو ٽان - قُونيين صَنمِ قُرباني.

(١) وَضُحيٰ: چمڪندڙ روشن (٢) قوس قزح: انڊلٺ

ٿلهه: صُورت جا سَائين سُهڻا. مُنهنجو سلام ٿوڪي،
سَڀ حُسن سَان حَاضر. سَمجهان تمام ٿوڪي.

١. مَسجود عَاشقان ٿُون. مَقصود دوجهان ٿُون،
مَوجود هَر زَمان تون. سَڀ آعَلام[1] ٿوڪي.

٢. مَستور[2] تون مَاڻهن ۾. مَعمور[3] تون مَاڻهن ۾؛
مَشهور تون مَاڻهن ۾. آدم جو نَام ٿوڪي.

٣. شَاهِ خُوبان ٿُون بيشڪ. فَخر بُتان ٿُون بيشڪ،
پيرِ مُغان تون بيشڪ. هَٿ ۾ ٻه جَام ٿوڪي.

٤. پُرجهڻ سَان توکي پُرجهيم. سَمجهڻ سان توکي سَمجهيم،
پوءِ پيچ توسان پيچيم. پَرتو غُلام ٿوڪي.

٥. تو سَيڪڙو سُڃاتا. تو پَيچ ٿن سان پَاتا،
توئي نِباپا نَاتا. سَمجهي ڇا عَام ٿوڪي.

٦. ٿوڙي جو عَيب دارو. ته ٻه ٽُنهن جي پيار وَارو،
سُجهندو ٻه آهيان سَارو. هَر صُبح شَام ٿوڪي.

٧. خُودجي خُودي ٻه تو ۾. نَرمي نمي ٻه تو ۾؛
ڪَانفي ڪَمي ٻه تو ۾. سَجدو دَوام ٿوڪي.

٨. وَعدي جو دَام مُونکي. وَعدي جو دَام ٿوڪي،
وِيسر حَرام مُونکي. وَيسر حَرام ٿوڪي.

٩. آعجاز چَئي عُشاق. مَستن ۽ مَدِپياڪن،
گولي گوڙهن گولاڪن. چونديو اِمام ٿوڪي.

(١) علام: چاڻ (٢) مَستُور: پردي ۾ لڪل (٣) مَعمُور: پرپل، آباد، سمايل

ٿلهه: ڇا سُونهن ٿُنهنجي صُورت - سِينگار ڇا نہ ڇا،
دِيدن ڪَيا ورَي آڄ - دِيدار ڇا نہ ڇا.

١- پاتم جو نظر ٿُنهن جي - وَري مُنهن مليح تي،
مَشعال مُنهن ۾ چَشمن - چمڪار ڇا نہ ڇا.

٢- ٿُون سَروِناز آهين - توکي سَرو چو چوان،
قامت سَندءِ جا آهن - هُل يار ڇا نہ ڇا.

٣- مَخمل بَدن تي مَخمل - زَربفت زَرفشان(١)،
جِهرمِر جَهيري جهم جهم - جهلڪار ڇا نہ ڇا.

٤- اي پيارا پِر آپارا - ڏِيان پار ٿُنهنجا ڪيئن،
ڪَئين ٻَول تنهنجا ٻولَن - ڪئين پار ڇا نہ ڇا.

٥- دِلڪش ۽ دِلفريب هي - خُوشبوين خُنڪ(٢) دار،
مَن تَن ٿيو مُعطر - هُبڪار ڇا نہ ڇا.

٦- مِسواڪ ۽ مَشاط(٣) - ڪَجل سُرمان سُرخيون،
اختيار ڪَيئي پان لاءِ - سِينگار ڇا نہ ڇا.

٧- وَهنوار وَصل دار - ۽ هي پِيار وارا پٽ،
خُمار هِن پَنن ۾ - ۽ اِسرار ڇا نہ ڇا.

٨- هن سِر ۾ سَڄڻ ڇا هي - آهڙا سر تہ لک ڏيئين،
اَعجاز ڇَئي ڪَجن توتان - بَلهار ڇا نہ ڇا.

(١) زرفشان: زري وارو، چمڪدار (٢) خنڪ دار: هبڪار (٣) مشاط: ڦڻي

ٽلھ: صُورت سينگاري هَر هَر- حَيران ڪَر نہ سُھٽا،
مَستان دل کي موهي- مَستان ڪَر نہ سُھٽا.

۱- ڪيڏو حَسين آهين تہ بہ پاڻ ٿو سنوارين،
تابان رخ کي ايڏو تابان ڪَر نہ سُھٽا.

۲- مون ڏي نگاهون ڪرتون، ناحق ٿو آيندَ مارين،
ناز و ادا سان چِت ڪِٽ، نيشان ڪَر نہ سُھٽا.

۳- دل ڏَهلجيو وڃي ٿي، ڏڪي بدن ٿو سارو،
تلوار ابرو ذرڙن عُريان ڪَر نہ سُھٽا.

۴- تنهنجي لبن جي لالي، هر لال رنگ کان چهري،
سرخي مساڳ لب سِر، پَن پَان ڪَر نہ سُھٽا.

۵- ماهِ بَدر کان سهڻي، پيشاني تي آ پيارا،
زُلفن کي کولي هٿ سان، گهمسان ڪَر نہ سُھٽا.

۶- هَر هند آهي مجيمُ، پر آهي عيش خاطر،
ايڏو بہ عشق کي تون، آرزان ڪَر نہ سُھٽا.

۷- مُنهن آرسيءَ ۾ پنهنجو، ڏسندو تہ ڪرپلي پئ،
خود پاڻ تي تہ خود کي، حيران ڪَر نہ سُھٽا.

هلندڙ

٨- عاشق ڪندو ڪو تنهن جي، صورت جو نِت نظارو،
سڀ ڪنهن جي دل تي تاري، وَجدان ڳَر نہ سُهڻا.

٩- مَستي ۾ تنهن جي آئون، روزِ ازل ڪان آهيان،
مون تي بہ مست ٿي ڏس، جولان[1] ڳَر نہ سُهڻا.

١٠- سُرمون ڪَجل بہ آهي، محبوب مَرڪ تنهنجو،
پرپائي ڪجل ڳاني، پوءِ زيان ڳَر نہ سُهڻا.

١١- بلبلِ ٻپان پنهنجو، سينگاري منهن ڏيکاري،
آعجاز ڪي تہ پوءِ، سرِگردان[2] ڳَر نہ سُهڻا.

ثلم: جيڪي جَماتي صُورت ۾ پاڻ ٿا، ڪُئيو ڪُويا اُهي ڪَنڌ ڪَپائن ٿا.

١- ڪَن ڪَعبو قبلو صُورت ڪي، مَن مُعني مَليح مُورت ڪي،
ڪَيي سيني مَان ڪيني ڪَدُورت ڪي، دِل جَان سان سِرڙو جُهڪائن ٿا.

٢- جيڪي آهن عاشق دَرسن جا، تِن ترڪ ڪَيا مَقصد ٿَن مَن جا،
وَاري وَرق ڏنائون وَنحن جا، اُهي پوئتي پير نہ هَٽائن ٿا.

٣- اُلٽي عاشق جَماتي پاٿي دَم دَم، ڪِيا يَاريگاني سان هَمدم،
مُرڪي جَام پِين ٿا اُهي جَم جَم، اُهي ڪَونتل ڪَونتُ ڪُڏائن ٿا.

٤- آهي عِشق عُشاقن اِنعام مِليو، موجان موج مَحمودي مَقام مِليو،
تن سان ساقي ڪوثر صبح شام مِليو، تنهنجا عاشق آعجاز اُهي ڳائن ٿا.

---

(١) جولان: ڪاوڙ (٢) سرِگردان: حَيران پَريشان

ٿلهه ڏس جلوا حُسن مند جوبَن جا- هِن عين اکين رُخ روشن جا.

١- ڪَج ڪيس ڳُلمين ڇلا ڇُوٽ ڇڙيل- ٽڙ تيل آئن ڪي ٽارا ڪيل،
جِيئن ڪارا ڀِنل بَرساتہ بَدل، تِيئن ٻونر ڀَنيا مَن موهن جا.

٢- تَڪ نين پِرون پيڪاني پَلڪ، رُخ رُخسارن جا آتشاني جَملڪ،
لاڳُون لال لبن جي لاٽاني چمڪ، سالم هوش ڪَري مَدهوشن جا.

٣- گُل لوءِ هزار و لالا سمن، اِنهي حُسن اڳيان ڪيو نياز نمن،
پَسي جوت جواني رَشڪ چَمن، چڪيا چاڪ سُنبل سَرو وَسوسن جا.

٤- اَعجاز عُشاقن خاص اِها، ڪَئي پاس پَسند آ پياس اِها،
رک شوق طَلب ۽ شَناس اِها، مَن مِلنئي ڪَنهن ٻُل بوسن جا.

ٿلهه: وَري سُهڻا ڪَر سينگار- ڏسان اَڄ ڪِيئن ٿو لڳين،
سينگار جي چَهرو ڏيکار- ڏسان اَڄ ڪِيئن ٿو لڳين.
اَئون حُسن ڳوليندو آهيان- ڏسي حُسن ٻَوليندو آهيان،
ڏي حُسن پنهنجي کي نِکار- ڏسان اَڄ ڪِيئن ٿو لڳين.

١- وَاهِ جو ٺهين ٿو ويس اِنهيءَ سَان- لِبيس اِنهيءَ سان هُيس اِنهيءَ سان،
ٺُون گُلن ٺُلن کان سُرهو- ٺُون مُشڪ خَتن کان سُرهو،
تنهنجو وَنڻو آئم مُهڪار- ڏسانِ اَڄ ڪِيئن ٿو لڳين.

٢- ٻَاٽ کي سُهڻا ٻَاٽ سَجائن- سُهڻو ٻَنائن بِرهه بَچائن،
فِطرت ۾ آ سُهڻا ٺُنهن جي- قُدرت ۾ آ سُهڻا ٺُنهن جي،
ٺُنهن ته ڪَيم هي آر- ڏسان اَڄ ڪِيئن ٿو لڳين.

٣- جِيئن ٻه لڳين ٿو خُوب لڳين ٿو- مَحبوب صَفا مَحبوب لڳين ٿو،
پوءِ چون ٿا پائين اَڄ ٻَاڪر- اي ٻَردي حَياءَ جا پَيڪر،
نگ سيني سان ڏئي پيار- ڏسان اَڄ ڪِيئن ٿو لڳين.

٤- ٺُنهن جي سِينگار جا ته لک نمونا- مُنهن جي نَظر ۾ سَڀ ٻَرک نمونا،
ڪِيئن ته زُلفن کي آڻي سَنواريو- گُل دَستن کي آڻي مَاريو،
اَعجاز تو تان ٻَلهار- ڏسان اَڄ ڪِيئن ٿو لڳين.

ٿلهه: وِسريم سَبق سُونهپ سَندا - مَحبوب کي هَمدم ڏِٺم،
دِلــبـــر دلاور دِلـربـا - دِل جو ڏٺـــي دَم دَم ڏِٺـــم.

١- اي بي بَصيـرت بيخبـر - بي دَرد واعظ مُحـتسـب،
ڇـڙين ڇو ٿو مُون مَست کي - کَر پَٽ پِرين پيهه ڏِٺم.

٢- سَارو جَنم سرٿي رَهيـس - ٿيـدي نرالي ٿيـدسـان،
آهڙا بَنيل پيـچي پَـکـا - ڪاڪُل ڳنـڍا خَم خَم ڏِٺـم.

٣- جَنهن يَار جي دَرشن جو هِڪ - لَحظو لَهي ٿو لک پَدم،
ســو سِ رَڃي ســاقي صَنَــم - پُر جَام پي جَم جَم ڏِٺــم.

٤- هَر آڏو هَرڪائـي شـئـي - هـر سُو هـمـه هَر دو جهـان،
اَعجاز حَضـرت حُسـن جي - غَمـزي ۾ هَردم گُم ڏِٺــم.

ٿلهه: جَنّهن مُرڪيو نِهارين ٿو - تَنّهن مُونکي تون مَارين ٿو،
تولاءِ دِل آڳ دِيواني آ - تَنهن کي ويتر تُون ڳارين ٿو.

١- تُنهنجا مُرڪڻ بہ مُونکي وَڻن - تُنهنجا گُهورڻ بہ مُونکي وَڻن،
تُنهنجي هَر گهتِ وَڻن وَاري - سِڪڻ تون ٿي سَيڪارين ٿو.

٢- تُنهنجي چاهه ڪَئي دِل چَري - مُونکي ويجهو ٿي ويهه وَرِي،
ٽَريو ٽاهه اِنهي پيـو ٽَران - جِيئن گهرو ٿي گهارين ٿو.

٣- تـو وَٽ هَر ناز هَر هَر نَهي - ڪِيئن هَوش پوءِ مُون وَٽ رَهي،
وَڃان آپي ڪـان آئـون نِڪـريـو - آهڙو جادو ڪو ڏاريـن ٿـو.

٤- هُونـئـن تہ اَعـجاز اَعجاز آ - پر اَڳيـان تـو بَا نـيـاز آ،
تُنهنکي حُسن تون پَنهنجي سان - سُهڻا مَارين ۽ جِيارين ٿو.

ٽلم: مُرڪ سڄڻ جي عمر سڀ گنوايا. حُسن چوان يا بهار چوان.

١. مُرڪ اکين ۾ مُرڪ لبن ۾. مُرڪ اِها ئي آهي سندس مَن ۾،
مُرڪ سڄڻ جي ساري بدن ۾. مُرڪ چوان يا وِچ جا وار چوان.

٢. ٿيڏ ڪيائون ڪمڙا نہ ڪمڙا. ٿيس صُنعان منصور جهڙا،
پيچي وارِ پرين جا آهڙا. ڪمند چوان يا زُنار چوان.

٣. اک جي نِهار جِيارڻ واري. دِل اندر جي ٺارڻ واري،
سُرت سُتير ڏِيارڻ واري. اک چوان يا آڌار چوان.

٤. سُهڻو سُهڻن کان هٿين پيرين. مَن موهيندڙ پيرين پيرين،
ٺهنڪي اعجاز جِئي آئون هر ويرين. سُهڻو چوان يا سُهڻن سردار چوان.

ٽلم: مُنهنجو پريمي جِيءَ. حَسين بتن جو پڪو پوڄاري.

١. جِيءَ پريميءَ جا پورِ پريمي. پَهه پتا مَنڪورِ پريمي،
سُنڌي لهيو وَجي سِيءَ. هِن مُن جگ جو هر واري.

٢. سُهڻا سُهڻا بُتڙا سيني. ناز آدائون ٿِن جون ٿيني،
ڪر نہ ڪري پيو هِيءَ. حُسن وارن جي رڳو ٿات ٿاري.

٣. پري رُخن جي پاڇي هاٺو. ڪڏهن پاڳل ڪڏهن سِياڻو،
ڪڏهن تہ جِيءَ قويءَ. ڪڏهن مُصوّر نقش نِگاري.

٤. بُت گر بہ جَن جي حاضريءَ ۾. سَت گر بہ جن جي حاضريءَ ۾،
ٿِن جي اگيان جيءَ جيءَ. ڪِيئن نہ ڪندو اعجاز آئي ماري.

قلم: مُنهنجي يار جا سِينگار رُوپ نِکار نت نِيارا،
گُل حَسين جا مان رَنگين، موتي مَهين زيب آرا.

١- حُسن شَباب لاجواب مُنهن مَهتاب عِزّ عالي،
جَلوو جاهه ڪَلنگي ڪُلاهه نظر نِگاهه لاابالي،
آبرو عَين سي دِن رَين قاب قوسين جا وَالي،
چِشم چُنبد گُهنبد ڪاڪل ڪُنڊ ڪُل ڪارا.

٢- صُورت رَنگ وَهوا ڍَنگ دِلبر دَنگ ٿيو آهي،
بَان پيڪان سان نيشان چُنڻ چنان چت چاهي،
تڪ جا تِير بِاتڪبير ثابت سير ٿو واهي،
ڪَجل ڪات اکيان مات عاشق ذات بلهارا.

٣- مَستن جُهوم هَل هُجوم دَرشن ڏوم دَرباري،
مَئي جي موج آوجان اوج صُحبت سوجهه سَرداري،
بِرهه بَحال بيمثال قُرب ڪمال ڪلتاري[1]،
نُوري نُماء بَرڪ بَناء مُشڪ حِنا مُهڪارا.

٤- مُغانان پير مُ   سُ ها سَير ڍَولڻ جا،
ڪِل مڪ ڪيل   سيل ڳُڻ آلبيل ڍَهڳڻ جا،
عَجب اعجاز رَمزون راز اُلٽ آنداز ٻولڻ جا،
قائم قول گُفتا ٻول پُرس پِرول پِر تيارا.

(١) ڪلتاري: ڏاتاري، شهنشاهي   (٢) مُبرّا: آزاد، صاف

ٿلهه: حُسن جي غمزي، ناز نظاري، ڪُفر قبول ڪرايو آ.

١- دين مذهب وارو دفتر، ديدُن دُور ڏرايو آ.

٢- زُلفن جي وَر وَر ونگي، وحدت ڏانهن ورايو آ.

٣- عشق حُسن جي آتشبازيءَ، دم ِ اهوئي پرايو آ.

٤- اِثباتي جوش جُنون اعجازا، پُور عجيب پرايو آ.

ٿلهه: ويهه مُنهن جي ويجهو ٿي- تہ پيار ڪي ڪيئين،
ڳچي ڳل ڳراٽين جا- هار ڪي ڪيئين.

١- ملين مونکي يار ٿون- ڪٿي من نويڪلو،
چُمين جا پوءِ ان وارائتا- وار ڪي ڪيئين.

٢- ديد پاتي ديد ۾- پوءِ ديد نہ چوراءِ ٿون،
ديد ڏي تہ دِلربا- دِيدار ڪي ڪيئين.

٣- شرط اِهو آ تہ رکو- مُنهنجو ٿي رهندين،
اِقرار ڪرين ٿون بہ تہ- اِقرار ڪي ڪيئين.

٤- توبہ ڪيا مُون سان پرين- بار بار ڪيئين،
اَڄ آئون بہ سڄڻ چونہ- آنگل آر ڪي ڪيئين.

٥- اعجاز چوي ملڻ جي- مرضي جي ڏيکارين،
سايا اکين جا بہ سو- هزار ڪي ڪيئين.

ٿلهه: مُنهنجا جانِ مَن - موهيس تُنهنجي مُرڪن.

١- سَنهڙا سُهڻا ڏَند مُصفا، لاڳ مُساڳ لَبن،
لَعل بَدخشان گوهر مَرجان، مِصري نبات منجهن،
شَهد شَڪر ڪي شهر ڏني آ تُنهنجي شَفتَينُ.

٢- نِيور ڳارا وارَ يَنيا، پَونگي پيرپُرن،
چشمن چالا اُلٽا آويڙا، مُژگان مارو ڪَن،
گُجهڙيون ميَچون مَامُون تن جون سالڪ ڪي سَمجهن.

٣- تُنهنجي بَدن جي بيهڪ سُونهڪ، لَيي نہ مَنجه لکن،
جيڪي پَوشاڪون پائين ٿو سي سَيئي توکي سُونهن،
جَلوي تُنهن جي جَاني جُهڪايو شَمس قَمر ڪَتيُن.

٤- اَعجاز ڪي تُنهنجي عِشق نظاري آندو مَنجهه اوجن،
نَين مِلائي مَست بَنائي، مَوج چڙهايئي مَن،
دَم دَمن سان پيوند ٿيڙا، قِيامت سِين ءُ نہ ڇُٽن.

ٽيپ: ڪير آ جو هوش ڏاري ٿنهن جي جلون ۾،
ٿنهن جي تابش حُسن ۾ ۽ تنهن جي عِشون ۾.

١- حُسن پنهنجي کان آهن ٿون بيخبر آهين،
پنهن جي عاشق کان ته پڄ ٿون ڇا ٿُعر آهين،
عُمر جنهن جي آڪو تنهن جي گُذري سَعون ۾.

٢- جيئن ڪيا مت ٿنهن جي جلون پيا بر ديوانا،
آئون بہ تن وانگر قران ٿو گل ٻڌيو گانا،
لِڪ مُونکي ۽ ليڪ ٿن مستن ۽ محون ۾.

٣- ايندو ڪيئن آرام ٿنهنکي، ٿنهن جي محفل ۾،
ٿنهن جي اکڙين جا چُين پيا تير جنهن دِل ۾،
ڇا حشر هُوندو انهي جو لعب و لحون ۾.

٤- هوش کان فارغ ڪيو اکڙيون مِلائي تو،
آهيان مدهوش آئون اعجاز چئي مِت پو ۽،
ڪيف ٿنهن جي جو ڪُنل، ڪيئن خوش ٿئي تهون ۾.

(١) سهو: چڪ، ڀل، غلطي

ٿلهہ: سَڄڻ سُونهن ڀَريا سَاهہ کي سِيباٽا،
موهيو ٿِن آ مَنڙو ڳري مُرڪون مَاٽا.

١- ڪُنڊا وار ڪَڍي ڪُنڍا آبرو ڳارا- ڪُنڍا نيڻ ڪجلا ڪُنيو ٽڪ ڳاپارا،
سَنهان سُرخ لَبڙا ڏَند موتي داٽا.

٢- سِيني ڪَر صنم جو ڪبوتر کان سُٺو- سِڌو قد سَرُو ۽ صَنوبر کان سُٺو،
ٽِلڻ ٽور ٽهلڻ ڏِسي هَنجَھ لَڄاٽا.

٣- ڀَمري پاڪ پوشاڪ صَفا با صَبُوحي- هَٿي غمزُون رَمزون رکي رَاز روحي،
آچي جِي ۽ اکين ۾ آڏيا تن آڏاٽا.

٤- نيڻن جا نِظارا نَوان نِت لَڳاياسون- آنگل آر آعجاز اکين تي چَاياسون،
بِنان نَاٿي حُسن دَر وَٽون ٽاوِڪاٽا.

ٿلهه: گُل گُلابي گُل ڪَنول- گُل موتيو گُل آفتاب،
هي ته گُل پَرِيا ٻه گُل- آچ ڪونه سَعندا ٽُنفنجو ٽاب.

١- گُل نافرمان نَسرين نَرگس- گُل نِيلوفر گُل نَسيم،
گُل شاهُو گُل عِشق پيچو- گُل شَرم ۽ گُل شَبنم،
رَاتِ جي رَاڻي هُجي- توڙي هُجي آرنو غُناب،

٢- گُل چَندن چوگِرد چَمپا- گُل چَنبيلي گُل چُنار،
گُل ايلاچي آمون آرزن- گُل آنوپر گُل آنار،
رَشڪ ۾ رَيحان رَابيلو- جَل ۾ پَئي ويو جاءِ آب.

٣- گُل بِنَفشو گُل بَادامون- گُل برگ گُل مُشڪ بَيدُ،
گُل سَنياسي سَرُوسُوسن- گُل سُنبل گُل سَر سُفيد،
سَمن لاڳُرِئي سَلامي- جي ڏَرو ڪولين نِقاب.

٤- گُل گولاڙو ڇاهي ڳُوني- گُل گينبو گُل گِلاس،
گُل دائودي ڇاهي دوسر- گُل دوپهرو ڇاهي دَاس،
ڇا هزارو ڇا جِنائي- ڇا سَندءِ شُعلو شَباب.

٥- هِن گُلن غُنچن ۽ گُلشن- کي سَجڻ گهايُئي گهڻو،
لَعلون شَمعون قَمر ڪَتيون- شَمس شَرمايُئي گهڻو،
پَاڻ پَنهنجي حُسن جو- اَعجاز ڇئي ڪَر ڳڻون حِساب.

ٿلهه: رُخ تنهن جو آرَشڪِ[1] چَمن مٿا - گل گُلاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس،
آفتاب[2] هجي ڪٿي ڪيٿن بہ پلا - آفتاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

١- هي لال شَمع هي لال اگن[3] - هي لَعل مَوتي هي لال ڪُندن[4]،
هن حَسينن جو جلوو تاب تہ ڇا - پر ڪوتاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٢- رخ آئيني اڳيان نِروار تہ ڪَر - پنهنجي ديد سان پنهنجو ديدار تہ ڪر،
پرين پنهنجو آهين مَٽ پاڻ سَدا - ڪنهن جو آب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٣- ڳهڙو ضرور مونکي جو ميخان پچان - ڪاهي دُور ڪَلالڪا[5] دُڪان پُڇان،
تنهن جي نيڻن ۾ مستي ئي مستي آ - پوءِ شراب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٤- گل نان چُنان انان ڪنول - سدا بهار سَروُ سينگار سنبل،
لالا، لياري، هزاري، هَرنو حِنا - ۽ عُناب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٥- اعجاز چوي پوٿي[6] پران هجي - توڙي توريت انجيل قران هجي،
تہ بہ تنهنجو قسم اي ماهہ لقا - ڪو ڪتاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

(١) رشڪ: ريس، حسد (٢) آفتاب: سورج، سج (٣) لال اگن: ڳاڙهي باهہ
(٤) لال ڪندن: ڳاڙهو سون، اصل، نج (٥) ڪلالڪا: شراب وڪندڙ
(٦) پوٿي پران: هندن جي عقيدي جا ڪتاب

ٺلهہ: جَهالر ۽ جُهومڪ - پاتر ٽُنهن جي پيار لاءِ.

١- بُولو بِينسر آڪي عَجائب - نَٿ نِجي مَنجهہ نڪ - پاتر ٽُنهن جي پيار لاءِ.

٢- پَيش جي دُهري پُتلي وَاري - هَس گِلي نازڪ - پاتر ٽُنهن جي پيار لاءِ.

٣- جَهاپا جُهوڙا هِن تہ سڳن ۾ - ڦُل ڪنول ڪيتڪ - پاتر ٽُنهن جي پيار لاءِ.

٤- ڇلا مُنڊيون وِيڙهہ وِينبوڙس - ٻانهين ۾ لاٿي ٻَڪ - پاتر ٽُنهن جي پيار لاءِ.

٥- ٻَندڙا ٽُورا پَونچي ڇيريون - پيرين پَلپل پَڪ - پاتر ٽُنهن جي پيار لاءِ.

٦- گهرو گُلابي وَيس وڳو هي - سِر سِنڌي اَجرڪ - پاتر ٽُنهن جي پيار لاءِ.

٧- هَار سِينگار سُونهن ٿو سان - تو ۾ ٿي آهيم ٿڪ - پاتر ٽُنهن جي پيار لاءِ.

٨- حق اَعجاز چئي حق آهين تون - ڪَمڙا ڪَرين ٿو شڪ - پاتر ٽُنهن جي پيار لاءِ.

ٺلهہ: دِلربا دِلبر ڏئہ بلڪل ڏئہ - ڪونہ ٽُنهن ڪان ڪو بہ سُهڻو گُل ڏئہ.

١- حُسن جي آهَر خِطي جو هو نَواب - حُسن ۾ هُن سان نہ ڪو ٽُل مُل ڏئہ.

٢- عَاشقيءَ جي ڏان ۾ جَهڙو آ حَسين - سانوليءَ صُورت وَارو سانول ڏئہ.

٣- هُت ٽِلي هو چال چنچل مَوهِني - هِت سَندم دل قُربان قُربان ڪُل ڏئہ.

٤- دِيد دِلبر جيءَ ۾، ڪاجا دِل ڪَشي - دِيد تنهن لاءِ ڪئين، دليون بي ڪُل ڏئہ.

٥- عَاشقن جي رَاءِ ڪي تَسليم ڪر - مَن رُبا مَحبوب جو نامُلهہ ڏئہ.

٦- رَمز هِڪ ٿي سان ڇڏايئين جگ هئي - پان ڪي پَت ڪان پَري پَهتل ڏئہ.

٧- ڳالهہ نيو منصور ڪي جنهن دَارتي - آڄ بہ سو اَعجاز چئي ڪاڳُل ڏئہ.

ٽُل مُل: مَٿ برابر

تلھ: سَيني سُهڻن کان - تُون سُهڻا سُبڪ (١)،
پين جي ساري عُمر - تُنهنجو هڪڙو پلڪ.

١- اِهي نيڻ ڪَٿي جن ڏي نهارين ٿُون - مُنهنجا مُحب مِٺا ٿِن کي مارين تون،
ڇو سِلح (٢) سِپاھ کو ڏارين ٿُون - توسان حُسن تُنهن جي جو آشاهي ڪٽڪ.

٢- سُهڻا تُنهنجي سُهڻائي جو ڇيھ نہ ڪو - وَاتدو تُنهن جي وَاڪاڻ ڪان ڏيھ نہ ڪو،
آيو تو جيئن لائي رَنگ رَيھ نہ ڪو - پَهريو سِر تي عَجب تو پوش دلق (٣).

٣- تُوسان هِڪڙي گھڙي جي گھاريندا - توکي ڪين وري سي وِساريندا،
ساريو سُونهن تنهنجيءَ کي ساريندا - آهڙو جاني آئي ڪو جلوو جَهلڪ.

٤- نہ گُلاب نہ نرگس پَارن ۾ - نہ ڪي شَمس قَمر نہ سِتارن ۾،
نہ ڪَنهن جام نَکي مَئي خُوارن ۾ - تُنهن جي نيڻن جيئن نَشو نُور نَمڪ.

٥- تولاءِ سِڪن ٿا بلخ بُخارا جا - ايران عَجم اِسمارا جا،
توکي سارين سِند سُڏارا جا - تو تان آهي فِدا هَر ماڳ مُلڪ.

٦- تُون حاڪم حُسن جَمال سَندو - تُون صَاحب قُرب ڪَمال سَندو،
تُون حاذق مَحرم حَال سَندو - تُون لعل لکن جو لکن ۾ هڪ.

٧- جڳھن نينهُون نظر تو نگاھ ڪَئي - تڏهن لَئون لَئون ۾ تُنهن جي چاھ پَئي،
ٿي هڪ هيڪڙائي پوءِ وَهواھ وَئي - آئون تُنهنجو اَعجاز ڇئي تُون مُنهنجو ڍَڪ.

(١) سبڪ: نفيس، نازڪ (٢) سِلح: هٿيار (٣) دلق: پوش

ٽلم: بوالعجب بهتر صنم آعجاز جو. خوبرو خوشتر صنم آعجاز جو.

۱. يا فرشتو يا فسونگر[1] يا وري، آ پري پيڪر صنم آعجاز جو.

۲. برهه واري باڻگ تي باغ و بهار، برهه ۾ برسر صنم آعجاز جو.

۳. سونهن صورت سانوليءَ سان سر بسر، سروقد گونتر صنم آعجاز جو.

۴. مست نظرن سان رکي ٿو مرڪيون، موهه جو منتر صنم آعجاز جو.

۵. چنڊ چوڏهينءَ جو نه ٽنهنڪي چمو چريا، چنڊ کان برتر صنم آعجاز جو.

۶. دل ڦريندڙ ناز وارو دلربا، دلنشين دلبر صنم آعجاز جو.

۷. زلف جي زنجير سان ظاهر ظهور. زور آذر ذر صنم آعجاز جو.

۸. پيچ پائڻ ۾ به آسو پيش پيش، هر لمحه هر هر صنم آعجاز جو.

ٽلم: منهنجو يار سچ سدا وسئو. هر حال هميش هسئو.

۱. رنج رسامي کان پاڪ پاڪيزو. نام ڪنهن ڪنهن کان نسئو[2].

۲. نيڪ بدڪي هڪ نظر سان. جهاتي پائي پسئو.

۳. بس بس واري بات نه چائي. حد بيحد ۾ بسئو.

۴. آهي آعجاز ا ڪمڙو ڪتي سو. ناهي اهو ڏس ڏسئو.

(۱) فسونگر: جادوگر (۲) نسئو: پڄڻ، لڪڻ

ٿلهه: اسين حُسن ٿُنهنجي جا نَقاش- آسان کان حِجاب نہ ڪَر،
جيئن جلوه نما تون ٿيندين- تيئن نقش ٿي دل تي ويندين،
آهيون رَشڪِ بُت تراش- آسان کان حِجاب نہ ڪَر.

١- رُخ تان نقاب کي ٿورو مَٽي ڪَن- نظرون مِلائي ڪَرڪو مُرڪن،
پَلڪي آهڙي ناز و ادا ٿئي- پَلڪي شَورش بِرهہ پَيا ٿئي،
آئون طَلب اِهائي تلاش- آسان کان حِجاب نہ ڪَر.

٢- آسين نہ ڪيميا گر آسين نہ هيرا گر- آسين نہ سيم و سون سَوداگر،
آسين حُسن پَرست ديوانہ- آسين نيڻ ڏاريون عاشقانہ،
وَتون پرت ۾ ٿيو پاش پاش- آسان کان حِجاب نہ ڪَر.

٣- زُلف ڏناسون آبرو ڏناسون- نيڻ ترو وَارا ڏٺين رُوءِ ڏناسون،
رُخسار گلابي گُلابي- لَب لال لُعابي لُعابي،
ٿنهن جي ذقن[1] گَيو پُر پاش- آسان کان حِجاب نہ ڪَر.

۴- پيرين هَٿين تون موتي دَاڻو- ٿڌهن تہ نِمي ٿو ٿُنهنجو ماڻو،
توسان حُسن جو لشڪر شَاهي- توسان حُسن جي آهمراهي،
توتي مَست آسين بي تحاش- آسان کان حِجاب نہ ڪَر.

۵- ٿُنهنجي شَباحت حُسن و مَلاحت- روز اَعجاز جي رُوح جي رَاحت،
توکي سَيئي ٿا سينگار سُونهن- توکي مُنهن تي مُنگهٽ[2] مَلهار سُونهَن،
ڪيڏو سُهڻو آهين تون ڪاش- آسان کان حِجاب نہ ڪَر.

(١) ذقن: کاڏي جو گهپ (٢) مُنگهٽ: موڙ سهرو

تلهه: ذَرَ ذَرَ ۾ پَاءِ جَهاتيون، ظاهر نہ ٿي پَوان،
جِلون کان تُنهن جي هَر هَر- حَاضر نہ ٿي پَوان.

١- رَمزون آدائون تُنهنجون، ڏسي ڪافرانيون،
ڪَعبي کان مُنهن مَٽي ڪِٿ ڪافر نہ ٿي پَوان.

٢- صُورت سينگاري سَاري، سَراپا نربيهہ گُلي،
مَتان دِل مُنهن جي گُلي پَوي، شاعر نہ ٿي پَوان.

٣- جَنهن کَنهن جَهروک جَاري، دَري دَرمان ڏسجين پيو،
صُوفي جي خِيال وَانگي، مُتاثر نہ ٿي پَوان.

٤- لُوڪئون لِڪاءِ پان ڪي، مُونکي بہ ڏي لِکڻ،
نَاتي تنهن جي سَان جڳ ۾ نِشانبر نہ ٿي پَوان.

٥- توسان آچي آلاجي، اکيون ڪيئن آڙيون هِتي،
دِلبر وساري ديس، مُسافر نہ ٿي پَوان.

٦- ڪَر ڪِين ايڏو مَائل، مُونکي تُون پَان ڏي،
دَر دَر تنهن جي ڏِسڻ لاءِ، گداگر نہ ٿي پَوان.

٧- سُهڻا سَجڻ تُون مُون ۾، سَجو جي سَمائبين،
ڪَنهن دِيدور عُشاق جو، دِلبر نہ ٿي پَوان.

٨- هَر هَند پَنهنجي حُضور جو، شاهد مُونکي نہ ڪَر،
وَاعظ جي حَد حِساب جو، مُنڪر نہ ٿي پَوان.

٩- جِيئن جِيئن مون ڏي نِهارين ٿو، تِيئن تِيئن ٿيان ٿو مَست،
مُستي ۾ تُنهنجي مَئي سَندو، سَاغر نہ ٿي پوان.

١٠- هَر بَات ٿَات جَهات ۾، اَعجاز چَئي ملي،
تُون مُنهنجو آئون تُنهنجو، سَجڻ سِر نہ ٿي پَوان.

ثلم: آچ تہ پاکر پایون - دِل چو سِکایون، سِک چو لکایون.

١- مَوج مِلن جي مُحب مِنا من - مِل تہ مِلي رِهت مکھایون،
رُوح چو رُلایون، تَن چو جلایون.

٢- جو سيني رِيء کين رَچي سو - سيني لگي رَنگ رَچایون،
پَھ چو پچایون، بُل چو بچایون.

٣- گُل گِرائیون پائي ڈاڈیون - پَھل پیار وَڈایون،
هُجن چو جُدایون، کَجن چو گدایون.

٤- جَذب تي هِک ہئي جي جيءِ - هکڙي جان سَڏایون،
کَر چو گڏایون، پَر چو پَڏایون.

٥- ہک پِینا ءِ پاکر پَريون - ڏَج مِلين جا ڏَچایون،
کَڻون چو لَچایون، هِنيون چو هَچایون.

٦- گَالم اعجاز چَئي حال جي گَايون - ماضي قبل مِنایون،
مُنهن چو مَنایون، حُب چو هَنایون.

ٿلھ: ٿُنھنجي رَمز عَجب مَت وَاري آ،
نِت نئين سِج نئين سانياري آ.

١- ٿُنھنجي رَمز رکي سڀ مَعنيٰ ٿي،
جن مَعنيٰ کيئي وِيا سي دِيوانہ ٿي،
رَھيا عام نَظر ۾ بيگانہ ٿي، نہ تہ سُڌ اُنھن سڀ ساري آ.

٢- ٿُنھن جي مَخفي اِشارن کي مَخفي رکڻ،
سِڪ صَبر جي سَراپا آلفي ڍَکڻ،
حَق سَچ نہ چوڻ حَق ٿلفي ڪرڻ، اِھا پاڻ سان پاڻ غداري آ.

٣- بي عَيب کي عَيب وَارو ڪَيُئي،
ٿُنھن ڪان پوءِ تنھن کي رَاز دارو ڪَيُئي،
سَچو نَعل خِضر جو سارو ڪَيُئي، سُرکي آبِ حَيوان پوءِ ترِ پياري آ.

٤- ٿُنھنجي رَمزن غمزن کي سَمجھي سو،
جَنھن پيچ پاتو هُجي توسان پَکو،
سو ٿيو پاڻ مَدينو پاڻ مَکو، اُھو پَنھنجو پاڻ پُوڄاري آ.

٥- جُداگانہ آعجاز سان نَاز ٿُنھنجا،
جُداگانہ رَازِ نياز ٿُنھنجا،
مَحبوب مِٺا آھماز ٿُنھنجا، دِل عَاشق لاءِ دِلداري آ.

ٿلهه: ڀانئون ٿيئين اي دلبر - هر هر ٻنا چئي،
جيڪر مون سان ڪلين ملين - هيڪر ٻنا چئي.

١- چورائين پيار ۾ ٿيو - تون ڀانئين نٿو ملين،
مِل مَهه لقا مِنا ٿون ته - آڪثر ٻنا چئي.

٢- مرغوب مونکي تو ڪيو - ماڻا ڪري ڪري،
ٿنهنجو تڪهن ٿيس ته - او دلبر ٻنا چئي.

٣- ياريءَ ۾ دوستيءَ ۾ - محبت ۾ هيئن ٻه ڪر،
ڳنهن جو ڇيو ڪرين ته - ڇيو ڪر ٻنا چئي.

٤- جي برهه آڳئون پيڙو - ته پوءِ ڳنهن جو پڇو ۽ ڳڻيو،
ٻرڻا ٻون ته ٻرجن - ٻاڪر ٻنا چئي.

٥- عاشق آول آول ٿون - مناسب ٿڪهن ٿيم،
ٿوسان ٿي پيچ ٻايان - ٻايان ٻر ٻنا چئي.

٦- چورين نڪي ٿون ڇيڙين - ته ٻه زلف ٿنهنجا ڏس،
واسينگ جيئن وجهن - ڇڙيو ور ور ٻنا چئي.

٧- آمنهنجو چڙهيل شوق - آجان ٿنهن جي ملڻ تي،
ملندين ته ملندو سئين - گهوري گهر در ٻنا چئي.

٨- دل کي آچي تون آوٽيون - آهڙو جو چا چوان،
پيو موهه موهه - تا محشر ٻنا چئي.

٩- جوين کي حسن جوت کي - موسم بهار کي،
آبي حجاب ٿيئنر ته - آخر ٻنا چئي؛

١٠- پيئو ڪل سدا ۽ ڪن سدا - اعجاز ڏي اڪيون،
جيستر هجي حيات ته - تيستر ٻنا چئي.

(١) مرغوب: دل کي وڻندڙ، رغبت، موهيندڙ

ٿلهه: مُنهنجي مارڻ خاطر پاُتيون - سَڄڻ جهاتيون چوري چوري،
ڳيائين ڳار ڳاسائِڪي - ڳٽي ڳاتيون چوري چوري.

١- ٻَنائي بيخبر مُونکي - ڏکي نِت بُوالعجب بُرقعو،
بِرهه ٻاهيون لڳي لاڳڻ - آڇي لاتيون چوري چوري،

٢- ڪَٽاريون پَرِين وَاريون - سَڄڻ ڏاريون ڏاڙهي خاطر،
ڇُرڻ ڪان سي وَهن چوهيون ڇِنن ڇاتيون چوري چوري.

٣- ڪِٽي آهي ڏسير مُونکي - مُنهنجي دِل جو ٺَڳڻ قاتل،
ڳوليمُ ٿنهن کي سارا ڏينهڙا - ساريون راتيون چوري چوري.

٤- ٻَسائي ڀاڻ ڀَهرين پوءِ - ڳيَڳين پَرهيز ۽ پاسو،
ڪَري اعجاز مَن واريون - مُلاقاتيون چوري چوري.

ٿلهه: ٿنهنجي جوڀَن جادو لَايو - لڳي حَيرت حَيرت.

١- ٿون يار سَراپا سُهڻو - آهين ڳُلِ ڳچي ۽ جو ڳهڻو
اصل عوشاقن ڪُهڻو - سُهڻي صُورت صُورت.

٢- ٿنهنجا زُلف زوراور زَنگي - آهن آبرو ڳات فِرنگي،
ٿنهنجا نين نِهايت ٿَنگي - وَاهه خَصلت خَصلت.

٣- لَب ڳوثر مَرجان احمر - ڏندِ هيرا موتي ڳوهر،
ڪِلي ڳمايُڪي تِن سان دلبر - وَڌي مَحبت مَحبت.

٤- اعجاز عَلي سان ڀَاڪي - ٿي مَخفي مُحب مُلاقي،
سَردار سُونهارا ساقي - وَنڊ صُحبت صُحبت.

ٹلم: پيار وَارا پيار ٽُنهنجا وِيا وَٺي. با وَصل وَهنوار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

١. پيچ تو وَانگي نہ پَاتا ڪَنهن وَري. پيچ پُختا يار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

٢. جي آچيو ٻَانهن جو ٻَانئين سي ڪَمند. دِل ڳُهريا دلدار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

٣. وَنگ وِجهين تو وَصل جا وَاريو ڪِتان. وَاهِ هِي آختيار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

٤. قُرب ۾ اِنڪار ڪُجهہ اقرار ڪُجهہ. ڪُجهہ تہ ڪي تڪرار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

٥. بِرهہ ٽُنهنجي سَان آهيان بَاغ بَاغ. بِرهہ ۾ سَڀ بار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

٦. حُسن ۾ تو ٻَارين کو مُشڪل هُجي. وَصف سَڀ وِينجهار[1] ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

٧. ڪُنڍڙا ڪُنڍڙا ۽ سڳنڌڙا مُشڪ بار. ڪَارا ڪَارا وَار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

٨. مُنڊ شَبابي مَند گُلابي تو سان گڏ. تو سان گڏ مُڪار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

٩. سُهٽا جن سان ٽين تو ويتر سُهٽو ٿون. سي صَنم سِينگار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

١٠. رُخ ۽ رُخسارن مَٿان عرقِ بهار. حُسن ۾ مَعيار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

١١. سَنهڙا سَنهڙا نَرم نَازڪ ۽ لَذيذ. سُرخ لَب سَرڪار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

١٢. اي خِرامِ نَاز دِلبر دِلربا. پُرسڪون پَلتار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

١٣. آلڙهاني عِشق ۽ آنداز سان. آلڙهانا آر ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

١٤. رَمز ڏَاڍي ٿَا ڪَن آعجاز چئي. گُفتا گوهر بَار ٽُنهنجا وِيا وَٺي.

---

(١) وِينجهار: سياڻو، چالاڪ

ٿلهه: رُخ تہ سَجڻ جو رَنگين - رُوح پَتنگ پَروان مُنهنجو.

١- سُونهن صُورت جو سَلامي آهيان، ڌَرم نہ ڇاڻان ڏين، ڏيد طرف آڏيان مُنهنجو.

٢- غَمزي حُسن جي مَست بَنايو، موهيو مَاهہ جَبين، سِرُ تہ گهُمين نيشان مُنهنجو.

٣- ڪَجل سُرمان ڳوڙهئون پَايو، ڪوني ڳَنڍجي ڳَهين، ٽن اکين ۾ آستان مُنهنجو.

٤- سَير پَسند سَيلاني بَنجي، وَاريم عِشق آمين، آعجاز اِهو ايمان مُنهنجو.

ٿلهه: دِلبر دِلبر، پِيارو پِيارو، يَار مُنهنجو دِل وَارو ٿُون،
سُهڻو سَاٿي سَهارو ٿُون.

١- حُسن جو پَرون، عِشق جو پَيڪر، سُخن وَفا جو سَائين،
نينهن نَٿين سِڄ مُون سان نَٿون ٿو نَازڪ لاٿين نِيائين،
مُرڪڻي مُک سان، وَصل جي وِک سان، هَلڻ ڏيکارين هَزارو ٿُون.

٢- عَجب آدائون ٿُنهنجون سُهڻا، عَجب اِشارا عِشوا،
جوين وَاري جَادوءِ سان وَري، جِيءِ بَند ٿُنهنجا جلوا،
ويس رَنگينا، گُل نگينا، پَايو لڳين ٿو پِيارو ٿُون.

٣- مَست نِگاهون ٿُنهنجون مُونکي ٿيون، مَست و مَست بَنائن،
حَال حَقيقت وَاري مُک تي، رَمزن سَاڻ رَسائن،
پَاڻ پَسان ٿو، ٿوکي ڏِسان ٿو، مُون ۾ سَمايل سَارو ٿُون.

٤- حُسن وَارا تہ هَزار هتي پر، ٿُنهنجو آنداز نِرالو،
مَعنيٰ مَامر ڪي ٿو مَنڙا، ٿُنهنجو فَرهَڪ چَالو،
آعجاز جي آنگ ۾، رُوپ ۽ رَنگ ۾، جڳ کان آهين نِيارو ٿُون.

ٿلھ: ڪيمَ دِلدار دِلبر جا۔ عَجب دِيدار دَمَ دَمَ دَمَ،
رُخ آنوار جا جَلوا۔ ڏِٺمَ جَھلڪار جَھمَ جَھمَ جَھمَ.

١۔ سَنواريل وَار سُنھل جا، عَجائب رُوپ رَنگ ڍَنگ سَان،
وِڄھن ھَر وار وَر وَرسي، تہ خُوشبوءِ دَار خَمَ خَمَ خَمَ.

٢۔ جنبش سَان آبرو جَانب جا، رنگيو ميدان ڪَن ڳَاڙھا،
اُٿي ٿي ڌَار ڌَڙ سِر ڪان، رِندي رَفتار رَمَ رَمَ رَمَ.

٣۔ نِھارڻ سَان نَازڪ جي، چَڙھيا نيڻن نَشا نِينھن جا،
جَا لارا جَام پِياريئون پُر، تہ جَھڪ مڳدار جَمَ جَمَ جَمَ.

٤۔ سَجڻ جي حُسن صُورت جو، نِظارو آڪبري حَج آ،
ڏِٺمَ مَنثار مَن مُعنو پيتم جَڻ يار زَمَ زَمَ زَمَ.

٥۔ سَندي مَحبوب جا ثَابت، ڳَايان ڳُڻ ساز گُرسُر سان،
مِلائي ٿارٿن مَن جي، ڪَريان چَمڪار چَمَ چَمَ چَمَ.

٦۔ ھَميشہ ھيڪڙائيءَ سَان، نَظر آعجاز ڪَر ھَر جاءِ،
پِرين اِظھار آ جِت ڪِٿ، نَميو ھَر وَار نَمَ نَمَ نَمَ.

ٿلهه: آهيان آئون تہ هَر هَر - مَوهيو دَمِ مجازي،
لِکان چو چيان چو - ڪَندو ڇا مُون قاضي.

١- سَچن سَالڪن آ - ڪَئي آهڙي دَعويٰ،
عُشاقن جي آهي - اِها عَين شَيوا،
مِجازي سَواءِ آ - ڪَنن حقيقي بَازي.

٢- پَسڻ سُونهن خَاطر - پَسان سُونهن وَارا،
اَصل ڪان سي آهن - وِندر وِرونهن وَارا،
ڏِسو جانچي جيڏيون - قَبل حَال مَاضي.

٣- مَتان مُنهنجو پَانيو - هي نَاحِش فسانو،
ڏِسڻ سَان ڏِسي مُون - ڏِنو ڏس رِندانو،
حُسن سَاقي سَمجهو - مُلڪ سَارو پَازي.

٤- اَدب عِجز اَعجاز - ڪَري سَان هَردم،
پريمي پَٽ پرين سَان - پَائي پيچ پيتم،
وَراڪي وَصل ۾ - ڪَيم رُوح رَاضي.

تلھ: دوست پرين دِلدار يار- مَاٺا ڪَري ڪِين مَار مُين کي.

١- مَن تہ اگيئي آهي موهيو تُنھن جي- صُورت سُونھن سِينگار يار.

٢- مَام مِلڻ جي مُرڪي مِلائج- جَانب جِيءَ جِيار يار.

٣- ڦُرب ڪمائڻ ڏي ٿُون ڪُنل کي- ڦُرب ڪَري ڦُربدار يار.

۴- سراڏيءَ تي اصلئون آهي- پيالو وصل جو وَار يار.

٥- آندر اَعجاز جو نَاري نارج- جَلوا ڪَري جِنسار يار.

تلھ: لڳين ٿو پيار جي قَابل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر،
موهي آ تو ڪيو مَائل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

١- ستمگر ٿي بِلاشڪ ٿي، اڪين تي سَڀ سِتم تُنھنجا،
ڪَانھي ڪَا ڳالھ ھي مُشڪل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

٢- لڳائي جَان جي بَازي، سَھائي سِر بہ اي سُھڻا،
هَميشہ لاءِ ڪَئُي حَاصل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

٣- آڙي ھا پَاند ڪَڙي جو، ڇِني ڦَاڙي ڇَڏايان ھا،
مگر تو سان آڙي آ دِل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

۴- سَيئي نياريون آٿئي رَمزون، سَيئي ٿو نَاز تون ڄاڻين،
سَراپا آهين بَس قَاتل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

٥- تُنھنجو آهيان تُنھنجو آهيان، نہ ٻي ڪَنھن جو ڪَڏهن آهيان،
گهڙيءَ پَل ۾ آئون گهائل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

٦- ڇَوي اَعجاز هت آهن، هَزارين ٻيا بہ سُھڻا پَر،
هَٿان تُنھنجي ٿيس بِسمل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

ٿلهه: نماڻن سان مِٺا مَحبوب ماٺا ڪيم ڪر،
ڳَهنڊ ۽ گهورون وجهي، مَجبور سياڻا ڪيم ڪر.

١- اي سُونهن جا سَردار تون لڪين آهن سزاوار ڪيا،
مِصر وارو مِثال ڏس، بِن مُلڪ وڪاڻا ڪيم ڪر.

٢- ڪَنهن نہ ڪَنهن وَجهَ سان پرين، قُرب وارا پيو ڪُهين،
گهر ڇڏائي ٿن سَندا، ڦر بَر وڪاڻا ڪيم ڪر.

٣- رَمز تُنهن جي روز نئين، اعجاز توکي چا چوي،
رَندن پُٺيان رِڻ رُلائي، سَند ساڻا ڪيم ڪر.

ٿلهه: هِيئن نہ ڪَر مَحبوب تُون هيڏا حِجابڙا. نينهن تنهنجو مُنهنجو سَهي نِيتين نقابڙا.

١- دِل ٿي چَوي دِلدار تُنهنجو رُخ وَري پَسان. تامِ مَولئ نِروار ٿي هِي مَچ مُحابڙا.

٢- ڳَڏ گُلابي نين هَئي، گهونگهٽ ڳَهنڊ ڪئي. ڪَمڙا ڪَرين تو مُنهن ڍڪي آڙنگ عتابڙا.

٣- هِي جيرا جِگر جَاني جِند جَان تُنهن جي آ. مَاس هَڏ ڪوري ڪَهي ڪَر تيمان ڪَبابڙا.

٤- اعجاز چَئي آئون آهيان گهايل تہ تو سَندو. مِل تہ مِڙئي غَم لَهن مِنڙا مَحتابڙا.

ٿلهه: ٻَڌاءِ نہ ڳول - ٻَڌاءِ نہ ڳولُ،
آئي مُون سان - مِلڻ جو قولُ.

١- وَچَنُ وساريِ آوڙ نہ وَڙيتن - سَمن تي سَهڙن، ڪَر آسُچيتن،
ڪَر پُورو پَٽل پَنهنجو ٻولُ.

٢- اِنهن ٿي ٻَڌانِ چَريو بَڻايو - اَج نہ سُيانَ جي عَرصن مُنجهايو،
وَڏي هِينئڙي ۾ ويو ٽُنهنجو حَولُ.

٣- ايڏو ڀَلا ڇو دور رَهين ٿو - مُنهڙو ڏيکاري مَستُور رَهين ٿو،
ويجهو ويهي وَري گهُونگهٽ کولُ.

٤- پيچ اَعجازِ سانَ پاڻُئو پُوندءِ - نيٺ تہ ناتو نباٽِئو پُوندءِ،
ڇڏ تُون ڀَلجڻ وارو ڀولُ.

ٿلهه: انڪار وَاري ڇڏ نَاز و آدا - ڪَرِ هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آتُون ڪَئي،
هَٽي نَعرو نِسنگ اَچ نسري صفا - ڪَرِ هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آتُون ڪَئي.

١- هِڪ پيرو مُونسان مِل مَاٺا ڇڏي، دل سَانَ دلارا دل تُون ڳڏي،
وَتُون ميل مَيلاپ جا ڪي تہ مَزا - ڪَرِ هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آتُون ڪَئي.

٢- هِن دل جي بيتابي حَد ڪان وَڌي، وَڃي بيحد ۾ پرين پَهتي آ،
هَر خِيال مُون سان ٿي هَانَ ڀَلا - ڪَرِ هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آتُون ڪَئي.

٣- جي جَذبئہ عشق آئي جيئرو، دُوريءَ جو پوءِ جَواز ڪهڙو،
رَهين دُور ڇو ٿو تُون ايڏو مِنا - ڪَرِ هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آتُون ڪَئي.

٤- مَان بيڪ وَفا جي ڪَنهن ڪان پنان، هي لوڪ سارو آ وَفا ڪان سُڃو،
تُون ٿي تہ آهين پَندارِ وَفا - ڪَرِ هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آتُون ڪَئي.

٥- مُنهن جي عِشق مُحبت کي تُون مِنا، مَحبوب نہ سَمجهہ مَذاق ڪَري،
آ برهہ مُنهنجو مِيثاقان ڀَا - ڪَرِ هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آتُون ڪَئي.

٦- ذَر مَحبوباڻا پيار تُنهنجا، ذَر مَعصوماڻا آر تُنهنجا،
اَعجاز کي ڪَن ٿا مَست سَدا - ڪَرِ هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آتُون ڪَئي.

ٿلهه: ڪيترو آءِ دلربا شرمائيندين- ڪيستائين چهرو آڄان ٽڙپائيندين.

١- چُپ چُپان ۾ چاهتن کي پيو چپين- ڪيئن ڪِتي مُون سان ٻلاڳالهائيندين.

٢- ڪيئن سَهين پيو هي جُدايون هيتريون- مُون ڀانيو ته ملندين ڀاڪر پائيندين.

٣- ڪُهندين ماريندين مُونکي هيو ڇا ڪَندين- ڪُهڻ لاءِ مُنهن جي ڪجل جو پائيندين.

٤- آڄ ڏسان ٿو ٿون ٻه آهين بيقرار- بيقراريءَ کي گهڻو ترسائيندين.

٥- سيڪڙو ٿنهنجا سَوين پياهت ڦرن- ڪَنهن کي ڪَنهن کي پيو گهورن سَان گهمائيندين.

٦- بَعضي چاهيان ويڙهجي وَل جيئن وَڃئين- پَر آلاڻي يار ڇا ڇا پائيندين.

٧- مُون وَٽان جَنهن دَم مَٽين پر مُنهن مَٽيو- اٿين ته ٻاهيون برهه جون ڀڙڪائيندين.

٨- ڇا لڳي سِڪ ڇا لڳي لڪ ۽ لڃڻ- جي آسُي پوءِ ته پَڪ ڳَل لائيندين.

٩- ڪَر ملڻ جو واعدو آعجاز سَان- مَن گهُريا ڪَڏهن ملڻ فرمائيندين.

ٿلهه: بي آنت ناز مُنهنجي دِلدار يار کي آ،
سَڀ کان حُسن ڪثر ۽ سِينگار يار کي آ.

١- شوخي ۽ شـور ڌاري گڏجو نئـو گُذاري،
ڏورئون پيو ڏيل ڏاري جيئري پيو جان ڳاري،
مُشتاق هيئن نہ ماري پوڪار يار کي آ.

٢- صُورت سَندس سُبحاني، پُرنُور سا پيشاني،
جوڀن ڀَسي جُواني، دِلڙي ٿي ڀَئي دِيواني،
آک ۾ ڪجل جي ڪاني، هَروار يار کي آ.

٣- رُخ رَنگ آعُنابي، ڳهريون اکيون گُلابي،
لَب لال لاجَوابي، صُورت آنيم خُوابي،
پوشاڪ ڪِيم خُوابي پگدار يار کي آ.

٤- لَنوڙي جَهين سان لاتم لاغرض ٿيو سو لاغم،
مُون لاءِ آهي ماتم سارو ڪِلي تو عالم،
اعجاز جي نہ ڪنهن دم ڪاسار يار کي آ.

ڪيم خوابي: بخمل، مخمل

ٿلهه: موقعا مِلن ٿا پيار جا، پيارا ڪَٽهن ڪَٽهن،
ميلا مِلڻ به ٿا ٿين، نِيارا ڪَٽهن ڪَٽهن.

۱- وِسرن ٿٿا ڪي مُور وِسارڻ سان وَس وَڏي،
آهڙا نَظر اَچن ٿا، نِظارا ڪَٽهن ڪَٽهن.

۲- ٿيندءِ ختم خُمار جَواني ءَ سَندا جَلهن،
پَلپل پوءِ پَرٿا پَرندءِ، شُوڪارا ڪَٽهن ڪَٽهن.

۳- سَيڪا نه مُند بَهار جي، سَيڪا نه مُند خِزان،
فِطرت ڏِنا اُنهن کي به، وَارا ڪَٽهن ڪَٽهن.

۴- هِن جڳ سَچي کي پَاڻ ڏي، رَاغب ڪَيو وِجهن،
بي سَوزا بي سُرا ۽ بي ٿارا ڪَٽهن ڪَٽهن.

۵- آهُن سان پَنهن جي آخر، لوڏيو ڇڏين ٿا،
عَرشِ عَظيم جگر نِگارا ڪَٽهن ڪَٽهن.

۶- دِل ۾ دَٻائي رکجي نه، دِل وَاري شَوق کي،
پُورا ڪَجن ڪي دِل جا، تَه آرا ڪَٽهن ڪَٽهن.

۷- سِڪ ٿُنهن جي سَهندي سَهندي وَحشت چَڙهيو وِجي،
اَلنا وَنيو آچان تو ڏي چَارا ڪَٽهن ڪَٽهن.

۸- آهڙا تَه موقعا ڇڏ نه تون، اَعجاز چَئي هِتان،
سُبتا پَون ٿا عِشق جا، ڍَارا ڪَٽهن ڪَٽهن.

ٽلهه: جو نه نازڪرين تُون حَسين جو ٿئين. نينهن بہ توسان ڪجي نازنين جو ٿئين.

١. ٽڪا عَرشين ٽِڪي، ٽڪا ٽرشين ٽِڪي، مُنهنجي نَظر وَريو وَريو تو ۾ ٽِڪي،
ڪَري ٿُنهنجو نظارو تولاءِ سِڪي، تُون خُوب ڪان خُوب ٽرين جو ٿئين.

٢. جي تُون جلوا ڪَرين جي تُون پَردا ڪَرين، سَڀ طَرح سان تو سِڪ بَرپا ڪَرين،
سِڪ بَرپا ڪَيو گَين دکبا ڪَرين، ڪِٿي سَهل ڪِٿي تون سَنگين جو ٿئين.

٣. ٿُنهنجا ڍَنگ نمونا ڍول گهڻا، ٿُنهنجا مارڳ ماڳ ماحول گهڻا،
اِت پُڄجو ڳائَن ٻول گهڻا، رُخ رُوپ ۾ رَنگ بِرَنگين جو ٿئين.

٤. نه صرافن وَٽ نه غواصن[1] وَٽ، نه تون عقل وارن جي قياسن وَٽ،
تون آهين ٿُنهنجي شَناسن وَٽ، مُلهه جَنهين جو نه آسو نگين[2] جو ٿئين.

٥. يا ڇاتيءِ مَنجهه ڇپائي ڇڏيان، يا پائي اکين ۾ لڪائي ڇڏيان،
يا هوڪا ڏيئي هَر جاءِ هُلائي ڇڏيان، سَرمائي حُسن جو خزين جو ٿئين.

٦. تُون تو ناز ڪَرين دِل ٿي جهومي صَنم، ڪَري ناز ڪَندين نيٺ مُون سان سَنگم،
اَعجاز چَوي هي يَقين آٿم، دِل ڏِيندين مُونکي دِل نَشين جو ٿئين.

(١) غواصن: ٽوٻا (٢) نگين: هيرو، پڙو

ٿلھ: گھونگھٽ لاھُ گُلزارا وي- شوق اٿم تُنھن جي مُنھڙي ڏسڻ جو.

١- مارين ٿو مُسافر مُنھڙو ڍڪي- اھڙو ماٺو نہ ڪر مَتنارا وي،
پياسن ڪان پَنھنجو پاڻ لڪائڻ- واجب ناھي پيارا وي،
ڪڏھن تہ موقعو ڏي ٿون پَسڻ جو.

٢- نينھن سَپاجھا مُون ڏي ڳِني سَچ- ھيڪر ھوت ھزارا وي،
ھي سِر سَارو ساھ صدق ٿيو- توتان سَجھڻ سَردارا وي،
ڏي نہ ڏنجھو ھاٿي ڏُور وَسڻ جو.

٣- نُوري نِگاھُن ناز نزاڪت- سُھڻي صُورت وَارا وي،
ٿھري قاتل ڪيفي ڪارا- ڪٽي آءٌ آبرو گَارا وي،
تنھن جي ھٿان اٿم ڪايو ڪُسڻ جو.

٤- ديدار سواءِ آئون ھرگز تنھن جي- در تان اُٿان نہ دلارا وي،
اعجاز چوي اچي يَار عَجيبا- دَرشن ڪراءِ دُبارا وي،
ھِتان ھي چَريو نہ تہ ناھي چسڻ جو.

ٿلھ: آئون تہ ايندس پيو پيارا- تون اچڻ ڏين يا نہ ڏين،
در جھلي بيھندس مان تنھنجو- تون بيھڻ ڏين يا نہ ڏين.

١- جي تڙين لوڏين ڌڪارين- دَرچڏائين تہ بہ مِنا،
ڏور ڪان ڏسندس پيو- تون ڏسڻ ڏين يا نہ ڏين.

٢- ھڪ دفعو ديدار مونکي- دلربا مُرڪي ڪراءِ،
ديس پنھنجي ۾ منا پوءِ- تون رَھڻ ڏين يا نہ ڏين.

٣- توسان ياقي يار بنجي- چير يڪتارو ڪٽي،
ناچوٿي نچندس اڳيان تو- تون نَچڻ ڏين يا نہ ڏين.

٤- سڻ صدا ھيءَ آخري- اعجاز جي سھڻا سَڄڻ،
رخ چمڻ چاھيان ٿو تنھنجو- ٿُون چُمڻ ڏين يا نہ ڏين.

ٿلهه: ٽُنمن جي گهُور تان گهوري وڃان، گهائل ڪري ڇڏيُمِ،
گهائل ڪري ڪري وري، مائل ڪري ڇڏيُمِ.

۱- آبرن جي تيغ کي ته ڏاڍو آب تاب ڏيئي،
شايد شهيدِ شوق ۾ شامل ڪري ڇڏيئي.

۲- واسينگ ڄيئن وارن جا، پرين پيچ وِرِ وجهي،
ڪَج ڪاڪُلن جي قيد جو قائل ڪري ڇڏيُمِ.

۳- پلڪ ۾ پائي پائي ڪجل واريون ڪانيون،
اکڙين کي عاشقن جي لاءِ قاتل ڪري ڇڏيُمِ.

۴- مُرڪن جا تير مُنهن جي ڪئي سيني سِر سنوان،
قربان ٿيان وري وري خُوش دِل ڪري ڇڏيُمِ.

۵- قد سرو کان روان ۽ صُورت سانولي رکي،
ديوانگيءَ جي دائري داخل ڪري ڇڏيُمِ.

۶- ڪعبو ڇانان ٿو تو کي ڪعبو نه ڇانان پيو،
دنيا جي نمن نياز کان غافل ڪري ڇڏيُمِ.

۷- هڪ مَن ۾ گنماٿو گهُور جو پيو آرام عِشق جو،
اعجاز کي ته قُرب جي قابل ڪري ڇڏيُمِ.

ٹلم: گھور مٿان سِر گھور ڪيوسين. گھور مٿان سِر گھور ڪيوسين.

١. ذاتي ذوق زوراور واري. زور مٿان سِر زور ڪيوسين.

٢. شوريل شوران شور آهيون. شور مٿان سِر شور ڪيوسين.

٣. اوري اوڙون آور عجائب. آور مٿان سِر آور ڪيوسين.

٤. اعجاز عليءَ جي حڪم سان. هور مٿان سر هور ڪيوسين

ٹلم: جو پلا اڄ وري اهو گھنڊُ. اهو گھنڊُ، ناز گھنڊُ،
دِلي مِل تِرٿيون ڪير ڪُنڊُ. مُنهن جي سِڪ جو نہ ٿانگم سمنڊُ.

١. ڪِل تہ مَن ٿان مُونجهہ لهي پئي. پيار جو پيارا گيت ٿي پئي.

٢. حُسن جوبن جي پُور ۾ پيارا. سِتم آرائي جا سوچ نہ چارا.

٣. تير اکين جا سچي سِڌا ڪر. ٿامي نِيشانو اڄ تہ ٽڪا ڪر.

٤. گھنڊ گھمنڊ آ تنهنجو نِرالو. ڪِھڙو رڪان آئون تنهن تي نالو.

٥. ڪُجهہ تہ سبب ڪو سچن سمجهايو. اِئين نہ اعجاز کي سُٺا آزمايو.

تلم: پائي پڄ ڪيو جن مُونکي پسند، ٿن زُلفن جو آئون بند بند ڇُمان،
آ خُوشبو اُنهن جي رشڪِ ارم، جو نـہ ور ور تن جي ٿند ٿند ڇُمان.

١- ڇُمي زُلف وري پيشاني ڇُمان، ٻئي آبرو اکيون نڪ نُوراني ڇُمان،
خدوخال ڇُمان، خط جاني ڇُمان، لب لال ڇمان ڏند ڏند ڇُمان.

٢- ڳچـہ جنهن تـہ ڳچيءَ سان ڪين پڙن، ڪرُ تنهنجو قبوليو ڳاريهرن،
آهي سارو بدن جنهن جو ناز چمن، سُرهو سڳند سڀ سو سند سند ڇُمان.

٣- قد ڊول ڊولڻ جو دِلياريءَ ڪان، سُهڻو هلڻ ڪبڪ رفتاريءَ ڳان،
هئين پيرين عجب هرناريءَ ڪان، تنهن جي راهـ ڇُمان رند رند ڇُمان.

٤- پرين مُنهنجو آ منهنجي دِل پسند، دِلدار "اعجازا" سو دِلبند،
پائين جن تہ پائُهن سان قرب ڪمند، اهي پانهون سندس ٻئي چِند چِند ڇُمان.

قلم: زُلفَ چوان يا وَاسينگ، ڦَٽين سان جيڪي ڦِٽيون وِجهن ٿا.

١- ڪَرڪنيو ڪَنچير ڪَنبائن، هِنيان جگر ۾ هردا گائن،
وَرن ڪَاري سان واسينگ، ڏاڍا وَانگوڙا وَٽيون وِجهن ٿا.

٢- مَچرجي جَلايا مُلڪ مَتيارن، ٿُوڪ برهہ جي سَان ڦَيارن،
موهي ڪَيا مَرثينگ، سَرواهيون سوگِهيون سِرڪَيون[1] وِجهن ٿا.

٣- وِهہ ۾ وَسيهر گان بہ ڪَثر ٿيا، جهَاڙا پَاڙا سَپ بي آثر ٿيا،
پَرم پَچايو ڪَن پِينگ، آمڙيون تہ ڪي اوِتَنيون وِجهن ٿا.

۴- وَار وَڃيو اهي جَنهن ڪي وَچڙن، جِيلا وَسيلا تنهن ڪان وِڇڙن،
شَهپال جهڙا شَاهينگ، عِشق واريون ڳَل جٽيون وِجهن ٿا.

۵- زُلف بہ ظُلمي نَين بہ ظُلمي، سُمَٺل جا آبرو عَين بہ ظُلمي،
پِيا تہ سيلا سر سِينگ، گهَٽ اندر ۾ گهَائيون وِجهن ٿا.

٦- لَٽ خَمدار لَٽن، خَانقاهيون، ٿَن جو آعَجاز تَذر شَهنشاهِيون،
رِٽيلا چَڪَيو تِسينگ[2]، پَٽَرپَڪي سِرپَٽيون[3] وِجهن ٿا.

(١) سِرڪَيون: ڦاهيون
(٢) تِسينگ: نواب، بادشاهہ، امرا
(٣) سرپٽيون، مٽي ۾ مٽي

ٿلهه: هوُ جي زُلف دَراز گُلي پَوندا. پوءِ تہ لِکل بہ راز گُلي پَوندا.

١. هُن گُنڍِڙن زُلفن گارن ۾. آهي ٿاب ڏاڍو ٿابِڪارن ۾.
وِيندو مَحَو ٿي عَاشق وارن ۾. پوءِ تہ بِرهہ جا بَاز گُلي پَوندا.

٢. نَازان نَازڪ ٿي گهڻين نَاز ڪندو. ٿنهنجو عاشق ٿنهنکي نِياز ڪندو.
جڳ ٿنازَ ڪَندو اعتراض ڪندو. پوءِ تہ سُرندا سَاز گُلي پَوندا.

٣. عَاشَق دام ۾ عُمر گُذاريندو. مَستو مَست ٿي عشق اُجاريندو.
مَحبوب مَاري تنهن کي جِياريندو. پوءِ تہ سوز گُداز گُلي پَوندا.

٤. ائين عاشق جي پَرچار ٿيندي. پَاڙي پَاڙي اهائي پَچار ٿيندي.
سَتَ سُڃڻَ جي ۾ سار ٿيندي. پوءِ تہ سُڃا اعجاز گُلي پَوندا.

ٿلهه: گر زُلف رُخ تان پاسي. هڪڙي گهڙي خُدارا
پُورو مِلبا پَسڻ ڏي. مُنهڙو پرين پِيارا

١. چڏ ناز ڏي نظارو. صُورت سَندو سَهارو
مَاڻن سَان ڪَرنہ مَارو. آ‌ي حُسن هاڪ وارا

٢. مَت ۾ مَشاط ڪَٽي تو. سِج بيٺلي رَات ڪَٽي تو
مُنهن جي ذَات نِياتِ ڪَٽي تو. حَيران جِيءَ جِيارا

٣. هڪ لحظو وانڌڪائي. جِيڪر مِلئي تہ چائي
جَلوَن سَان ڪَر سُڃائي. آولا ٿمن اُنڌارا

٤. اُونَاءِ ڪي تہ آهون. دَر مَاندي دِل جون ڏانهون
رَوڪي نہ بيهہ رُاهون. رَاهي رَمن ويچارا

٥. وِيٺو وَچايان وَنجهليون. رُخ وَاريون پَاءِ ٿجليون
اڪِڙيون مَلاءِ گجليون. اعجاز چٽي دُبارا

ٿلهه: ظالم زُلف ٿُنهنجا زاري يار زاري،
ڪَرِيهَر جان ڳاميو ڇَهٽن ٿا ڇوڏاري.

۱- وڪا وار واڏو، سُنبل سِياهه ساڏو،
مَچِين مَنڊ نه جادو مَنيا مار[1] ماري.

۲- خُوشبوءِ دار ڳُليا، پَسِي پَونر پُڳيا،
هَنٽو ماڳ هُليا، ڪا ڳُل ڪارُونياري.

۳- ڪيبَر نين ڳَڙڪن، دِليون ڪِيئن نه ڏَڙڪن،
بِرهه باهيون ڀڙڪن، جَلي جان ساري.

۴- آچن سان آڙياسون، ڦابُو ٿي ڳِڙياسون،
چوٽون ڪاٿي چڙهياسون، چاڙهي عِشق واري.

۵- اعجازا اُداسي، ڳَيٺي خَبر خاصي،
ويٺي دِلڙي ڦاسِي عُمر لاءِ ويچارِي.

(۱) مار: ناڳ

قطعه: رُخ مُنوّر تي جڏهن سُهڻا زُلف چوڙيو ڇڏيَن،
هِن ماڻدي مُشتاق لاءِ، ويتر جنجل جوڙيو ڇڏيَن.

١- اڄون آزاريل اڳ آهيان، تُنهنجيِ تير مژگانن سندو،
وَرَ ڏيو سِر تي وريو، آبرُو خنجر ڪوڙيو ڇڏيَن.

٢- تُنهنجون اکيون خُون خُونان، تُنهنجا غمزا فتني گر،
زاهدانا زُهد نِيتُون، لِڪَ اندر لوڙهيو ڇڏيَن.

٣- تِني اجان مَس مَس وَجيو، هِيءَ دل رُجُوع ڪعبي طرف،
مُنهن مبارڪ جي جهَلڪ سان، تنهنکي تون موڙيو ڇڏيَن.

٤- جن جِي توسان آشنائي، سِي ڏٺا مون دربدر،
ڇا سبب تن کي سِتمگر، ڇو ٽُٽير ڦوڙيو ڇڏيَن.

٥- توکي سِيڻائي آ سُهڻا، خُوءِ آرڏائيِ خُودي،
تُون تڏهن اعجاز ڇئي، عِجزي لڳا لوڙيو ڇڏيَن.

قطعه: هن زُلف جي ڪاري ڪمند، زاهد ڪئين زندان ڪيا،
زاهد ڪئين زِندان ڪيا، تن جا عَمل ايمان نِيا.

١- سوداءِ مُشڪين مُوءِ ڪان، هَر سَنَ ۾ سَوَ صَنمان ٿيا،
مَذهب ڌرم ڇا دِين ڇا، ٻوڙي ٻڪي تہ جِهان ويا.

٢- ان قيد جا قيدي ڏٺم، تن جا آهن آرڪان ٽيا،
پَنهنجيءَ رَضا سان پاڻ کي، پايا انهن نقصان ڇيا.

٣- زُلف جي آور اچي دانهہ بہ ٿي دِيوان پيا،
بيحد ۾ پکي بيخود اُهي بيسر بڻيا بِي جان جِيا.

٤- سُورِيءَ مثل گردن گهُٽن مَور هڻون تہ ڪَن ڪو ڏيان رِيا،
اعجاز ڦاٿين هَندَ هِڪيڪي، ڪر نہ پوءِ آرمان پِيا.

ٽلم: جَن جا وار گھُنڊيون، اکيون ڪاريون ڪُنڍيون، گُل گُلابي جھلڪ رُخسارن جا،
تن جي عِشوه گِري ٿن جي چاڙ چَري، لُٽيا ڏِين ڏرم تہ هَزارن جا.

١- ڪَن ڄِيڪھن نَظر ڦِين پاڻي پڪَس جِهجن ڄِيءِ جگس پَون سِڪ جا سَنگھس
اَڱن اهڙا آڱس، چالا چرخ چڪس، ڦريو ڦرڪا وجن ڪلادارن جا.

٢- ڪوِليو زُلف چَلا، ڏِيو ڳارا ڳَلا، هَنيو وَرَ ءِ وَلا، لاڳِن نِينھن نِلا،
ڦِين پوءِ نہ آلا، ڪَڪھن پَرچلا، اهي بہ پار اَٽَو حُسن وارن جا.

٣- ڏِٺا جي نہ آوهان تہ پُڇو مُون ڪان ٿوهان، جيئن سَرو رَوان، تيئن قد اَڱن سَنوان،
ڦِي قُربان پَوان، سِينا چَڱي چا چَوان، جَهڙا ثمر پَريا وَڻ انارن جا.

٤- ڪَرِن مَاٺا چاڳِ حَسينن مَرڪ، بَڇِن بِرهہ بينراڳِ حَسينن مَرڪ،
سُرمان ڪَجل مُساڳِ حَسينن مَرڪ، ڏاڍا چاٺو سَمجھہ سِينگارن جا.

٥- ڪِن جون شَرم حَيَاء ڪان شَرميليون اکيون، ڪِن جون نِينھن نشي ڪان نَشيليون اکيون،
ڪِن جون سَوزِ فراق ڪان پِيليون اکيون، نِيلا رَنگ ڏِٺم تن جي نِظارن جا.

٦- اِنڪار بہ ڪَن اِقرار بہ ڪَن، تڪرار بہ ڪَن ءِ پيار بہ ڪَن،
وَري آرا اَعجاز اِنتظار بہ ڪَن، آهن پاڻ بہ گھايل ڏِيدارن جا.

عشوه گري: ناز نخره، اشاره

ٿلھ: ڪوليو زُلفن کي تو ڇڏھين - تہ ٽانگن ڳَرَ ڳَين ڇڏيا،
ٽليھر ٿي بِيٺا ٽابع - وَاسينگن وَرَ ڳَين ڇڏيا.

١- ٿُنھنجي زُلفن جُون ڪَج ڪَڙيون - زَنجيرن ڪان بہ زَوريون ٿيون،
خَبر ھي ٿُنھنجي تيدين ڳِئي - آسان سَنگھر پُڇڻ ڇڏيا.

٢- وَاسيا تو وار چڱو چاسان - جو وارن جي وَئي خُوشبو،
چَمن پُونرن گھُمڻ ڇڏيو - گُلن ڪَنڌ ڳَرَ ڳَين ڇڏيا.

٣- پولي ٽانگن جي تي پُلجي - آچي ڳئين ڳاپڙي مِڙيا،
چڙھيا گيسُوئن[1] جي وَرِ جلھين - جوگين مَنتر پڙھڻ ڇڏيا.

٤- چيري ظُلمات[2] وَارن جِي - ظاھر رخ کي ڪَيِئي جَنھن دَم،
حُورن جا حَوصلا ڳم ٿيا - پَريُن پَوءِ پَرَ ڪَرڻ ڇڏيا.

٥- ڳڏيا جن ناز نيڻن کي - وَري جو نيڻ تو وَارا،
سَندي نَيڻن سَندا نشتر - ٽَني خَنجر ھڻڻ ڇڏيا.

٦- مِٺي مُنھن ٿُنھنجي مَان مِلڙا - گُنن پَريا ٻُڏي گُفتا،
طُوطن ميوا ٽڪڻ ڇڏيا - ھَنجھن گوھَر چڳڻ ڇڏيا.

٧- ٻَڌا جي پيچ ڳاڪل ۾ - اُنھن اعجاز چڱي ٻيھ،
دُنيا عُقبيٰ جا اي دِلبر - دُوارا دَرِ چمن ڇڏيا.

گيسوئَن: وارن، زلفن   ظلمات: ڪاريرات، اونداھي

ٿلهه: ڪاڪُل ڪيس چلڙا، مُسلسل زيبا وَر،
رنگي رُخ تي لَٽڪيو ماندا ڪَن مُسافر.

١- ٽلهه ڙوار تاتيل وانگوڙن وَرن سان،
ملائِم مُعنبر(١) ٽَران تَرتَڙن سان،
سَدائين سي سُرها سِينگاريل سَراسر.

٢- اِهي زُلف آهڙا ڪوليا تو خلل(٢) لاءِ،
مُشتاقن جي مارڻ مچائڻ جنجل(٣) لاءِ،
دُکا ڏکبي وارا، دِلين جا سوداگر.

٣- واسينگن وانگي وِهه ڀريا مُنهن اُنهن جا،
هَٿن ڏنگ چِن ڪي، ڦرن رنگ تن جا،
آهن نعُوذُ باالله ظالم زور زابر.

٤- خُتن چين ما چين خاقان وارا،
سمرقند مَروَند مَڪران وارا،
اُنهن ڪاڪُلن لاءِ سِڪي ٿيا ٿَناگر.

٥- گرهه گير گيسُن سندا پيچ پيڙا،
عَقل هوش وارا سَتُر سِيل وِيڙا،
آڙيا اِت اعجازا عاقل ڪَيئن آڪابر.

(١) مُعنبر: خوشبودار
(٢) خلل: فتنو فساد
(٣) جنجل: آزار

ٿلھ: لَٽ زُلف ظالم بي پيرا. گهُنڊي دار ڀَنيا ڳرھ ڳيرا،
حَلقه ھَي تَن تُنھن تي ٽَڇايا. ڳاپڙي ڳِين ڳَن ڇيرا.

١. ناڳ وِسيھر وانگي آھن. نِس پِس نِسنگا نِيرا،
وِھرَ وِھاليل مُنھن ڏُنني جا. ڏنگ تَلخ تاٿيرا.

٢. چوَسِرا چوَٽا چاڪُ چَنبيلا. عَنبر بار عَنبيرا،
تِن جي خوني خَفقان سَوداڪي. ڪِين لڳن ٿا خَميرا.

٣. وَري سَرڪش نَين سنگينا. قاتل شوريا شَم شَھرِ تيرا،
سانگو ڳَنھن جو ڪِين ٿا ڳَن سي. صِف شِڪن صِف چيرا.

٤. تاب حُسن جي ھِيج ڪيا. زُخرف[1] زُمرد[2] ھِيرا،
گُلن ڳَنوايا ھَوش سَندا. مُوتي ٿِيا نه سُتيرا.

٥. جَنات عَدِني ويس مَٽن سِر. حَيرت مَند حَرِيرا[3]،
جَلوي جھلڪ آعجاز اُنھن جي. ڪوليا بِرھ بَھيرا.

(١) زخرف: سون

(٢) زمرد: سائي رنگ جو پٿر

(٣) حريرا: ريشم پٽ جھڙا

قلعہ: ڪاڪلين ڳُل ڦُل لڳا- واھ وارِ بيوٽي ڦُل لڳا،
سُھڻا ڪيشن ٻُل لڳا- چَرچي ڪرڻ جا ٻُل لڳا.

۱- سھج جا سِينگار سُھڻن- سَڀ طَرح سُونھَن سَدا،
تن جا سَنوَرڻ ۽ سَجڻ- تن ساڻ ڏس ٿُل مُل لڳا.

۲- سِرڪٽا سيلا ڪرڻ سِر- ھي ۽ ٻہ سُھڻن ناز آ،
نَاز اُنھي ۽ تان ترِنت- ٻَل ٻل ڦين ٻُڪبل لڳا.

۳- زُلف گھُنڊيون ڳَنڍيون- ۽ اڪيون ڪُومل ڪُنڍيون،
تَڪ پِرون لَب وَاھوا- پَرَ ڏند آملھ جِيئَن آنمُل لڳا.

۴- حُسن واري ميڙ ۾ ھو- ھَر حَسينن کان حَسين،
پَار ٽُنھنجا جي مِليم- ڳُل پَارسي بِلڪل لڳا.

۵- خَال ڪِلندي پيا ڳَلين- ٿَن کي ڏسي ڦِيس ڳَگ ڳَڙا
آٿون ڳُم آھيان انھن ۾- ھِت ھُلڻ ھِيا ھُل لڳا.

۶- مُنڊ گلابي مُنڊ شَبابي- ٻَئي مُنڊون مِليون اچي،
جَام مِينا پَان ۾- تَڏھن ڪرڻ ڦُل ڦُل لڳا.

۷- چَوسري چولي تي چُٽ- آعجاز گھڙا ڳُل لڳا،
ڪِيوڙا ڪيتڪ لڳا ڪِين- سوسنا سُنبل لڳا.

تلهه: ٿُنهنجي زُلفن جي وَر وَنگ، وَنگي اَڙَهنگ وِڌا،
اَڙَهنگ وِڌا، جهَلي جُنگ وِڌا.

۱- وَرَڙا وَاسِينگَن وَارا پائي، ڏاڍا ڪي تن ڏنگ، ڏاهي ڏس ڏِنگ وِڌا.

۲- جا ڳُنُون ڪاڳُون وِني وينين، مُرغ دلين جا لنگهه، آهڙا تو زَنگ وِڌا.

۳- اُڪَنيون لائي عاشقن ڪي، ڏيئي زَردا رَنگ، رِچان تو دَنگ وِڌا.

۴- شاهه اعجاز ڇَني شُعلي ٿُنهنجي، پَوهي پَچائي پَتنگ، ڳانئي[1] ڪَين خَتنگ[2] وِڌا.

تلهه: اِهي زُلف ڪِ نانگ ڳُنڍيرا ڪَن اَلڪيون ڇيرا ڇيرا،
رکن لحاظ نہ سانگو گَنهن جو آهن ڪِ بي پيرا.

۱- نانگ وَسيهر وانگي آهن ويڙها نام ڳليرا،
ڏنگ تنين جي سان رَنگ ڦريو ٿين زردا ساوا نيرا.

۲- هَر هَر آهن تن سان وَري شامل نين شريرا،
فتنا ڪڙا ٿين ڦتل ڪڙا ڪن ساڙن خون سريرا.

۳- هُنَّاجي رُوءِ زمين جا فاتح بانڪا بينظيرا،
وَرن وانگوڙن سان ڪيائون اهڙا جُوان آسيرا.

۴- ننهن تي نچائي ڏس تہ ڇڏيائون ڪئين ڪاپڙي ڪن ڇيرا،
تن جي تاب حُسن اعجاز چوي ڪوليا بِرهہ بَهيرا[3].

(۱) ڳانئي: ساڙي (۲) ختنگ بعادن سورهيه (۳) بهيرا: انبوهه، ميڙ

قلمه: دل نه ڪليءَ پکي دِيواني - آمڙا جلوا ڪيمر گَر،
زَرقا بَرقا ويس پائي - شُعلا پڙڪا ڪيمر گَر.

١- حُسن جي عاشق آکيان - بُت حُسن جو بَنجي حَسين،
دام دکبا ڪيمر گَر - ۽ ناز عشوا ڪيمر گَر.

٢- چَندِ چِهري ڪان بہ چَهري - تُنهن جي چَهري جي چَمڪ،
چَوطرف ڪان چَشمان چَشمي - چَمڪي چَمڪا ڪيمر گَر.

٣- جِيءَ پَتنگن جا جَلايا - تُنهنجي جَهلڪن جا بجا،
رَوز شَب اِيئيسن تہ رُخ جا - تُون تَجلا ڪيمر گَر.

٤- سَيڪو چَکي مُون سان لڙيون - ۽ سَيڪو چَکي مُونکي لڳا،
تِير اکيون آمڙيون ڏاري - هِيئن تہ حَملا ڪيمر گَر.

٥- پَکي نَظر توتي تہ جَهڙيون - پِي چَڏيم مَکي جون تَديون،
هَان جيڪي پيو چَوان - مُون تي ڪا نتوي ڪيمر گَر.

٦- حُسن جا جي پارکو - تَن حُسن تُنهنجو چُونديو،
ڏاڻو آهين ڏاڻو دلبر - کُجهہ بہ گُگڪا ڪيمر گَر.

٧- گالهہ ميءَ ڪانهي گَرن جي - پَر گَرايو ٿو چَڏين،
بيڪ صُورت جو بَنائي - پِرهہ بَرپا ڪيمر گَر.

٨- پَهرين ڪلمون عِشق تي - سَيني ڪان آڳ ۽ تو پريو،
عِشق وَارن تي پوءِ سُفنا - ڏاپ دَڙڪا ڪيمر گَر.

٩- ڏاڍو آج اعجاز چَکي - دِلبر لگين ٿو ديده زيب،
پَان ڪي آمڙو سَجائي - هَوش اُڏوا ڪيمر گَر.

مطلع: مُنھنجي دِل جي حالت جي ڏسين، مُون کان دم نہ ھڪ ٿُون جُدا رھين،
ڪري بيوفائي کي ترڪ، مُون سان باوفا ٿي مِٺا رھين.

١- ڪھڙي آلاجي ڳُڻ ڳُٺيس، مُنھن جي دِل مَري تو لاءِ ٺَڳيس،
پرين ٿُون تہ بيپرواھ بڻيو، بيگناھُ ٿو بيوفا رھين.

٢- مُنھن جي آ دُعا تون وفا سِکين، ٿُون وفا جي سُٺي صِلا[1] سِکين،
ٿُون صِلا جي عَجب آدا سِکين، مَحبت ۾ ٿي بِي بَھا رھين.

٣- لڳِي عِشق ٿَي پَڇئي شَرم، وَڃئي ھوش ٿَي وِسري ڌَرم،
مَن پوءِ اي مُنھنجا صَنم، مُنھن جي دَرد کان آشنا رھين.

٤- جيڪا عِشق کان دِل دُور ھُوندي، سَپ جاءِ سَا مَجبور ھُوندي،
آکثر اُھا بي حُضور ھُوندي، آھڙي دِل کان ٿَي مَاوَرا[2] رھين.

٥- مُنھنجي دِل جي چَاھ جو خِيال ڪَر، موڙي مُنھن نہ تُنھنجي پائمال ڪَر،
نِگاھُن سان دِل کي نِھال ڪَر، ايڏو سَخت ڇَا لاءِ ٿو مُون لاءِ رھين.

٦- تُنھنجي ڪَجل جي ڪانِيءَ جو قَسم، تُنھنجي آک مَستانيءَ جو قَسم،
تُنھن جي حُسن جَواني جو قَسم، مُونکي ڪُھندو تون ڇِي ٿو سَدا رھين.

٧- اعجاز کي تہ ادب بہ آ، ۽ عَجيب تُنھنجو عَجب بہ آ،
تو وَٽ پيار لاءِ ڪلب بہ آ، ڪِيئن ٿو پيار جي پوءِ سَوا رھين.

(١) صِلا: عيوض (٢) ماورا: آزاد بري

قلم: دل هَٽ ۾ ڪَري مُنهن جي، پوءِ سُڻنا سَتائين ٿو،
ڪُجھ سوچ تي آءِ ظالم ڪِيئن ساٿ نِڀائين ٿو.

۱- جِيڪو جي زورآور ٿون - ايڪو نہ زوراور ٿي،
ڏُوريءِ جا ڏيئي ڏڙڪا، دِل مُنهن جي ڏڪائين ٿو.

۲- جو تُنهن جو هَميشه لاءِ، ساٿي نہ بَڻيو ڪڏهين،
تُنهن حُسن جي بانور تي، ڪيڏو ظُلم ڪمائين ٿو.

۳- مُون جيڪي وفا واريون، تو لاءِ وِڪون پَريون،
تَن مُنهن جي وِڳن تي ٿُون، ڇو نظر نہ پائين ٿو.

۴- تُنهنجون تہ مَيارون سَڀ، هِن سِرَ ۾ اکين تي پَر،
تون ٿي تہ بيگانو ٿي، بيگانو بنائين ٿو.

۵- هِن دِل ۾ تُنهن جي چاهت، هِن دِل ۾ وَسين ٿُون ٿو،
هِيءَ دِل جي جلائين ٿو، جَن خُود کي جلائين ٿو.

۶- اعجاز سِتم تُنهنجا، سِر تي تہ سَهي ويندو،
پَرشان وڃان پَنهن جي، پَت ڪين پَٽائين ٿو.

ٿلهه: دِل حُسن جي تير ڦٽي آ - ٿني هر لحظي لٽي آ.

١- ھِڪ حُسن جون ظُلمي نِگاھون، تَنَ ناز نڪ ۽ ڳاھون،
پِيو زُلف جي دَمَ دَمَ دام، صُبح ۽ شام گھائل دِل گھٽي آ.

٢- ڏِسي حُسن جون آبيلايون، تَعجب ۾ اکڙيون آيون،
ٽڪڻ هَر هَنڌ حُسن شَباب، مُنھن مَهتاب جھلڪ دِل جھٽي آ.

٣- لڳو تير حُسن جو ڪاري، اِنهي گھاءِ تي دِل آزاري،
اُلٽو عِشق ٻي آٿي ياں، غمن جا هزار گولي هِت هٽي آ.

٤- جِتي حُسن جي فوج آچي ٿي، اُتي عُضحيٰ عيد بر ٿِٽي ٿي،
ڏاڍي شَوق شُغل شادمان، سان هَر مَيدان حُسن جَنگ گٽي آ.

٥- ڏِٺي جُنبش تير وَڪمان ڪي، لُٽيو حُسن آهَر دوجَهان ڪي،
ھُٽي هَر هَر آهڙا مِثال، اعجازا ڪمال نه دِل ٽڙ ٻي هٽي آ.

جنبش: حرڪت

قلم: دل تہ پنھنجي ڳانہ ڏنيگي - دل وٺين مُنھن جي ڦري،
دِل بِنا دِلبر مِٺا چَند جَان پَئي مُنھن جي ڇھري.

۱- ھِڪ تہ ڏاڍين ڪانِ تون ڏاڍو، سَخت دِل سَرڪش صفا،
ٻيو تہ تُنھن جي حُسن جي پَئي، تيغ سِر مُنھن جي ٽُري.

۲- ھَٿ ڏيئي ھَٿ ۾ مُونکي، تو ھَٿ ڪيو ھَتڙي ھَئي،
آئون تہ ڦرجي ائين وينس، ھَانِ چا ھي چَپ چُري.

۳- تُنھن جي ليکي عام ۾، تُنھن جي نگھي ويندي لڪي،
پَرپرين ھيءُ ڳالھہ پَلپل، اوڙي پاڙي پَئي ٻُري.

۴- ڏانھن ۾ فرياد جي، فطرت نَڪا فُرصت آھہ،
ڪير مُنھن جي پَارَان توڪان، دِل پَلا مُنھن جي ڳُھري.

۵- مِيءُ مَتَان ڪا پُل مُجِئي، وِسريل تاھين اعجاز کي،
سِڪ سَڄڻ تُنھن جي آڃان، سَچ ساھہ سَان گڏ پَئي سُري.

قلم: ڪِٿان آئيان اُھا دِل جا، سَچوئي سُور بَنجي پَئي،
پرِيمي پيار جو ساغر، بَحر پُرپور بنجي پَئي.

۱- صَبر سِڪ سَوز سَان ثابت، سَدائين ساھہ سِر وَاري،
سَھي سِرِ مينھن مَھٽن جا، مَچي مَسرور بَنجي پَئي.

۲- ھُجي ھَردم حَقي حَاضر، اَکين ۾ ڪات جي وچ ۾،
ھَزارين ٿي ڳَيا ٽُڪرا، ڇچرجي چُور بَنجي پَئي.

۳- پَري گُھٽڪا غَمن وَارا، مُدامي مَوج مَحويت سَان،
مَوليٰ جي مُلڪ مَاٺين ۾، مگن مَخمور بَنجي پَئي.

۴- عَجيبن جي اکين ۾ ھيءُ، تکھين اعجاز پَوندي دل،
جَلَھن ڪَنھن تاب تَجلي کَان، سَڙي ڪوھِ طُور بَنجي پَئي.

تيغ: تلوار

قلم: هي ءِ دِل چري بيحد چَري، جيئن جَهل ترتيئن ويتر چَري،
هِن جي آدا هن جي صدا، جڳ کان جُدا ظاهر چري.

١- هن دِل چَري ءِ جي حَق ۾ ڳيون، هِٽ ڳين چُميگويون[1] هلن،
ڪِي ٿا چَون سچ کان چَري، ڪي ٿا چَون ڏک پَر چَري.

٢- هن تي مَيارون سيئي ڪَن، مَحدود آهِن جي نَظر،
جيڪي وَسيعُ العين[2] آهن، تِن چَيو هي ءِ ير چَري.

٣- يَوم ِ آزل کان مُنقطع[3]، هن جا ڳيائون رَابطا،
هَر دوجهان جي تَعلقن کان، هِي ءِ بَري بَرتَر چَري.

٤- هي ءِ نہ ڪنهن جي غَم شَريڪ آ، ۽ نہ شَامل مَنجهہ خُوشي،
پِڪي تہ بر نِيائي ڇَا آلائي، سوچيو سَمجهيو چَر چَري.

٥- هن کان ڪهن چرڪن ٿا سَڀ، شَايد تہ هن تي خِيال کان،
هِن جي وَفائي سِرفدائي، آسچائي پر چَري.

٦- هي ءِ جَنهن تي ڳوڙها وَهائي، ٿو تڏهن لرزي سَمُونڊ،
۽ جَنهن تي تڙپي ٽپي، صَحرا چوي ڪُرڪُر چَري.

٧- هن جي وَحشت جو سَبَب، آ ڪنهن نہ ڪنهن جي سَنگدلي،
هي ءِ آصُم بُڪم[4] مگر، هن جي جو آهُو ڳر چَري.

٨- تَہ بہ پڪي هئي تہ لاءِ سڱون، جن ڪين سَڏ ۾ سَڏ ڏنس،
هي ءِ اڳ تہ مٿي رِلڪ ۾ چري، تي هاڻ پَٽري ءِ پَر چَري.

٩- هن جو خُدا ۽ نَاخُدا، هن جي خُدائي آلڳ،
هِن کان ٿون مَذهب ڪونہ پُڇ، جو هي ءِ تہ آهَر هَر چَري.

١٠- رِي ءِ چَريائي جي آعجازا، ڪِٿ نہ سنئين وَائي ڪَيئين،
ڳهر ۾ چَري پَر ۾ چَري، آندر چَري بَاهَر چَري.

(١) چميگويون: چوپچون گشيون ڳالهيون (٢) وسيع العين: ڪشادي نظر، وڏي نظر
(٣) منقطع: ختم، ڪٽيل (٤) صُم بکم: ٻوڙا گونگا

ٿلهه: جيءُ ۾ آچان جِيئي پَئي - مَحبوب سِڪ آومان جي،
وِيهان اُڻان سُمهان ٿُ ٻ - ڇاتيءَ ۾ چِڪ آومان جي.

١- پيو ڳنهن جي ٿوه ٿاري - سِڪڙي تڳي وَيچاري،
وَرهــن ڳان آ اُڇاري - پَــايــوس پِڪ آوهــان جي.

٢- ڳَلهن تہ ڳُجهہ نهاريو - نيڻن ڪي نين ڏيڪاريو،
مُنهن تي نہ پَانـد ڍاريو - مَاري ڦي لِڪ آوهان جي.

٣- وِيئو دِل ڳي ڄَلهن ڪان - سِڪ سِر جي آتَلهن ڪان،
هَلندي رَهي ڳَلهن ڪان، هِت ڳَالهہ هِڪ آوهان جي.

٤- مُون سَــان ڳَلي ڳَلي آ - سُورن سَنـي سَنـي آ،
ويچن ڏني ڏني آ - چِڪندي چِيــٽــڪ آوهــان جي.

٥- جَن ڪي نَصيب ٿِيندي - تَن لاءِ ٿي عِيد ويندي،
ڏيهنِ ڪي ريس ڏِيندي - پَر پيٽي پِڪ آوهان جي.

٦- اِئين آوهــان جو ٿاني - پَانيــان نہ زِندگــانـي،
جِيئن آهہ جَزِيل جَاني - چِند جو ڇُڪ آوهان جي.

٧- دَولت دُنيــا تہ چَاهي - تڪ سَاهہ سِر تي ٿاهي،
اَعجاز وَٽ جو آهــي - آهـي مِلــڪ آوهــان جي.

قلم: مُونکي مَست رَهڻو پَئي ٿو، توڙي دل مُنهنجي ڦٽيل آ،
ڳَڻين زَخمَ پِيا چِڪن پَن، هَر زَخم جَنُ چُٽيل آ.

۱- هتي مَرهمن جي حاجت، نَکا ڪَنهن جي دَم دُعا جي
مُنهن جي دَرد غَم جي صُورت، غَمِ عام کان مَٽيل آ.

۲- هَئي دَم دِيوانگيءَ جو، دانهيان آئون وَٽي جي دَر دَر
مَستانگي مُنهن جيءَ جو، پوءِ تہ مَرتبو گهٽيل آ.

۳- جيڪي داغ ڦٽ هِجر جا، اهي وَصل ڇَهوريا ويتر
تہ فِراق پاڻ نيان لُرحت، حُب ملڻ کان هٽيل آ.

۴- مُون سان حَال پُرسي ڪَرڙي، مُنهنجي پاس خاطري چو
مُنهن جي شخصيت بہ ڇاهي، مُنهنجو ڳٽ بہ ڇا ڳٽيل آ.

۵- ڪِل مُک مُجن اعجازا، مُنهن جي طَبع ۾ آ شامل،
ڪِٿي ڪَنهن سان مُنهن ڳُنجائڻ، اِهو لِکيو هِت لِٽيل آ.

قلم: توسان دِل جي آهه تہ پريت صنم، تُون چَوين نہ چَوين دُکيا چَوندي،
مَن مُنهنجي جو بہ تہ تون مُحرم، تُون چَوين نہ چَوين دُکيا چَوندي.

۱- تُنهنجي پُرس صُورت جو پُوڄاري آهيان، اِنهي ذَوق ۾ ڦيو تہ زُکاري آهيان،
ديدار ئي تُنهنجو بَندگي آهہ، تُون چَوين نہ چَوين دُکيا چَوندي.

۲- تُنهنجي ناز و آدا تي نِثار آئُون، تُنهنجي جور و جَفا تي بَهار آئُون،
تُنهنجي سَنگ دِليءَ جو مُونکي قَسم، تُون چَوين نہ چَوين دُکيا چَوندي.

۳- مُون هِجر فراق جا صَدما سَنا، مُون وَصل وِصال جا جَلوا ڏِٺا،
مَعنيٰ خيز تَکهن آ منهنجو نَظم، تُون چَوين نہ چَوين دُکيا چَوندي.

۴- جو مُنهنجو قَدم سو آ تُنهنجو قَدم، جو آ مُنهنجو دَم سو آ تنهنجو دَم،
هَر مُنهنجي گُمان سَان آهين بَهم، تُون چَوين نہ چَوين دُکيا چَوندي.

۵- مُنهنجي جان بہ تُون مُنهنجو جِيءُ بہ تُون، مُنهنجي شعر و سُخن جو قوِيءُ بہ تُون،
وَالله سَچو آ مُنهنجو وَهم، تُون چَوين نہ چَوين دُکيا چَوندي.

۶- نکي پَلُ تون پري نکي پَلُ مَان پَري، نَکي تُنهنجي سَري نَکي مُنهنجي سَري،
هِڪ ٻئي جي سَواءِ جَن آهيون عَدم، تُون چَوين نہ چَوين دُکيا چَوندي.

۷- مِن پاڳل دِل جا پُور نہ پُڇ، جي سَلَّنا کُرنهن سي سُور نہ پُڇ،
اَعجاز جو پوءِ جا رَهندو پَرم، تُون چَوين نہ چَوين دُکيا چَوندي.

قلم: ھِي ءِ دِل ڳانءِ ڦرندي ڳانءَ - توڙي لک ڏيو تہ بيان،

۱- يار ڪيو سون ياريگانو - ياد ھُوندو دِل جان،

۲- فَاذْكُرُونِيْ اَذْكُرْكُمْ - آن آيت تي ايمان،

۳- مَسجد ۾ جن مِٿيا ڦيريا - تن صَحي نہ ڪيو سُبحان،

۴- مُلن جا مسئلا مَطلب وارا - مطلب جا مروان،

۵- مُوڙھيل مست جا ڪِين ٿا ڄاڻن - اعجاز عليؒ جو شان،

قلم: اِنھي سُھڻل ڪي آھي دِل ڦرڻ جي مَرضي،
دِيد ۾ وينو ديد ھُئي، ڪين ڇڏيندو خُود غرضي،

۱- ڏھ ڏھ پيرا ڏينھن ۾، ڳئين ٿو ويس ڪَري،
سيندَ ڪَڍي سُرمون وجھي، دَرسني سامھون ڏَري،
ڦَريو پوي ٿو ڪيس ڪَرڻ، ڪَم اُٿس اِھو فرضي،

۲- بِرھ بَچڻ لاءِ ھَر ھَر، ھيرا ڦيرا ڏي ٿو،
ڇوھَئون چِنيو ھُئي اَڪرِيون، چرڪ ۽ ڇيرا ڏي ٿو،
نِت نَيون تجويزون سِٽي، ناز ڪَري طرحين طِرزي،

۳- تَرليو رُخ تي بيٺي، خَلتي زُلف خمِ خم،
مُرغ دلين مرڪيس دامِ پاير ٿئي دمِ دم،
لاڪن جو اِھو لاڏ پسي، لئون لئون مُنھن جي لرزي،

۴- اعجاز چوي آئون ڇاھيان، آھڙي فسونگر اڳيان،
مَنڊِ اِنھي جي مَحبت جو، ماٺو پانيو مَتان،
ڪوڙئين ڪُوپا ڦلندس ڦُرب ڏيئي ڳيئين فرضي،

ٺلهه: جَنهن دِلبر سان دِل مُنهن جي لڳي، تَنهن سَڄڻ ڏني ڪيئي سال ٿيم،
ساري ساري اُنهي کي راتو ڏينهان، روئي روئي اکڙيون لال ٿيم.

١- ڏسان آئون جڏهن تو آئينو کڻي، پَنهن جي پاڻ سُڄاڻي نه صُورت سڱهان،
ڦِري رُخ جو وَرق رَنگ رُوپ وِيم، سِڪي هئي هئي هَهڙا حَال ٿيم.

٢- سَواءِ پياري پرين، پَرديسي جي، هِت مَن پر پائڻ لاءِ هينئن،
هِڪ نام سَندس ٿيو وِرد وُنهر ونڊ، ٻِي وات نه ڪائي مَقال ٿيم.

٣- اِهو ڄاڻي تو جَنهن سان لڳي، نه تـه دِل جي لڳيءَ کي ڄاڻي نه ڪو،
تَنهن کي ظاهر ڪَرڻ به مَحال ٿيم، تَنهن کي مَخفي رکڻ به مَحال ٿيم.

٤- هِن جَرح جُدائيءَ واري لاءِ، اعجاز چئي ڏس ڪَنهن کان پُڇان،
جيڪي دَرمان دَرمل دارون ڪيم سي ته ويتر جِيءَ لاءِ جَنجال ٿيم.

ٺلهه: ڪيوسُون دِل گُهريو ديدار- وَڪيوسُون سُٺي جو سينگار.

١- مُحب جو تجلو طُور مثل هو، مُنهن مَحفوظي مَياداَر.

٢- آبرو تير تَرار تکيرا، ظاهر زور کُهن ذُوالفقار.

٣- اکڙيون عَجيب جون ڪيف ڪَجل سان، آور عَجب اِسرار.

٤- زُلف اعجاز ذَر ذَر زِيادهه، ٿي چمڪيا چَمبڪ چلتيدار.

جَرح: ڦٽُ: زَخم

ٿلھ: دِل چوٽ چَري ڪَئي چشمن جي، آئون نہ سگھان ساسَنيوري.

١- ويچن تہ وَيتر وَھلور ڪَئي آ، چاڪ چَري، جا تہ چوري.

٢- پِيار وَھيٺي، ڪي پِيار ڏَئي ڪو، چاھي چتاري چتوري.

٣- چَار گھڙيون چَار چشمي ڪَري ڪَنھن، زَخمي ڪَيس ظُلمي زوري.

٤- جَن ڪَئي دِيواني تَن جي پَسڻ لِئہ، پير پَئي پَڙ مَنجھہ سوري.

٥- اُھا ڪيئن اَعجاز اِٿي سَال سَئين دِل، جنھن کي ھَر روز جھوري ڪا جھوري.

ٿلھ: ڳَر وَيس وڳا مُون کي وَڻ وَڻ وَڻ- ڪَسي دِل تہ مُنھن جي اِئين ڳڻ ڳڻ ڳڻ.

١- تو کي وَيس هُجن تہ وِصالي هُجن، مَن مُجتبا سُھڻا مِثالي هُجن،
لئہ دَار لقائي لاَ اُبالي هُجن، ڏِسي چَئي پوءِ ڏيئين مُنھنجو بَڻ بَڻ بَڻ.

٢- تُوتي نَظر پوي دِل بَھار ٿئي، مُونتي طَاري وَجد ويرو تار ٿئي،
تُنھنجو آھڙو سُھڻا سِينگار ٿئي، لَڳين شاھُ حُسن جو جَڻ جَڻ جَڻ.

٣- چا چَوان تہ سچي ٿيو چا آھين آچ، سِڪُون سَھسين سچڻ پيو لاھين آچ،
ڪَنھن ٿمر پَڪل جِيئڻ آھين آچ، آچي مُنھن جي جَھولي، ۾ جَڻ جَڻ جَڻ.

٤- ھِيئڻ چَوندس آئون حِجاب بِنان، مَھڪايا چَمن تو نقاب بِنان،
موتيو مُشڪ عَنبر گُلاب حِنا، تُنھن جي رُخ جي پَسيني جو ڪَڻ ڪَڻ ڪَڻ.

٥- مُنھن جي دِل جو آھين ٿُون ئي ڏُٿيل، چت چَاھ سَان چَاھيل چُوندِ چُنيل،
اَعجاز کي ڪَرنھي پِيو ڪو وَٽيل، وَٽيو تُنھن کي وَريو وَريو وَڻ وَڻ وَڻ.

قلم: لڱم دل کي لکن مان هڪ- ڳيم سو منتخب سُهٽو،
صنم صُورت ۾ مَن مُهٽو، عجب سُهٽو غضب سُهٽو.

۱- هزارن ۾ ٻـــ هُو پُڏرو- تـــ پَارن ۾ ٻـــ هُو پُڏرو،
سُونهارن ۾ ٻـ هُو پُڏرو- سِينگاريل روز شب سُهٽو.

۲- پَنِيا سِرڪي پيشانيءِ پيا- حَرم ڪَعبو حَيراني ٿِيا،
تَجلا رُخ نهانيءَ ڪَيا- ڏِٺم چهرو اَليِ سُهٽو.

۳- نَخل طُوبيٰ ٻُڃائي قد- ڇَڏيو پَنهنجو لڃائي قد،
صَنم مُنهنجو سوائي قد- صفا ڇَنِ ساڳو رَب سُهٽو.

۴- سَجڻ آهڙو شڪيل آهي- مَٽس هَر بُت خجيل آهي،
ڏِنس جنهن سو عَليل آهي- بِيمارن جو ٻرِطب سُهٽو.

۵- پرينءِ جو حُسن جي ڏسندين- وِڃائي حوصلو وهندين،
صُمٌ بُڪمٌ ٿي اُت ڪُسندين- اِهو ڄاڻي ڪَسب سُهٽو.

۶- ڳَندو جيڪو طَلب ڄَا شيءِ- اُنهي کي ٿي مِلي سَا شيءِ،
مِلي جَنهن سان نہ ٻي ڪَا شيءِ- ڳيم آهڙو طَلب سُهٽو.

۷- چشم ڪلنا ڪٽي وينو- وَٽيو اعجاز وَٽي وينو،
اَندر دِل کي هَٽي وينو- نَيڻن سان نِت نَقب سُهٽو.

ٿلهه: مَحبوب تو مَـحايو، آڇي ٺامَ ۾ آسان ڪي،
دِل جان سان ٺاسائِي، هن دامَ ۾ آسان ڪي.

١- سَمجهُـون سَچَن سَڏائـي، سَاغر صُراحي چائـي،
مَدهوش ڪِئين بَـنائـي، هِڪ جامَ ۾ آسـان ڪـي.

٢- وَنخن ۾ پائـي ويڙهي نيـڻـن ڪـان بَنجي نـيڙو،
جِيءُ ۾ مَچائـي جهيـڙو، وِڌـي گامَ ۾ آسـان ڪـي.

٣- ٺانگا ٿِياسون نِسري، نِت ٺانهِ ڏانهن نِڪري،
وِيا وَرهيـه ڪيـئـي گُذري، ماتامَ ۾ آسـان ڪـي.

٤- ڪَيڏا نه ٿورا ڪَيا آٿئي، ڏس ڪنهن پَلا ڏسيا آٿئي،
ڏک سُور مـوڪليـا آٿئي، انـعـامَ ۾ آسـان ڪـي.

٥- اُلـٽـو تـو عِشق لايـو، سَمـجهـڻ ۾ اِئين آيـو،
هِت آهـي تـو رَهـايـو، انـجامَ ۾ آسـان ڪـي.

٦- اعجاز چَـي چا هـائـي، جاٿـو ڪـو راز جائـي،
بيـحـد ڪَيو آٿئي آٿي، بَدعامَ ۾ آسان ڪي.

تلم: يارجو تصوّر ڪندي، تصوير وڃي دل تي ٿي،
سا سدا سامهون اکين جي، راهبر ٿي آ رهي.

۱- ٿو رهان آئون رات ڏينهان، محو تنهن جي حُسن ۾،
هجر جي هيبات حشري، مونجهه مَن تان وڃي لهي.

۲- فاذڪروني ۽ جي فهم سان، دل اکين معراج ڪيو،
حال همذاتي ڳُليو آ، ويا ٻُڏي آمر و نهي.

۳- سُرخ ساقي سُرخ ساغر، سُرخ مِينا سُرخ مئي،
سُرخرو ٿي تنهن مَنجهان، سُرڪي پيئم سِڪ جي صحي.

۴- آهي هي اعجاز سڀ ڪم، عشق حضرت جو ڪيل،
جو ڏِسڻ ڪان هو ڏُوراهون، سو ڏِٺم پَر ۾ پهي.

تلم: دِل تي چوي دِلبر تُنهنجو مرڪڻ چُمان- تُنهنجو مُرڪڻ چُمان ٻولڻ ٻهڪڻ چُمان.

۱- رُخ ۽ رُخسار[۱] تُنهنجا گلابي رُوءِ تي- نين مستانا تنهنجا عُنابي[۲] رُوءِ تي،
چُمي چمڪڻ ٻنهي جو وري ڇهڻ چُمان.

۲- زُلف چوڙي تو تڙ دِليون ڪيون ماندڙيون- رنگا رنگي رُخ تي سي رهِ رهِ ڪن راندڙيون،
اهو اُلجهڻ انهن جو ۽ سُلجهڻ چُمان.

۳- عاشق اَلمست[۳] جي منهن ڏي يلغار[۴] ڪي- ڪولي ڍڪ نقاب ۾ نہ ابرو تلوار ڪي،
سيني سِر سا سنگاءَ تہ سٽڪڻ چُمان.

۴- اعجاز جو آهين سُهڻا چين تون آرام تُون- پِري پيارا پيار سان ڏي وصل جو جام تون،
تنهن جي هٿ واري جام جو ڇلڪڻ چُمان.

---

(۱) رخسار: ڳل (۲) عنابي: عناب ميءَ ڳاڙهو بير جيڪو ٿئي ٿو، ان سان تشبيهه (ڳاڙهي رنگ جهڙي)
(۳) المست: مدهوش، محو (۴) يلغار: ڪاهه ڪرڻ

ٽلم: مُونکي تو وَٽان پيو سڀ مِليو- مليو نه هڪ دِل جو ٽِران،
اِن دَرد غم سَوداء ۾- رُکندو رَهيس آئون زار و زار.

۱- شَملا شَهنشاهي مِليا- القاب بَرالاهي مِليا،
وَهوا وَارا بـ واهي مِليا- پَر ڪو نـ مِليو غمگسار.

۲- ڪٿين طعام تازا تَر بَتر- ڪٿين سَبز ميوا سَر بَسر،
ڪٿين پَٽ پَٽيهر زَر زيور- سيجون پلنگ تَڪيا هزار.

۳- مِٺا ۽ طعنا ڏک ڏنئي- تِن سان دُنيائي سڪ ڏنئي،
سُٺا سلوٽا مَک ڏنئي- ڏنئي نـ اهو ڀَريون پيار.

۴- حاضر مَنزل مَيخان آ- ساز و سُرود سامان آ،
افسوس هي ارمان آ- نـاهي فقط دِلدار يار.

۵- اعجاز ڇـو جاهل هُئس، نـاسمجهـ نـاقابل هُئس،
ٽُنهنجو مگر گهائل هُئس، ذاتي صِفاتي ڄاتي سَنيار.

ٽلم: تو کي الم دِل ڏني ڏني اظهار ٿي- سارو سَڄڻ هي لوڪ سِڪائي.

۱- سُنگ سَنگت ۽ ساٿ ٽُنهنجو، وٺُم پيرن کان ٻني ٻني- اِظهار ٿي.

۲- لڳ لاڳاپا لِحاظ لڙا سڀ، ڇڪيم تـو لاءِ ڇني ڇني- اِظهار ٿي.

۳- رَمزون پَنهنجون پَاڻ ٿـا ڄاڻون، ٻول ٻُڌاسون ٻنهي ٻنهي- اِظهار ٿي.

۴- وَقت مِلڻ جي مُنهن جي مَنهين، بُوند بَهار جي ٻني ٻني- اِظهار ٿي.

۵- وَصل ٽُنهن جي مان سُٺل سائين، دل آ اعجاز جي وَني وَني- اِظهار ٿي.

وَني وَني: رَڱي رَڱي، ڪنوار

قلم ءِ دل مَن پُڇي جي نينهن لَايان ها تہ هو چگو،
پَرديسيءَ سان نہ پيچ پَايان ها تہ هو چگو.

۱- پَنهنجو ٿي جَنهنکي ڄاتم، سو ٿان پَرايو هو،
ان بيوفا سان پيار، ڪرڻ ئي اجايو هو،
پَنهنجو نہ آئون تنهنکي، پَانيان ها تہ هو چگو.

۲- گُذري ٿو وقت ڪِيئن سو، ڏَايان ڇا آئون ڇڪي،
پَڇتايان ٿو پيو مان، خبر ڪانہ اڳ پئي،
سِر برهہ جو نہ ٻَان ڇايان ها تہ هو چگو.

۳- هي آهون دانهون ءِ هي، حشر آهي هَر گهڙي،
هِن زندگيءَ جي ساٿيءَ، سواءِ ٿي زندگي ڪڙي،
هَڙي ڪِيئن ڪان زَهر کايان ها تہ هو چگو.

۴- دلبر ويو تہ دِل بہ وئي، ڪَنهنکي ڇوان وَڃي،
مُون ڏي مِڙئي مَيان، مُون آهي خطا مَڃي،
سَمجهي جي دِل جو سودو، ڏَايان ها تہ هو چگو.

۵- اعجاز ڪيڏو عشق ۾، ڏِس آئون عليل ٿيس،
ڪولي اندر جو راڻ خوار و ذليل ٿيس،
گُجهہ هي گهيلو ٿي، نہ ڳَايان ها تہ هو چگو.

قلم: مُنهن جي دِل جو آهي دارون مٺا تُنهن جي دِيد تنهنجو دِيدارُ ڙو،
پَنهن جي نام لَڳ مُون سان لايو اَڄ پَنهن جي نَين جو تہ نظارُ ڙو.

۱- مُون ڏي ڪَنهن بہ طَورِ نهار پيو مُنهن جي جُنون کي تون چِيار پيو،
جيڪو ناز ڏارين سو ڏار پيو، آهي ناز هَر تنهنجو پيارُ ڙو.

۲- سَواءِ تو آ مُونکي پَوا نہ رِهي، پَانيان آئون پَوا بہ رَوا نہ رِهي،
مُون لاءِ سوچ لوچ دَوا نہ رِهي، آهيان بِرهہ جو آئون بيمارُ ڙو.

۳- مُنهنجو تُون سَجڻ مُنهنجو تُون صَنم، مُنهنجو پير مُغان تون مُحترم،
مُونکي گُهرجي دِلبر دَم بدَم، تُنهن جي سُونهن صُورت جو سَهارُ ڙو.

۴- توکي آئون ڏسيو ٿو خُمار جان، رِيءِ بَهار جي ٿو بَهار جان،
تُنهن جي مَوهہ ۾ ٿو مَلهار جان، پَايو پيچ تو سان نيارُ ڙو.

۵- تُنهن جي حُسن تي ٿي نَظر پوي، ٿِي ذات ۽ صفت جي خَبر پوي،
دَردن غمن ۾ ٿي گَر پوي، ٿو اُڙهہ بہ ٿئي گُلزارُ ڙو.

۶- اَعجاز چئي اهو قُرب ڪَر، مِلي مون سان مُنهن جو ٿي عُمر پَر،
مُدت کان آهيان آئون مُنتظر، اَڄ ڪَر تون هي اقرارُ ڙو.

قلم: دِل سان دِلبر دِل ملي، اُلڪو جُدائيءَ جو ٿئو،
هِڪ حال ٿِيو هِڪ خيال ٿيو، حَق هيڪڙائيءَ جو ٿئو.

۱- پيچ پَاتاسُون پَڪا، پَڪ پيار پَنهنجو ويو وَڌي،
ڏک ڏُنجهہ ۾ گُڏڪنو هَن گَر ڪيتائيءَ جو ٿئو.

۲- سُور غم هڪ ٻئي سَندا، سِر تي گَنياسون سَت ڀَڏي،
پَاڻ تان اِلزام پيارا، بيوفائيءَ جو ٿئو.

۳- بُود ٿيو نابود بلڪل، بيخوديءَ ۾ ٿا رَهون،
پَنهن جي دامن تان ٽِڪي، اَڄ خود نُمائيءَ جو ٿئو.

۴- دَم بدَم اَعجاز چئي، جاني آهيون گَڏ جابجا،
تہ بہ نہ هِن جڳ کي شُبهہ پَنهن جي جُدائيءَ جو ٿئو.

ٿلهه: پيار ڪيوسون پيارل توسان، پُڄي دِل جي ٿارَ لاءِ،
پَر توکان اِهائي يار پُني، جو ٻاريُجي دِل کي ٻارڻ لاءِ.

١- واعدا وَرتئي قَسم کائيئي، ٿولين ٻولين بَردو بَنائيئي،
هَٽَ نہ آسان ريءِ ٻيو ڪو آيئي، عِشق جي گھاٽَ اُتارڻ لاءِ.

٢- آسان تي سَمجھيو توکي عَجب تہ نِکري پئين پر تون سِتمگر[1]،
ڏانهن اِها ڏيون هاڻي گهڙي ڏَنہ سُھڻو بَنئين ڪهڙي ڳارڻ لاءِ.

٣- خَطا آسان کان ڪِي بہ اها جو سُوال ڪيوسون توکي وڪا جو،
وڪا ڇڏي ڪيئي وَس جَفا جو، پَنهن جي ڏاڍ ڏيکارڻ لاءِ.

٤- جُوين حُسن جَواني جَاني، مُنڌ اِها مَستاني جَاني،
سُڌ ٻُڌ کان انجاني جَاني، ٻَتَل نہ آغم ٽارڻ لاءِ.

٥- سَھوَ[2] بہ ناهي ڏوهہ بہ ناهي، ويسر ٻولو آپوجهڻ آهي،
سِينو آپوجهڻ سان جو سَاهي، ڇڄي ڇا تنهنکي ٽيارڻ لاءِ.

٦- غَير لاءِ سِينو سَخت ئي ڪونهي، ڇڱو آسان سان رَبط[3] ئي ڪونهي،
پِرت جو آج ڪلهہ وَقت ئي ڪونهي، اَعجاز ٻُليو پِرت پارڻ لاءِ.

(١) سِتمگر: پٿر دل، ظلم ڪندڙ (٢) سَھوَ: ڀُل (٣) رَبط: واسطو

تلمه: دِل پُراڻي پرت ڳاري، دِل مڃايان پَر نہ مِيان،
نِيڻن ڪَنهن صُورت نئين جو، يار لايان پَر نہ مِيان.

١- هِڪ يا ٻن ڏينهن جي، حاجت مُڇي ها تہ ٻہ چڱو،
هِت تہ روزيا مِي سَڀ آڇاڻي، ڪيس لايان پَر نہ مِيان.

٢- جَان ۾ دِل ۾ جِگر ۾، جِند سڄيءَ ڪي جا لڳي،
بِرهہ واري باهہ سا هَئي هَئي اُجهايان پَر نہ مِيان.

٣- مُنهن مٺو جَنهن جو نہ مُور ڏٺو، ڇيهہ ڇيڙو مُون ڏنو،
ڳالهہ تنهن ڳُجهڙيءَ ڪي آئون، ڳچ ڪي ڳايان پَر نہ مِيان.

٤- نئينءَ صُورت ڪي آهہ اڄ ڳلهہ، نئين صُورت جي نت تلاش،
مِي پوءِ سِيڪنڊ هَٿ صُورت ڪِيئن وڪايان پَر نہ مِيان.

٥- مُنهن لڪيرون سِيرون سِيرون، لَحمِ ليڙون ڇَمر ڇَهڻ،
جوت جوڀن جَر جوانيءَ، جو جوڙايان پَر نہ مِيان.

٦- سَڀ پُراڻو ساڻو ڳاڻو پيچ پُرزو آ سَندم،
ڏس ڳاهاڙيءَ جو مِليم سو ڳس پُڄايان پَر نہ مِيان.

٧- جِي ڏڪي اِستاتِ ڏِيان تہ ٻہ، سپُر هاءِ وي ماڻيان،
ڪئين سَڏون آهن اي خاڪي، سَڏ ڳا لاهيان پَر نہ مِيان.

نوٽ: هي ڪلام سائين اعجاز جو ناهيل آهي. ناليِ واري مصرع ۾ استاد محمد صابن "خاڪي" جو نالو ڏيئي سندن همت افزائي ڪرڻ فرمائي اٿن.

ٿلهه: قلب مُنهنجي کي ڦريبا، ڇو کپي ڪوري وڌئي،
چاڪ ويتر مُون چريءَ جا، چِر ڪري چوري وڌئي.

۱- ڪِين تو ڄاتئين طبيبا، ماٽ ڪر مُونکي مَرچون،
نِيڻن جي ناسور کي، ناحق وَري جهوري وڌئي.

۲- جِن ڏکن جي ڏور کان، مُنهنجا ڏکيا ٿي ڏوهه ميان،
تِن ڏکن جي ڏور آخر ڏاهه سان ڏوري وڌئي.

۳- تو مُون ڪِيون ٿي مام ۾، مَحبات وَاريون ٻاتڙيون،
سي لڪائيئي ڪين مُورهن، عام سان آوري وڌئي.

۴- آهي ڇڪ تُنهنجي اعجازا، آهون دانهون ڪِيم ڪَن،
جِيئن ڏنو هوءِ يار تيئن، گهر سر نئي گهوري وڌئي.

ٿلهه: دِل ڪان ٻاسي ٿاهيان مان- دِل ۾ ڳول ته آهيان مان.

۱- دِل سان مِلنديين مِلنداسون- مِلڻ نه دِل ريءَ چاهيان مان.

۲- هِي شعر نه آ حقيقت آ- ناهه ٺٺوڪو ٿاهيان مان.

۳- جيڏهن ڳاهيان تيڏهن تو- دِل جي رَستي ڳاهيان مان.

۴- جَنهن ڏي رڪان ته ٽوڙ نباهيان- هڪ لحظو سِڪ نه لاهيان مان.

۵- جو ڳجهه ڄاڻان دِل کان ڄاڻان- سِينو نه ڪنهن سان ساهيان مان.

۶- دِل جو پياسي دِل جو واسي- دِلهو ساسي آهيان مان.

۷- جي پيار ڏيندين ته وٺنديين پيار- هَن ٿون سوچ ته چاهيان مان.

۸- مُنهنجون مَوجون ڇا ڏسنديين- وِيرون عشق جون واهيان مان.

۹- هِيا سَڀ ڏاهيان ڪعبه مگر- دِل جو ڪعبو نه ڏاهيان مان.

۱۰- اکين جي ٻه تر دِل سان اعجازا- راندرهان ۽ راهيان مان.

ٿلھ: آيِ دِل گهريا دِلبر مُنهنجا، آهن عجب آرا ٽُنهنجا،
تعريف جي لائق ڏٺم لک لاڏ ڳئين لاڙا ٽُنهنجا.

١- چقمق چشم چهرو غضب، پنبٽين جو تت پهرو غضب،
آهن وري ٺهرو غضب، ڳاڳل ڳُنڍا ڳارا ٽُنهنجا.

٢- اي حُسن جا تابُوتڙا، خُوبين سان سنوريل خُوبڙا،
مُون تي ٿيا محبوبڙا، ماڻا اِهي مارا ٽُنهنجا.

٣- مِرگهن[1] ۾ تنهنجي ڳالھ آ، هنبوڻ[2] ۾ حيرت حال آ،
ڪُونجن کي سِک اچ ڳالھ آ، ڪَبڪُن[3] ٽِڪيا چارا ٽُنهنجا.

٤- مُرڪي نظر مُون ڏي تون ڪن، ۽ ڳاٽِلڻ جي ميچ هڻ،
چاهيان ٿو آئون چپڙا چُمڻ، مِٺڙا مِٺين وارا ٽُنهنجا.

٥- اعجاز چئي تو سان وري، مٿ ڪِيئن ٿِيندا بُت مرمري،
توکي ڏِسي جيڪا پري، بيشڪ ٿئي ٺعرا ٽُنهنجا.

(١) مرگهن: هرڻ (٢) هنبون: ميهن وساڙا (٣) ڪبڪ: تِتُن چڪور

قلم: سَنگ دل کي دِل ڏنيَمِ ڇا ڳيم. پيار پٿر کان پنيَمِ ڇا ڳيم.

١- سِک پَري جَنهن دِل سُجاتي ڳانڍ ڳا. ڇا نه ڇا تنهن لاءِ ڳيَمِ ڇا ڳيم.

٢- جو صَنَمِ خاني فقط سُونهي صَنَم. تنهن کي جانِ مَن چيَمِ ڇا ڳيم.

٣- مُنهنجي ليکي مُنهنجو آهين تُون مگر. پاڻ کي دوکو ڏنَمِ ڇا ڳيم.

٤- مُلحظو ظاهر جي روشن کان ڳيم. ڇو نه ماڻهن جيئن رُڪَمِ ڇا ڳيم.

٥- بيوفا جي بيوفائيءَ کي ڏسي. صَبر جو روزو پڳَمِ ڇا ڳيم.

٦- جي نِجانا پيدا ٿيا ناتا عجب. سي ڇنم ڪنهن لاءِ ڇنمِ ڇا ڳيم.

٧- رَشک ٿي بس رَشک ۾ جلندو وتان. دَمِ مجازي جو ٿنيمِ ڇا ڳيم.

٨- آج تڪهن هَرهک تمنا ٽڙيي پئي. جو مقدر کي تڪيمِ ڇا ڳيم.

٩- عِشق جي ۽ حُسن جي اعجاز چئي. عُمر پَر عزت رکيَہ ِ هي ڇا ڳيم.

ٹلم: دِل وَاٹ ويندي ٿو جَهٽي، وَهہ دِلبر ٿُنهنجي جَماتي،
هي ۽ هَاڻ نہ رِوسري ڱَهٽي، وَهہ دِلبر ٿُنهنجي جَماتي.

١- عَجب اِهو آ ڪِيٺن آچانڪ، اکيون اکين سَان آڙيون،
آڙيون تہ آڙيون اهڙيون ٿي، جو جَان جِگر ۾ جڙيون،
ڪون تو سان لڳي لڄ ٿي، وَهہ دِلبر ٿُنهنجي جَماتي.

٢- ٿڪي ديد دُنالي شايد، پوءِ دَري تو ڪولي،
دَري ۽ گُلن سان عاشق هن لاءِ، حَال تہ ٿي وَئي هولي،
رَنگ خُوب لڳو اڪ پِٽي، وَهہ دِلبر ٿُنهنجي جَماتي.

٣- دُنيا ٿي ڳولي دَولت کي، ٿُون ٿو ڳولين دِل وارا،
پِيار سَچي ۽ ڪُوڙي جي، پَرک پئي آ ڄ پيارا،
دِل مُنهن جي ڪَيئي ڪَسوٽي، وَهہ دِلبر ٿُنهنجي جَماتي.

٤- صُورت پِياري پيارا ٿُنهن جي، نَظر نِيائن وَاري،
لک لک وَاري تو تان صَدقي، جَاني جِند هي ۽ سَاري،
تو حُسن ۾ بَازي ڱَٽي، وَهہ دِلبر ٿُنهنجي جَماتي.

٥- اکيون ٿُنهنجون ٿمر اڳيئي، وَري شوق ڪَجل ڦرمايئي،
اعجاز جي موهن لاءِ اهو ڏايو ڍَنگ بَنايئي،
هِت ڪَيڏي پٽيسُون ڦٽي، وَهہ دِلبر ٿُنهنجي جَماتي.

ٿلهه: دل گهرئي دلدار جو - ديدار ڏيو آج اوچتو،
ناز پريو ناز مان - ترار ڏيو آج اوچتو.

١- سڪ وچان پردو کنيو - نازڪ بدن آيو نظر،
آمهون سامهون اک اڙي - اقرار ڏيو آج اوچتو.

٢- حُسن تابش سان نرمل - نينهن جون نوڪون سچي،
عاشقن آڏو آچي - اظهار ڏيو آج اوچتو.

٣- جيئن جهٽي ڏو باز چڙڪي - تيئن جهٽي ويو مُحب دل،
هي ٿهر مون سان آهي - يار ڏيو آج اوچتو.

٤- جان پري جاني قدم - مُرڪي هليو تان مُون ڏٺو،
طُور جي تجلي مثل - چمڪار ڏيو آج اوچتو.

٥- تير پالي جي بجاءِ - آج گهور گهنڊ سان گڏوري،
سيف ابروءِ جو سندم - سردار ڏيو آج اوچتو.

٦- دل وٺي ۽ دل ڏيئي هيئن - دلربا دلبر چيو،
واهه جو اعجاز هي - واپار ڏيو آج اوچتو.

ٿلهه: دم دم توکي ياد ڪيو دل - واڳون تنهنجون واجهائي.

١- آهي سچو تنهنجو عشق اويڙو - پري نه مونکان اٿس مونسان جهيڙو،
ڪير تنهن کي پرچائي.

٢- ڪيئن آ الائجي توسان اڙي دل - جادوءِ ڪهڙي سان تو آجڙي دل،
ڏسڻ نه ڀٽي ڪنهن ڏي پائي.

٣- پيار ڏٺي وئين دل منهنجي ڪاري - صحبت تنهنجي ساريو ساري،
پر ۾ تو لاءِ نالون پائي.

٤- دل کي اعجاز چئي گهڻون سمجهاير - ياد تنهنجيءَ کان روڪي رهاير،
تہ بہ چاهه نئي تونان چائي.

قلم: مِلايو ساز ڇيڙيو ڪل ڪِل. مچايو محبت جي محفل.

١. ڪُلفت مان ڪُجھ ڪين ڪمائبو، ناتو نڀائبو رس نہ ڦٽائبو،
فيض رَبوبي ٿلھن پرائبو، جڳھن ڦبو بسمل.

٢. نُصرت نياز سچائي ڏاريو، وهم ڀيائيءَ وارا وساريو،
حق جو نعرو هر هر ماريو، ڪُوڙ جا ٿيو قاتل.

٣. پير مُغان جي پرت ۾ پچجي، چڙهي نظاري نينهن جي نچجي،
عِشق واريءَ آڏيءَ تي اچجي، سِڪڙي رکي مُڪمل.

٤. ڪير ملون آ ڪير موالي، ڪير صوفي آ ڪير ڪلالي،
سڀڪو آهڪ دَرجو سوالي، پر پنھنجيءَ ۾ پڪپل.

٥. لوڪ ڪري پڪي ٽوڪون روڪون، پر نہ ڦٽائبيون پيار جون جھوڪون،
جيءَ جيءَ ڪري ڏبيون جڳ سان جوڳون، اعجاز چوي ٺھل.

قلم: محبت آ وکر آهڙو، سودائيندين ڪمائيندين،
هيئين سان جي محبت ڪي، هنڍائيندين ڪمائيندين.

١. محبت ۾ سچائي جو وکائي جو وچن وٺندئي،
وچن ڏئي سو وچن پاري پڄائيندين ڪمائيندين.

٢. محبت ريءَ وکر هيا سڀ، وڃن آخر پُراڻا ٿيو،
محبت آ فقط نت نئين، وهائيندين ڪمائيندين.

٣. ڏجائون ڏن خزانا ڪئين، لٽائيندين ويندا لٽجي،
محبت جيئن لٽائيندي وڌائيندين ڪمائيندين.

٤. محبت ڪي حڪايت چئي، حقيقت ڪان نہ غافل ٿي،
سچيءَ دل سان محبت ڪرڄ لائيندين ڪمائيندين.

٥. محبت ٿيو وڃي اعجاز، محبت ڪي نہ ويندي آ،
محبت چيز نا ياب آ، جي پائيندين ڪمائيندين.

ٿلهه: آهي مَحبت چيز عجيب. پَر ڪَنهن ڪَنهن ٿئي ٿي نَصيب.

١. مَحبت غَرض عَرض کان آجي، مَحبت قَرض فَرض کان آجي،
مَحبت دَرد مَرض کان آجي، آ مَحبت پاڻ طَبيب.

٢. مَحبت اَنبيائن مِيراث، مَحبت اوليائن مِيراث،
مَحبت غُربائن مِيراث، مَحبت مُربن جي تَرغيب.

٣. مَحبت ۾ سڀ ڪاڄ ٿين ٿا، مَحبت ۾ ڏڄ ڏاڄ ٿين ٿا،
مَحبت ۾ مَعراڄ ٿين ٿا، مَحبت جي آهنج حَبيب.

٤. مَحبت غَير رِيائيءَ کان پاڪ، مَحبت بي حَيائيءَ کان پاڪ،
مَحبت روڳ رِيائيءَ کان پاڪ، خَفا مَحبت کان ڇو خَطيب.

٥. مَحبت ۾ ڪو جهيڙو نه جَنگ، مَحبت ۾ ڪو ضِد نه زَنگ،
مَحبت ۾ ڪو ڪَنهن کان نه تَنگ، مَحبت وُسعت ۾ بي حَسيب.

٦. مَحبت هيري ڦيري نه ڄاڻي، مَحبت تيري ميري نه ڄاڻي،
مَحبت وير ۽ ويري نه ڄاڻي، مَحبت جي نه نَظر رَقيب.

٧. مَحبت سوئي آهه ڦَمر، سُرو اڏوهي نه جَنهن کي گهنگهر،
ذات مَحبت جي آ اُمر، تو ڙي ڇاڙهيوس نيئي صَڪيب.

٨. مَحبت چئوس جي اُلفت چئوس، اُنس چئوس جي چاهت چئوس،
پرت پريت جي پاهت چئوس، چئوس اعجاز! چئوس وَري ب.

تلھ: مَحبت ۾ جيڪي مُيون مُيون - سي ھِڪَي جڳ جِيئنديون،
ھِڪَي جڳ جِيئنديون پَڙَا پيئنديون.

١- هَوت جي هَردم حضُور ۾ - جَيڪي هُونديون ئي هُيون.

٢- سِڪ سان ثابت سِريون جن جون - سُوريءَ تي تُوسُيون.

٣- پَنھنجي آندر مان پَان کي لوڏي - دُور ڪَيون جن دُيون.

٤- آڇي اعجاز ترارين وِچ ۾ - تڪبيرون جن چيُون.

قلم: مَحبت ۾ جيڪي مُيون مُيون - سي ٻَئي جڳ جِيئنديون،
ٻَئي جڳ جِيئنديون پَنڙا پيئنديون.

۱- هَوت جي هَردم حُضور ۾ - جَيڪي هُونديون ٿُي هُيون.

۲- سِڪ سَان ثَابت سِريون جن جون - سُوريءَ تي توسُيون.

۳- پَنهنجي اَندر مان پَاڻ ڪي لوڏي - دُور ڪَيون جن دُيون.

۴- آڇي اعجاز تَرارين وِچ ۾ - تَڪبيرون جِن چَيون.

ٺلهه: اک ۾ ڳاني عِشق جي ڳڙ، ڀاڻ سَينگارڻ ڳان پوءِ،
دَرسَني دِل وَاري ڏِس ٿُون، ڏِيد دِل ڏارڻ ڳان پوءِ.

١- ڳَنهن ٻہ عَاشق ڳانہ ڳَئي آ، ڳَلهن آزادي قبول،
زُلف جي ڳاري ڪَمند بَند ۾، گهڙي گهارڻ ڳان پوءِ.

٢- ناز بَرداريءَ ۾ آهي، قيس مَجنني جو ڪَمال،
بَاغ ٿي بَرسِر بَهاريون بَر ۾ بِيهَارڻ ڳان پوءِ.

٣- دِل پَسند ڪو عڪ ڏُٺي، دِلبر ڀَلي پَنهنجو بَناءِ،
ڳَر نہ ٿنهن جِي ڳَا شِڪايت، ٿَنهن جي آزارڻ ڳان پوءِ.

٤- سُو بَسُو سَنسار سَڀ، ڏُنهنجو ڳَندا سَرَ سَرَ سَلام،
واعدي قَالُوا بَلَيٰ تي سَاهہ سِر وَارڻ ڳان پوءِ.

٥- مَعرفت واري ٿَامائِن، مَوج مَت عارف عُشاق،
مُوٽُوا اِقبِل آنت مُوٽُن، ڀَرِ انهيءَ پَارڻ ڳان پوءِ.

٦- ڀَاڻ سِينگارڻ سَنوارڻ، مَرڪ مُشتاقن جو نَاهہ،
سُونهي سُهڻن کي سَجاوٽ، سَاہ سِڪ ڏارڻ ڳان پوءِ.

٧- مُنهنجي خَطا سَهو غَلطي، ڳَاہ سَاقي ڪِيم ليڪ،
پَنهنجي پڪ پِيالي ۾ پَائي، پِيالي ٿنهن پِيارڻ ڳان پوءِ.

٨- بَارُ آ آزار آ، بَيگَارُ آ اعجَاز هَاڻ،
جَان جِند جي ڳَنءَ ڳَنتِي جَان جِند ڳَارڻ ڳان پوءِ.

ٿلهه: آسين يارَ سڄڻ جي اکڙين لاءِ، آهيون کيل تماشو ڏري ڏري،
پَريو ڏُناليون ڊِيدن واريون، ڇکي ٿو ماشو[1] ڏري ڏري.

۱- شَوقُ سڄڻ جو شاهہ شاهاڻو- حُسن جو هَٽ ۾ مُلڪ ۾ ماڻو،
بِرهہ وارن لاءِ وتي بيراڻو[2] - ٻچي ٿو باشو[3] ڏري ڏري.

۲- ڳُوپا ڳُونڌر تکي تاڙي- بانڪا ٻهادر ونگي واڙي،
سُوري، چاڙهي گهاٽي چاڙهي- رت ٽلاشو ڏري ڏري.

۳- ڪٿهن ٺهر جو ڪجل اکين ۾- ڪٿهن سحر جو ڪنول اکين ۾،
ڪٿهن مَهر جو مشعل اکين ۾- خُوبَ ۾ خاشو ڏري ڏري.

۴- بِرهہ جون ٻاهيون لڳن لايرن- واءِ اعجاز ٿيون وِلِيُون[4] وايون،
ڄان جِسم کان جُدا ٿا پانيون- ٻُت ٿيو لاشو ڏري ڏري.

ٿلهه: ٿُنهنجي اکين جا تيرَ نيٺ چڙهي پيا ڄاني جگر ۾.

۱- وَهوا ناز ٿُنهنجو نهارن، مُرڪي اسالڪ گزرُو مارن،
سيگهہ ڪري وجهہ سِينَ ٿُنکي لڳي پِيو ساسِي پَدر ۾.

۲- ڏالي خُدا جي يارَ پيارا، ڦِتي ڦُري دِل ڳَرنہ ڪِنارا،
سُرت آئِر نہ سُڏيِر، پَريشان آهيان فِراقِ نکر ۾.

۳- سُرمون پائي سُٺين اکين ۾، ڳَئين تہ ڳُنا تو ڳُهمندي ڳَمتين ۾،
پَنڊت پير فَقير، دِلگير ڪَيا اٿئي ساري دهر ۾.

۴- اعجاز چَوي پَرديسي آهيون، هتي هَميشہ رَهڻ وارا ناهيون،
اوچتو ٿياسون آسير، سَختي نہ ڏي سُهڻا ايڏي سفر ۾.

---

(۱) ماشو: بندوق جو گهوڙو (۲) بيراڻو: شڪار جي تلاش ۾ حملو ڪرڻ
(۳) باشو: باز (۴) وِلِيُون: جنوني، ديوانگي

ٿلھ: ٿنھن جي مَست اکين تي مُلڪ ڇڪن- ڇاتن جي اڳيان آهو نين لڳن.

١- مُلڪان مُلڪ تنھنجي اکڙين جا مُئل، ڪئين عاشق ڳوِيا ڳُرندڙ ڳُئل،
مَاٺھو ته مَاٺھو پَر مُحب مِٺل، جي پھاڙ پَسن ته پَاٺي ٿي پَون.

٢- آفغان عَمان اِيران ڇوان، خَرطوم خَتن خَاڪان ڇوان،
هِندُ پاڪ پشن پَرستان ڇَوان، يُونان ڇوان يَثرب ڪي يَمن.

٣- مَديَريون اکيون مَتواليون اِهي، آئٽي پرت وَارن لاءِ پَاليون اِهي،
لاباليون اِهي بَرحاليون اِهي، ڳوڙئين ڳيف پِيالا ڳڌھ لھن.

٤- آهڙي ڪجل ۾ آڳاران ڪِٿي، آهڙي لعلُن ۾ لالان ڪِٿي،
آهڙي عام اکين ۾ آڄان ڪِٿي، جيئن تنھنجون اکيون ٿيون رمزڪن.

٥- لِيئن سَانِ لُٽيُون لاهوت وَجي، جڙ حُسن جِيءَ سان جَبروت وَجي،
هَٿي بَان بَدٺُون ملڪوت وَجي، ناسوت نمايو ناز ٿيون ڪَن.

٦- ٿُنھنجي اکڙين جي جَلون عِشوَن ڳان، ٿُنھنجي اکين جي غَلبَن دلبن ڪان،
ٿُنھنجي اکين جي عَرصن صَدمن ڪان، دِل وارا سَڄڻ ٿا دِيوان ٿھن.

٧- جن اکين مَوهيو سَڀ جَھان سڄڻ، آئون تن تان تِيان ڦُربان سَڄڻ،
ڦگان وارو ڦرمان سَڄڻ، اعجاز چَوي صَحي صَاف آئن.

ٿلھ: اکين واري ناتي - ڏاڍي چوٽ چاڙھي،
اھو درد لاشڪ - ڪندو نئين پچاڙي.

١- ڪيئن وس ھزارين ته ھي خيال منجي - چڙھي ويو جو دل تي نئو حال منجي،
دارون ڏب ته ھن لاءِ آھن جن اماڙي.

٢- اکين سان اکين جو ملڻ ٿيو اچانک - ٻنهي طرفين مرڪڻ کلڻ ٿيو اچانک،
لڳي جي، ڪي اُن دم اُتان جڙ ڪا چاڙي.

٣- ڇڪيو عشق ظالم رکي رت نه مون ۾ - جوين جوت وارو ٻه ست آت نه مون ۾،
صُورت سُونهن ساري سِڪڻ سِڪ اُجاڙي.

٤- مزو موج چاچي، امن عيش چاھي - لڳي جيڪا ڪون سا ڦوري ڳالھ ناھي،
مُون لاءِ ھر ڪا محفل سواءِ يار ٻاڙي.

٥- جتي سا سرجي آ اعجاز بازي - اُتي عاشقن ريءَ ٿيندو ڪير غازي،
ڏِسڻ ڏک اُنھن جو آھي ڪم ڏماڙي.

ٿلھ: آئين سُٺا سِينگاري اکيُون اکيون - ڪجل واري ڪج رِيھ سان.

١- اکين سِينگارڻ جو قابل آھين - ڏاڍو سياڻو قاتل آھين،
جھڙيون تيغُون ناھي تو رکيُون رکيُون.

٢- ھِڪ ته سارو سچ منجھن آ - ٻيو ته مجازي مچ منجھن آ،
پيڙ لاکي سي بکيُون بکيُون.

٣- ھکي ٻاجھاريُون مُرک واريُون - لُٽون لُٽون لڳيُون پيچي پياريُون،
ٻان ھکي سي ھکيُون ھکيُون.

٤- ھر ھر مُونکي شھيد ڪن ٿيون - سک سکڻ ڏيو خريد ڪن ٿيون،
لوڪ اعجاز! نه لکيُون لکيُون.

ٿلهه: ڏسي ڏسي تو لاءِ سُٺا- اکيون وهيون نار ٿي نار ٿي،
آئين ڪونه ٿون، ڪري ڏانهون دل يار پڪي.

١- ٽکي گام وٺي ٽکي طعام وٺي، ٽکي صُبح وٺي ٽکي شام وٺي،
آنٽئي پهر عشق ۾ پيارا، ٿنهنجو نام وٺي،
نامِ خُدا جي وچ هڪ وار ٿي هڪ وار ٿي.

٢- مُون کي ته اوهان ڏنا سُور ٿوان، سي ڪهڙا چئي وري ڪهڙا چوان،
ڏکيو گُذران ٿيڙو، راتو ڏينهان بيومان رُئان،
مري نه وڃان ڪٿي بيمار ٿي بيمار ٿي.

٣- اڄ يار سچا دِلدار سچا، مُنهن جي محبت جا منٺار سچا،
ڪر اعجاز علي سان اِقرار سچا،
مُنهن جو دوست دلي دِلدار ٿي دِلدار ٿي.

ٿلهه: آڙي ته اکيُون مُنهنجون پٽيون پٽيون- لٿون نه ڪٿي وري لاٿن لاٿن.

١- آرُ اکين اُن يار جو ڪيڙو، ڪڙي خيال اُنهيءَ ۾ ڪُٽيون ڪُٽيون.

٢- ڇهڇن ڇهوري نند نه نيٽين، پڪي نڪت نهاريان ڪُٽيون ڪٽيون.

٣- وِرهه واري ويڻي وسايان- ڇوڙي ڇڪيد سِر ڇٽيون ڇٽيون.

٤- عشق وارن تان اعجاز علي ڇکي، لوڪ ميارون لٽيون لٽيون.

ٿلهه: تُنهنجون مَست مُغانيون مورُ اکيون، ڏاڍي حُسن وَاريون گهنگهور اکيون.

۱- جاهِي جوت حُسن سان جَلال پَرِيُون- خاصي خُوءِ خُنک سان خصال پريون،
ڪَج آبرو ڪمان سان ڪَمال پَريون- سَدا قتل ڪوڏيون تہ ڳور اکيون.

۲- آهِي سُرمون ڪَجل بہ تہ شَان سَندُن- بِنا سُرمي ڪَجل بہ تہ مان ڳهن،
هَر طَرح دِليون حَيران رکن- اِهي ڪَاريون ڪَاريون پَنيور اکيون.

۳- تُنهنجي اکڙين جا جَلوا بہ سُونَهن- تُنهنجي اکڙين جا پَردا بہ سُونهن،
تُنهنجي اکڙين جا ڏکيا بہ سُونهن- آهن پيون بہ مگر تُنهنجون آور اکيون.

۴- اِهي اکَمَ آڙنگ سَانُ ٻَڪي- اِهي سَانونَ سَارنگ سَان ٻَڪي؛
اِهي رُوپَ عَجب رَنگ سَان ٻَڪي- بيباڪ بَري باشرر اکيون.

۵- نَڪا نرگس گُلاب ۾ آهڙي وَنا- نَڪا مَشعل چَراغ ۾ آهڙي سَخا،
نَڪا الماسن ۾ آهڙي ڪَلا- آهڙيون ڏاريون اٿئي شهزور اکيون.

۶- ڏني جَن جي قلب ٿو قرار وَٺي- ري پيتي خُمر جي خُمار وَٺي،
اعجاز جيسين ديدار وٺي- تيسين تُون نہ ڪيڏهن اِهي چور اکيون.

ٿلهه: جَن اکين آئون آهيان مَاري، تَن اکين ري، جِيئنديس ڪانہ.

۱- يَاد پَون جَنهن دَم اُهيئي، وِسريو وَڃن پيا ڪَم سَيئي،
نِيرُ وَهايو وَسايان وَاري.

۲- پَاپي اکيون سي پَردي واريون، مُون جَهڙيون تن لکين مَاريون،
هَئي ٿهرِجي ڪَيف ڳاري.

۳- سج لِهي وِيا ڪَئين سارينڌي، رَيئُون گُذريون هَنجهون هارينڌي،
ڳانہ ڏنائون وَري ڳا ڏيکاري.

۴- عِشق اکين جي ڳَي آپجائي، ويئي جَلي مُنهنجي جوت جُوائي،
ڳرجي اعجازا ٿيس ويچاري.

ٿلهه: چقمق اکيون ڇھڻي وَيون، ڳھٽِي موڙيھ پَرنا مُڙيون،
سُرمان پائي سينگارجي، دِل جي کسڻ لاءِ ٿيون ڳڙيون.

١- ڳُنڍيون ڳکوريل ڳارڙيون، مِرگهن ڳنان مُوچارڙيون،
لغڙن وانگي ٿِي وارڙيون، ڳامون ڪري ڪوڏيون ڳڙيون.

٢- نت تُير مڙگن جا ٽکي، اِيندي وِيندي وڏئون ڏکي،
اُستاد ڳنهن پاڙهيون پکي لوڪان لِکي تڏهين لڙيون.

٣- مارڻ لِئہ آيون ٿِيون رَهن، اِن آرتان مُشڪل لَهن،
مَيچُون ڏِيو مُرڪيو ڪُهن، چٽريون اٿن ڪي چالڙيون.

٤- وَکي لڳي سِر ساھہ سان، اُدمان اُٿيا هَر آهہ سان،
اعجاز ڇٽي الله سان، آهن اهي چِتِ ڪِٽِ رڙيون.

ٿلهه: دلبر ڪشيا اکين جا- پَيڪان اِيندي وِيندي،
ماريو وَريو ٿو ماري- مَهمان اِيندي وِيندي.

١- خُوني خَنجر ڳنيائين- عاشق قتل ڪَيائين،
حَملا ڪري هَنيائين- سَريان اِيندي وِيندي.

٢- نازڪ سو ناز پَرور- ڳُونتر پرين قداوَر،
ڳُهورن سان ڳهائي هَر هَر- جُنگ جُوان اِيندي وِيندي.

٣- سُهڻي جا زُلف خَم خَم- ڏِس دام وانگي ڊَم دَم،
ڪَن ٿا هَزارين حاڪم- زِندان اِيندي وِيندي.

٤- ظالم زوراور ٿِئي ٿو- اعجاز جي دِل ٿئي ٿو،
سُورن سَندا ڏِئي ٿو- سامان اِيندي وِيندي.

زندان: قيد

قلم: کلي جو اکڙيون ڳنيڳي - جهڙو جادو ڪو ڪيڳي،
ٿي وِيُس هوش کان بيهوش صنم والله.

١- پهرين نظر سان عقلِ هوشُ ڇڏايُئي،
بيخود بہ بڻايئي مُونکي بيوس بہ بڻايئي.

٢- هڪ پل بہ ڪيئن هان نہ ٿير نگاهون،
ترساءِ نکي هان هي تڙپاءِ نگاهون.

٣- تُنهن جي نہ برابر پانيان جنت جا نظارا،
صُورت مِڙني تنهن جي آهڙو حُسنِ نگارا.

٤- پيتم ترِ پيا بہ مئي جا پيمان هزارين،
پر تُنهن جي اکين وارو نشو آهي ٻِي پارين.

٥- اعجاز چوي مُون ڏي نِهاري تون ورِي کلُ،
محبوب آهڙيءَ ريت مُون سان روزُ پيو تون مِل.

قلم: هڪ مِٺڙيون مٺڙيون ڳالهيون تُنهنجون، پيو ناز پِريونِ اکيون مارن ٿيون،
آسين عاشق آهڙيون وصفون ڏسي، پوءِ ڪِيئن نہ سڄڻ سِر ساهَ ڏيون.

١- تُون ڄاڻين نہ ڄاڻين يار مِنا، ساري ڄان آسان جي تُنهنجي آ،
محروم نہ ڪر پنهنجي پيار کان تُون، پري پيالو وصل جو ڏي ترپيون.

٢- پاڻهي پاڻ سِينگاري پاڻ آئين، پنهنجو پاڻ ڏِيکارڻ ناز ڪري،
اِنهي چال تُنهنجيءَ جي پڪي نہ خبر، دِلدار لُٽي ڪِيئن دِلڙي وِيون.

٣- ٿي ساٿي دِل قيد ويئي، تُنهن جي دام زُلفن منجهہ سدا،
ڪُون ترتيو آهين هرجائي مِنا، ڪِيئن توريءَ جانب هان جِيون.

٤- ڏاڍي عِشق تُنهن جي جي ڳالهہ هلي، هر جاءِ آهي اعجاز ڳئي،
ڏِينهن رات اکس تاري تات تُنهن جي، ڇڏي يار ڏٺئين بس ڳالهيون پيون.

قلم: جيئن وَٽي تيئن پيا مُون ڏي تون نِهار. گهُمند پائي يا ڪِلي اکڙيون ڏيکار.

۱. مُنهنجي نيڻن تُنهنجي نيڻن جو مِلڻ. تو هزارن کي بَنائي حِرص وار.

۲. تُون ءُ تُنهنجا ناز نخرا مُون کي وَڻن. تو وڌايو پاڻ پَنهنجو بار بار.

۳. تُون نِهاريندين تہ تو کي ڪنهن جو خَوف. عاشقن جو آهين عاشق آشڪار.

۴. ڪَر پيارڻ کان نہ بَس اي ساقيا. نظر سان يا جام سان پَر پيو پيار.

۵. دِل جي چيري هي ءِ ڏسين آ داغ داغ. ڪئي نہ ڪي ڪنهن تو ڪئي آ داغدار.

۶. ڪولي مُنهن مُون سان مِلين يا مُنهن ڍَڪين. هَر ادا تُنهنجي تي دِل مُنهنجي بَهار.

۷. جهڙو سُٺو پاڻ تون تهڙيون اکيون. مَوت مُنهنجو بَخش ٿئي پيو موهِ مار.

۸. جا نظر تُنهنجي ڏٺم سا لاجواب. هَر نظر ۾ راز پوشيده هزار.

۹. آهين ڪُل مُختيار تُون اعجاز چئي. يا محبت يا تُون نفرت اختيار.

قلم: گول گلولا اکين وارا. چائين تو تہ چئين تو يار.

۱. ڪون تہ کُسين تو کلهين ڪنهن مان. سَيڪنهن ڏانهن سڏين تو يار.

۲. تُون نِشاني باز نِرالو. دليون تَڪهن تہ لٽين تو يار.

۳. زور پَريا هَٿيو زاريون ڪرائين. هَٿندي ڪون تہ ڪُٽين تو يار.

۴. زُلفن واري ءِ سُوري ءِ سان. نِرگهٽ نِڙيون گهُٽين تو يار.

۵. جا ڪَٽين تو جا وَڪين تو ڪيڏا نہ پاپ ڪَٽين تو يار.

۶. تُو وٽ گِلول رتول رنگينا. هيايون تن سان هَڻين تو يار.

۷. اِنهي ءِ ڪري اعجاز عَلي چئي. ميندڙي تان نہ هَٽين تو يار.

قلم: مُحب سان اکڙيون ترِت مِلنديون رهيون،
پَر اُميدون دِل سَنديون جَلنديون رهيون.

۱- ڪِيئن وفا جو هان ڪَنهن سان پَرجي دَم،
لک وفائون جا بجا لُڙهنديون رهيون.

۲- آسرو رکجي پوءِ اُت چو پيار جو،
گُلفتون جِت پيار کي کُهنديون رهيون.

۳- دوستيءَ جي ناتي کان دِل ٿي ڳَئي،
دوستيون اَڄ ڳلهه گُندبيون ٿينديون رهيون.

۴- هيڪڙائي ڇا ڪندي يڪائيءَ اکيان،
هستيون يڪائي کي ڇِلهن، جهُڪنديون رهيون.

۵- ڪُوڙ جو چن وَٽ قدر سچ جو نه مُون،
سَڀ اُنهن کي ڳالهيون ڦهنديون رهيون.

۶- ڪي ترِنڪ ۾ تار مان ٽريو وڃن،
ڪي ته ڪشتيون پر ڪپر ٻُڏنديون رهيون.

۷- ڇا اکين جي آس مٿي اعجازِ ڏس،
ڇا اکيون هي دَم بدم ڏسنديون رهيون.

ٿلھ: مِن تہ اکين جا آڙنگ آگم کير پُسي.

۱- گوڙن ۽ گمسانن سان مَست گگن وانگي،
اکن عَجيبن وَاري بَرسن اوڙک اورانگي،
اُت اوِهيرن سَان سندن چورِهي چاٽ وَسي.

۲- نِيِنھن نِظارا آوس، نگين سِج کَن توان،
سَارنگ سَانوڻ سَدائين، مَنجھہ مَلھار چوان،
ھُن بُوند بَھار جا، گُسن گاھہ پُسي.

۳- سِک اُکَند اکڙين جي، کِين اُکائي ڪَنھين،
سائي سَوائي آنھي، کِين کُومائي ڪنھين،
خُوءِ خُماري تِنھن جي، تاڙين ٽُنرِين هَسي.

۴- اکيون عُشاقن وَاريون کَن توحيدي وَسون،
کَکر گاپاري تَن جا، لاهِن قلبن کُسون،
کَونہ آعجازا کر ٽَڙُ، رکن مَنجھہ تَسي.

ٺلم: سَچن ٺُنھنجون سُٺيون- آھن ڏَنگُ اکيون،
ڪِٿان لاٿي آيون- اِھو رَنگ اکيون.

١- اُنِ جَن ڪي پيتل- تَديون مَٽي جون نِياريون،
مگر مُحب آھن- خُمرِي ءِ خُماريون،
رکيو رَمز وارو- وَٽن رنگ اکيون.

٢- حُسن سان ھَر ھَر- دِليون دَست ڪَن ٿِيون،
سَچو مُلڪ سارو- موھيو مَست ڪَن ٿِيون،
مِجازي حَقيقي- ھَٿن ڏَنگ اکيون.

٣- چَڪھين ٿِيون تہ جَن سان- پُورو پيچُ پَائن،
تَوڙان توڙ تَن سان- نَيھِي ٿِيو نِيائن،
اَڙُن جو بہ جَائن- اِھو آنگ اکيون.

٤- پَلڪي لڪ پيو ڪو- جَھاڙا پَاڙھا آئي،
ڏَرو ڪونہ وَرندس- مَولي پاڪ جَائي،
رکيو وَصل وارو- وَٽن ڍَنگ اکيون.

٥- گھوريان گھور گَھڙي- اِنھن آڳون اکين ٿان،
اکين جي اعجازا- وِصالي وِڳن تان،
مِليو جي مِلن ٿيون- ڪَريو تَنگ اکيون.

تلمه: اکڙيون آڙايون جن، سي تہ ڳُريئون ڪاف ڪين،
صُمٌ بُڪمٌ[1] عُميٌ ٿي، ڪنهن جي ڪانہ ٻُڌن.

١- ڪَن دُور درازي پـنـڌ پـهـاڙي، پِريَن پارچِين،
پاڻ پَٽوڙيو پَٿرن سان ڪَيو، پڳهر پاڻي پِين،
لُڇي لڪـن بہ لغوٌ[2] لغوٌ ٿي، وِنـدر منـجهہ وڙڪن.

٢- فَرض فَرمـودا[3] ڦاٿـق جا، سُئـي ِفراقـي ڦرڪـن،
صُورت سُڃاڻي ساهي سِرڙو، سُوري ءِلاءِ سَنـبرن،
عاشق اڳيان معشوقن جي، اُت موت مَچيو مُرڪن.

٣- نِينهن نقارا نوبت سُئـيـو، نِرت رڪيـو نورِن،
تَن آنـدر ڪي طَبل وَڄايو، طَلبـئـون طلب مِلن،
طَواف ڪَن ٿا تابعِ ٿيـو، ڳايو پَنو مِثل پوَنـرن.

٤- چارئي پَهر چُور اُٿي ٿـيـا، ڳُـهي ڦُرب ڳڙهن،
چوٽ چڙهيو ٿي چاهہ ڪَياتون، چُر پُر ڏسيو چشمَن
اعجاز اُٿيئي عاشق ويهي، نِڪري نانگا وِيا ٽنگن.

(١) صُمٌ بُڪمٌ عُمیٌ: ٻوڙا، گونگا، آنڌا (٢) لغوٌ لغوٌ: رتو رَت

(٣) فرمودا: حُڪم فرمان

ٿلهه: ايڏو اکين ۾ خُمار- آندو ڪٿان تو يارِ پيارا.

١- جَنهن ڏي ڏِسين ٿو تنهن کي ڪَرين ٿو- رِيءَ نشي سَرشار،
عَجب لڳو سون اهو ئي دلارا.

٢- انهن اکين جو مُکھڙو نہ ڪوئي، وَري بہ ڪِلي تون نهار،
رُخ تان نقاب و ڳو تون خُدارا.

٣- عاشق ڳَن پيا آزيون نيزاريون- بي سِرِ ٿيو بازار بَان
لاڳَن تو ڪي ليل نهارا.

٤- نَيڻ نندا ڪا ٿُنهنجا ڏِسي نت- نَرگس ٿِيا تہ نثار
تُنهن جو قسم مُونکي جيءَ جا جِيارا.

٥- مَست نَظر سان مُنهن جو ڪسيو تو- صَبر چَين قرار
پَلپل پُڇان پيو تَنهن مَنتارا.

٦- اَعجاز چَوي آئون آهيان اصل کان- پياسي تُنهنجو پينار
مُنهن جي صَدا سُڻ يَثرب وارا.

ٿلهه: مَست اکيون ڏار مُنهن ۾- ڇو هُجن رَت روئنيون،
سِر گنوائڻ جي نه سِکيون- ڪيئن ڇوان سي گوٺيون.

١- هُت نه مَا زَاغَ البَصَرُ[1] سَان- ٿو نظارو ٿئي سَچو،
ڇِرڪيون ڇِنيٺيون ٿيون ڪَر- ڪُرڪيون ڪَنڌ ڪوٺيون.

٢- سر جي بَازي جت لڳي- اُت سُورهيَن جي سوڀ ٿئي،
ڄَلوا جوهر ڪَن نه پِڙ ۾- ڳوريون ڳوڙهن پُوٺيون.

٣- عَاشقن جون عشق آتش- ڳَان سَڙي اکڙيون سُڪيون،
ريج پَاڻي ۾ ڪَان چڙهي ٿيون- پَاڻ پَاڻي چُوٺيون.

٤- مُون مجازائيون ڏٺيون- اَعجَاز ڇئي اکيون اُهي،
حَال هُر ڪَنهن مَنجهه مَرڪن- خِيال خَاصي ڊوٺيون.

ٿلهه: هي ڏٺي نَازڪ ننڊ اکيون- وَٽ اکيون ڪي جاڳنيون،
وِصَل وَحدت وَاٽ ڪان- وَاقف هُجن ويراڳنيون.

١- ٿن سُکيون عَيشن بکيون- مَعراج ڪيئن مَاڻينديون،
مَا سِوَالِيُ[2] مَحبوب جي- تَعدل ڳِپن هُت تياڳنيون[3].

٢- سُکَ سمهڻ جو ساءُ ڳَڪهين- ڪين آديسين چکيو،
بِرهه سَان رَاتيون سَجيون- بِينا ڪوڙي بيراڳنيون.

٣- ڏِي اوجاڳا ڪي اکين- نه ته رَنگ پَسنديون ڪونه ڪو،
ليڪون جاڳي ڪر مُنين ڪي- لاَل لاڳي لاڳنيون.

٤- پُورجن پَڳجن پَسن- آ پرت وَارن جو پَڪو،
چَار ٿينديون يَار سان پوءِ- چلوليون ڪيئن چاڳنيون.

٥- نَازَڪن جون نِت نُه سُونهن- اَعجَاز خوابيده اکيون،
عَاشقن جون اوجِهرائيءَ- ڳان اَلڳ اوجاڳنيون.

(١) مَا زَاغَ البَصر: اک نه لڙي نه ڇنيي (٢) تياڳنيون: ترڪ ڪرڻ واريون (٣) مَا سِوَالِيُ: محبوب کان سواءِ

تلهه: ڪافر اکيون محبوب جون - رُخنا وجهن ايمان ۾،
جلوا ڪري ڪجلين ڪيا - فتنا ڪڙا جيءَ جان ۾.

١- دعويٰ مُسلمانيءَ سندي - تقويٰ ٿئي صنعان جئي،
هندو صفت ظالم اکين - وڌو غلغلو گيلان ۾.

٢- ليليٰ جي لمَ لاري لڳي - ٿيو قيس مان مجنون ٿري،
آڪائي دل عاشق ويٺو - ڪيبر ڪجل جي ڪان ۾.

٣- بانڪيون ڪناريون بان ڇا - ڪِرپان خُود اکڙيون اُهي،
ڪئين جهرپ ڪ سان ڪيترا - ڪن جهاتڪا جولان ۾.

٤- لاکن نيائن نينهڙو - آهي وري تن جو عجب،
منصور سان ڏس ڪيئن ملي - مٽڪا توڙيئون ميدان ۾.

٥- تڪ سان هٿن ري، تڪ هٿن - ڳُٽيون نڪي ڪٿهين ڳسن،
چُستي چالاڪيءَ سان چُٽن - ڳهٽ ڪان ڪن نيشان ۾.

٦- جيڏهن وڃان تيڏهن سدا - سامهون اُهيئي سانوليون،
ڪاشي وڃان ڪعبي وڃان - ٿُوڙي وڃان خُمخان[1] ۾.

٧- محبت جي هڪ ملت سوا - پيا دين سڀ پيائي دُوئي،
آهڙا نسنگ نعرا آلن - نت نت علي الاعلان ۾.

٨- هر پل پهر اعجاز چئي - جن سر اکين جو مامرو،
ڪيئن تن مُنن تنهن آڌ ڪُنن - جو جيءَ لڳي قُرآن ۾.

(١) خُمخان: مٽي خانو، شراب خانو

قلم: آهن کي کي اکيون اسرار مثل- آکسير علاج اوتار مثل.

۱- اهي اکڙيون جيءِ جيارڻ ٿيون- اُهي پاڪ پيالا پيارڻ ٿيون،
تاثير عجب ڏيکارڻ ٿيون- ڪُن(۱) واري امرِ ڪردار مثل.

۲- آهڙيون تہ اهي وکيو ٿيون وٺن- ٿي نيشان بيمان يکي بان هڻن،
مَن ماري مونکي هٿ پائي کڻن- ڪلي خوش ٿي شوق شڪار مثل.

۳- بانقطي اکر جيئن "ن" بٽيو- تيئن نقش اکين گوناگون بٽيو،
بيچونِ اتي اچي چون بٽيو- صفا "ن" صورت جي سينگار مثل.

۴- مون جهڙا وکن تہ هزار آڙيا- کڙي قرب واري منجھ ٿي قطار کڙيا،
ڪن پاتا زُنار(۲) کي دار چڙهيا- کي برہ بهار يا بهار مثل.

۵- جهڙيون ٿي ٻڌير تهڙيون ٿي ڏنير- وسي وٺن ٿو اعجاز ويٺيم،
سر برهہ تني جو برسي بيٺم، مند ساڻون مينگھہ ملهار مثل.

قلم: ويڻي ويڻي اچ ورِي- اکڙين سارِيا پنهنجا سڄڻ،
پيا گڙي گوڙها ڳلن تان- جيءِ لڳو منهنجو جلڻ.

۱- منهن لڳي مرڪي ڪيا- انجام اڌ گرگر جني،
سي پرين ويڻا وساري- ڪين آيا سُد لهڻ.

۲- هت مٺيءِ جو حال هي آ- هُت پرين پرواهہ ناهہ،
سورهن ساڙي آهيان- ٻي ساهُ نيو هٿي سگهڻ.

۳- ورڪريو واري ولهيءِ ڏي- اي وسيلا واهرو،
ورهہ مٺيءِ کي آ وکوڙيو- ويا چُکي سيٺي چکڻ.

۴- ري عجيبن جي اعجاز ا- روح کي راحت نہ آهہ،
گڏ پون هي گاڏا پيتا- گڏ پون خوشيون ڪلڻ.

---

(۱) ڪُن: ٿي پؤ (۲) زُنار: هندن جي مالها

ٿلهه: پيارا پرين ٿون منهنجي اکين کان پري نه ٿي،
تنهن جي سري به ويندي، منهنجي سري نٿي.

۱- ٿون ٿي حبيب آهين منهنجو، ٿون طبيب بس،
توريء دوا ته مونکي، اثر ٻي ڪري نٿي.

۲- گهٽيئي چوان ٿو دل کي، سڃين سان ٿي سرخرو،
پر تو سواءِ ٻئي ڪنهنجي، غلامي پري نٿي.

۳- سجدو سلام توکي، سدائين ڪيو ڪندي،
والله غير ڏانهن آصل، دل وري نٿي.

۴- جا برهه جي بدن ۾، ٻني يار ٻاري تو
سا هاڻ ٺاري ڪين، ٻري پئي ڪري نٿي.

۵- روئندو ڏسي اعجاز کي، ويتر رُئاڙين ٿو،
هن من مان پوءِ به تنهنجي محبت مري نٿي.

ٿلهه: اکڙيون اکين کي ڪُرنشون ڪن، ڪُرب واري ڳاڻ ۾،
گهڙا ڳرا ڳاڙا ڏيو، پر پيچ پائن پاڻ ۾.

۱- مُرڪن ملن مستان ٿين، هڪ ٻئي ڏي دم دم ڏيان ڏين،
سِک سوز جو پيمان پين، ٽڙپن تڳن تڪ تاڻ ۾.

۲- ورچن ٺڪيون سينگار مان، درشن وصل ديدار مان،
واعدا وچن ڪن پيار مان، وندريون وڪن واڪاڻ ۾.

۳- نه آهين سانگو ساهه جو، ٻي راهه جو اوڙاهه جو،
ڏانوَن چني ڏنگ ڏاهه جو، اڙيون وڃي اوڳاڻ ۾.

۴- محبت منجهان جيڪي مليون، عاشق اهي ديدون دليون،
آهن ازل کان واڳليون، اعجاز ڏک سک ماڻ ۾.

ڪُرنشون: آزيون نيازيون

ٿلهہ: توکي پاڻي اکين ۾ توکي ڏسان - تُنھنجي پُوڄا ڪيان توسان پيار ڪيان،
تُنھنجي جلون ۾ ٿِي محو رَهان - دِل دلھاءِ ڪيان دِيدار ڪيان.

١- مهران ٿي تُنھنجي محبت ۾ - پرپُور مُدامي موجن سان،
سيراب[1] بنايان سارو جهان - گُل غُنچہ ڪيان گُلزار ڪيان.

٢- وَرِي بِرھہ تُنھنجي ۾ بادل ٿِي - بَرخيز بهارا ويس ڪيان،
جِتي حُڪم ڪَرين اُتي پَلٽي پوان - ڏاڍا جلوا ڪيان جهلڪار ڪيان.

٣- سيني سوز رکي تو سانول جو - خود ساز پوان ٿي سوز پريو،
جهَمن بہ وَهان وَڄي وَجد[2] وِجھان - سِڪ برپا ڪيان نيڻ نار ڪيان.

٤- تُنھنجي عِشق ۾ تُنھنجي امر سندو - ٻڌي ٻانھُون ٿيان تُنھنجو بردو بندو،
تُنھنجي صُورت آڏو اي حُسنِ بُتان - سَو سجدا ڪيان آذڪار ڪيان.

٥- تُنھنجي قدم قدم تي وِڇايان اکيون - تُون لتاڙي لنگھين لکين لطف پائيان،
تُنھنجا پير پيزار[3] چوڌار چُمان - لب تازا ڪيان مُشڪ بار ڪيان.

٦- مُنھنجا صنم مُون لِءِ تُون آھين ڪنول - آئون ڀونري مِثل توتي مست سدا،
آغوش ۾ تُنھنجي شام ڪَنيان، پيچ پُختا ڪيان رَد خار ڪيان.

٧- جِيئن شمع جي ٻرڪن شُعلن ۾، پروان پتنگ جو حال پرين،
تِيئن تاب سهان ۽ عذاب سهان، چِيري جلهڪا ڪيان ۽ جلهڪار ڪيان.

٨- تُنھن جي شوق ۾ اکڙيون شاميانہ ڪري - اِنتظار تُنھنجو ڪيئن زمانہ ڪيم،
اعجاز چوي اڄ جانِ جان - ٿُولاءِ ڪجلا ڪيان سينگار ڪيان.

(١) سيراب: سائو آباد　(٢) وَجد: مستي　(٣) پيزار: جُتي

ٿلهه: اکيون رَت رَت رُکيون زار و زار- آيو نہ آچ يار، ڳَرڻ مُونسان پيار،
اکيون رَت رَت رُکيون زار و زار.

١- آچ سا مُنهن جي جا ساٿي- دل دوست تو سان مُنهن جي ٿاٿي،
ايڏي دير آ تو ڇا ڳان لاٿي- پَلا گهڙي آ مون کان خطا ٿي،
آهين ياد سڄڻ هروار، لڳل تُنهن جي تار، هيئين جا هار
اکيون رَت رَت رُکيون زار و زار.

٢- تُنهن جي مُحب مَجي مون غُلامي- هر ماه مهيني مُدامي،
بي انت آهي بي آرامي- وَجي روچ ۽ رات وهامي،
ٿي ختم وَجي نہ بهار، گهڙيون کي گهار گل گلزار،
اکيون رَت رَت رُکيون زار و زار.

٣- غمگين سدا مان گذاريان- تُنهنجون راهون مان ر ، ز نهاريان،
ڏيرِ دل کي دلاسا ڏاريان- ڳُجهہ ڳوڙ ۽ ڳوڙها ڳاڙيان،
پَرائين نہ اعجاز کي مار، ملي ڳَرپيار تنهن جي آ در کار،
اکيون رَت رَت رُکيون زار و زار.

ٿلهه: اکيون هند آڙانگي آڙجي وَيون، ڪانهي جاءِ ڪُڇڻ جي ڦابو ڪڙجي وَيون.

١- اکيون جاٿي آڙيون ٿاٿي رَحم نہ آ، سَواءِ ڪار قتل جي ٻيو ڪم تہ آ،
سک چَين آرام کو دم نہ آ، گهٽ گهات گهورن جي ۽ گهڙجي وَيون.

٢- اکيون ڪيئن اتين آزاد ڏينديون، ڪنهن داد پائي خوش شاد ڏينديون،
راتو ڏينهان وَٺن فرياد ڪنديون، جيءَ جان سُوڏيون جيڪس جڙجي وَيون.

٣- اکيون سوز سِکڻ سڄ ساڙي وڌيون، سُک سُتر وڃائي چِٽ چاڙهي وڌيون،
جيڏهن لوک نہ وَڃڻو اوڏهن لاڙي وڌيون، مَٿن ڪيئي ملامتون مڙهجي وَيون.

٤- آهي عشق آهڙو کو اوکو اديون، واهي لاشک مرنديس نيٽين نير نديون،
اعجاز عليءَ جي برهہ بنديون، ٻيون ڳالهيون تڏهان ڪر دل مان تڙجي وَيون.

ٹلم: چُست چٽُر چالاڪ اکيون، چوري زوري وٺن لڙنديون.

١- آهون واهون راهون ٻنديو- ٽالا ٽاڙيون ٽاڪ اکيون،
چوري زوري وٺن لڙنديون.

٢- چَرغن[1] وانگي چنگل پايو ڪن- چِت چيھاڙيون چاڪ اکيون،
چوري زوري وٺن لڙنديون.

٣- بِرھ وارين ٻچين سان سي- بي ڌڙڪ بي باڪ اکيون،
چوري زوري وٺن لڙنديون.

٤- حُسن جي جلوي سان هميشه- هر جاءِ ڳدائن هاڪ اکيون،
چوري زوري وٺن لڙنديون.

٥- خُون عُشاقن وارو پسند ڪن- خاطر پنهن جي خوراڪ اکيون،
چوري زوري وٺن لڙنديون.

٦- آرڌاين سان اعجاز اداڻن- هوش عقل ادراڪ[2] اکيون،
چوري زوري وٺن لڙنديون.

(١) چَرغن: شڪري يا باز جو قسم، شڪاري پکي (٢) ادراڪ: عقل، سمجھ

ٿلهه: ڳرُ ڳارُ پيو جان ڪنيو ٿئو، آڄ ته آکڙين سان ڏنگين،
پيو ته ڀڄڻ يار ڀڄڪيو، ڀنگ ڀاڻ سان ڀنگين.

١- تير تُنهن جي ڪان اتفاقًا، جو ٻچي ٿو تنهن ڪي ٿون،
وَرِ ڏيو وارن گھنڊڙيدارن، ڪيس ڳارن سان وَنگين.

٢- مَرد مانجهي موهيو مارين، ڳاڪ مُومل جي مِثال،
هِڪ ته آنگ تن جا آنگين، پيو سَر درَن سِرڙا ٽَنگين.

٣- سوڙهي گھٽ سَڀ ڪنهن سان ڪن، لَايو چِلن سِر ساه جي،
تيئن سِڪيون تُنهن جون اکيون، جيئن ٿُون نڪو ڪنهن ڪان سَنگين.

٤- جيئن نعاريو هيٺ ڍارين، تيئن تو ماريو نعوڙين،
ڍار آهڙي ٿو اکين جي، ڏنگ گهڙي لاءِ ڏنگين.

٥- هيري پارس ڪان به وڌ، پيارا پرين تُنهنجو پَسن،
راضپي سان رُوحَ ڏئي، جَنهن ڏي ڏسين تنهنڪي رنگين.

٦- ڪئين ڏنم اعجاز چَئي، تَنهن جي مِلن لاءِ مُنتظر،
خُوش نَصيب آهي اُهو آڄ، مُحب جَنهن ڪي تون مَنگين.

سُوڙهي: سختي، تڪليف

ٺلهه: مُنهن جي ڇَڳيءَ نه اکيون هي مُنهنجون مُڙيون - پَنهنجو ديس ڇڏي پَرديس آڙيون.

١- پاڻ مُرادو پاڻ وڃي سي، لا خَبر ٿي ڏِس تہ لَڙيون.

٢- پيچ اکڙين پاتو اُتي آ، ڏاڍ ڪريو جِت ڏِين تڙيون.

٣- آڻ مَيو وَٺي وِره وِيٺيون، سير نَکي کي وَرتئون ڏَڙيون.

٤- درد انهيءَ ۾ دلڙي ويچاري، روز ڪري ٿي ريهون رڙيون.

٥- گهورن ۾ جي گهارڻ آيون، ڪِيئن سي گُذر ٿين هاڻ گهڙيون.

٦- سُور پِرايئون ڪِيڏا تہ اعجازا، ٿَرِ بہ نہ آجان ٿيون سَمجهن سڙيون.

ٺلهہ: اکڙيون عَجيب جون آڄ- جَهڙيون جُريون جُريون،
هڪ جَهلڪ ساڻ ڪَيِن هِت- جانيون جُهريون جُهريون.

١- ڪِن عاشقن تہ آسرو- سِر تان گَئي ڇڏيو،
ڪِن سِر بَخم ٿي نيٺ- پَناهون گُهريون گهريون.

٢- پَرپُٺ حواس ٿِي وِيا- تَن جا ٿِيا پَتان،
جَنکي اکيون آڇي آهي- هِينئڙي هُريون هُريون.

٣- هڪ ٻِن جي ڳالهہ ڪانهي- ڏانهون ٿا ڪَن هزار،
ڦَورو ٿا جِيئن ڦُريون ڪَن- تِيئن ڪَن ڦُريون ڦُريون.

٤- هَر ڪَنهن جي هُج ۾ حاجَت- هَرگز نہ هن اکين سان،
مانجهي مَتير گُهرجن- هِت کي ڏُريون ڏُريون.

٥- کُمندي نہ ٿِياس ڪو ڪَن- ڪَجليون کُنڊيون کُنڊيون،
ڪَنهن جا پُڇِن نہ جاڻن- پاڙا پُريون پُريون.

٦- اعجاز ساڻ هَردم- لَڙنديون آڇِن آجان،
ڇَگجن تہ اکيون پَر- آهن زُريون زُريون.

زُريون: شڪاري پکي

ٿلھ: ڏاڍو نينھن نيڻن جو لڳو، لاھي ڇڏيم سانگو سِر ساھ جو.

١- نيڻ پَسي ھُو رنت نِرالا - پي پريمي پاڪ پيالا،
سوز جو پاتم سڳو - وجي مُشرب ٿيس عِشق شاھ جو.

٢- ڪاڏي وئي تسبيح ڪاڏي وئي طاعت - ڪاڏي وئي لڄ ڪاڏي لياقت،
ياد صنم آھي رڳو، مونکي قسم آھي ته الله جو.

٣- تڪي مسجد تڪي بُتخاني - يار مليو سون منجھ مئيخاني،
توڙي دين ڪُفر جو لڳو - آسان درشن ڪيو دلخواھ جو.

٤- عِشق اعجازؔ آيو الستي - مان حُلاجي موج ۾ مستي،
سيڙھو سنڌو سِڪ پڳو - وِرھ وڌو ونگ واھ جو.

ٿلھ: مون سي ڏِنا نيڻ او جيڏيون ڙي، ڏِني جن جي لڱون لڱون ڳري ڳري پئي.

١- گهُريا مون جيئي، مِليا مون سيئي، اکيان اکين جي اَلم اُھيئي،
وِسريم ڳاڌا ڪين، او جيڏيون ڙي، مُنھنجي ديد درشن ڪري ڪري پئي.

٢- نظاري نيڻن جي برھ بچايم، پريم ٿنگر جو گشت ڪرايم،
مَن ٿيم وانگي ميڻ، او جيڏيون ڙي، آھڙي جوت نيڻن ۾ ٻري ٻري پئي.

٣- اُنھن نيڻن کي وِساري نہ وِھنديس، ڏِسڻ رِيءَ تن جي گهڙي پَل نہ سھنديس،
سھنديس سوين ويڻ او جيڏيون ڙي، وَڪيءَ سِڪ سان دل تن گهُري گهُري پئي.

٤- ٻال جتنيءَ ڳان لڳم ٻاڻ جن جو، اَلم اڄ ٻہ اعجازؔ سوز ساڻ تن جو،
سي نيڻ سڄڻ سيڻ او جيڏيون ڙي، ڏسڻ تن جو دِل ھيءَ سري سري پئي.

تلمح: ڳي سُٺا مُٺا ڳڻا نين قابل، آچي ويٺين مَحفل ۾ مُون لاءِ ٿي قاتل.

١- هاسيڪار آئين سَينگاري نيٽن کي- موهڻ ناز مرڪڻ سيڪاري نيٽن کي،
ڪشش سان تن جي ڪيئي موهي مائل.

٢- ڪَمن ڳان مُنهنجي آئن سان سَيکي- ڇاٿن ڇان ٻنگ ⁽¹⁾ ٻان ⁽²⁾ گهنڊ مان سَيکي،
بَچي تن کي هَر هَر ڇهنيئي ڇان هيءِ دِل.

٣- حُسن جو ٻيڙ مَچ ڪَجل ڪَيف ڳارو- بَندي ڇارا بلڪل سو بِيٺو ٿي مارو،
ڇُرڻ اڳتي ڇُڪيو وَڙڻ پوئتي مُشڪل.

٤- بيشڪ پِيا ٻه ٽُنهن جي سِڪڻ ساڙيا هُوندا- خوابن خِيالن چوڌئين چاڙهيا هُوندا،
مگر مُونکي گهايِئي ويهي مُنهن مُقابل.

٥- چَريا نين مُنهنجا، ٽُنهنجا سَخت سِياڻا- فقط ايترو ٿو آنهن کي سُڃاڻا،
چَريو آئون نه ڇوندس ڇوَن کي پِيا پل.

٦- پَري ءِهن بزم مان وِڌئي مُون ۾ اکيون- چڪڻي ڏيهم سارو اچي مُونسان ٻکيون،
ٽِتر باز جيئن تو رکيو تو ڙان تاڙلُ.

٧- ڏِسڻ سان سُٺا پاتي سير تونئي- ڪُهي ڪُل اعجاز چئيِ ڏنا چِهير تونئي،
عَجب جهڙو ڪَيڙئي اهو شوق شامل.

ٻنگ: ٻاکر ٻان: تير

ٹلم: ڪيئن نہ هي نين اُجارا ٿيندا - ياد جو پيار تو وارا ايندا.

١- پيار ڪجن ٿا پيار ڪرڻ لاءِ - پيار وساريا نہ پيارا ويندا.

٢- ياديون تُنهنجون يار مُونکي نت - سڀ ئي سارا نظارا ڏيندا.

٣- هاڻ تہ ٿاٺن آڻن ٿا هي - ڳوڙهن پريا مُون وارا ڳيندا.

٤- ڪئي تو جُدائي پر ڪانهي جُدائي - سچ چوڻ وارا سچيارا چيندا.

٥- تو ڏي تُنهنجا چارا وڻائي - اعجاز ڪي تُنهنجا اِشارا نيندا.

ٹلم: مستانا نين تُنهنجا ڪارا ڪارا سُرمہ سا - ڪارا ڪارا سُرمہ سا - پيارا پيارا نرگسا.

١- نازڪ نقاب وارا - شرم و حجاب وارا،
حُسن و شباب سان نت - خاصي خطاب وارا.

٢- تن جو ديدار وهوا - جهاتي جهلڪار وهوا،
ڪلهن ڪجل تہ ڪلهن - سُرمون سينگارُ وهوا.

٣- جاڻن ٿا ناز ڏاڍا - رمزون ۽ راز ڏاڍا،
تکڙا تمام آهن - تيرن انداز ڏاڍا.

٤- مُونکي مخمور ڪن ٿا - مِليو مسرور ڪن ٿا،
مُنهن جي تہ موهڻ لاءِ سي - جلوا پرپور ڪن ٿا.

٥- دل ڪي پسند پيڙا - تن سان پيوند پيڙا،
اڪڙين اعجاز جي - سي ڏسي آنند ڪيڙا.

قلم: مُحب مِلو نہ مَلوالا- نين ڳي ترِ کلوالا- فام حُجت پِي ٿامي.

١- آئون تہ اوهانجو آهيان- تون ڳُرُ ٽالي ٽِلو.

٢- حُسن جوانيءَ جي صدقي- لاهي حِجاب هلو.

٣- پنهنجو پاڻ سُڄاڻي ڪريو- ٿاتو ڪيم ڏِلو.

٤- مَحشرِ ڏينهن اعجاز چوي- مُنهنجو ڪجھ ڪرِبلو.

قلم: ڳنهن جي ترِ نيڻن ڪيا اوِ نرمل، نت نِشانا نوان نوان،
سي دِل نِشينا ناز سِڪيا، دِلبرانا نوان نوان.

١- نيڻن مان ڳنهنجي جو تيرِ نڪتا، تن ۾ مَن تن ڦيا ڦيا،
نِثار ٿين تہ بہ ڦُوتان هزارين خان خانان نوان نوان.

٢- رَمز ڪجهڙي سان ڦرين ٿو، هوشمندن جا حوصلا،
ڳنهن جي ڏسڻ لاءِ ڏنم جو ڳنهن جي دَرِ ديوانا نوان نوان.

٣- هڪ تہ مائن ڳنهن جي مرهيا، ڪيا حُسن پيا هئي پڪي،
مُوهڻ لاءِ تن جي وري بنايئي مِنهن بهانا نوان نوان.

٤- آبرو بہ قاتل اکيون بہ قاتل، غمزا بہ قاتل ڳنهنجا ڏنم
پرين اکيان ڳنهن جي پيا تکهن جوان جانا نوان نوان.

٥- ڳنهن جي نِگاهِ شوق جي آخر ڪِٿي ٿيندي اِنتها،
ڳون روز شب جو ڪرين ٿو پنهنجا رازدانا نوان نوان.

٦- بيتاب ڳنهن جي ديدار ڪان ٿي، آندر مان آدمان ڳائي اکيا،
اعجاز جا هي عجيب ڳفتا عاشقانا نوان نوان.

غمزه: ناز نخرا

قلم: سُهڻي جا نينِ نينهن ۾ - ڏُوپار ٿورِ ڏسان،
۽ ڏار ڪجل جا ٻ ڏنڊا - ڏار ٿورِ ڏسان.

۱- نينهن جي نِيانءَ[1] مان - ڪڙي آيا نَشا نِبار[2]،
خُمار ٿن نيڻن جا - خُنڪ[3] دار ٿورِ ڏسان.

۲- ٻانڪا ٻ ٻانورا ٻ - ٻهادر ٻ نين هُو،
ڇرڪن ڇِپن نه ٿن وَٽ - ڪنهن وار ٿورِ ڏسان.

۳- جَنهن سان مِليا ته - زندگي پَر لاءِ مِليا ڪليا،
چقمق سي چَشم پاڻ سان - آئون چار ٿورِ ڏسان.

۴- رَت عاشقن جي سان - اِها ڏار ڪجل جي،
لَيل وِنهار يار سا - لَعلِ زار ٿورِ ڏسان.

۵- صُورت ۾ سُونهن ۾ - ۽ صِفت ذات ۾ سَچن،
پِرڪارين پارين حُسن سان - پيڪار ٿورِ ڏسان.

۶- تَرڪش[4] اکيون بَڻيون ته - بَڻيا تير پنبڻيون،
مُرچا مُچا انهن جا - جِگر پار ٿورِ ڏسان.

۷- ڪوليا جو عَنبر بار - تِلڪڙ وار دِلربا،
پَونرا مَٿن نِثار - پَتنگ وار ٿورِ ڏسان.

۸- قد آورو هو آهڙو - جو هُن جي اڳيان اڳيان،
شمشاد نَخِل طُوبيٰ - شَرم سار ٿورِ ڏسان.

۹- آهڙي ته سُهڻي ٿان - سِر اَعجاز گهورجي،
ويا گهوري ايترا جو - نه شُمار ٿورِ ڏسان.

(۱) نيانءَ: ندي، تلاءُ (۲) نِبار: پاڪ (۳) خُنڪ دار: مستي موج (۴) ترڪش: تيرن جي رکڻ جو ٿيلهو

ٿلھ: مِنا مُنھن تہ آسان سان ڳُھنجائي مِلو- مُرڪي نين نيڻن سان مِلائي مِلو.

١- آسان جو آوھان سان قُرب آھي ڪُل- ناتو نينھن نظارو بيحد حُب آصل،
پنھن جي پِياسن سان پاڪُر پائي مِلو.

٢- مِنا مُحب ايذا نہ ماٺا ڪجن- مِٺا طعنا مِٺڙا نہ مُنھن تي ڏجن،
رِيجھي رنج غُصو غم مِٽائي مِلو.

٣- آوھين شل اي سُھڻا خُوشايا ھُجو- حُسن ناز سان نِت سَوايا ھُجو،
مگر سوزُ سِيني سمائي مِلو.

٤- چئي آعجاز آسين اھڙا قابِلُ ناھيون- آھيون جاھِل گھڻا پر غافل ناھِيون،
پَلي رمزن سان رمزون رلائي مِلو.

ٿلھ: نيڻن جي نَٽ ناٽ لُٽي دِل- نيڻن جي نَٽ ناٽ.

١- وسان وھسان وِنين ۾- وِنين جي وَٽ واٽ لُٽي دِل،
نيڻن جي نَٽ ناٽ.

٢- گھاٽ گھڙيو ڪنھن گھورن وارو- گھورن جي گھٽ گھاٽ لُٽي دِل،
نيڻن جي نَٽ ناٽ.

٣- چندن وارو چِڪو وھوا- چندن جي چَٽ چاٽ لُٽي دِل،
نيڻن جي نَٽ ناٽ.

٤- آسن مُنھنجو آھہ اکين ۾- اکين جي آٽ آٽ لُٽي دِل،
نيڻن جي نَٽ ناٽ.

٥- آعجاز علي، جي آڏي، تي- آڏي، جي ڪَٽ ڪاٽ لُٽي دِل،
نيڻن جي نَٽ ناٽ.

قلم: ڏِناسون نيڻن اکيان اکيان ڪنهن- نِقابي رُخ جا تہ جَملڪا جَملڪا،
شَباب ڪامل سان تابان تابان- شَبابي رُخ جا تہ جَملڪا جَملڪا.

١- ڳهڻن ڍي نازن ڳان پوءِ نازڪ- نِقاب ڪوليو حِجاب ڪوليو
جَلياسون جهوليون جَلي جَلي اُن- حِجابي رُخ جا تہ جَملڪا جَملڪا.

٢- لقاءِ محبوب مَهہ لقا جو- ڏِسي لقائي لقاءِ تي ويا
نَظر اُنهن کي نمايان آيا- نجابي[1] رُخ جا تہ جَملڪا جَملڪا.

٣- شَمع ۾ اگني[2] جُدا پئي تڙپي- بَدل ۾ بجلي جُدا پئي تڙپي،
ڀنعي کي شايد نَصيب ٿيا- لاجوابي رُخ جا تہ جَملڪا جَملڪا.

٤- گُلابي موسم سَواءِ بہ جَهڙي- گُلابي موسَم لڳي پئي آ،
گُلابي هَر شيءِ گُلابي مَحفل- گُلابي رُخ جا تہ جَملڪا جَملڪا.

٥- نہ ماهِتابي نہ آفتابي- جَمال صُورت بَشر نايابي،
صَنم جي اعجاز سامهون ڇاهِن- شُعابي[3] رُخ جا تہ جَملڪا جَملڪا.

(١) نجابي: اعليٰ، اُتم (٢) آگني: بام (٣) شعابي: چمڪندڙ

ٿلهه: نيڻَن جي نَاز نينهن نَچايا نَواب ڪيئن،
مِن عِشق حُسن آڙا گنيا مِت ثَواب ڪيئن.

۱- آبرن جي هڪ اِشاري آڌو آڌ ڪَيا اُهي،
جن تي هُئا شَهنشاهي جا خَاصا خِطاب ڪيئن.

۲- سَرمد عَطار قَيس بِلاول حَلاج ڏس،
آچي عِشق جي آري ۾ ڏنا تن عَذاب ڪيئن.

۳- فَرهاد ڦرض پَاريو شِيرين جي شَوق ۾،
رَانجهن تي هِير ڪَارڻ سَنا سِر عتاب ڪيئن.

۴- رَنگريز ٿيو پُنهل ۽ نَچايءِ ڪنيون ڪرهيون،
گهانگها گِلا جا پَائي، ٿيا ڪَامياب ڪيئن.

۵- ڪُنڌڙين جي ڦُوت لاءِ قَتل ڪَاڪ ۾ ٿيا،
مُومَل ڏيو تي مَيچ ڪَرايا ڪَباب ڪيئن.

۶- ڇَاليهين ٿيون تہ ڇَريون ٿو قُرآن پاڪ چئي،
بَاتيون مِصر ۾ بَکيون زُليخان جي بَاب ڪيئن.

۷- يَثرب ۾ آيو يَار يَڪايڪ ٿي روشني،
جَلوي نما ٿي عَربي، جُهڪايا جَناب ڪيئن.

۸- اَعجاز پَنهن جي اَصلي ڇَڏي ڪِرت ڪَار کي،
صَنعان وَانگي سِڪ ۾ بٽيامٽي هَاب ڪيئن.

عتاب: ڏاڍ، جبر

قلم: نيڻن ڪيا نيڻن سان - نظارا نوان نوان،
اقرار خُوب خُوب - اشارا نوان نوان.

١- سينگار نت نوان ڪن - ديدار نت نوان،
ڪن پيار نت قرار - نيارا نوان نوان.

٢- پرچن رسن بہ ٿا - تہ ھي برسن وسن بہ ٿا،
آپت ۾ آھن ناز - ۽ آرا نوان نوان.

٣- نظرن جي ميل ڪيل - دليون ھڪ ٻئي کي ڇڏيون،
ڏريا نصيب ڀاڳ جا - ڏارا نوان نوان.

٤- ڪوليا خمار خُوب - نشا نينھن جا نيڻن،
چاڙهيا جنون جيءَ - ڇيارا نوان نوان.

٥- رمزن جي رنگ تماشي - رزم ربط[٢] ۾ رھي،
ماڻيئون معراج ڳاج - معيارا نوان نوان.

٦- اعجاز ھر اوقات ۾ - ھر ھر ملي ڪلي،
اکڙين ڏنا اکين کي - سھارا نوان نوان.

(٢) ربط: واسطو، تعلق

ٿلهه: ڪئين تہ ڪيون تو چَريون چَريون - سُٺا ناز نيڻن سان.

١- چَشم ٺُمنجا چالاڪ چَترا - سُهڻا سَلوڻا پاڪيزه سُٺرا،
ڪَمزي شَراڪت ڪَريون ڪَريون - سُهڻا ناز نيڻن سان.

٢- سَعيو ڪَري جي توڪي پَسنديون - رَفيعُ الدرجَات[1] ڪي سيٺي رَسنديون،
اَڳليون عيبن پَريون پَريون - سُهڻا ناز نيڻن سان.

٣- جَڏهين ناز سان نقاب اٺائين - تَوڪنڊ نمائي ناٽ نَچائين،
پارين عَجب ٿو پَريون پَريون - سُهڻا آ ناز نيڻن سان.

٤- مُومَل وَاري بَازي بَنائي - سُورن سڪن جون سيجون وڇائي،
پَرڪيئي گوٽيون ڳريون ڳريون - سُهڻا ناز نيڻن سان.

٥- آهين اعجاز جو وَالي وَارث - مَحبوب ساٿي پريتم پَارس،
ڪوليئي دَروني[2] دَريون دَريون - سُهڻا ناز نيڻن سان.

ٿلهه: نِهارين ٿو جي تہ نِهاريندو رَهہ - نَظر جُهڪائي مَار نہ ٺُون،
نَيڻن ڪي نيڻ ڏسڻ تہ ڏي - سِڪ ۾ سِڪائي مَار نہ ٺُون.

١- نَظرون نِگاهون مُون ڏي ڳَڻي - ڪَرمون تي نَوازش نِهارڻ جي،
نِقاب ۾ ڍڪي نَاز پَريا پنهنجا - نيڻ لڪائي مَار نہ ٺُون.

٢- چَاڪ ڏنا آٿئي تہ چيٽ بہ ٺُون ئي - چَشم وَري مُون سان چار ڪَري،
آپيارَوارن جو اُصول اِهو - ٺُ تہ چَاڪ چِڪائي مَار نہ ٺُون.

٣- هِيئن تہ نہ ڪر ٺُون پَاڻ پرين - رک پَنهن جي وَقار جو پَاڻ پَرم،
دِل وَاعدي اَداري تي مُون ڪان وَٺي - اَڄ وَاعدو ڳسائي مَار نہ ٺُون.

٤- جَان ۾ جَان تڏهن ٿو پَانيان - جَاني جَڏهن ٿو مُون ڏي ڏسين،
ڏسڻ پَسڻ ۾ اعجاز چوي - پوءِ وِڇنا پَائي مَار نہ ٺُون.

---

(١) رفيع درجات: مٿاهون درجو (٢) دروني: اندر واري

ٿلهه: نينهن ڳرا يو نيازيان، نازن واريءَ نوڪ نظر جو.

١- سا ڙيو سا ڙي سوين سريرون- سڪ سوز گدازيان،
نازن واريءَ نوڪ نظر جو.

٢- ناميا ناٿ نسنگ نچائي- غمزو حسن غمازيان،
نازن واريءَ نوڪ نظر جو.

٣- ويرون وهائي ويو ڪيئي دل- ٻهري ٻانورو ٻازيان،
نازن واريءَ نوڪ نظر جو.

٤- ڳمايل ڳماڻو ۽ ڳمڻيرو آهي- آصلئون اعجازيان،
نازن واريءَ نوڪ نظر جو.

ٿلهه: حُسن جي لڳي جن نظر نوڪ نياري،
بزرگي ۽ شيخي پرهيزي ٿن وساري.

١- حُسن جي تہ حلقن جماتيءَ ۽ تہ جملڪن،
اکين پيچ پلڪن چريا ڪيا چوڌاري.

٢- حُسن ماري ڳاري، ٿو هلندا بيماري،
نهاري ڏُناري، جُهڪائي جُونجهاري[1].

٣- حُسن ديد ڪوڙي، صنعان شيخي ڇوڙي،
ردا[2] لاهي لوڙهي، ڌرم دين واري.

٤- پسن سونهن ڏاران، پرينءَ جي پچاران،
لڳي لئون لغاران، نہ ٿيا عاشق عاري.

٥- اعجازا حسين، اُنهن نازنين،
مُرڪي مہ جبين، ڪُئي غم گساري.

---

(١) جونجهاري: ٻهادر (٢) ردا: چادر

مطلع: مُنهنجو تہ مٿا مَن تُون، مَنظور نَظر آهين،
مَحبوب مُغان ساٿي ۽ جانِ جگر آهين.

١- سُهڻن جي نمائش ۾، اڄ سَهِڻي تُون سُهڻن ۾ آن،
غمزن ۾ ادائن ۾، جلون ۾ گُھڻو آهين.

٢- تڏهن تہ تَتوليکيان، غم درد زماني جا،
هَر روز مُون لاءِ چڻ ڪين، تُون نَوِيد سَحر آهين.

٣- مُون حُسن تُنهنجي جو بَس، هيئن لاٿو حِساب آهي،
پِيارُو ۽ قَمر سُهڻا، تُون رَشڪِ قَمر آهين.

٤- هڪ دَم بہ جُدا هَاڻي، مَحبوب نہ رَهہ مُون کان،
مُون سَان سچو دلبر سورهان آنا اگر آهين.

٥- دُنيا سان دُنيا چَاڻي، دُنيا ۾ چا پَنهنجو وَجي،
دُنيا کان بَدر آئُون ۽ تُون بہ بَدر آهين.

٦- مِن دِل جي رِياست جو، تُون مِير سَجڻ آهين،
هِڪ ڏينهن لاءِ تُون نَاهين، سَڀ ڏِينهن مگر آهين.

٧- مُنهن جي لاءِ تلخ طَعنا، ۽ عُذر بَهانا ڪئين،
غيرن لاءِ ڏِنم توکي، تُون شهد و شڪر آهين.

٨- اَعجاز چوي مُون تان، تُون ڪڻ نہ دلارا دِل،
هَمرَاز جي مُنهنجو تُون، هَمدوش سَفر آهين.

دوش: ڪلهو

قلم: هُو مَست نَظر سُڻو، سامهون جو ويٺو آهي،
سِر مُنهنجي تي صاحب سو پَلِ مُرڪي خَنجر واهي.

١- دِل هُن وَٽ مُنهنجي وَئي، ڪَنهن رَمز ۾ قابو ٿي،
هو جيئن بہ هَلي مُونسان، مُنهنجو ڪو بہ عَذر ناهي.

٢- بَردار آهيان بيشڪ، هَر ناز سَندس جو آئون،
مُون اک آڙائي تَنهن سان، پيا سانگا سَيئي لاهي.

٣- جيڪو حُسن جو سَرگرو آ، آختيار آ سَڀ اُن ڪي،
جَنهن حَال ۾ عَاشق ڪي، رَاهي تہ پَلي رَاهي.

٤- هُو مُونکي ڏِسي ويٺو، آئون هُن کي ڏِسان ويٺو،
اِها قاب قوسيني مَنزل، نَاهي تہ پيو چَاهي.

٥- اَعجاز عَجب حالت، ٿِي آهي مُنهنجي دِل جي،
اُن يار جي مُنهن ڏِي ءِ پيو، مُنهن ڪِين ڏِسڻ چَاهي.

عَذر: بهانو

ٽلهه: دِلبر جي دِيد ڏاران - ٿُون دِل جي دَوا نه ڳَول،
عِلاج ٿُنهنجو آ اِهو - عِلاج ٻيا نه ڳَول.

١- ڪَنهن رِند مَست عَاشق - بيباڪ هيئن چَيو،
جي ٿُون مَريضِ عِشق تہ - شَفقت شِفا نه ڳَول.

٢- پَاتار جا غَواصي - ٿُون پَاتار وَڃ پَٽي،
دُربي بَها جي ڪَارڻ - ٻَھريان ٻَنا نه ڳَول.

٣- صُوفيءِ سَندو تَصورَ - تَحقيق مَج تمام،
خُود ڪان پَري تہ خُود ٿُون - خُدارا خُدا نه ڳَول.

٤- ڪَم سورهيَن جو آهي - مَتو عِشق کي ڏِين،
ٻُزدل ڪي چِڱ تہ پاڻ لِئہ - آهڙي بَلا نه ڳَول.

٥- آزارِ عِشق جي ڪي - سيني سَاهہ سَاڻ سَانڍ،
اِن سَوزِ سَودا دَرد لاءِ - ڏاڍو دُعا نه ڳَول.

٦- مِنٿون ڪَري جو ٿو ڪي - ڏَئي سِڪ جي سُرڪ ويو،
تَنهن يار جي سَواءِ تہ - ٻي پيتي پَوا نه ڳَول.

٧- ٿُون پَنهنجو پَاڻ دَرمان - ٿُون پَنهنجو پَاڻ دَرد،
ويسَهہ ڪَرين جي پَاڻ تي - مَندر مڪا نه ڳَول.

٨- دَرمان دُرد مَندن - دِيدار ديدِ يَار،
آعجاز ڇڪي بي فائدا - پوءِ آنسَنا نه ڳَول.

قلمہ: مِن دِل کي دِيد سان- ڏُکارڻ ڇڏي ڏِنُو،
ڀَرِين نِماري پوءِ- نِمارڻ ڇڏي ڏِنُو.

۱- وَرتِہ مُون کان جي مُنهنجي، اُڏاري جي طَور دِل،
واپس وَرائي وارڻ، سارڻ ڇڏي ڏِنُو.

۲- مُونکي صَلاح ڇاهہ ڏِني، عِشق جي تہ تو،
هڪ پَل بہ هَان عِشق، ڀَچارڻ ڇڏي ڏِنُو.

۳- هَيرائي هَٿ هِنيون کَري، هيرِين جي پَچ مَرهَين،
کِيئن وَڃن اِهو تہ وِيچارڻ ڇڏي ڏِنُو.

۴- ڪَمزي قُصور ڳان آج، ڪُجهہ تا ڪُجين پُڇين،
خَصلت اڳين مَٽائي، کِيڪارڻ ڇڏي ڏِنُو.

۵- مَٽي جا مَنگل مَلهائڻ، مَٽي جا وَسائڻ مِينهن،
ٻَاڙن پِياري پِياري، پِيارڻ ڇڏي ڏِنُو.

۶- ڪشتيءَ تي چاڙهي تختو، ڪَيڻ ڪَم اِهو ڪَرين،
مُوسيٰ خِضر جي ڳَالهہ، وِسارڻ ڇڏي ڏِنُو.

۷- جَنهن آگ کي تُون ٻارين، اُها آگ نِت ٻَري،
اعجاز ڇَڪي ٻَريءَ کي، ٻَارڻ ڇڏي ڏِنُو.

ٻَاڙي: پِياسي، پِيئڻ واري

ٿلهه: ڏِيد مُنھنجيءَ آ پَسند هڪ بُو العجب دِلبر ڳَيو،
تنھن نِگاھِ ناز آ، دِل ۾ بَپا مَحشر ڪَيو.

١- صُورتون پيون دِل اندر تان، سَڀ وَيون ميسار جي،
دِل ۾ صُورت سا رَھي، جنھن دِل کي پَنھنجو گھر ڪَيو.

٢- ڪا ڪُلِ مُشڪِين ڏِسي، مون اَبر بَاران کان پُڇيو،
شَاعرن ڪيئن زُلف دِلبر سان تو کي هَمسر ڪَيو.

٣- مُرڪ سان هِن رَشڪِ گُل، هي ڪِرشمُون ڏيکاريو،
غَم اَلم جو مُنتشر[1] لحظي اندر لشڪر ڪَيو.

٤- پَڪي ضَرورت يَار ڪي، رنگِ حِنا جي لِڱ مَٿن،
مُون چَيو آڄ ٿورو ظاهر اَبرُوءَ خَنجر ڪَيو.

٥- ڳَافرانہ عِشوا جَنھن جا، ڳَافرانہ عزم ڳُل،
پُرزا پُرزا پَارسائيءَ، جو تہ تنھن زيور ڪَيو.

٦- لَب بَدخشان لعل ڪان، لالان ۾ وڌ لال ھُئا،
جي دَهن[2] هن ۾ دَچن[3]، سِي وِچ چُمي ٿِي وَر ڪَيو.

٧- هِجر جي ڏنگ ڏُک جو زَائِل[4] زَهر ٿيو ٿُون ٿُون نَري،
مَھ جَبين مَحبوب آهڙو، ڪر ملي مَنتر ڪَيو.

٨- ڪِيئن ٿيو ڳَڏڻ ٿيو ۽ ڪِٿ ٿيو ميلو مِلڻ،
حَالَ هَرَ ڪَنهن ۾ وَٽان، حَاضر اُهو مَنظر ٿِيو.

٩- ڇا سِکي سِڪندو اُهو ۽ ڇا پڙهي پڙهندو اُهو،
حِفظ قُرآن جيئن حِفظ ۾، جنهن رخِ دلبر ڪَيو.

١٠- ٿو سَجڻ سَاقي آڇي، اي مَست ٿيو ڪُجهہ سُرت ۾،
گل گُلابي مَئي ٻَان سَيَ، هي ڳَس ڳهٽيون احمر[٥] ٿيو.

١١- ڳَنڍ صُراحنِ جا جُهڪي پيا، سِرَ ٻَخم ٿيا جَام سَيَ،
مَئيڪدهہ ۾ صَنم مُنهنجي، جيئن مَٿي اڄ ڳَرَ ٿيو.

١٢- يَار جَانان جي جُنون ۾، مُلحظو[٦] حَد جو پڄُم،
شيخ ٿڪهين شور مُنهنجي شَعر تي آڪثر ٿيو.

١٣- ٿُون ٿي ٿو هِڪ ٿِين آي وَاعظ ضد هميشه عِشق جو،
ٿوئي آهڪ عِشق آڳيان پَان کي پَرِگَر[٧] ٿيو.

١٤- ڪَڄ ۾ تُرڪي قَاضيا، جيڪر ٿمي دِيوانِ عشق،
پر ڇڳو ٿيو تو مطعل، ڪونہ هي دڪتر ٿيو.

١٥- عِشق جي شَاهين آڱر، دَام آڪرن جا آڱي،
ڪَنهن وِيچاري لاکين، ڪيڏو نہ آباور ٿيو.

١٦- ڪاتبن قارين نڪي ڪو عالمن ۽ عاقلن،
نعرو مَوجود حق ِهت، عاشقن اظهر ڪيو.

١٧- پاڻ کان پَر ڏور هو، مُونکي پرين ۽ جو انتظار،
پَر هُو مُنهن جي مَن ۾ هو، مُون مَن عَبث[8] مُضطر[9] ڪيو.

١٨- ڪئين نوازيا نظر سان، اعجاز مُنهنجي دِلربا،
ڪِن کي تنهن ڪُندَن[10] ڪيو، ڪِن کي گِران[11] گوهر[12] ڪيو.

(١) منتشر: ٽڙيل، ختم (٢) دَهن: وات (٣) دَڇن: ڏند
(۴) زائل: ختم (۵) احمر: ڳاڙهو (٦) مُلحظو: لحاظ، خيال
(٧) پَرڪن: بعادن بي ڏيو (٨) عبث: اجايو (٩) مضطر: بي آرام
(١٠) ڪُندن: سون (١١) گِران: مهانگو (١٢) گوهر: موتي

قلم: ڏِيدون دِلبر يار جون - جيئن ڪَن ڏُوناليون ڏُو تہ ڏُو،
هُو ٻهو ٻَس آهڙيون ظالم - حُسن وَاريون هُو تہ هُو.

١- رَاز جون راتيون ٻَڪي - سُرمي ڪجل ڪاٿيون ٻَڪي،
جوڙ جُتُ سِياڻيون ٻَڪي - نَظرون اُنهن جون ضَوُ[1] تہ ضَوُ.

٢- هوش هَڙ ٿنهن دمِ نيَن - ڏِيون دُوبَرو جَنهن دَمِ ڦين،
رَنگ هَالارو[2] ڏِين - جَنهن ڏي بہ ڪَن رُخ رُوُ تہ رُوُ[3].

٣- بَانڪپن سَان بَالاتَر - اعليٰ ڪان آهن اعليٰ تَر،
جن ڪيا پڙ پالها تر - ڏِس تُن اکين جي خُو تہ خُو.

٤- عِشق جِي آتش مَنجهن - ۽ حسن جِي تَابش مَنجهن،
قرب جِي ڪاوش مَنجهن - ڪَاميَاب سي هَر سُو تہ سُو.

٥- هِن اکين جِي حَاضرِي - نِت ٿا ڀَرن ڪئين مَنترِي،
جوتشي ڪي جَنترِي - وِسرِي سَڀن ڪان چُو تہ چُو.

٦- تو بچين ڳان جي تِڪيون - سَانگو[4] سَنگڻ تا جي سِڪيون،
عَاشقن آهڙيون ڏِڪيون - اعجاز الله هُو تہ هُو.

(١) ضَوُ تہ ضَوُ: چمڪ واريون، چمڪنديون (٢) هالارو: ڳاڙهو
(٣) رو: مُنهن، رخ (٤) سانگو سَنگڻ: واسطو، ناتو

ٹلم: اَج دامِ پيا دِل کي وَرِي، دِلبر آوهان جي دِيد جا.

١- دِيدُن مُنهنجي دِل دَست ڪئي، هي سَڀ وِڃا مُون گان وِڪي،
ويلـــو وَرايـــان وَرق نِڪِي، هَر هَر حَبـلِ[1] الــوَرِيــد جا.

٢- مَحبـوب تـو ماٺا مَنـڊيـا، ڪَج ڪَاتِ کي ڪُهنـا[2] ڪَيـيـا،
آنـگـڙا اُنـهـن سـيـن تـو وَڍِيـا، هِن شَوق جي تـہ شَهـيـد جا.

٣- تُنهنجي تَاب کـان بيـتـاب ٿي - رَڳ رَڳ وَيـئـي رَبـاب ٿي،
تَنهين هِتي بي حِجاب ٿي، نَعـرا هَنـيـم تَوحـيـد جا.

۴- اَعجازَ چَڱـي وَڃ ويـا وَڃِي، حَيـرت ۾ ويـو هِيـنـئـڙو هَڃِي،
رَنـگـي لَـٿـا آيـا گَـڃِي، ڏِس عُاشـقـن جي عِيـد جا.

ٹلم: عيد تہ ٻانيا هيءِ مِيان، دِيد ڏئيم هوءِ دِيد مِيان.

١- ٻَانَ ٻَلائي پريـنءِ پَسايو، مُنهن مُصحاف مَجيد مِيان.

٢- تَيغ آبروءَ جو وَهن وَٺيو آ، هَر هَر ٿِيـاسون شَهيد مِيان.

٣- حَسن حَضرت هَاديءِ جو آئون، آزلئون آهيان مُريد مِيان.

۴- يَار خَريـدار دِلين وَاري، هيءِ بہ کَئي دِل خَريـد مِيـان.

٥- اَعجازَ علي حَسنين ؑ مِليا، غم دَرد ٿيـا تہ بَعـيد مِيـان.

(١) حبل الوريد: سام جي رڳ کان ويجهو (٢) ڪُهنا: پراڻا، قديمي

ٿلهه: آسان عيد ٿُنهن جي دِيد، ڏسي ڪَئي او سُهڻا.
اَٿئون مَوج دَرمَوج، لڳي پَئي او سُهڻا.

١- آسين آهيون ڪيئن چڱون نا هيون، بيشڪ روزِ اَزل کان،
ٿُنهن جي پيرگس سين، سَندِي رکي او سُهڻا.

٢- نَظر مِلي جڏهن دِلي، تڏهن کان ٿي مَن ۾،
سُهڻي صُورت ٿُنهن جي مُورت، وَسِي وئي او سُهڻا.

٣- هِي، جا مَست دِل دَست، کري يار هَليو وئين،
لِکي عام کان ڪا مام، ڳجهي ڏئي او سُهڻا.

٤- آسمان پيار جي بَهار، ڏٺي ٿُنهن جي اکين ۾،
مِلڻ وَاري دِلداري، ڏِني ٿئي او سُهڻا.

٥- پِي پيالا متوالا، چَڪي اَعجاز آسان ٿي،
هيئين هِڪ ٿُنهن جي سِڪ، کلي گَنئي او سُهڻا.

قلم: نگاهِ دلبر تہ مهربان آ، هل هلون دل حضور ۾،
صدائي آرني قبول پئي مَن، پنهن جي پهرئين ٿي پُور ۾.

١- ديدارِ دلبر گان تہ اگ ۾ پهرِ نظاري جو پُڄ تہ ٿون،
نظر جمائي نياز سان رک، دل سندي کوهہ طُور ۾.

٢- نصيب وارن نصيب ٿئي تو، عجيب درشن عجيب جو،
مثال جنهن جو ملي نہ مُورِ هن، کنهن بہ حُور و قُصور ۾.

٣- وصال جانان نہ دُور آ پر، خيال عاشق روان هُجي،
تريب کان سو قريب تر آ، شوق واري شعور ۾.

٤- مقام عاشق جو درحقيقت، سِدرةُ المُنتهائي آ،
پروڙي معنيٰ پتنگ وانگر، عشق جي پڄ تون نُور ۾.

٥- نقاب کُلندو خطاب ٿيندو، ناز واري جو ناز سان،
صنم جا ڏينديءَ سا گهور سمجهين، رمز آ انهي گهور ۾.

٦- هزارين جلوا هزارين شعلا، ڏسندين حُسن و شباب جا،
خطانہ هوش و حواس ٿئي، جيئن کيف و مستي سرُور ۾.

٧- گواز[1] آهي کمال آهي، عاشقن لاءِ وما تغيٰ،
پوي نہ تر جو لرق آعجاز حد بيحد جي عُبور ۾.

(١) گواز: دارتي

ٿلھ: تُنھن جي حُسن نازِ نگاھ سان، ٿَي بھار آ مُنھنجي عاشقي،
تُنھن جي ذَوق شوق ۾ بار بار نثار آ مُنھنجي عاشقي.

١- تُنھن جي زُلف جي تہ زنجير سان، تُنھن جي ترڇي ساھمين تير سان،
تُنھن جي رَمز رَمزجي ڏيرَ سان، ٿي شُمار آ مُنھنجي عاشقي.

٢- رَھي تُنھن جي روز ديدار ۾، ڏِسي توکي ھارسينگار ۾،
توتان سِر گھوريان تنھن جي پيار ۾، جو بيدار آ مُنھنجي عاشقي.

٣- مُنھن جي عاشقيءَ جي اي دِلربا، تُون ئي ابتدا تُون ئي انتھا،
تُون ئي بَحرِ عشق جو ناخدا، توسان پار آ مُنھنجي عاشقي.

٤- نَکي پَنھن جي نيکيءَ نام لاءِ، نَکي پَنھن جي عَيش آرام لاءِ،
رکو تُنھن جي سَجدي سلام لاءِ، ذميوار آ مُنھنجي عاشقي.

٥- ڪِني ڪِنھن لاءِ چين قرار آ، ڪِني ڪنھن لاءِ عبن شعار آ،
ڪِني ڪَنھن لاءِ بوجھ ۽ بار آ، يا بُخار آ مُنھنجي عاشقي.

٦- تُنھن جي مرڪ سان جيکي ٿا ٺھن، اِھي موتي دُرجي وِکامجن،
تہ اَول اَول اَي جَان مَن، خريدار آ مُنھنجي عاشقي.

٧- اَعجاز چئي توکي باخبر، ڪَيان حَال پَنھن جي ڳان آئون مگر،
مَا زَاغَ البَصَر تنھن جي آنظر، سردار آ مُنھنجي عاشقي.

مَا زَاغَ البَصَر: جتي نظر ھئي، اک نہ لڙي نہ ڇنيي، ڦرکي

مطلع: ڏسي توڏي ڏسڻ پئي ڏي- نگاهون سي ڪِٿان آئيان،
اکيان سڀ ڪنهن ڪجن اظهارُ- آهون سي ڪِٿان آئيان.

١- ڀلائڻ لاءِ ماڻهن جي- ڀلاروتي ڀوان ليڪن،
قباٿون[1] بزرگانيون ۽- ڪلاهون سي ڪِٿان آئيان.

٢- فقير الحال مان فقراء- مون وٽ فاقه مستي آ،
زماني کي ڪپڻ جي- خانقاهون[2] سي ڪِٿان آئيان.

٣- صحيح ثابت ڏيڻ توکي- نياپا نينهن جا ساري،
سڄڻ سائين ٿون ئي سچ چئو ته واهون سي ڪِٿان آئيان.

٤- ڪڏهن ڪنهن سان ڪڏهن ڪنهن سان- آزائيندو وتان اکيون،
مگر چلپل واريون چاليون- ۽ چاهون سي ڪِٿان آئيان.

٥- سِپر سينو ڪريو سُهڻا- سهان پيو تير سڀ ٿنهن جا،
ڪجن جي انڪلڻ واريون- پناهون سي ڪِٿان آئيان.

٦- وفا جي جوش ۾ مون کان- وڪون واڌيون ويون پرجي،
وري پُرتي وران پاهون[3]- ته راهون سي ڪِٿان آئيان.

٧- دُعائون جي ڳمرن تو کان- دُنيا عقبيٰ جي ماڻڻ جون،
چوي اعجاز آهڙا ٻڪ ڪِ- ٻانهون سي ڪِٿان آئيان.

(١) قباٿون: جامون، جُبو، ڳڙتو (١) خانقاهون: ننگر جي جاءِ، درگاهون

(٣) پاهون: رستو، راهه، واپسي وارو

قلم: نرمل آلاجي ڇاهي ٽُنهنجي نگاهه ۾،
مارين پيو مُسافر روڪِيو ٿون راهه ۾.

۱- هيڪر ڏِٺو تو جنهن ڏي، سو هُوندو نه هوش ۾،
آهڙو اثر آئي ڪو چشمِ سياهه ۾.

۲- دِلڙي ٺُريو اُماڻڪ، رُوپوش ٿيو وڃين،
هرڪو ڪري ٿو دانهون اِنهي سرد آهه ۾.

۳- سُهڻا سوال ِهن جو ڏي مُونکي جواب ٿون،
ذرذر ٿو گهائين گهايل، ڪهڙي گُناهه ۾.

۴- اعجاز ڇُپي نه ڀي ڪل، ٺُنهن جي فريب جي،
سُنهن ساک سان آهي، اِهو سُور ساهه ۾.

قلم: مدمست چشم مُژگانا- ڏِسي دانهه ٿيا تر ديوانا.

۱- گهورون پائن گهايل گهائن- بيحد پرائن ڇانا.

۲- نازئون نِهارن ميڇون مارن- پيارِن پُر پيمانا.

۳- عين اُهي دِن رين نظر ۾- تين آهن ذيشانا.

۴- اعجاز رِنداني انداز سان- بي نياز رهن روزانا.

ٿلهه: نِگاهون خَنجر، نِگاهون نَشتر۔ نِگاهون دَرمل دَوا دَوا هُو،
ڪَنهن سَراپا جَفا جَفا هُو۔ ڪَنهن سَراپا وَفا وَفا هُو.

١۔ مَتان پيون ڪِي ڳاريون سَمجهو۔ اکيون ٿي سَمجهو ڳاريون قاتل،
ڳُنا ڳارين نہ جيڪي ڪَنهن۔ اکين سي ڳُرنتر ڳُنا ڳُنا هُو.

٢۔ نِظارا نظرون نيڻن جون ٽوڪون۔ نيهي ڪي لاڳن نيهي نِپائن
نيڻن جي نِينهن جا نِسنگ عاشق۔ نيڻن تان سِرڪن فدا فِدا هو.

٣۔ نِگاهون اَول نِگاهون آخر۔ نِگاهون ظاهر نِگاهون باطن،
نِگاهون ڪامل سَدائين شامل۔ نِگاهون منزل رَسا رَسا هُو.

٤۔ جَنهن نِقابڻون ڳليو ڳڙيون ٿين۔ حَشر ڳڙا ٿين نَشر پڙها ٿين،
ڦُٽيو وَڃن ٿِيون لُٽيو وَڃن ٿِيون۔ مگر وِٺن ٿيون تہ آها آها هُو.

٥۔ نَصيب جَن ڪي قَريب ٿَن ڪي۔ وَنَحن اَقرَب اُهي نِگاهون،
عَجيب نَازن عَجيب رَازن۔ پَريون تہ آهن سَدا سَدا هُو.

٦۔ خُدا بہ هو نَاخُدا بہ هو۔ جُدا بہ هو گڏ سَدا بہ هُو حق،
نِگاهون اَعجاز مُنهنجي سَڄڻ جون۔ مون لاءِ آهن لِقا لِقا هُو.

ڳاريون: ٽلواريون

ٺلم: ڪَڄ تيغ ڪَجل جي بَناء وري - مُنهنجي مَرضي آمُونکي گهاءِ وَري.

۱- هَتان تُنهنجي پَلڪي تہ فگار هُجان - تُنهنجي شوخ نَظر جو شِڪار هُجان،
هڪ وَار نہ پَر هَر وار هُجان - آزمايو آٿئي آزماءِ وَري.

۲- جِيئن گهائين ٿو تڙپائين ٿو - تيئن شَوق مُنهنجي کي وَڌائين ٿو،
تہ بہ ٿورو لکن جو لاڪن لائين ٿو - مَونسان ڪَجليون اکيون تہ مِلاءِ وَريّ.

۳- ڪارِي ڪَجل وارِي ڪُنڊِي تيغَ تکي - تو وانگي وَهائڻ ڪنهن نہ سِکي،
مُنهنجي گهور ٿوتان مِيءِ سونِي سِسي - پَلڪي قَتل سُٺا تہ ڪَماءِ وَري.

۴- نازڪ ناز بہ رک پَر نينهن بہ رک - عَاشق سَاڻ مِلڻ جو ڏينهن بہ رک،
اَعجاز چوي پِيالو شِينهُن بَرڪُ - پوءِ جَام تي جَام هَلاءِ وَري.

ٺلم: گهوڙا ڪَجل جي گَهاءِ، آئون گهايس - نَا تہ مَران ٿي، نَا تہ جِيان ٿي.

۱- لاَعِلاج آهيان جيئڏيون، رِيءِ وِصالي وَاءِ.

۲- گهاءِ اهو ڪو آهڙو آهي - سَڀ وِچاڙين سَاءِ.

۳- نِير نيڻن ۾ جَان لبن تي - بَر زبان بُڪاءِ.

۴- آهن اَعجاز اُون سِر هَر هَر - تيغ ابروءَ جا تاءِ.

بڪاءِ: روئڻ، آهہ زاري

ٿلهه: رُخ سُرخ چشم مَئي گُونا ـ ڏِس نازنينن جا نمونا،
سي بيٺا مارڻ موهَڻ لاءِ ـ ٿي بي نقاب بي اُونا.

۱ـ عَينا ابرو انفُ[1] عَجائب ـ اَحمر لب اَفزُونا[2]،
دُرِ عَدن کان دَند دَرخشان ـ سُهڻا صاف سَنونا.

۲ـ نيرَنگي جا مان جَان مَٿي ـ ۽ چَنچل چَال چِگُونا،
گيسو[3] گِرهه گيرتَني جا ـ گِرفت ڪَن گِردونا.

۳ـ مَحبوبن جي مُنهن ڏسڻ لاءِ ـ ٿِيا مَلڪ فَلڪ مَفتونا[4]،
پِيا عَاشق اُن جي ڪَاڻ ٿي بيٺا ـ بَادل بُو ڪِلمونا.

۴ـ قُلزم واري ڪُن ۾ هٿا اِڳ ـ قائم ڪُن فيڪونا،
جَلوه نِما ٿيا جَا بجا پوءِ ـ بُوالعَجَبُ بِي چونا.

۵ـ اِن دَرشن دَرِ هن رُخ پرين جي ـ کوليا دَر دَرُونا،
لَڳي نِينهن عُشاق اعجاز ـ ٿيڙا لاَيحزنُونا.

ٿلهه: ويهي سامهون سُهڻل چوري چِشم چَنچل مُرڪي مُحب مِٺل اَڄ مَچائي وِڌٽي،
ڪري ڪَنگاڪَجل چوٽا مُشڪ رَتل وَهوا يَار سانول دِل ڦاسائي وِڌٽي.

۱ـ سُهڻا اڄ تو سَنيون ڪِلي اڪڙيون ڪَنيون وَسي رُوح ۾ وَيون، پَسٽيون پَلپَل پَيون،
تَڳيون نُوڪون نَيون رَمزون توهُون هَنيون ڪَششون تَن تَرڪَيون سِڪ سَامائي وِڌٽي

۲ـ آهڙا زُلف دُتا تُنهنجا توئي گُتا، جَهڙا سَپ ٿي سُتا تن ۾ خِيال ڪُتا،
جُنبي جِي ۾ جُتا، وِڳا مَن ۾ مُتا، تَن طَبق تَتا مَچ مَچائي وِڌٽي.

۳ـ ڦِري دِل تو نِيم خُوشي ڏاڍي ٿِيم، اِها آس هُيم پُوري توئي ڪَيم،
توسان پيچ پِيم جَذبا جوش جِيم، لَڳي لنفر ويم جِن جَاڳائي وِڌٽي.

۴ـ توکي اعجاز ڏنا چَانئي مَن ۾ چَنا ـ آچي دير بنان ويهي هول اَڪا،
دَامن تُنهنجي گِنهان توکان پِرت پِنان، لِکي لوڪ ڪنان ڪنون جي لاڳي وِڌٽي.

---

(۱) اَنف: نَڪُ (۲) افزونا: زياده، وڌيڪ (۳) گيسو: وَار (۴) مفتونا: فدا، عاشق

قلم: ڪجل ڳوريون ڪيف ڪڪوريون - قتل ڳموريون توڏاريون اکيون.

۱- خون عشاقن جي تي پالي - ڳاري پر تو ڳاريون اکيون.

۲- ڪنهنجو لحاظ ڪرڻ نه ڄاڻن - آهڙيون آئي ڪي سيڪاريون اکيون.

۳- ڪجل پائن قتل ڪمائن - ڪرنت ڪڌائن ڳاريون اکيون.

۴- سُهڻا سدائين سڀ هند ٿنهنجون - سورهه ٿيو ڳن ساريون اکيون.

۵- ڏاڙادلين جا وڪن هٽنديون - ڏاڙيليون تو ڏاريون اکيون.

۶- راڻي پنهنجي سان رُخ ڳن جيڏهن - رنگ لائن رنگ واريون اکيون.

۷- تِکن تراريِن جهڙا آبرو - سانپ رکن سرياريون اکيون.

۸- ڳلهن اعجاز ڇڪي ڪلي ڳنديِن - پيار پريون مُون ڏي پياريون اکيون.

قلم: ڪجل واري ڳاري لڳي ڪج ڳاري،
ڳجي ڳانه هڪ پل پوء پرهيزگاري.

۱- اکين پيچ پلڪن جهاتين تاب جهلڪُن،
مِلن نام مُرڪن لُٽي دِل هزاري.

۲- ڪجل ڪيفي ڳاري ڏني بامه باري،
نِهاري ته ماري هڻي ڏڪُ ڳاپاري.

۳- طاعت تسبيح تقويٰ ڇاجي دُنيا عُقبيٰ،
ڳئي عشق دعويٰ ٿياسون زُناري.

۴- اعجاز اعجيبن نگينن نجيبن،
موهي مَن مُجيبن ڳئي پنهنجي ساري.

تلمہ: ڪجل واري ڪاري - لڳي جَن ڪٽاري،
بُزرگي ۽ شيخي - پَرهيز ٿَن وساري.

١- حُسن واري حَلقن - جَهاتين ۽ تہ جَهلڪن،
اکين پيچ پَلڪن - لُٽي سُرت ساري.

٢- حُسن ماري ڪاري - ٿو هلندا بيماري،
نِهاري ڏُٺاري - جهڪائي جهونجهاري.

٣- حُسن ديد ڪوڙي - صنُعان شيخي ڇوڙي،
رِدا لاهي لوڙهي - ڏَرم دين واري.

٤- پَسڻ سُونهن ڏاران - پرين جي پَچاران،
لڳي لڱون لغاران - نہ ٿيا عاشق عاري.

٥- آعجازا حَسينن - انهن نازنينن،
مُرڪي مَهہ جَبينن - چَريا ڪيا چوڌاري.

تلمہ: يَارجي اَبرن جي بيهڪ - سُونهن سُهڻي دَنگ آ،
خُوب خَنجر ڪي بہ خَم آ - پَر هُٽي پيو رنگ آ.

١- جي ڏِسان ٿو زُلف اُن جا، تہ بہ لڳي ٿو مُون عَجب،
هر ڏِسڻ واري ڪي ٿَن، هَرهَر پاٿو ورونگ آ.

٢- نين بازيگر اهي، شرطون هئيو بازيون گن،
چَا چوان چاهي وٺن، چَا ڪئيڏ جادو ڍنگ آ.

٣- لاَل لَعلون لاَل هنبوا، لاَل گُلڙا لاَل لاَک،
سَپ سَين ڪي لَعل مُن، لبڙن لڳايو رنگ آ.

٤- ڪِيئن نہ بجليون مَنجهہ بَدل، پڙڪن پچن بيتاب ٿين،
عِشق سُهڻي جي ڪَيو آج، هر طرف آڙنگ آ.

٥- نَرم نازڪ ڪَنول ڪان، سُهڻو سَدا سارو بَدن،
الف قد آعجاز اُن جو، اِسرار هَر آنگ آنگ آ.

قلم: تُنهن جا آبرو سِياھ خم خم- آسان ڪان سَجڻ سَجدي ڳاھ ٿيا.

١- رُخ اُوھان جو ڪعبو اطھر- روز روشن نُور مُنوّر،
تُنهن کي طواف ڪيوسون برابر- دِل جي ٿيان سان دِلبر دم دم،
فرض دُوگانو ادا ٿيا.

٢- لاٿي اندر ۾ عشق جي ھلچل- رَھيا مُشتاقن سان ٿِي رَلمل،
چشم تُنهن جا پيارا پلپل- پائي ڪجل ڪَري ڏاڍي رِم جِھم،
چمڪي اُونداھيءَ ۾ راھ ٿيا.

٣- ديد ۾ ديد مِلي مَس آھي- ھان نظر ھيءَ ڦرٿي ٿامي،
دوزخ چاھي بھشت چاھي- ڪمڙو اُنھن سان مُنھن جو ڪم،
ٿوڪان نہ وَڏ سي بِالله ٿيا.

٤- آبرو مژگان تُنيرا تارا- چمڪيو چمڪن لَيل نھارا،
ڏند مُبارڪ هيرا هزارا- لَب حجر آسود قسم،
چُمڻ آعجازا مُباح ٿيا.

تلمه: اڳيان هن سيف ابرو جي، لڪين ڏڙ سر جدا ٿي ويا.
حواس و هوش پسپا ڪئين، هنر حيلا خطا ٿي ويا.

۱- تيغ ابرو جي تابش ڪان، پهاڙ به ٿيو پون پاڻي،
جُنبش ڪان تنهن جي قيامت خيز، سِينن سِيء ٻَا ٿي ويا.

۲- اهائي فاتحِ عالم، اهائي غالب شاهان،
انهي تلوار جي آڏو، اُهن جا هَٿ اُڀا ٿي ويا.

۳- قُوتِ بَازو ڪان پالهو، اهو جانباز آخر ٿيو،
جَرح ڦٽ حسن جي صَمصَام جا، جنهن سر عطا ٿي ويا.

۴- خفا سارو جهان تن ڪان، ۽ خائف سڀ شفاخانه،
بنايل برهه جا بيمار، لاشڪ لادوا ٿي ويا.

۵- ڪيا جي زلفِ جانان جي، ڪمند ڪاري سڏي قيدي،
چون ٿا هر دو جڳ وارا، انهن تان بَندِ بدا ٿي ويا.

۶- ڪَيا مَحصور سَڀ ميدان، حسينن جي تہ ئي ماڻن،
صفِ اول جا پڻ سورهه، اتي از خود سِڌا ٿي ويا.

۷- رُخِ دلبر جو جلوو جن، نصيب آ بزمِ حاضر ۾،
انهن جا فرض ۽ واجب، اهم سجدا آدا ٿي ويا.

علندڙ

مَحصور: حراست ۾، قيد ۾

۸- پرون ٿي قوس ڪج رنگي، پرون ٿي خوش نما خنجر،
پرون ٿي صورتِ محراب، وڪعبہ جي بجاءِ ٿي ويا.

۹- ڏنم جو سيم گُون محبوب جي اڄ چشم مئيگون کي،
سراپا جان تي طاري نشا بي انتها ٿي ويا.

۱۰- نہ مُنهن جي اُت نہ تُنهن جي اُت، نہ ڪنهن جي اُت هلي حجت،
مقابل ٿيا جي وحشت ڪان، اُهي آخر فدا ٿي ويا.

۱۱- نڪا ٿو شاعري ڄاڻان، نڪي ٿو شعر سمجهان پر،
جنونِ عشق ۾ جيڪي، چيم گفتا سچا ٿي ويا.

۱۲- سچن جي عشق جو سودو، مَٽو مائو نہ ٿيو ڪڏهين،
ڪچائي ۽ ڪان ڪچن جا ڪئين، ڏنم سودا ڪچا ٿي ويا.
۱۳- رهيا زيرِ ڪمان آعجازؔ جن جي آسمان وارا،
انهن ابرن انهن اکڙين جا، عاشق ڇا نہ ڇا ٿي ويا.

سيم گون: چهر ڪندڙ شفاف

ٿلهه: مُک مڙگان[1] آبرو عَينا۔ نِروار نِظارا لڳا لڳا،
وَهِ چشمان چِقمَق چٹينا۔ کَج[2] ڏار گارا لڳا لڳا.

١۔ غمزي دار بي پَرواهه بالم۔ پِرمَل پردي نشينا،
گُهونگهٽ کولي وينا اولي۔ لاکي ديد ڏُبينا،
نازنٽينا دِن رينا۔ خوءِ ڏار خُومارا لڳا لڳا.

٢۔ آڄ دوش بُدوش آغوش ۾ آهن۔ پڳيون مَن مُدائون،
پُر پيمانن لُعاب لبن سان۔ دِل جا داغ ڌوتائون،
گهوريا سِر گهر سِينا۔ سِينگار سُونهارا لڳا لڳا.

٣۔ حُسن تني جو گاني کَرامت۔ حُسن تني جو جادو،
حُسن سان مارن حُسن سان جيارِن۔ حُسن سان کن تا قابو،
تنهن حسن سا ڙيو طور سينا۔ آرني ء جا نعرا لڳا لڳا.

٤۔ هوش جو نالو هوش جو خانو۔ هوش هنيان چڏهائي،
مُنهڙو ڏيکاريو اعجاز پرين۔ مَدهوشي ء ۾ پَس پُائهي،
هَولي هَولِ اي مَن جي مَينا۔ ديدا ردُبارا لڳا لڳا.

(١) مڙگان: پنبڻيون (٢) کَج ڏار: کجل جي ڏار

قلم: عِشق وَارن جا عَجب ڍِناسون - مَاڳ مَتڪن مَيخانہ،

مَاڳ مَتهن مَيخانہ - رَاڳ ويراڳ رِندانہ.

۱- وَسندا رَهن ٿا، وَسندا رَهندا - عَاشقن جا آستانہ.

۲- پَالوٽ پربهي رَس جي اُن وٽ - پُر فياض پَيمانہ.

۳- صُحبت مُحبت ڪري انهن جي - قلب آئينو روزانہ.

۴- سَاهہ بَرابر سَمجهي سَانيج - گُفتا اُنهن جا گِيانہ.

۵- اُني اَعجازَا آهن سَلامي - ڪَئين جڳ ڪَئين زَمانہ.

قلم: آهيان حضرت عِشق جناب آئون- جِتي چاهيان ڪَيان اُتي خِطاب آئون.

۱- پيرن آميرن ۾، ميرن ۾، شاهن بادشاهن وزيرن ۾،
ڪَن چيرن جوڳين فقيرن ۾، آئيان عاشقي وارو انقلاب آئون.

۲- جِتي چاهيان اُتي ٿيان منزل نشين، هجي آرض و سما توڙي عرشِ برين،
سڀ جاءِ سڀني تو آچي ۽ وڃي، هلايو حڪم سڀني هر باب آئون.

۳- جَنهن ڏي خيال ڪيان تنهنکي لعل ڪيان، جنهنتي پاڻُ ڪيان تنهنجو وِصال ڪيان،
جو قدم پريان تنهن ۾ ڪمالُ ڪريان، نچايان ناڻ ٻه ڪولي نقاب آئون.

۴- مُونسان آبِ خضر به ڪونه لڳي، مُونسان شهد و شڪر به ڪونه لڳي،
مُونسان قاتل زهر به ڪونه لڳي، لاثاني آهيان هِڪ شراب آئون.

۵- مُون ڪان ڪوبه تہ قد ۾ دراز ڪونهي، مُون ڪان ڪنهنجو اوچو آواز ڪونهي،
مون ڪان ڪوبه ڳجهو رنگ راز ڪونهي، جاڳان خوابن جو خُوب حساب آئون.

۶- ڪنهن جُنونن[1] واري جهان آندس ڪنهن مَردن واري مئيخان آندس
ڪنهن طبلي تنبوري تان اندس ڪنهن شاعر مصور نَاياب[2] آئون.

۷- اڳيان مُنهنجي نہ پنهنجي جاڻ رکي نڪي عِلم عقل جا ماڻ رکي،
مُنهن جي سِرجي آعجازا سڃاڻ رکي، ماضي حال قبل جو ڪتاب آئون.

(۱) جنونن: چريا (۲) نااياب: ان لڀ

قلم: قدم پرِ عشق ۾ آهڙو- عدم کان جيئن ڏسئين اگتي،
قضا ڪاتب جي مَس ڪاغذ- قلم کان جيئن ڏسئين اگتي.

۱- جيڪو سمجهي اُهي ڏي آ- سنيهو سالڪ اٿو هي،
ڪِراما ڪاتبينَ جي- رقم کان جيئن ڏسئين اگتي.

۲- توکي عشاق پوءِ چوندس- توکي مُشاق[1] پوءِ چوندس،
خُدا ۽ ناخُدا جي پَر- پرم کان جيئن ڏسئين اگتي.

۳- چلانگ آ عشق جو اهڙو- نهايت ناهه جنهنجي ڪا،
اُهو ڪو عشق رک وِت ۾- وِتم کان جيئن ڏسئين اگتي.

۴- رِنداني راهه تي رَمندي- نه مَنزل جو تلاش تي،
لوائل[2] عشق سان ويندو- ارَم کان جيئن ڏسئين اگتي.

۵- اوراهان فن فهم کهڙا- اوراهان دَم قدم کهڙا،
اوراهين دَرد دعويٰ دَم- قدم کان جيئن ڏسئين اگتي.

۶- عقل امڪان ڪان اگتي- ويندو عشاق پَر ڪوڪو،
عقل جي حَد احاطي خط- ختم کان جيئن ڏسئين اگتي.

۷- نه جنهن ۾ يار جائز آ- نه جنهن ۾ پيار جائز آ،
اِنهي دين و دَرمريت و- رَسم کان جيئن ڏسئين اگتي.

۸- اِهي آهن زَماني جا- سڀئي اسباب اعجازا،
جلال و بزرگي جاهه و- حشم کان جيئن ڏسئين اگتي.

(۱) مشاق: ماهر (۲) لوائل: جهنجهو، علم

قلم: ڪونهي آمر لڪئي سان عِشق ُ ٻَڌل۔ تقدير تي قادرِ عشق ُ ئي آ،
ڪُل شئي تي قدم آ عِشقَ سَندو۔ ڪُل شئي تي مُسَخِر[1] عِشق ُ ئي آ.

١۔ اُهو پٿريون ڳانر ڪير ُ هُيو، ڪَنهن پنهن جي پُوڄا پٺي پاڻ ڪئي،
جنهن تخيل[2] آدم پيش ُ ڪيو، اُهو پٿريون ڳانرِ عشق ُ ئي آ.

٢۔ تقديرِ لکي تقدير پڃي، تقدير جي قيد ۾ راڄ ڪري،
قلم ُ ڪارڪِتي مددگارِ ڪتي، هَر ڪار جو ماهرِ عشق ُ ئي آ.

٣۔ جو عشق جُون ڳالهيون تو مُون کان پُڇيِن، ڇا عِشق جُون ڳالهيون ٻڌندين تون،
ڪُن حرف ڇيڪين ڪائنات تي پکي، اهڙو صانع[3] نادرِ عشق ُ ئي آ.

٤۔ ڪڏ عِشق آکيان تدبير هَلي، ڪڏ قاضيءَ جي تحرير هلي،
ڪڏ لوحي ليڪ لکير هلي، اِهو شاهي شاطِر[4] عِشق ُ ئي آ.

٥۔ فرعون موسيٰ مُتضاد ٻئي، نعرو نام ٻنهي جو الڳ الڳ،
پَر مُوسيٰ فرعون جي پَس پَردہ، آداڪار آڪابُرِ عشق ُ ئي آ.

٦۔ ڪنهن ٻه ٻَند جو پابندُ عِشق ُ نه رِهيو، آزاداڻي خيالُ جو خالق ُ آ،
حُريت جو علم بَردارُ آصل، حُريت سان نِشا نبرِ عشق ُ ئي آ.

٧۔ مردن جي نِگاهن ۾ عِشق رهيو، مَردن جي نگاهن لکيون ميٽيون،
اعجاز انئي جي عشق ته پرو، تنهنجو حامي ناصرِ عشق ُ ئي آ.

(١) مسخر: فتح ڪيل قبضي ۾
(٢) تخيل: خيال
(٣) صانع: ڪاريگر ناهيندڙ
(٤) شاطر: چالاڪ سياڻو

تلمه: عاشق جي نظر هر جاءِ- توکي جهات ڳنڍي آ،
تنهن جي سِر کي ذري پُرزي ۾- اِثبات ڳنڍي آ.

١- جَنهن جاءِ هجين جيئن به- جهڙي رَنگ ۽ ڍنگ ۾،
عَاشق کان لِکي کين سگهندين- ڪِنهن به آنگ ۾،
بِينائي برهه واري- عَجب ڳهات ڳنڍي آ.

٢- کوجِيءَ نه جُدا تنهنجي- ۽ کو تن نه سواءِ تو،
تَحقيق عشاقن آ توکي- خُوب سُڃاتو،
بي کانه هستي سير- مَنجهه صِفات ڳنڍي آ.

٣- هَر زمان هَر مڪان- هَر جَهان ۾ آهين،
هَر ڳيان هَر ڌيان- هر ڳُمان ۾ آهين،
دُکيا ته تنهنجي موجودگي کي- مَات ڳنڍي آ.

٤- عَاشق جي سَواءِ کير- تُنهنجي مَام کي ڄاڻي،
تنهن جي مام الٽي گام- ڏاٽي دَام کي ڄاڻي،
حسن دار روپ هزار- تنهنجي ذات ڳنڍي آ.

٥- جي اولو اسم جو ڳرين- جي چولو جِسم جو،
اَعجاز جي ناهي دِيد کي- کو پولو تسم جو،
هَر هَات تنهن جي سان ته- هِيءَ به هَات ڳنڍي آ.

ثلم: عاشق جي ٿون آهين تہ پوءِ هيئن ٿوکي ٻجا ڇو،
سُڃڻن جي سِتم تي ٿو ڪرين دانهن پلا ڇو.

۱- سڪ جن سان ڏنئي سَاٿ ٿي، ڏس ڏک بہ انهن سان،
رِندن جي اِها رَمز نٿو سمجهين رَوا ڇو.

۲- توکي ٿو ڦٻي تير مُڙگان[1] سان جي هُو سُڃڻو،
آچر[2] ٿي اکيان اُن جي، تون پيهين نہ پلا ڇو.

۳- سِر پاڻ گنيو عشق کي تو پنهنجي خُوشي سان،
پوءِ تولاءِ ٻَنيو عشق اچي هاڻ بَلا ڇو.

۴- ڳالهہ بہ مروت جو حَسينن کي نہ ڪر سُوال،
راضي هو رهن جنهن تي، رکين سا نہ رَضا ڇو.

۵- دامان صبر سان سَندو دَم بہ ڇَڻي ويه،
دَر دَر تو ڪرين دانهون دَردن جون سدا ڇو.

۶- دلبر تہ وفائون بہ ڪندا، جورا جفائون بہ،
واقف تون رڳو تن جي وفائن جو آدا ڇو.

۷- اعجاز اکيون چار ڪجن، پيار پکي سان،
ڪمزور هجن پيار جا، کي سودا سَتا ڇو.

(۱) مُڙگان: پنبڻيون (۲) آچر: نيشان

تلهه: عاشقي جو دَم هڻي رُسوا ٿياسون خواهه مَخواه،
پَر پَنهنجي جَان جا بَدخواهه ٿياسون خواهه مَخواه.

١- آ ظَلُومَا (١) ۽ جَهُولاً (٢) قول قُرآني سچو،
پَنهنجي بي سَمجهائي کان تکڙا ٿياسون خواهه مَخواه.

٢- وَقت آدم کان وَٺي اَڄ تائين آهيون بيقرار،
الوداع چئي بهشت کي ڏُکيا ٿياسون خواهه مَخواه.

٣- ڪُجهه نه وَريو ڪُجهه نه سَريو، عشق جي واپارمان،
پُل ۾ هي سودو ڪَري، سَستا ٿياسون خواهه مَخواه.

٤- حُسن جي هر جَهلڪ تي، حَيران ٿي هر هَنڌ آسين،
رِي ۽ قدرقيمت ذرا پُرزا ٿياسون خواهه مَخواه.

٥- عشق ٿا جَنهن کي چَون، جَائي ۽ جو سو هڪ ڍير آ،
مَنهن بَدن تَنهن مان مَلي ميرا ٿياسون خواهه مَخواه.

٦- سک سچائي لاءِ ڪَري وَعدي وَفائي لاءِ ڪَري،
عَيش سک آرام کان آرها ٿياسون خواهه مَخواه.

٧- جو به آهي بُت حَسين سو في الحقيقت آ فريب،
تہ بہ تَنَا سَمجهون آسين چَريا ٿياسون خواهه مَخواه.

٨- نيچ ڪَارن جي به اڳيان نيچ ٿيٺو تو پَوي،
آبروءِ عشق لاءِ نيچا ٿياسون خواهه مَخواه.

٩- دَامن بي داغ کي دَم دَم بَنائي داغدار،
غَير وَٽ تاثير وَٽ هلڪا ٿياسون خواهه مَخواه.

١٠- جسم جَان ڳَاري ڳَري، لحم و لعُو ٻَاري ٻَري،
عِشق جا اعجاز چئي چَمچا ٿياسون خواهه مَخواه.

(١) ظَلُومَا: ظالم (٢) جَهُولاً: جاهل

ٺلهه: هڪ عشق وارا ڳنڍ ڪير ڏنهه پيو ملڪ ٺفرقي ڳير ڏنهه.

۱- حقي عشق جتي هيڪڙائي آهي، ڪنهن وار جدائي نه ٻيائي آهي،
تفريق جي واهه نه وائي آهي، آهي فرقا بندي ناگذير ڏنهه.

۲- هن نظر مان گذريا زمانا ڪيئن، هر زماني جا ٿين ٺسانه ڪيئن،
هر فساني جا ترجمانه ڪيئن، بنا برهه سي سڀ بي بصير ڏنهه.

۳- چوڏيرچو ڌاري چڪاسيو سون، وچ وچور ڏسي من وماسيو سون،
بي پير زمانو آباسيو سون، هت نينهن وارن کي نصير[1] ڏنهه.

۴- ڪتي ٿونڊ ڏڏش کان ٿوت ٿنت، ڪتي ڪيني ڪروڌ کان ڪرب قلت،
ڪتي ٿون چاٿون چا کان ٿار ٽپت، ڪتي وڙهندي ڪبير وصغير ڏنهه.

۵- پيو ڳجهڳ ڳاهي ڳفت ۾، هر حرص هوس ۽ حرفت ۾،
پري پير نه ڪير ڪو الفت ۾، آهنڪار[2] ۾ هر ڪو آسير ڏنهه.

۶- جن عشق جو نعرو نمود[3] ڪيو، تن پهرين ترڪ وجود ڪيو،
ٻاري ٻان ڪي عشق جو دود[4] ڪيو، تن جي آهن ۾ تاثير ڏنهه.

۷- ڪٿهن لکر ٿاڪيندڙ عشق ٿي آ، ڪٿهن ٿار ٿانگهيندڙ عشق ٿي آ،
ڪٿهن ٿلڪ اورانگهيندڙ عشق ٿي آ، عشق ڪعبه مندر جو پير ڏنهه.

۸- سواءِ عشق جي ڪنهن کي ڪير وڻيو، سواءِ عشق جي ڪنهن جو ڪير ٻڻيو،
سواءِ عشق جي پائي ڪير جڻيو، جڻيون عشق وارو آڪسير ڏنهه.

۹- جيڪي محبت جا متوال سدا، هر حال ۾ آهي هم خيال سدا،
هي مثال آئن هي ڪمال سدا، ڪس رس تي انهن کي قدير ڏنهه.

۱۰- آجهي عشق واري اعجاز وڃي، مون ملت عشاقن واري مڃي،
دل هڪي جو محبت لاءِ اچي، ملي محبت دل ٿي سڌير[5] ڏنهه.

(۱) نصير: فتحياب (۲) اهنڪار: تڪبر (۳) نمود: ظاهر (۴) دود: مچ (۵) سڌير: خوش

تلم: جي زهر ملي تہ بہ ڪُجھ نہ ڪَري، آسين زهر کي آمرت ڀانيون ٿا،
جڏهن عاشق نام سڏايوسون، تڏهن قاتل ڪثرت ڀانيون ٿا.

۱- اهو عاشق ٻين ٿا پُرپيالو، نيڻن نشي واروِنت نرالو،
اَج آهي آجان ڏي سَرس سُوالو، آسين موت کي حَسرت ڀانيون ٿا.

۲- جن قيد ڪمايو قُرب مَنجهان، تن چاتو مَحبت مام مَنجهان،
جَن سِر سام مِلو ڪيو نام مَنجهان، آسين تن کان نفرت ڀانيون ٿا.

۳- چَوي اعجاز علي آءُ وَجِ نہ هَٿي، هِت ويهي پِيءُ ٿون وِه جي وَٽي،
ڳاري هُجي يا تورِڙي ڳَٽي، آسين شافي شَربت ڀانيون ٿا.

تلم: حُسن پائي ٿو جهاتي- ڪاتي عشق وَهائي ٿو.

۱- عشق وَٺي ٿو اولو حُسن جو- ڳالھ اِها ڪُجھ ذاتي- ڪاتي عشق وَهائي ٿو.

۲- حُسن کي شوق شِڪار جو ليڙو- تير ڪمان تنهن چاتي- ڪاتي عشق وَهائي ٿو.

۳- حُسن هوڳاريو عاشق کي- ڪيي عاشق بينو چاتي- ڪاتي عشق وَهائي ٿو.

۴- عاشق ٿي ويو مُرغ بريان- کو ڳائڻ وارو هُجي پاتي- ڪاتي عشق وَهائي ٿو.

۵- مَحبت جي مَيدان اندر آ- ڪُوڙن لاءِ مَماتي- ڪاتي عشق وَهائي ٿو.

۶- مُوتو قبلل لِيءُ تہ ٿئي ٿو- حاصل آمر حَياتي- ڪاتي عشق وَهائي ٿو.

۷- عشق اعجازا آهڙي شَخصيت- مُنهن نہ مَلائڪن لاتي- ڪاتي عشق وَهائي ٿو.

ٿلهه: هن عشق جي الست کي ڦيٽا ڇندا مَنڊ ڇا ڪندا،
راڪا رڪون ڀڃڙا ٻڙيون جھٽڪا جَهلا جُهنڊ ڇا ڪندا.

١- جوهر لڳي فرتيُن ٽُٽي ويو عِشق جي چوهه ۾ چُٽي،
تنهن لاءِ لاغرض تي ڏُک ۽ ڏمر ڏنڊ ڇا ڪندا.

٢- جِت جِت مَلک وَڃنا نه رهنا اُت لڳا آهن نين مي،
تَنهن پار پُهچڻ لاءِ ٽُرها سيٺهيون سَنڊ ڇا ڪندا.

٣- اي ميان پارس پڙهيا تُون ڪَر پَنهنجي پُوري پَري،
جَن مليا وَنڊ ورهه جا تن کي پيا وَنڊ ڇا ڪندا.

٤- اعجاز چمڪي مِن دل تي آ ازلي حُسن جو اولڙو،
شمس شعلا شر بتيون چمڪي چِهرا چَنڊ ڇا ڪندا.

ٿلهه: عِشق ڪيم انسان، نه ته آلاجي ڇا ڇا هُيڙس.

١- پريم ننگر ۾ پيرڙو پائي، پَنهنجو اُتي نت پاڻ وڃائي،
پِرت جو ڏيئي پيمان، مُوتو قبلل هَر هَر ٿيڙس.

٢- عِشق جا اُلٽا آرا اويڙا، رَحماني شيطاني رايا جهيڙا،
سَمجھي ٿيس سُجان، وَحدت جي جڏهن ويڙهي ويڙس.

٣- پَنهنجي خُوشي ۽ پَنهنجي رَضا سان، پَنهنجي ٿلهه ۽ پَنهنجي قضا سان،
سُورن وارو سامان، سان ڪٽي مِن پِجري ۾ پيڙس.

٤- دَرد اندر ۾ ازلي ڏکي ٿو، اعجاز علي شاهه عَجب لڳي ٿو،
جِيڏهن هو نه گمان، نينهن اوڏاهين ناڻي نيڙس.

ٹلم: عَاشق سَدائين ٿا رَهن - خُود خِيال پَنهنجي، تي مگن،
ٻيو مُلڪ مَايا تي مگن - هِي حَال پَنهنجي تي مگن.

١- ڪَنهن جي سُڻن سَمجهن نَڪو - ڪَنهن جي پَون شش پَنج ۾،
آنئي پَهر آهن عَجب - آحوال پَنهنجي تي مگن.

٢- هِڪ چَال سان هِڪ پَل آندر - حَق سَان وَڃي جي هِڪ ٿيا،
سيئي ڏِٺم بِلڪل ڏِٺم - ٽَنهن چَال پَنهنجي تي مگن.

٣- آفاق ۾ آهن تہ ڪَئين - عبرت پَريا آشغال سَڀ،
پَرهي تہ ويا ٿي پَاڻ سِر - آشغال پَنهنجي تي مگن.

٤- ڪي غَرض پَنهن جي تي مگن - ڪَي قَرض ڪَنهن جي تي مگن،
ڪي فَرض سُنت ۽ عَمل - آعمال پَنهنجي تي مگن.

٥- هِڪڙا اُڏارا پَر وَٺيو - پَرواز ڪن پَر ڳُور جا،
هِڪڙا تہ آهن فطرتي - پَر بَال پَنهنجي تي مگن.

٦- جڳ ڪي مُباح آسيڪي ٻيو - ۽ عَاشقن ڪي عَاشقي،
اَعجاز آهر آدمي - تہ ڪمال پَنهنجي تي مگن.

اشغال: شغل

تلمه: عاشق کي ڪڏهن ڪات ڳان ڪند ڪوئٺو ڪونهي،
وڪار ائين عشق وارو ڪوئٺو ڪونهي.

١- دعويٰ جي ڪجي عشق جي ڏانهون پوء ڪجن ڇو؟
ليلائي اکيان لوڪ، لڙون کي لوئٺو ڪونهي.

٢- جي چاڪ اٿئي چت ۾، اهي ڇڏ ته ڇڪن پيا،
ڏيڍن جي ڏنالين جو زخم ڌوئٺو ڪونهي.

٣- دل ڏار متي ڏان، اکيون نمر نه ڪڏهن ڪن،
رندن جي رسومات ۾، ڪو روئٺو ڪونهي.

٤- معنيٰ سان حقيقت سان، معرفت سان مڃي پر،
بي نيتو ۽ بي ريتو، نظم پوئٺو ڪونهي.

٥- سڄڻن جا ستم سهه ۽ نگاهن ۾ سندن رهه،
ڪر چون نه چرا ئون، توکي ڪجهه چوئٺو ڪونهي.

٦- تي ڪوپو ڪڏي آ، اچي ڪس تون اڏي، تي،
هت يار بزدلي، جو ٻج بوئٺو[1] ڪونهي.

٧- اعجاز ملي وار اٿئي، مور نه مڙ تون،
جند عشق جو ٻئي ڪنهن کي ڪڏهن جوئٺو[2] ڪونهي.

(١) بوئٺو ڪونهي: پوکڻو ڪونهي (٢) جوئٺو: پيهڻو

تلم: ڇڏِلياڪا لوڪ جا- ڇا عاشقن جو عام سان،
پاڻ آجو ڪر اتاهين- عِشق جي آحڪام سان.

١- هي هتي جا حال پائي- ڇا ڪماڻا حِرص ڏيئي،
هَٿ وٺي حاويءَ ۾ هَنندءِ- هُل وڏي هاڳام سان.

٢- پُور پوري پيا پٽر ۾- پور پرين جو پچاءُ،
پاڻُ ماري لاءِ دلڙي- پرت جي پيغام سان.

٣- مَذهبن جي مامري ڪان- مُنهن مٺي موشو ڪري،
من مڙهي مضبوط ڪر- مَحبوب واريءَ مام سان.

٥- گُر منجهان جي گر لٿين- گم نام تي گوشي گُذان
ڳاءِ گيرب[1] کي ڳنوائي- گهم گياني ڳام سان.

٥- ڦرض ڦرمودا وساري- ِفتنتي ڦاسد بڻئين،
فيض فاسق[2] ٿئي نه توکي- ڦن فريبي ڦام سان.

٦- ڪور ڪينو قلب تان- ڪامياب ٿيندين قرب ۾،
ڪر اچو پنهنجي اندر کي- لا لاهوتي لام سان.

٧- آهه واجب تو آعجازا- ِننڊ آرس کي ڇڏي،
عشق جو ارشاد مڃ- اقرار با انجام سان.

(١) گيرب: پيائي، دوکو (٢) فاسق: فتنو ڪندڙ جهيڙو ڪندڙ

تلمہ: عِشق ظَالم جي اِشاري طَور اُلٽا توريا،
سَيف آبرو کي سِينگاري سِر ڪُلهن ڪان ڪَوريا.

۱- وَر سور نواري لاءِ ويهي، چنگ ڪنهن پٽي چوريا،
ڪنهن ڏنو سر ڪَنهن رکو چو داس داسيون دوريا.

۲- قَيس کي چَرٽي ڪَرڻ لاءِ، نين ڪَمڙا ڪَکوريا،
ڪيف ڪَمڙي مَست ڪَيو، ڪَمڙا متس وَل مَوريا[1].

۳- دَار تي منصور کي نِيو ڪنهن ڪري هَل هَوريا،
آڪ پاٽي انصاف ڪرمي ڪنهن جا هٿا ڳل پورهيا.

۴- شيخ کي وچڙي ويا لَٽ زلف هو شهزوريا،
دين مذهب ٻَن ڏيٺي وجي خُوڪ[2] ٽنهن ڏس ٽوريا.

۵- ڪَربلا ۾ قرب هو کي شوم ناحق شوريا،
چا اهو هو چاٽي گذريو چو گهوٽن سر گهوريا.

۶- سُک چَڏي ڪَنهن جي ڪَري، وَجي سُور سسٽي سَنيوريا،
هيڪلي سِرسَٽ ُپڏي، ڏينهن رات ڏونگر ڏوريا.

۷- عِشق هن جا عاشقن اعجاز چٽي ڏک اوريا،
هي اُهو آهي ستمگر جنهن وڏا جُنگ جهوريا.

(۱) موريا: ولين جو ڦٽڻ (۲) خُوڪ: سوئر

مطلع: آسان آ ٻُڌڻ ۾، آسان عِشق نَاهي،
سَڀ ڳنهنجي سودي سڌ جو، سامان عِشق نَاهي.

١- جَن آ ڏٺو وِهايو، تِن آ صحي سڳايو،
آرزان چيز پيا سَڀ، آرزان[1] عِشق نَاهي.

٢- سُوري ۽ جو سُونهون وَاقف، ٻي رَهبري نہ جَاڻي،
زَاهد جي زُهد وارو، خَفقان عِشق نَاهي.

٣- مَسجد مَڙهي ۽ مَندر ۾، مَعندار مُک ٿي وينو،
ڳنهن قيد "لا" قلم ۾، زِندان عِشق نَاهي.

٤- جَنهن عشق کي آ چاتو، آرام عَيش جِي ۽ جو،
تَنهن لاَخبر جي لاَشک، مَنجهہ جَان عِشق نَاهي.

٥- جِند جَان جِي ۽ جِسم سَان، حَيّ القَيُّوم[2] آهي،
بي جَان چئو نہ تنهنکي، بي جان عِشق نَاهي.

٦- دَائم ڪري دِيوانا، دِيوانا ٻي زُبانا،
حَيران حَال تن جو حَيران عِشق نَاهي.

٧- اَعجَازا آ يقيناً، هَر ڳالهہ عِشق جي حَق،
ڪڏهن ڪِٿي بہ ٻَڪندو، هِذيان[3] عِشق نَاهي.

(١) ارزان: سستو، سهانگو، جام (٢) حي القيوم: سدا حيات، قائم (٣) هذيان: وِڙڻ

تلم: اِها عام کي ناهي پروڙ- عاشق عِشق معشوق ڇا مي.

۱- ڳالهہ ڪِيئن آ ڪيئن پڪي پُڇجي- ڪيڏا ٻڌا آڻن ڳوڻ
ڪير ڳوڙن کي سچ ڏي ڳاهي.

۲- ڪيڏهن جا ڪيڏهن پيا ڳانگ اڏائن- ماڻهون مُورک مُوڙهہ،
وهم وِيا ٿن کي ڪيڏهن واهي.

۳- عاشق عِشق مَعشوق سوئي- سمجهن کي ڳُوڙها ڳُوڙهہ،
ڳالهہ جاڳو شُبهہ شڪ لاهي.

۴- سِڪ ۽ سِيڪڙُو سچِن ساندهہ- سِيئي سانپ سنيُوڙ
دم بہ جدائي دُوري ناهي.

۵- حق حقيقت حال اعجازا- مڏنہ ڄاڻن مُوڙهہ،
اک ڏسن واري ڏسندي آهي.

تلم: آهي عِشق جو آڙهہ جِتي جِتي، آسين اُتي اُتي.

۱- پيو نہ ڪيڏهن ڪو يار آسانکي، رُوح پنهنجي پرِتي رِتي،
آسين اُتي اُتي.

۲- چِت سان ڇاهيو ڏسن چِتايو، چشمن ڇڏيا چِت چِتي چِتي،
آسين اُتي اُتي.

۳- نار خليل اللهِ وسري ڳانهي، وسري اُها ئي ڪِتي ڪِتي،
آسين اُتي اُتي.

۴- هِت ڪو مُلاڻو ڪونهي مُشاهدو، عشق جي منزل مَتي مَتي،
آسين اُتي اُتي.

۵- جهاتي آسان ڏي جانب پاتي، منجهان ڳُجهي ڪنهن ڳتي ڳتي،
آسين اُتي اُتي.

۶- جِتي اعجاز ڇڪي حُسن جا جهلڪا، تن مَن عشاقن جو تِتي تِتي،
آسين اُتي اُتي.

ڳتي: سوراخ، ڪڙڪي، دري

قلم؛ عِشق ۾ ٿي اِظهار- اَنڪل وَارو آولو ڇڏي ڏي.

١- ڏُورنگيءَ ۾ اچي ڏُوئي هٿ ڪئي تون، ڪُوڙي سچي جي پَرک نہ پئي تون،
وَحدت ڪِيم وِسان پَورو نہ ٿِي اهو پولو ڇڏي ڏي.

٢- مُخنث[1] مونث[2] مرن دنيا لاءِ، مَرد مولىٰ جا مرن مولىٰ لاءِ،
قَالو بَلىٰ ڏي نِماڻ ٿولين وارو ٿولو ڇڏي ڏي.

٣- پِرت پَنو پڙهي ڪَڙهہ تون قلب ۾، وِجھہ نہ وِٿي ويچو حق جي طلب ۾،
مَحَبت جا مَئَ ڏان رِڃي مَاسو ٿولو ڇڏي ڏي.

٤- ويس ويراڳي سراپا پائي، اڪڙيون اَعجازا يار سان لائي،
سورهہ ٿي سروان ڇرڪ ڇپڻ جو ڇولو ڇڏي ڏي.

قلم؛ چڙهيا عَاشق چاڙهي صَبر جي سَهاري،
رَسيا رَاز رَنگ ڪي سُوريءَ سِر سِينگاري.

١- آصل هون جيڪهن دِلي خيال رايو- قدم قُرب مان تن اوڏاهين چايو،
ٽوڙي تال طلسم وِينا پِرت پَاري.

٢- نہ هَٽيا نہ هَٽندا، هَليا راهہ حق تي- مَچي مَست ٽيڙا مَحويت مُلڪ تي،
دنيائي دَور دڪبو نہ سگهندن ڏُٿاري.

٣- پَچائي پَاڻ پاڻهي پتڻ پَار اُڪريا- آويسي[3] عَجائب عِشق سان اُڪريا،
پُڳيان جگ انهن جي پَلي جڪَ پيو مَاري.

٤- اَعجاز عليءَ سان آئن نِينهن لڳو- تڏا مُنهڙو موڙن تنهن ڪان ڏِينهن راتو،
ڪَيئون سَانگ سُرهو نظر جي نِظاري.

(١) مخنث؛ ڪدڙو (٢) مونث؛ عورت، مادي (٣) اويسي؛ اويسي حال وارو (اويس قرني)

تلمه: سرِ عشق ۾ واري پوءِ- ارمان وري کمڙا،
سارين ٿو نفعا نِينهن ۾- نقصان وري کمڙا.

۱- پائيهي خوشيان پنهن جي- آ عشق آئايو تو،
هر بار چشم هائي- گريان[1] وري کمڙا.

۲- ٿو عشق چتان اپري- عاشق ٿي اتي بيهجي،
ميدان ملهائڻ ۾- آنجان وري کمڙا.

۳- ڦا عشق چوَن جنهن کي- سا آڳ الاهي آ،
تنهن آڳ الاهي تي- بُهتان وري کمڙا.

۴- پيمان تي پيمانو- ساقيءَ کان وٺي پيتئي،
اڄ ڪِيئن ٿو چوين آهن- پيمان وري کمڙا.

۵- ڪڏهن بہ معرفت جو- بُرهان[2] اِهو ڪونهي،
پيٽين ٿو پلا مندر- بُتخان وري کمڙا.

۶- وحدت ۾ وڃائي وڃ- وِيچا جي پيائي جا،
حق جهڙي حقيقت ۾- ڦُرقان وري کمڙا.

۷- جي هان ٿو ڏارين سي- اڳ ۾ ٿي ٿون ڏارين ها،
هي هوش هينئر وارا- دمِرِ ڏيان وري کمڙا.

۸- وٺ مان کان ڪم عاشق- ڏانهن مان نہ ڪجهہ ورندي،
جن آهہ وڪڻان ڪئي سي- جُنگ جوان وري کمڙا.

۹- تو عشق کي ڪونہ لئيو- وِيو عشق لئي توکي،
سر جهين ٿو سمر اڳ لاءِ- سامان وري کمڙا.

۱۰- آعجاز وساري ڇڏ- افسانہ بعيدانہ[3]،
گذريءَ جا پڙائين پيو- گذران وري، کمڙا.

(۱) گريان: آلان، روئڻ (۲) برهان: دليل، ثبوت (۳) بعيدانہ: گذريل، پراڻا

تلم: عاشق قلندر مست تي- مُهڪار ها حُسنات جا،
بِجليون بَدل بيحد ڏنم- اُت برم جي برسات جا.

١- چوگان[١] ۾ باشان ها، شمعدان شمر شُعلات جا،
لوبان[٢] سرڪنڊ ڏُوپ سان، دونهان اگر دِن رات جا.

٢- اوچو عَلم اعليٰ عجب، بَيرق مٿس برڪات جا،
مَستن اُتي مَستا هَنيا، جذبي منجهان جذبات جا.

٣- ماڻهو مُلڪ هِند سِند جا، حاضر ڏنم هر ذات جا،
ڪي سانولا ڪي سِيم وتن[٣]، ڪي گل رُخن گُجرات جا.

٤- مَدمَٽي ڪَشا مَن موهنا، مُشتاق ڙا تجلات جا،
سي سَر بَسر سينگاريل، سڀ سُرخُرو سُخنات جا.

٥- جلوي نما جانب هٿا، جهلڪا لڳا شش جهات جا،
پَچندي رهيا نچندي رهيا، ناڻگا رِندي رسمات جا.

٦- دَرسا دَمالي دائما، ڏِن ڏيان جي درجات جا،
نيهي نقارا نُوبتي، اعجاز ها اِثبات[٤] جا.

---

(١) چوگان: ميدان. چوديواري (٢) لوبان: خوشبوءِ دار ٻوٽي
(٣) سيم وتن: چانديءَ جهڙو بدن (٤) اِثبات: ثبوت سان

ٿلھ: ٿُنھنجي عشق وڪا تان گھوريان هَر هَر گھور- عَرش بَرين گھوريان آسمان گھوريان،
سِر ساھ صَدق ڪَري توتان وَري، دُنيا دين گھوريان ھِڪي جھان گھوريان.

۱- ٿُنھنجي جمال مَڪان پَنھنجو جَلال گھوريان- جيڪي حاضر اَڪر سو حال گھوريان،
مَڏيون مَال گھوريان ھِيرا لعل گھوريان- سون مين گھوريان سَڀ سَامان گھوريان.

۲- حُورون باغِ بھشت رضوان گھوريان- گُل گون گُل بدن غُلمان گھوريان،
شَمس و قمر گھوريان شَمع شمعدان گھوريان- مَاھِ جَبين گھوريان جِن و اِنسان گھوريان.

۳- توتَان هَر شيءِ آئون هر وار گھوريان- نيلُون آرب پَدم لک هَزار گھوريان،
سَارا شَھر بَحر دَھر دَيار گھوريان- رُوءِ زَمين گھوريان رُوءِ زَمان گھوريان.

۴- توجي دَم قَدم مِلي مُون سَان پَريا- ڍَارا بَخت وَارا خُوبان خُوب ڍَريا،
تو آئي اعجاز چَڪي ڪُل ٿي ڳَاڄ سَريا- شَاهي خَزِين گھوريان شَاهي شَان گھوريان.

ٿلھ: جَني کي سِڪ سَچي ثَابت- تَني لاءِ تَار تَانگھو آ،
اُڪنڊ ءِ عِشق جي اَڳيان- نہ ڪو وَرُ وَھُم آنانگو آ.

۱- چَڏي ڪُوڙا بَھانا مِنھَن- جي مَليا سي وَجي رَسيا،
اُنھن هُن پَار جو پُرجھي- لنگھيو گھٽ گھاٽ لَانگھو آ.

۲- عَھَدُ قَالُوا بَلِيٰ پَارڻ- ڏاڍو مُشڪل آهي ٿن لاءِ،
آ دُنيا جو اَجا جَن کي- لاَرو لھرُ ءِ آسانگو آ.

۳- نہ هُنيا هيچ حُب وارا- مَلامت هُوس مِھڻن کان،
گَڇيءِ گُل عَاشقن مرڪي- ڳِلا جو پَاتو ڳانگھو آ.

۴- مَماتي موت نَاهي هَڏ- حَقيقي حَال وَارن تي،
آھڙو اعجاز ڪر آن جو- اوپارو ٻَل اَچانگو آ.

رضوان: جنت جا دربان، داروغو

تلمه: عشق جو اَلِنو پَندِ پَسارو، پير ايذاهين پائيندو ڪير،
پير ٽڪائڻ مُشڪل آهي، پير اُتي پوءِ ٽڪائيندو ڪير.

١- عشق جي راهه سان جيڪو رَمندو، آرض و سَما تنهن جا پيرا چُمندو،
دَرِ بره جو رِند ڪو ڏَمندو، آرهه سيني ڇُپائيندو ڪير.

٢- دوستيءَ جي دَستور سواءِ، پيچ پَڪي پَهه پُور سواءِ،
مَرد مگن مَنصور سواءِ، سِر ڏيئي سُوري سَجائيندو ڪير.

٣- عشق جي اُلٽي ٻولي چالي، عشق جي اُلٽي بازي بَنوالي،
عِشق جي اُلٽي دام دُوالي، قيد ڪُريز ڪمائيندو ڪير.

٤- لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰی سان، عاشق چَوندءِ اِنهي آدا سان،
گهر سِر گهورڻ واري وَڪا سان، مَقامِ خَليل مَلهائيندو ڪير.

٥- عِشق حَقيقي عِشقِ مِجازي، مَعنيٰ ۾ ٻئي سوزي گُدازي،
مَشق ٻنهي جي مُشڪل بازي، مَشق ٻنهي جي پَچائيندو ڪير.

٦- پَندِ پَسارو عِشق جو اَلٽو، نَظر نظارو عِشق جو اَلٽو،
رَمز اشارو عِشق جو اَلٽو، اَلٽي اَڪ آڙائيندو ڪير.

٧- ڳُوالان وَاٽ بَنائيندو عاشق، وَاٽ سان پير نه پائيندو عاشق،
لاشڪ اَلٽ ڳالهائيندو عاشق، ٻيو اَلٽ اعجازؔ ڳالهائيندو ڪير.

لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰی: پياري ۾ پياري شيءِ قربان ڪرڻ (سر ڏيڻ)

ٿلهه: اُهو ئي عِشق آهين تُون - جيڪو آدم تي آيو هو،
آثرِ اثبات وَاري سَان - آمر رَبّي پَچايو هو.

١- چِيرايو جَنهن تہ زَڪريا کي - قتل يَحيٰ ڪَرايو هو،
يُوسف يَعقوب کان تو ڙي - مِصر ۾ مَچ مَچايو هو.

٢- مَڇي جي پيٽ جَنهن يُونس - خَليل آڙهہ ڏرايو هو،
اِنّي اِنَ الله مُوسيٰ سان - عِيسيٰ سان ڦَم آلايو هو.

٣- آچي جَنهن اولي آحمد جي - رَسولي رَنگ رَچايو هو،
شيرِ يَزدان سَان ٿي شامل - آڏو شِرڪي اُڏايو هو.

٤- حُسيني حَالِ همت سان - حَقي جَنهن هُل هُلايو هو،
حَاشو ڏئي حُڪم جو حُر کي - ٻَبر بَرسِر بَنايو هو.

٥- شَمس مَنصور مَجني جو - جَنهين لِڪو لِيرايو هو،
عَالم صُنعان کي اعجازؔ - چِٽي بُت لِي پلايو هو.

ٿلهہ: تنهنجي عشق ڪان ڪريان ڇو آئون زاري، توسان ياري آياري،
ٿُـن جو برهہ تہ مون لاءِ آ بهاري، توسان ياري آياري،

١- ڪر تون جفا پلي ڪر تون جفا، تنهنجي جور و جفا سان پيار اٿم،
تنهنجا ظلم ستم سنگ دلاڻا قدم، پانيان ترب ڪرم جي بجا ٿو صنم،
تنهنجو زخم زخم چڻ دلداري،

٢- روهہ جبل جي آ دل تنهنجي، اٿل منهنجا بہ ارادا،
بي نياز حسن جي آ تنهنجو، پهہ پور منهنجا بي باڪا،
آئون جاڻان نہ سچاڻان انڪساري،

٣- دور رهين جي نفور[1] رهين جي مور هئون تون مغرور رهين،
تاب ڪرين جي عتاب ڪرين، جي حساب ڪتاب شتاب ڪرين،
آهيان عشق جو تہ بہ اقراري،

٤- عشق جي صف ميدان ۾ آئون، تنهنجو شريڪِ شان آهيان،
عقل واري ايوان ۾ آئون، اعجاز چوي عصيان[2] آهيان،
آهيون هڪ ئي شجر جي نہ تہ ٽاري،

(١) نفور: نفرت ڪندڙ ٿيندڙ (٢) عصيان: گنهگار

ٿلهه: ڪيا عشق وارن نظارا نيارا. اُنِ آشڪارا ته نعرا سوپارا.

١. سچو عشق جن کي، خبر سڀ اُنهن کي، ملي نرت واري نظر سڀ اُنهن کي،
سُوري ۽ سر ڏين سي، سچارا سُتيارا.

٢. ڪي عام سمجهي ڪي خام سمجهي، عجب عشق وارو ڪو اسلام سمجهي،
مُڪن جا مذاهب مُونجهارا اُونترا.

٣. پسن حق کي هرجاءِ پُوري ۽ منجهه پرجا، پُڄن ڪونه مسجد پُڄن ڪونه گرجا،
صُورت جا سدا سي پُوڄارا اُجارا.

٤. ڪلي عشق جن کي نيائن به تن پيو، برهه بار باري مُدامي مٿن ٿيو،
پڇي ويا برهه کان بي تارا بي چارا.

٥. ڪُٺم عشق وارن جون گالهيون نراليون. ڏٺم تن جون جگ کان ته چاليون نراليون،
سُبت جگ اُبت عشق وارا اشارا.

٦. اعجازا علحدا تنهنجا قول گفتا. نه سمجهن بي ڏيانا نه نادان بي بختا،
سچو تون سو سچ چئه سو وارا اي يارا.

ٿلهه: بنده نام ٿيو آلم عام ۾. جڏهن عشق جي آيس آري.

١. اڪر عشق جو آهڙو ئي آهي، پاڪ پوتي ۽ لڄ لاهي،
رت رڪاڙي رڻ راهي، روز گذري ماتام ۾ زيب وچايم ذوق ذري.

٢. ورهه وڏيون ڪنهن سک نه سنيرن، نيڻهن جي نوڙي ۽ منجهه نجهرن،
ناهه ڪان نانگيون ٿيون نڪرن، ڏوريو ڏسن ان گام ۾ هڪ سڄڻ جي پڪ ڪري.

٣. پيرين پيادي ڪيچ ڏي ڪاهيم، سُور ۽ سختيون سر تي ساهيم،
بار برهه جو اوکو آيم دل ڦاٿي آدام ۾، تڏهن موت ڪان اڳ ٿي مري.

٤. پڪي گڙي جن ڪان آهيان، تر به آڃان تن کي ٿي چاهيان،
اعجاز اُميدون لک ٿي پانيان، موتي ملندا مام ۾، ڪين اٿن پند ڪو پري.

ٿلهه: عِشق اِنهي ۾ آڙيل - ٿابو آهيان ڪڙيل،
ڇاهيان پُوڄيان حُسن - ڳالهه نه هي ڪا ڳُڙهيل.

١- سُونهن جيڏهن ٿي سُڄي - ته رُوح تيڏهن ٿو ٿڄي،
بِرهه اِتانهين ٻڄي - ٻار و ٻار ٻڙهيل.

٢- قُبل نماء ڀانيان حُسن - راهه نما ڀانيان حُسن،
ڪعبة الله ڀانيان حُسن - خِيال اِتي آڪڙيل[1].

٣- چشمن واري چاڙهي - عِشق ڏسي عِشق ڀاڙهي،
عِشق مِلائي ٿاڙي - چوٽان چوٽ آئون چڙهيل.

٤- شمس عطار ڪِ جُنيدي - رُومي شيرازي سعديؒ،
ڪا ڪُل يار جا قيدي - مَن تَن مِيندن مڙهيل.

٥- جِن لاتو تَن ڄاتو - نِيٽن وارو ناتو،
لِيليٰ مجنُي لاتو - ناتو نان ۽ چڙهيل.

٦- طعنا بُهتانا بَرسِر - سَپ سُور سَورهن آنا بَرسر،
آوڪا زمانا بَرسر - ته به سَمن[2] تي قيان سَهڙيل[3].

٧- عاشق دِل اعجازا - ڪِرت ڄاڻي ٻي ناڪا،
پُڄڻ حسن جا پاڇا - پاڇي[4] حُسن جي پڙيل[5][1].

(١) ڪڙيل: ٻينل (٢) سمن: انجام، مقرر ٿائيم تي پهچڻ (٣) سَهڙيل: پهتل
(٤) پاڇي: ڇانو، سايو (٥) پڙيل: پِيَل

ٺلهه: بَازار عشق جيءَ ۾، وَاپار آهي حَق جو،
سِر ڏين ته عَاشق سَڏجين، وَهنوار آهي حَق جو.

۱۔ ڪَچ ڪُوڙ دوڪو دڪبو، ڪَڏهن نه اُت هَليو آ،
هو ڪو صَريح ثابت، هَروار آهي حَق جو.

۲۔ ناڻي ۽ مَال زَر جي، ناهي ذَرو ضَرورت،
دِل پَاڪ صاف گهر جي، هي آر آهي حَق جو.

۳۔ ڳُن چور ڪور ڄُوٺا، ڄَالي اُتي نه سگهندا،
هُت پَارکو پَکو هِڪ، پگدار آهي حَق جو.

۴۔ اعجازؔ عجز وارو، پِي جَام رَهه آدب ۾،
دِيدون آڙائي گهرلي، دِيدار آهي حَق جو.

ٺلهه: عِشق جو آحسان آ۔ جنهن پَاڻ کان پَالهو ڪيم،
مَوج مَستي مَام ڏئي۔ مَخمُور مَتوالو ڪيم.

۱۔ عِشق جو بَردو بَندو۔ پَاڙي پياسي آهيان،
نيڪ نَامي وارو نَقشو۔ گُمِ نشان ٽالو ڪيم.

۲۔ عِشق مُنهنجو هَادي مولِيٰ۔ عِشق مُنهنجو رَهنما،
عِشق جي دَم بَانوري۔ بيخوف بِي خيالو ڪيم.

۳۔ عَاشقن جي مُنڪرن کان۔ عشق ڪيڙو آشنا،
تَن اکيان هِن دِل زُبان تي۔ صَبر جو ٽالو ڪيم.

۴۔ عَام ظاهر ڏي اعجازؔ ا۔ عِشق بَاطن ڏي چِڪي،
عَام کان اُلٽو تَڪهن۔ پَنهنجو چلڻ چالو ڪيم.

ٿلهه: ڏسي عِشق وَارا آختيار - عَقل لاچار ٿيو.

١- هُڙئي ڦِٽا هَٽيار ڪَري مِيان - عِشق آڳيان گائي هَارِ وبو، لاچار ٿيو.

٢- وَايون عَقل جون وييون تہ مُنهجي مِيان - حَيرت ۾ هَروارِ پيو، لاچار ٿيو.

٣- عِشق جي ذَات نِيات نسب ۾ - پَاتئين جِنهن وَارِ ليو، لاچار ٿيو.

٤- عِشق ائين آجيئن ڪي سچ آ - عَقل ائين جيئن يَار ڏيو، لاچار ٿيو.

٥- جُهوٽي عِشق جي اُڏائي عَقل کي - نِت نِت اُلٽي پَارنيو، لاچار ٿيو.

٦- عِشق سَواءِ اعجاز چوي - چيم عَقل جو چَار ڇِيو، لاچار ٿيو.

ٿلهه: شُعلي شَمع جو شَوقين، رُوح پَتنگ پَروان مُنهنجو.

١- سُونهن صُورت جو سيڪڙو آهيان، دَرم نہ ڇَاڻان دِين،
حُسن طَرف هَردم ڏِيان مُنهنجو.

٢- حُسن جا غَمزا سِر وِڃائُو، سُورِيءَ جا ڏِس ڏِين،
سِر نيو ڪَن نِيشان مُنهنجو.

٣- ڪَجل سُرمان ڪوڏئون پَايو، ڪونيو ڪَنڌ جي ڪَپين،
سي اکيون آٿو عُنوان مُنهنجو.

٤- شُعلي شَمع سَان اَلم پِيار پُرائو، سَمجهو سُڻو سَامعين،
آئون شَمع جو شَمع شَان مُنهنجو.

٥- ڏِينهن اَزل واري آڄ اعجاز، آمين ڪَيم آمين،
عِشق حُسن هڪي گُذران مُنهنجو.

ٺلهه: عَاشق ٿِياسون، عِشق ڪَيوسون - لڄ شَرم ڪي لوڙهي، ھَئي جڳ ٻَوڙي.

١- سَرڪش هو پَرَ سُوار ٿي وِياسون - عِشق جي آهنڊي گهوڙي، ڪُڏ ڪُڏوڙي.

٢- عُمر وڃائجي عِشق ۾ وَئيسون - وَوڙَ وڌي سُون وَوڙي، اوڙڪ اوڙي.

٣- حُسن آسانجي جِيءَ جو جِياپو - حُسن آسان ڪان توڙي، مُنهڙو موڙي.

٤- ڪَڄ ڪَمند جِيئن زُلف ڪي ظالم - وِچڙي ويا تہ وَڪوڙي، ڪَنڌ اُڪوڙي.

٥- نيڪي نَاموس ڪي نَاس ڪَيوسون - نِينهن جي نوڙ ۾ نوڙي، نِپٽ نِهوڙي.

٦- عِلم عقل جي گهران اُٿاري - عِشق ڇڏيو تہ وِڇوڙي، ٽوڙي ڦوڙي.

٧- دِين ڪُفر جون حَدون ٽپاڙي - اَعجاز ڪو عَاشق وِيو ڙي، پَار پِيو ڙي.

ٺلهه: عِشق تہ پئي ٺورَت، ڪير ميان ٺنهن کي ڏاري ۽ پَاري.

١- عِشق ڪان پَنهنجو پَانِ لڪايو - پَري پَري پيو وَت،
نَالو ڇَڏينس ٺَاري وِساري.

٢- ڪَونہ ڇَڏيندو ٺُنهنجو ٺو وَٺ - هَوش عقل ۽ آتُ،
ڏکين سان ڇَڏيندءُ ڪاري ٻُهاري.

٣- آدم ذَات جي رَت جو قَطرو - عِشق لاءِ آهي اَمرت،
اِنهي غِذا تي ٺو گَهاري گُذاري.

٤- جَان جِگر جِيءَ جوت ڪاٺي - سوئي سَمورو سَت،
نِست ڪَري پوءِ ڇَاري ۽ مَاري.

٥- شِينهن مِثل آهي شور ٺنهن جو - چيري اَعجازا چِت،
ڏِيل ڏماٺي ڏاري ڏِيڇاري.

ٿلهه: آيا عِشق آري ٻه ڪير ڪين، جن ڇڏي جي مايا، سيئي سي آيا.

١. جيئري ڇڏيائون جيءَ جِيا پا، لَبُ لالچ ۾ لڳ لڳايا،
ٻِيا ٿِندِ ٿِيا ڪري ٿير ٿِيين، جَن ڇڏي جي مايا، سيئي سي آيا.

٢. قُرب وارا وِيا قُرب ڪمائي، گڙم ٽٻيلو ڳل ڳمائي،
مَڇي مَرد ٿِيا سي متير متيين، جَن ڇڏي جي مايا، سيئي سي آيا.

٣. ناتا نِينهن جا جِن سُڃاتا، پيچ پرين ۽ سان ٿَن ٿِي پاتا،
ويھي وِڃايئون نه وَير وَيِن، جَن ڇڏي جي مايا، سيئي سي آيا.

٤. ڪَن پَرائي ڪين جي پيڙا، صُمٌّ بُڪمٌ عُميٌ ٿِيڙا،
اَعجاز عِشق جا اُهي اَٿئي پير پيِن، جَن ڇڏي جي مايا، سيئي سي آيا.

ٿلهه: عِشق جا آگم آچيو مُون مَٿي بادل جيئن وَسن،
وَاهه وَاچولا وِرهه جا، ڏُهيو ڏيئو لهسيو وِڃن.

١. نه سڪ صَبر هن ساهه کي، نه پر پيئين هي ڏکيون ڏسن،
پَڪي طلب ٿائي تيئن تَن، پوءِ پار پَنڌ پرجا پُڇن.

٢. غم غُبارا دِل مَٿان، دَرد ٿِيو دُونهان دکن،
سي سُور سيني کي سَٽيو، سَنگهرون کيو سر تي آچن.

٣. عشق آتش جا اُلان، اَندرئون اُٿيو اُپ ڏي اُڏن،
اَعجاز تنهن سَببئون سَيئي، تا جِيءَ جِگر جيرا جَلن.

ٿلهہ: ڏنون ڏوين ويا عشق سِس، پَر عشق جي ڏڙ ڏُوم سا،
ڪانہ پَنهن جي هَڏ مَنيائين، جهَانءِ مَستي جهُوم سا.

۱- دَم اُيارا آشڪارا، ڪَم ڳلارا عشق ۾،
عَيب سارا پاندِ تنهن جي، ڳالهہ ڪَر مَعلوم سا.

۲- بَرعَڪس دُنيا جي بِلڪل، آهي چاڙهي عاشقن،
حَال وارن ڪي خَبَر آ، نا ڏِسن مَحروم سا.

۳- دُم ڏڙي هي عشق جي، ميثاق ڪان آهي اڳي،
هَان سگهندا چا مَنائي، ڏڙ ڏڙي شِر شوم سا.

۴- دل وِڪان آعجاز چئي، جا ڳالهہ نِڪريو ٿي وَجي،
لوح واري ورَق ۾ آ، سمجهہ اڳ مَرقوم سا.

ٿلهہ: آچي هِن عشق ڪَرايا هي- آسان ڪي سَير سُبحاني،
اَچي هِنَاسون نرهن رَنگ ۾- تَڪا صُورت هَئي انساني.

۱- ڀَڏاسون ڀول ڀَرين پوءِ- ڀَريوسون پَوش آدم جو،
بي رَنگيءِ مان آچي رَنگ ۾- بَنياسون بَاوفا بَاني.

۲- ڪِٿي وامق ڪِٿي عَذرا- ڪِٿي مَجنون ڪِٿي ليلان،
ڪِٿي فرهاد ڪِٿي شِيرين- ڪِٿي مَنجهہ دَگهہ صَنعاني.

۳- ڪِني ڪي سَلطنت حَاصل، ڪِني ڪي سائلي واصل،
ڪِني ڪي ڏار توحيدي، ڪِني ڪي ڪَار ڪُفراني.

۴- آچي ٿيو عشق جَڏهن رَهبر، تَڏهن ڪان ٿي آسان يَارو،
اول لا الله پوءِ الا الله، پڙهي ڳئي سون ثَنا خُواني.

۵- اُتي ناسوت مَان آخر وَجي مَلڪوت مَاٿيوسون،
اُتان جَبروت ۽ لاهوت، جا ٿي وِياسون سَيلاني.

۶- بقا بالله جي بَندر تي، هَئي آعجاز لنگر جيئري،
لحدوارا لوڏا لحظا، لنگهي ويا سون پوءِ لاثاني.

ٿلهه: پَنهن جي عَاشق مَست کان - پيارا نہ ڪَر مُنهن پَاندڙا،
نِين ٿَاحق چو ڪَرين ٿو - مِن مُٺي جَا مَاندڙا.

۱- اَنگ اَزلي جي اِرادي - ڪُل ڳَيي ويچا ڇَڏيا،
ڦُرب جا پَائي ڳَنڍا ٿِيون - هَاڻ ٻَئي هيڪاندڙا.

۲- لَڄ شَرم پَردي حَياء جو - ٿاهہ هي موقعو مِنا،
ويهہ تہ ويهي حَال وَنڊيون - وِرهہ سان ٿي وَاندڙا.

۳- پَڄ جُدائي جو وِچان دَر - دَنگ دِلبر يَار ڳُون،
بيوفَايون ڪِين ڇَاڻن - بِرهہ جا جي بَاندڙا.

۴- مَن ٿي مَن ۾ ٿي گُهريا - جيڪي آسان تو ڏِينهڙا،
ڏِسِ اُهي اَعجاز ڇئي - وَرِي ڏِينهن مَوليٰ آندڙا.

ٿلهه: عَاشقن جي سِر بَار - بِرهہ ڏِنا آهن بَاري بَاري.

۱- بَارَ اُهي جي ڳَنيا نہ مَلڪن - تَڪي عَرشن تَڪي ڦَرشن،
سي تہ عُشاقن يَار - ڪِلي ڳَنيا هَر وَاري وَاري.

۲- حَقَ هِدايتون هِينڙي لاڪن - پَير اَمرُ ڪان پَاهر نہ پَائن،
سَاري سَيَ جَمار - ڳَانڍِ وِدائون ڳَماري ڳَماري.

۳- هَر دو جهان جا سڪ ڇَڏيائون - سَوز سِڪن ۾ سُور سَوديائون،
آهڙا ڪري وَاپار - نِيهي نِبائن يَاري يَارِي.

۴- عُسرًا يُسريٰ وَارا دِلاسا - عَاشقن مِليا خَاص خُلاصا،
ڪَرن اَعجاز اَقرار - سُورِيءَ جي ڪَر تَياري تَياري.

عُسرًا يُسريٰ: ڏکن پٺيان سک

ٿلهه: عاشقن جا پَند پَري پَري- ڪين پڳا اُتي عقل وارا.

١- رمز رنديءَ ڪي رِند رسن ٿا- حاضر ناظر حق پسن ٿا،
سِرڙا سُوريءَ ڏري ڏري- نعرا هَنيائون انل وارا.

٢- علم عقل جا ڳُرهي پڙهي جن- محبت مَن ۾ ڪين مڙهي تَن،
آنڪل بازي ڪَري ڪَري- عهد ڀڳائون اصل وارا.

٣- آنت ڪنارو ناهي جنهين جو- سِڪ وارن ڪيو سير تنهين جو،
سيڪو سَت نه سَري سَري- تار تَرندا توڪل وارا.

٤- عشق جو عاشق اوڍي جامون- وِيا اعجازا اجل سامهون،
دوستيءَ جا دم ڀَري ڀَري- وَنگ وڌائون وصل وارا.

ٿلهه: عاشقِ ڏٺاسون دم بدم، پنهنجي گريبانن ۾ گم،
مَن جي لياڪن جا سَي محرم، مَن جا صاحب مُحترم.

١- خُود جا نظارا ئي اُهي، خاصا خُمارا ئي اُهي،
ڪُل ڪان ڪِنارا ئي اُهي، ڪُل ڪان جُدا تن جو جِسم.

٢- جند جان جي جذبات ۾، شش جهات جي شُغلات ۾،
اَثبات جي اوقات ۾، ڪَن ٿا انا الحق جو حُڪم.

٣- رسمون رواجي رابطا، ويجها پَراهان واسطا،
ظاهر وارا سڀ ضابطا، آهن عُشاقن وٽ عدم.

٤- مذهب نه چاڻن مُور ڪي، پاتئون آهڙو بس پُور ڪي،
دم جو اُٿن دستور ڪي، دم ڪان نه ڪَن خالي ڪو دم.

٥- سر عشاقن جا بُو العجب، رنگين رڪولا روزُ شب،
اعجاز چئي سي سڀ جا سڀ- سُوريءَ مٿي ثابت قدم.

تلهه: عَقل وَاري جار ۾ - عاشق آڙيا ڪِينڪي،
الف سَواءِ اکر ٻيو - اَصلئون پڙهيا ڪِينڪي.

١- ب، "ت" وَاري باب جُون - بَند ڪري بَنديون هَليا،
تَن قيد حَرفن جي ۾ پَنهنجا - جِيءَ جڙيا ڪِينڪي.

٢- لوڏا لَمان لَهريون - جَر آجهاڳ جهاڳي وِيا،
ڳڙڪن ڳڙڪن ڪَن جي ڪان - اوري ڳڙيا ڪِينڪي.

٣- سَاڙي سَڌون صِفاتي - ٿِيا سالڪ صَاف دِل صَفا،
سي لوڀ لالچ ڏي ڪَڏهن - لِمي لڙيا ڪِينڪي.

٤- رِيءَ راهبر جي رَاشدي - رَنگ نہ رنداڻو رَچي،
بِن عِشق جي اعجاز چَئي - ڪَنهن چيٽا[1] چڙيا ڪِينڪي.

تلهه: عشق جتي آ تہ اُت آ عشق کي سَلام،
نَمن ۽ نِياز ٻي هَنڌ پَائيان ٿو حَرام.

١- عشق کي سَلام مُنهنجو، عشق کي سُجود،
عِشق سان قيام مُنهنجو، عشق سان قُعُود[2]،
عِشق آڳم رَهنما، عِشق آڳم اِمام.

٢- عشق جي ڪِتاب ۾، نہ ڪنهن ڏي ڪو حساب،
عِشق جي جِناب ۾، نہ ڏوهہ نہ ثَواب،
عِشق جو دَستور عَجب، عَجب آ نظام.

٣- آرض و سَما کان برتِيس، عِشق آ بَسيط[3]،
عَام خَاص پَاڪ تنهنجي، پَاڪ ۽ پليت،
عِشق خُدا وناخدا کي، مُحيط آ تمام.

٤- عشق رَهي جنهن بہ دِل ۾، دِل سا بيپرواهہ،
سَرت اُنهي دِل جي صحي، نرت ۽ نگاهہ،
ڪونہ لکو تَنهن ڳان ڪَئي، اعجاز رَبَ کي رام.

---

(١) چيٽا چڙيا: تڪليف سان (٢) قُعود: ويهڻ (٣) بسيط: ڪشادو، کليل، ويڪرو

ٹلم: آهن عشق جا اُلٽا گيڙا - هَر وقت تہ حيرت جهڙا.

١- عشق صورت ليليٰ ۾ ٿي آيو، ڪري سعيو،
مُرڪي قيس کي مجنون بڻايو، مَن گهايو،
نيڻي نار ۾ تنهنکي وهايو، تڙپايو.
سنئين جڳ جون جُنيون سِر جهيڙا.

٢- وَري مُنهن ۾ مجوسڻ ڪيائين، دڪبيائين،
شيخي شيخ صنعان جي نيائين، پَرڪيائين،
وِيڙهي مُصلو تسبيح رکيائين، ترڪيائين،
پريں پوءِ آڇي قيس پيڙا.

٣- عشق منصور تي زور پاتو، رنگ لاتو،
ٿنهن گيت آنا الحق ڳاتو، ڏينهان راتو،
اُن لاٿي نهائي جاتو نينهن ناتو،
چڙهيو سوريءَ جهلي ڪين ديڙا.

٤- عشق رانجهن کي ڏنو ڦيرو، چيري چيرو،
وينو رنگپور ۾ هئي ديرو، ٿي سپيرو،
ڪنئين آنگ بيوت پکيرو، مُنهن ميرو،
لاٿي نين آويڙا نيڙا.

۵۔ عِشق ڪِيچان بَاهہ ٻَرڪائي، آيو چائي،
وَاپار ٻَعانو ٻَنائي، لَڳون لائي،
وِيو سَتُر سَسئي جو ڇڏائي، ٻَدلائي،
ڪَشي ڳامي هليو لَس ليڙا.

۶۔ عِشق ڪِينجهر ۾ ڪيون هوليون، ڪي آلوليون،
ڪيڏيون حُسن سان آنک مَچوليون، ڏيئي چوليون،
مَٽي مَد جون صُراحيون گوليون، رَنگ رَتوليون،
تِيا جَهنگل ۾ مَنگل ۽ ميڙا.

۷۔ عِشق جِنهن ڏي آعجازا ايندو، پوءِ نہ ويندو،
لُٽي دين دُنيا سک نيندو، ڏُک ڏيندو،
جِيئن ٻُڌٽي ڏني تيئن تِيندو، خُودي ڪِيندو،
ٻڄي زلف ٻَشِيمر[٢] ويڙها.

(٢) بشيمر: نانگ جو قسم (ڪارو)

ٿلهه: مَحبوب پَاڻ عَاشق- عَاشق عَجب اپارو،
صِفتن سَين جو صَاحب- صُورت ۾ سُونهن وَارو.

۱- هَر دُوسري هِڪوئي- سِڪ سَوز سَاڻ سوئي،
جهڙس نه جوڙ ڪوئي- پَنهن جو پَاڻ مَٽ پيارو.

۲- خُود ۾ خُودي ڏِنائين- مَحويت ۾ مُنهن وِڌائين،
آختيار عِشق ڪَيائين- خُود سان ڪَري نظارو.

۳- بُوتو سَندس ڀَعانو- بِلڪل سو بيگمانو،
مَخفي مَنجهس خزانو- نَاياب نُوري نيارو.

۴- ڇا سَير سَانگ صُورت- ڇا مَام مَعنيٰ مُورت،
ڇا ذَات ڇا ضَرورت- ڇا عَبد ڇا اِشارو.

۵- هَر حَال تَنهن ڪي حَاصل- وَحدت وِصال وَاصل،
رِنداني رَنگ سان رَاسيلُ- آعجاز سِر سو سَارو.

ثلم: عاشق جي مُجين ها تہ سارو راز مُجين ها،
الله سنـدي ذات جو، آواز مُجين هـا.

١- صُورت جي بَجاءِ پَهريـن، سَنواريـن ها تُون سيرت،
آحـكـام آمـراِن ۾ تُون، آياز مُجين ها.

٢- وارن ۾ آڙيـن هـا، تَكـي لارن ۾ آڙيـن هـا،
پَرواز جي پَركـا ۾ تُون، شَهبـاز مُجين هـا.

٣- هِن لـوك سـان جَهگ جَهگ ۾، سَجي عُمر گُذاريئہ،
اَفسـوس تُون هِن لـوك كـان، بي نياز مُجين هـا.

٤- كَنهن جي بہ چُهن سـان كرين ها، تُون تُونهين تـون،
وَحدت جي گـواهـي لاءِ، مِثل سـاز مُجين هـا.

٥- بَيشـك تـو هُئو آ، ۽ ڏنـو عِشق نہ آتـو،
جي عِشق ڏسـين هـا، تہ سِران بـاز مُجين هـا.

٦- جو هك ئي نَظر سان تـو كري، ٿيد دِليـون گـين،
اُن چشـم مُبـارك جو، عَجب نَاز مُجين هـا.

٧- اك تـنهن جي ڏسي حَق، ۽ زُبان تُنهن جي چَوي حَق،
حَق جو تُون سـراپـا پـوءِ تـہ، اَعجاز مُجين هـا.

ٿلهه: ويم گهڙي ڪا يار پلا - سڻ عاشق جو احوالڙو،
مَچ سُوالڙو.

١- پَنهن جي هَٿن سان پَانِ پيارا - پيار پريمي پيالڙو،
مَچ سُوالڙو.

٢- سِگهـڙو سِگهـڙو آءِ آگڻ تي اِهو پَلا ڪر پَالڙو،
مَچ سُوالڙو.

٣- نَذُر قبول پوي هي مُنهنجو - سِر گهر مال عَيالڙو،
مَچ سُوالڙو.

٤- اعجاز چوي آسان عاصين وارو - پَرتو توڪي آڪالڙو،
مَچ سُوالڙو.

ٿلهه: عاشق ٿي جي آيس ٿولاءِ - تُنهن جو مُون سان مَيل نه ٿيو،
وِيو آدورو آڌ ۾ رَهجي - عِشق جو پُورو گيل نه ٿيو.

١- اُٿندي وِهندي هَلندي چَلندي - آهي اهو آرمان مُونکي،
جَا پيڙ هٿي وئين منهن جي بَدن ۾ - تنهن مان ڪو ڳڙتيل نه ٿيو.

٢- آئون ابوجهه آڃان آصل ڪان، ڳالهيون لوڪ جُون آهن لکين،
ڪو چَوي وِيو وَيل توسان ٿي - ڪو چَوي توسان وَيل نه ٿيو.

٣- دَرد دوريءَ جي سُوري وانگي - سَاهه چِڪي ڪَير قيد سَچو،
جَهڙو جَيل جُدائي وَارو - تهڙو بِيو ڪو جيل نه ٿيو.

٤- اعجاز چوي سَچ چَان سَچڻ - آئـي سَالڪن وارو قول سَچو،
عِشق نه تيسين عِشق ٿيو - جيسين ڪيت عُقل جو پَيل نه ٿيو.

ٿلهه: عِشق بُتان کان عِشق جي، جو ابتدا ڪَري،
هِت سوئي ٿو نمازِ مُحبت آدا ڪري.

١- دُوئي کان دِل صَفا رکي، ۽ پاڪ نَظر جو،
دِل جي سو ديد سان ٿو، ديدارِ خُدا ڪري.

٢- سَالڪ بہ آهي سوئي ۽ عَاشق بہ آهي سو،
صُورت کي ڪَعبو سَمجهي جو سَجدو سَدا ڪري.

٣- دراصل آ نماز جي معنيٰ اها ئي بس،
هر حال خيال ۾ هل حاضر خدا ڪري.

٤- ڪَنهن کي مَجال ڪَير ٿو، هيئن عِشق ۾ ڪَري،
جيئن ويو حُسين ؑ حَضرت، گهر سِر فدا ڪري.

٥- سَڀ ڪَنهن کي دِل اِها، نڪا سَڀ ڪَنهن کي سوجهه سوڀ،
هِڪ عَاشقن جي ذَات ٿي، حَق جي نِدا[1] ڪري.

٦- هِن هُن جَهان جي، تَعلق رَسم و رواج جا،
ڪَو بَانڪو ٻي رِيا، ٻَبر بَند بِدا[2] ڪري.

٧- سُهڻي سَسئي کي مومل، لِيلان کي مَارئي،
سَڀ رَاز کي رَسيون، سِر رِندي رِدا[3] ڪري.

٨- جيڪا بہ عِشق ۾ هِت قُرباني جَنهن ڪَئي،
ڪَٿهين نَٿو هِتان اُهو ير الوداع ڪَري.

٩- اعجاز اُن سان ڳهڙا ٿو پيتين اَمير ٿُون،
جَنهن کي خُدا ٿو شيرِ خُدا جو گَدا ڪري.

(١) نِدا: سڏ آواز (٢) بِدا: آزاد (٣) رِدا: پوتي

ٿلھ: ڳڻ ڍارو ھڻ ڦڪون- ڇڪو ڙاند عشق جي ۾.

١- قسمت ٽون آزمائي ڏِس- ساري سک سان ھلائي ڏِس،
نُرخ ڪيي وچ ٽڪون- ڦڪو ڙاند عشق جي ۾.

٢- عارف بازي آھي ھِيءَ- جُوا بازي ناھي ھِيءَ،
سِتو ھلج سنئون- يڪو ڙاند عشق جي ۾.

٣- ڪيي غير قلوب منجھان- مَن رَچاءِ مطلوب منجھان،
ٿي پان مديني ٽون- مڪو ڙاند عشق جي ۾.

٤- ڪيڏ ڪيڏاري توڪل ٿائي- آنا ڇئو اعجاز ھائي،
نَہ تہ اسين پيا ڇڪون- ٿڪو ڙاند عشق جي ۾.

ٿلھ: مون ۾ ويھ مِلڪي- عشق مونکي بدنام ڪرڻ لاءِ.

١- اي ڪُتر ظالم عشق ڪنورا- شوم ٿِنا ڪر شھر ڍنيورا،
لج آئي ڇو ڪي- منھنجي ٿي ننڊ حرام ڪرڻ لاءِ.

٢- لوڪ مچئي جِت لِڪ بہ آئيئي- جورِ لڪائا لِڪ بہ آئيئي،
مون وٹ ڪنديين چالڪي- ڪونہ ايندءِ رام رام ڪرڻ لاءِ.

٣- ڳاٺان ٽنھنجا ڳيڏ چاٺان ٿو- ڳاٺا ڳوٺا ٽيڏ چاٺان ٿو،
چاڪئون ٽنھن جي دل ڇِڪي- دڪبا ڇڏي ڏي ڏام ڪرڻ لاءِ.

٤- ٽنھن جي پلپل پَھن پُورن ۾- سُورن ٽنورن ڳانيُس ڳورن ۾،
عُمر ائين مون ڏِڪي- ڪو تہ دم ڏي آرام ڪرڻ لاءِ.

٥- اعجاز علي چوي حيران ٿيندين- منھن جي جيءَ ۾ رھي پشيمان ٿيندين،
سچ تہ مرنديين سِڪي- ڪُرب وارن جي ڪلام ڪرڻ لاءِ.

ٿلهه: سُوريءَ چڙهيا سِر عاشقن جا، لال لب مرجان لاءِ.

۱- سِرِ حُسيني نوڪ نيزي سِر حُلاجي دار تي،
سِر عطاري ويو قتل ٿي، پرت جي پڪ پاڻ لاءِ.

۲- ڳل ڳلائي شمس شوقئون سُونهن صُورت کي پسي،
قيس مجنون ٿي پيو ڪنهن ديد درشن دان لاءِ.

۳- گهورجي گهاٽي ۾ پيڙيو، سِر بلاول شاهه جو،
ڪنڌ سرمد هو ڪپايو، مِير جي ميلان لاءِ.

۴- فرهاد شِيرين جي شغل ۾، ٽڪر ٽاڪي ٽاڪيا،
تسبيح بجاءِ ڄڃيان ڄڙيا پرين وٽان صنُعان لاءِ.

۵- توڙي هو يُوسف نبي تہ بہ ڪين بچيو برهہ کان،
ڪِنعان کان آيو مِصر ۾، زلف جي زِندان لاءِ.

۶- ڪُين پچي ويا ڪُين پچن پيا، ڪُين آهن پچندا پتنگ،
مڙيا نہ مڙندا مچ کنان، صرفو نہ ڪن جِند جان لاءِ.

۷- ٽڪي دِين ۽ ايمان لاءِ، ٽڪي شرف شاهي شان لاءِ،
عاشق ڪُنا اعجاز ڇُٽي، محبوب جي خِندان لاءِ.

خِندان: مرڪڻ، کلڻ

ٿلهه: حَق عِشق جَو بَس، هِيئَن جي آدا ٿيو تہ بَجا ٿِيو،
سِر يَارَ جي قَدمَن ۾ فِدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

١- جو عَقل نَٿو عِشق کي تَسليم ڪَري هت،
سو عَقل وَڪَان تَن جي وِداع ٿيو تہ بَجا ٿِيو.

٢- سِر گهور ڪَجي گهور ڪَجي يار تان سَڀ ڪُجهہ،
يَارِيءَ ۾ لُٽو جو بہ آدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

٣- دولت سَان نہ طَاقت سَان نہ دَولاب نَڳِيءَ سان،
هِت جو بہ مَحبت سان شِدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

٤- هُج بَند ڪَمند[1] زُلف جي ۾ بَند هَميشه،
بَند زُلفِ دُتا جو نہ بِدا[2] ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

٥- هِيئَن ٿِيندو آچي ٿِئي بہ پِيو مَحبوب جي دَر تي،
ڪو شَاهي ڇَڏي گولو گدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

٦- عَاشق جي آنا الحَقُ چَوين ٿو تہ ڀَلي چئو،
تو ۾ جي پَتر تُنهنجو خُدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

٧- مَرڪب بہ اُٿس عِشق ۽ مَذهب بہ اُٿس عِشق،
عَاشق سو ڌَرم سڀ کان جُدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

٨- اَعجاز ڪي هِن ڳَالهہ کان اِنڪار ڪَنهن آ،
سَائي جي سَندس يار سَدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

(١) ڪمند: پيچ، وڪڙ (٢) بِدا ٿيو: آزاد ٿيو

ٿلهه: عِشق سَواءِ تيئن اُوندهه يار- اک نِرڙسي جيئن گوڏي کي.

١- سِج چَنڊ ڪان جو چِٽو سَدائين- سَڀ هَنڌ حَاضر سَڀ ڪَنهن ٽائين،
ڏُوئي ۽ ڪري ٿا ڇاڻن ڏار- آوڏن ڳان ٻه ته اوڏي کي.

٢- ذَات مَعْزات جي لُطف لَذت ڳان- مَحروم ڏناسُون مَعنيٰ جي مَت ڪان،
عِلم وَارن جا اکر آچار- ڳَيُ ڇَڏيو پيا ڇُهن ڇوڏي کي.

٣- جو دَرد ڪَنهن جي ڳان وَاقف ناهي- ٽَنهن جو مِثال تہ هيئن ٻه آهي،
جيئن ليڪَ ۽ جُون جي خَبر نہ چَار- وَار ٻنا سِر روڏي کي.

٤- رَهبري عشق جي جَن کي جوڙي آ- ڳاڪ جي مُومل تن کي مِلي آ،
توڙي اَعجازا چَندن ڏار- ٽايو نايو چارن توڏي کي.

ٿلهه: آچي مَنجهه عِشق جي مَڪتب- دَرس پڙهجي ٿرِ دلبر جو.

١- پڙهين ٿان پڙهه وَجي پُختو، بِرهه جو بَاب بَرجُستو،
پَکو کَر نَين جو نُقطو، پَسي مُنهن مُحب مُنور جو.

٢- پَري ڳر پيش زَبر زيريون، ڇَڏي ڏي سَڀ تيريون ميريون،
پِرت پڙهه بَدي چيريون، نَهم ڪَر يَاد ڦاذڳر جو.

٣- مُلان قَاضي نہ پُڇ مُفتي، حَيواني ڇَڏ حِرص هُستي،
ڳي اُلفت سَندي تَختي، اکر ڳَر حَل هِئين پر جو.

٤- آچي اَعجاز جا شُهرت، مَتان پائين تنهنکي پريت،
رکي سيني ۾ هُوءِ صُورت، وَنيو هٿ وَج ٿون رَهبر جو.

ٿلهه: ڪانه ڇڪي جند ڪانه ڇڪي، مِن عشق مَنجهان جِند ڪانه ڇڪي،
سڄ جواني وارو الهيو پيري، جي اڇي باک ڦُٽي.

١- حيلا هزارين وَس ڪَيم، ڏاهن جا ڪَئين ڏَس ڪَيم،
تعويذ تڙا آندلس ڪَيم، ته بہ عِشق جي ساڳي لُوهه لُٽي.

٢- مُلان مُرانا ڇا سَمجهائن، ڇڪي ڇڪي ڪَهڙو وَڪت وڃائن،
ڪَئين ويِنا تعزير سُڻائن، پَر عِشق جي وائي ڪَنهن نہ ٻُڌي.

٣- حُسن وارا آڄ ٽائين وَٽن، ڪَسير اُمالک دل کي کن،
پَٽ تان ڪَسيو عرشين هَٽن، سا ڏِس بہ ٽَن جي ڪُهور ڪُهٽي.

۴- ماٺهن ليکي هاڻ لڳو آ، هي هال جتي، ڪان هاڻ لڳو آ،
جوڀن ڪَٽي پيري، سان لڳو آ، ته بہ عشق نہ ساڳي سنگت ڇٽي.

۵- عقل حَيا پائمال ڏسي، پُر ڏوهن سان اعمال ڏسي،
اعجاز جا مَهڙا حال ڏِسي، سالن جا وِيا ساٿي ڇُٽي.

ٿلهه: حُسن عشق جي جَنگ حقاني لڳي وئي،
ٻنهي طرفين آرني ترانی لڳي وئي.

١- حُسن تجلي هَنيڙي، پٿر جيء، تي پيڙي- هِجي سرت ويڙي حيراني لڳي وئي.
٢- هُوڏهن بينيازي، هيڏهن عجز آزي- رِندي رَمز بازي، رُوحاني لڳي وئي.
٣- مَا زَاغَ البَصَر سان، نِظاري نَظر سان- اِلاهي آبر سان، باراني لڳي وئي.
۴- حُسن عشق ڪَٺي ڪَٺُ مکڻي مستي مکُو هَٺ- ڏِسڻ جي پوءِ ڏي وَٺ نِذاني لڳي وئي.
۵- نِيارن ڪان نِياري، پيارن ڪان پياري- ڪَجل ڪَيف واري، ڪاڪاني لڳي وئي.
٦- بِرهه حُسن لاٿي، ڇتان باهه ڇُماٺتي- آي اعجاز جَهاتي، چِنداني لڳي وئي.

ما زاغ البصر: نظر جيڪي ڏئو نہ لڙي نہ ڇنيي

ٿلهه: عِشق وڃايم خَطرا خام - خُود نمائي خَلل خَسارا.

١- عِشق عَجب ڪَي دَم پَرايا - آنِ لکيا ڪُل ڪَم ڪَرايا،
بِرهه ۾ ٿيا سُون بام و بام - پَسڻ وارا نت پَسي پَسارا.

٢- علم عَقل جا صُفحا ساڙي - غير غُنود جا گُونگهٽ ڦاڙي،
ڏورَنگا دَفتر دُوئي دَوام - تَرڪ ڪَيا سون وَهم ويسارا.

٣- وَحدت واري ڇاش چکي سُون - دل دوجهانئون دور رکي سون،
جِت ناهي ڪُفر اِسلام - آت اسان جا نينِ نظارا.

٤- عِشق جي آهي اِها عنايت - عَين اَعجازؔ اهمت حمايت،
جَهنگ مَنگ جَوڙي پياريئين جام - نينهن ڪَياسون نيهَي نيارا.

ٿلهه: عشق سان عاشق ٿي آيس، هَر صُورت جي سانگ ۾،
عَرش ۽ اَفلاڪ سَڀ، آهن مُنهنجي اورانگهه ۾.

١- نينهن پَنهنجي جا ٿو ناماڻ، پاڻ ڏِيان پَنهنجي پرين،
هَت رسڻ جو سَتُ سُجهي، ڦاصد نڪو ڪنهن ڪانگ ۾.

٢- زِندَ ٿي زُنار پاتم، صورت وِٺي صَنعان جي،
دِين مذهب ڪان پڳس، تَوڙئون حُسن جي تانگهه ۾.

٣- دَم اَنا الحق جو هڻيم، مَنصور جي آولي آڇي،
دار جي سَواري ڪَيم، محبوب جي گُهر مانگ ۾.

٤- ذات آ مُنهنجي اُها، جا نامِ اَٿو جنهنجو مٿو،
جَهول ۾ پاتم جِهينگا آڇي، هِن ڇيڇيري ڇانگ ۾.

٥- ڪانهن اِسلام جي، اَعجازؔ چئي بُتَندس ڪڏهن،
ٿو رکان اِيمان مُڪمل، بِرهه واري بانگ ۾.

ٺلهه: عِشق مُنهن جي کي لَلڪارين ٿو ـ صُورت سُهڻي ڏيکاري يار.

١ـ دلبيدار ٿون دِلبر آهين ـ دِليون ڦُرين ٿو ڏُکاري يار.

٢ـ آئون ٿُنهن جي اِنهي صُورت تان ـ وَاري وَاري وَاري يار.

٣ـ توسان ناتو رکئو آ ـ پاڻ کي مَاري جِياري يار.

٤ـ جوڳي عاشق بَنجي تُنهنجو ـ اِيندس تُنهن جي دُواري يار.

٥ـ مُنهنجو سَڀ چاهه سَير سَدائين ـ ڏس نه ڇڏهي وساري يار.

٦ـ ڳالهه ڪان آڄ اور عَجائب ـ آئين زُلف سَنواري يار.

٧ـ سُرخي لبن تي ڪجل اکين ۾ ـ چَمڪ بازي وَيو هاري يار.

٨ـ پيتل پُرِ آئون آهيان تولي ـ توکي سُجاڻان سَاري يار.

٩ـ حُسن جو عاشق پَتنگ شَمع جو ـ توريئون ته ليا مڪ ٺراري يار.

١٠ـ مِلندو آهين پر اک نه مِلائي ـ اعجاز توڙي پيو نماري يار.

لله: دَمِ عاشقي جو جاڳان - دَمِ عاشقي جو جاڳان،
دَمِ "لا" جو دَمِ الا جو - دَمِ هُو هُو حق سُڃاڻان.

١- دَمِ دَمِ سان مَعرفت جي - دَمِ دَمِ تي مَوج ماڻيان،
اَحوال اَخفيٰ وارا - اَعليٰ عَجب ٿو آڻيان،
عارف عُشاق سَمجهن - وَحدتِ وِصال ماڻان.

٢- هَر حُسن گُل چَمن جو - هَر سَن ۾ واسي آهيان،
بَلبل مثال پوٽري - پَلپل پياسي آهيان،
وَنيو وَنانس خُوشبو - چُميو چُمانس ماڻان.

٣- وَهوا مَجازي جَهاتيون - وَهوا حَقيقي لِيئڙا،
جَلوا صِفاتي ذاتي - رَهبر ۽ راهِ ليڙا،
عاشق جي ڳان ڳي حق - دَيدارِ دلبراڻا.

٤- اَعجاز عاشقيءَ ۾ - سَرمَستي شَرط آهي،
حالت حَلاج واري - وَالله شِرڪ ناهي،
مَنصوري دَمِ مان جاڳان - چاهي مَلان مُراڻان.

ٿلهه: آورُون عاشق ڪَن - اَلٽي رَمز رکن.

١- بِهشت دَوزخ جي اُون پَليو - پَکڙ پڙ پون،
علم عقل کان اوريون نہ ٿيون جي - ڳالهيون سي هُو ڳَهن،
سوريءَ سِر سَو سيک سهيو - آنا الحق چون.

٢- دُنيا عقبيٰ دين ڏرم جو - دَم نہ دَرس وٺن،
رِيءَ سڄڻ مَحبوب پيو سَپ - پارهيوئي پَن ڏِين،
لا الله الا هو هُو هَر هَر - هُو سان هُو ٿين.

٣- مَئي مَتوالا مَست پيالا - مَانجهي مَرد پِين،
ڪَنڌ عُشاقن وارا ڪُٽيو - ڪَيفي ڪَات پڇن،
دَم قدم اُنهن جي سَان ٿا - ڪَيفي[1] ڳڌهہ وسن.

٤- چشمن سَان چُمن ٿا چاهئون - مَحبوب جيڪي مُنجن[2]،
سُهما مِهٺا صَدمان سَهاپا - سَختيون سُور سَهن،
جِيئن جِيئن تاءِ پسن سي - تِيئن تِيئن نيهن نپايو نين.

٥- اورون ڳهورون سِر چِند جون - وَوڙون وُجودي وِجهن،
بَرق بِجلي کان بہ بَرابر - رَمز تکي ٿا رکن،
اِمڪان کان اڳتي آعجاز چئي - عاشق رِند وَجن.

(١) ڪيفي: مدهوش، نشيلا (٢) مُنجَن: موڪلين

تلم: آيِ عشق ٿنهنجا ڏک دَرد آزار- رَاڄن ڳَايا ڳَلين ڳوٺن ۾.

١- سَسُئي تنهنجا سُور رُنا پي- سُهڻيءَ ٽوٽي حَرف ڏِناپي،
مَارئي ڪَيڙي تنهن جي ڪُوار- تَيد عُمر جي ڪَڙن ڪوٺن ۾.

٢- ليلان جي تو مَت مُنجهائي- مُومل جي تو ڪاڪ اُجهائي،
ڳَنڌي جي پَنِي پَوي پُڪار- لاڙ ٿَماچي پَٽن پوٺن ۾.

٣- قَيس ليليٰ جي جَڙ ۾ جَڙايئي- شَيخ مَجُوسن سان آڙايئي،
سِرڙا جَلايئي سَو هَزار- حُسن جي بَاهين بَڻن بوٺن ۾.

٤- اَعجاز چوي ڪَئين رُوپ بَنايو- وَرت فِريب جا وَئين وِچايو،
ڪانهي سَچائي سَچ ڪنهن وار- ٿنهنجي ساڳُن سُنهَن سوٺن ۾.

تلم: وَاهِ عِشق اهي تنهنجا آرا- اوڄ ڏيڪاري پَهرين پوءِ ٿو بَند ڪَرين دَر ديدارا.

١- آرا آويڙا ڪَريو ڇائين- دَردمَنديون مَاريو مرجون ماٿين،
تياس نه تن تي هرگز آئين اَلٽا مِهڻا ڏئين مُنهن وارا.

٢- جَيڪي نَيڻ نَيٽن ڪي سِڪن سَدائين- تِن ڪي هَرگز ڪين مِلائين،
شايد ڪنهن سان ڪِين نِبائين- ٿنهنجا پَهه ڏٺم پرڪارا.

٣- آهڙيون آرڏايون جاڙون ۽ جنيون- ظَالم ضِدي ڪَري تو ڪَئين ڪُنيون،
ڪيٿهن وَچن سي موڳيون مُٺيون- ڪَسيئي جني جا نِظارا.

٤- ٿنهن جي آچڻ تي اعتبار ڪهڙو- ٿنهن جي وَچن تي وِيچار ڪهڙو،
اَعجاز ڪي آلاچار ڪهڙو- ڪَري ٽَرڪ طَرف سَڀ سارا.

ورت: رسو

ٿلهه: سَدّايو پَاڻ کي عَاشق- گولين اوتون آڙون چو پيو،
ڪريو پاتار کان پاسو- وَٽين ڪَپرا ڪَڙون چو پيو.

۱- ڪڙي قاتل حِلاهل[1] جا، تہ عَاشق پياڪ ٿا ٻُڌجن،
تون ڪاريو وهِ وٺيون مُنهن تان- تکين مِصريءَ تڙون چو پيو.

۲- هَنيم مَهميز[2] جا تہ ڪي، سهي ساٿي سَهُو سُرُ،
بي سواري وهٽ وانگي تون، هٽين هَر هَر جهڙون چو پيو.

۳- نہ تون قائل حقيقي ٿين، نہ تون مائل مِجازيءَ ڏي،
حقيقت کان رُوگردان ٿيو، پٽين پَنهنجون جڙون چو پيو.

۴- نثر جي شعر چئي جائين، ڪرين پوءِ شاعري چو ٿو،
وِساريو وَضع[3] داريءَ کي، گهڙين پنهن جون گهڙون چو پيو.

۵- حُريت آهي حجت سان، غلامي آهي نشرت سان،
هئي پهلو وڃايو تون، جهلين دَر دَر دَڙون چو پيو.

۶- ٻهانو خوب هٿ آيگي، سُوريءَ کان سِر بچائڻ جو،
ٻُڌايو عُذر هانهپ جو، لکيو حق سان لڙين چو پيو.

۷- حُجائتو سوال آمنهنجو چوي اَعجاز هر هر هي،
بنايو مُنهن بزرگانو، ڪَنين ڪِيسا هڙون چو پيو.

(۱) حلاهل: اهو زهر جنهن جي پيئڻ سان ماڻهو بچي نہ سگهي.
(۲) مهميز: گهوڙي کي پير جي ڪڙي هڻڻ، اشارو ڪرڻ (۳) وضعدار: اصل ڳالهہ تي قائم

قلم: آذان عِشق واري - عَاشق سُڻيو آچن ٿا،
پِرتئون لَبيڪ پڙهيو - صُورت کي سَجدو ڪَن ٿا.

١- نِيتيِ نمازِ نينهن جي - مِيثاق واري ڏِينهن جي،
دَردن غَمن جي مِينهن جي - ڪُجهہ ڳالهہ نا ڪَين ٿا.

٢- سالڪ سَچا سجودي - وَستيون مَٽي وجودي،
نيڪيون ڇڏي نَمودي - تَڪبير پوءِ چَون ٿا.

٣- سُورهہ صُبوح سَانجهي - لِچڪي وِجهن نہ لاَنجهي،
مَردانگيءِ سان مَانجهي - مَيدان ۾ مَچن ٿا.

٤- طَالب ٿي آيا تَڙ تي - ڳَالهہ آڏيءِ جي ڪڙ تي،
پِيرِ مُغان جي پِڙ تي - پَروان جِيئَن پَچن ٿا.

٥- پورو پَتو هي پَاتئون - صُورت کي ڪَعبو ڄاتئون،
هيو ڪِٿ نہ ڪَنڌ ناتئون - نِر تي نَظر رکن ٿا.

٦- صفِ اوّل جا عَاشق - شُعلہ شَمع جا شَائق،
رَبي لقاء جا لائق - رَنگ رُوبرو پَسن ٿا.

٧- اعجاز آهي احدي - اَکيان امام مهدي ؒ،
لڙ جُهڙ آورانگهي لحدي - نيهي نسنگ نَچن ٿا.

ٽلم: رَاهِ عشق ۾ ڪِٿ رُسڻ نہ ٺهي ٿو۔ وَڪا وَاعدي ڪان گُسڻ نہ ٺهي ٿو.

۱۔ ڇِنڻ جيهہ ڳنهن سان ڳَرڻ مِهَڻ ٻهانا،
رَسم ريت اهڙي نہ ڄاڻن رِندانا،
ڦُرب رِيءَ اُنهن وَٽ ڪُسڻ نہ ٺهي ٿو.

۲۔ دِليون نيڻ هِڪ ٿي جيڪي نينهن لائن،
اُهي عِشق وَاري نہ بَازي هارائن،
هِڪان هِڪ ٿين سِڪ، ٽسڻ نہ ٺهي ٿو.

۳۔ ٽاهي مَاٽ دِل کي تہ ڀَوءِ مَاٽ ڇاجي،
آوريون سُور آڇتان ڳَولي جُوءِ آجي،
رڳو مَاٽ ۾ ٿي مُسڻ نہ ٺهي ٿو.

۴۔ سَچي آ محبت سَچي سوز وائي،
سَچو آ خدا ۽ سَچي آ خُدائي،
سَچي ڳالھ سِڪ تي هَسڻ نہ ٺهي ٿو.

۵۔ رُسڻ رَهہ آ جنهن جي، رُسڻ ڏي اُنهي کي،
سَارو ڏيهہ اَعجاز ڏِسڻ ڏي اُنهي کي،
آسانکي تہ جڳ ڏي ڏِسڻ نہ ٺهي ٿو.

ٿلهه: جَني جو عِشق رَهبر آ - ٿَني کي ڳالهه نا ڳَنهنجي،
پَرائي ڳالهه پَراهان ٿِيا - پَچارن پاڻ ۾ پَنهنجي.

۱- اني اِنا الله جا نعرا - هڻي ٿَر نيهي ناميارا،
اُهي مَروان جا مارا - ِنياڻن ٿا آوکي آهنجي.

۲- پرينء کي پَر ۾ پوچن پيا - نَظر ناتي ناسُوتئون نِيا،
صُمٌّ بُکمٌ اُمیٌ ٿيا - ٻُڌن سي ڪِين ٿُنهنجي مُنهنجي.

۳- ڪَري ويساهه وَنجن ۾ - مَچائن مَوج ٿا مَن ۾،
گهڙيا تنهن بَحر جي ڪُن ۾ - ٿاهي رِهيء هُوءَ ڪَنڌي جَنهنجي.

۴- عَدم اوڙاهه ڏي ڳاهي - چڪيائون ڏاء ڏپ لاهي،
اِهو اعجاز سَچ آهي - سِکڻ سُوري انهن سَهنجي.

ٿلهه: عِشق واري شهباز ڪيا پَرواز عجب.

۱- عِشق شهباز جي خُوءِ خُوني - آرڏا آٿا نڳا ناڻ
آرا اعماز عَجب.

۲- پَنجا پِرت وارا پَنجُڻي ڪوڙي - ڪوليئين آندر جا سان
آخفائي[1] آواز عَجب.

۳- مَن مشتاقن جا گهولي گهولهي، موهيا سان مِجان
ڪَرائي ڪواز[2] عَجب.

۴- عَرش جو ساڪِن فَرش جو مالڪ - آئس رِندانا راڻ
اَعلىٰ اعجاز عَجب.

(۱) آخفائي: گجهو لکل (۲) ڪواز: سوري جي تختي تي، ڦاسي تي

ٿلهه: عِشق جي شَطرنج اويڙي - هيءُ رِندن جي راند آ،
هَن ۾ هِڪ دم جو نه ويچو - ۽ نه وَقفو وانداَ.

۱- هارِ هن جي جيت آهي - جيت هن جي هار آ،
رَمز مَعنيٰ سَمجهه سالِڪ - هي وَڏي ڪا ڳانڌ آ.

۲- جن پڙها ڏني ڪالهه ڪئي هٽ - پَڪي پَڌر هُن پڙ مَٽي،
اَڄ برتن جو بي خبر - سِر سَاهه نيزي پاند آ.

۳- هن ۾ هاٿي گهوڙا ناهن - هِن ۾ پيادو سوار آ،
بَادشاهن ۽ وَزيرن - جو عقلِ ات باند آ.

۴- شَهه خودي هِئي ڪَنهنجي چاهي - شَهه خوديِ ڏس عشق جي،
حَق آهي اعجاز حق - حَق سان سا هيڪاند آ.

ٿلهه: محبوب جي لاءِ عاشقن ڏنا مام ۾ مَٿا،
هڪ هِئي پنيان پڙتي هلي سورهه ٿيا سٿا.

۱- ترٻئون ڪري آيا جيڪا، ميثاق ڪان ڪٿا،
پوري ڪيئون پِر جي اڳيان، سا روح جي رٿا.

۲- محبوب جي تہ وصال لاءِ، گهولي گهليون گهٽا،
ڪاهي پيا ڪارونيار، ۾ غازي نہ سي گُٽا.

۳- جِڏهن حسن حقاني جو ڏسن، عاشق لقاءَ ٿا،
تڏهن مريو ٿا مات ٿين، مُورهئون مڙن نٽا.

۴- اعجاز جن جا نين نت، حق در وچي گُٿا،
جَنڊي عشق جي تان، سرنني جا لال ٿي لٿا.

ڪانڊ: بادشاهي، دائمي

ٺلهه: اِهي جگر عاشقن جا، توسان عِشق ٿا ڪمائن،
تنهن جي حُسن تاب سامهون، توسان نظر ٿا مِلائن.

١- خُوني خنجر اکين جا، ڪلنڌي تو خوب گوڙيا،
تہ بہ گهور گهور آهن، توکان منهن نٿا مٽائن.

٢- جيڪو قدم سو اڳتي، پٺتي نہ مور ڏسندين،
هر پل ۾ سوَ هزارين، توڙي تير تنهنجا گهائن.

٣- تِڪ ٿاءِ شعلا تجلا، اُهي طور تي ڪيا هُئي،
هِتي نين اٿئي نينهن جا، ازخود پيا جِيءَ جلائن.

۴- پرده نشين تون آهين، پر عاشقن جي اکيان،
بي تابو دل آ تنهن جي، اهڙي رمز ٿا لڳائن.

۵- اعجاز چئي عُشاقن، صد آفرين سدائين،
توکي ساهہ ۾ سمايو، لوڪئون ويٺا لِڪائن.

ٺلهه: آهي عِشق آهڙو، ڇڏيئين نہ نچائي،
نِيائن ٿا نيهي سِر ڳائي وڃائي.

١- طالب ڪن طبل سان، توحيدي تنوارون- ڪي ساز سارنگيون ۽ سرندا ستارون،
ڦري پيشوازيون، ڇڏيئون مچ مچائي.

٢- مَلهي مرڪي سِر تي، ڪنئي جن ملامت- ناهي تن احتياجي، ڇاهي لڄ لياقت،
شرم ۽ حيا جا، ڇر ڪِيئن ڇڏائي.

٣- سچن ساٿي سُهڻو، سدا سان آهي- نفعي ۽ ضرر جي ذرو ڳان ناهي،
چڙهي موج مستي، هُو جا هُل هُلائي.

۴- ڪئي عِشق اعجاز بيشڪ پلائي- منجهان منجهہ آچي جنهن، جهي جوت جاڳائي،
حقيقت هتي جي، هِتي ٿو ٻڌائي.

تلمر: سِکن پرَلاءِ لُڇن هَردمر- اِنهي کي عِشق چڳجي ٿو.
سُمهن سک ٿي نه سارو سَمر- اِنهي کي عِشق چڳجي ٿو.

١- پَرن آهون ڪرڻ دانهون- ڀَڏن ڀانهون تَکن راهون،
مچائن من اندر ماتمر- اِنهي کي عِشق چڳجي ٿو.

٢- ڳرائي عرض ۾ آزيون- نهايت نياز نِئڙت سان،
اِهو آقرب جو بَس ڪمر- اِنهي کي عِشق چڳجي ٿو.

٣- اُمنگون پُور پرين جا- اُٿئي ويٺي اچن اُڌمان،
اُداسي دل اکيون پُر نَمر- اِنهي کي عِشق چڳجي ٿو.

٤- پَسي شُعلو حسن پِڙتي- پَتنگ وانگي ڳري پَرڙا،
جَلائن جَان ٿي بالمر- اِنهي کي عِشق چڳجي ٿو.

٥- نه ڏڙکي دار کان دل ٿي- نه ديڙن ۾ ڪُسڻ کان کي،
چوي الله کي آدمر- اِنهي کي عِشق چڳجي ٿو.

٦- بيهن مجذوب ٿي بَر ۾- پري پيالو ڏين رت جو،
پيئن قاتل زهر باغمر- اِنهي کي عِشق چڳجي ٿو.

٧- وجي جنهن سان لڳي دلڙي، وساري ڪين سو سگهندي،
هجي توڙي لبن تي دمر- اِنهي کي عِشق چڳجي ٿو.

٨- سسئي وانگي سِڻي سانگا- پڙهي اعجاز بسم الله،
رَميران راه تي پيورَمر- اِنهي کي عِشق چڳجي ٿو.

مجذوب: مَدهوش، مَحو

تلم: ڪَري عِشق گُذاري مونسان ڙي آديون،
ڏِنشين مُون تہ مُئيء تي ڪين بار بَديون.

١- ڇَڏي عِشق نہ مُون ۾ رَکي رَت سَت جي،
سَنبران ڪانہ گهڙي سُک راحت جي،
آهڙي مَيچ هَنيئين ڪا مَحبت جي،
سَهُٽيون صَبر سان پيم سِر تي ڪوسيون ڏٿيون.

٢- سَاري لوڪ ۾ بُري بَدنام ٿيس،
نِڪتي نِترنِہر ناڪام ٿيس،
بي چاڪ بي گهر بي آرام ٿيس،
ويٺي وَاهيان بيوس نيٺين نيرنديون.

٣- منهنجون آهون دانهون راهون بَندي،
مُونکي پنهن جي ڪيائين ڪاتي ڪنڍي،
سَاٿا سند ٿيا، پَند ڪَشالا ڪَندي،
ڪَنهن پچندم اُميدون رُوح رَچنديون.

٤- اڪڙيون اوجاڳن ۾ وييون آچي،
مَچن ڪِيئن سِي مَئيون لڳين سِڪڙي
سَچي،
آئينديون يَارُ اعجازؔا پر ۾ پچي،
سکندي جنهن لاءِ ٿيا سارا سال صديون.

تلمه: عِشق سَودا جو خَلل جِن جي سَمايو سِيني سِر،
حيف تن تي اي حريفا، ڍيني ڏکوي ڪيم ڌَر.

١- ڪانه سُڻندا ڪابه تُنهنجي- ڀِي نَصيحت نَاصحا،
عِشق وَارن جي اَڳيان ڪو- عِشق جو اَحوال ڪَر.

٢- پِرت جا پَابند پَازي- پِر پوڄاري جي ٿيا،
تَن کي حَاڪيماڻي هشمت- ڪِين گهرجي مَال زَر.

٣- تَيهي نَاسُورين کي تُنهنجا- تِير طَعنا ڇَا ڪندا،
صَبر جي پَاٽشون زِرهه- بَنجي ويا بس بي خَطر.

٤- ٻنهي جهانن مان عُشاقن- عارفن کي آوٽي،
يار جي سڪڙي اعجازا- يَار جي لوري لهر.

ٽلم: بِرهہ جي ڪيڏ ٽا بانڪا ڪيڏن، بي سِر بي مثال ٿي بِرحال ٿي.

۱- صُورت جي سَامان سمر سان، صُوفي صَاحب حال ٿي بَاڪمال ٿي.

۲- نَاٽڻون نَاتَ ٽِين ٽا نيهي، نِيڙن سِر نهال ٿي نِينهن نَال ٿي.

۳- حُسن جي هَادي هوت هتان- هَر هَر هيجئون حَلال ٿي هِڪ خيال ٿي.

۴- ڪَيفيت پَنهنجي پَان پَروڙن، ڪَيف ڪَدم ڪَلال ٿي مَتوال ٿي.

۵- لاَاِلہ سانگي سِر لهرائن، لاِالله سان لايزال ٿي لاأبال ٿي.

۶- اُلٽي داءِ دم سان اَعجازا، اُلٽي عُشاقن ڳالهہ ٿي ءِ چال ٿي.

ٽلم: ڪير آڻيندو الله- عِشق جي آڏو ڪَنڌ نہ ڳنڊو.

۱- عِشــق آلله ڪــي آلله بــنــايــو- آهــي پَاڻ ڳَواهـــ.

۲- نِينهن نَمـائـي ڪَيس نـوڙي- تَخت ڪِبـرِ ٽِيس ٽَبـاهہ.

۳- عِشـــق جي آڏو الله ويـــچارو- چَانـــا پَري هَر ڳَاهـــ.

۴- صُورت وَاري سانـگ ۾ وَرتـئين- مـــوجون مَزا سَڀ واهـ.

۵- اَعجاز علي چَئي رَاز اِنهي ڪي- سَمجهي ڪو سِياڻو سَاهہ.

لايزال: دائمي، جنهن تي زوال نہ اچي

ٿلهہ: نِينهن لڳي پوءِ نازڪ يار- لوڪئون لڪرِ لڪن ڪهڙا.

١- آءِ ترِٿيون نرِوار نچي نِت- پرت پنهن جي ۾ پاڻ پچي رِت،
برِهہ ۾ بيهون ٿي بدل بهار- سواءِ گهمسانن سِڪڻ ڪهڙا.

٢- سُورهہ سدائين سُوري سامهان- هُل هزارين مٿن هاڳامان،
ڏڪ نہ ڏارڻ جو ڏا جان نِثار- ٿاهہ ڳائي ٿمي ٽڪڻ ڪهڙا.

٣- چاهہ چاهڻ رک چاهڻ وانگي- سُور سهڻ سِڪ صُحبت سانگي،
سپ ڏِينهن مُجي سِڪ سار سنيار- چڱن ڏِينهن جا چڪڻ ڪهڙا.

٤- حال وارن ڪان سِڪڻ سِڪجي- عِشق جو اعجازا چڱانڪو چڪجي،
مٿي پي ڪجي ڳا محبت پچار- محبت رِيءِ مٿي جا ٽڪڻ ڪهڙا.

ٿلهہ: نِينهن ڪرايو نِياز يار- نازن واري نوڪ نظر جو.

١- سازيو سازي سوين سريرون- سِڪڻ سوز گُداز يار،
نازن واري نوڪ نظر جو.

٢- ناميا نات نِسنگ نچائي- غمزو حُسن غماز يار،
نازن واري نوڪ نظر جو.

٣- وِيرون وهائي وِيو ڪيي دِل- بحري بانورو باز يار،
نازن واري نوڪ نظر جو.

٤- گهايل گهائو ۾ گهٽيرو آهي- اصلئون اعجاز يار،
نازن واري نوڪ نظر جو.

ٿلهه: بنان ڪَنهن پابندي بَندجي، آهي هنِ نينهن جو نَعرو،
سُمايو ڪِين حَد اَندر، عُشاقي عِشق جو آرو.

١- نَڪا اُپٽار حَرفن جي، نَڪا تهذيب طَرفن جي،
نَڪا خواهش شَرفن جي، نَڪوئي هَوش سَماءُ سارو.

٢- ڏوهن جهڙا ڪَري ڪَم ٿو، بڙا بيحد هٺي دَم ٿو،
اُٺائي سِر تي آڳم ٿو، بڻيو بَدنام بيڪارو.

٣- ٻُڌي ناپَند نَصيحت ڪي، سُڄائي ڪين شَريعت ڪي،
مَڃي حاضر حقيقت ڪي، رَهي نِيارن ڪَنان نِيارو.

٤- ڪَري ڳاڍو ڳَلهن جيڏهن، پُري ٽنهن پار ٽَلهن تيڏهن،
ڪَلهن ڪِيڏهن ڪَلهن ڪِيڏهن، اَٽس هَر جاءِ اوتارو.

٥- عَزم آزلي رکي رايو، جُهلي اعجاز تي آيو،
پَنهنجو ٽنهن پاڻ پُرڇايو، سَراسر تي لِوا وارو.

ٿلهه: بِرهه بنان نَاهي جاءِ- لَاحد اَندر لِيٽڙي پاٿُن جي.

١- ذَات صِفات جو نَاهي سَنتوهت- نَڪا رِياءَ جي راءِ،
حَق هيڪڙائي صاف سَچائي- صَبر ٽنهن ڪان سواءِ.

٢- نَانهه ڦي نَانگا تـه نَاٿ نَوازئي- نَام نَاموس وِڃاءِ،
بَار مَلامت بَرسر چائي- پيـر پِرت سَان پاءِ.

٣- پَٽيون عقل جُون بِنهن پَجي ڇَڏ- سِڪڙي سيني سَماءِ،
ڏرٽو ساري لوڪ دَهر جو- مَچ مَتي سر مچاءِ.

٤- ترڪ ڪَري ٿُون ٿهدل طَمع ڪي- ٿَند توحيدي وَڃاءِ،
عَين اليقين پوءِ اعجازا- ڳيت انا الحق ڳاءِ.

لوا: جهنڊو، نشان

تلم: تُنهن جي نينهن هٿايا نعرا، انا الحق وارا يارِ پيارا.

١- عِشق اَنحدي آواز اُڀاريا، صِفت ثنا جا سَبق سيکاريا،
ڏِيل ۾ تُنهنجا تجلا ڏيکاريا، لِيل نهارا لاکيِ نظارا.

٢- مَرن جيئَن وارو مُلڪ مَکيوسون، لاحد ۾ نيئي لوڙهہ لکيوسون،
سِر جو سانگو صاف سَٽيوسون، لتا مُونجهارا اڳ پوءِ وارا.

٣- آهين يار سَدا تُون عَين عَياني، نابينا ياڻئن تو کي نِهاني،
سَڀ جاءِ تنهنجي صفت سُهاني، ڏيئي ڏيکارا چِتا چوڌارا.

٤- محب ڏنيوَ جا مونکي مُرکي، سوز گداز جي ساٿر سُرکي،
دِلڙي اَعجاز چئي جَڏهن کان چِرکي، تسمر قرب وارا ساقي سوِيارا.

تلم: بِرهہ کيو بي حِجاب- هَنيم صَدا رب اَرني واري.

١- لن تراني چئي مَحبوبن- رُخ تان لاٿو نقاب.

٢- ما زاغ البصر جي رَستي- ڏِٺم مُنهن مَهتاب.

٣- جَلوو جَانب يَار جو- بيشڪ آ لاجواب.

٤- قلب وارو کوهہ طُور سارو- سڙي پچي ٿيو ڪباب.

٥- شَوق اَلستي شور مَچايو- شائق ٿيڙس شتاب.

٦- اَعجاز علي چئي اڳ آسان جي- آيو عربي جَناب.

(١) شتاب: جلدي، ترت

ٿلهه: برهم جا جي هٿ ٻَڌا پابند هئا، سي رِند هئا،
اَکٽي رَڪ رَڪ کان ٽَني جا رَند هئا، سي رِند هئا.

١- پاڻ کان پاسي ٿي پَلپَل پرتئون پرکي پَسي،
پرت جا پاتا جَني پيوند هئا، سي رِند هئا.

٢- خُمر خاص الخاص پي، خُمار ۾ خاموش ٿي،
خُوءِ سان خُود دار جي خُورسَند(١) هئا، سي رِند هئا.

٣- آنڌي اکڙيون پٽي، اِنصاف ۽ اِيمان سان،
ڇُٽو تہ حق جي راهہ ۾ کي ڇَند هئا، سي رِند هئا.

٤- عشق جي اِسرار کان آگاهہ ٿي اعجازِ ڏس،
عَاشقن آپي ڇڏيا آنَند(٢) هئا، سي رِند هئا.

ٿلهه: برهم بَدل جيئن بَرسي بَرسر- بَارو بَار بَاران ڪيا،
طُورِ سينا وَارا تجلا لاٿي- تَارا چَنڊ ٿالان ڪيا.

١- آحسن ٿي آنوار اُپارو- آڙهنگ آگمر سان اُجارو،
آيو اُلٽان اُلٽ اوپارو- عَين اُنهيءَ آحسان ڪيا.

٢- سُڻُنا سَاز سُرود وَڄائي- دَر دَر ڏاڍا ڏَڄ ڏَڄائي،
پاڪ پَڪا پيغام پُڄائي- هَوش حَواس حَيران ڪيا.

٣- حُسن وَاري آولي هَر هَر- پَاڻ ڇُپايو مَاري خَنجر،
گهائي گُرگِياني گوهر- نيزي سِر نيشان ڪيا.

٤- "اعجاز" تي اُلبو آر ڪيئين- وَحدت جو وَسڪار ڪيئين،
نِيڻ نِرت ڏيئي نِروار ڪيئين- تنهن شَائق لک شُڪران ڪيا.

---

(١) خُورسند: سَرها، خوش (٢) آنند: آرام، فرصت

ٹلہ: بِرہ چَوي ٿو بيرنگ آهيان ـ ٻَازي ڪُل ٻَنايان ٿو،
پَنهنجي رائي راز سان پَنهنجو ـ ٽالو نينهن سَڏايان ٿو.

۱ـ جي جاٿي سڪهين تان جاڻ مُونکي ـ تو جاڻ اهو جاڻايان ٿو،
هر مظهر ۾ جلوو منهنجو ـ هَر جاءِ حُڪم هَلايان ٿو.

۲ـ اولي اوڻ حُسن جي ٻيهي ـ عَين اکيون انکايان ٿو،
اَلتا آر ڪَري پوءِ عاشق ـ آڙهه مَنجهه آڙايان ٿو.

۳ـ قُم بِاذني قَول ڪَري ـ ڪَلڙي خوب کلايان ٿو،
اَن الحَق جو نَعرو هَڻي ـ سُوليءَ سِر چڙهايان ٿو.

۴ـ ليليٰ قيس فَرهاد شيرين ـ رانجهن هير رلايان ٿو،
سُهڻي ميهر سَسُئي پُنهون ـ راڻو مومل رايان ٿو.

۵ـ مَستي حَقيقي مَنجهه رهان ڪٿ ـ مَوج مجازي مَچايان ٿو،
مَرثيہ قصيدا شغل مَداحون ـ صُوفي شَبد سُڻايان ٿو.

۶ـ رند قلندر ترڪ طَمع سان ـ سامي ساڌُ چَوايان ٿو،
مَلنگ مَوالي مَستانو ٿي ـ ناٿو ناد وَڄايان ٿو.

۷ـ شيخ مَشائخ قَاضي بَنجي ـ شوق شريعت چاهيان ٿو،
گَلمون پڙهائي ڪُفر سَندو ـ ڪِرشن ڪان ڪُوٽايان ٿو.

۸ـ حُر حُسيني هَردم ٿي ـ قُدسي قُرب ڪمايان ٿو،
طَالب ٿي اَعجاز سدا ـ مَطلوب سِڪندر ڳايان ٿو.

ٺلھ: مِلي مَحبوبن کان مَامَ- بِرهه جي ڏام پئي،

١- نيڻ نوالا لائي مِلائي- حُسن هَلايا حُڪام،
مَنجهن هَر هام پئي،

٢- ڪين لِڪيا جِت لڳُهن ڪَنهن جا- رِيءَ گُسن جي ڏَدام،
پَرن اُت ڳام پئي،

٣- مَوج مَحبت جي ماڻن عاشق- مَستو مَست پي جام،
سَاقيءَ جي سام پئي،

٤- شاخ عَجائب عشقِ شَجر جي- نامي ڏِٺي جا عام،
لَڙِي سَلام پئي،

٥- مَام اعجازؔا مَحبوبن جي- دين ڪُفر وَٽ حَرام،
خَبر ڪي ڳام پئي،

ٺلھ: برهه بَازار ۾ هَر وار- مَارو مَار آيارو،
تِير و تلوار جي چوڌار- وَارو وار آيارو،

١- وَسي جِيئن مينهن سانوڻ جو، ڪُنڍين مان ڳان تيئن ڳرڪن،
جهَرن جُونجهار وَهن رت تان، هَارو هار آيارو،

٢- پَلي ڪيڏا ٻه ڳن جيلا ٻچڻ مُورڇون نه ڏن جو ٽِئي،
جنبي ڪي ڏار جو ڏک وان، آروپار آيارو،

٣- چَلي اُت ڪي چَريا ٿي پيا، ڪني جو دَم ويو دَم جي،
لڳي ڏن تارءِ اوچِنگان زارو زار آيارو،

٤- گُسن ڏاران ڏنل گهر ۾، ڪُهڻ جي وَاهه ڳا نامي،
آندر آزار سان ڪَمَتان تارو تار آيارو،

٥- عَجب اعجازؔ چئي مي آ، اڪيون سُهڻيون سَهيئي پَن،
مَنجهن دِيدارءِ اسران ڏارو ڏار آيارو،

جُونجهار: بهادر، سورمو، دلير

ٺلهه: ڪي رِند سَمجهي ڳن راز- آهي عِشق عَجب آوران آور مُنهنجو.

١- ناز وارن سان ناز ڪَريان ٿو، نياز وارن سان نِيان،
آهي آڏڪُرڳم وارو طَور مُنهنجو.

٢- بيحد واري بَحر جو آهيان، بيحد غوطي ٻان،
غَواصن وانگي غور مُنهنجو.

٣- خَالي خيالي پَوش پَرن سان، پَلپل گيان پَروان،
شَاهي شَهبازي شور مُنهنجو.

٤- وَحدت ڪَثرت مَنجهه مُدامي، سَجڻ سَان سَنگ سَان،
آحدي اوتارو آجهور مُنهنجو.

٥- اَعجاز عَلي ؒ جي عَين عِنايت، سَدائين ڪَيم سَرفراز،
اِهو پيرِ مُغان آهي زور مُنهنجو.

ٺلهه: رِند رُوحاني راز سان، رَاڳي ويراڳي ٿي رَتا.

١- مَحُوليِ مَحبوب ۾- ڏِس مَوت کي ڳائي مَتا،
تَند تَوحيدي ڳٽي- تَن عِشق ۾ تائي تَتا.

٢- لُوڪ جا لاڙا لِياڪا- "لا" سين جِن لِڪ ۾ لِتا،
ڇَوهه مان ڇِڙجي تني- بَر سِر ڇِڪيا ڇوڙي ڇَتا.

٣- جَنهن وِلايت ۾ هُئا- وَڃي تنهن وِلايت ۾ ڪُتا،
سِر تني جاسون جِيئن- پَرکيو صَرافن پَي وَتا.

٤- پِرت جا اَعجاز ڻُون پُڇ- پِرت وارن کان پَتا،
آشنا آهن اُهي- سَپ رَاهه جا سُونهان سَتا.

صرافن: پرک وارا، ڄاڻ وارا، ماهر

سائين جن جي آخري ﭘڻ ڪلامن مان هڪ ڪلام

ٿلهه: رِند ٿا رَهن ٿي مَاورا - دُنيا جي هَرِ فِڪرات کان،
دُنيا جي هر فڪرات کان - عُقبيٰ جي هَر خطرات کان.

۱- دَيوانا حاضر دِيد جا - طَالب نہ وَعدي وَعيد جا،
تَشنا[1] نہ ڪنهن تائيد جا - خوش آيا نہ خُوشامدات کان.

۲- رِندن سَندي رَمزات ڪي - تَن جي سُپِرِ سُخنات ڪي،
رَنديءَ ﭘِسن رِندات ڪي - تَارِڪ طَمعُ طَاعات ڪان.

۳- رِند مَن خُدايہ مَن چَون - اِن دَم سان ٿا دَم دَم رَهن،
موجود حق موجود ڪَن - وَاصِل بِلا سَندي ذَات ڪان.

۴- لاَ يَحزنُون[2] مِليُن ﭘَڳُر - عُقبيٰ جو تَن ڪَهڙو خَطَرُ،
سُونهين سُهايِن اِيءَ سَڳُر - مُبَرا رَهيا اَموات کان.

۵- فِڪرِ دُنيا پَائن فُضُول - اَعليٰ اَٿن اِهڙو اُصول،
ڪيئُون وَحدتا سڀ ڪجهہ وُصول - ٿيا پاڪ هَرهَر جَات کان.

۶- مُوتو قَبل جي ٿي وِيا - جِيئندا اُهي جڳ ۾ سَدا،
سَڀ فَرض ڪيئُون پنهنجا ادا - وِيَڙا اُکِپي ڪثرات کان.

۷- ”لا“ کان لنگهي لاڪا ٿِيا - ڳُر سان مِلي ساڪا ٿِيا،
اَعجازِ جيئن ناڪا ٿِيا - اُڪريا وَحِي اِنتهات کان.

(۱) تشنا: اُڃايل (۲) لايحزنون: انهن کي ڪوبہ خوف يا ڊپ نہ آهي.

تلم: سَمجھين جي رَمز رِندي، دُک دَرد کان ڌِين وانُدو،
آرام عيش بابت ـ ڏِسجين نہ مانُدو مانُدو.

١- عاشق اَمَرُ جو تي پئو، قائل صبر جو تي پئو،
صاحب نظر جو تي پئو، حَق تو سان آهيکاندو.

٢- حَق جو هميش بَنجي، سَڀ جو خويش بَنجي،
وَ نيھي نيش بَنجي، ڪير و نڪي بِڙاندو.

٣- بيجا بَڪ نہ بَڪجي، پاڻي لُڙو نہ لڪجي،
ڪنھنجو نہ عيب تڪجي، پنھنجو تہ پَس پاچاندو.

٤- جو مُون چيو سو تون لِک، سَمجھي سگهي سوئي سِکّ،
تنھن راز کي ڪولي رَک، جو راز ڪنھن نہ آندو.

٥- جنھن ماري کان ڊِجين پيو، تنھن سان تہ گڏ هلين پيو،
پنھن جي پان لاءِ منجين پيو، وِڪ وِڪ تي پان ڦاندو.

٦- گايا مايا سَنياري، سانگا سھا نِھاري،
وَحدت ڇڏيئہ و ـ ـ ساري، دُوئي ڪُجي دکاندو.

٧- تُون مُرغ لا اُبالي، پَڃ پجرو ڪن بُوالي[1]،
ڇن دام سان دُوالي[2]، جنھن آڻي بنايو باندو.

٨- اَعجاز چئي چوان ٿو، تو سان پَتِرِ پوان ٿو،
هَر هَر مجي رَوان ٿو، تي عِشق سان بي پاندو.

(١) بوالي: پروان بولائي ڪاڻ (٢) دوالي: قيد، ڏوري

تلمه: ٻائين ڇو تو فقيرن سان، شِمر شيطان جي ٻَرِ ڇڏ.

۱- سَتاين کي سَتائين ٿو، صَبر تن جو ڇا ٻائين ٿو،
ڏکوين کي ڏکائين ٿو، مُئي مَروان جي ٻَرِ ڇڏ.

۲- تو هَٽ مارڻ نه جيارڻ آ، تو هٽ ٻارڻ نه ٺارڻ آ،
تو هَٽ جِيئَڻ نه هارڻ آ، فرعون هامان جي ٻَرِ ڇڏ.

۳- ٻَراوا عيب ڳولي ڄاڻئي، نه پَنهنجن تي نظر پاڻئي،
ٻلارو ٻاڻ کي ڄاڻئي، نِنڊ نعمان جي ٻَرِ ڇڏ.

۴- بگهاڙا ٻاهه کيو ٻَرنکين، رُليا ڇو راهه ويندا روکين،
اتي ڳائين آئي اوکين، گِدڙ گرگان جي ٻَرِ ڇڏ.

۵- آسين ڄاڻون الله ڄاڻي، آسان ۾ ڇا وَجي ٺُنهنجو،
نه کر ناحق سڙيا ساڙو، نِنر نادان جي ٻَرِ ڇڏ.

۶- ڇوِي اعجاز پولو پيچ، مُحمدﷺ عَلي ؑ کي مَچ،
حَسد کان حاسدا وَڃُن وڃ، ابوسفيان جي ٻَرِ ڇڏ.

تلمه: فقيرن تي اکثر کُتا ڀَنندا آهن- مگر رِزق تن جا رَوان رَهندا آهن.

۱- فقر ۽ فقيري جا مَاٺو کي مُنکر- حَسد بُغض کان کن مَلائون ته ٿا پَن،
تَکبر جا آخر ٿکيا ڀَنندا آهن.

۲- ٺَڳا رَمزِ رندي جي ڄاڻن سُڄاڻن- اُهي رول آهن ڇَيو سَچ سِياڻن،
کوتاگر اُنهن سان ٺَڳهن گهندا آهن.

۳- کُتو ۽ گدا گر ۾ مُتضاد هَستيون- کَٺهن کونه کَن هي کرِ اتحاد هَستيون،
هِنن جا هَنگامان ڏاڍا ٺَهندا آهن.

۴- کَکڙ ڀَڙو مانگڻ جي جُهونا ته ڇاهي- ٻَرنکڻ ۽ ٿَرنکڻ کان ته بس تن جي نامي،
اُٺن کمِ اهوئي نه ڇُپ ڀَهندا آهن.

۵- آي اعجاز آچار کَهڙا کرين ٿو- حَيوانن تي ويچار کَهڙا کَرين ٿو،
سَندي ۽ ذات کيِ پڻ نه جي سَهندا آهن.

ثلم: أو اللعليٰ[1] آعظمت عِزت فَقير جي،
شاهي ڪان شان ۾ بَر صِفت فَقير جي.

١- حق اليقين سان حق حلاج جي ندا،
ڏِس مام گام هام ۾ همت فقير جي.

٢- ظاهر ۾ زنگ آلوده، باطن ۾ صاف پاڪ،
سيرت ۾ ڪِرت ڪِيرت، نيت فقير جي.

٣- نوبت نقاري نينهن جي، نعري نظاري سان،
هر دوجهان تي قائم، حُجت فقير جي.

٤- هر ماڳ هر مقام تي، هر وقت هر گهڙي،
مبسُوط[2] ۽ مُحيط[3]، محبت فقير جي.

٥- هونئن هت فقير ڪوڙ فقيري جي رُوپ ۾،
پرڪات ڪِٿ تہ آهن، تلت فقير جي.

٦- دُنيا ڪيو تصور دوزخ ڪِ بهشت جيئن،
بَرعڪس تنهن جي جهنم جنت فقير جي.

٧- اعجاز آهي الڳ، جُدا دِين ڪُفر ڪان،
خالص خُلوص سان تہ مِلت فقير جي.

(١) أوالعليٰ: تمام مٿاهون، اعليٰ (٢) مبسوط: کليل، ويڪرو، ڪشادو (٣) محيط: گهيرو ڪندڙ

تلم: ڪَندي ڇا آسانکي پيري اَميري - وٺي ويو سُون رُوح کي رَنگڙو فقيري.

۱- حَقيقت ۾ حَق کي ڳُولي لَڌوسُون - ڇَڏي ڪُوڙ ڪِينو پَلئه سَچ ٻَڌوسُون،
مَجي نا مَڃي ڪو، ناهي دِلگيري.

۲- هَنئي نيڻن ناوڪ نظاري تي چاڙهي - ڪاهي پَئي سا ڪَڙڪي جِگر سِينا ڦاڙي،
عَجَبُ حال حالت بَڻي بي نَظيري.

۳- اَصل رِند آهيون ڪي اَڄ ڪلهه جا ناهيون - تَتل ڳامُ پُڇايُون ڪُسڻ ڪاڻ ڪاهيون،
چُمي ڳَنڍي سُون چَشمين رَسم هيءَ شَبيري.

۴- اِهي مِهڻا طعنا اَليا ڳل جا ڳانا - اِنهي حال تي خُوش ڪي رَهندا رِندانا،
باطِن ۾ بَهاريل ظاهر ۾ ظَهيري.

۵- اِنهي رَنگ رَتيءَ مان تہ ڪوڙئين رَچي ويا - عاشق ٿي اَعجازؔ آيا، تي اَچي ويا،
اَچي سي نَچي ويا، تو ڙي مُين آخيري.

ٿلهه: آسين عاشق صُوفي ڪافر- نَنا مَذهب پيو ڪو مَجون مَجون.

١- دائم قائم قِبل نُما- ڪعبو اسين سِر آهيون،
جَنهن دَر جڳ وَڃي ڏام سانَ- اُهو آسين دَر آهيون،
ڏِسي ڏِسڻ ٿياسون ڏاتر- ڪونهي آسان تي ڏِجون ڏِجون.

٢- قبيح حَسين آسان جي نَظر ۾- هَر هَر آهِڪ جَهڙو،
ڦورو ڪَنهن جو ڪَونه ٿا ڦوريون- توڙي هُجي ڪو ڪَهڙو،
وِڃهي پولا پول پلا پَر- وَري پولا پول پَجُون پَجُون.

٣- مَستي وَاري مَوج بَحر جا- غوطي بَاز غواصي،
خَود داريءَ وَاري خُوءِ آسان ۾- خَبر سُڻايون خَاصي،
آهيون پَنهنجا پَاڻ پُوڄا گَر- آسين پَاڻهي پَاڻ کي پُڄون پُڄون.

٤- مَدمستن ۽ دل خَستن جو- پَند پُور پَرَاهون آهي،
خِيال بَصيرت عَدم اَعجازا- اَئم اَتانهون آهي،
سَرمست پيو پُر سَاغر- پَنهن جو سَاقي ڪوثر سَجُون سَجُون.

ٿلھ: صُوفيءَ جي رَمز رَاھ ڪي- سَمجھن نہ سگھيو آ،
اِن سِرءَ انھيءَ ساھ ڪي- سَمجھن نہ سگھيو آ.

١- اونھون بہ اَندر دل جو- اَلوَصُوفي اَصل ڪان،
صُوفيءَ جي ٿي گُجھ گاھ ڪي- سَمجھن نہ سگھيو آ.

٢- ڪيڏو نہ بھادر ٿي- ڪَيَئين جَلوو بَرابر،
ڪَربل جي شھنشاھ ڪي- سَمجھن نہ سگھيو آ.

٣- حَلاج سَندي حَال ڪي- جاتو نہ مُلين ڪنھن،
اِن مرد خود آگاھ ڪي- سَمجھن نہ سگھيو آ.

٤- لا الہ الا الله ڪان- اڳتي نہ چَيَئين ڪجھہ،
سَرمد جي ھن ويساھ ڪي- سَمجھن نہ سگھيو آ.

٥- ڪَعبي ۾ ڪَليسا ۾- مَندر ۾ بہ وڃي پيو،
عَاشق جي سَجدي گاھ ڪي- سَمجھن نہ سگھيو آ.

٦- اِثبات نَفي وَاري- تہ چَاري ڪان سَواءِ يَان،
اِنسان ۾ الله ڪي- سَمجھن نہ سگھيو آ.

٧- ڪير آھ ڪِٿي آھ- ڪَمزَرآھ سو سُڻو،
اَعجاز جي دِلخواھ ڪي- سَمجھن نہ سگھيو آ.

ٿلهه: آسين صوفي صافا صاف آهيون. آسين ڪنهنجي ڪين خلاف آهيون.

١. آسين آرني ٿا اظهار ڪريون. آسين لن تراني آر ڪريون،
آسين ڪافي عين ڪشاف آهيون.

٢. آسين هود داؤد جي حال وارا. آسين مام مسيحي مقال وارا،
آسين سر تا نرتا صراف آهيون.

٣. آسين پان پنهنجا مقصود آهيون. آسين ساجد خود مسجود آهيون،
آسين عادل با انصاف آهيون.

٤. آسين روز الستئون مست سدا. آسين دردمندا دل خست سدا،
آسين باطن ظاهر شفاف آهيون.

٥. بي مثل مثل ۾ دوام آسين. اعجاز جا آهيون امام آسين،
آسين نيزي پڙهندا مصحاف آهيون.

ٿلهه: ڪري ڪير صحي سر صوفيءَ جو. گهٽ گهٽ ۾ آ گهر صوفيءَ جو.

١. احديت واريءَ اوڙ عجب سان. هر جاءِ هلي هر صوفيءَ جو.

٢. آزل ڪان بہ آهي برابر. نعرو نشابر صوفيءَ جو.

٣. قرب واري تہ ڪمال سان. آهي ڪل ڪان مٿي ڪر صوفيءَ جو.

٤. حق حق چئي چڙهيو سوريءَ تي. برهہ بهادر صوفيءَ جو.

٥. هن مان آئي جن هن گهر ۾ ويو. آهڙو مرڻ ير صوفيءَ جو.

٦. بلبل وانگي باغ حسن ۾. سير گذر سر صوفيءَ جو.

٧. ظاهر ڪارو ڪفر وارو. باطن اوجر صوفيءَ جو.

٨. صبح شام معمور اعجازا. سمجهہ تہ ساغر صوفيءَ جو.

معمور: پريل

قلم: جوڳي جاڳ لهه ڪو لاڳ. مان سڄاڳ ملڪوتي،
حاصل حال هت ڪَرِ خيال. جام وجلال جبروتي.

١. پائڻ بُود[١] ڇڏِ وجود ڪَر توڻون عُود[٢] اصل ڏي،
سَيم[٣] نه سان سڳ وِسار ڪِيم نهار نسل ڏي،
آلڻ[٤] آتِ رِيءِ اوسات ڳانهي وات وصل ڏي،
وِرهُ وِهاءِ جوڳ ڪماءِ سِڪ سماءِ ثابوتي.

٢. تي آڏوت "لا" يَموت[٥] آنگ پَيوتُ اَلفنيارو،
پان سُڄاڻ سُرتيءِ سان سِر جو ڄاڻ رک سارو،
سَيڪنهن وير ماڻها تير مَنيون سير مَن وارو،
ڏارِ ڏيان گُرُ جوڳِيان پيذ بيان باهوتي.

٣. پَتنگ جِيئن جوڳي تيئن مَچ ڪان ڪِيئن مُنهن موڙ،
ڪوريءِ ڪام مَنجهه مُدام خيمان خيام تا ڪوڙ،
جوڙان جوڙ توڙان توڙ آحدي آوڙ تا اوڙ،
هَتي سُنگ لِيا سي ڳُنگ، لاڳي لنگ لاهوتي.

٤. غِفلت غَرق ٿون ڪَر ترڪ، ٿُنهنجو مَرڪ نه آرس،
جاڳي جِيءِ ثابت ٿيءِ، وحدت وِيءِ جو وارث،
آهين ذات بالا بات، پَيغامات سان پارس،
اعجازؔا نون تجلو طُون ٿو پِر حضور هاهوتي.

(١) بود: هُئڻ، هستي (٢) عود: واپسي، موٽ (٣) سيم: لاڳاپو، آسرو
(٤) آلڻ: تڪليفون، سڙڻ، پچڻ (٥) لا يموت: جنهن تي موت نه اچي.

ٿلهه: ليا جوڳين جا وِچي لڳا، لَاحد جي تہ لقاءِ ۾،
لَاحد جي تہ لقاءِ ۾، رَنگ رَبُوبي رَچاءِ ۾.

١- نَاسُوت ۾ رَهندي ٿيا نہ نَاسوتي- لَاحد وِچئا لَاَل لَاهوتي،
سُڪوت[1] ماڻيا تن مَلڪوتي- جَبروت ۾ جن جا جهوپا جُهڳا،
آسن استغناءِ[2] ۾.

٢- صُورت سِر پُوڄارا سَامي- سَتگر گُر پُوڄارا سَامي،
پرٿڻون پر پوڄارا سامي- بُت ڀيائي جا انهن پَڳا،
صُورت جي تہ سُهاءِ ۾.

٣- هَمہ اوست جا ڪاپڙي قائل- خيال انهي تي گُپ گُپايل،
مَاضي قبل ڏي مُور نہ مَائل- سورين ڪين ايڏهن لاءِ سڳا،
رَهيا ڪِين رياءَ ۾.

٤- حَاصل جن کي لقاءِ حُضوري- مَاڻ مُطالع تن وٽ پُوري،
مَنطق[3] چَاڻن ڪونہ ضَروري- دِين ڪُفر جا ٽوڙي ٽڳا،
پهتا مُلڪ بَقاءِ ۾.

٥- جوڳي جَاڳي ٿيا سُهاڳي- ٽوڙئون هَردو جڳ جَا تياڳي[4]،
شَبد اُنهن جا مَعنوي مَاڳي- سَنک سِڱيون ۽ صُور وڳا،
تن جي مَست سَماع ۾.

٦- مُلڪ جوڳين جو آهي مَحويت- ايڪ ايڪائي ۽ اُلوهيت،
پُڇ نہ انهن جي اَعجاز مَاهيت- جوڳي ڪونهن بي دڳا،
پَڌرا آهن پڙاءَ ۾.

(١) سڪوت: آرام، فرحت (٢) استغناء: بيپرواهي (٣) منطق: ڳالهائڻ، بحث، مناظرو
(٤) تياڳي: تارڪ

ٿلھ: جوڳي مُلڪ آمرجا- سامي مُلڪ آمرجا،
صُورت مُورت واري- سُونھان سانگ سفر جا.

١- صُورت پيتي آيا، اُت سِرڙا ليکي آيا،
ستگر(١) ليتي آيا، نرتا تين نظر جا.

٢- سَڀي آپا ڪاپا، آرس اُونگھ آڇاپا،
جڳ جڳ ڪن جِيا پا، جِيوا جاوي جر جا.

٣- ڪنگڻ ڳلاھ ڪفنيون، پوش پوشاڪون بسنيون،
ڏُيون نيڻي تن ڏکنيون، هيرڪ حق حاضر جا.

٤- سِڪ جون تن سنگهرڙيون، سامين هٿ سمرڙيون(٢)،
گيڙو ڳل ڳبرڙيون، ماھر مخفي خبر جا.

٥- هر مري تر ڳرو مري، وينا اهو دم ڌري،
موت مٺي سي ڌري، وڃهن ڪرت ڪِينر جا.

٦- سامي چڏي سوات(٣)، ونسي ويا ڪوات(٤)،
هٿي اُلٽي جات، پوريئون پور پڌر جا.

٧- وِيا جي گنگا جمنا، ترڪي هر نمتا،
ڇُمي پر جا چرنا، آڃا ليا آندر جا.

٨- پنڌ ٿني جا پُڇن، ڏوري اُھيڻي ڏسجن،
سامي اعجاز سڄن، صاحب سي صبر جا.

(١) ستگر: مرشد (٢) سمرڙيون: تسبيحون
(٣) سوات: سٺو رستو (٤) ڪوات: اڻاٺو رستو

ٿلهه: جوڳين سنجهي جبروت ۾ - برحق ڳوڙهيون بيراڳڻيون.

١- سامين سفر سر تي ڪيو - سورن سندو سِڪ سوز پڻي،
سُڄ ۾ قراريا سڀ وڃي - سيجون ڇڏي تہ سهاڳڻيون.

٢- وڏيل وڇوڙيل وحدتي - وَڻ ڙِڻ وَاسي ويا وِرهہ سان،
وَر وَر مونکي ٿيون سي وٽن، وايون سندن ويراڳڻيون.

٣- لڳ پڳ ڇڏيائون لوڪ جي - وِيا لوڀ لالچ کان لڙي،
لاهوت ۾ لاڳون ليو - لاتيون لنون تا لاڳڻيون.

٤- ڪنهن تان ڳڪوريا ڪيف ڏني - پِي ڪرت ناڪن ڪاپڙي،
روئن رڪاڙن راڄ ڳڪين - راڻيو رڃايو راڳڻيون.

٥- آرام آديسين نہ ڪيو - آهي قسم الله جو،
اعجاز آيا عَلَي الفجر - اڪڙيون ڪري اوجاڳڻيون.

ٿلهه: جِيءَ جلائي ويا جوڳيئڙا - سي مَن کي پيرو ڪن،
جيڪي مورت جا هُنر موتيئڙا - سِي هن ويل هينئڙ رهت هُجن.

١- جڏهن ساٿ سائين تي سنباهيو - سِيءَ پيم ساري جان ۾،
ڳاڪ ڳوماڻيل ڏسي - آيس وڏي ارمان ۾،
ڳل نہ پيم ڪو ڳوڏيئڙا - تا مُڪيءَ جو جيئڙو ڇنن.

٢- لال لڙڪن ڪيا لَٽا - رنگ رنگي ڳهنبا رتا،
لوئي ِتيم ليڙون لڳن - وار وري نہ مون ڳتا،
هائي هوش ۾ هل ڏينئڙا - متان محب کي ميرو چون.

٣- مُنهن ڳلي ڪنهن سان مرڪان - موج مُڃيءَ ڪان سڀ وڃي،
رو پيو رڙيو ريهون ڪريان - ريجهه راحت روح جي وڃي،
اعجاز اهيئي اوسيئڙا - تا ٿن ۾ ڪيو ديرو رهن.

بيراڳڻيون؛ ڪنڊريون

ٿلهه: اَڳن[1] عِشق وَاري لَڳن لاَئي جوڳين. ڳَري ٻَيڪ ٻَاري نَظر پَاتي جوڳين.

۱. شَمَا[2] ۽ دَيَا سَان چِتائي چيتاري. هَنئي ڄَال شَبدي ڍِيٺا ڏيل ٻَاري،
ڳُونگي ٻولڙي ٻاتي ڳَيس آتي جوڳين.

۲. سَوڙي سَازڪولي سَنگمي سُر سُنائي. مَڌر مُرليون مِردَنگ اُپنگ چَنگ ٻُرائي،
ٻُرائي جُهرائي پوءِ دل ڇَاتي جوڳين.

۳. ٿاهيان هَوش مَت ۾ نہ اَنحد ۽ حَد ۾. ويس وَت وجود ان لوچن لڳہ لاَحد ۾،
پيرائتي پَارايہ آيل ڄَهاتي جوڳين.

۴. سِڱيون سَنڪ سَامين ڪِينر ڳَر مَنڊِل هَٿا. سَي ڪَنچير ڳَلداري خُود سَر مَنڊل هَٿا،
ڳجهي ڳَالهہ اَعجاز تَن ڳَاتي جوڳين.

ٿلهه: ڪهڙا جوڳين جا مَاڳ. سَامي رَهن سفر ۾.

۱. ڪَٿهن ڳنگا ڪَٿهن جَمنا. ڪَٿهن پُورب پَاڳ،
ڪَٿهن جَاوي جي جَر ۾.

۲. رَام مَٽي روز رَمندا ڏنا سون. جَهاڳِن رِڻ اَجهاڳ[3]،
تَن جا مَانجهاندا مَگر[4] ۾.

۳. چوٽا آپوڳا ميرا مُنهڙا. ڪِين جوڳ ويراڳُ،
ٻَابُو ٻَيُوتيا ٻَر ۾.

۴. گهر نہ ڪِنڪانُر هِڪڙو تَن جو. تہ ٻہ سُلطاني سُهاڳ،
مَائِن هَرِي هَر ۾.

۵. ڳُرو مَرٿو ٿامي جَن جو. سي مَرندا ڪِين مُور هَانگ،
آهن مُلڪ اَمر ۾.

۶. اُهي اَعجازا پَار اُنهن جا. وَٽن ڏين سي لاڳ،
لاَهوتي مَوج لهر ۾.

(۱) اڳن: باهہ (۲) شما: پيار سان، محبت سان (۳) اجهاڳ: بي انت، بيحد (۴) مگر: گس ۾، رام ۾

ٿلهه: جوڳي هَٿيِ وِيا جڳ- حَال جي ڪولي ھَڳ.

١- سَادا سُودا ويس اُنهن جا- ڪَفنيون ڳلاھ ڪپڙ،
گيان ڳُڻن سان هَريا ڀَريا- گارو ڙين[1] گودڙ
آهڙين آرين پَارين هُنا سي- بِرهه ٻَجھ جا ٻَڙ.

٢- ڪِينر سازي آوازي ٿَن سان- ڏُومُن واري ڏَڙ
سَنڪ سڱيون ۽ صُورن ڦُوڪون- نَاد نَفيلون نَڙ
لِڪ لاهوتين واري لَڳي- ڇَاتي ۾ پَڳي ڇَڙ.

٣- مَعنيٰ وَاري مُلڪ جا سَامي- وَاقف سُونهان سُتڙ
ڳَڙوڳڙي ۾ ڳَڙيو ڪَنوتيا- سَاھ هَٿن سَلهَڙ[2]،
شَبد ٻَجھن جي جادوءَ جڳ سان- ڪَاپڙين جي ڪَڙ.

٤- اَلک پُوڄارا آديسي سي- وَنيو ٻِکيا جي آڙ
نَظر شما ڪَري نام جَپِايئون- وَڏا وَڏا ڪِيئون وَڙ
اعجاز "عَلي" آڳُرو- اُنهن جو لَڳيس تَن جي لَڙ.

ٿلهه: جيجل جوڳين سَان- آيل سَامن سَان،
لَڳشڪ مُنهنجي- لُنئڙي لڳي وَٽي.

١- هَاري ٿاري ٿَات ٿَني جي- ٿَن مَن تاڻو تان.

٢- رَاتو ڏينهان رُوح سِڪي پيو- صُورت وارن ڪَان.

٣- آئون اُداسِ جن لاءِ آهيان- مَوليٰ ٿَن ڪي آن.

٤- مَاري مَهيسي مُونکي مَليا- ٿاڪ سُڃا ڪَري ٿان.

٥- رَاحت راوڻ رِيءَ نه آڇي ٿي- ريجهه وَٽي نه رِهان.

٦- عِشق اُنهن جي مَنجهه "اعجازا"- پيئي پَٽولي پان.

(١) گاروڙين: منتر وجهندڙ. ڪاپڙي: نشو پيئندڙ (٢) سلهڙ: گڏهه پٽو

ٽلم: سَامِيئڙن صُورت جو ڏنو ڏس صَحي صَحي
ڏوري سو ڏس تون ڏيم ڪَما حق ڪَهي ڪَهي.

۱- جوڳي ويرا ڳي جوان ڪَئي جوڳ جُهد ڳئين،
وِيا مَعرفت جي مُلڪ ڏي وَهوا وَهي وَهي.

۲- ٻيا طَرف سَڀئي ترڪ ڪَري سَامي ڪاپڙي،
ڳُرڪي ٿا ڪن سَجود ڳوڏا سِر ڳهي ڳهي.

۳- اوجهڙ ڳهٽو آٿاوا، ٻيا ڳهاڙو ڳس مڙئي،
صُورت جو پَنڌ سَٽائو جي آسڪ صَحي صَحي.

۴- پُورب سَندا تُون پار پَتا پُورئين ڪان پڄ،
پُورا سي ڏسڙا ڏيندئي پَرم پَهي پَهي.

۵- جَمنا ڳنگا جَاوي جو ٿانگهي جر اورانگهي ٻن،
لاهوتي آيا لاڳ لولاڪي لهي لهي.

۶- اعجاز چئي صُورت جي پُوڄارن جي ڪَر پُوڄا،
رَبَّ رَام پَس اُنهن جي امر تي رَهي رَهي.

ٽلم: آيل ڙي آديسين جي - مَاريس خالي مڙهين.

۱- ڪِين ڏسان سي ڏيهه ۾ - جيڪي ڏنا اڪڙين.

۲- آدي رات اُٿي وِيا - ڪو جو پُور چڙهين.

۳- ڪِين رَهايا ڪاپڙي - مُنهن جي تان مِيڙين.

۴- چِيءِ اعجاز السٽئون - چِيڪس مُنهنجو چڙين.

تلهہ: صُورت سَامين سَناسين جي، سَمايل آسَندم سيني،
ڏُوريءِ کان دَرد جا ڏُونهان، دُکن پيا دَم بدم سيني،

١- وٺي وَرتم وِکر ورهي، وِهايان وِرد جيان ويهي،
اِيندا پَارِ مُون پَرڏيهي، پَسڻ پيا پُون پَري ڪِينهي.

٢- مَچائي مَن هي مُرلين سان، مَچائي موج آ ديسين،
مَنڊِي مَنڊ مُونکي پوءِ مُحبن- بَتايو بَاب بِرهہ بيني.

٣- سَچي سِڪ سَان ڪَٺي آ جن، اُڪوهي آر نہ سِروسِرتن،
اوکر اوکا سيئي اُکرن، ڪاهي ڦابل ڦنڌار ڪيني.

۴- لُنگئون لُنگ پَاڪ لَانگوٽيا، لڙي لُنگهيا جي لاکچ کان،
کَنوٺي کُوڙ پکا کچ کان، اَعجاز عَهد آميني.

تلهہ: آيو دُور دِس کان سوداگر کو سر جو،
هنيوسين سَامي گهري دَان ڏِرجو.

١- نِکي ناءِ نيشان نڪي نرم الائي- صفا صاف سودو پيو سر جو سٿائي،
آهي مَرد مانجهي پُچائي ٿو پرَجو.

٢- اٿس بولي بي کاٿي سٿائي پيو سوائي- پني پئسو نہ پائي ڪندو الوداعي،
وٺي نيٺ ويندو چني وَر وگر جو.

٣- منهنجو ملڪ ملڪوت مُڪومون ڏي مولا- ڪيان ساهہ سوگها ڏيان ڏک ۾ ڏولا،
حڪم ٿيو هليس مان هن ٿي ويل هينئر جو.

۴- پيو سيءَ سين ۾ چانيو سِرَ سيالو- رنو رت ٿي راٿين مٿان اڀ ٿي ڦالو،
وڏائين ورهہ وڇوڙو اَعجاز عُمر جو.

باب ٽيون

سورميون

نوري، ڄام، تماچي، سسئي

ٿلھ: سَدا جام صُبح شام آءٌ مَنھن جي اوتاري،
آهين پاڳ تون سُڀاڳ ناميس تُنھنجي نظاري.

۱- پائي تاج سر سُکاج[1] ڪر تون راڄ ڪينجھر تي،
مَنجھان جُود ڪر آسُود[2] آڙيا آب اَحمر تي،
ناچيز هي، ڪَنيز اهوئي عَرض گذاري.

۲- عَيبن داڙ آئون نِڪار مُنھن جي ڪِرت سَڀ ڪوجھي،
آهيان آناڙ، آواڙ اَصل ڪان ٿي آهو جھي،
آهڙي حال سان لَچپال پيئيس تُنھن جي پَناري.

۳- تُنھن جو عِشق عَطر مُشڪ مُنھن جي ڪَانِ تيڙو،
حَج حُضور مَن مَسرور ڏِسي توکي مُون ڪيڙو،
سَواءِ تو نه هِتي ڪو نه مُونکي پَاري سَنياري.

۴- چئي اَعجاز رکي راز ناتو نينھن نِپائج،
سَچڻ سائين تُون سَدائين مُنھن مُرڪي پَسائج،
مَحصول مَعاف ڪر صَاف صُورت آءِ سينگاري.

(۱) سُڪاج: لنحياب، سوڀارو (۲) آسود: سکيا

ٿلهه: تماچي جي تڪڙي تڙ تي- حُسن جي هاڪ هولي هُئي،
پسـاري پرت واري جي- اَتي پَلپل پرولي هُئي.

١- گليون ۽ گونر ڪينجهر جا- تَرارِ يا گل پنهي ڪَنڌين،
مُعتدِل(١) مُشڪ موتئي جي- چَرُن ۾ چاٽ چولي هُئي.

٢- اَمُلهه الماس(٢) اَنواري- الاهي اوج آنند(٣) هُئا،
وائي وَرَ وَرَ وصل واري- پَٽن ۾ ٻي نه ٻولي هُئي.

٣- نگاهون نين پُرڪيفي- نظارا ناز آرايون،
نِرالي نينهن ناتي سان- نُوريءَ جي نُور جهولي هُئي.

٤- سمي جي سانگ سُلطاني- سَيئي سَرِ سَرفرازي(٤) ڪيا،
مَتا مِياڻين ۾ مشيخانا- مَنجهن مَئي مَدجي لولي هُئي.

٥- شاهاڻي شان شوڪت سان- شڪاري شُغل شهسوارين،
عَجب اعجاز مَڏ مَڪڙا- عَجبِ اسرار ڏولي هُئي.

ٿلهه: تنبو تماچي ڄام جا- آچي ڪُتا آهن ڪينجهر ڪناري.

١- نسنگ نظارا نين لڳي وِيا- هار سينگار دن رَين لڳي وِيا،
ڏورا هَلِيا مَئي ڄام جا- وَڳا نَڪتا وَصل جا واري.

٢- ڄاڻي سُڄاڻي چار ڪنيائين- عَيب دارن جا آر ڪنيائين،
هَنئي مَلاحن هام جا- پُوري سَمي ڪئي ساري سَنياري.

٣- ڪنيا ٿي اڳ جَن ڪکيءَ جا ڪارا- آچن اُنهن مان عَنبر اوٻارا،
گُل گُلزاريا تنهن ڳام جا- پير گُهمايا جَنهن ۾ پاڪ پياري.

٤- صُورت سَيد جي سِيني سَمائي- ڄاڻب آسو ڄاءِ ٻَجائي،
نَعرا هَنياسون تنهن جي نام جا- پِرت اعجازا اُهوئي ٿو پاري.

---

(١) مُعتدل: دل کي وڻندڙ خوشبوءِ، نارمل (٢) آلماس: هيرو چمڪندڙ
(٣) آنند: سک، آرام (٤) سرفرازي: وڏي شان مان وارا

ٿلهه: آيو ڄام تماچي آيو ڙي - ڳايو گيت خُوشيءَ جا ڳايو ڙي.

١- صُورت سيرت منجهه سَين ڪان - ڄام سمُون آسوايو ڙي.

٢- ڀائي ليا ڪو پرت منجهارئون - پيار ڀاڻ پسايو ڙي.

٣- سڀ سين شُڪرانا سائين جا - لايو ٿيو آسڄايو ڙي.

٤- ڪوجهيون ڪاريون ڪينجهر واريون - ڪوئي پيو سو ڳنايو ڙي.

٥- رهيل باقي رنگ هو جيڪو - راءِ آڇي سو رچايو ڙي.

٦- ٿي اعجاز معاني هِت هُت - پنهون نه ٻيو ڪو ڀانيو ڙي.

ٿلهه: تماچي ڄام جي آئي - لٿيون لوڪون لڳيون نوڪون[1]،
سڄايو سير سمي جو ٿيو - ويون روڪون وسيون جهوڪون.

١- چڙهي نُوري نظاري تي - پسڻ واري پساري تي،
نچي نوبت نقاري تي - ظاهر ذوقئون شاهي شوقئون.

٢- هيرن جا هار پائن ٿيون - لڳين سر ڪنڊ[2] لائن ٿيون،
مڃائيون ڏس ملهائن ٿيون - مليون موڪون[3] منڊل موڪون[4].

٣- حُسن لائي هوري ڪوري - هئي رمزون زوري زوري،
چشم چقمق چوري چوري - ڏين چوڳون پائن طوقون[5].

٤- سمي جي سارتي ٽڙ ٽڙ - هڪل هر وارتي ٽڙ ٽڙ،
اعجازا ٺارتي ٽڙ ٽڙ - پکيون پوڳون سايون سوڳون.

---

(١) نوڪون: ميخون، تير جي ڇنب (٢) سرڪنڊ: سرهي ڪاني
(٣) موڪون: مبارڪون، واڌايون، نذرانو (٤) موڪون: ججهه، گهڻو، جام
(٥) طوقون: ڦاهو، ڳٽ

ٿلهه: جَبل ڏي جَڏهن ڪي - جَتن جو ڪَر ڳسڙو،
وِيا ڪاهي ڪَرها - وَڻي ڳمڙو ڳسڙو.

١- ڪَيان ڳَڻي جَني ڪان، پَنڌ ۾ ڪَشالا،
مِلن مَن اُهي مُون، اڪين جا اُجالا،
مَران پوءِ اڱ ۾، ڪَريان مَن دَرَسڙو.

٢- جَڏهن ڪان اڪَرُ لَا تَقۡنَطُوۡا ٻُڌو مُون،
تَڏهن ڪان ڇَڏي وَن رکيو رُخ سِڌو مُون،
آلـم هَان پَڪَ تان، ڪَنڊا هُو تَرسِڙو.

٣- نَٿي مان ٿِئي هِن، مَٺيءَ بي سَمرِ ڪان،
وَجي ڏانهن نِڪريو، اهائي نِنڊ ڳان،
بِنا ڪَنهن سَبب جي، ٿِئائي وِيا رَسڙو.

٤- لڳيءِ دِل اَعجازا، روليون ڪَين رِڻن ۾،
مُيون وَرَ ڪي وو ڙي، وِندرجي وَٺن ۾،
وِيئيون ڪِين تيسِين، پڳن جِيسين وَسڙو.

ٿلهه: ڪيچي آوهان تي ناهي مَيان ڪانهي مَيان
آهي مَنَي ڪا ڦِسمت مُنهن جي.

١- ويلي ويلي پَاڻ تي وَڏا ڪَيم ويچار،
هُوند جاڳان ها جيڏيون، ڪانهِ ڦيان ها ڌار.

٢- هُيس نياڳي ننڊ ۾، سُرت نه پَيَرم سان،
هَاڻي ڪَهڙي طَرح سان ڪَريان ڪيچين جي گُوار[1].

٣- مُنهنجي پَنيور ڪان بَس آ، ڏاران وَرَيتان،
ڪَندي وِينديس ڪَيچ ڏي سَرتيون هيءَ تنوار.

٤- آهن اهي آعجاز چئي، اَمرِلڪئي جا پار،
هَاڙهي مَنجهه هَجان پئي، پَاڻي هَنجن جا هار.

ٿلهه: آهيان ذات جَتن جي گَولي آديون- ڪَئي پال جَتيءَ ڪان مون ٻَولي آديون.

١- لڳو عشق آزل ڪان مون ڳڳهيرن جو- ڳَونهي ڏوهه اُنن ۾ ڏيرن جو،
هي ڪَم آ قدرتي ڦيرن جو- جِن رَوهن ۾ آڻي رولي آديون.

٢- سُنهن ساڪ سان آهي هي ڳالهه صَحي- مون کي ماڳ وٺن ٿا هاڻ نه ِهي،
وِينديس هِڪڙي جَتي ڪَيچن ڏانهن ڪَهي- ڳُهرجي ڪانه مونکي هَم جَولي[2] آديون.

٣- سِڪ سان ڪري ڏُونگر ڏوريندديس- وَجي وَرُ ته وندر ۾ وُوڙينديس،
چِند جان جُهري تان جَهوريندديس- مَرُ ٿئي ليڙون لڪن ۾ چولي آديون.

٤- مَن مُون ته مَنيءَ جو نرندو تڏهن- آري جام اڱڻ تي اِيندو جَڏهن،
اِهو ڏينهن آعجاز ايندو ڪڏهن- ڪَنديس هوتن سان ڳڌ هَولي آديون.

(١) ڪوار: شڪايت، گلا (٢) هم جولي: هڪ جيڏي

ٿلهه: ڪٿي ڪانه ڪيچين وَري ڪا وَرڻ جي - هَٿي جڙ هَليا ويا مُٺيءَ ڪي مرڻ جي.

١- ٻُجهان ٿـي لُڏان ٿـي جلان ٿـي جَتن لاءِ - آديـون آئـون آيـس اَترِبَن[1] ۾ اُن لاءِ،
وِيَم سُرت تـنهين صَبـر سـڪ ڪرڻ جي.

٢- ڏِينهڱون ڏينهن ڏُک نئون ڏِنو مُون ڏونگر ۾ - آهيان هاڙهي ڪاڙهيءَ هاجي حَشر ۾،
لڳِـي ڪانـڌ ڪارڻ ڳارُوٽي[2] ڳَرڻ جي.

٣- وَاجهايان پَٽي وَاٽون نِهاريان پٽي نِرمل - پَوي مَن نَظر تي پـنهـون پاڪ پِرمل،
ڪَريان پيـٽ اُن دم پَيرين سِر ڌَرڻ جي.

۴- ڪيـس ڏوري ٿَر بـر وِنـدر جا هـي وَر وَر - آچي مـل اَعجاز ڪي هَاٿي هوت رَهبـر،
هِمَت ڏيـنـم هَادي قَدم دَم پَرڻ جي.

ٿلهه: ڏونگر ڏورڻ ڏِينم - وِندر وَوڙڻ ڏِينم - جِيجل جَهل پَل ڪِيم جَڏيءَ ڪي.

١- هَوت پُنهل تان گهڙي گهڙيءَ ۾ - گهر سر گهُورڻ ڏِينم.

١- جَانـب ڪـارڻ هِن تـه جَبل ۾ - جِيـئـڙو جهـورڻ ڏِيـنم.

٣- ٿُرب اِنـهيءَ ۾ ڪَنڌ ڪلهن تـان - ڪَپڻ ڪَورڻ ڏِيـنم.

۴- آريءَ ســان اَعجاز عَلي ؑ چَئـي - آنـدر اورڻ ڏِيـنم.

(١) اتربن: ڏکن ڏولائن ۾ (٢) ڳاروٽي: جهجهن، سڙڻ

ٿلهه: ياد پَوي ٿو هَر هَر مُونکي - پَل پَل پَنهنجو آري جام،
سِک سَڄڻ جي ڪَيو سَودائي - سک ڦِٽو ٿي ننڊ حَرام.

١- الف آڌي جو اُٺ اُٿاري - بي تہ ڪَري ويا پِينگ پَنيون،
تي تہ تَکڙ مان توڏا ڇڪيائون - ٿي تہ صَفا ٿي مُون کان زون،
جِيم جَتن جي جاڙَٿي مَاري - حي تہ کَنديس مان حَشر حَشام.

٢- خي تہ خُوني خَفقان لَڳي وِيو - دَال دِلاور دُوست ڳَڻ،
ذَال ذَري ذَري نام آريءَ جو - ري نہ وَڃِ ٿي رِيجهہ رِهاڻ،
زي تہ آهيان مان ظاهر تَنهنجي - سِين کيو دِل جَنهن کي سَلام.

٣- شِين شُڪر ڪَيم صاد سَين کان - ضاد آ مُنهنجو زور ضَمان،
طي سان طالب ٿِي جا حَق جي - ظي نہ ذَرو ٿِئي تَنهنجو زِيان،
عَين عَلي ؑ آهي عاصين آڌو - غين لاهيندو غَم غَمام.

٤- في تہ ٿِئيءَ کي فَرحت اِيندي - قاف قِيامت ٿائين کان،
ڪاف ڪَنديس پَڪي تيسين ڪَشالا - لام لکن ۾ لوئي جان،
مِيم تہ مِلندم مُحرم مَن جو - نُون نِجو ٿي صُبح شام.

٥- واوُ وَريا ڇَن واءُ وِصالي - هي نہ هاٿي دِل هيٺي ٻول،
لام لَڳل آ جنهن جي لوري - الف اَعجاز ايندو سو ڍول،
يي تہ يقيناً ياتي ٿيندو - يار پرين سو مُحب مُدام.

ٿلهہ: مُنھنجو نينھن نہ گوڙي پير- ترسي ڪيرڙي،
ڀينر شهر ڀنڀور ۾.

١- آرڏو عِشق ڪيچن جو- ڏان ڏان ڪري دِلير.
٢- مُون لِکر لِکيتُون ميثاق ڪان- هاڙهي جو سفر سير.
٣- سِڪ جي آڏو آ لحظو لمحو- سارو سخت سُمير.[1]
٤- ياد پيم ڪو يار پنهل جو- مَن موهيندڙ پير.
٥- آن سُونهن سان اعجاز چئي- حامي آ حيدر شير.

ٿلهہ: هيڻيءَ جو ناهي حال- ٻاجھ ڪجان ڪا يار هاروچا.

١- ڏونگر ڏوريان ڏوريو نا لڌئي- اوکو آ پنڌ ڪشال.
٢- ڪُوڙ ڪمايو ڪُوڙ پئي ڪاوان- آهڙو آئم آئعالُ.
٣- اُڻين[2] مَتان مُنھنجا عيب اگلا- سڀ ڏينھن توکي آسالُ.
٤- جھڙي تھڙي حال سان- پرتيس توکي لڇپال.
٥- آهين اعجاز جو تُون ئي سھارو- لاهہ مجر جو ڳال.

(١) سُمير: جبل (٢) اُڻين: کولين

ٿلهه: هُوت پُنهل آچ هان، ڳَر ڳارِهان- رِڻ ۾ رُلَيءِ سان بَر ۾ پِٽيءِ سان.

۱- ڳاڻ ڪِشالا ڏُک ڏولاوا- سِر ڪَيئم تو ڳان.
۲- آوڳِي آجاڻي آئون آهيان- ڳانئيم ڇَاڻ پَڇاڻ.
۳- وِندر وَوڙيندي ڏُونگر ڏوريندي- آيم ٽُنهنجي اولاڻ.
۴- عِجز سان اَعجاز عليءَ چَئي- آوري اُتڙا آن.

ٿلهه: هِڪ ڪَئي جَتن جاڙ او جَبلڙا- ٻِيو تو نه ڪَيڙو تَرس مُون مُٺيءِ تي.

۱- ڏاڍا ڏيِر هُئا جَهل نه ڪَنهنجي جَهليا،
ڇَڏي ڇَوري ڪَري ڇِني ساٿ هليا،
آئون ڏِيان ڇاڪي اوهاڙ او جَبلڙا.

۲- سَهسين ڪَيم سَڏڙا وِيا سي نَٿا وَرن،
اِنهي سَبب ڪان نِت پيا چاڪ چِڪن،
رَوِيو ڪَريان رِيهاڙ او جَبلڙا.

۳- مُنهن جا مِناٿي مُون سان منٺڙيون ٻوليون ٻولي،
ڇَلي ويا ڇَورن ڇِيئن لائي ڇِٽنگ چولي،
ڏُکي تِيا پوءِ ڏُونهاڙ او جَبلڙا.

۴- هَٿندي هَاڻ نه هَڏ هِتئون جَڏي هيءَ،
اڳي پوءِ اَعجاز چَئي مَنهنجي آريءَ رِيءَ،
ٿاهي پُٺ ڪا پاڙ او جَبلڙا،
ٻِيو تو نه ڪَيڙو تَرس مُون مُٺيءِ تي.

ٿلهه: ساري ڇو نہ سڄڻ کي۔ مُئين ۾ تون مُٺي،
جيسُري آهين آڇان۔ تاهين ڦُرب ڪُٺي.

۱۔ ڪَرِ ترڪ سَندو گهر ترُ ڙي ٿَڻي۔ ڳَنڍ هوت پُنهل ۾ پوءِ پَئي،
ٻَئي سَندروُ ٿابوتي ٿي ٿُون سَتِي۔ ڏي نہ ياڳ پَنهنجي کي پاڻ ڀُني.

۲۔ تَوتي فَرض آهي هَڻ نَعرو حَقي۔ نِسري ٿِي ۾ نِسنگ، دَعويٰ ڪَر نہ لِکي،
ڪَچي ڪَانہ هَلي رڪُ پِرت پَڪي۔ سَچي آهي اُها جا وَئي امُر وٺي.

۳۔ هُو پاري نہ پاري ٿُون پَار اُٿي۔ هُو ساري نہ ساري ٿُون سَار اُٿي،
ڇَڏ آڙِ وَڏائي، پيائي ٻار اٿي۔ وَعدو ڪيمَ وِسار اُٿي صلاح سُٺي.

۴۔ ڇَوٽِي پُٺتي پَوين تون ڪُسڪي ڪَنبي۔ سِر سوري ۾ لاءِ ڪَر تيار تنبي،
جِن ناتو نيايو نَچي ۾ پَنِبي۔ تَن تي مِهر مَولٰيءَ جي اعجاز اِٿي.

ٿلهه: سِر جو سَانگو لَاهہ۔ ڪَيچ ڏي ڪَاهہ،
سَاهہ مِٺو نَا ڪَر سَسئي.

۱۔ وَيلا وَيساهِيون ڪَر نہ وِچ تي۔ وِڪ کي اَگتي وَاهہ،
سَاهہ مِٺو نَا ڪَر سَسئي.

۲۔ سَاڻ ڏٺي سَرخيل جي۔ صُورت سَاڻ سَنباهہ،
سَاهہ مِٺو نَا ڪَر سَسئي.

۳۔ ٿُنهنجي ٻَاب پَنيور ۾۔ ٻَاري بَلوچن ٻَاهہ،
سَاهہ مِٺو نَا ڪَر سَسئي.

۴۔ آرِي ۾ رِي ۾ اعجاز چئي۔ آسرو ڪَنهنجو نہ چَاهہ،
سَاهہ مِٺو نَا ڪَر سَسئي.

سرخيل: اگوان، رهبر

ٿلهه: وَسُ هَليو ڳوٺ وَسُ آلا - پَيرين آئون نہ پڳيس آلا،
وِينڌڙ مونکان وِيندي رَهيا.

۱- ڳرها من تہ ڳنيز ڪان - لڪ لنگهي وِيا لس آلا،
هَوت پُنهل مُنهنجو نِيندي رَهيا.

۲- حَال مُنهنجي مِن هيٺي تي - تِل نہ ڪيائون ترس آلا،
ڏک تہ ڏکيءَ کي ڏِيندي رَهيا.

۳- جَانب چِناٺونم چِيٺري - جَتن کي هُجي جَس آلا،
چَوري چَپر ۾ چَڏِيندي رَهيا.

۴- سُڏڪا پري سَرواٺن کي - سَڏڙا ڪيم سَرس آلا،
مُنهڙو مُونکان مَٽيندي رَهيا.

۵- رُکي رَوهن وِچ ۾ - رُکندي رَوز رَهيس آلا،
يَڪر آنديون اِيندي رَهيا.

۶- آريءَ جو تہ اعجاز چئي - وَن ٽَن ڏيندم ڏس آلا،
آلت اُهيئي ڏِيندي رَهيا.

تلم: هيئن نہ هُيس آئون اڳ ڙي آديون - هاڻي ڪَيس هَمُڙي نينهن نمُوڙي آلا.

١- مِن تہ آهالڙي حال مُنهنجي تي - چَڙون ڪَري پَلي جڳ ڙي آديون،
هَوش وِڃايم وِرهہ وِڇوڙي آلا.

٢- دوست ڪارڻ ٿيس دِيواني - وَٽي دائم وَيٺيس دگ ڙي آديون،
لڳ لاڳاپا پِيا سَڀ لوڙهي آلا.

٣- پَڪ ڄاڻو آهين پاڙي واريون - پُنتي نہ پائيندس پڳ[1] ڙي آديون،
پِرت پاريندس پاڻ پتوڙي آلا.

٤- آئم اُميدون شاهہ اعجاز ا - واري اِيندس وڳ ڙي آديون،
وَر وَرَ اڪا وِندر جا وَوڙي آلا.

تلم: هَوت پِرين هڪ واري، ڏي دِلداري، باروچا ٻانهيءَ کي.

١- آهي تُنهن جي آسَري، ويٺي هِتي ويچاري.

٢- ڪُونهي ڪَميني جو ٻيو، تُوري تَڪيو تاري.

٣- ڏيئي ڏيکاري لاهہ ڏکيءَ تان، آهنجن جي آنڌاري.

٤- پَنهن جي پَسائيءَ جا پاٺي پِيارا، سا صُورت مُون نہ وِساري.

٥- آئم آجان تائين ياد تُنهن جي، جَهنڊي جي جهلڪاري.

٦- بَخش خطائون بَدڪار کي، تو دَر توبهہ زاري.

٧- سَيِّد سائين صاحب سُنت جا - سَچڻ ڪَر سَرداري.

٨- ٻيراهي لاءِ ٻهلول[2] چَوي - مَوٽ مِلا مَنداري.

(١) پَڳ: پير (٢) ٻهلول: سائين اعجاز جو ٻيو تخلص

ٿلهه: ڪِيڏهن ٿُنهن جو پَنڌ۔ ڪِيڏهن ڏِس ڳُس ڪَيچ جو.

١۔ سَپ ڪي ڄاڻئي غير پُنهونء جو۔ اِئين تہ ڄِيائي پير پُنهونء جو،
ڏار نہ ايڏو آنڌ.

٢۔ جِيڏهن مُنهن ۾ مُهاڙ نہ ٿُنهنجي۔ طَلب تَلاش ۾ تاڙ نہ ٿُنهنجي،
وَوڙ وَجي وري سو هَنڌ.

٣۔ واٽ وڃائي ڳُوٺ سان وڃ تون۔ مام مُنهن جي هيءَ مَن سان مَڃ تون،
صُورت اڳيان ناءِ ڪَنڌ.

٤۔ ٿُبصر واري رَمز سَچي ٿِئي۔ ڳُل هي اَعجاز چئي ڪَمت ڪچي ٿِئي،
ٿولهہ سَندو سَنڌ سَنڌ.

ٿلهه: ڪاٿہ اَلمرڙي ڪان، سُهمان سَهان ٿي هَوت پُنهونء لاءِ.

١۔ وَرڻ واري وَيل جا ويئي۔ پُنئي وَران چوهان،
ڳَهيو ڳَهان ٿي هَوت پُنهونء لاءِ.

٢۔ هيڏڻ وَيرين وِچ ۾۔ پَرور جي پَهري سان،
جيئري رَهان ٿي هَوت پُنهونء لاءِ.

٣۔ حَال سَودائي جاءِ نہ جيئڙو۔ پَلپل پاڻهي پاڻ،
ڏهان ٿهان ٿي هَوت پُنهونء لاءِ.

٤۔ مَان لَڳي ڪو لياڪڙو۔ پَسان سِر سَروان،
پُور پَچان ٿي هَوت پُنهونء لاءِ.

٥۔ الله سائين اَعجاز چئي۔ آريانيءَ ڪي آن،
ڇرڪ لَهان ٿي هَوت پُنهونء لاءِ.

ٿلهه: ڪُني ھِي، جا ڪيچين - مُني ڪيئن ڪَري ڙي،
نَڪا ٿي جِيئي سا - نَڪا ٿِي مَري ڙِي.

۱- آديون آڏ ڪُنل جو - آھڙ و حال آھي،
سڪن جو سڙي، وَتَ - تَحطُ ڪال آھي،
رڱو سُور سَختيون - ڇَريو پِئي ڇَري ڙِي.

۲- وَھائي وِلِهي، تي - اِها سِير تَقدير،
آبوجهي آوڳي، جِي - هَلي ڪانه تَدبير،
آئي عِشق ظالم - جي آوَر آري ڙِي.

۳- اُداسڻ سَودائڻ - وِيراڳڻ ويچاري،
رَوئي زار و زَاري - آيس بار باري،
بِنان هوت هاٿي - ڪَهڙي پَر پَري ڙِي.

۴- حِمايت عَلي ؑ جي - ٽِڪِي، سان ٽِيندي،
وَري وَرَ وَرائي - پَلي پان اِيندي،
اَعجازؔا آسائتڻ - اڻين نَا وَري ڙِي.

تحط ڪال: ڏڪار ڏڪار

ٿلهه: ڪيچين وَڃي ڪيچ وَسايو- آئون ڪاڙهن ۾ پَئي ڪَڙهان،
سَنجهي ساجهر مُون نه سَنڀاريو- هاڻ سڙيو ٿي سڙان.

١- ڪَڪرا ڪَوسا ڪَڪر تامون- لُڪون جهولا لڳن سامهون،
مِرون هاڙهي جا ڪن هاڳامون- ڪيڏهن رِڙهي رِڙهان.

٢- جَبل اُوچا پَنڌ اَٿاهُو- سائين ڪَري شَل سَنئُون،
ڏير ڏيئي ويا ڏک ڏولائو- هَنئُون پَنهنجي هڙان.

٣- جَهوري اِنهي ڪَيم جُهور- وِرهه هَنئي سي ويا وَهلون،
چَلڻ ڪان آئون ٿِيڙس چُور- ڪِيئن چاڙهيڪين چڙهان.

٤- آئون ته اعجازؔ آهون پَريو- مَريو وَڃان ٿِي ڳَڄ ڳَريو،
ياد ڳوهيارَل ڪيچي ڳَريو- رَندن مٿي پَئي رڙان.

ٿلهه: آءِ آريائي اوري- سڳهان نه ڏوري- توري ءِ ڏونگر پَٽيون.

١- جَهولن جهانڪن جَل جَبل جي- جِيءِ جِگر وڌو جهوري.

٢- پاڻ سُڃاڻج پَنهنجو پيارل- پَنهنجي پَلائي ٿوري.

٣- مُون ترِندڙ ڪان پَنڌ نه نِبري- توڙي هَليس سِر ڳهوري.

٤- آهون دانهون هي ته ڳرايم- بار بِرهه جي ڳوري.

٥- آندم اعجازؔ هاڙهي حَب ۾- ظُلم جَتن جي زوري.

ٿلهه: ٻاروچل لاڳير ٻان - ڳشي ڪان ڪمان - ماري مونکي مليون ڍِيد ڏکالي سان.

۱- پاڻي ڪجل ڏان موهيو مِنڙي يار - هڻي تير هزان ڇُليو[1] ڪري نــــ ڇان.

۲- هيٺا ٿِيڙم حال، ڏاڍا ڳيم ڪشال - مِلي هوت مُون شال، آلم ٿنهن جو اولان.

۳- ڏسڪان ڏونگر ڏوريان، ڇنڊاڻي پُنهنجي جهوريان - جهوريو سِرڙو جهوريان، پيُي مَن پريان[2].

۴- هَردمِ ٿِي هَيهات، صَبر ناهي سانت - وِرهه وائي وات، ڪيچينڙن جي ڪان.

۵- اڪين سان اعجاز ڏسان محرم راز - سا گهيا اُنڙا سان سرخيل[3] سروان.

---

(۱) ڇليو: هليو

(۲) پريان: خيال، يادگيري، تياس، رحم

(۳) سرخيل: اڳوان، رهبر

ٿلهه: دِل تان ڪانڌ ڳوهيارو نہ لاهيندي،
ٿنهن سان ناتو نينهن نِڀائيندي.

۱- صُورت هوت پُنهل جي سان ڳري،
وِيندي ترڪ ڀنڀور جا پان ڳري،
پٿون پٿڻ سان پنهنجو پان ڳري،
ڏُرٻئُون ڪيچ وڃڻ ڏي ڪاهيندي.

۲- مُون سان سَرتي ساهيڙي ڪا هَلي نہ هَلي،
هَلي ٿيندي جبل ۾ ڪا جَلي نہ جَلي،
پنهنجا سانگا سيئي ڪا پَلي نہ پَلي،
آئون تہ لَڙڪ لُڪن ۾ واهيندي.

۳- ڏِني ڪانہ ڳنهين، مُونسان جا ٿي آديون،
جاتي سائين رَبُ، سِرجو سائي آديون،
تہ بہ ڏاگهن ڏيرن ڳريان دُعائي آديون،
تن سان سِينو نہ ڳَنڍين ساهيندي.

۴- ڳنڍو ڳرم ڳوهيارو ڪيچ ڏٽي،
مِن چوري چِني ڏي نين ڳٽي،
لِيندو سائي اعجاز آهيان هڪڙي جٽي،
ٿنهنڪي رُوح اکين ۾ راهيندي.

ٺلهه: وَوڙي وَوڙي ٽڪيس وَڻ واهڻ- او وَري آ پاروچل وَري آ ڙي يار.

۱- هَلڻ چَلڻ ڳان چُورجو ٿيڙيس، مُنهنجا پير ڇِنا ڦَپ پاهڻ،
ڳَري ٿورو پَلا ڳُون سِري آ ڙي يار.

۲- مُون ڪان هَوت پُنهل جي مَحبت ۾، وِيو وسري آرٽ ۽ آٽڻ،
ٺَڳهن لوڪ چَوي پِيو هي، چَري آ ڙي يار.

۳- ڏِنمر نہ وِيندي ڏيرن ڪي، نہ تہ ڳَرها نہ ڏِيان هاڪا هڻ،
اِها نِند آڏو مُون ڪي ڦِري آ ڙي يار.

۴- آري ۽ سان آعجاز چوي، مُون تہ ڇَڏي ڏِنو آ سينو ساهڻ،
دِل ڏاڍو ٿوڳ[1] ڪان ڳري آ ڙي يار.

ٺلهه: مُونکي رُڪاڙي رَتُ آلا- ڳَرها ڪيچن ڪاهيا.

۱- ايڏي سِتائي سَفر جي، مُونکي نہ پِيو ڪو آتُ آلا- ڳَرها ڪيچين ڪاهيا.

۲- نَڪي ڏِنائون مَوت مُون- نَڪي ڏِنائون مُهت آلا- ڳَرها ڪيچين ڪاهيا.

۳- سَرواٺن جي سُور جو- دِل ۾ سَمايو دَرخت آلا- ڳَرها ڪيچين ڪاهيا.

۴- جَشن مَلهايان جيڏيون- جِيئري مِليم جي جَت آلا- ڳَرها ڪيچين ڪاهيا.

۵- اِيندو آريائي آعجاز چئي- ڳَري ڏکي ۽ تي ڏَت[2] آلا- ڳَرها ڪيچين ڪاهيا.

(۱) ٿوڳ: هَٿ، وڏائي (۲) ڏَت: مهر/ اضپو

ٿلهه: هوت پنهل توري، ڪنهن سان ڪنديس آئون روح رهاڻيون.

١- مون سان لائي دل ۾ ديدون، ڪيچ وڃي ڪيون توجي عيدون،
ڪيئن گذاريندي هيءَ، اڪيون ڪٽي هٿ ڪُهليون[1] ڪاٿيون[2].

٢- حال ڏسي تون پال ڪرين ها، وانڍيءَ ولهيءَ ڏي وَهلو ورين ها،
پُرس پريمي پيءَ، پرت ڪيون تنهنجي مون سان پڇاڻيون.

٣- لڪ آويڙا واءُ ۾ واري، بارَ برهه جا بَرسر ٻاري،
جُهد ڪيا جٺي جيءَ، تنهن جون سنياري ترب ڪهاڻيون.

٤- سُڻ ڪيچي ڪامل منهنجون پُڪارون، موڙ اعجاز ڇني مَين مُهارون،
هيءَ ڏوهڻ سمجهي ڏيءَ، ڪر نه اڪيئن وڃي ڪيچ ڪيچاڻيون.

(١) ڪهليون: اداسيل، ٿڪلون (٢) ڪاٿيون: سڙيلون

ٹلم: سَرتيون آوهين ڏيو ڏس مُونکي، آئون ڪيئن رِيجهايان پنهنجي يار کي.

۱- ڳانڌ ڏنيون ڪي مُون ۾ ڳچايون، جيڪس ڪَري ويو ٽڪهن جُدايون،
جهوري انهي ۾ پيورِجيءِ جڪي، مَن بَخشي بَديون مُون بَدڪار کي.

۲- پِرين پَرچائڻ لاءِ پَهه پچايم، هَزارين حِيلا هُنر هلايم،
ڏُک ڏهاڳ ۾ پيو ڏيل ڏُکي، تَتو سَجڻ سُئي هن سڏ تنوار کي.

۳- يار ڪَري وينيس آئون جي رُسڻ، تَنهن اڳيان پيم هَر هَر ڪُسڻ،
دَرد اهوئي پيو دل ۾ دکي، ويو وِرهه وَکوڙي مُنهنجي وارَ وار کي.

۴- عَبَسَ [1] وَتَوَلّٰى پَرَ آعجيبن، ڪير اعجازا چوي قريبن،
رَت رُڳا ڙيم رُخ رُکي، ڪُجھ چئي نہ سگهان آئون سامهون پُتار کي.

(۱) عَبَسَ وَتَوَلّٰى: اچايو منهن گهنجائڻ، منهن ۾ گهنڊ وجهڻ

ٹلو: خبرون کاھڙ جُون، ڪانگل مُون سان ڪَر،
ڪَڏھن ايندم مارو، ڪَڏھن نيندم ٿر.

۱- ڪِٿي مارو مال، ڪِٿي پکڙا پال، ڪِٿي جالين جال، ڪِٿي ڦيرين ڦر.

۲- آھيان آئون اُداس، پَلر جي پياس، ڪَيس بَند بيراڳ، پَھچان ڪَھڙي پر.

۳- سَرتيون سَڀ سَگر[1] ۾، وِھسن پنھنجي وڳر ۾، مارو خُوش موھر[2] ۾، آئون قيد اندر.

۴- ساريو نين سِڪن، ڇھاتيون پَاپو ڇِھڄَن، راتو ڏينھن رَھن، طَلب اِنھي ۾ تَر.

۵- اَعجازا آوساريان، اندر کي اُجاريان، وَڃن ڪين وِساريان، پَسي زيور زَر.

ٹلو: سَانگي لَڏي وِيا ڪَنھن سانگ ڙي- مُونکي ماري مارن جي تانگھ ڙي.

۱- قَيد قَضا جو بَند قرارو- ڇَون چَلڻ جو ناھي چارو،
ڦاٿيس ھَنڌ آٿانگ ڙي.

۲- سِڪي گُذاريم ھيءِ، مُند ساري- ڪَنھن نه آندي ڪا دِلداري،
ڪيئي اُڏايم ڪانگ ڙي.

۳- سَون مُھرون ھِيرا جَواھر- زِمرد زَريون زَربَفت زِيون،
سَڀ پانيان ٿِي نانگ ڙي.

۴- مَاري آھيان هِن مامري- اَعجاز آباٽي آسري،
مُون نه سِينگاري مَانگ[3] ڙي.

(۱) سَگر: راھ گس، ولر (۲) موھر: ٿر، ملڪ، وطن (۳) مانگ: سينڌ

ٿلهه: ڪِين وَرِيا ڪِهان ڏاڍا ڏينهڙا ودائون،
ڏِينهڙا وِڌائون، ڳَل نہ لَڏائون.

۱- جيڪس عُمر سان صَلاحي ٿِيڙا، مُنهنجا سانگي سَنگهار
ڳاري ساهہ ڳِڏائون، ڳَل نہ لَڏائون.

۲- ڏِيئي ٻاٻيسون ٻاروتڻ ڪان، پَرنيئُون سان پَنهوار
ٻِيڙو ٻانهن ٻَڌائون، ڳَل نہ لَڏائون.

۳- مُون ڏي مَيارون مَارن مُڪيون، مُنهنجي ٻہ آهي مَيار
مُون سان رُوح نہ رُڏائون، ڳَل نہ لَڏائون.

۴- آئُم اَعجازا جَهوري جَهانگين، ايندا ڪُهڙي وار
مُنهنجون سُڏي صَدائون، ڳَل نہ لَڏائون.

ٿلهه: مِينهن وَٺا هُت مَوڪ، مُلڪ مَارن جو ماڪي ماڪي.

۱- آئون اُهو ڪيئن مُلڪ وِساريان، نيئُر لوڏي ٿنهنڪي اُجاريان،
جِيءُ سان اُهي جر جَهوڪ، سَارِيو سَاريان ساڪي ساڪي.

۲- پَٽ پَنيهر هي تہ وَبالي، ٻَهر لِيڙون هُولڄ پالي،
لَسَ اُٿي جالوڪ، لوڙيون اوڏِين ٿا لاڪي لاڪي.

۳- هينئڙا پيار ۾ هيڪ اُنهن جا- چِيلا چَرن چِڙ چِيڪ اُنهن جا،
رَڪُ نڪا ٻي روڪَ، رَبُ آئن ٻَس رَاڪي رَاڪي.

۴- سُرها سَاوا پَٽ ۾ پونا، مَڪ ماندا ٿا مَڱ ۾ مونا،
ٿر جا عَجب سَپ ٿوڪ، ڳَالهہ سَچي مُون آڪِي آڪِي.

۵- اَعجاز چئي آئون آهيان ٿَن جي، رِيت رَسم هيءَ آهي جَن جي،
ڳگهريون ڳهڙا سِر هوڪ، مِليون پُڪارون ٻاڪي ٻاڪي.

تلم: آئم تانگھ تن ۾ آباڻي وطن جي- وِساريان نہ وسري ٻعاري پِٽن جي.

١- ڪَڙهيو ڪوٽ ۾ هن ۾ هنجهون روز هاريان- سِڪيو روز سُڏڪيو سنگهارن کي ساريان،
سَنڌم ساهہ هُت آ، هتي مُٺ هڏن جي.

٢- هيُون ڪِين پر پِيي پَسي هنڌ هنڌورا- نہ پاتم نہ پايان جُهومڪ هار جورا،
نہ خوشبوءِ وٽي ٿنهن جي مُشڪِ خُتن جي.

٣- عُمر آئون چا چاڻان مَنجهان آنب انجيرن- پُسي ڪاڄ مُنهنجو پيٽ ڪي پَنيرن،
پِياسَ آهيان بَس، پِلر پس پَڪن جي.

٤- مکڻ تيل سُرها، اُچا عام آوڙن، ڪَنين سَون سُنگهرون، هٿين سِيم^(1) وڳنگڻ،
اِها پَرَ ڏنيم هت، اُچي مَرد وڙن جي.

٥- ظُلم جي زنجيرن زهر زندگي ڪَئي- صبر سانت^(2) ناهي مَران بند ۾ پئي،
حَقيقت اِها آ هِجر جي حُزن^(3) جي.

٦- هُتي وَرُ چَڏي هت، وهان سيج تي ڪيئن- مَٽيان سين پَنهنجا ڳوڙي هيج تي ڪيئن،
لِڳي تشي نہ مُون ڪان، اِئين لڄ لکن جي.

٧- ڪَري غور حاڪم سَندو ڪَرِ قدم تُون- حرص ۽ هوس ۾ پئي هَن نہ دَم تُون،
سدائين نہ هُوندي ڪا ساري سکهن جي.

٨- مُنڌائتا وَسڻ مِينهڙَن هُت مولي آيا- ڪاهڙ پَاسي ڪنوٽين ڪِڙي ڪيل لايا،
اُتي بُوند ڦُر بَن، مِٽي رُوءِ بَن جي.

٩- مِلان مان مارُن وَٽي بَا امانت- پَسان شال پَنهن جي سڳر کي سَلامت،
لَرن نين بَکي پوءِ، لهي مُونجهہ مَن جي.

١٠- اَگي پوءِ اعجاز الله آ آڙي ۽ جو- سَتر سيل ثابت سُور ڪندو سڙي ۽ جو،
مُلڪ مَولي ڏکنديس، مَٽي مَر ٻَدن جي.

(١) سيم: چاندي (٢) سانت: صبر، ماٺ (٣) حُزن: ڏک، غم، گهٽتي

ٿلهه: پَلي وَس ٿُونِ بادل ويڙهيچن جيِ ويڙهي،
مَدُمِ ساز سَرگمِ طَبلِ تان ڇيڙي.

١- ڇيڙي سُر سُريلا - لاٽيِ رَس رَسيلا،
ڪَجان بَرسي بيحد - وَسنِ سانَ جيلا،
ڏِجان حَال مُنهنجو - مِڙئي مَارو ميڙي.

٢- پَلر پاڪ پَلٽي - پِياسَن پِيارج،
وَسي جوءِ جهانگين جي - ساري سينگارج،
سانگي سانگِي مَن ڪَنهن - آچي ِڦين نيڙي.

٣- بَنديائي جو بَندِ - بلو ناهرِ پيرڪو،
نَڪي ڪانگ قاصد - نَہ هَڏوڪي ڦيرڪو،
نَڪي مَارو آيا - روڪيا رَاز ڪَهڙي.

٤- مُنهنجا نج سَنيها - مُنهن جي وَرو گهر ڪي،
اَتان ڪا اَعجاز ڇَڪي - آڻي خُوش خَبر ڏي.
مُنهنجو جِيءَ عُمر جي - جَهوريو جهٽڪ جهيڙي.

ٿلهه: پرهِ آيمِ پانديئڙو - پَنهوارن جي پارجو،
ساري ڏنئين سَنيهڙو - سانگي چَامِ سَنگهار جو.

١- ڇَپائين آسَ نہ لاهجان - نِيڻَرن ۾ ننهن نباهجان،
چُندن مشڪ نہ چَاهِجان - رَکجانَ پَرمِ اقَرار جو.

٢- عُمر ڏک ڪَئين ڏيندئي - پيڙي هَڏ پِيڙيندئي،
اَلَئي ويٺي آچيندئي - سَامان هار سينگار جو.

٣- مينهَن لاَيو هُت لڳاءِ - پِپون پَڪا پيرون پَڪا،
ڪِين آچيمِ هت ٽِڪاءِ - پيغامِ مِليمِ پيار جو.

٤- قاصد پَانڌي آوُنيءِ تان - سر گهورِيان تنهن گهوٽيءِ تان،
لَهي حَرَفَ مَن لُوٽيءِ تَان - اَعجاز ڇئي مَيار جو.

لوٽيءِ: ناٿص، عيبدار، سڙيل

ٿلهه: مَٺَڻ مَڏَ مَارن جا ڇَنا مُون نه رِسن،
پَکيون پَوکون آيون ڳَنا مُون نه رِسن.

۱- ڳَريان ڳالهيون ڪَهڙيون، عُمر آئون ٿر جُون،
عَجب شَاديون آهن، عَجب لاڻيون ٿر جون.
اُٺي جون وَٺيون ۽ وَٺا مُون نه رِسن.

۲- مُنهنجا مَارو آهن، حَقِي حال وارا،
چڱي چال ڳهورا، خَاصي خِيال وَارا،
اُنهن جَيڪي پَاڙهيم، پَنان مُون نه رِسن.

۳- وِهان ڪِيئن وِساري، وِلوڙن جُون ويرُون،
ٻِيرِبَاتَ پِيرِيون، پَڪا پاڪ پَيرُون،
اُهي مال چَرها، ڇِنا مُون نه رِسن.

۴- سَڙي آئون آعجازا، سُڃاڻپ ڪان وِيڙس،
ٿفس قيد آهڙي، ڪاڙهي ڪاري ڪَيڙس،
عُمر ڏاڍا ڏک تو، ڏِنا مُون نه رِسن.

ٿلهه: پَلي ڪِنوٽيون ڪِنوَن - پَلي ٻُوندون وَسن،
مُنهنجا مارو ڏِينداتہ ٻَهاريءَ ۾.

١- اَڪئين ڪَڪر ڏِسن ڪَنين گوڙيون ٻُڌن
ڏِٺو جهَانگي پَون مِڙيو سانگ وِڄهن،
هِڪ پِٽي ڪي واڏايون ٿا وَسَ جون ڏِين،
آڏيو پڪڙا ويهن ڦڏڙي واريءَ ۾.

٢- رَب ڪَرم ڪِيُن وَٺو ديس سَندن،
چڙا چنگ وَڄن مَٿي تار ٽڙن،
سَرسبز پَٽن ڇيلا ڇيڪ چَرن،
لڳي عيد وِيَن وَسڪاريءَ ۾.

٣- مُنهنجو مارن لاءِ آهي مانڌو مَن،
هُو ياد نہ ڪَن مُونکي ياد آهن،
وڃان ويڙهہ وَطن وَٺان واس وڪين،
هَردم آهيان انهي تات تاريءَ ۾.

٤- گَڏ ڪائِن پِيَن گَڏ اُٺن ويهن،
گَڏ گهُمن ڦِرن گَڏ کِلن ڳَڏن،
اِها ريت اَعجازؔا آهي سَنڌين،
حَسد هَوڏ نہ ڪن عُمر ساريءَ ۾.

ٿلهه: ٻوليون ٻاٻاڻن جون- ٻڌان ماڻي ڪِيئن،
مارو مُٺ ٿيا مُونئن- آئون مِٺي مِيئن.

١- قَيدُ العَاءِ[1] قويءِ، ويڙهيون ڇڏايم وِيءِ[2]،
ناهي جمعيت جِيءِ، لُڇان ڪُرڙي جيئن.

٢- رويو نيڻ هي رُون، ڳڻ سي ٻوليون نه پُون،
جِيئن ڪَنهن سُيون جي هُون، مُونکي سٺائي سو تِيئن.

٣- وَرَ پَنهوار ڪا پِيس، خُواجه خيبر گيس،
آچي تور زَنجير هادي هَڪل سِين.

٤- آهين تُون ئي حال، اعجاز جو لڄپال،
سُڻندو ڪير پيو سُوال، ناهيم پيٽي[3] پِينءِ.

(١) قَيدُ العَاءِ قويءِ: جسم جو قيد وڏو (٢) ويءِ: جوءِ، آزادي
(٣) پيٽيءِ پينءِ: اڳيان، ڪنارو (آسرو)

ٿلهه: مُنهن جي مُلڪ تي اَڄ- مَلهاريون ٿِيون هُونديون،
پِني ءِ وِيا ٿي بادل- ٻَهاريون ٿِيون هُونديون،

١- ويڙهيچن ڏي وِچڙيون- وَراڪا ڏِيو وَڙڪن،
ڪارونڀار لَڏيو سي- گَرنايو گَڙڪن،
سَندم خُوش سَهِئي اَڄ- سَنگهاريون ٿِيون هُونديون،

٢- سُونهَنِ گاهه ساوا- ڦُٽا ڦوڳ ڦَرڙيون،
ڳُوڪيون ڳاريون ڪَمريون- ڪاموريون ۽ بَرڙيون،
مَڇِي مِن سي مُند ۾- مَتاريون ٿِيون هُونديون،

٣- سَانگين سان آهي- سَمَر سُانئي ڦَرجو،
ٿـتيون ڇانئيون تڙ تڙ- ڦَنو پَاڻي ڦَرجو،
پِٽن پَرَ ياڳين جُون- بازاريون ٿِيون هُونديون،

٤- جَنبو ڏيئي جَنبي ۾- جالين ٿا هُو جهانگي،
پُورو ڪَن اِنهي پَرَ- سَفر سانگ سانگي،
پِرهه ڳَڏ پَاڻي ءِ تي- پَهنواريون ٿِيون هُونديون،

٥- نَڪي مَحل ماڙيون- نَڪي هَنڌ هندورا،
نَڪي پَلنگ پالڪيون- نَڪي طُول ٽُونرا،
پَلالي پيهين تي- پَاٽاريون ٿِيون هُونديون،

٦- اُنهه آهي جيڪر- اُهين ڪان آڳاهون،
اُنهي در اعجازا- ڪَيم آهون دانهون،
قَبول اُت هي آزيون- نيزاريون ٿِيون هُونديون،

ٿلهه: مُنهنجو رُوح ٿو رِڙيون ڪَري۔ عُمر آبائي ٻار لاءِ.

۱۔ ڇَڏ تان وَڃي ٿر ٿيان، جهانگين سان گڏجي جهڻ پيان،
اَن ري نه آئون هت جيان، ڏيان ٿي دم وطن وَڳار لاءِ.

۲۔ مُون سان ظُلم تو ظالم ڪَيو، مُونکي ڳوهه تان ڪوٺا ڳنيو،
نيڻن ۾ آئي تو هَنيو، ڪڙي قصد لاچار لاءِ.

۳۔ مُور هئُون نه تُوکي آئون مَجان، تُنهن جي ٻَرم ڪي پيري پَجان،
ڪُسجي وَجان وڃي وَجان، ته به وائي وَاريندس وڪهار لاءِ.

۴۔ اعجاز چئي ڏي موڪل ڪَٿي، آڙيال جون آهون سُٺي،
ڏاڍو آلئي قادر ڏٺي، جوڙيندين جواب جا جبار لاءِ.

ٿلهه: وِينديس قيد ڪٽي، ڳُوٺن ۾ رَهي رَهنديس ڪيترو.

۱۔ نَظر بَنديائي سُومرا، آهيان ڏِينهن ٻه ٽي.

۲۔ حُسن ويو تان گهورِيو، حُبڙي شل نه هٽي.

۳۔ سانگين ۽ سائيهه جو ڦوڙائو ٿو ڦٽي.

۴۔ لوئي ڏجانئيم لڳن تي، لحد منجهه لٽي.

۵۔ آزلي اِرادي اعجاز چئي، مارو ڇڏيا ته مٽي.

تلم: قيد نہ ڳڃن سُومرا، نَاحق ھيٺن نمائيون،
لاھ بَند ﷲ لڳ، لوءِ پَسان لُنب لائيون.

۱- اھي رَسمون عُمر تُنھنجون، آڏنگيون آھن آيائيون،
ھُت تہ ھُونئن ھَتا ھُل ھِتي ھيئن آشڪارا ٿياسون ٻَئي.

۵. ھيڪڙائي ۾ ھُئي، حَالات پَنھن جي حَيرتي،
پَھرين بُت پوء جَان جِي ۽ پوء سِر پُوجارا ٿياسون ٻَئي.

ٿلھ: آئون صنم پنھنجي سان آھيان رُوبرو،
ڪِيئن چوان آئون ناھيان ناھيان رُوبرو.

۱- چاھ رِهيو چنتا ڪان آ منھنجو چڙھيل- چِتَ سان دِلبر ڪي تو چاھيان روبرو.

۲- هُونئن تہ لاھي هڪ بہ سگھندس ڪِين مان- ڳائي ڳائي تورا لاھيان روبرو.

۳- شوق ۾ محبوب جي شاعر بہ ٿي- شعر تو هِڪ روز ڳاھيان روبرو.

۴- ڏانھن مُنھن جي ڪِيئن وڃي پوءِ رائگان- دِلربا وٽ آئون تو ڏانھيان روبرو.

۵- خيال پيا مي خواب ناھي خُوب ڏس- چا مَنجھان اعجاز چاھيان روبرو.

ٿلھ: آيو يار اڱڻ آج آر ڪري، سُرمون سيند ڦٽي سينگار ڪري.

۱- اکڙيون الست ڪيئين. بڻجيون بان هٽي بي وس ڪيئين،
دل درد مندن جي دست ڪيئين، پنھن جو زور ظلم اختيار ڪري.

۲- ڏسو جوڀن جلوو جمال سندس، نئون ناز نيارو خيال سندس،
ڪن پيا ابرو ڪھڻ سان ڪمال سندس، تن سان ڪير وري تڪرار ڪري.

۳- پوشاڪ سراپا پشم ميان، هٿ پير حنائي هردم ميان،
ڪولي زلف سياھ خم خم ميان، پيو محبوب جلادي ڪار ڪري.

۴- لب لال چُريا لولاڪ لڏي، حُورن پَريُن سُڌ سرت ڇڏي،
ڪوڙي ڪان عشاقن ڪات اڏي، پيو دوست سريون ڏڙ ڏار ڪري.

۵- چنگ نيڻن جي تہ نرالي لڳي، سر سيني ديد دنالي لڳي،
جند جان جلن لا يزالي لڳي، اھڙ جان اعجازا تون اعتبار ڪري.

تلمه: ڇا ڪيان قربان ھن دم - ڇا ڪيان ڀي حاضري،
جو اڳِ منھن جي آلاڻي ڪيئن - ڪئي تو تشريف آوري.

١- قُرب جو ڀريون ٿڌم ھي - مِن جي ڇا ڇئجي بَھاء،
ھيءَ نوازش مھرباني - من جي ڪھڙي ٿئي ثنا،
ڇا وفائي ڇا سچائي - ڇا سَندءِ آ دلبري.

٢- حَمد تسبيحون ھزارين - لک دوگانہ اڄ ڪيان،
گھور سڀ ارض و سَماء - وارا خزانہ اڄ ڪيان،
سَر لَڳُون قربان ۾ - ڪَون و مَڪان ڪُل شيءِ وري.

٣- بَخت پَنھنجي جي ڪيان ڇو - بَرتري آڳون بيان،
اڄ نہ ٿيندا ڇا ٿيو - فَردا ۾ ٿيندا بِل عَيان،
بخت مُنھن جي جا مَدح خَوان - مِھر ماھ و مُشتري.

٤- جا نہ خواب و خيال ۾ ھُئي - سا وفا دلبر ڪَيئي،
دل وني ۾ دل ڏيئي، وعدو ادا دِلبر ڪَيئي،
وھم منھنجو ڇا ۾ ڇا - تُنھن جي عِنايت پَروَري.

٥- سُونھن ڏسان صورت ڏسان - ڪِي سادگي سِيرت ڏسان،
ھَل ذُرا ڪجھ ھن آڳن تي - تان قد و قامت ڏسان،
آھين بيشڪ سَروُ تازو - غَيرتِ حُور و پَري.

ھلندڙ

٦- باغ بلبل باغبان- بادِ صبا بَرِکا بهار،
عَطار و عطر سڀ تنهنجي هٿا منجهه انتظار،
ون هي رِتون واسيڪي آچي- جاني ڪري جلوه گري.

٧- روز ڪان اچ چو الاجي- چشمِ گريان هُس گهٽو،
دل پريشان حال حيران- وَيران وَيران هُس گهٽو،
شاهِ خُوبان مُنهن ڏيکاري- حَج ڪرايُمي اڪبري.

٨- ذَوق پنهنجي جي مان ذري ڪا- ذَوق جي مونکي ڏِنَئي،
ڦرهي آئي هٿ ۾ فهم الفَوقُ- جي مُونکي ڏِنيئي،
پَرده پوشي تنهن ڪيم- نہ تہ هي دنيا دَس نمبري.

٩- ڏي تون ساقي ڏي تون ساغر- صبح تا اعجاز ڪي،
پيچ پائي پنهنجو ڪرهي- حسرت آ اعجاز ڪي،
تُنهن جي گهرجي دلربا- نِت ياوَري و داوري.

قلم، آڄ پانيان هي مئيخان - برابر بيت الله،
تنهنجي دم قدم سان ساقي - تنهنجي سنگ سنگ مرسان ساقي،
هن مئيڪده جو شان، عجب سبحان الله.

١- قدم مبارڪ تنهنجو قائم - قائم دائم بر سر پانيم،
هت غير جي جاءِ نہ جائي - هت باطل رتي نہ رائي،
وَاِذَا جَآءَ الْحَقُّ سندو اعلان ڪيو جي ڪلام الله.

٢- تون جت آيون سي سڀ جايون - وحدت واريون ڏين واڌايون،
مئيخانہ هجن بتخانا - صحرانا هجن ويرانا،
سڀ تنهنجو حمد ڳائن پڙهن تا الله الله.

٣- وهوا ساقي سهڻا سانول پيارِ پلاڪي پرٺئون پيارل،
پر پيالا مئي متوالا بَرخيز ببر برحالا،
تنهن جي قدح تان قربان - پري ڏي بسم الله.

۴- تنهن جي پساري، سير سونهاري - نظر نظاري صورت واري،
گس لايا سياڻا آيانا - ٿيا حال حقيقت هاڻان،
اعجاز چئي تن لاءِ جهان - سمورو وجہ الله.

وَاِذَا جَآءَ الْحَقُّ: ۽ جتي حق آيو

ٽُلهہ: تُنهنجي جام جي تصرف کي ساقي الله الله ڇا چئجي،
جنهن جي پيئڻ سان سَير ٿئي بُراقي الله الله ڇا چئجي.

١- هي بي پرواهي بي باڪي- هن ڇاتيءَ جي ڪليل ٽاڪِي،
هيءَ پرزا ٿيل دَرُ فيراقي الله الله ڇا چئجي.

٢- ميخانہ تنهنجي ۾ صبح و مَسا- مئي مد جي سخا مستيءَ جي فضا،
مستن جي صدا پر پر ساقي الله الله ڇا چئجي.

٣- آئون آبِ خضر کي ساراهيان ڇو- آئون زم زم جي ڪيڏ ڪاهيان ڇو،
طَهورا بہ پيئن ڪا آ مشتاقي الله الله ڇا چئجي.

٤- ڇا جلوو آ ڇا جلال سندوءِ- ڇا ڪيف ڪَدهہ[1] ڇا ڪمال سندوءِ،
ڇا حُسن آ ڇا خُوش اخلاقي الله الله ڇا چئجي.

٥- تنهنجو مست ڪيل هوشيار بہ آ- هِن پار بہ آهُن پار بہ آ،
ائين ڪير ڪندو ٻيو الحاقي[2] الله الله ڇا چئجي.

٦- جي اٿئي تہ ساقي آڻ اجان- پُر جام اعجاز جي ڪاڻ اجان،
آ ملُ عجيب هيءَ اشراقي[3] الله الله ڇا چئجي.

(١) ڪَدهہ: ميخانہ (٢) الحاقي: ڳانڍاپو، ڳنڍجاڻي
(٣) اشراقي: صبح سج اڀرڻ کان پوءِ

ٿلهه: ٻُڌوائُم تنهنجي مَحفل ۾- خُمر[1] خوري ٻه ٿيندي آ،
دليري سان صنم دل جي- چَبي چوري ٻه ٿيندي آ.

۱- خوشيءَ سان دل ڏني جي ڪنهن ته بهتر آ ٻنهن تنهن لاءِ،
نگاهِ ناز سان ورنه- زوران زوري ٻه ٿيندي آ.

۲- گُلِ رخ کي ڏسي عاشق- اُمالڪ گهور سر ڪن ٿا،
دلِ مُشتاق بلبل جيئن- چَري پوري ٻه ٿيندي آ.

۳- لُٽايون زر وڏايون سر- رهون بيزر ٿيون بيسر،
مَتي ۾ عشق وارن کي- اِها ٿوري[2] ٻه ٿيندي آ.

۴- چون ٿا حُسن وارن وٽ- ماهيگيرن وانگي هردم،
ڪُڙهي چِٽ عشق واري ۾- ڪُنڍي ڏوري ٻه ٿيندي آ.

۵- سدائين ڏاڍ ڏاڍائي- سِتم جورو نِتو سُونهي،
حَسينن جي ته دل ڪٺهين- رحم گهوري ٻه ٿيندي آ.

۶- تُنهن جي محفل جي شب ساقي- وڏي ڪنهن رنگ واري آ،
مگر هيائيءَ وارين اکين ۾- شب ڪوري[3] ٻه ٿيندي آ.

۷- هِجر[4] جي رات ڪان بلڪل- وصل جي رات اعجازا،
بيحد پُرلطف آهي پَر- اُها ٿوري ٻه ٿيندي آ.

---

(۱) خُمر خوري: شراب پيئڻ
(۲) ٿوري: مگهي مستي
(۳) شب ڪوري: رات جو نه ڏسڻ
(۴) هجر: وڇوڙو

ٽـلـم: اَڄ جامِ مئي کي بيحد۔ ڳهرو بڻاءِ ساقي،
ڏک درد غم ۾ ٽيندو۔ نہ تہ جِيءَ نہ جاءِ ساقي.

١۔ ڳهاٽي ٽان ڳهاٽو ڳُهرجي۔ وِهَہ کان وِهائو ڳهرجي،
سورن ڏمن ۾ اڄ ڪلم۔ ٿو سَرس ساٽو ڳهرجي،
هِت مَٽ نہ ماٽو ڳهرجي۔ دَرياءَ وَهاءِ ساقي.

٢۔ دُنيا جي دَور ڏي ڏِس۔ دُنيا جي دَور آهن،
دَم دَم فِراغ[1] دِل سان۔ پِيا ڳَن کي پيار ساغر،
پنهنجو تون پاڻ آخر۔ نالو ملهاءِ ساقي.

٣۔ جامِ شراب سان هي۔ دِلڪش شَباب تُنهنجو،
اکڙيون گلاب وَرنيون۔ مُنهن ماهتاب تنهنجو،
ڪونهي جواب تنهنجو۔ تُنهن جي بَجاءِ ساقي.

٤۔ ٽِريو ٽِنت جو ٽِرڪو۔ چِڙو چِڙو تي ٿو هر ڪو،
ڪنهن جو نہ ڪير آهي۔ اِئين لڳي ٿو هر ڪو،
پيالي ۾ اڄ آڻ ڪو۔ اُلفت جو پاءِ ساقي.

٥۔ پَٽَ ۾ نگاهہ پائي۔ ڇڏ عام خاص ڀائي،
ڳُن ٿورا هر ڪو تنهنجا۔ حُر حُر سان روز ڳائي،
ٽُون ٽُون کي رنگ لائي۔ ٽُون ٽُون رَچاءِ ساقي.

(هلندڙ)

٦- تنهن جي سواءِ بہ ساقي- محفل مَدّم[٢] مَدّم آ،
ساغر صراحي مٿي جو- قصور ٿي چڻ ختم آ،
جي آهين تون بہ حاضر- پوءِ تہ هاءِ هاءِ ساقي.

٧- هر فصل گل ۾ آهيون- خارن سان نت مقابل[٣]،
مغموم ڪرنہ پوءِ تون- ساقي دل عنادل[٤]،
آ دَور دنيا نازڪ- نت ڪي وڌاءِ ساقي.

٨- ڪِن لاءِ شرابِ عشرت[٥]- مُهيا ڪرين ٿو ذَرِ ذَرِ
ڪن لاءِ شرابِ غم ئي- تو وٽ نہ آ مُيسّر[٦]،
اعجاز چئي نہ هيئن ٿو- توکي ڄڃاءِ ساقي.

---

(١) فراغ: ڪشادي دل، خوشي سان (٢) مدّم: آهستہ (٣) مقابل: سامهون
(٤) عنادل: بُلبلون (٥) عشرت: عيش (٦) ميسر: حاصل، مليو

ٿلهه: اَڄ ٿُون ٿو سُهڻا پيارين- پيئڻو شَراب پئي ويو،
قاضي مُلان جو هاٿي- ڇَڏڻو حِجاب پئي ويو.

۱- بَس هٿ کڻيم توبه تان- اِڄ هن سونهاري سُنهَن تان،
ترڪي به هاٿي مُنهن تان- کڻڻو نقاب[1] پئي ويو.

۲- اکڙين جو ڪَيئي اشارو- چليو نه هيو ڪو چارو،
شايد شرابي وارو- مونتي خِطاب[2] پئي ويو.

۳- هي پَاٿي هَٿڙا هيئي- پيتم ته سڌ پوءِ پيئي،
مَحشر وارو هِتيئي- ڏيڻو حِساب پئي ويو.

۴- مَستاني حال هن تي- خُودگاني خِيال هن تي،
پَٽ با ڪمال هن تي- نالو خَراب پئي ويو.

۵- آئون چيلو تون گُروجي- صورت مون ٿنهنجي پُوڄي،
ٿنهنجي عشق جو عُرُوجي[3]- پير بِہ رِڪاب پئي ويو.

۶- سُرڪي لَايا سَانُون- اَعجاز رَنگ هي راوڻ،
منهنجو عَرض يار لاڳڻ- وَٽ مُستجاب[4] پئي ويو.

(۱) نقاب: پردو (۲) خِطاب: لقب (۳) عُرُوجي: متاهون (۴) مستجاب: قبول

ٿلهه: وَڄ وَڄ آيِ وَاعظا - نہ تہ هت غار تي ويندين،
ايندين جي مَيڪده ۾ - تہ مٿي خار تي ويندين،

۱- مَئيخاني واري مَدجو - مَتان ٿين تون آشنا[1]،
ٿيندين جي آشنا - تہ سُوري سُوار تي ويندين،

۲- يا رَمز ۾ نگاهہ ۾ - يا زُلفِ يار ۾،
يا يار جي منجهہ ناز - گرفتار تي ويندين،

۳- جَنهن دَم آچي جي گَڏڙيِ - اکيون مَست مُرڪيون،
چوندين نہ پيان نہ پيان - پَرپي تار تي ويندين،

۴- پيتي ڪان پوءِ پاڻهي - گَندين پاڻ سَڀ سَچيون،
انڪار جي بَجاءِ - با اقرار تي ويندين،

۵- پَرهيزي پَارسائي ڇڏي - شيخي بُزرگي،
پيرِ مُغان جي پڙ جو - پَرستار تي ويندين،

۶- دل جان ڏيئي هيڪار - چکيو هڪ چُڻاڪو[2] جَن،
تن سان گڏِ نڪار - ناحق خُوار تي ويندين،

۷- آيو هتي آچو بہ - سو ڪاپي ضَرور تو،
ڪنهن ڪنهن گناهہ لاءِ تہ - تُون بہ تيار تي ويندين،

۸- هن جاءِ تي تو شرم - شَريعت کي تَرڪ لئي،
هيڏهن نہ پير پاءِ - جو سَنگسار تي ويندين،

۹- هت شراب هت ڪباب - هت رَنگ چَنگ رَباب،
هت حُسن هت شَباب - هتِ شِڪار تي ويندين،

۱۰- لَعنت ڪان چڙڪ ڪيم - تي ڪافر سچو پَچو،
اعجاز چئي اسان جو - پوءِ تہ يار تي ويندين،

(۱) آشِنا: واقف (۲) چُڻاڪو: ذرو، ڍُڪ

ٽُلهه: اڄ پُورِ ۾ آ ساقي، اڄ دورِ جامُ ٿيندو،
مَستن جو مئي مِٽيءَ تي تَجَمّلُ[1] تمامُ ٿيندو.

۱- پنهنجي مٽن سان پياري، ساقي ثواب ڳنڍندو،
هَر دو جَهان وارو دِل تان حِجاب هٽندو،
مِعراج مئي ڪَشن جو منجهه مَخفي[2] مامُ ٿيندو.

۲- گهري گهاٽي پيئڻ سان، مَستن جا مُکڙا کِڙندا،
سُرُ تارسان بزمي، آواز ساز ڇڙندا،
رَس راڳ رَقص رِندي ڪافي ڪَلامُ ٿيندو.

۳- مَستي جي موج مئي ۾، سَودا سِرن جا مَندبا،
وحدت واري وِٽيءَ سان، وَندِ وصل وارا وندبا،
اڪڙيون اکين سان ملنديون ڏَڄ ڏُومُ ڏامُ ٿيندو.

۴- مئيخاني جا جي واقف، وِيرانا سُي پُڇن ڇو،
مَحبوب جن ڏي مائل، بتخانه سي پڇن ڇو،
صورت ۾ ثاب[3] تن جو سَجدو سَلامُ ٿيندو.

۵- هَر مَست رِند عاشق، هَر دَرشني ديوانو،
هِ پَتنگ پَرِي[4] غازي، هر سَخن وَر سُهانو،
تُنهنجي پيرِ مُغان وٽ، سُرڪي لاءِ سامُ ٿيندو.

۶- پالوٽ مئي جي، پَلپل، ساغر صُبوحي ڇَل ڇَل،
جَلوا حسن جا هَل پل، رمزون نگاهون رَل مل،
اعجاز اهڙو مَنظر، با اهتمام ٿيندو.

---

(۱) تَجمُلُ: شان شوڪت (۲) مخفي: ڳجهو لڪل
(۳) ثاب: قبول (۴) پازي: پيئندڙ

قلعہ: محفل جانان ۾ اي، اوپارسا پيئڻو ٿو پئي،
پاڪ پاڪيزي نہ پڇ، هت ري پُجا پيئڻو ٿو پئي.

۱- پيئندي پيئندي جو ڪِريو- سو ٿيو بَجا بلڪل بَجا،
مئبڪدهہ تنهن تان فدا- ساغر فدا ساقي فدا،
مَرتبا اهڙا ڏسي- اُن مست جان پيئڻو ٿو پئي.

۲- هن مٿي مئيخان اندر- ڏوهہ آ انڪارِ مئي،
ڏوهہ آ اندوهہ آ- رَنج روهہ آ انڪارِ مئي،
هت ٿِفي نفرت ڇڏي- سڪ سان سدا پيئڻو ٿو پئي.

۳- جي حَلال آهي تہ هِت- هر شيءِ حَلال آهي هتي،
هوش واروڪم حرام- ۽ دم وَبال آهي هتي،
اِن ٿقابُل هوش لاءِ- اِرشاد آ پيئڻو ٿو پئي.

۴- ماسِوٰيٖ کان ٿي جُدا- حرص وهَوا کان ٿي جدا،
ڪَج ادا کان ٿي جدا- شڪوي گلا کان ٿي جدا،
هر خطا کان ٿي جدا- پوءِ بيخطا پيئڻو ٿو پئي.

۵- برهہ جي بيباڪ دم سان- بَانوَرو هڪ جام مي،
موج مستي اوج ۾- آ ماوَرو هڪ جام مي،
عاشقن تي آ الستان- ٿيو عطا پيئڻو ٿو پئي.

(هلندڙ)

٦- پِي تہ ٺُنهنجو راز توتي- سڀ سمورو ٿئي عيان،
پِي تہ دوزخ بهشت جي- آزاد ٿين خفقان کان،
رندي مشرب جي تحت- جاني خدا پيئڻو ٿو پئي،

٧- هڪ خمر جو پيو خبر جو، ٻيون نظر جو جام هت،
چوٿون درد و غم الم جي، در گذر جو جام هت،
ٿنهن مٿان پنجون صبر جو، جابجا پيئڻو ٿو پوي،

٨- حُسن جلوي گر بہ آهت، عشق جلوي گر بہ آ،
روح پرور راڳ رس ۾، دل ڪشا ساغر بہ آ،
اُت اوس اعجاز ڇئي، بس بارها پيئڻو ٿو پوي،

ٿلهه: ٿُنهن جي مَئي جي مَئي مَئيخاني تي- مَئي پياڪ هَزارين مَان نہ رڳو،
ٿُنهنجي جُود و ڪرم جي آيا سُئي- نِت هاڪ هزارين مان نہ رڳو.

١- ٿُنهنجا جَام ڪِمام (١) دَمام (٢) ساقي- پَسي خُوب خِرام گِرام ساقي،
ٿيا خان خِدام (٣) مُدام ساقي- پئہ خاڪ هزارين مان نہ رڳو.

٢- ٿُنهنجي جُودي جَرس تنهنجي توهي ترس رُخ واري عڪس رنگ روحي رس،
هر وار نواز يا خارو (٤) خَس- خَاشاڪ هَزارين مان نہ رڳو.

٣- مَدمَاڪ ٿُنهنجي مَئيخان سَندي- پِڪ تِڪ بہ ٿُنهنجي پرين پان سندي،
ٿا گهُمن ڏيو دل جان سندي- اِملاڪ (٥) هَزارين مان نہ رڳو.

٤- هڙا جن کي جُرَعَ (٦) امداد ٿيا- سي عقبيٰ دنيا کان آزاد ٿيا،
تنهنجي شوق شغل ۾ شاد ٿيا- تَمناڪ هَزارين مان نہ رڳو.

٥- ٿُنهنجي مَست مَئي جو اَعجاز ڏئہ- هر پَيئندڙ کي ناز و نياز ڏئہ
تن ۾ عِشق جو سوز و گُداز ڏئہ- چِت چاڪ هَزارين مان نہ رڳو.

---

(١) ڪِمام: سامان، پئمانہ (٢) دمام: رونق، نقارا (٣) خدام: نوڪر، چاڪر
(٤) خَار و خس: ڪنڊا، ميرامنڊا (٥) املاڪ: ملڪيتون، ملڪ (٦) جُرَعَ: ڍُڪ

ٺلھہ: مَحبت عِشق جي مَئي پي، عَجب مَستَ تان ٿي ٿجي،
هَمه کي تُنھنجِي حَيرت ٿئي، هَمَہ حيران ٿي وڃجي.

١- تُنھنجي مَستي ڏِسي مَنصور چَوي صَد مَرحبا توکي،
گھوري مَجنون ترتّان گھوري، لقاء لائق ٿي وڃجي.

٢- تُنھنجا گُفتا هجن گِياني- تُنھنجا نُکتا هُجن نيھي،
تُنھنجون رَمزون هُجن رِندي، آهزو ديوان ٿي وڃجي.

٣- سِتارا ڪَن قدم بوسي، فَلک تُنھنجا سلامي ٿين،
مَلائڪ ڪَن توکي سَجدو، اُهو انسان ٿي وڃجي.

٤- اَمرُ ڪُن جو سدائين آ، جيڪي نيٺو اَلٽي ٿي پَئُي،
يا خود ڪان بيخبر يا باخبر، باشان ٿي وڃجي.

٥- سَدائي پاڻ کي عاشق، مَڙن مولن يا نئج مِھٽو،
پَسي صورت پرين واري، پَتنگ پَروان ٿي وڃجي.

٦- اَعجازا عِلم وارن جو، چَوڻ آ عَبد ٿي وڃجي،
عُشاقن جو اشارو آ، تہ سِر سُبحان ٿي وڃجي.

گياني: معنيٰ خيز، ڄاڻن وارا

ٿلھ: توکي ڏِنو تہ بَس، پُر خُمار ٿي وِيُس۔ ساغر جي ڇا ضرورت، سَرشار ٿي وِيُس.

١۔ تُون ڇو ڪَرين ٿو تعجب۔ تُوئي تہ ھيئن ڪَيو،
جو خَاڪ و خَس مَان گوھرِ۔ شَھوار ٿي وِيُس.

٢۔ وِينجھار ڪو ھُجي۔ جو سُڃاڻي مُونکي صحي،
شِيشا گرن جو واڪ۔ ھُٿي ڇَار ٿي وِيُس.

٣۔ تُنھن جي نگاھ ۾ نہ سَھي۔ منھن جي عاشقي،
پر آئون تہ تُنھنجي عِشق ۾۔ اِظھار ٿي وِيُس.

٤۔ ھَم جِنس آ سَندم۔ ۽ جو ھَم فَعل پڻ ڇَوان،
اُن وٽ ڇو بيگُناھ۔ گُنھگار ٿي وِيُس.

٥۔ توئي نگاھ نِيمَ سان۔ آ قيمتي ڪَيو،
توتان ئي بار بَار مان۔ بَلھار ٿي وِيُس.

٦۔ مُونکي بہ چوڙ مَان۔ سَنم گَذ شَباب سَان،
آئون بہ تُنھن جي پيرَ جو۔ پَيزار ٿي وِيُس.

٧۔ اَفسوس آ مونکي۔ صَد اَفسوس آ مونکي،
تُنھن جي بہ اَڄ نظر ۾۔ تہ بيڪار ٿي وِيُس.

٨۔ اَعجاز مُنھنجو عَالم۔ مَستي نہ پُڇ مُونکان،
دُنيا و عُقبيٰ کان۔ ڏِس اَحرار ٿي وِيُس.

احراز: آزاد، بري

ٿلهه: صُراحِي جام مَئي مُون وٽ- نيشاني يار مُنهنجي جي،
مُون تي مي، تي هَٿو هَٿ- مَهرباني يار مُنهنجي جي.

١- پِيئڻ پيارڻ مَحبت ۾- چِيائين صد حلال آهي،
پِياري وَحدتي پِيالا- ياراني يار منهنجي جي.

٢- ڪَجئين نا ترڪ نا توبهه- ڏٺم پيالي پريمي، ڳاڻ،
مُونکي آهڙي هدايت آ- روزاني يار مُنهنجي جي.

٣- نيشاني آ عَجب جَهڙي- ڪُتب جَهڙي طلب جَهڙي،
نِيشاني ۾ لکل مَستي- لاثاني يار مُنهنجي جي.

٤- ڏٺم هَر ڳالهه مُنهنجي ۾- رکو آ مَست مَئي جي بُوءِ،
خُمر هُئي ڪا خُودي واري- حقاني يار مُنهنجي جي.

٥- پِيان ٿو پوءِ اَعجاز ا- هِئين حاضر ڪَريان ٿَهرين،
مُحقق ۾ مکن صُورت- مَعاني يار مُنهنجي جي.

ٿلهہ: قدم قدم تي بزم بھاريون - بادہ خانہ مينگھم ملھاريون، عشق حُسن ھِن جاءِ.
ساقيا ساقيا ھِت مستي گھرجي - ساغر مست ھلاءِ، عشق حسن ھِن جاءِ.

١- ھِت دم دم ڳئين ديدار - رخ انوار عجب جھلڪارا،
ھت ساندھ سو سينگار - ھمہ ھُڪار سنگم سڀ سارا،
نين نين جا ناز نيارا - آر آنو ڪا عين اشارا،
پل پل پيار جي لاءِ.

٢- ھِت حُورون ھِت غلمان - چمن چوگان[1] بندر بُستانا،
ھت پرت وارا پيمان - پڪون ۽ پان لبِ مرجانا،
چند چراغ شمع شھانا - ھيرا موتي گوھر گرانا،
گل ڦل جاءِ بجاءِ.

٣- ھت ذاتي نُور ظھُور - تجلو طور ۽ ڪعبو ڪاشي،
ھِت سور سرُور ضرور - ٿھر ڪلور تہ عيش عياشي،
ھِت واعظ قاري رند قلاشي[2] - تارڪ طامع[3] طرزي
تماشي،
نيض ٿھر نحشاءِ.

٤- ھِت قبر ھتيئي تيار - جنت جا جام ھتي ھت جاري،
ھت ڪات آڪيون قتلام - صنم گل فام ڪوتنل[4] ڪلتاري[5]،
عاشق عارف ھِت اسراري - مجاز حقيقت جا اقراري،
اعجاز جي وٽ ھِت راءِ.

(١) چوگان: ميدان (٢) قلاشي: سچو (٣) طامع: لالچ
(٤) ڪوتنل: سوار جي بنا وھٽ (٥) ڪلتاري: خالق، رزاق، مالڪ

ٹلم؛ کُسن ٹبولي آيا عُشاق- ٹُنھن جي مَئي مَيخان تي ساٿي.

١- ازلٹون هُنا جي توسان آنجامي- عِشق سَچي سان عاشق احرامي،
مَئي پِياڪ سي مَست مُدامي- ٹُنھن جي سَري ۾ سِر جا مُشتاق،
سِر ڏيندا سَرِ مَيدان تي ساٿي.

٢- آج مَت اَپَت اُهي عُشاق آئي- جي تو سَنڌيا آهن سِڪون پائي،
بِسم الله سَان تن مان وَڏائي- پِيار تہ پَري ٹئي نَجس نناق،
پُورا رَهون، پَيمان تي ساٿي.

٣- مَئي ڪَشَن جا قول ڪرارا- ٹالُو بَلائِي بِرھہ وارا،
خِيال تني جا نِهايت نِيارا- رِيا اورانگهي عَرش آلاڪ،
ٹُنھن جي حُڪم فَرمان تي ساٿي.

٤- ٹُنھن جي مَئيء مَيخان جا پَازي- پَتنگن وَانگي آهن پَروازي،
مَوج تني سِر حَقيقي مِجازي- ڏِين وِينا سي وَحدتي وَاڪ،
اَعجاز وَاري اَبوان تي ساٿي.

(١) نجس؛ ناپاڪ

ٿلهه: مون ترپيتو آپر جو جام. ماڻهو ڇون ٿا آهي حرام.

١. زَمِ زَمِ جو ناهي شوق مونکي. آپٽ پريمي جو شوق مونکي،
ٿنهن ترڪ ڪرايا طرف تمام. ماڻهو ڇون ٿا آهي حرام.

٢. سُرڪ سچيءَ جو آهيان عادي. سائي سوائي ڏيندو هادي،
ڪين هٽان ٿو پي ڪا هام. ماڻهو ڇون ٿا آهي حرام.

٣. مڪي مَدُ پيالو جوئي پيئندو. هڪي جڳ جيڏيون سوئي جيئندو،
ڪو گُرد اعجاز پرينندو گام. ماڻهو ڇون ٿا آهي حرام.

ٿلهه: نَدي پرجا پي پيمانه. دم پر باسون دوستانه،
آسان ساقيءَ کي سجدا ڪري. ڪيا سِر ساهه نذرانه.

١. آسين وحدت جا وڻجارا. آسين صحبت جا اُجارا،
آسين صورت پرستارا. آسان جا سينا صنم خانه.

٢. ڏسو ساقيءَ جي عجب سخا. ڪري ساغر ۾ عشق عطا،
ڏسي ساقيءَ جي دلڪش ادا. ٿين دانهه بر ديوانا.

٣. جتي جام لبالب جڙن. جتي نين نيڻن کي مڙن،
اُتي سا! وصل جا ڄڙن. جن ۾ ڏنگ مگر مانه.

٤. آهيون بيشڪ سوالا آسين. پرير پيالي ڀيالا آسين،
ملهايون منگل نرالا آسين. آسان جا جشن جدا گانه.

٥. پرت پير مڪان جي پچي. نعرا نينعن جا هنياسون نچي،
هَتان اعجاز عليءَ جي آچي. ملڻيا پهر پور عاشقانه.

(١) گرد: پهلوان، همت وارو

ٿلهه: آسين مئي پَرستا مَوالي مَوالي - پَرستِش آسان جي نِرالي نِرالي.

١- صَدائون ۽ نَعرا آسان جا سَدائين - قَدَحَ سان قائم ڪَمالي ڪَمالي.

٢- شيشي جام سَاقيءَ اڳيان سر نَمائي - نِمازي بَنياسون آوالي آوالي.

٣- آدائن ۾ مَستي صَدائن ۾ مَستي - وَفائن ۾ مَستي مِثالي مِثالي.

٤- ڍاڙي ڍاڙي اڳيا ڙي پُوڄا ڙي - ڪَيو ڪاٽ مَئي جي حَلالي حَلالي.

٥- ڪَلين ڪان وٺي جو ڪَليجو ٿو چِيري - ڳَڙو آهڙو پيون ٿا پِيالي ءَ تي پِيالي.

٦- مُقدر سان مِليو سِرَي جو ڏٿي سِر - سَڏي مَئي ڏني تنهن سُوالي سُوالي.

٧- پِيون ۽ پِياريون جِيُون ۽ جِياريون - اِهي ڪَم اِهي دم بَحالي بَحالي.

٨- شَرابي جَشن ۾ اَڪثر ٿي نَشن ۾ - ٿِيون پاڻ سان پاڻ حَالي حَوالي.

٩- مَوالِيُ جي ڪارهن مان ڪارا اسين تِيئن - تِي ڪاري ٿئي جيئن دُکالي دُکالي.

١٠- عَلي ؑ پيو پِياري آسين پِيا پِيون نت - ٿِين ڏي نه پِئي دَر سُوالي سُوالي.

١١- مَئيخانه پيمانه موالين جي ميراث - مٿا ڏيئي موالين سنيالي سنيالي.

١٢- صُورت حُسن واري ڏِسون جت وَسون اُت - رکون عاشقانه خِيالي خِيالي.

١٣- جَپي جام سان نام اَعجاز ٿياسون - وَٺيءَ وَنَ جا وارث وِصالي وِصالي.

قلم؛ نَشو هَٽ نِينهن وَارو ڪر- نَشا آهن پِيا ڦاني،
جَهالت ۾ پَئي جَاهل- وَڃيون ڇو پين لوڙ وَهشاني.

۱- اندر وَارِي مَئِي اُپٽي- تِڪون ڏٺي تَنهن مان مَئي پيءُ تون،
تہ حَاصل تو ڪي هَاٿي ٿئي- لَاهوتي لاڳ لاٿاني.

۲- مَئيان تورِي لڳي مُوڙهل- آئي مصلحت مي موچاري،
رَبوبي رَمز ڪي سَمجهي- رَمي وٺ راه رِنداني.

۳- سَارو سَامان سِري وَارو- سَدا موجود آ تو سَان،
پَائي ڏِس پَان ۾ جَهاتي- نِهوڙي خِيال نَفساني.

۴- پِيالا پِرت جا پَلپل- پَري پِياسي جيڪي پِيئندا،
مُوٽوا قَبِل اُهي ٿيندا- مَهيسي مَرد مَيدانِي.

۵- وِرهه ويراڳ ۾ ويهي- وَحدانيت مان تون وَاقف ٿي،
سَواءِ سِڪ سَوز جي آوگها- پَلئہ پَوندئہ پَشيماني.

۶- پيرِ مُغان جي پَئي قَدمين- ڪَيل واعدي تي رَهه پُورو،
عَهد شِڪني ڪَرڻ اعجاز- نسوري آه نَاداني.

عهد شڪني؛ وعدو پورو نه ڪرڻ

ٺلهه: ماري ڇِياريس ڇڄَن - پُر جام پِيارِيا ٿَن.

١- خُوبان خُوب سَنڀال لڌي، خُوشنودي سَان سَڄڻن،
شَاهي شَفاعت شَان وڏي سان، شُڪر ڪئي شانِن،
ڪوڏئون بِيهو ٺبر مٿان، سي ٺمرِ بِـاڏِني ڳمن.

٢- ڳُونا ڳُوني غَمزا رَمزون، ڳُهورون ڳهندِ سَندن،
نُوري نـيـڻ نظـارا لآيـو، نازِ نيـارا ڳَن،
دَم دَم ڀِرهن دِيدن ڳيـڙو، دُرسِ اهـو دَرشن.

٣- مَحبت مَجلس مَحبوبن جي، موهي پَڪي ٺن مَنُ،
سُخن سَچارا سَڄڻن جا، سُڻيو سِڪون سِرجن،
رُوحِ رهائيـون رَس رَچايو، رَاز رَضائون رکن.

٤- ويڇهو ويهي وَصل وَارا، وَنگ وڏا وِينگسن،
پلپل پِيار مَنجهاران پِياريون، پَان پِکون پِرين،
اِيڏيون عين عِنايتون ڳَن، آهڙا ٻاجهارا آهن.

٥- ڪر ڪوٺا هي خَبرون سُڻيو، ڪاميو ٺا ڪامن،
ڏنجهه مِڙئي ڏس ڏُور ڪيا، ڏئي مَعانيون ڏيهه ڏئين،
آئون تـه آهيان ٻانهي، اَعجازا اوٽ آهن.

تلمه: دِلي دِلبر زَهر قاتل، پِيارينـدو تہ بِسم الله،
كِلي هن حَلق[1] تي خَنجر، گذارينـدو تہ بِسم الله،

١- چڱيو پِيا طرف سڀ جنهن لاءِ- اهو مَحبوب ساقي سن،
سرِ ميدان سوريءَ لاءِ- هو كارينـدو تہ بسم الله،

٢- ڪُمي سو ماهه[2] رُو مونكي- كري صورت ڪَوابي جان،
برهه جي باهه سيخن سن، ڏيارينـدو تہ بسم الله،

٣- پرين جي پيار سان پرتئون- پائي كنڌ ۾ كمند[3] بندكي،
پنهنجي زلفن[4] جي تيدين سان- تطارينـدو تہ بسم الله،

٤- نہ جِيارِ كنهن جي سان جيئندس- چوي اعجازؔ مُئي كان پوءِ،
لبن تي لب ركي لاكن- جِيارينـدو تہ بسم الله،

(١) حلق: ڳلو (٢) مَاه رو: چنڊ چهرو (٣) ڪَمند: پيچوڪڙ
(٤) زُلفن: وارن

ٽـلـهـ: پُڇ نـہ مُون کـان وَاري وَاري پِيـار جو پيـالـو،
ڪِيئن چَوان ويو ڪير ڪري، پياري پيار جو پيالو.

۱- نِت نئين خُمـار سان، آئَر نشو تنهنجو،
ڳالهه پيتم اِڄ بہ آهي، پُر نشو تنهنجو،
پائداري⁽¹⁾ ٿـو سيکاري پـيـار جو پيـالـو.

۲- درد ڇا درمـــــان ڇا هـــي، ڇا دوا درمَل،
پرت جي پَيمـــان ۾ آ، هر شـفـا پـلـپـل،
ڇو ويـهـان اهڙو وِسـاري پـيـار جو پيـالـو.

۳- دَم بـہ ڏاري دَم بـہ مَاري، دَم بـہ جيـاري سـو،
سِڪ سَنـواري، سِرُ بـہ وَاري تـول پَاري سـو،
جنهن کي ٿئي چاڙهي نظاري پيار جو پيالو.

۴- ٿئي نہ ٿئي هت ڪابہ هائي جي ڪڙي محفل،
مون سان منهنجي يار جي هر گهڙي محفل،
هي عجب ٿو رنگ ڏيکاري پيار جو پيـالـو.

۵- نـام آ اُلهـر اُنـهي جو، جام جَلوي گــــ،
صِف شِکن⁽²⁾ سو شير آڳن⁽³⁾ ساقيءِ ڪوثر،
سـالـکن کي ڏي سنيـاري پـيـار جو پيـالـو.

۶- سُو بَسُو ٿو سان پانيان آئون صنم پنهنجو،
ڪِيئن تِڙي تِڙکي پوءِ يارو دم قدم پنهنجو،
سُرت⁽⁴⁾ ٿــو اعجاز ڏياري پـيـار جو پيـالـو.

(۱) پائداري: پکو پختو قائم
(۲) صف شکن: صفون پچندڙ
(۳) شير آڳن: شينهن کي چيريندڙ
(۴) سرت: سمجھ، عقل، هوش

ٿلم ۽ پيءَ تہ پاسي ٿئي حجاب- هُونئن نہ ٿيندي هيڪڙائي.

۱- هي حَيا ۽ هي حجاب- سِڪ وَندي دل لاءِ عذاب،
جو سِڪائين ٿو ڇپايو- مُنهن منوّر مَاهتاب.
ڪر ذرا جلوي نُمائي.

۲- جَام جَن پيتو ڏنو تن- غَير هيائي ڪي جَواب،
ڪو ڏسڻ ۾ ڪونہ آين- پوءِ ڪنهن جو ڏوهہ و ثواب،
ڏِس تہ ساغر جي صفائي.

۳- هيڪڙائي ريءَ نہ ٿيندي- هَمنوائي آي جناب،
تون ۽ مون ويندي نہ وچ مان- هر گهڙي رهندو حساب،
ڇَڏ حسابن واري وائي.

۴- آئون تُنهنجو آشنائي رازُ- آهيان هِڪ نَاياب،
۽ ڪتابت ٿَلب جي سان- ٿرب جو آهيان ڪتاب،
ڪَمت آ منهن جي اِهائي.

۵- عِشق تنهنجو آهي تيئن- جِيئن آهہ بي پير و عقَاب،
مَاس مِڪ روڙي هڏن تان- رت پيئي شوٿئون شتاب،
تہ بہ اِجان تنهن جي جُدائي.

(هلندڙ)

٦- ڪَن ڪروڙين عشق پيا- پر ڪو وڃي ٿيو ڪامياب،
ڪي ٿَڪِي تي ٿي ٿڪي پيا- ڪي هلي ٿيا مِٽي هاب،
واٽ وچ تان موٽ ڪائي،

٧- ڪونہ پيو ڪِٿ هَمّتِ وِ ڏسندين- نيهي پيالو تاب تَاب،
پيئڻ جنهن جي سان پوي ٿي- سالڪنَ وٽ ثَاب ثاب[1]،
سالڪي ۾ سِر فدائي،

٨- آي دل پَندار[2] آ- اَعجاز جو تو سان خطاب،
آڻ پَنهنجي زندگي ۾- عشق وارو انقلاب،
سَپ آئي ٿي سَدَّ آجائي،

(١) ثاب: قبول (٢) پندار: نصيحت

ٿلهہ: شام جي پيالي ۾ پيارا، تون بہ شامل ٿيءُ شام،
ماهِ ڪامل وانگي اُڀري، مِيرِ محفل ٿيءُ شام.

١- منهنجي اڄ مهماني هيءَ، ۽ ميزباني ڪر قبول،
شام هڪڙي لاءِ منهنجو، محرمِ دل ٿيءُ شام.

٢- نوش نوشان^(١) موسمِ گل، دوش دوشان^(٢) انتظار،
ڪاروانِ عشق سان اڄ، اڄ بامنزل ٿيءُ شام.

٣- بِدهہ خارن جي بزم جي، تون شمع تون شغل شان،
شاهِ خوبان^(٣) شوق پائي، مُنهن مقابل ٿيءُ شام.

٤- دام داٿي حُسن وارِي، دل موهيندڙ دل فريب،
ساتون پَهِہ در پَهِہ مَندي، مُسخر^(٤) دل ٿيءُ شام.

٥- سِير سائِر جي برابر، سوز جو سَاغر ڪو پيان،
سو پياري سڄڻ ساقي، سانيہ^(٥) ساحل^(٦) ٿيءُ شام.

٦- جِن نگاهن جن آدائُن، سَان پائين پيچ ٿو،
تن نگاهن تن آدائن، سان مائل ٿيءُ شام.

٧- عرض آ اعجاز جو، غور طَلب اي حسن مآب،
قرب جي تقريب دَوران، ڪيئن بہ داخل ٿيءُ شام.

(١) نوش نوشان: پيءُ پيئان (٢) دوش دوشان: گڏ ڪلهو ڪلهي سان
(٢) شاهِ خوبان: سهڻن جو سردار (٣) مسخر: گهيري ۾، قابو، فتح ڪيل
سانيہ: گڏ (٦) ساحل: ڪناري

ٿلهه: پيالا پريم جا پٽ- عاشق پِين پِين،
سڀ ڪنهن نٿا نصيب هي- ساغر ٿين ٿين.

١- دَرياءَ پَر لبالب- مستيءَ جا جام پي،
ڪيپَن ۾ سِرِ خدائي ڪي- ڪوليو ڪِين ڪِين.

٢- سيکو نہ پي سگهي- نڪي سيکوئي سڏ ڪري،
عشاق مئي پِين پيو- جڳ جڳ جِين جِين.

٣- ساقي جو هٿ مبارڪ- ٿانو سخي فياض،
پاڙي پِياڪ ڪِيئن نہ پوءِ- سِرڙا ڏِين ڏِين.

٤- هَر جام سان نام- جپن ڪِرت مئي ڪشن،
مدهوشي ۾ بہ نام نہ- وِسري وِيُن وِيُن.

٥- ساقي ۾ مَد پياڪي- پيئڻ سان ٿا هِڪ ٿين،
تن هيڪڙائي گهرجي- پيائي پِين پِين.

٦- اعجاز عاشقن ئي- ڪيا نوش پيالا نيش،
غالب نشا انهن جا- مٿان سڀ سِين سِين.

ٹلم: سُٹل آيرٿي ساقي وي- صِفت ٿنا ٿنهنجي ڪَرڙي سڳايون.

١- مَحفل ۾ وِينو مُحب مِلڙو- مَستن سان ٿي مُلاقي وي،
مُيسر ٿيو مَحبوبي مشاهدو- قول پريو مِيثاقي وي،
مرسل مرڪي اکڙيون چايون.

٢- هِڪ هَٿ ساغر ٻي هٿ خَنجر- هي رَوش ڏسو رزاقي وي،
سرڪي عيوض سر ساهه وني ٿو- ٻوٿو ڇڏي ٿو ٻاقي وي،
بَيعَت ڪري اهو ناتو ٿا نيايون.

٣- مَست پِيالو مَحبت وارو- يار پيو پياريو ٿي ياقي وي،
مَحو ٿياسون عَرش وِياسون- آوج ڏٺاسون عُشاقي وي،
احديت ۾ ٿيون اسان جون جايون.

٤- پڪ سان مليوسون پر ۾ آعجازا- پِرمل پاڪ پوشاڪي وي،
وِرهه وَڃيوسون تنهن سان- ويهي وَرق وَرائي وڪاتي وي،
وصل سنديون اڄ مليون سون وادايون.

ٿلھ: آسان چاھِ ذَنخ[1] مان پيتو زَمزَم - وِسري وِيو سون بَيت حَرم.

١- چاھِ ذنخ ۾ مـاري غوطا - دَاغ اسـان نِت دِل تـان ڌوتـا،
ڏِيان ڏاريوسـون اھو دَم دَم.

٢- بِرھ وَاري ھَٽ بَات ڳئي سون - جَھاتيءِ سان ڏس جَھات ڪئي سون،
جَام جَلالـي لڳو جَم جَم[2].

٣- پَل چَوي ڪـو ڪَافـر مـنـڪـر - عشق حُسن جو دَم نـہ ڇَڪيون در،
دين ڌرم اٿئون زُلفِ خَم خَم[3].

٤- اي مـيـان نَاصح مُعلم[4] - اٿـئـي اَعجاز جا ڏوھـ ڳُلـئـي ڪـم،
رَاھ وَٺي تون پَنھنجي رَم رَم.

ٿلھ: پُر جام پيار سَاقي - پياڪن کي پيار سان،
پَلٽـاءِ آب احـمـر - پَلپل پُڪَار سـان.

١- ميٺي مڙئي مَيارِون - سَيني جون لھ سَنيارون،
رَبَ لَـڪ ڏيـئـي جَمـارون - بَر سِر بَهـار سـان.

٢- گُلفام وِجھ نـہ گهـاري - آھي دِل آڃان اُڃاري،
وِيـراڳ وِرھـ واري - وَڳي قِيـر وَار سـان.

٣- سِڪ سـوز جنھن ۾ آھي - سـاڪا پيـار نـاھي،
نـينـھـڙو وڃون نِبـاھي - ٿُو نـامـدار سـان.

٤- دَرڪين تـنـھـنجو ڇڏبو - اٿيـئـي اوتارو اڏبو،
لالـن ھتـان جي لـڏبـو - تـہ بـرِھن پچار سـان.

٥- اَعجاز ڇئي ٿي راضي - مچ مـيـڙ مـنـٺ آزي،
ڏي فـيض ڪر فـيـاضي - ھن دل فـگـار[5] سـان.

(١) چام ذنخ: ڪاڏيءَ جو کھب (٢) جم جم: لڳاتار سدا (٣) خَم خَم: گول ڇلي وانگر
(٤) معلم: استاد (٥) دل فگار: دل قتيل

ٿلھ: جام ِهي پيئندا رَهون- هيئن روز ُهت مِلندا رَهون،
پيار وارو وَاعدو- هَردم سَچو ڪندا رَهون.

۱- پيار پنهنجو ٿئي ته ٿئي، دُنيا جي آڏو هِڪ مِثال،
سِر غمن جا هَرَهھ ٽُٽن، ته به هر گهڙي هَسندا رَهون.

۲- هن زَماني جي هَنگامن ڪي، رکي بالائي[1] ٿاڪ،
پَاڻ پنهنجي لئون لڳيء جا، پور پَه پَهندا رَهون.

۳- هي اُهوئي جام آ- جو احترامًا آي صَنم،
جام هن جي هر جُرَعَ[2] تي، بِسم الله پڙهندا رَهون.

۴- قُرب واري قاعدي، قانون سان ئي قُرب ۾،
ايترو ويجها مجون، جيئن چشم لب چُمندا رَهون.

۵- ڇَا به ڇَئي دُنيا مگر- دُنيا جي ڇَئي ٿيندو به ڇَا،
ساک جي آهيون برابر، ساک سان چَوندا رَهون.

۶- هت جا هِي ميلا ملن ۽، هت جُون هي هَم صُحبتون،
سَر بَسر اعجاز ڇئي سي، دل تي سڀ لکندا رَهون.

(۱) بالائي ٿاڪ: مٿي، پاسي تي (۲) جُرع: ڍُڪ، سُرڪي

ٿلهه: ڏاڍو ٿا پيُون پيُون، تڏهن ٿا جيُون جيُون،
نَشِيلا نين ڳَڏيا، نَشا ڏٺي تَن ته چَڙهيا.

١- انهي دِيدار ۾، انهي خُمار ۾۔ ڪياسون تَن مَن فِدا، اِنهي ٿات تار ۾،
هَوائي هوش لَڳيا نَشيلا نين ڳڏيا۔ نشا ڏٺي تن ته چڙهيا.

٢- ڪجل ڪاني ڪري، اک مستاني ڪري۔ ملڻ واري سدا مهرباني ڪري،
سڪايل ساقي سڏيا، نَشيلا نين ڳڏيا۔ نشا ڏٺي تن ته چڙهيا.

٣- جام هلندو رهيو، خيال ڪُلندو رهيو۔ ساقي رازِ محبت سَلندو رهيو،
اوتارا عشق اڏيا، نَشيلا نين ڳڏيا۔ نشا ڏٺي تن ته چڙهيا.

٤- اسان جو مَرڪ آ پيئڻ، اَعجاز! مست ٿين۔ گهوري گهوري پيمان تي سرڙو ڏين،
تڪبرِ هت نه پڳيا، نَشيلا نين ڳڏيا۔ نشا ڏٺي تن ته چڙهيا.

ٿلهه: ڏِس دور شَور ساقي ساغر جو جُود[1] ڪر،
ڏي پَٽ الاحِسابي، اُجن آسود ڪر.

١- تون نيهي نام وارو، تون ڪل ڪِمام وارو،
تون جام مام وارو، نعرو نمود[1] ڪر.

٢- تُنهنجو هٽ آ پاڳ پَريو، پيو پيار وريو وريو،
پِياڪن جو توڪان ڳُهريو، سوئي موجود ڪر.

٣- ٿئي حال اِستغنائِي[3]، وڃي هوش ما سِوائي،
وسري ٻي سيئي وائي، وِرهُون ورود ڪر.

٤- ڪلي لاءِ نين نظارا، ڪجلا ڪَبودي[4] ڪارا،
شُعلاتي شَرَر شَرارا، شُعلا شهود ڪر.

٥- هن سَن ۾ سارو عالم، بيدرد زور ظالم،
اعجاز! چئي ٿي نالم، دردن جو دُود ڪر.

(١) جود: سخا (٢) نمود: ظاهر (٣) استغنائي: بيپرواهي (٤) ڪبودي: آسماني نيلو

ٿلهہ: هي تَشوِهن مَئي ۾ آ، ڪِي تنهنجي پِڪ پيالي ۾ آ،
عُمر پَر لاءِ مَست ٿي وِيس، دِل عَجب چالي ۾ آ.

١- هَوش ۾ آهيان ڪِي ناهيان، پَر ڇُپايان آئون نہ حق،
هَر مزو هر لطف حاصل، حال لا اُبالي(١) ۾ آ.

٢- خِيال منهنجي تي وَري، هيو خيال غالب ٿِئي ڪٿان،
خِيال منهنجو بَند تنهنجي، خِيال جي ٿالي ۾ آ.

٣- تو هٿان هَر هَر ڪُسڻ جي، سَدَ عشاقن ڪي ڏنيم،
ڪا تہ وٺندڙ ڳالهہ تنهنجي، بِرهہ جي پالي ۾ آ.

٤- ناهہ سو اَعجاز ڇئي ڪِٿ، گهاٽَ تڙ گهُميُس گهٽا،
جو تَصرف(٢) ساقي تنهنجي، دَم جَپڻ ٽالي ۾ آ.

ٿلهہ: پياريو جام پرين پيان ٿو پيان ٿو- پيئڻ سان جڳ جڳ جِيان ٿو جِيان ٿو.

١- بِرهہ سِر تي بَاسي، چارا سَڀ چڪاسي- نَفس نانہ پاسي نِيان ٿو نِيان ٿو.

٢- جَپي نام ذاتي، پائي جيءَ ۾ جهاتي- آنا آن اثباتي ڪِيان ٿو ڪِيان ٿو.

٣- نہ چاڻان مَدي ڪي نہ نيڪي بَدي ڪي- خُمر سان خودي ڪي ڪِيان ٿو ڪِيان ٿو.

٤- اَعجاز اِظهار و هَئي نينهن نَعرو- حَقي حال سارو ڏِيان ٿو ڏِيان ٿو.

---

(١) لا اُبالي: بي پرواهي (٢) تصرف: قبضہ ۾ اختيار ۾ مزو

قلم: ساقي الالصبوح- سِڪ جا ساغر پيارڻ آيو.

۱- قُمِ بِاِذني [1] آمر ڪَيائين- مَاڻ مَئي جا مَئي ڏنائين،
پِيا مُئن ۾ روح، مُردا جَنازا جِيارڻ آيو.

۲- سو صَنم ساقي سَراسَر- بي بَقا سُڪتو بَرابَر،
پِياري ڪَيف ڪَڪوهَ، قَلب گارا اُجارڻ آيو.

۳- در موڪيءِ جي ڪئين مَوالي- ڪئين قوالي ڪئين سُوالي،
ڪئين ڏنم مَجروح- ٽِپڙا اُنهن جا ٽارڻ آيو.

۴- پَڪ پَرو اَعجاز آ پاتو- چاڻ عجائب تنهن هي چاتو،
هٿا جي نَفس [2] نصوح- ٿن کي تَوبهه گارڻ آيو.

قلم: پِيالو مَئي سَندو پي مُون- ڪئي قَرضِ آدائي آ،
دُنيا عُقبيٰ کان تارڪ ٿِي- رِنداني راهه پائي آ.

۱- جَڏهن کان جام جَم پياريو، مُونکي دِلبر پَنهنجي دَستُون،
تَڏهن کان ماڻ واري مون، وَجي وَستي وَسائي آ.

۲- ڏيکاريم پِرت جي پِيالي، نَوان نجهرا [3] نيئي نت نت،
ڏِني تنهن سَير سَربستي، اَندرِ دل کي صَفائي آ.

۳- ڇڏي تَنگ نام نيڪي کي- وَڃايم نينهن جي نوبَت،
نه آلم انکار دوزَخ کان- مُون اڪسان آزائي آ.

۴- جاڳائي جوت ميثاقي- هَٿي جَهاتي ڏنم جيءَ ۾،
خُدا جي ذاتِ جي مُون کان، نه هِڪ پَل ڪا جُدائي آ.

۵- اها اعجاز سَرمستي- آئي آ عشق جي جَنهن سِر،
انهي جي رِهن دُنيا وارن- سِري سُوري چڙهائي آ.

(۱) قُمِ بِاِذني: اٿ منهنجي حڪم سان (۲) نفس نصوح: ڪُلا نفس، پڪا نفس
(۳) نجهرا: ماڳ، رهڻ جي جاءِ، آستانو، جهوپڙا

قلم؛ ساڻيا تو لاءِ سِڪن ٿيون، تُنهنجي پياسَ جُون اکيون،
تو سواءِ تڙپن پيون، تو در اُداسين جُون اکيون.

١. فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ پري ڏي، اڄ نقيرن کي سو جام،
جَنهن لاءِ آهن مُنتظر، نت نِت نِراسن⁽¹⁾ جُون اکيون.

٢. ساهه آهي پر نه جهڙو، سوز اهڙو حال کيو،
سُور سورن تي ڏيئي، ساڙين ٿو ساهين جُون اکيون.

٣. ڪِلندا وٽن جي خواهه مخواهه، تُنهن جي آسان جي عِشق تان،
شرمنديون ڪر ٿون مِلي، تَن بي شناسن جُون اکيون.

٤. هِي اکيون تنهنجي ڏِسڻ لاءِ، اُٿين آهن آتيون،
جيئن آڇارن⁽²⁾ لاءِ آهن، حيران غواصن⁽³⁾ جُون اکيون.

٥. اڳ به تُنهنجا پوءِ به تُنهنجا، ٿيا ٿِيندا ٿورا مَٽن،
تو سواءِ اعجاز چئي، مَرکن نه عاصين⁽⁴⁾ جُون اکيون.

(١) نِراسن؛ اداسين، مايوسين (٢) آڇارن؛ نشان، سايه
(٣) غواصن؛ لوهن (٤) عاصين؛ گنهگارن

ٿلهه: ٽڪي شِيشي شَراب جي ٽُٽ ٽُٽ ٽُٽ. ساقي هَٿان مُونکي پيولُٽ لُٽ لُٽ.

١. ٿي ساقي مُنهنجو سَنيار مُونکي، دَورِ جام دَوران نہ وِسار مُونکي،
پائي نيڻ نيڻن ۾ پيار مُونکي، چُنيِ تير اکين جا چُٽ چُٽ چُٽ.

٢. شِيشي جام شَراب جو پير چَوکين، مَئيڪده قَدح جو مِير چَوکين،
وَندُ مَٽي جي وندڻ جو وِير چَوئين، ہَٽي وَرَٽي ديواني جي پُٽ پُٽ پُٽ.

٣. اڄ تنهنجي هٿان پُرياش آهيان، تِيو جن تہ وَجي آڪاش آهيان،
آغوشِ سندءِ جو تلاش آهيان، آچي جوڙٿي مون سان جُٽ جُٽ جُٽ.

٤. تُنهنجي پيالي لاَيو ڏَڄ ڏَڄ ڏَڄ پِي مون بہ کيو آرَڄ رَڄ رَڄ،
چيو عشق عقل کي اڄ اڄ اڄ، هٿان قِرٽي کاءِ هٿان ٿُٽ ٿُٽ ٿُٽ.

٥. مون لاءِ رات بہ رِهي تہ بَرات بہ رِهي، مُغان سان ميلو مُلاقات بہ رِهي،
هُجي ٿات بہ هي تہ بات بہ رِهي، پِيون ڳالهيون مِڙئي ڳَٽي ہُٽ ہُٽ ہُٽ.

٦. ساقي جامِ اَگيان تہ هُجيئي هُجي، اُها پِيءُ پيئان تہ هُجيئي هُجي،
جي مران جي جيان تہ هجيئي هجي، نشو نينهن وارو اُن کُٽ کُٽ کُٽ.

٧. لُٽ جيکي لُٽين سو مُباح توکي، گُهٽ ڳا بہ گَندين تہ گُناهہ توکي،
سِر ساهہ ڏِنم سِر وَاهہ توکي، اعجاز چوي لِٽي ڪُٽ ڪُٽ ڪُٽ.

مغان: مرشد

قلم، پُران پُر جامُ پي جهَر جهَر (١)، پرينءَ سان پيچ مون پاتا،
دُنيا عُقبيٰ (٢) مٿي دم دم، پرينءَ سان پيچ مون پاتا.

١- نِتان نت جهڙ ملهاري آ، نَٿي ان نينهن واري جي،
اٿم نيڻن ۾ سا نَم نَم، پرينءَ سان پيچ مون پاتا.

٢- منهنجو آب خضر ۾ ڇا، منهنجو شهد و شڪر ۾ ڇا،
پچايان چو پيالا زَم زَم، پرينءَ سان پيچ مون پاتا.

٣- وِڇائي وَهم پيائي جا، وِڇائي وحدتي واڇا،
هِڪان هِڪ حال ٿي هَمدم، پرينءَ سان پيچ مون پاتا.

٤- لڳا جيئن نين نيڻن سان، هَنيم تعرو نظاري تي،
پيو ڇاٺان نڪو دَم ڪم، پرينءَ سان پيچ مون پاتا.

٥- رَهي سگهيس نه پَنهنجي وس، ڇڏائي هوش ويو مون ڪان،
ڏِسي ڪا ڪُل (٣) ڪُندا خم خم (٤)، پرينءَ سان پيچ مون پاتا.

٦- صورت محبوب جِيءَ ۾ آئون، چوي اعجاز گهر ٿي ويس،
هَٿي ڇيريون ڪيان ڇَم ڇَم، پرينءَ سان پيچ مون پاتا.

(١) جهَر جهَر: لڳاتار (٢) عُقبيٰ: هُوءَ دنيا (٣) ڪاڪل: وار
(٤) خم خم: گول ڇلي وانگر وريل

تلمه: مُونکي دير و مَندر نَکي مَسجد جي، مُونکي مَام مِلي مئيخاني جي،
مُونکي پُوڄا عِبادت ڪرڻي آ، هِڪ ساقي پير پيماني جي.

١- مُنهنجو دين ڌَرم مئي پَرستي آ، مُنهنجو مَنشو مَتو سَرمستي آ،
سوا مئي جي سراسر پستي آ، انسان جي شان شاهاني جي.

٢- مُونسان هوش عقل جي ڳالهه نه ڪَر، مُونکي سُونهون سِياڻو سَمجهه نه تون،
رکي توَقّع مون ۾ زماني جي، دل ڏکاءِ نه مون ديواني جي.

٣- دانائي مُون لاءِ داغ بڻي، ديوانگي دَرس دِماغ بڻي،
هر آتش مون لاءِ بَاغ بڻي، هَر باغ صِفت ويراني جي.

٤- توکي سَودا طَاعت(١) تقويٰ جي، مونکي سَودا سُرڪ سَوائي جي،
توکي زاهد پيار و زُهد تنهنجو، مُونکي بَوتَل ارغواني(٢) جي.

٥- تُنهنجي رَاهه جُدا مُنهنجي رَاهه جُدا، تُنهنجي مَسيت مُدعا منهنجي پريت مُدعا،
تُنهنجي زبان فِدا منهنجي جَان فِدا، توکي کَهڙي خبر ياراني جي.

٦- مُنهن ساقي جو مُصحاف بَجا، مَيخانو سارو ئي بيت الله،
مَئي نوشي خاموشي نماز آ اَت، اعجاز جهڙي عِصياني(٣) جي.

(١) طاعت: تابعدار فرمانبردار (٢) ارغواني: ڳاڙهو شراب
(٣) عصياني: گنهگار

ٿلهه: سُرڪ ساقي ڳان مليس، سِرجي سَنپاري سُرت لاءِ،
نِسنگ نيهي ٿي نِيائن، نينهن نظاري نرت[1] لاءِ.

۱- چَند اچان چڪيم ٽُڙا، ويو خيال سمجهي حال ڪي،
ڪير گهاري پيو گذاري، هن ڪِناري ڪِرت لاءِ.

۲- پان حيرت ۾ پيس، هَر ڪي سراپا حق پسي،
ٿي اُمڙ اُپريس پوءِ پنهنجي، طلب نعري ترت لاءِ.

۳- دمُ جيارڻ دل اُجارڻ، لاءِ ٿا عاشق ٿين،
ڏِيهه ڪارڻ لاءِ نڪي، ڏيهه جي ڏنجهاري ڏُرت لاءِ.

۴- مَد پيئڻ تان خود ٿين، نه تہ مَد پيڻ بيحد بُرو،
رِند مئي ڪش غير پيائي، چُر نہ ڏاري چرت لاءِ.

۵- دم بدم دامن رکيم، اعجاز پنهنجي داغدار،
پور التي پهہ سيڪاريم، هيءَ پساري پرت لاءِ.

ٿلهه: اچان ساغر[2] نہ رکي خالي- ڀَري گُلفام[3] ڏي ڏي،
ڀَلي هت صبح ٿئي ٿئي- ڀَلي هِت شام ٿئي ٿئي.

۱- هتا سانوڻ هتيون عيدون- هتا پوءِ پاڳ پائيندس،
ملائين پيالي پيارڻ سان- چشم بادام جي جي جي.

۲- پنهنجي زُلفن جي سائي ۾- پيڻ ڏي ءِ جيئڻ ڏي تون،
مونسان پورا تہ ڪر پنهنجا- پرين انجام ڪي ڪي ڪي.

۳- درس ڳانا ڇڏي ساقي- تنهنجي مئيخان ۾ آيس،
پڙهائين ترن بہ پيو مونکي- تہ سڀ ايام[4] بي بي بي.

۴- لڳي مئي جي بہ لڪ اچ اچ- لڳي لب سان بہ لب اچ اچ،
سچن پوءِ سمجهندا سُن پيا- ڏاڍي جي قيام ڪي ڪي ڪي.

۵- حُورون غِلمان جَنت جا- طهورا توکان وڏناهن،
اهي اعجاز چئي ڪنهن- غير وٽ انعام ني ني ني.

(۱) نرت: نظر (۲) ساغر: پيالہ (۳) گُلفام: معشوق (گل جهڙو) (۴) ايام: ڏينهن

ٿلھ: پيءُ تہ آھڙو پيءُ جو- پَنھنجو تماشو پاڻ ڏين.
حال وَھوا ھيءُ جو- پَنھنجو تماشو پاڻ ڏين.

١- ڏِيئن ڏِٺي ھي جڳ تو تيئن- جي تون ڏِيئين تان ڏِٺو ٿيو،
جڳ کان اَلتو ڏِيءُ جو- پَنھنجو تماشو پاڻ ڏين.

٢- حق ۽ باطل جو جي جاڙو- ڏِٺين تہ مِڙئي خير آ،
پَنھنجو جاڙو ڏيءُ جو- پَنھنجو تماشو پاڻ ڏين.

٣- پاڻ ڏُوڪي تنھنجو ڏِٺ- تَعجب لڳي تپرس[1] لڳي،
سو وَسائج رِيءُ[2] جو- پَنھنجو تماشو پاڻ ڏين.

٤- تَرڪ تَجويزون تَميزون- ڪَر تَفاوت جون صفا،
دِل جو ڏي تون تَويءُ جو- پَنھنجو تماشو پاڻ ڏين.

٥- ھِن جھان ڏِي ھرڪا شيءِ- ھَر ڳالھ ڏي مَعنيٰ رکي،
ھُڏ ھِيائي رِيءُ جو- پَنھنجو تماشو پاڻ ڏين.

٦- جو گريبان ۾ ڏِٺائي- مُنھن ڇَڪَئي پَلپل اندر
پوڄ سڙئي پيءُ جو- پَنھنجو تماشو پاڻ ڏين.

٧- آھين جي اَعجاز ڏِٺي- تون واقفِ رازِ رَبي،
پوءِ ڇا جو سِيءُ جو- پَنھنجو تماشو پاڻ ڏين.

(١) تپرس: حيرت (٢) ريءِ: جوءِ ميدان

ٿلھ: پرين پيار جي نَظر سَان پيارين جي، تہ شَراب جو پيالو ڪير پُڇي،
منھنجو ساقي ٿي مُونکي سَنيارين جي، تہ دُڪان ڪلالو ڪير پُڇي.

۱- هڪ صورت اڳيئي مَن مُٺي آئي، پِيءُ مَولىٰ اکيون مَخمور ڏِٺيون،
تَورو ڪجل وَري ٽَن ۾ ڏارين جي، پوءِ بَٽجي پالو ڪير پُڇي.

۲- ڪَرين بَحال نہ بحال مگر سُوال تہ ٻُڌ، هم خيال ٿي هيڪر حال تہ ٻُڌ
لَب لُب سان لائي دل ٺارين جي، تہ ڪَوثر جو حوالو ڪير پُڇي.

۳- مونکي خَبر آهي تُنھن جي نَظر آهي، پَر جَھان جي يَقين ۾ ڪَتر آهي،
تون ٿي جَھان جو يقين سَنوارين جي، تہ مُون ڪان پَنڌ ڪشالو ڪير پُڇي.

۴- تُنھن جي دَرجي خاڪ بہ ڪَٽ جي مِثل، لڪين لال پلنگ پانيان لٽ جي مثل،
تُون ڪَفني قُرب جي ڏيارين جي، تہ پَٽ جو دُشالو[1] ڪير پُڇي.

۵- اعجاز چوي سُھٹا سَجڻ سَچي، مُنھن جي مرضيءَ تي مُنھنجي اڳڻ اِچي،
مونکي هَلڻ چَلڻ پنھنجو ڏيکارين جي، تہ چنچل[2] جو چالو ڪير پُڇي.

ٿلھ: پيئڻ سان جام مَئي ڪَش جي، گھمون ٿا بيرنگي رَستا،
اَها فِطرت اسان جي آ، هَٿون ٿا حَيدري مَستا.

۱- مِڙون مَئيخار مَئيخاني، رِياضت لاءِ رَوزاني،
نِھوڙيون نفس نَيراني، بَرابر ٿي تہ بَرجُستا[3]،

۲- نہ مِرقاتيءِ فڪر ۽ غَم ڪَرڻ آهي اسان جو ڪم،
هَمہ ڪي حَق چئون هردم، نِفضولي پانيون بيا قَستا.

۳- محب پنھنجو پسي ماهي، ٿئي ڪئي سون شھنشاهي،
ڪري هٿ حال ٿُقراهي، ڪنيون سين ڪَندريون ڪِستا.

۴- ڪَفن سِر سَان ٻَڌيو آڻ هِي، اَجل وڙيون چڙيون وَڻ هِي،
ڪَرمون مَنجھ قُرب جي ڪَٿِي، اسين اعجاز دِل[4] خَستا.

(۱) دشالو: شال، چادر (۲) چنچل: هائي (۳) بَرجستا: همت وارا (۴) دِل خَستا: دل سڙيل

ٿلھ: پِيتاسون پُران پُرِ پيمانا پرين سان - پَائي پيچ پُختا نھانا[1] پرين سان.

١- اُڪنڊ ۾ اُمنگ ۾ مِلڻ واري مَنگ ۾،
رضا راز رس ۽ رقص راڳ رنگ ۾،
چيڙياسون اُپنگ چَنگ، پيانا پرين سان.

٢- ديمُ[2] سان ڏومُن سان ڏَمالي ڏُتَن سان،
سُرن سان گُرن سان گِياني گيتن سان،
هَسيا ٿي وَسيا ٿي، مَيخاني پرين سان.

٣- عَجب ڏِينهن هُئا سي عَجب نِينهن هُئا سي،
مَئي خَارن تي وَسندا مَئي جا مِينهن هئا سي،
عَجب جَهڙا گُذريا زماني پرين سان.

٤- پِيارِيو پِئي پرين سَوايو سَوايو،
اڪين سَان اکيون مِلايو مِلايو،
نِظارا هئا مُحرماني پرين سان.

٥- نرِ وِسرن ني اُترن ني اُسرن اندر مان،
وِيئا ٿي وِيئا آهن صُورت سونهن سُندر سان،
پَهون[3] پُورِيھ پِيا روزاني پرين سان.

(هلندڙ)

(١) نھانا: گجھو لڪل (٢) ديمن: ٽولو (٣) پھون: سليون

٦- پيتاسون ٻه اهڙا جو حيَران آهيون،
پيئڻ جي سوَاءِ جن تہ ويران آهيون،
پيو ڦاٿيون ايڪ گانہ پرين سان.

٧- سدائين اُهي گڏ سچا پيچ جن جا،
جُدايون پيون تن ڪچا پيچ جن جا،
جنا ڪن سنا ڪن ديوانہ پرين سان.

٨- پيتل آهيون پيالا ندي، پر نرالا،
نشا تن جا نئين سِج نوان تر نرالا،
جنب جيءَ ڪيا سي پيمانہ پرين سان.

٩- شُڪر يار اعجاز ياتي مِليوسُون،
مُحقق مغان پير ساتي مِليوسون،
ڪياسُون شغل شادمانہ پرين سان.

ٿلھ: مُحتسب تڪرار ڇڏ، هي هڪ پيالو پِي ترڙس،
بَزمِ رندان ۾ اچي، تون رِندي مَشرب[1] ٿي ترڙس،

١- ڄام واري ڄام پاتي، جام هن ۾ عام ڪان،
ڄام باِ اسرار آ، سا ڄام اڄ سمجهي ترڙس،

٢- مڱي مِڱيءَ تي مڱين مڻائن، مڻيڪشن منصب مڻو،
مڱي مِڱيءَ پي مڱين مڱي جن، مڻي مڱي تن جي ترڙس،

٣- هَست ريءَ هت پَست[2] هوندين، هست ٿي هستي ڏيکان،
هَست سمجهي پاڻ کي تون، پنھنجي هت هستي ترڙس،

٤- جنھن چاڙهي سِر چڙهئو ناهي، تنھن چاڙهي جي چوٽ تان،
دل جهلي پنھنجي عمر ۾، هڪ دلعو ٽڙڪي ترڙس،

٥- خون خوري تنھنجو ڪَرتب، خُمر خوري منھنجو ڪم،
ڇا سزا هوندي ٻنهي جي، هَل ڪتابين هي ترڙس،

٦- هڪ دنيا هِي ٻي دنيا هُو، ٻي دنيا تنھنجي اندر،
جا دنيا تنھنجي اندر، تنھن دُنيا ۾ جي ترڙس،

٧- جا نَفِي آ تنھنجو مَشغل[3]، تنھن نفي جي تھ ۾ تھ،
آلِڪل اقرار حق، اَعجاز ڇئي سوڀي ترڙس،

(١) مشرب: شراب پيئندڙ (٢) پَست: هيٺ (٣) مشغل: ڪِرت

ٺلم: ساغر سَواءِ نہ ساقي- سالم ٺئي هَوش منھنجو.
ناقص[1] آهيان نَشوئي- پَردو آ پوش منھنجو.

١- ناٺو ناهي تہ چاهي- سِر ساقيءَ وَٽ هي لاهي،
قاتل ڳَڳوهہ آهي- نيرانو نُوش[2] مُنھنجو.

٢- پيالو نہ پيش هُوندو- طَبيعت ۾ تَيش هُوندو،
جِگر ريش ريش[3] هوندو- مَجرُوح[4] جَوش مُنھنجو.

٣- ٿَن ۾ رکي ترس کي- بَرساءِ رَس بَرس کي،
مِيثاق جي جرس[5] کي- سُڻندو پوءِ گَوش[6] مُنھنجو.

٤- اعجازؔ چئي شُغل سان- مَئي جي وُضو غُسل سان،
تَر تازو ڳَر وصل سان- هر هر آغوش مُنھنجو.

ٺلم: مَنھن مَئي ڳشن جي، مَنگل آهي مَئي جو- مَزو مَوج ميلو مَنبل آهي مَئي جو.

١- مَنبل مَينگھ مَلھاري بدل بوند بهاري- مگر[7] مچ هزاري مَتل آهي مَئي جو.

٢- چَنچل چاهہ چالو، بِرهہ حُسن پالو، پُران پُر بہ پيالو، پيتل آهي مَئي جو.

٣- شَمع رُخ شِتابي، اکيون نيم[8] خوابي- شِيشو گُل گُلابي گُليل آهي مَئي جو.

٤- سبُو جام ساقي، اُٺي ڏڄ عشاقي- اڏي ڪات ياڪي گُتل آهي مَئي جو.

٥- آسان وَٽ جو ايندو پيئڻ ري نہ ويندو- آصل آهڙو ٿيندو شُغل آهي مَئي جو.

٦- اعجازؔا تو وارو نَظم شَعر نيارو- غضب جَهڙو سارو غزل آهي مَئي جو.

---

(١) ناقص: عيبدار (٢) نوش: پيئڻ (٣) ريش ريش: زخمي
(٤) مجروح: قتيل (٥) جرس: گھنڊ آواز چڙو (٦) گوش: ڪن
(٧) مگر: باهہ، آڙاهہ (٨) نيم خوابي: خماري، اڌ ننڊ

ٿلھ: سِگھو ڪَر وي ساقي، پَيمان پَٽ جي- عَجب مَٽي آ ٽُنھن جي مئيخان مَٽ جي.

١- ٽُنھن جي مَٽي مَٽيءَ جي، ڪَريون ڳالھ ڪھڙي،
جَھڙي هَاڪ سُڻي سون، آ تحقيق تھڙي،
نَاهي ڏَڙڪ دِل تي، ڪا سِرَ جَان سَٽ جي.

٢- سَندءِ وَٽ وِڪي، ٻِ آهي ڪا تہ قُدرت،
جَني پيتي تَن جي، کُلي آ ک بَصيرت،
پِيَن سوجھ پَنھن جي گِريبان گھمٽ جي.

٣- چَون نينھن وارو ٿا ناسُور جَنھن کي،
ڏيئي سُرڪ ساڳي، تون ٿي چيٽ تنھن کي،
اِها آ دوا هِن تہ نادان ڦٽ جي.

٤- نِھو نُور ٽُنھن جو قَدح جام ۾ سَندي
ڪَيفِي ڪَات وَهندي حُسن سَان هَسندي
چَڱا پيتي نيڻن جي نيشان نَٽ جي.

٥- مُغان موکي مَحبوب، ٿون خُوب خُوبان،
عُشاقن جي تہ دَرَ آهي ڏوم توبان،
نہ اَٿن مير اَعجاز هي دُڪان هَٽ جي.

ٽلم: ڪَر سَهڻ سِنگار يَار- آ بَسنتي دَور آيو.

١- گُونا گُوني رَنگ بَرنگي- ڳَئي گُلن گُلزار يَاں
وَئي خِزان آئي بَهار آ- دِل گهريا دِلدار يَاں
ويس هَر وَڻ ٽڻ مَٽايو.

٢- ٽَلڪيون ٽَلڪيون مَست هِيرون- هَر طَرف مُهڪار يَاں
مُعتدل خُشبوءِ کُلي آ- مَن موهَن مَنٺار يَاں
بُوند شَبنم بَن بَنايو.

٣- سَر بسر سِينگار سَان- پَائي ڪَجل جي ڌار يَاں
دَرسني دَربار کولي- پِرت جا پَٽ پِيار يَاں
بَزمِ رِندان جو آرايو.

٤- پَونر ۽ بُلبل سَندي سُڻ- گوش ڏيئي گُفتار يَاں
وَصل جي اعجاز چئي- آج تُون بہ وائي وار يَاں
عِشق ٽُنهن جي مَچ مچايو.

ٽلم: بَادل بَرسي ڇَانيو آ، ڳَئي سَاز سمورا آيو آ.

١- طَبل ٽَنبُورا ٽَرنگي ٽَرنم، سُرندا سَتارون سَاڻ پيا سَرگم،
ڇَيرين جو ڇُڏ ڇَمڪو ڇَمڇَم، رِم جهم رَنگڙو لايو آ.

٢- بَينجُونِ بَاجا بِينُونِ بگل ۽، نَاد نَقارا نَفيلون وَٽَل،
مُرلين مُنن موڪ ڊِيئي موڪل، ٿَر بَر شُور مَچايو آ.

٣- پَنهنجا گولا پَنهنجون بِجليون، پَنهنجا شُعلا پَنهنجون تَجليون،
پَنهنجا مَنَهَن پَنهنجون مَنبليون، ڪَري مينگهه مَلهار بَنايو آ.

٤- اعجازؔ عَلي شَاهه ڳَگن ڳَجي ٿو، ٿمڪو وَنِ ٽِن منجهه وِڄي ٿو،
رُوح سَجڻ لاءِ خَاص ڪِڇي ٿو، مُحب مِلڻ جو سَعيو آ.

ٽلم: سَارنگ ڪَيڙا سِينگار- آئي مُند سَانوڻ جي،
ٽَاڙن لاٿي ٽَنوار- آئي مُند سَانوڻ جي.

١- مِرون مَاٿون چِيت پکيئڙا- پڙهن حَمد هَزار.

٢- وَڻ ٽِڻ بُوٽا وِهسن وڪڙيون- لڳي بُوند بَهار.

٣- پُورب ڳُليو پُور بہ پَلٽيا- پڳي پَلرجي پَچار.

٤- مَڪِ مَدينہ مِينا پَاسي- ڏِنم مَينگهه مَلهار.

٥- سَرتيون سَرتا رُئل پَرتا- پڳي پَاڙي پَاڙي پَچار.

٦- اکين جو اعجازؔا لاٿي نِظارو- عَاشِق ٿِيا اِظهار.

ٿلهه: ڪَڪر ڪارا ڪَيس ڪَيس- ڪَري وَسڻ جا وَيس وَيس،
ڏَيس آسان جي تي آيا- آيا ڏَيس آسان جي تي آيا.

١- سار سنيار لاءِ پاڻ سِينگاري- سارنگ ڪيڙو سعيس،
گوڙيون ۽ گهمسا ن مچائي، گگن گهما گهم آيس،
ڪِنوڻين ڪيا ڪيل ڪيل- رَحمت سَندا ريلَ ريلَ،
وَاحد واهڙ وَاهيا- وَاهيا ڏَيس آسان جي تي آيا.

٢- مَشڪون مَحبت مينگهه پَريون- ڏس ڇوهڪون ٿو ڇنڪاري،
دَرد وَنڊن جي دِلين وَارا- داغ ڏُکاريو ڏُکاري،
بَرس بَاراني پيچ پيچ- پِپُون پکن سِر پَيچ پَيچ،
ساوا گاهه سَمايا- سَمايا ڏَيس آسان جي تي آيا.

٣- سارنگ ساٺوڻ ڪيا سَجايا- ساجن ٿيوسون سائي،
هيج هِيئين سَان حَج ڪيوسون- حَق ڏِنوسون هائي،
ڇَم ڇَم ڇمڪاءِ ڇير ڇير- ٽان سڳاسون ٽير ٻتيس،
گُڻ اعجاز ٻـ ڳايا- ڳايا ڏَيس آسان جي تي آيا.

ٿلهه: موڪل ڪئي مالڪن ٿوڪي، سارنگ سِينگار ڪر وهوا،
سُڪاري سانگ سان سانوڻ، سَراسر يار ڪر وهوا.

١- مگهٽ[1] مُوڙون پَٽي مڪ سِن، وَڄائي سَر منڊل مُند جا،
مگهن مَستان ٿي بَنرو، مَلِهي ملهار ڪر وهوا.

٢- بَنائي بَرخيزا بَادل، پَلي بجليون ٻر پڙڪائي،
بَحر بَرساءِ بَرڪاتي، بَرين بَازار ڪر وهوا.

٣- حُڪم هي آهه لي هَر جاءِ، هَمه هَرديس تي هَس وَس،
هَرا هَاري هَرا هَر گهر، هَرا هَر نار ڪَر وهوا.

٤- الاهي آب آمرت مَان، اوتون ڏيئي آڇ آوهيرن سَان،
آڇل آلماس اوڙڪ تي، آوجون اِسرار ڪَر وَهوا.

٥- ڪمانيون توس[2] ڪج رنگي، ڪڪر ڪجلا ڪَري ڪوڏئون،
ڪَيي ڪنهن ڪنڊ ڪان ڪَلنگيون، ڪي ڪَارونيار ڪَر وَهوا.

٦- ڇَنين ڇپرين هئي ڇالون، ڇيڇن سَان ڇانئجي ڇَج ڇُون،
ڇَرون ٿين ڇڙهه وَهن ڇاڙهُون، ڇوها ڇَڇڪار ڪَر وَهوا.

٧- گگن تون گهوٽ گهن گهوري، گهورُون گهوريان ٿوتان گهاٽيون،
گهٽو گهٽ گاهه گُل ٿل ڇَٽ، گهاٽا گُلزار ڪَر وَهوا.

٨- چَمن چوگان[3] چَمڪن ٿا، تُنهنجي چَمڪيلي چهري سان،
چَوي اعجاز چڙهه چوٽئين، چڙهي چمڪار ڪَر وَهوا.

(١) مگهٽ: تاج ڇٽ (٢) توس: انڊلٺ (٣) چوگان: کليل ميدان

ٿلهه: آچتُون سَجڻ وِي ساَنولڙا، ساَنوڻ جاَ ڏينهن آيا.

۱- دل پئي ٽُنهن جي پيار لڳ تانگهي، ڏينهن لاَيا تو گهڙي ساَنگهي،
وَرُ وَرِي ڪَرِ وِڇڙيــن وَانــگــي، او مَن مــوهــن مَن ڀاَيــا.

۲- ساَرنـگ وَاري سُهج سِينـگـارن، رَنـگـي تَوس ڪمـان نِظـارن،
ڇيــهن پَپِيــهن جي پـريـمي پُڪـارن، چوري مِي چاَڪ چڪـايـا.

۳- تــوري ء مــينـگهـ مَلهار نـ سُونـهن، تــوري ء بُونـد بَهـار نـ سُونـهن،
تـــوري ء ڪَجلا ڏار نـ سُونـهــن، سُرخيـــون مُســاڳ آڇايــا.

۴- آءِ تہ اَعجاز ڇٽي توسان اوريان، ڳالهيون سَرين پٽي ساَنديان سَنيوريان،
ساَهہ صَدق ڪَري ڳهـر سِر گــهــوريــان، ڪــوري ڪاَيــا مَايــا.

ٿلهه: بَادل بَاد بَهارا وِي- پَلٽيا پَٽن تي ٿِيا رَنگ رَيلا.

۱- بَيــشــڪ آهــن بَرڪــت ڀَريــا- ڪَڪــر ڪَارونــيَارا وِي،
بَرسيا بَر ٿر ٻَهڪيا ٻيلا.

۲- سُرخ ساَوا گهــرا گُلابــي- سَنـهــڙا جِهــرمــر وَارا وِي،
سَجڻ ڪيڙا سِر تي سَيلا.

۳- بَرگ بَادامــان مــوتــيـا نَرگــس- آرنــا آرگ آنــارا وِي،
بُوند ڀِڇايا چُنار چَنبيلا.

۴- ڀُوريون ڳاَريون چالون چَلهن سان- گُرهان ڪن گُلڪارا وِي،
رَاوا رَتـا ءِ ٽِنبَنِ تـيـلا.

۵- ڪَلهن ڪَلهن ٿا ٿين مَهڙا- ساَنوڻ ساَنگ سُڪـارا وِي،
اعجاز اچانڪ مَنگل ميلا.

تلم: پکي پَنڌ پرواز تُنهنجو ڳاڍارو- ڇَون سَير عَرشتُون تا آڳتي تو وارو.

١- آڪوڙتا ڪ تُنهنجو وانهيرو به اوڏهن- واسعِ ويءِ تُنهنجو نالير و به اوڏهن،
طعامون ٿُوت تو لاءِ آئي آفرارو.

٢- آڪامن جي همت تون آغاز ۾ ڪَر- پيدا بَرق رفتار پرواز ۾ ڪَر،
آڪر چڙهه آڪاسين، هَتي دَم هاڪارو.

٣- تُون شهباز شاهين، ٿُوڙ بَس نه مُورهئون- بِرهه تُنهنجو ٻاري تُون بيوس نه مُورهئون،
مقدر تي تُنهنجو مُقدم لامارو.

٤- آڳيان مَنزلون ڳئين آلئي ماڳ مَنٿا- آنڌيون بحر طُوفان آجهاڳ مَنٿا،
هَڏي سَت تُون پيٽو نيائج نظارو.

٥- وجودئون لي واندي وائي وَحدهٔ سان- جاڳي جُستجو سان اُمنگ آرزو سان،
ويهين جيئن نرِچ تي لي وَهمئو ويسارو.

٦- سَنده ذوق آڪي زِيلُون دُواليون ڇا هن- داسون لاڙڪيون لک جَهلا جاليون ڇا هن،
ٻاتي هڪ ڏي پڙڪي، هَتي دَم هاڪارو.

٧- پِرت ڇا به تو ڪي پکي ٻال پَرهئي- سِڪن سُوز سيني اهي پَٽ ٿَمر هئي،
توسان پيو اعجازؔ صُورت جو سَهارو.

لاڙڪيون: ڏاندا، ڏاسائن جون ڏوريون

تلم: پکيئڙا هِن پرڙا- آهي پَنڌ پري.

١- ويهه وساري تَرڇ تي- ويٺي ڪين وري.

٢- ڇو تہ سُڃي هِن سَر ۾- تُنهنجي ڪيئن ٿي سَري.

٣- سَاٿي ويا تُنهنجا سَپيئي- تو تي ميار ڌري.

٤- تُون تہ مَري ويندين- تُنهنجي مَحبت ڪين مَري.

٥- آڄ تُون الوهيت ۾- دوستي جو دم ڀري.

٦- اَڪر متان اعجاز چوي - تُوت آڌورو ڪري.

تلم: آڄ آڄ سَنيها آڻ ڪي- نئين سِڄ نَوان اي ڪنياتڙا،
اُصلئون اها آهاج گُنئي- سِر تي آوهان اي ڪنياتڙا.

١- ويلا ويساهيون ويسريون، ۽ ڇڏيا لَمَ لوڪ جا،
ڏي نياپا نِينهن جا، سَاري سَوان اي ڪنياتڙا.

٢- مَتِ آوهان جي ذات جو قاصد نہ پَانڌي ڪر هيں،
پَلپل تَڪهن ٿو آئون تو پيرين پَوان اي ڪنياتڙا.

٣- هَوش مُوڙهل پَست دِليون، مَاندا مَاندا رُوحڙا،
دَم دِلاسي تُنهن جي سَان، ٿيندا رَوان اي ڪنياتڙا.

٤- آڄ سڏيون آنديئي عَجب، صد آفرين اعجاز چئي،
نامہ بَر نيهي سَچو، تو ڪي چوان اي ڪنياتڙا.

الوهيت: هيڪڙائي

ٿلهه: هِنَّي ڳا مُنهن جي مَٿال او ڳانگلڙا ـ مُنهن جي يارِ دلبر سُهڻي سَڄڻ وَٽ.

١ـ مَحبوب سَان مَحفل ڪَئي ٿيم ڏينهڙا، مُقدرِ لڪئي ڪان وِڃان پيمِ ڏينهڙا،
نـه تـه ڪِيئـن سَـهان سَال او ڳَـانـگـلـڙا، وَڃان هُونـد اُڏري پَلَ ۾ ڍولـڻ وٽ.

٢ـ اُنـان ڪـان هَٿـي آ لآمـارو وَري ڪـو، سَڄڻ ڪـيِ ٿئي مَن سَنـيـارو وَري ڪـو،
پَانـيـانِ ٿُـنهنجا پَال او ڪانـگـلـڙا، اڏامي عَجيب جي وَجي ويهـه آڱڻ وٽ.

٣ـ سَدائين آمونڪي وِرُونهَن سَنديَس، سَاريو روزُ سَاريان آئون سُونهن سَنديس،
چَنچل مَوهـٽـي چال او ڪانـگـلـڙا، مُنـهـن جي نَازڪِ نرمـل لاڳـڻ لُڏڻ وٽ.

٤ـ وَصل لاءِ وَٺي آ ڪِيانتا[١] ڪوڳُڻ[٢] ٿون ـ چَوي جيڪي سُهٺو ڳَن ڏيئي سُڻ تون،
شَاد هُجين شَال او ڪانـگـلـڙا، سـويَارو ٿـي آءِ تـون مـنـهـن جي آتـڻ وٽ.

٥ـ سڪڻ نينهن لاڳڻ مُونڪي سِيڪاري ـ پِرين پَاڻ وِهندو ٿنهن ڪي ڪِيئن وِساري،
هُونـدي سِڪ سَنـيـال او ڳَانـگـلـڙا، مُون ڪان اَعجاز چئي پِيـٽـي هَڄڻ وٽ.

ٿلهه: ڪِٿ ڏِنا تو وي ڳانگ ـ آڄ ڪلهه ڏي ڳا سُڏ سڄڻ جي.

١ـ ڪَهڙي قِبلي ڪَهڙي ڏس تي ـ سَندن آهن سَانگ ـ آڄ ڪلهـه ڏي ڳا سُڏ سُڄڻ جي.

٢ـ آچي آچانڪ اُيـري مـن ۾ ـ طَـلـب ڏاڍي تَانـگـهـه ـ آڄ ڪـلـهـه ڏي ڳا سُڏ سُڄڻ جي.

٣ـ اُڏر ڳَانگل چڙهه آڪاسين ـ ڍُونڍ چَارئي دَانگ[٣] ـ آڄ ڪـلـهـه ڏي ڳا سُڏ سُڄڻ جي.

٤ـ ڪـونـه سُڪي مِن ڏيهـه ۾ تِن ري ـ بِرهـه وَاري بَانـگ ـ آڄ ڪـلـهـه ڏي ڳا سُڏ سُڄڻ جي.

٥ـ ڏِس اَعجاز چئي رِيءِ پرين جي لڳي لُڇڻ جي پَڪي لانگ ـ آڄ ڪلهه ڏي ڳا سُڏ سُڄڻ جي.

---

(١) ڪيانتا: پيغام پهچائيندڙ　(٢) ڳُڻ: انجام، ڏينهن　(٣) دَانگ: دَڳ

ٿلهه: ڪَنگَن جون ٻُڌم ڪُوڪُون، تہ مونکي هَنج ياد آيا،
انهي جي معنيٰ اي يارو، سُخن جا سَنج ياد آيا.

١- وَري جو ڪانئرن وارا، ڏٺم چنج روز چلڙن ۾،
اَمُل موتين پريا مُعطر، هَنجن جا چُنج ياد آيا.

٢- سُخن جا سَنج سي آهن، سُخن شِيرين سدا جن جا،
سُڻي واروسٽي ڪوجي، تہ آج سي گنج ياد آيا.

٣- مِلن اهڙا بہ ماڻهون ٿا، ڪَلهن هن زندگيءَ ۾ جو،
جَڪهن سي ياد آيا جي، تہ جهڙا تُرنج[1] ياد آيا.

٤- ڏٺم مَحبوب جي رُخ تي، جو ڪارا ڪي ٻہ تي تِرهُو،
تہ تهہ پهہ دل منجهان، اُيري يَمن جا زَنج[2] ياد آيا.

٥- تو سُهڻي جا تہ عاشق ڪئين، اُنهن مان تنهنجا اي سُهڻا،
ڪِني ڪي سَهنج ياد آيا، ڪِني ڪي آهنج ياد آيا.

٦- هَنجَن وٽ حال جي هُئي هُئي، ڪَنگن وٽ ٿال جي هُئي هُئي،
هِن ڪي قُرب يناد آيا- هُنَ ڪي رَنج ياد آيا.

٧- پکين جي پرک وارن کان- ٻُڌو اعجاز هيٺئن هر پَل،
هَزارين هَنج هُوندا پَن، آسانڪي پَنج ياد آيا.

(١) ترنج؛ ڪنا (٢) زَنج؛ يمن جا ڪارا ماڻهو (حبشي)

ٿلهه: اُڪر ڪانگل وڃ اوڏاهين- جاڏي آ منھنجو جانب يار.

۱- ڏس ڏيکين تو آئون ڇتي جا- ماٺڙو مهانگا آلٽي اُتي جا،
سِڪ گهٽي ڪا سان سنباهين.

۲- ڪَسِ ڪمر ڪر ترت تياري- پنڌ پري آ منزل ڪا ڀاري،
لڪ تان ڪِٽ ورچي لاهين.

۳- تمي ڪمي وڃ ڏاڳ نر تڳون- پائي ڳچيءَ ڳل پاند پرتڳون،
دَر دلبر جي مون ڪان ڏاهين.

۴- آئون ٿو ڀعاريان واٽ اڳهن کي- آن سِگهو تون مُنهنجي سڄڻ کي،
سو ڏيندو سِٽين جيڪي تون چاهين.

۵- آهيان اعجاز ڇتي اُڪنيو آئون- تڏهن ڪريان ٿو توکي صدائون،
خالي نه ورجان ائين ڪِجاهين.

ٿلهه: هي عشق پکيئڙو هت آندو- ڪِيئن سر وهي ورهه ڪان واندو.

۱- ڪن نه لاٿي هي ڪا ڪماٿي- آهي ڏاڳ ويراڳ لاءِ ماندو.

۲- جيڏهن ٽاٿيس تيڏهن ٽانگهي- آهڙو مارِيءِ وِڏس ڪو ٽانڌو.

۳- من نه ڳڏائي مال مايا سان- هن ماڳ ڪي جاٽئين مانجهاندو.

۴- وٽي وڳر ڪان وڇڙيو شام اعجازا- ڪونه جانان ڪڏهن لٽي هيڪاندو.

قلم: ٻيلم ٻگهن سان ٻَهي وو يار- پرت پکيئڙو پاري هليو ويو.

١- سال ساڪن هو هِن ٿِي سَر ۾- سُر نه ڪَيُس ڪَنهن سَهي وو يار.

٢- لاٽيون سَباجهُون لنوَندو لنوَندو- ڪَالمِهتان ويو ڪَهي وو يار.

٣- آنا احــــــمد بلا ميــــمي- ٻَر ۾ ويڙو ٻَهي وو يار.

۴- آدم اولي سَمجه اعجازا - رُوپ انــهيءَ ۾ رَهي وو يار.

قلم: پرت جي پَنڌ پَساري جو- آنت نه آهي گانڻر گنگن ڪي.

١- سَوز نه سانيئُون سِيني ۾- هِن سات سگر سُونهاري جو.

٢- گپر مٽي ڪَن گُوڪون گَڙيون- مَنجه نه لهن منجداري جو.

٣- يَاد نــه ڪَيــائون يَوم قيـــامـت- وهه وَرِين ويـــساري جو.

۴- اُڪنڊ اُڊو اعجاز مـنجهن ڪـي- آصـلي مَاڳ اوٽاري جو.

ٿلهه: پکيئڙا اڱالهه سَل پوري - ڪِٿي ساري سَنگت تُنهنجي،
وِيڳاڻو چو وَتين رُوح ۾ - ڪيڏهن وَڪي لڳي لنوت تُنهنجي.

۱- توسان پُر پيچ هُئا جن جا، توکي نت ناز هو جَن تي،
ڪِٿي آهن اُهي اَج سي، ڪِٿي سا مَوج مَت تُنهنجي.

۲- اُداسيل دِل اڪيون صُورت، بيرا ڳيل حال ۾ حيرت،
ستوهيل سَرس پَکي ڏسجي، رَنجويَل رُوءِ رَنگت تُنهنجي.

۳- ڪِٿان آئين ڪيڏهن وينديَن، اِها ڪا سُڌ سَچي ڏينديَن،
اَصل تُون ڪَهڙي ڪَر دَم سان، اَصل ڪَهڙي ڪِرت تُنهنجي.

۴- وِساري وَطن وَڪارون، آچي ويٺين ويرانن ۾
سَنيارج سَبز سَر ساگيا، اُها آجوءِ جَنت تُنهنجي.

۵- سُهم سختيون سِتم هاڃان، آهن اَنڌ ڌُنڌ اَعجاز اِهت،
نَظر نَاهي سُڃاپي ڪيئَن، ذَاتو ذَاتي صِفت تُنهنجي.

ٿلهه: چٽو تہ عَجيبن چيڙڪي ڪانگل چا چا،
مِلندا ڪڏهن مانُ پَريا، مُونسان مُحب مِٺا.

١- وَڃن اَڄن ۾ دير تہ توکي - ڪانءَ لڳي ٿي ڪِيانتا،
وَڃ وَڃي هُتان وَر سگهو هِت - آڻ پيغام پِيرائتا،
وَاتان ٿُنهن جي چِيٺن ٻُڌان - وَاڌايون وَهوا.

٢- اُڪنڊِئي عاشق جو اي ڪانگل - عَرض نِيارو ڻي سَلجان،
نِيا پو اُت هي نِياز آدب سان - سَمجهہ وَاروڻي سَلجان،
ڏاڍا سِياڻا سَمجهو آڻئي - هُو سانول سُونهن وَندا.

٣- ڪوڳن وَڻي آڄ پرين ڳان - تہ پِياريئين مِصرين پاٺي،
اِنصاف اِنهي ۾ ڪانگ ڏيئين - هِيءَ ساري حاڪيمائي،
پِيو جيڪي طَلبين حاضر ڪَريان - وَاعدو توسان آ.

٤- زاغن ۾ تُون زاغ[1] نِرالو - تُنهن جي ذات اُتاهين،
سَنيها سَنديسا ثابت ڏِين تون - خِيانت ڪانءَ رَسائين،
جُو ڪُجهہ چيڙڪي پاڻ پرين - سو ڪُجهہ چٽي ٻُڌاءِ.

٥- خاصو خِبرائيل تُون ڪِيانتا[2] - تُنهنجون خَبرون خَيري،
قُرت وَارن جي بہ آ توکي - چِنتا اون جَجهيري،
عَاشقن جو اَعجاز چوي - تُون سانئي سَنگتي سَدا.

(١) زاغ: ڪانگ (٢) ڪيانتا: پيغام پهچائيندڙ

تلم: آهي ڪِرت ڪانگل تُنهنجي قاصدائي، وساري نہ ويھ سا پَنهن جي پَر پُرائي.

۱- ناماں نينهن جا آهن، آئون قرض توڙتي،
تندا پيا ڪِي ناهن، تائون قرض توڙتي،
ڄاڻي ڄاڻ سَڀ تون، پورو ٿي نہ ڄاڻي.

۲- هِتان جا هُتان جا، چتان چئو چيتاري،
ذرو ڪر نہ ضايع، سمورا ڏي ساري،
سنيھا نياپا، ڏوري ڏيھ ڙهائي.

۳- اِهي ڀال ٿورا، مُون تي ڪانگ ڪر تون،
سِڪاين جا سولا، سُوري سانگ ڪر تون،
مِلن محبتي مَن رَچي رَس رهائي.

۴- ڏوريءَ جا اعجاز چئي، وچان ڏنگ ويڙا،
پورهيا پَنڌ تنهنجا، پَڪي ثاب پيڙا،
اصُل ڪان توکي آ، دُعا عاشقائي.

ٺلهه: ڪنهن پرپرينءَ ايندا وري- ڏي ڪانگ قاصد سُڌ صحي.

۱- موهي مُونکي جن مست ڪيو- وڃڙئي تني ڪان وڪت ٿيو،
گُوندرن ۾ گهارڻ پس پيو- تن ري سڙي سِڪ ۾ هري،
ويهي رِجائي مُون وهي.

۲- اُڪنديو اندر آرواح آ- وسريو وطن وڪراهه آ،
شاهد گواهه الله آ- ساري سڄڻ ويندو مري،
پَهه سُور پنهنجي پر ۾ پهي.

۳- ووءِ ووءِ ڪيم خفقان ڪان- ڇرَ ٿيا خفا ناتوان ڪان،
اِنهي وڪي آرمان ڪان- آيا اکين گوڙها ڳري،
سي ڳل ڳڙي پيا جهولي لهي.

۴- اعجاز آئون جيان نه جيان- هُو خُوش هُجن صدقي ٿيان،
شل حُب سَندن ۾ دم ڏيان- بي ڪانه پانيان ٿو ڳري،
مَن مُئي پڄاڻان آچن ڪهي.

ٺلهه: نَاسُوت[1] جا پُوڄاري - ڳَر لاهُوت جي تياري،
اُها جُوءِ اصل آ تنهنجِي - ڪِيئن تو ويهي وساري.

١- هَڻ وَٽ ڪي هت لڳي وئين - هَيا[2] حيف آهي توکي،
تَڪ تور تَرازي ڇڏ تون - تنهنجو مرڪ ناهي مَراري.

٢- جِيڏهن نظر تنهن جي ناهي - تيڏهن موليٰ پاڻ آهي،
شڪ وهم شبها لاهي - ٿي پرت جو پاساري.

٣- حِلمُ النائِم[3] حديث آ - حَضرت سندي حقاني،
(٥٥) اڄ اڄوڪن صوفين ۾، وڏو ڏوهہ نمان،
ايڏي اِنهي ڏوهہ کي، تون مَ ڇڏج اعجاز،
هُو مَرَ هُجن شعبان تون جهرڪي تہ جهرڪي ٿي سهي.

(٥٦) اڄ اڄوڪن صوفين کي، رنگ گيڙوءِ تي زور،
سي اندر ڪارا اهنڪار[2] سان، شاهي ڪريو شور،
اڇيو چون اعجاز کي، اسين آوران آور،
تو وٽ ناهي طور، تجويزي تصوف جو.

(١) راسخ: رڱيل، پڪو سچو (٢) اهنڪار: هٺ، وڏائي

(۵۷) اڄ اڄوڪن صوفين جي، هن ڳالھ ڏنيم حيرت،
جنهن وڃائي غيرت، سو سڃي هيڪاندو حق سان.

(۵۸) اڄ اڄوڪن صوفين ۾، وڏو گوڙ گُنوار،
اُنڌي عقل آهنڪار ۾، آهن غرق غار،
عِلت غفلت آرس ۾، آهن تار و تار،
نڪا نرت نام جي، نڪي نام مٿان نثار،
وڃايو وتن وتار، اڳين وارو آعجاز ڇٽي.

(۵۹) اڄ اڄوڪن صوفين کي، رنگ گيڙوءِ تي ذوق،
نڪا تار طريقت جي، نڪي شريعت شوق،
نڪا سُڌ حقيقت جي، نہ معرفت ڏي منهن موڪ،
وتن ٺڳائيو لوڪ، تجويزي تصوف سان.

(۶۰) پاڻهي وڃڻ پاڻ کي، صوفي سکيا جي،
آهي انهن کي، پورو پڳڻ پريت جو.

(۶۱) پاڻهي وڃڻ پاڻ کي، سندو سچن ڪم،
ناهي دعويٰ دم، اِتي ڪنهنجو آعجاز ڇٽي.

(۶۲) پاڻهي وڃڻ پاڻ کي، مشتاقن مرڪ،
تنهنڪي ڪن ترڪ، جا سکيو رکي ساھ کي.

(۶۳) حاضر حال وصال جا، عاشق آشنا،
انهن آمنا، مٿي ڪانہ مرڻ جي.

(٦٤) مجي ڪانہ مرڻ جي، تن ڳالھ ڪٿھن ڪائي،
ھر مري تہ گرو مري، اٿن خُوءِ اھا ئي،
جھليئون جوءِ جائي، آڪالي اعجاز چئي.

(٦٥) مجين ڪونہ مرڻ ڪي، ڪيئون سر صَحي،
ٿيا گم گرُوءَ ۾، ڪا پڙي ڪَٿي،
رَمزُن منجھ رَھي، مارا ٿيا موت جا.

(٦٦) مجين ڪونہ مرڻ ڪي، مردن اِيءَ مَٽيا،
سُبحَان الذي آسريٰ، باقي ذات بٽيا،
واحد ڪي وٽيا، ڪونھي ڪال ُ انھن تي.

(٦٧) مارا ٿيا موت جا، حال وَندا ھر جاءِ،
ڪال نہ اچي ڪٿھين، تن جُنگن سندي جاءِ،
اُھي تائُم يانءِ، دائم دُر اعجاز چئي.

(٦٨) دائم دُر اعجاز چئي، ڪُل جڳ ۾ ڪامل،
شَفقتون ڪن سڀ تي، سڀ سان ٿي شامل،
سي نامیارا نامِل، ھادي ھر دوجھان ۾.

(٦٩) ھادي ھر دوجھان ۾، ھيٺن سان حامي،
پاڇھون پاڇھارن جون، محڪم مدامي،
غم جي غمامي، لاھيو وجن لڪ ۾.

(١) آڪالي؛ تا حيات، موت کان آجو

(٨٠) هادي هر دوجهان ۾، هيٺن جا همراهه،
ناقص نوازئا، پَستن پُشت پناهه،
بي واهن جا واهه، آقا آڙين اعجاز چئي.

(٨١) هادي هر دوجهان ۾، حامي هيٺن سان،
آهن اهي اعجاز چئي، هر مُندا مهران،
تني کنان جان، آبادي کل عالم جي.

(٨٢) هادي هر دوجهان ۾، آمون ۽ اکسير،
آهن خود اعجاز چئي، قدرت ۽ تقدير،
تن اڳيان تدبير، ملائڪ ڪانه ملهين.

(٨٣) هادي هر دوجهان ۾، پار وڏي سان پِرَ،
سبحان سِر انهي... هو سبحاني سِر،
ڪن عطائون ڳُ...ي، ڪُل مٿي قادر،
محبتي ماهر، معرفت واري ملڪ جا.

(٨٤) ڪشف ڪرامت ڪانيءَ جي، اها اوراهين حد،
حد ڇڏي هاديءَ ڪي، لوچج مَنجهه لاحد،
آن اَتان اعجاز چئي، ڪا سچي سُڏسَند،
آزلي پاري عهد، ٿي مَحَض گم محبوب ۾.

(٨٥) ڪشف ڪرامت ڪانيءَ لاءِ، مورڪ ڪڙهيو ڪڙهن،
ڪوڙي فن ڪردار ۾، ابليس جيئن آڙن،
عاشق ٿي الله جا، چونه چوٽن سر چڙهن،
اڪر ادائي نه پڙهن، عشق وارا اعجاز چئي.

(٨٦) ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ ڪي، ويجهو ڪيم وجيج،
اِهي تول آعجاز ڇئي، پورا ليئي پڄيج،
سِر فدائي سالڪيءَ ڪي، محبت سان مڃيج،
لِي سَاجد سِر سَڄيج، اوڳا اڳيان عشق جي.

(٨٧) ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ تي، بانور ڪوهه ڪرين،
تنهن واحد کي نه ڳُهرين، اِهي وڳون جنهن واحد جون.

(٨٨) ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ تي ڪيئن ٿا بانور ڪن،
اهي وڳون جنهن واحد جون، تنهن کي ڇو نه ڳُهرن،
فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم جو، وساريو فهم وتن،
ڪير ڇوي سچ تن، جن جو ناهي عشق الله سان.

(٨٩) ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ ڪان، پنهنجو پلج پاڻ،
اهي صفتون آريتيون، سڀ سائينءَ سنديون ڄاڻ،
عاشق ٿي اعجاز چئي، سچو سر سڃاڻ،
ڄڻي ڏاهپ ڏاڻ، ماڻ مشاهدو حق جو.

(٩٠) اِهو نه حال حقيقي جِيئن پراوا پرکين عيب،
پنهنجو پاڻ پروڙتون، ڇڏيا ٿند فريب،
جي گم ٿيا منجهه غيب، تن ڇاتو سڀ ڪنهن ڄاڻ کي.

(٩١) ٻَن ڪشف ڪرامت ڪي، ٻَن پاراتو پِٽ،
عاشقن اعجاز چئي، ڳَنئي نه ڪولي ڪِٽ،
پڙهيئون سِکڻ سِٽ، ٻيو حرف نه ڄاڻن هيڪڙو.

(٩٢) اِهو نہ حال حقيقي، اهو نہ خيال خدائي،
كرين جُفارن جو تشين جان، كوڙي كمائي،
عشاقن واري اعجاز چئي، تو كي موج نہ آئي،
چڏيو سڪ سچائي، ٿو پاڻ پوڄائين پانهنجو.

(٩٣) اِهو نہ حال حقيقي، اهو نہ خدائي خيال،
ڪرڻ كرامت كاني ء جو، هڏهن ناهہ حلال،
اِهو ابليسائو حال، آهي مخالف عشق جي.

(٩٤) اِهو نہ حال حقيقي، اهو نہ عشاقن آثار،
جيئن وينو پاڻ پوڄائين، كوٺايو كرامت دار،
اهو ابليسائو پار، آهي مخالف عشق جي.

(٩٥) اِهو حال نہ حقيقي، اهو نہ عاشقن مَرڪ،
ابجد واري اسرار تي، هاريا كيم هِرڪ،
موحدن وانگي آعجاز چئي، كر كوڙي كٽ ترڪ،
اهو اندو دَرڪ، آهي مخالف عشق جي.

(٩٦) نقش كنهن نيهي ء جو، شوقئون كر شامل،
بَندو بَردو برهہ جو، تي عابد ۽ عامل،
عشق جني كامل، سي كنهن كان كنبن كينكي.

(٩٧) مورت پير محقق جي، صورتسيني سماءِ،
كري تسليم تنهن كي، حاضر رُوءِ رهاءِ،
انهي سان آعجاز چئي، روح رهائي لاءِ،
پرت سان پچاءِ، نقش نظارو حق جو.

(١) موحدن؛ خدا كي هڪ مڃڻ وارا

(٩٨) هو جو گيٺڙا جامع، هئا هيرا ڪ حق جا،
رهيا شامل شريعت سان، طريقت تابع،
هينئڙا تن جا حقيقت تي، روح رب ڏي راجع،
من اُنهن جا واسع، ڪيا مام معرفت جي.

(٩٩) نه مون جمال نه ڪمال ڪو، نه مون حال نه خيال،
ڪهڙي پَر ٻسان پاڻ کي، آئون سڏايان لال،
جي پلو ڪري پال، ته آچارو ٿيان اعجاز چئي.

(١٠٠) نه مون جمال نه ڪمال ڪو، نه مون حال نه هوش،
ڪهڙي پر سان پاڻ کي، سڏايان سُبڪدوش،
تنهن ڪري آهيان خاموش، اگيان هر ڪنهن اعجاز چئي.

(١٠١) نه مون جمال نه ڪمال ڪو، نه مون حال نه حَريفائي،
آهيان نِسورو اعجاز چئي، جاهل غافل جائي،
اصل مت نه آئي، مونکي مان ڪرڻ جي.

(١٠٢) نه مون جمال نه ڪمال ڪو، نه مون خوف نه خوشي،
اچيو خوشامدڙيا اعجاز چئي، هر هر ڏين ھُشي،
تن جي دَونس دُسي، مونکي ڪندي ڪانه ڪا.

(١٠٣) نه مون جمال نه ڪمال ڪو، نه مون حال نه هيچ،
تون ڏاتر ٿلي کي ڏيج، ته مرڪايان مُنهن اعجاز چئي.

(١) سبڪدوش: آزاد، بيگناه

(١٠٤) جڏهن هيڪائي هيڪ هئي، نه هو ويڇو وان،
اهو تڏهن اعجاز چئي، ڪٿي هو تڪران،
جيڪو هاڻي بار بار، واريو وڃين وچ ۾.

(١٠٥) جڏهن هيڪائي هيڪ هئي، نه هو ويڇو وڇور،
اهو تڏهن اعجاز چئي، فتنو نه هو فتور،
جيڪو هاڻي ضرور، آڻيو ٻڃين وچ ۾.

(١٠٦) جڏهن هيڪائي هيڪ هئي، نه هُئي وار جُدائي،
اِها تڏهن اعجاز چئي، هُئي ڪٿي ٻيائي،
جو هاڻ متايو وائي، تو وَڏين اندر ويٺن سان.

(١٠٧) دل جي رمز رفتار کي، حاصل ڪل ڪمال،
جتي پير نه پڄڻا، اُت ماڻي دل وصال،
بيشڪ آهه بحال، ميلو معراج دل سان.

(١٠٨) دل جي رمز رفتار کي، سمجهه بُراق بجاءِ،
ذرو گهٽ نه پاءِ، دل جي وڃڻ ورڻ کي.

(١٠٩) دل جي رمز رفتار کي، ريلون ڪين رسن،
ڪوهه ڪروڙين پَل ۾، دليون ڪن ملن،
ڳالهه عجب اعجاز چئي، پوءِ جيڪي جيئن سمجهن،
حضور ٻه حاصل تن، جن دل ملائي دلبر ڏي.

(١١٠) جي دل نه هلي دلبر ڏي، ته پيرن کهڙو وس،
وِک نه کڄندي هڪڙي، توڙي ڳهاڙو هجي ڳس،
عضوا سڀ آوس، آهن بردا دل جا.

(١١١) دل جي حال خيال جي، دل وارن آگاهه،
دل به مانند ماٺ جي، ٿي رکي شکل شباهه،
ڪَن اڪيون آعجاز تنهن کي، سر منهن ساهه پساهه،
اسم جسم لهو لحم، ۽ رنگ سفيد سياهه،
دل سان ملي دل کي ٿو، علم عشق اٿاهه،
آهيان آئون به گواهه، دل جي دم درجات جو.

(١١٢) ٻجهلو تاريڪي ۾، احمدي اهڃاڻ،
سونهن سهائو سوجهرو، سالڪ سمجهه سڃاڻ،
آهي پاڻ آعجاز چئي، ٻيو مور نه ڄاڻ،
ماڻ صبر سان ماڻ، پَر ۾ مشاهدو پرين جو.

(١١٣) قلب قنديل جن جو، چٽ چراغ مثل،
نورٌ علـيٰ نور جو، تن ۾ تيل تجل،
انهن کان آعجاز چئي، پرين نه پري پلُ،
تني متي تلُ، حرف نه هو تاڻ جو.

(١١٤) قلب قنديل جن جو، ڏيئي مثل ڏيل،
اندر ٻاهر اُن جي، جملي نور جميل،
آئيو ڪيم آعجاز چئي، تن ۾ شڪ دليل،
ڪوهياري ڪيچ ڏٿيءَ جو، سوجهيو وطن سبيل،
آرياڻي اصيل، لکو نه لوچيندن کان.

(۱۱۵) هيئُون هلي جن جو، سي پيرين پنڌ نہ ڪن،
ٻي پا هليو ٻرهہ سان، پل ۾ ڪيچ پڄن،
ڪوهہ ڪشالا ڪرڻ جي، ناهي محرم مٿن،
سي جيڏهن اک ڪٽن، تيڏهن پسن پُنهون کي.

(۱۱۶) هيئُون هلي جن جو، سي پيرين ڪن نہ پنڌ،
هلي ڳاڙهو ڪو ٿيون نه سڀ...

هلي ڳارڻ هوت، جي ڪونہ پڄن ڪو هنڌ،
جيڏهن ڦيرين ڪنڌ، تيڏهن پسن پنهونءَ کي.

(۱۱۷) هيئُون هلي جن جو، تن جي پيرن تان پنڌ معاف،
اصل ناهہ انهن تي، ڪوهہ ڪشالو ڪاف،
ائين اعجازؔ اتو چوي، صاف صفا مصحاف،
آهي سڀ انصاف، دل جي رمز رفتار کي.

(۱۱۸) هيئُون هلي جن جو، تن وڪان ويجهو ڪيچ،
پيرنہ پڄن پنڌ کي، نڪي پيو پهہ پيچ،
اشارو هي اعجازؔ چئي، سمجهي ٿي سر ويچ،
منجهئُون وجي ميچ، هينئڙو هوت پنهونءَ سان.

(۱۱۹) هيئُون هلي جن جو، تن وِڪان ويجهو هوت،
هاڙهي حَب هلڻ جو، ان تي ڏمر نہ ڏوت،
نڪي مٿن موت، نڪي قيد قبر جو.

(۱۲۰) هيئُون هلي جن جو، تن وڪان ويجهو وڻُ،
ٻي پا لنگهي ٻر، پسن سي پرينءَ کي.

(۱۲۱) هيئون هلي جن جو، سي سدا حضوري،
ناهي دم دوري، آريائيءَ جي اُن کان.

(۱۲۲) هلڻ هئين سان هوت ڏي، هاريون حق ٿيو،
جڏهن هينڙو هلي پيو، تڏهن لٿو پنڌ پيرن تان.

(۱۲۳) ڏوريو ڏوريو ڏونگر کي، جيئن وريو ڏوريان،
تہ بہ اُهائي ڳالھ آعجاز چئي، آئون نہ ٿي اوريان،
کھڙي منهن چوريان، ڳجهي ڳوڙهي ڳجھ کي.

(۱۲۴) ڏوريو ڏوريو ڏونگر کي، وريو ڏوريان جيئن،
تہ بہ ڳالھ اُهائي آعجاز چئي، تهڙي آهي تيئن،
کھڙي منهن سان کيئن، کريان پڌري پاڻ لاءِ.

(۱۲۵) ڏوريو ڏوريو ڏونگر کي، ڏوريان وريو وريو،
تہ بہ ڳالھ اُهائي آعجاز چئي، نکري سيني مان سُريو،
جيکي مون مَن گهريو، سو مون ٿي من مون کي گهري.

(۱۲۶) مُنھنجيءَ مات نہ اچڻي، کنهنءَ قرار نہ ڪرڻو،
ڏيهان رات ڏکن جو، ڏونگر پيس ڏرڻو،
کيچان اوري آعجاز چئي، نا ويچاريءَ ورڻو،
ٿيس نالي ماتر پرڻو، سچو سهاڳ، نہ سنيري.

(۱۲۷) هٿ نہ جانب مئيءَ، جو هٿ نہ جياپو،
نکي سين سڄڻ کو، سڱ نہ سياپو،
پنهنجا اوري پاڻ سان، سور پرينءَ کان پوءِ،
کٿڻ چڏيئين کاپو، آتڻ ارڻ آعجاز چئي

(١٢٨) نڪي الم ست ڪو، نڪي الم رات،
ته به چون پيا ڪت، صبحانڪي صبوح لاءِ.

(١٢٩) نڪي الم ست ڪو، نڪي الم عقل،
ته به چون پيا ڪت ڙي، پوري هڪم پل،
اچ الي ڪر ڳل، صبحانڪي صبوح لاءِ.

(١٣٠) نڪي الم ست ڪو، نڪي الم سُتَّ،
نڪي آتڻ ارٽ، نڪرات آعجاز چئي.

(١٣١) هينئون هلي جن جو سي پير نه پٽ پائين،
نڪي ڏورن ڏونگر ڪي، ڪيچ نه پڇائين،
وِڪان ويجهو پائنين، وصل وراڪو پنهون، سان.

(١٣٢) جنهن جو مثل نه مثال ڪو، نڪو آر نه پار،
اتي جو آعجاز چئي، ديڪيندي ديدار،
پيا وير وماس ۾، پائي حيرت هار،
تن ڪان ڪال تهار، ڏوران ٿي ڏور پڇي.

(١٣٣) جنهن جو مثل نه مثال ڪو، صفت نا صفات،
اسم جسم ٿيو اور تي، تون اڳتي ڪر اثبات،
پاءِ حقاني حق ۾، جهاتيءِ منجهان جهات،
ته بقا واري بات، اچئي هٽ آعجاز چئي.

(١) وماس: حيرت ۾

(١٣٤) جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، نڪا موت مقال،
اتان جا آعجاز چئي، پيا جني ڪي جال،
تني جيءُ سنيال، حاصل مونکي حال ٿيو.

(١٣٥) جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، تنهنجو مزو مان،
عقل ۽ دليل کان، اڳتي ڄاڻ اُمان،
اُتان هين ڪا آن، اونهي خبر آعجاز چئي.

(١٣٦) جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، تنهنجا مان مزا،
سزا ۽ جزا، اُتي آهي ڪانہ ڪا.

(١٣٧) جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، نڪي روپ نہ رنگ،
آديسي ويا اوڏهين، منجهئون ڪري مَنگھ،
هتي پَرُنہ ڦنگھ، لڳي لاهوتين جو.

(١٣٨) جنهن جو مثل نہ مثال ڪو نڪو رنگ نہ روپ،
نڪا ڇانو نہ ڇت ڪا، نڪا اس نہ ڊوپ،
ڪو قلندر ڪُوپ، ويندو اُت آعجاز چئي.

(١٣٩) جتي آهہ نہ ناهہ ڪا، اتي لڏم لاهہ،
اڳيرو آعجاز چئي، نامہ هلي ڪو ناهہ،
رک اها ساڃاهہ، جنهن سان پسين پرين ۽ ڪي.

(١٤٠) انتن ليکي آدمي، بسچن ليکي سائين،
آهي ڳالهہ سڀ ڪنهن جي، پنهنجي سمجهہ تائين،
سائين ۽ ڪي جيئن پائين، آهي تيئن آعجاز چئي.

(١٤١) انتن ليکي آدمي، سچن ليکي الله،
جنهنجو ڏسڻ جيترو، تيترو تنهن ويساهه،
اتن سچن ۾ اعجاز چئي، فرق اهوئي آهه،
هن مٽو کيو ساهه، هُن لاٿو سانگو ساهه جو.

(١٤٢) اکين سچا کوڙئين، قلب سچا قليل[1]،
اها جوڙ اعجاز چئي، جوڙي رب جليل،
کجي ڪِٿ اپيل، قلب سچن جي قحط[2] جي.

(١٤٣) هڙ حقيقي حال جي، کنهن ڏني کتان آئي،
جا پائي پيدا ٿي پئي، سا کنهن جي ڄاڻان ڄائي،
کانهي پرائي، آهي پنهنجي اعجاز چئي.

(١٤٤) هڙ حقيقي حال جي، جن پاڻ منجهان پاتي،
انهن سِر اعجاز چئي، کُرَن کُر کُر لاتي،
کو آهي پڙپاتي، جو چوي سچ سڙين کي.

(١٤٥) هڙ حقيقي حال جي، جنهن منجهئون منجهه لڌي،
اچي تنهن تي اعجاز چئي، کُرگن گهوري بڌي،
سچي ڳالهه سِڌي، چئي کير کُرن کي.

(١٤٦) هڙ حقيقي حال جي، جنهن لڌي جن،
تهن منجهان تن، ملي بشارت حق جي.

(١٤٧) هڙ حقيقي حال جي، جن جڏهن لڌي جيئن،
تن تڏهن ڏني تيئن، هر کا گواهي حق جي.

(١) قليل: ٿورڙا (٢) قحط: ڏکار

(١٤٨) الله وڏو طامع، جنهن ٻُئي جڳ جوڙيا پان لئه،
اُتس سدائين اک ۾، جهان جملي جامع،
مٿس ڪو مانع، اسان نه ڏٺو آعجاز چئي.

(١٤٩) الله وڏو آئُو، جنهن ٻُئي جڳ جوڙيا پان لِئه،
ڪون ٿئي ڪو تر جيترو، تنهن منجهه طامائو،
جو ٿيندو تا ڪائو، تنهنکي سائين سَهندو ڪين ڪي.

(١٥٠) مڱڻي دران نه مڱ، مڱ دران ڏاتار جي،
اهڙو ٿي آهه آعجاز چئي، لائي ڏسي نه لنگ،
راول دران رڱ، جن لڳو سي لعل ٿيا.

(١٥١) روضي ڏٺيءَ رڱيا، ڪوڙئين ڪئين ڪا ٻوڙ
لکين لعل آبدال ڪيا، جانب سندي جوڙ
ڪاهوڙي اُتان ڪوڙ عاشق ٿيا آعجاز چئي.

(١٥٢) روضي ڏٺيءَ رچائيا، تا سيارا ڪئين توجه سان،
اندر جا آعجاز چئي، ٻولا ٻوت ٻچايا،
پيرل پُڄايا، اڻ لکيا انگڙا.

(١٥٣) روضي ڏٺيءَ جي رنگ رتو رول رلين ڪي،
حسن واري حڪام سان، ڀڳن هنيا ٻَنگ،
وارث وِڏا وَنگ، عشق سندا آعجاز چئي.

(١٥٤) محبت رکي من ۾، رَمَ روضي ڏٺيءَ ڏانهن،
اُتي عشق الاهي جو، اڪٽ آهي آنهن،
تنهن داتا در ڏانهن، ته اونائيي ڏانهن آعجاز چئي.

(١٥٥) محبت رکي من ۾، روضي ۾ ڏي ڏم،
اي در حسيني در آ، حُر سندو هر دم،
عجز عجيب آعجاز چئي، آئي نئي ۾ نم،
آن نہ غير وهم، پير مغان جي پڙ ۾.

(١٥٦) پريں آهي پترا، جي ڏلايون ڏکين،
بِنھ کين بهلول چئي، عيب بديون اُپٽين،
ظاهر باطن کنهنکي، مُنهن ۾ مور نہ ڏين،
لِلّٰہِ کارڻ ٿين، آجهو اوگهڻين جو.

(١٥٧) اوڏو وڃ مَ الله کي، نالو کوڙ وٺينس،
ذاتي صفاتي سگهڙا، ڇني سڀ ڇڏينس،
سلسلو سلام کلام جو، قطع تمام کرينس،
جڏهن رضا رکي تنهن جي، تڏهن رضاتون بر رکينس،
تهان پوءِ گهنڊينس، مولي من بحي الدين چئي.

(١٥٨) نڪو شِرِ شيطان ڪي، نڪو سحر وري،
نڪو جِن پرت کي، نڪو ديو پري،
هري رام هري، همہ آ آعجاز چئي.

(١٥٩) کنڌ ڏيئي کات کي، کنڌ ٿي پيو کات،
سچي آهہ آعجاز چئي، بيشڪ اها بات،
سمجهي اي سخنات، کر صاحب سوز دل جو.

(١٦٠) جيئن مرڻ هلاڪ ٿئي، برپٽ سمجهي آپ،
تيئن بندي بي بصيرت جو، آهي هوش حساب،
جو منجهس سر سيراب، سو مور نه پسي محيّ الدين چئي.

(١٦١) ڪڏهن دل درياء جان، ڪڏهن ڪسيء ڪان به ڪَسي،
ڪڏهن تارو تار وَهي، ڪڏهن آهه تَسي،
ڪڏهن رهي رَسي، ڪڏهن آرسي آعجاز چئي.

(١٦٢) ڪڏهن مُنهن پون، ڪڏهن پردا ڪن پريت لاءِ،
اڪر هئي آعجاز چئي، وڻيا مونکي سندن،
جيڪا چال چلن، سا مُباح محبوبن کي.

(١٦٣) دلبر واري دل لاءِ، ٿي پڳُ سجو دِل،
ته دلبر توتان دل، اصل نه لاهي آعجاز چئي.

(١٦٤) جيڏهن گهٽي گهُر، وڃڻ واجب اوڏهين،
اڻ گهُريا آعجاز چئي، ڪانه لهندا ڪن،
ڪري پڪيءَ جا پَن، اُڪر اُنهي پار ڏي.

(١٦٥) پارس ۽ پوتر، پرکڻ ناهن سگهُرا،
آهن لکل آعجاز چئي، اصلهه سچا گوهر،
ڪي در سچائن ڏُر ڪانهي جاڻ ٻين کي.

(١٦٦) عجب خودي عشق جي، عجب خُوءِ خيال،
عجب حال چال سان، عجب بات بحال،
عجب جوش جلال، عجب عجز آعجاز چئي.

(١) پوتر: پاڪ ڪرڻ

(١٦٧) پيتيون جن پُرڪري، وتيون ڪيف ڪکوهه جون،
اندر آڳ عشق جي، تن پارهيوئي ٻري،
سوري ءِ ري نه سري، انهن جي اعجاز چئي.

(١٦٨) آڇهي علي ؑ شاهه جي، عاجز جي آيا،
پڙ پوٽا انهن جا، ڍول پرين ڍايا،
پارس پهرايا، تنڪي پوت پريت جا.

(١٦٩) آڇهي علي ؑ شاهه جي، آءُ تہ لهين مانُ،
جوئي مڱندين سوئي ملندڪي، دران تنهن جي دان،
عَينُ اليَقِينُ اعجاز چئي، سيد سر سبحان،
انئي جي ايمان، تہ ڏيک نہ هيا در مڱتا.

(١٧٠) جي نہ سُڪائي ساهه کي، جيت ڪوريئڙي جيئن،
تہ اونهي مان اعجاز چئي، مڇ ُمارينديون ڪيئن،
سُرت سالڪيءِ سينءِ، پيهي وڃ پاتار ۾.

(١٧١) ڪاهه ڪلاچي ڪُن تي، گهاتو ڪري گهور،
ڪپر تي تون ڪيترا، پيو پڇائيندي پور،
اول ماري مڇ کي، پوءِ ڪج هيا مذڪور،
نہ تہ سندا وين سور، پيا چٽڪندئي چت ۾.

(١٧٢) ڪاهه ڪلاچي ڪُن تي، مانجهي ڪر نہ موٽ،
مَئي مَتي مڇ تي، چريو ٿي ڪر چوٽ،
عقل واري اوٽ، ايندئي ڪم نہ اعجاز چئي،

(۱۷۳) جيئن تارن ۾ چنڊ، تيئن لاکو جام لکن ۾،
سندس سخا جو گهنڊ، ٿو وڃي ويل هر کنهين.

(۱۷۴) جيئن سو پٽرو سج، تيئن لاکو جام لکن ۾،
کوڙئين ڪُرنشون ڪج، اڳيان تنهن اعجاز چئي.

(۱۷۵) لاکا تنهن جي لاڳ، لکين لوڪ نوازيا،
جاني پنهنجي سخا جي، وار اسان ڏي واڳ،
تنهن جي آهي آڳ، هزارن حاتمن تي.

(۱۷۶) نينهن جنهين جو نام، سو نفعو پڇي ڪينڪي،
الٽي چال عشق جي، الٽو سندس ڪام،
گهانگهي ڳلا ڳوڙسان، تنهنجو سير تمام،
عجب آهه اعجاز چئي، مونکي هي مدام،
نه صبح توڙي شام، نينهن ڇڪي پيو نانهه ڏي.

(۱۷۷) جو لائق ڪيئي لائق ڏٺي، تنهن لائق نه آئون لائق،
ادنيٰ آئون اعجاز چئي، تون فيض پريو فائق،
شاها هي شائق، تنهن جي ڳُڻن ڳنائيو.

(۱۷۸) هُو آ منهنجو حال، آئون پڻ حال ان جو،
هو خود خيال هن جو، هي آهُن جو خيال،
خيال ملي ويو خيال ۾، ميسر ٿيو وصال،
ڪندو ڇا مون ڪال، اڇي هان اعجاز چئي.

(١٧٩) محبت جي ميدان ۾، نہ ساهمي نہ سيٖن،
سود وصفا سر جو، ھيو ٿندنہ ڪوئي ٿيٖن،
پاءِ ايذاءِ پيٖن، ڇڏي حد حِساب جي.

(١٨٠) محبت جي ميدان ۾، سڌريا سر نہ ڏيٖن،
اجل سامهون اعجاز چئي، ڪي ڪي ڳڻي ٿيٖن،
نايو نايو نيٖن، عاشق سر اڏيءَ تي.

(١٨١) ڪارهن پائي ڪنڌ ۾، ڪِل خواري ڪن،
عشق سان اعجاز چئي، حقي نعرو هڻن،
وهمن سندو وڻ، وڍي ڪڍ وجود مان.

(١٨٢) ڪارهن پائي ڪنڌ ۾، ڳڻي قرب ڪماءِ،
ملهي مَرڪي پڙ ۾، محبت ڪي ملهاءِ،
ارڏو ٿي اعجاز چئي، پير نہ پُٺتي پاءِ،
لڪي تون نہ لڳاءِ، داغ پنهنجي پشت ڪي.

(١٨٣) جي سڪڻو اٿئي تہ سِڪُ، نہ تہ سڪ نہ پوءِ سنبرندين،
عشق سان اعجاز چئي، ٽاريءَ ٽاريءَ ٽڪ،
لائي لنئون نہ لڪ، اهو مرڪ نہ مشتاقن جو.

(١٨٤) مجازي موهيا ڪيترا، حقيقي موهيو ڪو،
هيءَ ڇڏي هُن ڪي، جاڳي رسيو جو،
سچو آهي سو، آديسي اعجاز چئي.

(١٨٥) جيئن ڇَمائي، ڇاپر ٻير جي تيئن مرض مجازي،
اِتاهين آعجاز چئي، ڪو گُوءِ ڪٽي غازي،
نہ تہ هزارين بازي، هاري ويا ان حرص ۾.

(١٨٦) ٻَرُوڙج پچار الستي هيءَ آعجاز چئي،
جن نہ سچاتو حق کي، متي تن نہ ميان،
مُنا سي مڪان، جي جائي جائوئي نہ ٿيا.

(١٨٧) محبت مشڪ عطر، جو لائي سو سُرهو لڳي،
هن جو هڪڙو تُرِ، هوڏهن ڪوڙ ڪستورين جا.

(١٨٨) محبت مشڪ عطر کي، لائين تان اڄ لاءِ،
نہ تہ صبحائي سيد چئي، ڪندين هاءِ هاءِ،
گهالو هڏ نہ پانءِ، ان قطري ۾ سيڪي ائئي.

(١٨٩) محبت آهي پاڪ، ناپاڪ آهين تون،
ٿيندين پاڪن پاڪ، انهيءَ جي اوصاف سان.

(١٩٠) محبت پاڪ ڪري، ڌويو دل وجود کي،
ائئي ائين آعجاز چئي، سڱج ڏيان ڌري،
جيڪو محبت ريءِ مري، سو مسلمان نہ مُورهين.

(١٩١) جو دم جيئين جڳ ۾، سو دم محبت ڪر،
محبت ڏاران ڪيڏهين، دم قدم نا ڀر،
ٻَلي لائين سان ڀر، پيو گهڙولا ٻرت جا.

(١٩٢) محبت مشڪ عطر جي، ڪهڙي ڪئورن ڪل،
جي ڏريا سدائين ڏوئيندي تي، ور ور پائي ول،
اُن تي آڇ اُڇل، ڪر نه اعجازا عشق جي.

(١٩٣) محبت ڪي مذاق، جي جاڻن ٿا اُن جان تي،
آهن سي اعجاز چئي، ڪوڙا ڪُزتزاق،
اُنهن جي اوطاق، وڃڻ واجب ناهه ڪي.

(١٩٤) محبت جهڙي ميٺ مان، جاتو ڪين جڻن،
لاشڪ شاهه اعجاز چئي، نصيب ٿئي نه هين،
جو مُنجهي منجهه جڻن، ماڪيءَ ڪان محروم ٿيا.

(١٩٥) جو دم جيئين جڳ ۾، سو دم محبت ونڊ،
ماندا ٿا منبل پيا، ماڳهين ڪيم منڊ،
خالي ڀنڊي ڀنڊ، ايندئي نه ڪم اعجاز چئي.

(١٩٦) مُعجزو محبت جو، مردا جياري،
تم جو اڪر اعجاز چئي، ٿو اُٺي سيڪاري،
پُرٿو پياري، ڪاسا ڪيف ڪڪوه جا.

(١٩٧) محبت جن جي من ۾، سي طالب توڙان تول
اُلوهيت ۾ اعجاز چئي، ڏٺي انهن اول
تن سر سنو نهن مول وحدت جي ونهاءَ جا.

(١٩٨) محبت ري، نہ ڪو، مليو محبوبن کي،
پِيُمِ اهو اعجاز چئي، پروهان پڪو،
حُب کي هَڪو تڪو، آ واصل حال وصال جو.

(١٩٩) محبت مرندي ڪانہ ڪا، ماڻهو مري ويندو،
ائين ٿيو آ ٿيندو، اڳي پوءِ اعجاز چئي.

(٢٠٠) محشر ڏينهن ميزان ۾، توريندا سڀ تول،
پاري محبت ٿيندي اُتي، منجهہ ترازي تول،
پوءِ ريزا لارول، هٿندا هٿ افسوس جا.

(٢٠١) حضرت حسن جناب، پاڻي پيچ قلب جو،
تُوت سُڪوت تنهنجو، رُون رُون راڳ رباب،
شهرت لاءِ شراب، اٿس مُفيد اعجاز چئي.

(٢٠٢) اک اک سان لاءِ، لوٽان مار مَلوڪ ڏي،
مچ مچائي من ۾، پيهي پان پچاءِ،
عشق سان اعجاز چئي، رِندي رمز رچاءِ،
عڪس پرينءَ جو پاءِ، عاشق دل اکين ۾.

(١٠٣) محبت مشڪ عطر، جيڪو لائي سو سرهو لڳي،
اهڙي ذات سوغات مان ڪاني آهي تر،
پر ڪو نعمي يار قدر، انا سن اعجاز چئي.

نامون نيهي يار جو

١- نامون نيهي يار جو، بسم الله سان آيو،
الحمدُلله اظهار ڪري، هيئن سڄڻ سمجهايو،
اِياكَ نَعبُدُ وَاِياكَ نَستَعِين، چئي ويچو وڃايو،
ڏيئي ٻن ٻيائي کي، حق هيڪڙائي پايو،
ٿي سونهون سونهايو، سِر صِراطَ الّذين جو.

٢- نامون نيهي يار جو، پنو سو پُرنور،
سُبحَانَ الذِي آسرىٰ بِعَبدِه منجهس سير سرور،
اِنَ قُراٰنَ اِلفَجر ڪَانَ مَشهُودَا، سچو سندس مذكور،
ٿئي پڙهندي تنهن منجهان، حاصل حال حضور،
پسن تنهن جو پور، ڪُنجي آهي قلب جي.

٣- نامون نيهي يار جو، پنو پاڪن پاڪ،
بسم الله جي بيان سان، آهي عبرت ناڪ،
ڏڪو دلاسو تنهن ۾، وحدانيت جو واڪ،
ٿو پڙهندي ڪري چاڪ، پردا جي ظلمات جا.

٤- نامون نيهي يار جو پنو پُر اسرار،
ري ء ڏيان دل جي، سمجهڻ سو دشوار،
منجهس هر مفهوم جي، معنيٰ مام بسيار،
جن جو سائس پيار، تن تي پاڻ عيان ٿئي.

۵- ٿامون نيهي يار جو، پنو آپُر سوز،
تنهن جي رمزن روز، منهنجو من مستان ڪيو.

۶- ٿامون نيهي يار جو، قدرت عين ڪمال،
ماضي حال قبل جو، منجهس جواب سوال،
عجب تنهن ۾ اعجاز چئي، خبر خوب خيال،
محبت ري ء محال، پڙهڻ پروڙڻ تنهنجو.

۷- ٿامون نيهي يار جو، لاثاني لاريب،
بليغ فصيح بديع سو، بسيط وسيع بي عيب،
الواحي احوالن سان، آهي علم الغيب،
توحيدي تلقين سان، تنهن جي سڀ تاديب،
عالم شاعر اديب، خط پريان جي خُماريا.

۸- جتي اکر الف جو، اُتي اکر ميم،
انهي معنيٰ مام ڪي، ڪو سمجهي قلب سليم،
آهي راز عظيم، اولي ۾ اعجاز چئي.

۹- بي انت بي پايان، دائرو آهي دل جو،
ٻن ترن جيئن تنهن ۾، ڏٺم ٻئي جهان،
ڪونهي ملڪ مڪان، ايڏو ٻيو اعجاز چئي.

۱۰- تڙي ڪيدي تحليل سان، منجهان خر خناس[۱]،
يوسوس[۲] في صدور[۳] الناس جي، بُوء نه رهي بانس،
اندر ڪي اعجاز چئي، چڱي ريت چڪاس،
ته وحدتي واس، پيهي وڻندين پاڻ ۾.

(۱) خناس؛ لڪي لڪي گمراه ڪرڻ وارو (۲) يوسوس؛ وسوسو وجهندڙ
(۳) صدور الناس؛ ماڻهن جي دلين ۾

١- جيئن ڪپڙ ڪن تي چِٽڙا، حُسن وند هزار،
تيئن زيب دنيا ڪي، ظاهري آهي اعجازؔ يار،
پلجي متان آن اتي لائين اکين جا.

٢- جيئن ڪا چنچل ڪنوار، هجي شاديءَ رات جي،
آهي تيئن اعجازؔ چئي، دنيا دلبيدار،
متان ڪو آئي يار، انهي نپٽيءَ ڪي نڪاح ۾.

٣- نسبت هن جهان جي، فاني ڙي فاني،
آهي باقي اعجازؔ چئي، رغبت رحماني،
ڪري من ماني، متان رنجائين رب ڪي.

٤- جلوو هن جهان جو، حُباب جيئن همه،
آهي سو اعجازؔ چئي، لحظو ڪي لمحه،
تنهن منجهه تون طمع، رکين هميشه رهڻ جي.

٥- جلوو هن جهان جو، حُباب آيا خواب،
اهو ڪر اعتبار تون، ننڊ ۾ آهين نواب،
جاڳڻ بعد ساڳيو، پسندين آب نه تاب،
شرم منجهه شتاب، پوندين پوءِ اعجازؔ چئي.

٦- جلوو هن جهان جو، حلم النائم چاڻ،
فائق جي فرمان تي، عين اليقين آڻ،
متان پوءِ صبحاڻ، مٿي هٽ اعجازؔ چئي.

٧- جلوو هن جهان جو، آهي پهر کي پل،
جوفي کان نہ جل، کر انديشو آعجاز چئي،

٨- جڏهن پيم پچان، پوري پنهنجي پنڊ جي،
تہ وير ڇڏائي آن، عبديت جي آعجاز چئي،

٩- نفل ۾ نماز کي، پڙهان کنهنجي کان،
هُتي کانهي کان، عبادت جي آعجاز چئي،

١٠- نفل ۾ نماز کي، کريان کچاڙو،
پرين سين پاڙو، مون تہ چنوئي کينکي،

١١- نماز آهي نينهن سان، نينهن ري نہ نماز،
اگهي کونہ آعجاز، سکڻ ري کو سجدو،

١٢- پت چت جي چانو ۾، نيتي جن نماز،
سي عورت جي آچار ٿيا، ڏاران راز نياز،
جيکي مرد آعجاز، سي پاچا پڇن کينکي،

١٣- پت چت جي چانو ۾، نماز نيتي جن،
کهڙي خبر تن، توسيني (١) کواز جي،

١٤- جنهن ۾ عدد نہ انداز کو، وهم نہ ويسارو،
نيت اهائي نماز تون، نر هٽي نعرو،
ادا کر آعجاز چئي، فرض فنا وارو،
تہ آبدي (٢) اوتارو، آچينئي انعام ۾،

(١) توسيني: ٻن کمانن کان بہ گهٽ (٢) ابدي: هميشه قائم رهڻ

١٥- جنهن ۾ عدد نه انداز ڪو، نڪو قيام قعود،
نڪو سُور سَهو جو، نڪو بيڪ نه بُود،
سڪيو سو سجود، عاشقن اَعجاز چئي.

١٦- جنهن ۾ عدد نه انداز ڪو، نڪو ريائي رياض،
نيت اهائي نماز تون، چئي لوڪ لحاظ،
قوسيني ڪوان، مرڪ مانجهيئڙن جو.

١٧- جنهن ۾ عدد نه انداز ڪو، وهم نه ويساهين،
نيت اَهائي نماز تون، پان چئي پاهين،
لائق پوءِ آهين، جَنات عدني سندو.

١٨- جنهن ۾ عدد نه انداز ڪو، نڪو ساهه سلام،
نيت اهائي نماز تون، ڪري عشق امام،
نه سدائين نات ڪي، طمع ري، تمام،
ته محمودي مقام، مائين محيّ الدين چئي.

١٩- ڪي پنجاهه وقت نماز جا، ڪي پورا پنج پڙهن،
ڪي عدد ۽ انداز ري، رُڪوع منجهه رهن،
عجز سان اَعجاز چئي، عاشق ائين ڪن،
عَليٰ صلاتهم دائمون، ويساهين نه وڃن،
نميو ٿا نمن، سنياسي سبحان ڪي.

٢٠- جيئن ٿو توئين جسم ڪي، تيئن جي توئين دل،
ته هر جاءِ تو حاصل، حضوري حال ٿئي.

سُرت ڏيڻ

١- جا ڏٺين سُرت پوءِ تون، سا پڇرين ڏيج ڪنان،
تہ هادي مون هنان، ڪونہ ڏکوئجي ڪڏهين.

٢- جا ڏٺين سُرت پوءِ تون، سا پڇرين مونکي ڏي،
تہ هادي هنان منهنجي، ٿئي ڪجي ڪام اعجاز چئي.

٣- جا ڏٺين سُرت پوءِ تون، سا پڇرين مونکي ڏس،
انهي سان آوس، ويهان آئون واڳجي.

٤- جا ڏٺين سُرت پوءِ تون، سا پڇرين مونکي ڏيج،
سائين تون سٽيج، سنت منهنجا سڏڙا.

٥- جا ڏٺين سُرت پوءِ تون، سا ڏي مونکي هان،
تہ هادي مون هنان، نہ پئي خطا اڄ سيان،
قادر اها ڪان، اڃي لاهہ اعجاز چئي.

٦- جا نہ سهين تون سِر، سا نہ ڪرهين سان،
ڳروءَ جي ان ڳس تي، آءٌ تہ پهچين ڏِر،
نہ تہ تون ڪنهن پَر، ڪونہ رسندين ڪنهن حال ڪي.

٧- جا نہ سهين تون پاڻ، سا نہ ڪرهين سان،
ڳروءَ جي ان ڳس تي، آءٌ تون هاڻ جوهان،
تہ ڪالي ڇڏئي ڪان، هوندرسين پوءِ حال ڪي.

۸- جا نہ سھين تون جنڊ، سا نہ ڪر ھين سان،
آڪيو آديسين جو، اٿئي پوري پنڌ،
ويھ انھي سان واڳجي، تند نہ ٿينديئہ بند،
ناتان فقيري ٿنڊ، اوکو آ اعجاز چئي.

۹- جا نہ سھين تون ڀار، سا نہ ڪر ھين سان،
گروءِ سندي گفتار، ھنڊائج ھئين سان.

۱۰- ماڻڪ موتي لعل جي، سڃاڻن سگھڙا ھجن،
تہ ھوند چو ھٿن، ھاريا وڃي حِمار[1] کي.

۱۱- جواھر سندي جوت کي، جواھري ڄاڻن،
اِملھ سي اعجاز چئي، مَتَا ڏيو ماڻن،
جي مور نہ سڃاڻن، پڇ قيمت قدر نہ تن کان.

۱۲- مَنَا جيئن موتيئڙا، ججھو تيئن جرڪن،
ماڻڪ ميرا مُنھن ۾، مَٽ نہ تني مَن،
انھن کي اعجاز چئي، ڪي پارکو پرکن،
سيئي نہ سڃاڻن، جواھر سندي جوت کي.

۱۳- سيني سڏايو صراف، سون سُڃاڻون ڪينکي،
سمجھ اھا تون ڳالھڙي، انھيءَ مان ٿي صاف،
تہ وڏي قيمت ڪميني جي، گھٽجي ويو اشراف،
حيف اعجازا اُن ڪي، انتن چڙيو انصاف،
ڪٽي سر مصحاف، ڪوڙ ڪمائي ھليا.

[1] حِمار: گڏھ

١٤- سڀ نہ سچا صراف ڪي، سڀ نہ سچا موتي،
ڪنهن ڪنهن ۾ جوتي، آ اصليت جي اعجاز چئي.

١٥- جي نہ سُڃاڻن سگهيُن، تہ اچي سڃاڻن سڪ،
ڪَسوٽي جا قلب جي، سا ماجي مَلي رکُ،
پوءِ ويٺو پرک، سچي ڪوڙي سڀ ڪي.

١٦- وڏا پَسار وڏن جا، وڏا وکر تنين تي،
ڪچن ٿُڪن ڪوهرن جا، مون وٽ ڪٿا ڪي،
سي قبوليو جي، تہ آهن حاضر اعجاز چئي.

١٧- وڏا پَسار وڏن جا، وکر اُتي خاص،
ڪچن ٿُڪن ڪوهرن جي، مون اڳيئي ڪئي ارداس،
سي ڪريو جي پاس، تہ آهن حاضر اعجاز چئي.

١٨- سوجهي سوديو جن، وکر وحدانيت جو،
آڳهہ واري اُن، دور انديشي دور ڪئي.

(١) ارداس؛ عرضدار

١- مُلان جي محبت ۾ پائين هڪ پيس،
تہ ڏارين ڪونہ دل ۾، غافل تون ڪو غيس،
سوئي ڪرين سَيس، جو عاشقن ڪيو اعجاز چئي.

٢- مُلان جي محبت جي تو ڪي پئي پروڙ
تہ هٿي ڪوڙ بَدوڙ مالڪ نہ ٿين منبر جو.

٣- مُلان جي محبت ۾ انت مُوئُوا ٿين،
هٿان حيدر شاھہ جي، پيالو ڪوثر پين،
ڏس ڏيهن کي ڏين، هُوند عشق سندا اعجاز چئي.

٤- مُلان جي محبت جي، ڪا تو ۾ هجي هَوَ
تہ ڀونيين ڪونہ ڀَوَ هوند فنا ٿين نڪر ۾.

٥- مُلان جي محبت جي، ڪا تو ۾ هجي رتي،
تہ رَت واري رتي، هوند نہ هجئي جان تي.

٦- مُلان جي محبت ۾، موتي ٿين مَحو،
تہ صرف ۽ نَحو، هوند وڃيئي وسري.

٧- ملون مجاور مڪ، ليئي پياسي پيٽ جا،
اُپٽيئون ڪانہ اک، اندر واري اعجاز چئي.

٨- ملون موڏي مڪ، ليئي گهٽي گهورا،
الٽ هورا ڪورا، محض پرائي مال جي.

۹- ملڻ جو محبت ڏي، اير نہ ڪوئي پير،
هئڻ واري حد ۾، پائي وينا پير،
اعجاز عليؑ جي نام سان، اڻن وڏو وير،
سچ نہ لڌائون سير، محمدؐ جي مذڪور جو.

۱۰- ملڻ ڪي محبت جو، هٿ نہ آيو سير،
پاءِ نہ سڌائين پاڻ ڪي، سدا سڌائين سير،
ڪيو نہ سڙين سير، احديت جو اعجاز چئي.

۱۱- ملڻ ڪي محبت سان، مور نہ ڪو مقصد،
وحدتي وَجد، چڙهين ڪونہ چِت تي.

۱۲- ملڻ ڪي محبت سان، ڪهڙو آهي ڪم،
عشق ۾ اعجاز چئي، رکو گوندر غم،
اتي دم قدم، ڪي نيهي پرين نيست ٿي.

۱۳- ملڻ جو محبت ڏي، مڙھ نڪي مقام،
مڪر ۽ فريب ۾، وڌئون منهن مدام،
معنيٰ نہ ڄاڻن ميم جي، ڪن تشريحون تمام،
هُنن هوڙ هٽ جو جوڙي پيتئون جام،
اُن اندر ۾ اعجاز چئي، گهٽ جو گُدام،
آهي جو امام، سو ڪوڙهيا قبولن ڪينڪي.

۱۴- ويدن سر ويڳ، ويدائي جو آهي،
عشق ذرو اعجاز چئي، ناصحن ۾ نہ آهي،
ٺوڳي هليا ٺاهي، بيحد حديثون باطلي.

۱۵- ويدن سر ويڳ، آهي ويدائيءَ جو،
دميئون کانہ ديڳ، اندر ۾ کا عشق جي.

۱۶- ويدن سر واء، آهي عزازيل جو،
نوڙت ۽ نياز جو، سڙين چکيو نہ ساء،
ڏوٺي رکيئون دل ۾، گيرب ۽ گاء،
کري ريب رياء، ڇڏيئون باب بره جو.

۱۷- ويدن وٽ مَوج، ورهيہ ونبيندا کينکي،
پاڻهي پڇج پاڻ کان، عارفاڻو اُهج،
پسي آپ اکين سان، آڱر کيم سَچ،
هيٺ مٿي آهيکڙو، ميم محمد ﷺ مچ،
پيدا هو تون پچ، ابتي پور اعجاز چئي.

۱۸- ويد پڙهيو وِديا وجهن وچ وچون،
وين چڙهي چت تي، باطلي بهون،
ڏيندا وتن ڏيهہ کي، شيطاني شعون،
کيئيو فتويٰ کفر جي، ٿا ڪُهن بي قصون،
عاشقن جا اعجاز چئي، مُور نہ مڃن مذکون،
انڌا اکين پُون، ناهن اوڏا عشق کي.

١- سامي ٽيا هر سَن ۾، هڪڙا آهي ٻيا نامي،
جن کين ڏي ڪاهي، ڏسڻ سي مون ڏيٺي ويا.

٢- سامي ٽيا هر سن ۾، هڪڙا ٽالي ٻيا حالي،
ٽالين مان ڪين ٿئي، حالين مت عالي،
ٽالي گهر گفتار جو، حالي سمجهه وصالي،
ٽالي خالي خيال ڪان، حالي پرتو پالي،
ٽالين جاڙ جالي، عمر سي آعجاز چئي،

٣- سامي ٽيا هر سن ۾، هڪڙا حاجي ٻيا ناجي،
حاجين زور ظاهر تي، ناجين لڪ ”لا“ جي،
حاجي بصر بيناريءَ، ناجي نور حجاجي،
حاجي مثل آزواجُن جي، ناجي مثل حلاجي،
حاجي بردا بُخل سندا، ناجي سخي سهاجهي،
حاجي روا جي سماجي ٽيڙا، ناجي سُراغي سِراجي،
حاجين جي دل هڻڻ پري، ناجين جي دل آجي،
حاجين هر محتاجي، ناجين احتياجي ناهه ڪا.

٤- سامي ٽيا هر سن ۾، هڪڙا ٽوتي ٻيا ٻيوتي،
ٽوتي گهرن ٽوت کي، ٻيوتي صبر سُڪوتي،
ٽوتي سر حيواني چئجي، ٻيوتي سِر ملڪوتي،
ٽوتي لاهوتي نه ٿئي، ٻيوتي تان لاهوتي،
ٽوتي شڪار ڪال جو، ٻيوتي لايموتي،
ٽوتن هت ڇيوتي، ٻيوتن جاءِ جبروت ۾.

۵- سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا ڪونهان ٻيا سونهان،
ڪُونهَن مَنجِ ساڄ جا، سونهن منجِ وروُنهان،
ڪونهن لُوهان، سونهن ساڄهہ لُنگ سُنگ جي.

۶- نڪي ڏين نڪي وٺن، ٻنهي پريئون پري ٿيا،
آديسي اَعجاز چئي، ڇڏي دنيا ڏن،
صوم صلوٰة زڪوٰة جي، مور نہ ميار مٿن،
سيرت آهہ سندين، بصيرت جي باب سان.

۷- سچ ويچارو سچ تي، بيٺو جهلي برزخ،
مٽي نہ اصلي رنگ کي، ٿئي نہ سفيد سرخ،
تڏهن ونيو نئون رُخ، ڪوڙ کهي ٿو سچ کي.

فقيراڻو فهم

١- فقيرن فنا، ڪيو ڳل ٺي نفس پانهنجو،
تهان پوءِ تحقيق سان چيائون آنَا،
تني جي ثنا، ڪريان ڪعبڙ مُک سان.

٢- فقيرن فدا، ٻه ٽي ڪيون ڳالهڙيون،
هڪ سر پير گهمن، ٽيون زر زنب سدا،
انا الحق ندا، پوءِ سڻايئون سڀ ڪي.

٣- فقيرن فتون ڪل ٺي جاتو پاڻ ۾،
آگر نه سجڻون اعجاز چئي هئي ڪنهن ڏي موں،
تجلو، ڦُون پوءِ منجهن پيدا ٿيو.

٤- فقيرن فرياد، ڪٽي ڪيو ڪينڪي،
پهري پوش صبر جو، شڪر سان ٿيا شاد،
عشق ٿين استاد، هٽي محرمات جي.

٥- فقيرن فراق، وصل وٽ وساريو،
جانب جي جدائيءِ جو، اورڻ نه پين اوراق،
اڄ به ڏينهن ميثاق، آهي اعجاز انهن لاءِ.

٦- فقيرن فلڪ، هڪ جز نه ڪيو جڳ ۾،
توحيدي تلڪ، لائي رهي لال ٿيا.

٧- فقيرن فشق، ڪڏهن ڪمايو ڪينڪي،
عمر ساري عشق، سيني تن سمايو.

٨- فقيرائو فياض، آهي عام خاص لاءِ،
ڪلي دل سان ڪاهوڙين جو، ري طمع جي رياض،
غصو غير غماز، فرق نہ فقيرن ۾.

٩- فقيرائو فام، آهي عام خاص لاءِ،
تہ تهن کي رنگ تمام، لايو ڪن لال سي.

١٠- فقيرن فڪر، هڪ جز نہ ڪيو هن جڳ جو،
اهڙي خام خيال کي، نينهن ڇيو نڪر،
ذاتي ذوق ذڪر، رهيُن روح رڱن ۾.

١١- فقيرائو فيض، آهي عام خاص لاءِ،
اخفائي ۽ ابيض، معنيٰ فڪر فقير جو.

١٢- فقيرائو فقر، آهي عام خاص لاءِ،
نصيب ٿيو انهن کي سڪ جو جن سمر،
ٿلهو ٿاٿلو ٿڪر، هڏ نہ رسي ڪنهن حال کي.

١٣- فقيرائا فرض جن پاريا سي پار پيا،
اورٿين پهرجا اورتي، ڇڏي غرض،
وڃي رسيا راز کي، ڪري ادا ڪل قرض،
عجز ادب اعجاز ڇڏي اڳيان عرض.

۱۴- فقيرائو فهم، آهي عام خاص لاءِ،
سبق سِکيا تِن جي همہ کي هردم،
سٽي سمجهي جو رهي مٿي تنهن محڪم،
تہ پنهنجو هوند جنم، پسي ساهہ پساهہ ۾.

۱۵- فقيرائو فن، آهي عام خاص لاءِ،
سکيا انهن جي سپ کي پر سکي ٿو ڪو تن،
جنهن پرايو تنهن سندو من ٿيو آيمن،
انهي لڏو اعجاز چئي دم مان دم جو ڏن،
چمان تن جو چرن، جن اهڙو فن ايجاد ڪيو.

۱۶- فقيرائو فلاح، آهي عام خاص لاءِ،
اچي جيڪو اعجاز چئي وٺي سندن صلاح،
سو معرفتي مهراڻ جو مڇي ٿئي ملاح،
ڏسي ڏيکاري الله، هوند ڏهاڙي ڏيهہ ڪي.

١- عجب راز الله جا، عجب رضائون،
پنهن جي تي ڪاڙها ڪري، پراون تي چاڙهون،
قادر قضائون، ڪري ڪرڻ نه جهڙيون.

٢- عمداً امر الله جو، مڃيو امامن،
وعدو وساريو ڪين ڪي، وهوا وريا من،
آيا اجل سامهان، ساهي صمصامُن،
مخفي ڪن مامن، خون مٿي خوشنود ڪيا.

٣- شوقئون شهادت جو، پيتو پيالو پيا ڪن،
اول آخر اعجاز چئي، سڪي سيا ڪن،
ڪڏي قتل گاهه ۾، ڪئي عيد عشاقن،
لئون سندي لياڪن، خون مٿي خوشنود ڪيا.

٤- پڙهيو مٿن پڙهه، درود قصيدا دل سان،
گوهيرن جي گالهين ۾، ڪين اعجازا آل
وِلهن وڃايو وڻ هو مڙئي شير شهيد ٿيا.

٥- جي ڪُنا هلي حق تي، سي مُئل مور نه پانءِ،
اُپٽ اکيون اعجاز چئي، جِيءِ پنهنجو ڪر جاءِ،
في سبيل الله اموات، فائق تو فرماءِ،
وهم سڀ وڃاءِ، هو هئي جڳ آهن جيئرا.

صمصام: تلوار

٦- هَيَن نہ پانيو حق، عليؑ جي اولاد کي،
ناحقن ناحق، ڪيڏو نہ ڪيو آعجاز چئي.

٧- هر ماهہ محرم چاڙ تون، هر ڏينهن ڏهينءِ جو پانءِ،
ماتم غم حسينؑ جو، ڪندو ڪر هر جاءِ،
اندر جَل آعجاز چئي، واتان نہ ڪر واءِ واءِ،
سيني منجهہ سماءِ، سڪ سدائين سيد جي.

٨- مڪہ مديني شهر جو، شهزادو شاهن شاهہ،
با آهل آعجاز چئي، نڪتو وقت بيگاهہ،
انڌن حق جي امام کي، رنجايو ريءِ گناهہ،
ڪاهي پهتا ڪربلا ۾، رهزن رُوءِ سياهہ،
ڏيئي سُنهُن ويساهہ، سامهون ٿيا سيد سان.

٩- بيعت ڪارڻ بي ضمير، آيا اِڙي اهلبيت کي،
تڏهن تپي تاءِ مان، شاهہ ڪنئي شمشير،
ڪاهي پيو ڪٽڪ ۾، سيد ڪري سير،
صفون چيري صاف ڪيو، ميدان سجو مهمير،
پر ٽري ڪيئن تقدير جا لکي لوح قلم ۾.

١٠- جني ڪيون جي، عالم جي امام سان،
هِت هُت مولي مُنهن ۾، تنکي اينديون سي،
لَعنت ليبن تي، آهي نت آعجاز چئي.

عشق ذات الله جي

۱- عشق ذات الله جي، پئي محبتين پلءِ،
ماضيءَ وارن منصفن جا، دفتر ڏس پلي،
تہ ابراهيم آذر جا،ٿو کهڙا سور سَلي،
۽ نوح پنهنجي پٽ لاءِ، ويو ڇِڙڪون کيڏيون جهلي،
مالڪ پنهن جي مرضيءَ تي، ٿو هادي رب هلي،
جنهن جي دل آ جهڙي، تنهن سان رمز تهڙي رکي،
اها ڳالهہ ٽلي، ڪجي مات محيّ الدين چئي.

۲- عشق ذات الله جي، جنهن کي جڏهن ڏي،
ونڊڻ انهي وَٽ جو، آ اُن جي مرضيءَ تي،
ورثي واري بانور تي، ڪو ڪلي خوش نہ ٿئي،
۽ نمرود جو، دم تہ ڪو ديکي،
ايرن هٿان سيرن کي، هو ماريو جياريو ني،
اهڙا مثال اَعجاز چئي، ٿورا ناهن ڪي،
قدرت قادر جي، نوازيا ڪئين نبرا.

۳- عشق ذات الله جي، ٿي ملي ڪر مين ڳئي،
رکي حق واسطا، تنهن تي ڪونہ پٽي،
بي بها من چيز لاءِ، ڏٺي جنهن کي ڏُٺي
سو اوڳاري ۽ چٽي، موتي پلي محبت جا.

۴. عشق ذات الله جي، آ امر خزانو،
نڪا تنهن لاءِ حد ڪا، نڪو ميزانو،
نڪو مٺس سُود ڪو، نڪو ويو ون وديانو،
هلندو اچي صدين ڪان، هي هوڪو حقانو،
ته به مورک هٺ تنهن تي، ٿا دم دعوانو،
گهرن گونگين ميچن سان، تنهنجو نذرانو،
رِندن روزانو، برهه وندي وريءَ بُخل جي،

۵. عشق ذات الله جي، ميراث نه ميراثي،
نڪا پڙهين پنڊتن جي، نڪا پيرائي،
نه وزيرن ويرن جي، نڪا شاهائي،
نڪا مُلن مشائخن جي، نڪا مخدومائي،
نه ڪا فارسين تُرڪن جي، نڪا مُغلائي،
مٺس دعويٰ ڪو نه ڪري، پيءُ ڪي ڏاڏائي،
ملت محبت موليٰ جي، آ وٽ غريبائي،
ڇٺي ويو آريائي، ائين پان اعجاز ڇٺي.

۶. عشق الاهي باهه، ساڙي ڳجهان ڳجهه ۾،
ڇِپي جيرو تنهنجو، چڙهي نه ڪنهن جي نگاهه،
سوزش خلش ساهه ڪي، سا پوهيو ڪري پاهه،
لڳي جن ڪي آهه، سڌ سموري تن ڪي.

(۱) ميزانو: وزن (۲) بخل: ڪنجوسي

٧- عشق الاهي جر، ساڙي ڳجهان ڳجهہ ۾،
ڀَيڙ ڀَڙڪا تنهن جا، ڪانہ رتي پسي نظر،
ڪين اُجهائي سگهيا، تنهن کي سي ساغر،
جي اندر ڀڙڪا ڀَرَ، لوڪ نہ لکي تن کي.

٨- عشق الاهي اڳن، ساڙي ڳجهان ڳجهہ ۾،
جي جلن پچن تنهن ۾، سي مَستو مَست مگن،
ڳڙي جيئن ڳگن، تيئن ڳڙن اهي اعجاز چئي.

٩- عشق الاهي جيرو، ساڙي ڳُجهان ڳجهہ ۾،
لائي ڪير ڪيئن ويو، پچ نہ پتو پيرو،
منهن جي مُنهن زبان تي، تنهنجو پهرو گهيرو،
الٽو الٽي ڦيرو، سَمجهہ وجائي سَمجهہ تون.

١٠- عاشق سدا عشق ۾، باطوني ڪن بات،
جي مرشئون اڳي مري ٿيا، هر دوجڳ حيات،
انهن کي اعجاز چئي، موڳا چون ممات،
پورا اها بات، آئج تون اعتبار ۾.

١١- عاشق سدا عشق ۾، ٿا ڳجهو ڳالهائين،
پَر ۾ سندي پرينءَ کي، ٿا سيڪي سڻائين،
عام اڳيان اعجاز چئي، لُڇي نہ لڪائين،
سراپا پائين، سورهہ پوش صبر جو.

١٢- عاشق سدا عشق ۾، تا اُبتي پور وڳن،
محبت سندي مچ ۾، تا دوڳن جيئن ڏڳن،
ٻڌيو سندرا سچا، توڪل تي تڳن،
اندر جا اعجاز چئي، ٻولا ٻوت ٻڳن،
قدم اُت لڳن، جت نام سواءِ ٻيو نام ڪي.

١٣- عاشق سدا عشق ۾، تا جهورن جُسو جان،
وحدت سندي ويڙهه ۾، ويا سي سُرت سُبحان،
آئي بُوءِ اعجاز چئي، محبت جي مَنجهان،
گم ٿيا گياني گر ۾، اهڙا ٻول ٻڌان،
ٻئي جي ٻُڌن ڪان، مَا سِوي المَحبوب جي.

١٤- عاشق سدا عشق ۾، آهن باغ بهار،
محبت سندي مهراڻ ۾، تا لهن ليل و نهار،
اُنهن ۾ اعجاز چئي، تا پسن پاڪي يار،
ٻي نہ ڪن پچار، ما سِوَي المَحبوب جي.

١٥- عاشق سدا عشق ۾، ماڻن تا معراج،
دنيا عُقبيٰ دين جي، ناهي تن احتياج،
احديت ۾ اعجاز چئي، ڪاهي ڪيئون ڪاج،
پائي سِر تي تاج، طالب ٿيا توحيد جا.

۱٦- طالب ٿيا توحيد جا، سي ميثاقان مانجهي،
سڙن پچن سوز ۾، صبح ۽ سانجهي،
پسي امنج اَعجاز چئي، لاءِ نرِوڏئون لانجهي،
ڪڙا ۽ ڪانجهي، پيتا تن پريت سان.

۱۷- عاشق الٽي جهات، پايو پسن پرينءَ ڪي،
جدا ٿي جسمات ڪان، ذات سان ٿين ذات،
اِن اولياءَ الله لايَمُوتُونَ، وري نه ڪن وفات،
سدا منجهه صفات، سانگي رهن سير جي.

۱۸- عاشقن الله جو، پاڇو پاند نه ڇڏيو
اولي اوٽ الست جي، آڏا اُٿو اڏيو
عشق ۾ اَعجاز چئي، سرِ ڏين ڳڏيو
صاحب ٿو سڏيو، ڏي انعام انهن کي.

۱۹- عاشق آجهاپو، کهڙي ريت ڪندا،
سڙيا سوز فراق ۾، سينا جن سندا،
اهي درد مندا، ناهن اوڏا ننڊ کي.

۲۰- عاشق آجهاپو، ڪندا کهڙي ريت،
اچي پيئي اوچتي، پلئه جن پريت،
سي نه سمهن سک ٿي، اي ۽ نينهن سندي نانيت،
جاڳڻ منجهان جِيت، ڪئي عاشقن اَعجاز چئي.

٢١- پسو جيئن پروان، شيدا آهن شمع تي،
عاشق تيئن اعجاز چئي، حسن لاءِ حيران،
ڪڏيو ڪن قربان، سر سيڪڙو سونهن جا.

٢٢- عاشق چئجي ان کي، جو پير ڪُپيرئي پائي،
اولھ ڪان عاري تي، اوير سر نائي،
ڏيئي باھ بهشت کي، دوزخ اُجهائي،
التي پور اعجاز چئي، سڏيون سڻائي،
سو پلي سڏائي، پاڻهي عاشق پاڻ کي.

٢٣- عاشق آھ علي ؑ، هيا مڙئي ملول،
رمز انهي جي رنگ کي، ڄاتو پاڪ رسول ﷺ،
عروج ۽ نزول، عجب اعجاز علي ؑ جا.

٢٤- عشق عشق اسان ڪيو، عشق نہ ڪيو ڪنهن ٻئي،
اسين اهي آهيون، جن تڪ تورڻ ري،
امانت سمجهي اعجاز چئي، اناڀس اکين تي،
عشق نہ آڪرو لئي، اڳيان اسان جي ڪٿهين.

٢٥- عشق عشق اسان ڪيو، عشق اڳي ڪٿ هو،
اسان ري عشق کي، ڪونہ سڃاتي ڪو،
آسان پر ڪيو اعجاز چئي، اسان ئي سڃاتو،
هي عشق اھو آ جو، جنهن جبل ٿرٿرائيا.

٢٦- عشق عشق اسان کيو، اول آخر تا،
انائين وقت عشق جي، کئيسون کانہ پچا،
اسان ئي ڏنس آعجاز چئي، مٿوري ۽ چُون چرا،
نہ تہ هي ۽ اهائي بلا، جنهن نرشتا فرار کيا.

٢٧- عشق عشق اسان کيو، نالو عشق رکي،
اسان ري ۽ عشق جي، کنهن نہ ذات لکي،
اسان پرکي آعجاز چئي، اسان ئي چکي،
هونئن تلخ آهہ تکي، مِٺي آ پر مان سان.

٢٨- عشق عشق اسان کيو، عشق اسان جي ذات،
اسين ذات عشق جي، عشق اسان جي ذات،
اسان کي تات عشق جي، عشق کي اسان جي تات،
اسان جي تنهن سان بات، آ ہئي جي بات نہ آعجاز چئي.

٢٩- عشق عشق اسان کيو، اسين عشق لائق،
اسين شائق عشق جا، عشق اسان تي شائق،
عشق اسان جو فائق، اسين فائق عشق جا.

٣٠- عشق عشق اسان کيو، عشق اسان جي خلقت،
اسين مالک عشق جا، عشق اسان جي ملکيت،
ائين سمجھہ آعجاز چئي، هي ۽ آ حقيقت،
عشق اسان جي رعيت، اسين راجا عشق جا.

٣١- عشق نہ ڄاڻي اڪل، اڪل سيڪاريس اسان،
اڳيان ڪيوسون حُسن کي، عشق پٺيان ڪونتل،
پڇي اوتارو عاشق جو، اچي پڇتاسون تنهن پل،
چيوسون اسلام عليڪم سيڪڙو، چيائين وعليڪم سلام سٺل،
خبرن چارن کان اڳيئي، ويا تير ڇٽي ان ڇهل،
ڇت عاشق جو ڇڄي ويو، هو چشم هڻا چنچل،
ماريس منهن ملوڪڙي، چرڪ ڇڏايس چڪ،
ونڱي وڌوسون ويچاري کي، وڏي ويڙهائي ٽل،
جيءَ اندر ۾ ڄڪ، پوءِ ڄاريس عشق آعجاز ڇٽي.

٣٢- عشق نہ ڄاڻي عقل، عقل سيکاريس اسان،
باز ڪيوسون حسن کي، عشق عقاب اجل،
چڱندي ڦڳندي عاشق کي، حسن هنيو چنگل،
عشق پري کان تاڙيو، اهو شوق شغل
حسن ماريو عشق مائيو، عاشق ڏنو ٻڱ،
پوءِ آعجاز اکل، ٿيو عاشق طعامون عشق جو.

٣٣- عشق نہ هو داناء، دانائي سيکاريس اسان،
ڪتاب ڪيوسون حسن کي، عشق نقطي نماء،
مڪتب ڪيوسون جهان کي، عاشق تنهن ۾ طُلباء،
سو پڙهندي ڪتاب حسن جو، عجب ڏنائين لقاء،
تہ جهڙو نون نقطي سان، تهڙو ئي نين بناء،
ڪاري لڳس قلب ۾، آعجاز اتانهين گهاء،
پيس پوءِ سماء، استاد سڏيائين عشق کي.

٣٤- عشق اصل پرمار ڪاٿي مار حسن جو،
حسن باز شڪاري، جان عاشق ان جو شڪار،
عشق تني جي تاڙ ۾، حارص ۽ هوشيار،
جتي بہ ڏٺائين حسن ڪي، تنهن مار مٿي هسوار
اُت ڪري امالڪ وار، هٿ ڪيئين مار حسن ڪان.

٣٥- عشق نہ ماريو عاشق ڪي، ماريو حسن هٿي،
عشق جي اعجاز چٽي، اتي بات بٽي،
ٿي وينو پوءِ ڏٺي، عشق عاشق جي دل ۾.

٣٦- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق ٿيو مستان،
حاضر جلوي حسن جي، هٿي ڪيس حيران،
ويو وسري ويچاري ڪي، هي هو سڀ جهان،
پڇي نہ دين ايمان، هيج پڇي ٿو حسن جو.

٣٧- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق سُمهي ڪيئن،
نيٽين ننڊ حرام ٿيس، جاڳي چرين جيئن،
تڪي راهون حسن جون، حال سدائين هيئن،
صورت جا سونهن پري، سا سانڍي ساهہ سين،
جيئن جڳ سمجهائي تيئن، عاشق الٽو جڳ ڪان.

٣٨- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق ڪيئن مڙي،
جنهن ڪي حسن پسڻ سان، ٿو جاذب جام جڙي،
ڪيئن نہ پوءِ ڳڙي، عاشق مست ڳگن جان.

٣٩- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق پئي پيالو شينهن،
وجي اڪيلو دار تي، جھڙو اصل شينهن،
شينهن ٻہ تيئن نہ شينهن، جيئن عاشق اڄ شمار ۾.

٤٠- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق شينهن پيالو پيئي،
شينهن جان جالي جڳ ۾، شينهن جان ئي ٿو ٿئي،
شينهن جان گهمي شور سان، شينهن جان ڇانگ ڏئي،
شينهن جان وارد ويڙهہ ۾، شينهن جان نيهڙ ني،
شينهن جان ڪائي ماس ڪي، شينهن جان ڪل نہ ڪئي،
شينهن جان شاهہ ٿئي، عاشق گل ئي انس ۾.

٤١- گل گرا هو عشق جو، اڇي پيو جن،
سڪ وندا سنسار ۾، سيئي تہ سڄن،
انهن سر آهن، ٻاري ٻار آعجاز چئي.

٤٢- گل گرا هو عشق جو، اڇي جن پيو،
ڏنتو دين دنيا جو، وسري تن ويو،
جتان وريوئي ڪونہ ڪو، لڳن اُت ليو،
الاهي آڙاهہ ۾، الن ٿا ڪ ٿيو،
ٻاري سڀ ٻيو، ٿيا هيڪساندا حق سان.

٤٣- گل گرا هو عشق جو، پيو جن اڇي،
سي هر هر پنهن جي حال جي، ڪن ٿا ڳالهہ سچي،
بدنامي ءَ جي ٻار ڪان، سگهيا ڪين ٻچي،
ويڙا سونهن حسن تي، پتنگ جيئن پچي،
تيڙا راس رچي، محبتي محي الدين چئي.

۱- دارُون آهه دارون، سدا دردمندن جو،
وڃي وٹ ڪلال ڪان، ڪري عرض آرون،
ڪيفي قطارون، جن پيتون سي پرسن ٿيا.

۲- دارون دارون آهه، سدا دردمندن جو،
نينهن سندي ناسور جي، ٻي ڪا دوا ناهه،
سنباهي سر اعجاز چئي، هٽ ڪلالڪي ڪاهه،
عاشق اهڙي آگاهه، ڪئين ڪندا وڃ ڪيترا.

۳- صبح شام شراب، پيءُ ته پاڪيزو رهين،
پڪي پاڙ پليتيءَ جي، ڳنڌئي گل گلاب،
عجب آهه اعجاز چئي، اهو آب ناب،
خرابن لڳي خراب، عاشقن امرت ٿيو.

۴- شائق جام شراب جا عاشق المناڪ،
اهي پيئن اعجاز چئي، روز چکن جن چاڪ،
انهي پيالي پڄجي، ڪئي عُشاقن هاڪ،
جيڪي ڍوڪ پياڪ، تن قدر نه انهي ڪيف جو.

۵- ساقي سيّد آهه، پيو ساقي سڄهي ڪونه ڪو،
تنهنجي مٽ مٽخان ڏي ڪسن، قبولي ڪاهه،
سر جو سانگو لاهه، سرڪيءَ ڪان اعجاز چئي.

۶- پري پري پيار، ساقي پيالو سڪ جو،
مر ته مران موت ڪان آئون اگهي هن پار،
ڪهڙو آهي يار، جيئڻ باده جام ريءَ.

۷- پي جن پياري، پان پلائي پنهنجو،
مستي تنهن مئي سندي نئين سج نياري،
ساغول ءِ غنود کان پاڪ صفا ساري،
خوشدل خماري، آهي تنهن جي اعجاز چئي.

۸- پي جن پياريو، پيالو پرت پريم جو،
من اندر اعجاز چئي، ناري تنهن نـاريو،
ڪلي خمارن تنهنجي، اڪري ڏيڪاريو،
سلي سيڪاريو، چالو عروج نزول جو.

۹- پي جن پياريوم، پيالو مست پريم جو،
انهن کي اعجاز چئي، سدا نت ساريوم،
پل پل پچاريوم، ويهي تن جي وصال کي.

۱۰- پري پري آن، ساقي پيالو سڪ جو،
صدائون سڪايلن جون، چائوئي ٿي جان،
صورت مان سجان، اجايل اعجاز چئي.

۱۱- عليءَ سندي آنهه تان، پيتا جني پٽ،
پتر قلب تني جا، ٿي پيا مثل پٽ،
اکين تا اعجاز چئي، لهي ويڙن پٽ،
پڙ م ڏنائون پٽ، اندر منجهه الله جا.

۱۲- علي سندي آنهه، تان پُٽڙا پيالو پيءُ،
الولاين سان "اعجاز" چئي، جگ جگ پيو جيءُ،
ڪونه لڳندگي سيءُ، ڪٿهن تبر تيام جو.

١. صورت منهنجي سڄڻ جي، سمجهه سراپا سونهن،
لاهيو ڇڏي لحظي ۾، دک دلين جا ڏونهن،
سونهان ٿين تنهن صورت وٽان، اصل ڪان آسونهن،
اُتم وِندر ورونهن، سا اکين لاءِ آعجاز ڇَئي.

٢. پيچي وار پرين جا، شب رنگا شاهوڻ،
جوڙ نہ جيس تني سان، ٽليهرن سان تَوڻ،
ڏاڍا آهن ڏنگنا، ڪائي وِڌا تن ڪوڻ،
ڪيائون قيد ڪِروڙ، آئون نہ هڪ آعجاز ڇَئي.

٣. پيشانيءَ سان پرينءَ جي، پونم ماهه نہ پُڄي،
شمع بہ شعاع جَهڪو ڪيو، لالڻ آڏو لڄي،
رات منجهان ڏينهن ڪيائين، ڏٺو ڏيهه سڄي،
ٿو عجب آعجاز ڪڄي، تنهن جي ڏسي تجلات ڪي.

٤. پِرون منهن جي يار جا، ڏٺا جي پونرن،
تہ پيلا ٿي وين مُنهڙا، سياهي مور نہ ڪن،
ٻہ تيغون مُڱيون ٿن ڪيون ابرن جي ڇَلون،
سِپرون سَٽ نہ سهن، جي اولرون ڪن آعجاز ڇَئي.

٥. عجب اکيون عجيب جون، عجب اٿن خمار،
مَئي گلشن ميخانن ۾، پلپل ٿن پچار،
جيڪي ڏسن جِيءَ ڏيئي، سي سدا منجهه ملهار،
مائن ڪيف قرار، عاشق سي آعجاز ڇَئي.

٦. نڪ تہ نِرمل نجيب جو، آ بيشڪ بي مثال،
سُهڻائيءَ سان دنگ ڪَيئين، گُنڊڙائيءَ سان بہ ڪمال،
تنهن کي طوطي سان تشبيهه ڏيئي، ٿيان جو بيتال،
اُتم خبردار خيال، ڪندس اهڙي پل نہ اعجاز ڇَئي.

٧- لالن جي تہ لبن جي، جڏهن لعلن کي پَئي باک،
تڏهن سڀ هنڌ ڪنيئون تن جي سُرخيءَ سندي ساک،
پٽن پهري اعجاز چئي، ڪئي وَساڻن ٻہ واک،
پوءِ ڪيئن نہ ڦيندي لاک، شيدا تن شَفتين جي.

٨- مُهٽا ڏند محبوب جا، سهٽا سنهڙا سڀ،
مُکي چاندي مين جي، تن سان پيٽ نہ ڪڀ،
املهہ عقيق اعجاز چئي، ڏوڙهہ نيئي ڏڀ،
تنهنجون مرجانيون ٻہ مرن گهڻ، تہ گهوريا هن ڏچنن تان.

٩- مکڻ چاٺا نہ تهڙا، جهڙا نازڪ ڳل نرم،
چُمڻ ڪان اڳ پسڻ سان، ٿو گريبان ٿئي گرم،
ڇڏيو پير اعجاز چئي، لاشڪ ڏيڻ ڌرم،
شوق ڀڄايو شرم، خَدَچُمان ٻئي خوبان جا.

١٠- ڳچيءَ ڳهہ پرينءَ جي، ڳهڻ جي ڇا مجال،
ڪچهريءَ ۾ ڪونجن جي، هُئي هردم هيءَ مقال،
سڀ صُراحيون ڳنئي ڪجن، تہ ٻہ سِيي هُوءَ سال،
وِڏا وَجُد حال، تنهن جي ڳَر ڪِروڙن ڪي.

١١- هتڙا هوت حبيب جا، آهن چورڻ لاءِ چائون،
ٻانهون ٻئي ٻاجهہ ڀَريون، ٿو ڏسان هردم آئون،
پري پاڪريال جا، پلپل پاتائون،
دل سان دعائون، ڪريان اعجاز انهن ڪي.

١- منهن جي اکين رات، پيا پيو آب ابرين،
رَعد رمز پسي ڪري، پرسيو لِڳ برسات،
ڪنوڻيون ڪنون لڳيون، ڪُل متي ڪائنات،
عام ته اها اَعجاز ڇٽي، ڪين وسندو بات،
ڪُل ٿي ذات صفات، مون ۾ ٿي موجود آ.

٢- منهن جي اکين پس، پياريو آب ابرين،
اوتي جر جگر مان، ڪَيُون وسڻ ڪارڻ وس،
هن اکين ڪي جس، جو عالم آسودو رکيئون.

٣- منهن جي اکين مڃ، پياريو آب ابرين،
ٻئي ڪنهن وهم گمان ڪي، هڏ نه ويجهو وڃ،
ڀڄڻ ڪندا پاڇه سان، جن اکين ڏي سَڃَ،
سي چو نه لاهيندي اُڃ، عالم سندي اَعجاز ڇٽي.

٤- عشق ڏنو سبق، عجب منهنجي اکين کي،
پورٺي به پسو حق ڪي، پٽٺي به پسو حق،
طور اهو تعلق، قائم رهندو قيام سين.

٥- عشق ڏنو ڏس، عجب منهنجي اکين کي،
اندر ٻاهر هڪڙو، الوَعين عڪس،
پسو تنهنکي پسڻ سان، ور ور ڪري وس،
جي پورجن پٽجن پرين، لاءِ، جڙي تن کي جس،
گهاڙو اهو گس، قائم رهندو قيام سين.

٦ـ عشق ڏني هيءَ مت، عجب منهنجي اکين کي،
گُلي گُلي هر جاءِ تي، حق پسيو هر گهٽ،
ڇپر نہ ڇهي ڇپر کي، اهو ڇوڻ رکو ڇٽ،
رِندي آهہ رَمت، مَا زَاغَ البَصَرَ سان.

٧ـ عِشق ڏنو هي آتُ، عجب منهنجي اکين کي،
پورجو پِڪَجو پرينءَ لاءِ، اهڙو ہڏو سَتُ،
ڪونهي مانع ڪَتَ، حد بنديءَ جي خب جو.

٨ـ عشق ڏيکاريو ڏيهہ، عجب منهنجي اکين کي،
پورئي پِڪَئي سائيهہ، اهوئي پسن آعجازؔ چئي.

٩ـ نازڪ نيڻ سچن جا، نازڪ متن نقاب،
جي گُلن خو خماريا تہ نرگس نہ سهن تاب،
جي نهارين ناز ڪري تہ نميو پون نواب،
جي چڙهن قوس تهر تي تہ جڳن کي جواب،
جي اچن مهر معانيءَ تي تہ چا چا ڏوهہ ثواب،
اهڙو حسن حساب، آهي منجهن آعجازؔ چئي.

١٠ـ ڪري عشق دلال، اکيون مڙيون محبوبن سان،
اکيون عاشقن جون، مُڙن هان محال،
ميسر آهہ آعجازؔ چئي، وَرَ وَرَ جن کي وصال،
هلي سي هر حال، سڏ پريندين سوريءَ جا.

١١- اڪيون اڙيون اکين سان، عشق ڪري اڳواڻ،
ڪير تيرن جي تاءَ ڪان، متو موڙي هاڻ،
پُرزا ٿي پڙ متي، ملهائيندين پاڻ،
ڪانءَ ڪيئنديون ڪاڻ، اجل جي اعجاز چئي.

١٢- اکيون اڙيون اکين سان، لاهي لوڪ حجاب،
شرم ۽ شرع جو، وسرين باب عتاب،
قاضي ڪرين تن سان، کهڙي حد حساب،
ڪٿ ڪو خير ثواب، پڪ نه مٽين ڪي پسڻ ڪان.

١٣- لڳي لال گلاب، ٿيون اکيون عاشقن جون،
پسڻ پيئيون پرين، جو صبح شام شباب،
اچي سڪ سِڪڻ جو، انهن ڪان آداب،
جن نظاري جو تاب، آهي هر هر سنئو اعجاز چئي.

١٤- اکين مليِ اکين سان، خوب رچايو رنگ،
نعرو هڻي نيڻهن جو، نسري ٿيون نسنگ،
عشق سندو اعجاز چئي، سِر سَٽيون آڙنگ،
پَچي اتان پارس ٿيون، جِت مَس پڳو ڪو پتنگ،
ٻان تني جو ٻنگ، ڪڍهن ڳُسي ٿو ڪونه ڪو.

١٥- اکين مليِ اکين سان، ڳُجهو ڳالهايو،
الست فرمايو هُن ته قالو هنن وَرجايو،
اهڙي پت اعجاز چئي، رکيئون راز رايو،
مِلڻ تن ملهايو، جِت ڪِٽ آهن جوڙ سي.

١٦- اڪين سان اڪين جي، آزل کان ئي آهي،
دل واري دوستي، محبت گاهي گاهي،
اچ ڪلھ جي ناهي، جو چئن گھڙين لاءِ چٽ چڙهي.

١٧- عجيب تنهن جي اکين ۾، ڪو تہ آهي اسرار،
ڪئين وڃائي ڪيترا، ويتا قلب قرار،
جن ڏٺيون تن ڪيون، سِريون سوريءَ سوار،
آئون چوان ٿا اعجاز چئي، ڪو نهيم چوڻ جو اختيار،
لالن ليل نهار آهن اکيون تنهنجون عبرتي.

١٨- عجيب تنهن جي اکين ۾، جادوُ ڪي ڪيڏ هيس،
جن جي پسڻ سان پرين، منهنجو عقل هوش ويس،
اچي روح اعجاز چئي، ٿيان ٿيان ۾ پيس،
ٿميو ڪو نہ ٿيس، عجب راز اکين جو.

١٩- عجيب تنهن جي اکين ڪي، ڏيئا چوڻ ڏوهہ،
جن جي پسڻ سان ٿو، سون ٿئي پتل توڙي لوهہ،
مونکي تن جو موهہ، ٿو ادب سيکاري اعجاز چئي.

٢٠- عجيب تنهن جي اکين ڪي، گلاب چوڻ گناهہ،
جن جي پسڻ سان پرين ٿو ساهہ ۾ پئي ساهہ،
تشبيهن سان اداهہ، ڳالهہ نہ ڪندس اکين جي.

٢١- عجيب تنهن جي اکين ڪي، چقمق چوان تہ ٿيان چور،
آئون انهن تان گهوران ڪيان مُلڪ مقناطيس جو.

١- اُڄ بُک اباڻن سان، عمر پاڻيان عيد،
آڇم مون آعجاز چئي، موتي مَرواريد،
نڪي طعام تراوتي، نڪي ميوا مزيد،
شغل شادي ديد، مون لڳ مارو چام جي.

٢- صورت سازگي سنگهار جي، مورت آ مون من،
آهي سا آعجاز چئي، آسا بند اکين،
منجهه تگان تاري ٿنهن جي، قيد الماء ڪڙن،
ويندس ويڙهه وطن، ڪري مَهندان مارو چام ڪي.

٣- جو گوندر ري، گذاريو، مون وقت ويڙهيچن سان،
سوئي سنياريو، پئي ڏکيا ڪاٽيان ڏينهڙا.

٤- جو گذاريو گوندر ري،، وقت مون ويڙهيچن سان،
اهو سنياريو آعجاز چئي، هِت قيد ڪٽي پئي مي،
پسڻ ڪارڻ پي،، آڏيتون سٽيم عمر جون.

٥- جا رَوَش ريگزيارن جي، سا عمر تو وٽ ناهه،
الله لڳ آعجاز چئي، لوهه مڱي، تان لاهه،
سومرا ساچاهه، ڪر ته دعاڳن تو ٽيان.

٦- جي، جُسو جڙين سومرا، سَنگهرن سان سارو،
ته بہ اکين دل ارواح، اباڻن آرو،
هرگز نہ هٽڻ وارن، ڪايو ترب انهن جو.

٧- جسو جڙيئي سومرا، سارو سنگهرن سان،
ته بہ منهنجو من مارن سان، ڪري روح رهاڻ،
ڪيئن پوءِ ڪيڏان ڪاڻ، عمر قيد ڪڙن جي.

٨- جسو جڙيئي سومرا، زيل زنجير هٿي،
تہ بہ دل جي آئون تہ، دري مان پئي پسان مليرڏٿي،
انهن جي اشارتن ۾، ويرتيد وٺي،
ائين پاڻ ڪٽي، تہ آهن گڏ آعجاز چئي.

٩- جي جهلين جهٽڪين سومرا، تہ بہ وَرِ ويڙهيچو ويءِ،
بت تو وٽ بند ۾، جڙيل ماروءَ سان جيءَ،
مون کي پوءِ محي الدين چئي، آيد ڪندو چا هيءَ،
پَسي پنوهارو پيءَ، ڪنديس روح رچنديون.

١٠- جي جهلين جهٽڪين سومرا، هٿين لوهہ هزار،
تہ بہ منهنجي ماروءَ چام سان، آهي لڱون لغار،
توسان تنهنجي قيد جي، ڪنديس ڪونہ ڪُوار،
ابائن جي آعجاز چئي، مارينديہ ميار،
تن کي تار تنوار، پيئي ڪنديس پرم.

١١- آئي ويٺي اباڻن سان، اٿم روح رڪل،
لاهيندا سي لِڪ ۾، قيد مٺي تان ڳل،
ڪندا تنهنجي طلسم کي، عمر آهي اُجل،
ويندئي بانور بل، بلاشڪ بهلول چئي.

١٢- نڪا اچ نہ ڪالهہ ميان، آزلان اگهي جان،
سيم بانگ برهہ جي، قلبئون ڪنن سان،
پڙهيم ڪلمون پريہ جي، پرزا ٿي ويو پان،
مليو صبر سنباه، بَرسِرو بهلول چئي.

١- آگم ڪري آئيو، سانوڻ سُڪاري،
حمد ڳانا هاديءَ جا، هر هر پڙهو هاري،
پيو ساهه سُکن ۾، سُونهن مِلين ساري،
سنڌڙي سونهاري، رحمت جنهن تي رب جي.

٢- آگم ڪري آئيو، سانوڻ سُهاڳي،
حمد پڙهن حميد جا، ماڻهون مڙئي ماڳي،
واحد ڏني وس سان، سونهن سين ساڳي،
سنڌڙي سياڳي، رحمت جنهن تي رب جي.

٣- آگم ڪري آئيو، سانوڻ سونهارو،
واٺو واءُ پورب جو، ساهه سيباٺو سارو،
ڳگن ڳجيو ڪنوڻ ڪنوي، وسيو وسڻ وارو،
المجيب اعجاز چئي، آهي ٻاجهارو،
ڪوتڙ تاسيارو، قادر ڪيو ڪينڪي.

٤- سارنگ آيو سانڻ سان، آڙنگ آهي اڄ،
جيئن سهٽي ڪنهنجو سيج تي حُسن ڪري ڏڄ،
تيئن ول ڇل وڄهيو وسڻ لاءِ، مُرڪيو موهي وڄ،
روح ڪندا ڪئين رڄ، آسائتا اعجاز چئي.

٥- سانوڻ آهه سڄڻ سان، سڄڻ ئي آسانوڻ،
اچي جڏهن اعجاز چئي، ڏکن پئي ڏاوڻ،
رنگ لڳي رانوڻ، ٿئي آوس وس وصال جي.

٦. سانوڻ آهہ سڄڻ سان، سڄڻ ئي سانوڻ آهہ،
سانوڻ جو سپرين ري، رنگ رچڻ جو ناهہ،
نکا مينگهہ ملهار سونهين، نہ بوند بهار بالله،
سڀ ئهي ٿو ناهہ، اچڻ سان عجيب جي.

٧. امر سان الله جي، وريو وڄن سان آهي،
ککرن کارونيار کئي، بس بادل وٺ ناهي،
از غيبي آب آعجاز چئي، ٿو سهڄئون سنباهي،
اُچين اُڄ لاهي، اچيو عرب پار کان.

٨. اڄ مينگهُہ پي مست ٿيو، آئون بہ چونہ پيان،
پي پيالا پريم جا، لنئون لنئون گگ ٿيان،
بادل جيئن برخيز ٿي، ڏيهَن رنگ ڏِيان،
دلربا جي ديس تي، ترِنجا بَحر نيان،
جانب پسي جيئان، امر ٿيان آعجاز چئي.

٩. اڄ مينگهہ پي مست ٿيو، آئون بہ پيان چونہ،
اشاري سان عجيب جي، تِرُ بہ ٿر سان کونہ،
پي هتان پرين جي، برسان وسان بي اونَ،
هيرا موتي پلٽ کريان، سڀ هنڌ سيمون سون،
پالهو پسان پوءِ نہ، اوڙ کر آعجاز چئي.

١٠- ڪي بگا ڪي ٻپوتڙا، ڪي ڪارا ڪارونڀاري،
بادل باد بحر سان، آيا ڏومي ۽ ڏچداري،
سونهن ستا ساٺوڻ جي، من موهڻ واري،
سعيو شڪاري، آڳم ساڻ اعجاز چئي.

١١- ڪي بگا ڪي ٻپوتڙا، ڪي ڪارا جهڙا ڪيس،
ڪڪرن ڪيا ٿسمين ٿسمين، وسڻ ڪارڻ ويس،
سارنگ سارون لڏيون، سرها ٿيا سڀ ديس،
ڀڪن ٻيلا سنڌ جا، باغن حسن هُيس،
جهڙا نصرپوري ڪيس، تهڙا پٽ سونهاري سنڌ جا.

١٢- ڪي بگا ڪي ٻپوتڙا، ڪي ابلق جي آچار،
منڊائتي مينهن جا، ڪڪر ڪلا دار،
اڀ وڪوڙي وڄ سان، چڙهي آيا چوڌار،
هلي وٺا هر پار، ٿيڙا اوج اعجاز چئي.

١٣- ڪي بگا ڪي ٻپوتڙا، ڪي ڪوپا ڪلنگهيارا،
بادل باد بحر سان، آيا مينگهي ملهارا،
ٻرسي ٻيٽا ڀيچ ڪري، ڏس باغبن بهارا،
جهوليئين جهالارا، اٿن جر جوهر اعجاز چئي.

١٩- اترئون ٿي الٿيو ٿو گگن اڄ گجي،
سو آيو واءِ وڄن سان، ڪري جهاٽ ڄجهي
پير جهنٻي جي پڙ پٽن تي ڪيئن نظر نجي،
اردو گرد اعجاز چئي، پيا ريگ جبل رڃي،
هئي جا دل منجهي، سا گلي باغ بهار ٿي.

٢٠- ڪي بگا ڪي ٻپوتڙا، ڪي ريتا ڪي رنگين،
ڪي بلو ڪي باصري، ڪي زردا ڪي زرين،
ڪي سرمائي ڪي سونهري، ڪي فيروزي فرحين،
مينهن ڪڪر مند سانوڻ جا، ٿا طرحين طرحين ٿين،
رم جهم را تو ڏينهن ڪريو، ڪن ٻوندن ڪان بس ڪين،
جنهن جوڙي جوڙ اهڙي، مڃي تنهن آفرين،
جهڙا قابل جا قالين، تهڙا پٽ سونهاري سنڌ جا.

٢١- ڪي بگا ڪي ٻپوتڙا، ڪي نيلا ڪڪر نج،
ڪڍي ڪمانيون ڪنڌيون، قبضي ۾ ڪيئون سڄ،
رزق اٿن رسائڻو، ان پاڻي ۾ پج،
هاري حمد الله چئي، هر هٿ ۾ ڪج،
مرد مردانو ٿج، محنت جي ميدان ۾.

۱- پَليءَ پائي پيهه، دليئون دردا سڙي،
چري چنيسر جام سين، چُلي ڪرم چيهه،
عجز سان اَعجاز چئي، راءِ سندي دل ريهه،
تون ورچڻ ڇڏي ويهه، پرچڻ آهه پرينءَ تي.

۲- ڪائين ڇو ڪورا، پائين نه پليءَ پرينءَ کي،
سي وسري وِيئي ويسري، جي ٿورائتي ڪَيئي ٿورا،
آيئي تڏهن اَعجاز چئي، سر جفائون جورا،
پيچي ڪر پورا، دعويٰ سڪڻي دم جي.

۳- تو پاڻهي ڪئي پاڻ سان، ليلان اڻي لوڙ،
وَرَ نه توسان وڃائيو، تو نه ڪيوڙي توڙ،
هُوڙهي مُوڙهي هاڻ تون، مَنُ مَنئي ڪان موڙ،
ڇني سڳو ڇوڙ، الٽي مهل اَعجاز چئي.

۴- پاڻهي ڪيئي پاڻ سان، ڏوهه بين کي ڏين،
ليلان هاڻي لوڪ ۾، جيڪر دم نه جِين،
پيالو زهر پين، انهي هوند هڻ ڪان.

۵- پاڻهي ڪيئي پاڻ سان، چاڻي واڻي ڇڏ،
پوري اکيون اَعجاز چئي، ڪيئي مٺيون چنيسر مَٺ،
هُوڙهي پاسي حق جي، گهڻو ويئينءَ گهٽ،
ڪري انڌ الهٽ، ڪانڌ مٿايئي ڪچ تي.

٦- ڇالـهـي وَرُ وَلهـو، ڇالـهـي مـوتـين مُٺ،
ويـهـي كـر ويـچار تـون، اِهـو اوائـي اُٺ،
ان كـري آعجاز چئي، ٿـي جوڳـي تـوسـان جُٺ،
جرپر كي ڏيو پٺ، ٿـي منشا پاريشي مَن جي.

٧- جو مـون هار پـانـيـو، سـو مـون لِهُ هو كو مـان،
ڏنـو تـنـهـن آزان، هـٿـي ڏنـگ ڏهـاڳ جو.

٨- جو مـون هار پـانـيـو، سـو مـون لِهُ هو مـوت،
نـاني ٿـينديس نـوت، ٿـڪي اِن فـكـر ۾.

٩- جو مـون هار پـانـيـو، سـو هـو انـدر سـاڻ،
پسي چلكو چاڙهه، مـنـهنجو چت چريو ٿـيو.

١٠- جو مـون هار پـانـيـو، سـو مـون لِهُ هو كو سـون،
پـائـڻ سـان پري ٿـيـم، نـيـڻـن سـندو نـون،
هـڙي كـائـي هار جو، كـهـڙو هـوم ضـرون،
كيم هي كلون پوري اكـيـون آعجاز چئـي.

١١- جو مـون هار پـانـيـو، سـو هـو ڏك ڏهـاڳ،
پوءِ پروڙيم پُرجهي، جڏهن ويـو سـك سـهـاڳ،
مَليان كهڙي مُنهن سان، هائي مِسي مساڳ،
جي پري اچيم پاڳ، تہ آئيان كانڌ آعجاز چئي.

١٢- تـو چگـو چونـدو كـيـن، جيئـن پـاٺمـرا دو پـسريـن،
اِيءُ نـہ پـلائـي پـيـن، كـي مـچ تـہ مـان لهين.

١٣- سرتيون ليو سچ، چوڻ نينڌ چڱن جو،
آير ڪين اعجاز چئي، ڪم ڪَمين ۾ ڪچ،
مٿئين منجهان مچ، متو مون مُنيءَ لاءِ.

١٤- سُرت ڏيوم سرتيون، ڪانڌ ورايان ڪيئن،
جيئن ٿي پاڻ پتوڙيان، تڙجان پئي تيئن،
عهد ڪيم اعجاز چئي، هاڻي جيڏيون هيئن،
تہ صبر موت سينءَ، ڪنديس ڪونہ قريب ري.

١٥- سرت ڏيوم سرتيون، مون ڪُڌائي ڪئي،
ڪَونروءَ جي ڪُپت جي، مونکي ڪل نہ پئي،
مون پانيرو ٿي مُٺ ۾، ڪريان گدرا پئي،
پوءِ پروڙيم پُرجهي تہ وَهي سيرو ڪئي،
اديون اٿين اعجاز چئي، مون ڪان ڳالھ ڳئي،
چؤ تہ ڪيئن چئي، آئون ريجهايان راءِ ڪي.

١٦- سرت ڏيوم سرتيون، وانڍي ڪيس واپار
اوڳُڻين اعجاز چئي، ڏڪجي ٿيس ڏار،
هن هچاري هار، مون ڪان راءِ رُسائيو.

١٧- مُلي ڪانڌ مَ مت، ڇڏ مَ پانڌ پرينءَ جو،
عجز جو اعجاز چئي، ڳچي پائج ڳٽ،
سڳو مٿيون سٽ، تہ ساڳيو تو سماڳ ملي،

١٨- تون ڏوهياڻي تو ڪيو ڏوهه، ڏس مُنهنجي تون پاڻ ڏي،
ڏنيون اکيون ڏسڻ لاءِ، قادر توکي ڪوهه،
پَرينديئي پرکين ها، ڏوهيءَ سندو ڏوهه،
تہ مور نہ توکي موهي ها، مٽئين سندو موهه،
عبث هاڻ آعجاز چئي، چَنڊين وَرتي ڇوهه،
ليلان تي وکين ۽ لوهه، پائهي پنهنجي پاڻ مان.

١٩- پَرم پُلايا س، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
عجز جي آعجاز چئي، ويڙهي اڳ نہ وياس،
هوندي منجهہ هياس، حيف منهنجي حال کي.

٢٠- پرم پلايس، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
عجز جي آعجاز چئي، ويڙهي اڳ نہ ويس،
هوندي منجهہ هُيس، حيف منهنجي حال کي.

٢١- پلايم پرم، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
عجز تي آعجاز چئي، پروسو نہ پانيم،
هئڻ هلايم، حيف منهنجي حال کي.

٢٢- پرم پلايم، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
آهيان هاڻ آعجاز چئي، شاهي منجهہ شرم،
تَاريم ٿا مارم، مدايـن جا مَرم،
ڪيم ڪرجها ڪم، حيف منهنجي حال کي.

٢٣- ليلان چتان لاهه، اکر آئون ءَ جو،
آئون کي آعجاز چئي، کٿي اهميت ناهه،
ڏي آئون کي بناهه، تہ آئون کان آجي رهين.

٢٤- ليلان ليکو کوهه، کرين پنهن جي کانڌ سين،
جي تو وٽ ترسي کينکي، تہ بہ توتي هن جو توهه،
اوڳڻ ڇڏ اندوهه، ڏس نہ کٿر کس ڏي.

٢٥- من ۾ پايو مير پوءِ ٿي پرچائيون کرين،
اوڳي توکي آعجاز چئي، کونہ چوي سچ کير،
سچڻ جي سر چائڻ جو، ائين نہ لهندين ءَ سير،
جيئڻ غلط اکر ميتجي، تيئڻ من تان ميتج غير،
تہ پري اچ ئي پير، پرين توڏي پرچڻ جو.

٢٦- کنهنجو مٽيون کنهن جي کونرو، کير ڏوهيائي کنهنجو ڏنگ،
جو لکيائون لوح ۾، اهوئي پريو انگ،
اصل کان آعجاز چئي، رِليل هو ائين رنگ،
دوريءَ سندو دنگ، وِڌو تڏهين وکهي.

١٢- ساڄا ڪاڪ سندي، سڏ سامي سڻائي،
عاشقن اعجاز چئي، هي نہ وڻي وائي،
سڪ سِر جائي، تہ ڀي ڪاپڙيءَ جي.

١٣- ڪاڄا ڪاڪ سندي، سڏ سامي سڻاين،
شائق شڪاري شوقڪان، پير نہ پٽ پائن،
ڪاڪ سندي ڪيتڪين جي، بُوءِ آديسان آين،
سڪ سر جاين، تہ ڀي ڪاپڙي جي.

١٤- شڪل شبيه ساميءَ جي، شمس جيئن شعاعي،
تڙپ تپش تنهن ۾، جنبش جوش جائي،
پسي ڪنواريون ڪاڪ جون، جوڳي جان جلائي،
تنهن آديسيان آئي، بانڪن بُوءِ برهہ جي.

١٥- شڪل شبيه ساميءَ جي، مورت مٺياري،
واسي ديس ويڳائيل سان، هو بابو بيڪاري،
اهڙي لڳيس اعجاز چئي، ناوڪ نياري،
جو خوءِ خماري، ڪڍهن نہ لٿيس ڪاڪ جي.

١٦- شڪل شبيه ساميءَ جي، هئي جميل جسماني،
پُر نوراني نور سان، پوري پيشاني،
حيرت پرئي حال جي، ڳڻين ڪماني،
هو جوڳي جولاني، سرس ستايل ڪاڪ جو.

۱۷- سامِيءَ سَليا سُڻ، مومل جي محلات جا،
ڪوڙئين ويا ڪيترا، سٺي خان خبر،
ڪنهن جا هليا ڪين ڪي، اُت حيلا هوش هنر،
دَرِ دَريچا چاڙهيون، ڪنگرا ڪوٽ قصر،
سرنگهه سير سنگينا، چوڪٽ چونڪ چڪر،
هيبت هُل هاڳامان، مارِ مرون مانگر،
ڪنول ڪيتڪ ڪيوڙا، سهسين صنوبر،
پاڻ پڪون پيگن سان، پُرس پريءَ پيڪر،
نهريءَ نڪيءَ ناتر جي، وائي ۾ ڪئين ور،
اسرارن اعجاز چئي، منجهايا ماهر،
بنا گياني گُر، مومل ماڻيندو ڪونه ڪو.

۱۸- شڪل شبيهه ساميءَ جي، ساري سونهن پري،
آديسيءَ اعجاز چئي، لاٿي ذوق ذري،
وريو ڪين وري، هلو ته هلون ڪاڪ تي.

۱۹- شڪل شبيهه ساميءَ جي، ڏٺيسون ڏڪويل،
مينهن وسايا اکين مان، مومل جي موهيل،
هو سرس ستوهيل، ڪاڪ شڪستو ڪاپڙي.

۲۰- ڪوڙو ڪاڻو ڪاڪ جو، ڪوڙو طلسم تاءُ،
ڪوڙي بَن بَناءَ سان، ڪوڙو جوڙ جڙاءُ،
ڪوڙو هُل حرڪت جو، ڪوڙو غُل غوغاءُ،
ڪوڙو ڪل اعجاز چئي، عقل ۽ اُناءُ،
راڻو دَنگ دَاناءُ، جنهن سارو راز سهي ڪيو.

۲۱- راڻي راز سهي ڪيو، سو ڏو مرد مٽيئين،
ويروَسيلي سو پاريءَ جي، سوجهي لڌو سَين،
ٽَنهن نچائيٽي ناتر کي، ڏيائي ويو دلين،
پسي ٿير پلنگن ۾، پرجهي پاتئين پير،
اهڙو انگي اعجاز چئي، ڪونه ڏٺو سون ڪين،
شائق ٿيو شين، مومل ماڙي ميندڙي.

۲۲- هليو همير سان ڪري، دانهه درس وزين،
ڪيڏي ڪشالا ڪاڪ تي، وڃي سهڙيا وين،
سٽي سوال ناتر جا، سمجهي ويا سٽين،
عاشق چارئي اعجاز چئي، عاقل هئا اڪسين،
پر توڙئون منجهه تقدير، سوپ لکيل هئي سوڍي کي.

۲۳- کهڙو ويڌن ڪاڪ تي، جي وياسي ڪين ورن،
لکيسري لاڏلا، مُنجهير آت مرن،
ڏڙهزارين ڏوڙ ۾، سِريون سَر ڏَرن،
ڏسيو ڏاڍايون اهڙيون، ڏورڻون ڏيل ڏرن،
عاشن ڪٺين اعجاز چئي، هارڻ جيئن هرن،
بنا نيش ٽرن، ڪانهي جاءِ ڪچن جي.

۲۴- سوڍي جهڙي سرت، ڪنهن کي آئي ڪانه ڪا،
هٿي ڏونڪو پير تي، ڪشيائين ڪمر ترت،
پيئي نيهيءَ کي نرت، ألٽي انگ اکر جي.

۲۵- سودي جهڙي سياڻپ، ڪنهن کي آئي ڪانه ڪا،
عاشق کي آعجاز چئي، هُنَي جاڻ وڏي جاڻپ،
پُرزا پُرزا پاڻپ، مومل جي ڪئي ميندري.

۲۶- نگن جا نڪاء، ڪجهه نه ڪندا تن کي،
ڏنا جن ڏسڻ سان، لاريبي لقاء،
ڏوڏت ۾ ڏڪاء، آهن ڪُوڙن ڪان آعجاز چئي.

۲۷- سودي جهڙي سِتا، ڪنهنکي آئي ڪانه ڪا،
رس رهاڻن راڻي جي، چاڙهين رنگ چتا،
ڪيا ڪنوارين ڪاڪ جي، قند فريب قتا،
لڳن بَان پِتا، جو تِيُن مقابل ميندرو.

۲۸- سودي جهڙي سمجهه، ڪنهن کي آئي ڪانه ڪا،
مَن اندر جا مُنجهه، ميٽي ڇڏي ميندري.

۲۹- سودي جهڙي سوجهه، ڪنهنکي آئي ڪانه ڪا،
ڪيڏاري ۾ جي ڪوجهه، ٿي سوياري سين ڪان.

۳۰- جنهن ڪيا سر سين جا، تنهنجا سودي ڪيا سر،
ساوتي راڻو راڻو ڪندي، هول مَنجهان هَر هَر،
ويس نڪري وَر، ارڏاين جا آعجاز چئي.

٣١- جنهن موهي ماريا چُنگ، سا موهي ماري مينڌري،
ويا وسري وينگسن کي، پنهنجا ڏارا ڍنگ،
راڻي واري رنگ، وِڌس حيرت حال ۾.

٣٢- پِکون جت پانن جون، کده کيف قران،
مگر مچ مجاز جا، گهور گُهمنڊ گينوان،
نين ننڊاڪا نرگسي، خوبان خوب خمان،
عشق سندا اعجاز چئي، بَدل بوند بهان
اُتي اڄ بہ پچان آ راڻي جي رهاڻ جي.

٣٣- پِکون جت پانن جون، کيف کيفيتون کُل،
گُلئي گُلاڻي نينهن سان، ميلو موج متل،
اُتي اڄ بہ هُل، آ راڻي جي رهاڻ جو.

٣٤- پِکون جت پانن جون، کيف کده کونين،
مگر مچ مجاز جا، جهرکن ماه جبين،
مُشک حِنا هبکار سان، حلقا هٺن حَسين،
ڪَنول تنديل کوڙئين، لعلون ۽ لمعين،
اُتي اڄ بہ طلبين، راڻي جي رهاڻ کي.

٣٥- پِکون جت پانن جون، مِسي ۽ مرجان،
مگر مچ مجاز جا، موکي مد مئيخان،
اُتي اڄ بہ مانُ، آ راڻي جي رهاڻ جو.

٣٦- پِڪون جي پانن جون، رَڇن پريمي رنگ،
وڳا ويس وصل، وڇن چنگ اُپنگ،
اُتي اڄ بہ آڙنگ، راڻي جي رهاڻ جا.

٣٧- جهڙا سَرو صنوبر، تهڙا قد ڪاڪ وندين جا،
ڪمرون ڪيهر شينهن جيان، ڪونجن وانگر ڪن،
رنگ برنگي ويس تن ڪي، پَرين مثل پر،
جلوا ۽ جوهر، جوبن جوت جمال سان.

٣٨- جهڙا وَرن عُناب جا، تهڙا احمر لب،
جوبن جوت جمال سان، ماڻهو مڙئي محب،
شمع مثل حُسن جا، شعلا هڻن شب،
مرڪي اُت مرڪب، ڪئين ڪُڏايا مينڌري.

٣٩- جهڙا نرم ڪنول، تهڙا بدن ڪاڪ وندين جا،
هڻين پيرين پدمڻيون، مَن موهن هر پل،
ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڏينهن ۾، تهري ڪوڙ ڪجل،
چرخ هوش عقل، اُتي ڪئين اعجاز چئي.

٤٠- جنهن گُجر لي گهايا، گهوڙون هڻي گهوٽ،
چاڙهي تنهنکي چوٽ، منهن مقابل مينڌري.

٤١- جنهن گُجر لي گهايا، گهور هڻي گرناري،
آئي آخر اعجاز چئي، وار تنهنجي واري،
هَنيُس بان باري، منهن مقابل مينڌري.

۴۲- جنهن ڳجرڙي ڳهايا، هُٿي ڳهور هزار،
آئي آخر اعجاز چئي، واري تنهنجي وار،
لڌيَس ڳل تار، منهن مقابل مينڌري.

۴۳- راڻو ڄاڻن راڻي کي، عين وڏي هيءَ چڪ،
ارض و سماء اوڙڪ، ڪونهي مٽ مينڌري.

۴۴- راڻو ڄاڻن راڻي کي، نسوري نادانِي،
اڻ ڄاڻن اعجاز چئي، مورکن من مانِي،
سوڍي جو ثاني، ڪونهي ڪاڪ ڪنين ۾.

۴۵- راڻو ڄاڻن راڻي کي، بيحد بي عقلائي،
اڻ ڄاڻن اعجاز چئي، اڃان سمجهه نه آئي،
سوڍو سوائي، ڪونهي جهڙس جهان ۾.

۴۶- راڻو ڄاڻن راڻي کي، وڏو انڌ انڌير،
اصل نه هو اعجاز چئي، عيب منجهس ڪو اير:
الٽي اک جو ڦير، آيو نظر نه عام کي.

۴۷- جي واقف وير وحدت جا، هيڪڙائي هاڻا،
سي ڏسي ڏيهه ڏسڻ جو، ٿيا راڻا ۽ ڪاڻا،
سمجهي وڃ سياڻا، انهي منزل مام کي.

٤٨- انهي منزل مام کي، وهجائن وينجهان،
الـتي اک ايکائي جي، الـتي نظر نهان،
پـٽرا اُهي پان عـاشـقن جا آعجاز چـئـي.

٤٩- گُنن پـريـون گجريون، چست چتر چالاڪ،
نئين سج نئين نينهن سان، پائين نئين پوشاڪ،
حسن حڪومت هٿ ۾، ڪن روز قتل منجهه ڪاڪ،
اگيان تن آعجاز چئي، هوش وڃن مُشناڪ،
ڪامي ٿيڙا خاڪ، پتنگ ڪئين پرڏيهه جا.

٥٠- منهنجو توريءَ مينترا، سڪي ساهه پساهه،
سوڌا تنهن جي سور ۾، سڙي ٿيس سياهه،
عاجزيءَ سان آعجاز چئي، گوليءَ بخش گناهه،
لالـن لـڳ الله، پـيـرو پـچ مَ ڪـاڪ تـان.

٥١- منهنجو توريءَ مينترا، سگ نه سياپو،
آهين تـون آعجاز چئي، جيءَ جو جيـاپـو،
لاهه مَ لاڳاپو پچ مَ پـيـرو ڪـاڪ تـان.

٥٢- منهنجو توريءَ مينترا، مُنهن نه مرکي موڻ،
انئي پهر آعجاز چئي، سارِيس انهي سوڻ،
حاذق پرين خصوڻ پچ مَ پيرو ڪاڪ تان.

۵۳- منهنجو توريءَ مينڌرا، جيئڙو ناهي جاءِ،
ڪرهو آئيج ڪاڪ تي، داور ڏير مَلاءِ،
ايڏي جدائي اعجاز چئي، جانب تو مَ ڄڳاءِ،
راڻا رس رهاءِ، ٻيج مَ پيرو ڪاڪ تان.

۵۴- ٻيج مَ پيرو ڪاڪ تان، ڍوليا ڏيئي ڏٿي،
ايڏي جدائي اعجاز چئي، ڪيئن ولهاتو وٿي،
جا منهنجي باب ٻٽي، سا معلوم اٿئي مينڌرا.

۵۵- ٻيج مَ پيرو ڪاڪ تان، سوڍا پاڻ سڃاڻ،
توريءَ ٻلو ٻچڻ جو، حاذق ٿئي نه هاڻ،
اِجهو اچ سياڻ، مُئي سٽنڌين مينڌرا.

۵۶- مُئي سٽنڌين مينڌرا، ڏاگهه مٿي ڪنهن ڏينهن،
نِهوڙيس تنهنجي نينهن، ناهي جاءِ جيئڻ جي.

۵۷- ناهي جاءِ جيئڻ جي، جلڻ پانيم جيءَ،
اڳي پورءِ اعجاز چئي، اتم تنهنجي اُڄ،
سوڍا ڪيئي سڄ، مون سان رُسي مينڌرا.

۵۸- راڻا ڪر نه ماڻا، واڳ ورائي آءُ تون،
ڪنول تنديل ڪاڪ جا، توريءَ ڪو ماڻا،
پاڻ سڃاڻي پاڻان، نوازيج نظر ڪي.

٥٩- راڻا ڪر نہ ماڻا، مُيون ٿو مارين،
عاجزيءَ سان اعجاز چئي، گڏجي نہ گهارين،
واڳ وصل وارين، مان اسان ڏي مينڌرا.

٦٠- راڻا ڪر نہ ماڻا، مُيون ڪِين مان،
ڏور مَ ڏينهن گُذان، گڏج تہ گوندر لاهيون.

٦١- گڏج تہ گوندر لاهيون، گل ڦل ٿين گلزان،
وچي جيئري جان مسرت ماڻيون مينڌرا.

٦٢- پٽ وسئي پولِيا، ڪاڪ مَ سُجي ڪن،
ڪاهي آءُ ڪرهو، اي داور دلاون،
تہ آئون اُٿي هر هرِ پيلهپو ڏيان پنهين جو.

٦٣- ميڙ مچين جي مينڌرا، غير ڪري اچ گنئون،
ڪلنڪ مَ ڏي ڪاڪ کي، ڪوڙهيو چئہ مَ مون،
مون من تون هين تون، تو من کي پيو مينڌرا.

٦٤- مان گڏ ميان مينڌرا، هي ماڙيون ماڳ رئن،
ڪنول ڪيتڪ ڪاڪ جا، سوسن ڏار سڙن،
نرمل تنهنجي نينهن ۾، ٿيون نماڻيون نجهرن،
تون ڪيئن وڃان تن، راڻا رات رُسي وئين.

٦٥- ڍٽ وسنئي ڍولِيا، پيرو پچ مَ پتال،
آئون جيان تو آسري، ڪامل ڪلنگي دال،
وَرُ وِلهي ۽ جا وکها، پريَم سٽي پوڪال،
عاجزي ۽ سان اعجاز چئي، گهاري وجهي مَ گهال،
اندر منجهہ آزال آهن تُنهنجي عشق جا.

٦٦- جو ڍَٽ وَسي تو ڍوليو، ڪاڪ ڏٺي پڻ سوءِ،
تنهن ري ۽ روح اعجاز چئي، تو راتيان ڏينهان روءِ،
پڇاڻا تنهن پرين ۽ جي، ڪلڻ خوشي ڪڏ پوءِ،
سودي گهڻو سمجهائيو، مور نہ سمڌيس توءِ،
آئون اناسي جوءِ، جو ڪريو چاڙ جيان پئي.

٦٧- مومل وٺي ميڙ، آئي در مينڌري،
تہ مون سان تون منهنجا پرين، هيئن نہ نينهن نکيڙ،
مونسان ويهي چيڙ، سا گيا تصا سور جا.

٦٨- راڻي سان رهان، ڪئي ڏينهن تيام
سارينڌي ساجن ڪي، لنگهي وَرهہ ويام،
سُهمان سور اعجاز چئي، سَهٽا سِر پيام،
ڪوڙيئن عرض ڪيام، مور نہ پرچي مينڌرو.

٦٩- مور نہ پرچي مينڌرو، هاڻِ ڪريان ڪيئن،
ڏسيو اوهين اعجاز چئي، جيڏيون مونکي جيئن،
آئون اٿي تيئن، سودي کي سرچائيان.

٧٠- سوڍي کي سرچايان، کھڙي آئون دستون،
جنھن مان راڻو راضي ٿئي، سا مَت نه اچيم مون،
کيڏانھن وڃان کنھنکي چوان، ڳُڻيس بيقصور،
سرتيون اھو سور، سھي سگھنديس ڪانه ڪا.

٧١- راڻا تنھن جي رھاڻ لاءِ، تيون ھتي سڀ سڪن،
جي تو موھيون مينڌرا، سي ڪِن نه ٻي ڪا ڪن،
انئي پھر آعجاز چئي، ويڳاڻيون وتن،
گھوٽ تنھنجي ڳڻتن، ڳھائي ڳھايون ڳُجريون.

٧٢- سوڍي ريءَ نه ڪريان، سرمون سينڌ ڦٽي،
سرتيون ھن سينگار کي، پوريو ڪڍ ڪٽي،
ميندي مشڪ مساڳڙو، ھلنديس ڪانه ھٽي،
جنھن ايندو ڪاڪ ڏٽي، تنھن اچا اوڍينديس آعجاز چئي.

٧٣- ساريو ساري رات، سرتيون ڪريان صبوح،
راڻي ڏاران روح، روئي ۽ ريھون ڪري.

٧٤- رئندي گذري راتڙي، سِڪندي لھي سج،
اکين مان آعجاز چئي، نير وھاين نجُ،
قاصد اھا ڪِج، خبر ڏالي ڍول سان.

٧٥- رئندي گذاريم راتڙي، سڪندي سج لهيم،
سوڍا سور فراق جو، ساهہ نہ هاڻ سهيم،
اکين مان آعجازؔ چئي، وَرُ ورُ نير وهيم،
روڪيان تان نہ رهيم، وڃي دل وهلور پئي.

٧٦- راڻي جيئن رنگ، ڪو نہ ڏنو ڪنهن ڪاڪ ڪي،
آيو نہ اهڙو آعجازؔ چئي، ڪنهن ڪي اکر انگ،
سر تيون سوڍي سنگ، راز آهي ڪو رب جو.

٧٧- سوڍي جهڙي سياڻپ، ڪنهنکي آئي ڪانہ ڪا،
لِڪائي پنهن جي لقاء سان، راڻي پنهنجي راڻپ،
مومل واري ماڻپ، ماڻي وِڏي مينڌري.

٧٨- تن من تولاءِ مينڌرا، سڪي ساهہ پساهہ،
سوڍا تنهن جي سور ۾، سڙي تيس سياهہ،
عجز سان آعجازؔ چئي، گولي بخش گناهہ،
لالن لڳ الله، پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان.

٧٩- من تن تولاءِ مينڌرا، هينئڙو وڃم نہ جاءِ،
ڇُلي هيئن ڇيهہ ڪري، جاني تو نہ جڳاءِ،
راڻا رس رهاءِ، واڻي وار وصال جي.

٨٠- من تن تولاءِ مينڌرا، جَلي جان جگر،
اچي ڪو نہ آعجازؔ چئي، توريءِ سڪ صبر،
بِرهہ تنهن جي بِر، ڪيس ڪاڪ وڻن ڪان.

٨١- پيرو پَچ نہ ڪاڪ تان، ڍوليا ڍٽ ڏٺي،
آڪاڻي اَعجاز چئي، ڪوليان ڇاڪٿي،
ڇا منهنجي باب بٺي، سا معلوم اٿئي مينڌرا.

٨٢- پيرو پچ مَ ڪاڪ تان، ڪامل ڪرهو آن،
نہ تہ هيءَ مُئي هِت هان، مُئي سڻنديِن مينڌرا.

٨٣- پيرو پچ نہ ڪاڪ تان، راڻا عرض اوناءِ،
ريتي رنج رسامن ڪي، ويچا وڃ وڃاءِ،
ريجهي رنگ رچاءِ، سوڍا ساڳي ريت سان.

٨٤- آءِ راڻا ڪرهو آن، پيرو پچ نہ ڪاڪ تان،
مشڪ چندن موٽي تون، مونسان ملي ماڻ،
هيءَ مُئي نہ تہ هان، مُئي سڻنديِن مينڌرا.

٨٥- هيءَ بہ روئي رات، مون گذاري مينڌرا،
توڪي وِسري سڀ وٺي، اسان اهائي تات،
فَاذڪُرُونِي بات، آيئي نہ ياد اَعجاز چئي.

٨٦- هيءَ بہ روئي رَين، مون گذاري مينڌرا،
آهن الاهي غين، شاهد انهيءَ ڳالهہ جا.

٨٧- شمع جلي شب جلي، جلي باتي جوت،
مُيس بنا موت، راڻي رُسا مون ڪيو،

٨٨- شمع جلي شب جلي، جلي منهن جي جان،
اَلـفِراقُ اَشَدمِنَ المَوتِ واءِ ٿيس ويران،
ڪئي ورڻ جي ڪانه، اجان مير مينڌري.

٨٩- شمع جلي شب جلي، جلي سندم سونهن،
ڪَلنڪ لڳو ڪاڪ کي، دلين چڙهيا دونهن،
راڻي جي وِرُونهن، ٿلعي ڪاڪ وَنِدن جي.

٩٠- شمع جلي شب جلي، جليو چندن مشڪ،
جو ميٽ ملاير مينڌرا، سو به سڙي ٿيو خشڪ،
هي اڳني ڪي عشق، جنهن سوڍا ساڙيو سپ ڪي.

٩١- شمع جلي شب جلي، جليو جيءُ جڳٽ،
آتڻ سواءِ اُودو ٿيو، رُليو راج منگهٽ،
راڻي رخ مٽي ڪيو، اديون مونسان الهٽ،
نيو وڏو نڪٽ، آهي اندوهيل اعجاز چئي.

٩٢- چن مَ چنن، گهوريو نينهن ورائي ڳنڍ،
سي سڙيون ٿين سنڍ، جي وڃن وڄ اعجاز چئي.

٩٣- چن م چنن گهوريو، نينهن ورائي ڳنڍيج،
لاهه نه مون تان مينڌرا، هو جو پهريون هيج،
اول آخر اعجاز چئي، تو ڙ نڀائي نيج،
چني ڪيم چڏيج، طعنن جي تنور ۾.

٩٤- ڇن مَ ڇنن گهوريو، گنڊ وراڻي نينهن،
تنهن جي ٽلڪ فراق جو، شال نہ ڏسان ڏينهن،
ميڙاڻي جو مينهن، مِل تہ وسايون مينڌرا.

٩٥- ڇن مَ ڇنن گهوريو، ڇڏ ڇنن جي ريت،
پرچ تہ راڻا پنهنجي ٿئي وري نئين پريت،
راڻا تنهن جي نيت، ڪتان سڪئين ميان مينڌرا.

٩٦- ڇن مَ ڇنن گهوريو، ريت ڇنن جي ڇڏ،
نازڪ ناتو نينهن جو، هيئن مَ هلي هڏ،
منٿ مڃي مَن گڏ، آئون ڏي نہ اعجاز چئي.

٩٧- مومل ميڙ وني، آئي در مينڌري،
تہ منصف ٿي ڪر ميل ميان، آئون ناهيان مور مَني،
تو جهڙي ڪاله ڏني، آهيان اڃ بہ اهڙي اعجاز چئي.

٩٨- ميڙ وني مومل، آئي در مينڌري،
تہ فاضل ٿي فرمان پنهنجي سان، ڪر ڪو تياس ڪمل،
وڃائج نہ وهم ۾، هيڙي ويل مهل،
تو جهڙي ڏني ڪله، آهيان اڃ بہ اهڙي اعجاز چئي.

٩٩- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي گل بوءِ،
پر راڻي واري روءِ، اوران اور اعجاز چئي.

١٠٠- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ ڪُونڌ،
پر راڻي واري هوند، آوران اور آعجاز چئي.

١٠١- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي ڪَلنگي دان،
پر ڏول راڻي جي ڏان، اوران اور آعجاز چئي.

١٠٢- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ ماه،
پر راڻي جي نگاه، اوران اور آعجاز چئي.

١٠٣- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪري ڪاڪ وڪاءَ،
ڪنهن جو هلير ڪينڪي، تاب طبل ۽ تاءَ،
سوڍي جو سُياءَ، آهي اوران اور آعجاز چئي.

١٠٤- جي اڳين اڇن تو، پائي پاند ميندرا،
ڏڪ ڏي ڏيکج پو، عيب انهن آعجاز چئي.

١٠٥- جي اڳين تو اڇن، پائي پاند ميندرا،
تن موٽائي نہ ڏجن، منهن ۾ عيب آعجاز چئي.

١٠٦- جي اڇن تو اڳين، پائي پاند ميندرا،
ڪيم اوٺايون ڳڻ، انهن جون آعجاز چئي.

١٠٧- جي تو در اڇن تو لاءِ، پائي پاند ميندرا،
ڏيئي مُفت محيّ الدين چئي، تن جو منهن مرڪاءِ،
مان ڏيئي موٽاءِ، جو وڙ وڙائتن جو.

١٠٨- جي اچن تـو در، پـائـي پـانـد مـيـنـڌرا،
انـهـن سـان آعجاز چئـي، پـرچڻ واري کـر،
پـار کـريـمـي پر، مَديـون مڙوس مَدن جون.

١٠٩- جي تـون نـ ايـنـديـن مـيـنـڌرا، تـ آئـون تـوڏي ايـنـديـس،
راڻا تـنـهـن جي راج جي، گـولـي ٻانـهـي ٿـيـنـديـس،
تـو در دم ڏيـنـديـس، اثـم آس آعجاز چئـي.

١١٠- جي تـون نـ آئـين مـيـنـڌرا، تـ آئـون ٿـي تـوڏي اچان،
جيسين اٿم دم آعجاز چئي، تيسين وِچ نـ وجهنديس وچان،
آهـيـان سَچان پَچان، فـنـا تـنـهـن جي فـراق ۾.

١١١- جي ڀِـٽ تـنـهـنـجـو ڀِـٽ ڏٺـي، تـ ڪـاڪ بـ تـنـهـنجي آهي،
تـنـهـن جي هـن تـڙن تـي، ڀـيـو نـالـوئـي نـاهـي،
ڪـرهـو اچ ڪـاهـي، اُڪـنـديء اڳن آعجاز چئـي.

١١٢- جي ڀِـٽ تـنـهـنـجـو ڀِـٽ ڏٺـي، تـ ڪـاڪ لُڏوڻـو ڪـنـهـنـجـو،
تـون مـالـڪ سـڀ تـڙن جو، سـڀ ڪـجهـ تـوڪـي پـنـهـنـجـو،
تون موٽي ٿي منهنجو، آئـون آهيان تنهنجي آعجاز چئي.

١١٣- ڀِـٽ وَسَـئـي ڀـولـيـا، وسـئـي مـحـلـو ويـڙهـو،
لاڙي آء لـيـڙو، مـوٽـي ڪـاڪ ڪـنـڌيـن تـي.

١١٤- ڏٺ وسئي ڍوليا، وسئي ويڙهو محلو،
کھڙو بانور دم تي، ايڏو ٿليءَ مَ گھيلو،
وَرُ سگهو وهلو، ڪرڪو ڪاڪ ڪنڌين تي.

١١٥- ڏٺ وسئي ڍوليا، وسئي اوڙو پاڙو،
عاجزائين ڪان آعجاز چئي، وٺ نہ پاڙو ڇاڙو،
لله لڳ لاڙو، ڪرڪو ڪاڪ ڪنڌين تي.

١١٦- مُکي ستندين مينترا، ڏاگھ مٿي ڪنهن ڏينهن،
اصل تنهنجو آعجاز چئي، ويهن نہ ڏي نينهن،
مرگ سندو مينهن، اچي سر آگميو.

١١٧- ڪوڙئين آياڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ خان،
ڪنهنجي چلي ڪان، رِيءَ راڻي هيڪڙي.

١١٨- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي ڪلا داري،
اچن سان آعجاز چئي، هڙني بازي هاري،
سوڍي پسو ساري، جنهن سپ تڙ سورانگھيا.

١١٩- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ ڪلنگي دار،
ويا چڙهي تن جا، ڪنگرين سر ڪاپار،
ڍولن پسو ڍار، جنهن سپ تڙ سورانگھيا.

۱۲۰- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪري ڪاڪ ڪنڌي وڏاءِ،
ڪنهنجو نهريو ڪينڪي، دم دعوئ داءِ،
سوڍي پسو سياءِ، جنهن سيپ تڙ سورانگهيا.

۱۲۱- لڳنا ماڻهو لڏوڻي جا، عشق سدائين وٽن،
تنهن ڪان منهن نہ مٽن، جنهن سان لائين نينهڙو.

۱۲۲- لڳنا ماڻهو لَڏوڻي جا، ماڪيئون مٺا مَليح،
عجب عين انهن جا، ابرو قوس قزيح،
سي عشق وندا آعجاز چئي، فهميده فصيح،
جيڪي منجهن قبيح، سي بہ آهن سهڻا عام ڪان.

۱۲۳- لڳنا ماڻهو لُڏوڻي جا، سڪن سيڪارين،
مري جي آعجاز چئي، پرت پنهنجي پارين،
نڪٽ نهارين، نسنگ لائين نيهڙو.

۱۲۴- لڳنا ماڻهو لَڏوڻي جا، پوڃن ڳليون ڪونئن،
اُت عشق جا آعجاز چئي، پرن پيُوريون پونئن،
هل تہ اوڏهين پارايئين، ڳل ڳانيون مُنهن ٽونئن،
ڳمُ ڇڏي ڏي ڳونئن، محل وڃئي ٿي ملڻ جي.

١- نوري اصل نور، سيرت واريءَ سونهن سان،
ڪئي ناتي نينهن جي، نورِ علـيٰ نور،
عشق سان اعجاز چئي، تي ٻنهي ڪنڌئين مشهور،
سمون مٽس مخمور هو، ۽ پان مٽس مخمور،
مائيائين مقدور، هٿي چار حُسن جي.

٢- هٿي چار حسن جو، اوج مائيائين آنند،
پاتائين بند ڪمند، عشق واري عجز سان.

٣- هٿي چار حُسن جو، پان پرنيائين چام،
تماچيءَ پاتا تڏهين، ڪينجهر پاس قدام،
چَتر چشم بادام، آڏڙيس مَن اعجاز چئي.

٤- هٿي چار حسن جو، ڳِڳين ناز نياز،
راضي رکيائين راءِ کي، هردم ٿي همراز،
برهه وارو باز، هو مهائيءَ هٿ ۾.

٥- هو مهائيءَ هٿ ۾، جادو جوڀن وارو،
وصالي نور وَنين ۾، ڪيف ڪجل ڪارو،
نسنگ نظارو، من موهيندڙ مُرڪ سان.

٦- ڇڇهو جَر ڪينجهر جو، ڇڇهي جوءِ جهنگور،
پڪا ڪڙ ڪنارسان، ڳهائي ڪل ڪنگور،
اِردو گرد اعجاز چئي، آڇاپن آڇهور،
مَنجهس ڪاڄ مڙيوئي، بيحد مڇي مور،
مَڏ ميائيون مڪڙيون، جهونا جهوڪ جهڪور،
اتي اوج آتور، چام تماچيءَ ڪيڙا.

٧. ججهو جر ڪينجهر جو، ججها جهمٽ وٺن،
ڪوڙئين ڪونئر ڪليون، ڪوڙئين پونر پرن،
هُڙهيا ڳڙهيا هزارين، ڏونرن جيئن ڏلن،
ڪُر ڪوڏا سپيون پڻ سائي پن،
عبرتي اکين، هي نقش نظارو ڇڏيو.

٨. ڪيڏهن شان سنڌوءِ، ڪيڏهن عيبن اگلي،
تو سان تخت بخت جو، تنهنجو جوڙ نه ڪوءِ،
يار تماچي ياريءَ جو، ڪيئن هن سان پير پريوءِ،
عجب آهه اعجاز ڇئي، ڪيڏو پال ڪيوءِ،
اڳي پوءِ پرتوءِ، ميرو راڄ مَلاحِڪو.

٩. ڪيڏهن شان ڪبريائي، ڪيڏهن عيبن اگلي،
تون صاحب پاڪ پريت جو، مون ۾ غير بيائي،
ڪيئن جامِ تماچي، توکي پسند اهالڙي آئي،
تو تنهن سان لئون لائي، جا جوڙ نه تنهن جي ذات جو.

١٠. ڪيڏهن شان شاهي، ڪيڏهن عيبن اگلي،
تون صاحب سخا ونا جو، ڪلنگي دار ڪُلاهي،
سمان تنهنجي سماءَ ڪي، پانيمِ رازِ الاهي،
ڇا هي زُمرد جاهي، ڇا هيءَ جهيرڻ جهنگ جي.

١١- تون تماچي تخت ڌڻي، تون سيني جو سلطان،
لَوَلَاكَ لَمَا اَظهَرتُ رَبُوبيت، ايڏو سنڌ ۾ شان،
وَاَنا اَطلبُ رِضائِکَ يا مُحمد ﷺ، راضي تو رحمان،
تَکَان قَابَ قَوسَين اَو اَدنيٰ، بيشڪ تيڏي مڪان،
آئون ڪريان اعجاز ڇئي، باقي ڇا بيان،
ناهي ڪو ٻِيو نِڌان، تنهن جي ذات صفات جو.

١٢- تون تماچي تڙ ڌڻي، تون سين سرتاج،
سمان تنهن جي سهاڳ جو، آهي مون احتياج،
هيءُ مٽي محتاج، ڪر ڀاڄهه سڀاڄها سپرين.

١٣- تون تماچي تڙ ڌڻي، جوڙ نه تنهنجو جواب،
انا احمد بلا ميمي جو، توتي خاص خطاب،
آئون مڃي مار اعجاز ڇئي، مون ۾ عيب ثواب،
ناهي حد حساب، تنهنجي ذات صفات جو.

١٤- آئون اپوڄهه اوڳڙي، تنهن جو سين تي توهه،
بخش ڪجان بدڪار کي، جيڪو ڏسين ڏوهه،
مون ۾ عيب انبوهه، تڄان ڍڪ ڍلي ءَ جو.

١٥- تون سمون تون سلطان، تون سردار سونهارو،
شاهي تنهنجي شان تان، سنسار صدق سارو،
ڪونهي ڪنارو، تنهنجي ذات صفات جو.

١٦- تون سمون تون سلطان، تون سردار سبحاني،
شاها تنهنجي شان تان، ڪل شيءِ قرباني،
ڪونهي ڪو ثاني، تنهن جي ذات صفات جو.

١٧- تون سمون تون سلطان، تون سردار وَر وثيق،
ڪونهي ڪو ٻيو شريڪ، تنهن جي ذات صفات جو.

١٨- تون سمون تون سلطان، تون سردارن سردار،
آئون آهيان اعجاز چئي، مي مچيءِ مار،
آر نہ ڪوئي پار، تنهن جي ذات صفات جو.

١٩- تون سمون تون سلطان، تون سردار ساڪي پَتي،
آئون عيبن ڪان اعجاز چئي، ناهيان ڏاررَتي،
تون نوازي نظر سان، ڪرينم لال بتي،
مون تڏهن آهہ وَتي، دامن تنهن جي داورا.

٢٠- تون تماچي تڙ ڏٺي، هي سڀ تنهنجا تڙ،
لڳيس تنهن جي لڙ، آروڪن مَ اعجاز چئي.

٢١- تون تماچي تڙ ڏٺي، تون ڪر ٽُسي توهہ،
بخش ڪجان بدڪار کي، جيڪو ڏسين ڏوهہ،
الئہ ايءَ اندوهہ، آروڪن مَ اعجاز چئي.

٢٢- تون تماچي تڙ ڏٺي، تون ٿ پلجي جڳُ،
وٺي ويٺيس تڏهين، آئون داور تنهنجو ڏڳُ،
مون تان لِلّٰہِ لڳُ، آروڪن مَ اعجاز چئي.

٢٣- نوريءَ من تماچي، تماچي من نوري،
پرت پنهي جي پاڻ ۾، سُرهي سموري،
مشڪ ڪتوري، ٿيو ڪينجهر ڪُل اعجاز چئي.

٢٤- ڪينجهر ڪناطون ڪُتيون، نوري ناتي ڪاڻ،
آئي ويل وصل جي، سڀ جاءِ ٿي سرهاڻ،
مي سمي پاڻ ۾، ڪئي روح رهاڻ،
وينا ڪن واڪاڻ، مهاڻا مجلس جي.

٢٥- ڪينجهر ڪناطون ڪتيون، خستوري بُوءِ کُلي،
تماچيءَ جي تنبوءَ ۾، حسن هوءِ هُلي،
سمي ڄام جُلي، ڳلي لاتي ڳنڍري.

٢٦- ڪينجهر ڪناطون ڪُتيون، ڪيون ملاحن موجون،
هٿي وييون هيٺن تان، فڪرات جون فوجون،
ٿيون آل جال اعجاز چئي، آنند ۽ اوجون،
ڳنڍيون ۽ ڳوجون، ماڳهين وِيين وسري.

٢٧- ڪينجهر پنهي ڪنڌئين، ڳڻ سمي جا ڳائين،
وَري وارِ ولهن جي، پلايون پائين،
جي راءَ ڪي رائين، راءِ بہ رانئي تن ڪي.

٢٨- ڪينجهر پنهي ڪنڌئين، ڪن سمي جي سارا،
تُسي آيو تخت ڏٺي، پَکِن پيا پساھ،
وائي هر ڪنهن وات ۾، تہ واھ تماچي واھ،
آندو تو ڪي الله، اڙين ڪان اعجاز چئي.

٢٩- ڪينجهر ھنھي ڪنڌئين، ڪن سمي جو سلام،
وينا وٺن اعجاز چئي، ٻِلو سندس نام،
تن تماچي ڄام، ڪين وساري ڪڏهين.

٣٠- ڪينجهر ھنھي ڪنڌئين، ڪن سمي کي سڏ،
مَرسي مرڪن مَڏ، ڇِت گهوٽ گهمي آگهاريو.

٣١- ڪينجهر ھنھي ڪنڌئين، سَمي لڌي سار
مهاڻن پاتا مرڪي، هيرن سندا هار،
لاهي لاڇُوڙن کي، اوڏيائون پَٽ اپار
چاريون ۽ چارِ گُلمي ڪنيائون نه ڪڏهين،

٣٢- ڪينجهر تناطون ڪتيون، لتين لوڙهن واري لوڙ
سمي آئي سوڙهه، اُڪري ويئي اعجاز چئي.

٣٣- سميون سومريون من ۾، ڪيو ريس ڪڙهن،
نڪي پُڄن ڄام سان، نڪي لاهي ۽ پاس لڙن،
سڙيو ٿيون سڙن، نوري ۽ سندي نام سان.

٣٤- سميون سومريون من ۾، گُهمن رکيو غير،
پاسي ٿي پريت ڪان، وڃهي ويٺيون وير،
سو نه وٺن سير، سمون جيئن سرچي پوي.

۳۵- نوريءَ ڪئيو نيازمان، هو سميون هوڙ مٺيون،
پاڻهي سڏائن پان کي، جيڪي سهٺيون ۽ سُٺيون،
سي ڪمڙي زيت ڪُٺيون، ريجهائينديون راءِ کي.

۳۶- نوريءَ ڪئيو نيازمان، تاج تماچي تخت،
سمين سومرين کان ٿيس پوءِ پُڳيرو بخت،
سمون تن لاءِ سخت، جي پاڻهي پَڏائن پان کي.

۳۷- نوريءَ وٽان نياز، سميون سکڻ آئيون،
ايءَ الاهي راز، عجب آهه اعجاز جئي.

۳۸- هٿي ڄار حسن جو، ڄَٽيءَ ماڻيو ڄام،
ڪينجهر مٿي ٿيام، تماچيءَ ڪيو تڏهين.

۳۹- نه هُڏي نه هوڙ ڪا، نڪي حجت هلائي،
نوريءَ نهٺائيءَ سان، پٽي ڳالهيون ڳڻ ڳائي،
تڏهن سڏائي، سمي وهاري سيج تي.

۴۰- نه هُڏي نه هوڙ ڪا، نڪي تَوڪَ نه ڪائي تَڏَ،
نوريءَ نهٺائيءَ تي، هيري ڇڏيا هَڏَ،
تڏهن ڪري سڏ، سمي وهاري سيج تي.

۴۱- نه هُڏي نه هوڙ ڪا، نڪي طمع رکي تن،
نوريءَ نهٺائيءَ سان، موهي ودس من،
تڏهن ڏيئي سَمن، سمي وهاري سيج تي.

۴۲- نہ مُلا ئي نہ موڙ ڪا، نڪي حجت پائي هٹ،
نوري ۽ نماڻيءَ سان، ماڻي وڏي وَٽ،
اهڙيءَ ڪي اعجاز چئي، ڪير چوي تون اُٽ،
مُورهين ڪجيس منٽ، تہ ويہ اسان جي وٽ ۾.

۴۳- جي مار مڇيءَ ڏاران، ڪار نہ ڪائي ڪن،
آڏي مانجهي اعجاز چئي، پُڇيون پَن هٹن،
تماچي لاءِ تن، تو لاهي تارا عرش جا.

۴۴- ڪائن چائن ڪڪيون، ذات مهائي مي،
بيهڻ ويهڻ نہ پانئجي، پر ۾ جني جي،
تماچي تن ڪي، تو پياري پَٽ هٽن سان.

۴۵- ڪائن چائن ڪڪيون، ذات گندري گهٹ،
بيهڻ ويهڻ نہ پانئجي، وجي جني وٽ،
تماچي تنهي هٹ، تو اچي وجي اعجاز چئي.

۴۶- ڪائن چائن ڪڪيون، ذات گنديري گَند،
پَسو تماچي تن تان، اُيو گهوري چِند،
اي شڪر الحمد، جو ناتي ۾ ٿيو نوريءَ جي.

۴۷- ماٿارَڇ مٿن تي، ڇڇيءَ ڇنگا هٹ،
سمون تن سَٿ، وتي چار ڪلهي ڪيو.

٤٨- ماٿا رچ مٿن تي، ڄڃي ڄنگا هاٿ،
سمون تني ساٿ، وٽي ڄار ڪلهي ڪيو.

٤٩- ماٿا رچ مٿن تي، ڄڃي ڄنگا ڪول،
سمون تن ۾ گول، وٽي ڄار ڪلهي ڪيو.

٥٠- ماٿا رچ مٿن تي، جهاڳين وڃيو جهاڳ،
جي گهمن ڦرن آئيهي، ڇَرن ۾ ڇڙواڳ،
سمون تني ماڳ، وٽي ڄار ڪلهي ڪيو.

٥١- ماٿا رچ مٿن تي، ميرا منهن جني،
جتي جر جو ڪائٽنو، پرن اُت پَني،
سمون منجهہ تني، وٽي ڄار ڪلهي ڪيو.

١- پنهل پُري آءُ تون، سگهي پرت سندي پُکار،
هاڙهي ڏٺي حب ۾، حامي ٿي هڪوار،
اچي لهه اعجاز چئي، مون سڪايل جي سار،
داور تو کان ڌار، ناهيان هوش حواس ۾.

٢- پنهل آءُ پُري، محب منهنجي مَنهين،
پانهي تي پاروچيا، ڪري تون وڙ وَري،
اچي مل اعجاز چئي، تان پانهين وچي پُري،
تو لاءِ دوست دري، ڪوليو ڪڙي آهيان.

٣- جيئن جيئن ڳوليان سپرين، تيئن تيئن لِڪ ڪري،
منهنجي تنهن محب ري، ساعت ڪيم سري،
آيس آئون اعجاز چئي، اوڪي عشق اري،
پنڌ اٿانگو پير پيادي، اندر آگ ٻري،
ڏکيءَ ڏيل ڏري، جهانڪا پسيو جبل جا.

٤- جيئن جيئن ڳوليان سپرين، تيئن تيئن ڪري لِڪ،
سڙان پئي ان سور ۾، سهڻ ڏي نه سڪ،
آندم هتِ اعجاز چئي، چپر ڏٺيءَ جي چڪ،
هيڪر تَيان هڪ، مر پوءِ موت اچيج تون.

٥- اوڳي هيس اديون، مون نه پروڙي مام،
دغار ڪي دل ۾، ناهيئون نڳي نام،
ڪولي صراحي سور جي، جام پيارئيون جام،
هيئن نه پانيم هيڏا ڪندا، آريچا اظلام،
آئون نه هيس اعجاز چئي، داسي ڏاڙان دام،
سات لڏي هو ساجهري، بر لنگهي ويا بام،
ڪانيس انهي ڪام، جاڙون جت ڪري ويا.

٦- اُٺن ڏوھ نہ اڏيون، نڪي ڏيرن ڏوھ،
نڪا جبل جاڙ ڪئي، نڪي ٻوھن ڪيو ٻوھ،
ڇا جو ھاڙھو حب، ۽ ڇا جو راڻو روھ،
الزام ڏريان آعجاز چئي، ڪيچيڙن تي ڪوھ،
لِڪئي ڪير لوھ، ھٿي ڀان ڀروچ جي.

٧- مون تان وس وڌو ڪيو، پر ھوت نہ منھن جي وس،
پينرياڳ نہ پڙائيو، تند نھوڙي نِيس،
اويرو اٿيس، ھٿان ويني ھٽڙا.

٨- ڪڙھيس جني ڪاڻ ڙي، مون ڪاڻ نہ ڪڙھيا سي،
آئون سٺايان آعجاز چئي، مي سور وجي ڪنھنکي،
جتن ڪيرن جي، سي جاڙون نہ جاڙن جمڙيون.

٩- ڪڙھيس جني ڪاڻ، ڪين ڪڙھيا سي ڪاڻ مون،
ڏونگر ڏاڍن سان، ناحق لايم نينھڙو.

١٠- سور پسي تون سسئي، ھيٺي ٿي مَرھٽيج،
پڪيءَ پختيءَ پرت سين، پُنّيءَ ھوت پُريج،
ھُن چنو تون گنديج، عجز سان آعجاز چئي.

١١- اوڳي عشق آعجاز چئي، نرمل سان نياءُ،
جيسين پڄئي وسڙو، تيسين وڪ وڌاءُ،
پرئتي پيرم پاءُ، مرڻ پلو اٿئي مارڳين.

۱۲- اڄان پئي اوڳي، سانگو رکين ساھ جو،
سودي ٻنان سر جي، محب نہ ملئي موڳي،
جيءَ ڪري جوڳي، پيرو ڪٽج پنھون ءَ جو.

۱۳- پيرو ڪٽج پنھون جو، خيمان ھت نہ ڪوڙ،
مُنھن پنيورئون موڙ تہ پسين ھوت حبيب کي.

۱۴- توڏن پٺيءَ توڙ سيڪا ڪندي ڪانہ ڪا،
جا ڪامي ٿيندي ڪوڙ سائي سڏبي سسئي.

۱۵- توڏن پٺيءَ پنڌڙو، جيڏيون ڪيو جن،
انھن کي آعجاز چئي، سڪ ملايو ساڄن،
جي نہ وسھو جيڏيون، ھلي تڪيا پسو تن،
مرڪيو پيا مرڪن، اڄ بہ ماڳ انھن جا.

۱۶- جي سڄڻ ناھي سان مون، تہ سور سڄڻ جا مون،
پري شل مَ پُون، انھن ھنڌي کان ڏينھڙا.

۱۷- سکن کان سو وار، سور پاڻيان ٿي سڱرا،
دم جني کان ڏار، اصل نہ ٿيان آعجاز چئي.

۱۸- جس سورن کي جيڏيون، جن ثابت سات ڏنو،
پرينءَ ريءَ پرديس ۾، تن ناتو ڪين ڇنو،
ويچارن واڪا ڪري، مون سنگ رت رنو،
جي ورڃ وَر وَنو، تہ پڻ رھايان روح ۾.

١٩- سسئي کي سفر جي، صلاح ڏني سک،
ڇپر ڏٺيءَ جي ڇک، بيزار ڪئي پنيور کان.

٢٠- بيزار ٿي پنيور کان، بيگاهه وقت برهمڻ،
اٿي هلي اعجاز چئي، ڪَرُ ڪيئي ڪامڻ،
هڪي هٿي ڪينڪي، درد پسي ڏوهڻ،
لطفي منجهه لڏڻ، پهتي پنهل ڄام ڪي.

٢١- سسئي کي سفر جي، صبلاح ڏني سورن،
سک ٻڌايس سندرو، پند ڪرايس پورن،
آندس روح اعجاز چئي، ٻرهه ٻهورن،
تن ماري مذڪورن، جي پنهون ڪيس پرَ ۾.

٢٢- وڃي پهتي پنهل ڄام ڪي، سهسين وريس سک،
جيئڻ شڪرانا شڪور جا، ڏور مڙئي ٿيس ڏک،
اندر واري اعجاز چئي، جهڪي ٿيڙس جک،
مصحافي مک، اولا لاٿس اکين جا.

٢٣- سک ڏٺو صبر ويو، سک پڳوم سٽڻ،
رڳدن تي ريهون ڪريو، ڄام وهايان چڻ،
ڏير ٻه ڏاڍايون ڪري، وڻي ويڙاون،
ڪيو ڪونه ڏس، اونيڙن اعجاز چئي.

٢٤- سک ڏٺو صبر ويو، لڳي سک سرس،
ملىءِ مون معذور جو، توکي نه پيو ترس،
رهبر اچي رس، اوڪيءَ ۾ اعجاز چئي.

٢٥- سک ڦٽو صبر ويو، سک نہ سمهڻ ڏي،
اُٿان تہ اچن آنتيون، وِهان تہ جيءُ جکي،
آئون پيادي اعجاز چئي، هو اوٺي اٺن تي،
کُپر کيچين جي، مند مارائي مارگين.

٢٦- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا کيرو س،
هور هيا نہ هک راتڙي، هٿا بي ترس،
گونرا کاهي گس، تيا راهي رات اعجاز چئي.

٢٧- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا کيم سڌ،
هلندي پنيان هوت جي، هيٺا ٿيڙم هڏ،
مون ۾ ڪائي ود، جو نال نہ کيچي نين مون.

٢٨- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا کيم واکا،
ڏا کين ٻانيڻ جا، ٻاروچل ٻاکا،
دانهون کندي درد مان، ڳٽا اندر ٿاکا،
جبل جا جهانگا، ٿا آزارين اعجاز چئي.

٢٩- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا کيم پنڌ،
پڇڻ پيٺي ناهہ مون، ساٿا تي پيم سنڌ،
پسي تازا پيرڙا، آيم آنتيون آنڌ،
هي مڙئي هنڌ، کيچي مڪي کيچ ويا.

٣٠- هلي پنيان هوت جي، ڏوريندس ڏونگر،
الر پڪ اعجاز چئي، ووڙي لهنديس ور،
پاڳ وڏي پينر، ڪانڌ مائيندس کيچ جو.

٣١- ڏيئي ڏير ڏهاڳ مون، ويا ساڙي ڙي ساڙي،
چوريءِ محب چانگن تي، ويا چاڙهي ڙي چاڙهي،
کين سگهيس کيچين کي، آئون تاڙي ڙي تاڙي،
پرهه پوڪارون ڪريان، آئون پاڙي ڙي پاڙي،
ريهون ڪرايد رندن تي، اُن ڏاڙي ڙي ڏاڙي،
ڦقڙ هن فراقِ وڏا، اڄ ڦاڙي ڙي ڦاڙي،
هاڻ وڃان ٿي هيڪلي، آئون هاڙهي ڙي هاڙهي،
لاڙي ڙي لاڙي، ايندي هوت آعجاز چئي.

٣٢- هلي پنيان هوت جي، وڏا ڪنديس وس،
پنيون ڀڏي پيرن کي، رڙهيو پئي رڙهنديس،
جي مُيس آئون جبل ۾، ته گهوٽ مٿان گهوريس،
سچي پوءِ سڏبيس، آريءِ در آعجاز چئي.

٣٣- چڙهي خام خيال کي، لٽڪا هٿيج گڏ،
آڏائو عاجزيءِ جو، آريءِ اڳيان آڏ،
سٽي سانگو ساهه جو، سوريءِ کي تون سڏ،
ته رهبر ٿيئي رڳ، اڄ ٿي تو آعجاز چئي.

٣٤- سور سورائتن جا، چا سگهيليون سٽنديون،
جني لڳي جيءِ سان، سي طرف تني ٽٽنديون،
عشق ڏاران آعجاز چئي، مور نه سي مڙنديون،
خواري ملامت خلق جي، ڪلي سر ڪٽنديون،
جي عشق ۾ اڙنديون، سي پاڻ ٿي اورينديون پاڻ ۾.

٣٥- سُوريتين سان سُور، ڪا سُوريتي اوري،
اسوريتي آعجاز چئي، هن ٿولهي نا ٿوري،
جا گهر سسي گهوري، سا پڇي مر پريتڻو.

٣٦- سوريتين جي سُور جي، ڪيهي آسُوريتين ڳل،
جي نه ڄاڻن هن حال کي، سي ڪوڙيون ڪن ڇورڪل،
عشق جنين ان جهل، سي پڇن پل پرينء جو.

٣٧- سوريتين ڏي سڪجو، اير تڪوئي پير،
سوريتين جو ٻه سڪ سان، آهي وڏو وير،
دائم اهڙو دلير، ڪري عشق تنين آعجاز چئي.

٣٨- اڇو سورن واريون، ڪي ويهي سور وندييون،
اوري حال اندر جو، سيئي ڇوهه ڇنڊيون،
جي مُڪا سور محبوبن، سي گوپيون ۽ گنڊيون،
لوڪ ته هُونهين لنڊيون، ٿو ڪوٺي اسان آعجاز چئي.

٣٩- اڇو سورن واريون، ڪريون سورن پيٽ،
آن وٽ پهر پلڪڙو، مون وٽ ڳتي چيٽ،
آن وٽ لِپ ڇِرون ڪا، مُون وٽ ڳرا ڪيٽ،
آن ڪالهه ڏنا اڄ کي، مون ڏنا مادر جي پيٽ،
لڳيتوڪا ليپيٽ، اديون اهڙي آعجاز چئي.

٤٠- اڇو سورن واريون، پوئي سور ڳچيء پايون،
جي مُڪا محبوبن سي، گوٺ ڳلي ڳايون،
جنبش جاڳايون، اوڙي پاڙي آعجاز چئي.

٤١- اڇو سورن واريون، سورن ۾ ڏيون ساهه،
مونکي پرت پنهون، جي، پڇي ڪيو پاهه،
اوڳيءَ جو اَعجاز چئي، آڇهو آهه الله،
رهبر ٿي سو راهه، پسائيندم پرينءَ ڪي،

٤٢- اڇو سورن واريون، سور ڪريون ڪي سان،
سواءِ سورن سرتيون، پنهنجو وجي نه پان،
اهو عارفن اهڃاڻ، اَعجاز ڏنو اصل ڪان،

٤٣- اڇو سورن واريون، سور سهيڙيون سي،
جانب ڏاران جي، ساٿي ٿيندا سڄ ۾،

٤٤- سورن مونکي سرتيون، ماري ڪيڙو مڄ،
هڪ اوڪا چارا چاڙهڪا، ٻيو رائو ءِ رڄ،
ٿيون ڪاري رات ٿهر جي، چوٽون سو ڪوهيءَ ۾ سڄ،
پنجون ڀٽيس پنهل، جام ڪي ته جيٺري المرجُ،
نه ته آٿيئي هونديم اُڄ، اَعجاز آريءَ جام جي.

٤٥- هلو سرتيون هوت ڏي، جيڪي ست سَرو،
السفر قطعة من النار ڏسي ڪيم ڏرو،
من طلب شيءِ جد وجد، پائي پوندو پَرو،
ورچي ڪيم وَرو، اڇهو ڪيچ اَعجاز چئي.

٤٦- ڏورو ڳـولـهـو سـرتـيـون، لالـڻ لاءِ لـُڇـبـو،
نڪري شهر ڀنڀور مان، پوءِ پنڌ ڪيڻن پڇبو،
مڙئي نـا مـُڇـبـو، عـشـق ون آعـجاز چئـي.

٤٧- ڏورو ڳولهو هوت کي، اوهين سرتيون ڙئي ساريو،
پـرت پـچار پـنـهل جي، ويـل مَـرو ساريـو،
انـدر اُجاريـو، اهـڙئي پَر آعـجاز چئـي.

٤٨- هـڪ هـتـان مـون هوت ويو، پيو سرتيون سـائـين،
ڪـهـل نـه ڪـن ڪـنـڀيءَ تـي، اُلـٽـو ايـذائـيـن،
مُـنـهـن چڙهـيـو مـهـنـا ڏيـو، جگـر جـلائـيـن،
تـازا ڦـٽ فـراق جا، چوريـو چـڪـائـيـن،
نـڪـي هـلـن پـاڻ کـي، نـڪـي هـمـتـائـيـن،
نـه ڏيـون نـيـائـيـن، اوکـيءَ ويـل آعـجاز چئـي.

٤٩- هـڪ هـتـان مـون هـوت ويو، پيو سرتين سـاٿ چنـو،
اوکـيءَ ويـل آعـجاز چئـي، ڏيـ نـه تـن ڏنـو،
چُـنـبـيءَ پـانـدِ پـنـو، هـاريـنـدي آب اکـين مـان.

٥٠- هـڪ هـتـان مـون هـوت ويو، پيو مـون چـري چُـون،
هـيـڻـيءَ سـنـدي حـال تـي، رحـم ڪـائـي نـه رُون،
ڦـٽـيـا ڦـٽ فـراق جا، تـڪ نـه مـکـي جا ڏُون،
هـتـي جـي اڄ هُـون، تـه پـتـويـن هـا پـريـت جو.

٥١- جڏهن جاڳي سسئي، تڏهن پنهون پڇيائين،
اوڙي پاڙي آعجاز چئي، وروڙون وڌائين،
هَيهات هَيهات لما توعدون، چوڏون ڳڻيائين،
پوتي هٿئي پَٽ سين، ڏونگر ڏوريائين،
لٽا وار لڪن ۾، ڇڪي ڇڻائين،
چڙهي جبل چوٽئين، ساٿي سڏيائين،
رائو رڳيائين، روئي رت اکين مان.

٥٢- جڏهن جاڳي سسئي، تڏهن تِل نه هڪ ترسي،
هلي پنيان هوت جي، وندر ۾ ورسي،
بيسرٿي برهه ۾، سا برهمڻ برسي،
سوڀ ٿيس سرسي، آيس آري آعجاز چئي.

٥٣- پوري شهر ڀنڀور جا، سک سپيئي ڇڏ
جانب ڪارڻ جندڙو، نيئي گوندر گڏ
آجرتي تون آڏ، ڀورنگو پرينءَ جي.

٥٤- پچ ۾ پنڌ پهاڙ جا، پڳ تون سُجهندي پنڌ
وَڃ وڃڻ ڪي وَرَلِئه، هي نه تنهنجو هنڌ
سودو اي سڳنڌ، ويهي جيئن ۾ وڃايين،

٥٥- پچ ۾ پنڌ پهاڙ جا، پار پرينءَ جي پُرُ،
عاجزيءَ سان آعجاز چئي، آريءَ ڏانهن اُسرُ،
ڪيم لهائج ڪُرُ، ڪُڪي تون من ڪوهه ۾.

٥٦- پچ مَرِپنڊ پهاڙ جا، نا تو نينهن نياءِ،
سسئي سانگو ساهه جو، لاسر لئي تون لاهه،
سوريءَ سر سنباهه، ته اوڏي ٿئين عجيب کي.

٥٧- توڏن موڏن تاڪ کنهن پر پايان پهچي،
جبل ٿيو جيڏيون، آڏو وڏي آڪ
آئون وجي اعجاز چئي، وجهان ڪٽ ولاڪ
آهيان آسُونهين آواڪ ڪيڏهن ڪاهي ڪاهيان.

٥٨- توڏن موڏن تنگ، ترت ڪشي ٿيا تڪڙا،
ڀڏيي ڀوت ميّن جا، ڀڳي چڙا چنگ،
اهڙا اٿيا اعجاز چئي، ڪري ريبي رنگ،
آريچا اڙينگ، مونکي ماري هليا.

٥٩- توڏن موڏن مون، مادر ماري ڇڏيو،
سُري هليا سَپ، جيئن هيءَ ڇڏي هن پون،
پيو تان جتن جون، تيون جاڙون مارين جڏيءَ کي.

٦٠- توڏن موڏن تي، منهنجي ناهه ميان،
نڪا جتن جاڙ ڪئي، نڪا جانب يار،
آيا اعجاز آلستئون، هن برهمن مٿي بار،
لڪئي ڪيم لاچار، نا ته نينهن نه لايم جيڏيون.

٦١- رڪيو رڪيو روءِ، هي نمائي هوت لاءِ،
ائن اونيئڙن ڪي، رحم نه رتي پوءِ،
آسُونهين لاءِ اعجاز چئي، ڪو آريءَ ڪي چوءِ،
ته هيءَ جڏي هت جوءِ، آهي تُنهن جي آسري.

٦٢- رکيو رکيو ريھہ، سسئي کري سچ ۾،
لھي پڇي لڪن ۾، لالن پٺي نرليھہ،
اوني ڏيئي ويس آعجاز چئي، چمڪ اندر ۾ چيھہ،
ھن پيرن جي پيھہ، ڪڍھن پوندي ڪيچن تي.

٦٣- رکيو رکيو ڪُوڪ، سسئي کري سچ ۾،
چولي وڏي ڇپرين، سيڻن واري سلوڪ،
سڪايل جي سڪ جي، ھر ھنڌ مُلي ھوڪ،
تہ مري ٿي ملوڪ، ٻانين ٻاروچن لاءِ.

٦٤- رکيو رکيو روئي، ٻانين ٻاروچن لاءِ،
پريو آھون انھن لاءِ، ٻَر ۾ سور پوئي،
آريءَ ڪان آعجاز چئي، لحم لڳن لوئي،
ويئي داغ ڌوئي، اوتيو نير اکين مان.

٦٥- رکيو رکيو آھہ، سسئي کري سچ ۾،
ڪيڏا انھن وچي ڪيئن ڪري، ناھہ ويچاريءَ واھہ،
کري جيڏھن ڪاھہ، سور تيڏاھين سامھان.

٦٦- رکيو رکيو ريھاڻ سسئي کري سچ ۾،
پسي نہ پيرپنھونءَ جو، الييو ڏي اوھاڻ
اوکا پنڌ پھاڻ آيس سِر آعجاز چئي.

٦٧- رکيو رکيو پار، سسئي سائين لاءِ ڪيئي،
جوڳون ڳڻيو جوش مان، ڇني لڱا وار،
وائي اھائي وات ۾، تہ موٽ مسافر يار،
ٻانيڻ ڪي ٻروچ ريءَ، تات نہ ٻي ڪا تار،
سائين ڪارڻ سار اچي لھہ آعجاز چئي.

٦٨- رکيو رکيو پارڙا، کيچين کان کئي،
ويچاري ء وڏي، جتن جي ء جڳو کيو.

٦٩- رکيو رکيو حال، ڏکي ڏونگر سان کري،
تہ جتن مون جڏي ء کي، نيو نہ سڏي نال،
کين رهايو کميني ء سان، کيچين کيو ڪمال،
انهي نکر آعجاز چئي، فنا کيس في الحال،
مونکي رنج ملال، هي ء ماريندو موٽ تون.

٧٠- رکيو رکيو حالڙو، ڏکي ڏونگر سان کري،
هتئون جو هوت ويو، سو کيئن هاڻ وري،
اهي ڳالهيون آعجاز چئي، پئي کري ۽ ڳري،
ڏکي ڏک پري، کيچي هليا کيچ ڏي.

٧١- رکيو رکيو سڏ، سسئي سائين ء کي کري،
چُکي ويئي چلڻ کان، هيٺا ٿي پيس هڏ،
عمر ويئي آعجاز چئي، وڏيڻ آيو وڏ،
هي ايري لڏ، کيم وساريو کيچيا.

٧٢- کيم وساريو کيچيا، هي ء نمائي هاڻ،
اچي کريو آعجاز چئي، رائي منجهہ رهاڻ،
کانہ الرهي کان، جا آهيم سا اوهان جي.

٧٣- ڪيم وساريو ڪيچيا، هيءَ نماڻي هت،
الله لڳ اعجاز چئي، منهنجي رکو پت،
سورن ڪئي آسج ۾، هيڻيءَ سان هلت،
سَنيران آئون صحت، مِلو جي مونسان وري.

٧٤- ڪين وساريو ڪيچيا، ڪامڻ هيءَ ڪمزور،
اوهان ريءَ اعجاز چئي، ڏيان باهه پنيور،
گهر سر ڪريان گهور، مِلو جي مونسان وري.

٧٥- ڪين وساريو ڪيچيا، هيءَ نماڻي نار،
ساريو ساڻ سيد چئي، پئي رُڳان زار وزار،
موڙي اچو مٺين ڪي، هاديءَ لڳ هيڪار،
مونڊي سڀ ميان آن ڏي حرف نه هڪڙو.

٧٦- ڪين وساريو ڪيچيا، هيءِ نماڻي ناحق،
لکين پانيان لائق، ملو جي مون سان وري،
٧٧- ڪين وساريو ڪيچيا، هتي هيءَ اڪيلي،
سڄڻ ٿيان سکي، ملو جي مون سان وري.

٧٨- ڪين وساريو ڪيچيا، ڪهڙو ڏوهه ڪيوم،
پاڻ سڃاڻي پانهنجو، تالي نال نيوم،
اوهان آسري اعجاز چئي، پنيور پن هنيوم،
جڳ جڳ شال جيوم، ملو جي مون سان وري.

٧٩- ڏاڍي ذات جتن جي، ڏاڍو ڪين چيوم،
تہ موٽي لڳو مون ڳري، جني ڪين ڇڏيوم،
پر نہ موٽيا پوئتي، پينر پاڳ ڦٽوم،
ڪٽيءَ ڪو ڪنيوم، جو پاتم پيچ پنهونءَ سان.

٨٠- پلي ڏير ڏنگا ٿيا، پلي نيائونم پتان،
جو پريو قول قرار آريءَ سان اعجاز چئي.

٨١- مونکي منهنجي ماءُ، جهلي جهليندينءَ ڪيترو،
ڇڏ تہ وڃان ڇپرين، چاهہ مُٺيءَ تان چاءُ،
وجهي وڏا واسطا، ولهيءَ ڪي مَ وراءُ،
آريءَ ري اعجاز چئي، جيئڻ مون نہ جڳاءُ،
لڳي لالن لاءِ، مُيس تان مون ڪٽيو.

٨٢- مونکي منهنجي ماءُ، دليئون دعا ڪريج،
تہ هوتائي هيج، هردم هوءَ هئين ۾.

٨٣- مونکي منهن جي ماءُ، چئج مَ وري ويهہ،
ڇڏ تہ وڃي ڇپرين، ڇُلي ڪريان ڇيهہ،
مَر ڏي مهڻا ڏيهہ، وَرِيءَ ورنديس ڪينڪي.

٨٤- ڦڪيس منجهہ ڦرن، ور وسيلا واهرو،
لڪيا انگ اعجاز چئي، ڦامون پَرٽ سين پرن،
هاڙهي ڪاڙهي حب ۾، ڳَڏا هين هَڏ ٻرن،
توريءَ لڳ تتيءَ جا، ٽپ نہ هوت ڦرن،
الفراقُ اَشَدِ مِنَ المَوت، ٿا منهنجا ڳوهہ ڳرن،
شل وصل ڏينهن ورن، وڃي وڇوڙو وچ مان.

٨٥- وِڇي ويچاري وِرڙا، ڪنيو وارث لاءِ،
واڪينديءَ واءِ جان، ووڙي ونڊر وِرڙا،
وڇي وصل وِرڙا، آريءَ وڌائين اعجاز چئي.

٨٦- نڪو وس نه ڳس ڪو، نڪو ڏس صحي،
ڪنهن پر ڪيچ ڪهي، پسان پنهونءَ جام کي.

٨٧- نه ڪو وس نه ڳس ڪو، نڪو ڏس ملي،
ور وسيلا واهرو، تو ڇپر پير ڇلي،
اڪ منهنجي اعجاز چئي، هڪ روئي هي ڪلي،
برهه مون ٻلي، ڪيچي ڪري ڪيچ ويا.

٨٨- نه ڪو وس نه ڳس ڪو، نه ڪوئي ملي ڏس،
آريائي اعجاز چئي، تون نام ڏئيءَ جي تس،
عشق جو اُڪس، تو ساڙي ساهه سرير کي.

٨٩- نه ڪو وس نه ڳس ڪو، نڪو پنڌ پڄي،
نڪو سمر سُڄي، نڪو آلت ٿئي اعجاز چئي.

٩٠- نه ڪو وس نه ڳس ڪو، نڪو پڄي پنڌ،
ڪنل ڪٿي ڪنڌ، ڪيٿهن ڪامي ڪاهيان.

٩١- الله تنهنجي آسري ڏوريان ٿي ڏونگر،
قادر مون ڪمزور کي توريءَ پر نه پهر،
ائين ڪر اعجاز چئي جيئن واري اچان ور،
پوي ٿاب سفر ملئيءَ مون معذور جو.

١- ڳُڻن سان ڳُرَڳُهان، تون آهين وياءُ واسينگن جو،
سڪٽيون ٿوڪون ڏيهه ڪي، ڏيئي ڪيم ڏيڪار،
ڪُلُ شيءٍ يرجع الىٰ اَصلہ، واڳ ايڏاهين وار،
ادب سين اعجاز چئي، پٽ چڱي ڪا پار،
سا ڪا آهه اُٿار، جا جڳائي تنهن جي ذات کي.

٢- پڪي روح جسم پڄرو، راکو متانئس رب،
سو پالي سو والي، سوئي ڪري پيو سڀ،
سوئي ڪندو سبب، آزاديءَ جو اعجاز چئي.

٣- درد ٿي داروُن ٿيا، گهرجي هيو نہ علاج،
اندر ڪيم آج، آهون ڇپائي اعجاز چئي.

٤- اسين گهوليون يار کي، يار اسان کي گهولي،
اصل اهي اعجاز چئي، ٻول ٻڌا سون ٻولي،
گهر سر ڇڏيو گهولي، ان لڪ لڪوئي راند ۾.

٥- سرتين کهڙي سُڌ، منهنجي سور ڪلور جي،
جي ٿي اندر اوريان، تہ ٿيان ٿي اڌو اڌ،
ٻلي ٻانيم وڌ، تنهن ڪان ماڻ اعجاز چئي.

٦- هتي گهر نہ داد، حاضر پنهنجي حال جو،
ابديءَ جو اعجاز چئي، ٿئي نہ ائين امداد،
نفس نامراد، ڌار تہ مائين مراد کي.

۱- ڪُتا چڱو جو آئين، مولي در ڏٿيءَ جي،
ڳَن تہ ڏينهن ڪائين، سنڀاريئي پنهنجي سائين کي.

۲- ڪُتا چڱو جو ڪيئي وڙ، مولي در ڏٿيءَ جي،
نڪي ڏڪ نڪي ڏڙ اسين نہ آرها اعجاز چئي.

۳- ڪُتا چڱو جو ساريئي، مولي در ڏٿيءَ جو،
ڪيڏا نہ وڃي گهاريئي، پر گهر ڏکيا ڏينهڙا.

۴- ڪتا اوهان جي ذات، سياڻي آهہ اصلڪان،
نِمڪ نان، ملهائڻ جي، ڏاتر ڏنيو ڏات،
ڪَهڙي ڪريان بات، اوهان جي اعجاز چئي.

۵- ڪتا اوهان جو ڪم، رهڻ ٻَهڻ در ڏٿيءَ جي،
ڇُهڙي چور چڪار جو، تا چيريو چَم لحم،
بيشڪ سچو دم، اوهان جو اعجاز چئي.

۶- ڪتا پانهنپ اوهان جي، ڏُر ڏٿيءَ سيباڻي،
ڪريم پاڻ قرآن ۾، ڪئي ڪهف ڪهاڻي،
مون تڏهن ڪان پاڻي، اوهان جي ذات اعجاز چئي.

۷- سالڪ سِڪ سبق، ڪتي سندي ذات ڪان،
جيڪو پاليس پيار مان، ڪري تنهن حق حق،
انڌو ڪو احمق، ڇاڻي پاڻان گهٽ ڪتي کي.

۸- سالک سک لهڻ، ڪتي سندي ذات کان،
رکي سُکي ٽڪر تي، در ڌڻيءَ جي بهڻ؛
دَسي دُشمن دڙڪي، ڪڏي جيڀا ڙون چکڻ،
گهر جي ائين رهڻ، آدمين اَعجاز چئي.

۹- سالک سِک سچائي، ڪتي سندي ذات کان،
پنهن جي پالڻهار سان، ڪانہ ڪري بيائي،
جي ڇتو لٺي تہ بہ ڌڻي سچائي، گهڻ تون گالھ اهائي،
اهڙي صفائي، آدمين گهر جي اَعجاز چئي.

۱۰- سالک سِک حياء، ڪتي سندي ذات کان،
رَوا ناهہ نِزاء، پنهن جي پالڻهار سان.

۱۱- سالک سِک آدب، ڪتي سندي ذات کان،
آهي اعليٰ سگ ڪنان، تنهنجو شان نَسَب،
اچ ڪتي جيئن ڪتب، پنهن جي پالڻهار ڪي.

۱۲- سالک سک هدايت، ڪتي سندي ذات کان،
اتہ آهہ اَعجاز چئي، ان جي عبادت،
جاڳڻ بهڻ چوڪي ڏيڻ، ريت اها رياضت،
توري گهٽي ٽڪر تي، ڪري قناعت،
لوڏڻ مارڻ مالڪ جي تي، در نہ ڇڏي ساعت،
ويهڻ سمهڻ پٽ تي، فقيري عادت،
شڪوه شڪايت، مُور هئون نہ ڪري مالڪ جي.

ڪنيار

١- جيئن آوين جا اُلان، ڪيميا ڳن نہ ڪُنير ڪي،
تيئن مُصحف مان مُلان، مور نہ ٿيا معرفتي،

٢- جيئن آوين جا آڙاھہ، ڪيميا ڪن نہ ڪُنير ڪي،
تيئن مصحف مَن ماھہَ، مُور نہ ڪيا مُلن جا.

٣- جِيئن آوين جي آڳ، ڪِيميا ڪري نہ ڪُنير ڪي،
تِيئن لاَريبي لاڳ، ڪَري نہ مَعرفتي مُلن ڪي،

٤- جي آويءَ جيِ اسرار ڪان، ڪُنير هجي آگاھہ،
تہ پَنهنجيِ نڪر جيئن پاڻ، پَچي ٿئي بيپرواھہ
پَر اهڙو عِشق اُلاھہ، آئي ڪِٿان اعجاز چَڪي،

٥- جي آويءَ جيِ اسرار ڪان، واقف ڪُنير هوءِ،
تہ پَنهنجي رَچَن جِيئن پاڻ، ٿئي پَچي پَڪو پوءِ،
رَاڄن اَڳيان نہ روءِ، هُوندا هت ڪاڻ اعجاز چَڪي.

٦- جِتي ڪَچو پَچي پَڪو ٿئي، اُتي ڪَنير ڪَچوئيَ ڪَچو،
سُخن تہ تهن سالڪن، هِي سُڻايو سَچو،
تہ سِڪو نينهن نِماڻينءَ ڪان، ٻَڪن ڪان ٻَچو،
پيلي ٿِجي نہ ٻَچو، رِزق ڪاڻ رَاڄ جو.

٢٥- سک ڦٽو صبر ويو، سک نہ سمهڻ ڏي،
اُڳان تہ اچن آنديون، وِهان تہ جيءَ جکي،
آئون پيادي اعجاز چئي، هو اوٺي اٺن تي،
ڪُپر ڪيچين جي، منڌ مارائي مارڳين.

٢٦- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا ڪيرُوس،
هور هيا نہ هڪ راتڙي، هئا بي ترس،
گونرا ڪاهي گس، ٿيا راهي رات اعجاز چئي.

٢٧- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا ڪيم سَڌ،
هلندي پنيان هوت جي، هيٺا ٿيڙم هڏ،
مون ۾ ڪائي وڌ، جو نال نہ ڪيچي نين مون.

٢٨- جيڏي آئون جَيڏيون، تيڏا ڪيم واڪا،
ٻڌا ڪين ٻانيڻ جا، ٻاروچل ٻاڪا،
دانهون ڪندي درد مان، ڳُنا اندر ناڪا،
جبل جا جهانڪا، ٿا آزارين اعجاز چئي.

٢٩- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا ڪيم پنڌ،
پڇڻ پيٺي ناهہ مون، ساٿا ٿي پيم سنڌ،
پسي تازا پيرڙا، آيم آنديون آنڌ،
هي مڙئي هنڌ، ڪيچي مَٽي ڪيچ ويا.

٣٠- هلي پنيان هوت جي، ڏوريندس ڏونگر،
الم پڪ اعجاز چئي، وڙي لهنديس ور،
پاڳ وڏي پينس، ڪانڌ مائيندس ڪيچ جو.

۷- جنهن پاڻ پڇايو ڪينڪي، رکيو پڇايا رَڃ،
ڪَندو ڪَنهن جي اَنت جي، سو ڪَهڙي ڪَڃ،
جو ٽُڙ ڪي ڇڏيو لاڳُن ۾، لڙ ڪيو ڪَري لَڃ،
حال حلاجي حَڄ جاڻي، بات سچيءَ ڪي بَڃ،
ڏاڙهي ويٺو ڏيهه ڪي، ڪَڍيو دجالي ڏَڃ،
ڪَري ٽڪيل سُور جيئن هر ڪنهن تي هُرڃ،
تَڪا مِجازي موج وِڪس، نڪا حقيقي وِرڃ،
بِنان عِشق اعجاز چئي، چولي پُٺون ڇَڃ،
مُڇون مُوريءَ مُڃ، ٽُنڊي ٽُوسي نِڃ تي.

۸- رَڇن پَڇي رنگ جهليو، نرڪئي نيڪ وَجن،
جيئن روڪ رُوپيه چانديءَ جا، تيئن تا جاڪن لڄن،
پَر هيلي اُنهي پَند ڪي، تا پِرت وارا پُڄن،
تڏهن اَگيا تن جي، پِيا نين ڪَلالي لڄن،
سالڪ دِل سڄن، پَڪا پُڇي هَٿ ڪيا.

۹- رَڇن پَڇي رنگ جهليو، پَر پَڪو چو نه ڪَلالُ،
پانيان ڪِرت ڪُنيار ڪي جو، ڪَهڙي ليکي ڪمال،
نيٺن اگيان نِهائين، جو آڪارڻ نينهن مِثال،
تنهن مان سَمجهي سُڄاڻ ٿي، هِڪي نه پرائين حال،
لاشڪ ٿين لال، ڪر آو ڪر آهه اعجاز چئي.

۱۰- اڳي ٻہ ڳالهِيون ذات، سَنئو نہ سِڪ وَندن کي،
آهي ٿواريءَ سخن ۾ آهڙي حَوالات،
اڄ ڳالهہ جي بَات، آهي نہ هي آعجاز چئي.

۱۱- نِڪر ناڱر ڏيٺيون، مَرڪ جنهن جو مِٺي،
تَنهن مِيهار جي مَهِي ۾، ڏِٺي مِير مِٺي،
سُهڻي ۽ ساهڙ جي، ميٺاڻان تہ مِٺي،
ڪيئن پوءِ بصيرت مٺي، آعجاز ڪُنيار ڪي آڪ جي.

۱۲- نِڪر ناڱر ڏيٺيون، جِن جا چَڪر اوان چڪ،
تِن سُهڻي ساهڙ ڪي، هنيا چور ڪُٺن جيئن چَڪ،
تَڏهن ڪُنيار ڪا چَڪ، ڪِٽ نِلا نالوريا ڪرنہ ٿيا.

ڪانگل نامون

۱- ڪانگل تون ڪارائتو، نِڪار وچوئي ڪين،
سوپارو تون سُلڪڻو ساهيتو سُخين،
قاصد پانڌي ڳُل جو، تون حال پائي هر وين،
واقف هر ڪنهن واٽ جو، تون پائين سڀ جاءِ پين،
سڻائين سنيهڙا تازا تير بتين،
تون اندر اڇو آعجاز چئي، تو ۾ ڦند نہ ڦين،
توسان جنهنجو وين، سو سالڪ سڄي ڪينڪي.

٨- ايندا پرين اڱڻ تي، آئون ڪهڙو منهن ڪنديس،
سڙي سنڌن سور ۾، سچاپڻ ڪان وياس،
پڇندا پرين ڇا ٿيئي، ته آئون ڇا چونديس،
اٿين عرض ڪنديس، ته سڪ اوهان جي ساڙيو.

٩- سڪ اوهان جي ساڙيو، وڇڙئي ورهيه ٿيا،
انهيءَ ڪري اعجاز چئي، ٿي ههڙا حال ويا،
جي اوهان قول ڪيا، سي سِگها نه پاريو سپرين.

١٠- ڪانگل ڪهي آيو، پارئون پرينءَ پَسُ،
ڪرئيو چوبه ڪن ۾، آئي هائي هَس،
صبحائي آوس، ايندئي پرين اڱڻ تي.

١١- ڪانگل ڪهي آيو، پارئون پرين هُوءِ،
اچي پَسو اعجاز چئي، سرتيون روبروءِ،
سا پيو سڱائي جُوءِ، جتي صَحي منهنجا سپرين.

١٢- آءُ ڪانگل آءُ تون، وچ اڏامي ڏِسُ،
ڪانهي ڪابه اعجاز چئي، توڪان ڳجهي ڏِسُ،
ڏِسي مونکي ڏَسِ، ته ڪٿي سنڌم سپرين.

جوڀن ۽ پيري

١- جيئن کي سج سياري جو، تيئن جوڀن کيو جهٽ،
اُڀري لهي ويو لحظي ۾، ڪري اندا لهٽ،
سمر سونهن سوڀيا وارو، ٿيو چئن ڏينهن ۾ چٽ،
ڪارن مٿي ڪوچ ڪئي، اڇي اچن ڪئيو هٽ،
اوڙي پاڙي اٿ ٻنت ٿي، وقت ڪاڏو وٽ،
شرم حياء حَذر جو، پيو گچيءَ ۾ گهٽ،
نڪو پان سوپاري سونهي، نڪو پهرڻ پٽ،
نڪي نياز نئڙت وٺي، نڪو ناز نزاڪت ٺٽ،
حرص اعجازؔ ساگيو اڪين، پر سوست نہ سلهٽ،
موت بنا هي مور نہ ويندو، پيريءَ وارو ڦٽ،
تنهن ڪان مورهن مانڪ ڪجي، ٿئي جهور نہ جوانن مَٽ،
سڀ سيوئي هلٽ، ٿيو هٽ حوالي ٻين جي.

٢- جي اچا آيئي وار، سي موتي پائج منهن ۾،
ڏاتر سندي ڏات جي، ڪرين مٿان ڳوار،
ڪيس لائڻ سان ڪينڪي، ٿياسي سڀ سوار،
اها مام اعجازؔ چئي، سمجهي ڪر سنيار،
ڏي اچن ڪي وار نہ وڃائجي ڪنهن جي.

٣- جي اچا آيئي اور ڪري، سي موتي پائج منهن ۾،
ڏاتر سندي ڏات ڪي ڏِستون ڏيان ڌري،
تہ ڪيئن ٿو رنگ وري، اڇو ڪاري تي وري.

۴- ويو جَر جوبن جو، هٽي ڪٿهون ڳر ڳرون،
پار پٽڙا اُتيا، پيري ۽ جا سهسين منهن ۾ سرون،
وڪرو هايو لعل جهڙو، ڳچ ڳريو پيا ڳرون،
آڳي ويني آنڌيون، ڏڪر ۾ ڏرون،
رنگ سيو هو جوت حُسن سان، هاڻ رهيون رڳو ڇرون،
انهي انعالين اَعجاز چئي، ڪٿي ڪونہ ٺرون،
ڪا ڪري چڱائي مرون، نہ تہ مٽو مداين ناهہ ڪو.

ڳرهو ڳرهو

۱- تنهنجو ڳُر نہ تپٽو، تون ڪيئن تپين ڪرها،
تو مان ڏٺي تنهنجا آهن آرها،
سُوريا پَر ٻسرها، تدم قريبن ڏي.

۲- تنهنجو ڳُر نہ تپٽو تون ڪرها تپين ڪيئن،
تيئن تو هلڻ گهرجي، جَت چوّئي لُو جيئن،
تہ هڏنہ توڪي هيئن، پوي رات پٽڙ ۾.

۳- تنهنجو ڳُر نہ تپٽو، تون ڪرها تپين ڪوهہ،
آپي ڪان اَعجاز چئي، ٿي ۽ ڏور تہ لهئي ڏوهہ،
ميا توڪي موهہ، اڃان اورٽين پار جو.

۴- تنهنجو ڳُرُ نہ تپٽُ، تون ڪرها ڪوهہ تپين،
اجايو اعجاز چئي، پيو ڳهين ۽ ٽپين،
ڇيلڪ ڇڏي ڇوٽ ٿي، جو ڇرڪين ۽ ڇپين،
جي هلين جي هپين، تہ برِ نبو توکي نانهہ ڏي.

ڪرن جون ڪوتايون

۱- ڪري ڳر ڳرايون، ڪامي ٿيا ڪوٽا،
آهن تيئن اعجاز چئي، جيئن پاڻي ۽ تي ڦوٽا،
بڙا ۽ ڇوٽا، لوڙهيا لهر عشق جي.

۲- ڪري ڳر ڳرايون، ڪامي ڪوٽا ٿيا،
اسان پان پرين جا، پُختا پيچ پيا،
وڇوڙا ويا، پُني آس اعجاز چئي.

۳- ڪري ڳُر ڳرايون، پڳا ڪين پليت،
اسانکي اعجاز چئي، مليا مَن جا مِيت،
ڳايا سون وصل گيت، پُني آس اعجاز چئي.

۴- ڇِي ۽ ساريو ٿي جن کي، سي آيو ڇي ۽ جيان
اکيون ڪاشيانہ ڪريان، بندگيون بار بان،
هينئڙي جايون هزار انهن لاءِ اعجاز چئي.

حضرت شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه بابت خيالات

١- سَڏَڙيا سَڏَ ڪري، ٿيا شاعر لکين لوڪ ۾،
پر اڃان شاهه لطيف جو، آهي پنڌ پري،
تنهن سان ڪونه پري، برڪش ٿي وِک برهه جي.

٢- سڏڙيا سَڏ پئي، ٿيا لکين شاعر لوڪ ۾،
پيا پو ڇائن پان کي، ڇا جو ڇا ڇئي،

٣- عاشق عارف الله جو، سالڪ صوفي صاف،
لائق شاهه لطيف جو، آعجاز ڏس انصاف،
حق پرست ٿيو حق جو، ويو ڪين خلاف،
سچ پارکن سچ چيو، جيئن پرکي سون صراف،
آيو جتان مصحاف، اُتان آيو رسالو شاهه جو.

٤- عاشق عارف الله جو، سالڪ صوفين سچ،
اعليٰ مقام لطيف جو، اعليٰ نسب نج،
آگاهون هر ڳالهه ۾، مت نه تنهنجو ڪچ،
احديت جو آعجاز ڇئي، ٻاجهئون ڇڪيئين ٻچ،
پڙهي پرواڄ، روحئون رسالو شاهه جو.

بیت مرشد

۱۔ ھک ݙینھن میکون مرشد آکیا، ھے قرب دا ݙاڳا کچا، آکیم سچا ھین سائین سچا،
تون مون والا طور طریقہ، بڑا ھوئے توڑي بچہ، آکیم سچا ھین سائین سچا،
نال نیاز دي ناتا تورین، سخن اھوئے سچہ، آکیم سچا ھین سائین سچا،
حق سچاݨ ٻاجھون اؔعجازا، عشق نہ ملسئي اونچا، آکیم سچا ھین سائین سچا.

۲۔ دلبر میݙي دعوت ھئے آ میݙي اڱݨ تے تلین۔ تے مین نال ملین،
موہ جواني والا مائین خوب سدا وت کلین۔ تے مین نال ملین،
مین بھي تیݙا عاشق ھاں ھن دست تیݙي لک دلین۔ تے مین نال ملین،
پچھے واعدا کرکے نال اؔعجاز دي واعدي تون ناھلین۔ تے مین نال ملین.

۳۔ پردیس کنون پردیسي آیا، آکیس اساݙڑا ٿي۔ آکیم جي سھݨا جي،
فخر چھوڑین تان فقیر ٿیوین، حال کرین پیا ھي۔ آکیم جي سھݨا جي،
سچي سک کون سدائین پارا نہ لڳي سي۔ آکیم جي سھݨا جي،
پچھیڑ ݙتس پیالا محبت والا آکیس ایھہ اؔعجازا پي۔ آکیم جي سھݨا جي،

۴۔ پردیس کنون پردیسي آیا، جان جان پاتس جھاتي۔ جݨ مارگھتیس کاتي،
ھک اقابیل اکیان ہیا تھري کجل آیا پاتي۔ جݨ مارگھتیس کاتي،
چھوڑ ݙتس نین ݙونھین آ چھوٹ لڳے میݙي چاتي۔ جݨ مارگھتیس کاتي،
پچھے رحم نہ پیس رتي دا اؔعجازا ضدي ھویا کوئي ذاتي۔ جݨ مارگھتیس کاتي.

۵۔ وھوا سھݨا صورت تیݙي، مین ݙیک پیا ٹران۔ تے ڳالھ کیھي مین کران،
سونھݨ صورت دا چیھہ اٿاھین ٿیا اڳتي وک نہ پران۔ تے ڳالھ کیھي مین کران،
تور ایجھے ول تردا ھین قدم قدم سر قران۔ تے ڳالھ کیھي مین کران،
آکے اؔعجازا لڳي عشق دي آتش دلبر تیݙي دران۔ تے ڳالھ کیھي مین کران.


اعجاز سائين راشدي

ڪلام حضرت سيد محي الدين شاه "اعجاز" سائين راشدي

(پي ڊي ايف) تاهڻ جي سعادت ماڻيندڙ

فقير امجد علي ڪيمتيو
فقير شفيق الزمان جمالي